
اُداس راهون مان تنها
(ناول)
ايس نرگس حق

# اداس راهون مان تنها

[ناول]

## ايس نرگس حق

الشفيع پبليڪيشن
دادو۔ 2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023 ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

حق ۽ واسطا ليکڪا وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: **اداس راهون مان تنها**
ليکڪا: ايس. نرگس حق
موضوع: ناول
ڇاپو: پهريون
سال: © 2015ع
ٽائيٽل: مور ساگر
لي آئوٽ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد
ڇپائيندڙ: الشفيع پبليڪيشن, مارڪيٽ روڊ, دادو
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد, سنڌ
قيمت: 500 روپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

**www.sindhsalamat.com**

**2023ع**

**UDDAS RAHOON MAAN TANHA**
**[Novel]**

*By S. Nargis Haque*

First Edition: 2015
Title: Mour Sagar
Composing & Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad. Tel: +92 22-2728541
Published by: Al-Shafi Publication,Market road
Dadu-Sindh.
Price: Rs. 500-00

ارپنا

ارپيان ٿي

**بابا سائينءَ**

جن هميشہ منهنجي رهنمائي ڪئي

۽

**انهن سپنن جي نانءُ**

جيڪي ڪڏهن بہ شرمندهء تعبير نہ ٿي سگهيا.

ـ ايس. نرگس حق

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران محترمہ **ايس نرگس حق** جو لکيل پھريون ناول **”اداس راھون مان تنھا“** اوھان اڳيان آڻي رھيا آھيون.

محترمہ ايس نرگس حق ادب جي اھڙي خدمتگار آھي، جيڪا سنجيدگيءَ سان پنھنجي قلم ڪان ڪم وٺي رھي آھي ۽ سنڌي ادب ۾ پنھنجو حصو مَنَ جي سچائيءَ سان شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رھي آھي. ناول بابت محترمہ ايس نرگس لکي ٿي تہ ھن ناول جي ڪھاڻيءَ جو اسڪرپٽ 52 قسطن ۾ لکي ٽي وي ناٽڪ لاءِ پروڊيوسر وٽ ڪٽي ويس، ڊرامي جي ايپروئل پڻ ملي پر پوءِ چار سال لڳي ويا ۽ ڊرامو نہ ٺھيو. آخرڪار ان کي ناول جو روپ ڏئي ڇپايو ويو آھي.

ھي ڪتاب الشفيع پبليڪيشن، دادو پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون رجب آزاد جا جن ھي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ اداري پاران | رجب آزاد | 7 |
| ـ پنهنجي پاران | ايس نرگس حق | 8 |
| ـ گران قدر اضافو | عذرا مغل | 9 |
| **اُداس راهون مان تنها** | | 11 |

# اداري پاران

سنڌي ادب ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ناول لکيا ويا آهن. جڏهن ته انگريزي، اردو ۽ ٻين زبانن ۾ ناول تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. اگر ڪم ٿورو به ٿيو آهي ته اهو ڏاڍو سٺو ٿيو آهي. ان ڪم سنڌي ادب جو مان مٿانهون ڪيو آهي. مرزا قليچ بيگ، عثمان ڏيپلائيءَ کان وٺندي طارق عالم ۽ فاروق سولنگيءَ تائين جملي ليکڪن پاڻ ملهايو آهي. انهيءَ سمورن ناول نگارن جي سٽ ۾ عورتن جو تمام گهٽ حصو آهي. ان ڳالهہ کي مدِ نظر رکندي الشفيع پبليڪشن دادو اوهان جي آڏو هي ناول جو تحفو پيش ڪري رهي آهي، جيڪو اميد ته اوهان کي پسند ايندو. هن کان اڳ به الشفيع پبليڪشن پاران 1999ع ۾ طنز و مزاح شاعريءَ تي منبي رجب آزاد جو ڪتاب ”ڏمچر“ شايع ڪيو ويو ۽ گڏوگڏ سلسليوار مئگزين ”نئين خوشبوءِ“ پڻ جاري ڪيو ويو. ان بعد علي احمد قريشيءَ جو هندستان جو سفرنامو ”جمنا ڪناري“ شايع ڪيو ويو. ان ئي عرصي ۾ بشير احمد چنہ جو بوڪ ليٽ ”ڪائنات“ به ڇپجي مارڪيٽ ۾ آندوسين ۽ تازو محترمہ ايس. نرگس حق جو لکيل هي ناول ”اداس راهون مان تنها“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. ان اميد سان ته اوهان پڙهندڙ پڙهي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا. جنهن جو بيحد اوسيئڙو رهندو. جنهن سان اسان جي حوصلا افزائي ٿيندي ته جيئن ٻيا به ڪتاب اوهان جي مبارڪ هٿن تائين پهچائي سگهون. هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ محترم موهن مدهوش جو احسانمند آهيان جنهن مون سان تمام گهڻو سهڪار ڪيو.

رجب آزاد

مارڪيٽ روڊ، دادو

# ليکڪا پاران

هي ڪتاب ليکڪ جي پهرين ڪاوش آهي ادبي صنف جي نسبت سان هن کي ناول ته شايد نه چئي سگهجي.

شروعاتي لکڻين ۾ ٻه سولو ناٽڪ "کهڙو ڏوهه جنم جو" (منظور سميجو) ۽ "ڪاٺا لغڙ" (محمد علي سميجو ۽ فهد چنه) جي گڏيل پروڊڪشن هيٺ ڪي ٽي اين تان ٽيلي ڪاسٽ ٿيا.

جن کان پوءِ پي ٽي وي ڪراچي سينٽر جي پروڊيوسر محترم محمد بخش سميجو صاحب ڊرامه سيريل لکڻ لاءِ اتساهيو. انهن جي همٿ افزائي ڪرڻ ڪري هڪ سيريل "اداس راهون مان تنها" تيرهن (13) قسطن تي مشتمل لکڻ جي همٿ ڪئي. ليڪن بدقسمتي سان ان دوران سميجو صاحب اسان سان نه رهيا. ۽ منهنجي اها پهرين ڪوشش داخلِ دفتر ٿي وئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ پيڻ مسز شميم سميجو جي بطور پروگرام اسسٽنٽ پي ٽي وي ڪراچي سينٽر تي مقرري ٿي ته ان جي توسط سان هڪ سينئر ڊرامه پروڊيوسر تائين پهچ ٿي ان کي مذڪوره سيريل ڏيکاريم ته انهن مشورو ڏنو ته ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي تقريبا" ٽيهن (30) سالن جي دورانيه تي محيط آهي ان ڪري ڇونه ان کي ڪجهه وڌيڪ ڦهلاءُ ڏجي ته جيئن ڪا تشنگي باقي نه رهي.

انهن جي رهنمائي هيٺ سيريل کي ٻيهر لکڻ جي ڪيم ٻن ٽن سالن جي ڪوشش کان پوءِ اها سيريل ٻاونجاه (52) قسطن تي مشتمل لکي ساڳئي پروڊيوسر صاحب، جن پاڻ ٻه وقت بوقت منهنجي رهنمائي ڪئي هئي ، جي آڏو رکيم، اپرووڊ ٻه ملي، پر سانده چار سال گذري ويا پر اها ٽيلي ڪاسٽ نه ٿي سگهي. دلبرداشته ٿي ان سيريل کي ڪتابي صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جيڪو ناول گهٽ ناٽڪ وڌيڪ لڳي ٿو. پر اها منهنجي دلي آرزو هئي ته منهنجي اها ڪاوش اگر ڏسندڙن تائين نه ته پڙهندڙن تائين ضرور پهچي. ان لاءِ منهنجي گهر واري مونکي ڪافي همٿايو.

جيئن ته اها منهنجي پهرين ڪاوش آهي غلط يا سهي، يقيناً ڪئي ڪوتاهيون رهجي ويون هونديون. اهو ته پڙهندڙ تائين پهچڻ کان پوءِ ئي پروڙي سگهبو.

ايس. نرگس حق

# گران قدر اضافو

هوءَ جيڪا ”اوج ثريا“ جيان پنهنجي پوري تابناڪي سان افق تي جلوه گر آهي. مهرِ تابان جهڙو مزاج رکڻ واري شخصيت، ڪڏهن شعلہ ڪڏهن شبنم، دوستن لاءِ ديدهء دل فرشِ راه، هردل عزيز هر راه هلندڙ کان ناآشنا يا بظاهر ناشناسائي وارو رويو، متعدد چهرن جي پس منظر کان آگاه متعدد بدنما خوش نما روين جي گواه. زندگي سان سندس رويو بيحد مثبت ۽ تعميري آهي. هوءَ جنهن جي پوري زندگي خدمت ۽ مقصديت سان عبارت آهي اها خدمت ۽ مقصديت چاهي والدين جي هجي يا مقصد نوجوان نسل جي تعليم و تربيت هجي. دادو جهڙي ننڍڙي شهر ۾ تعليم جو هڪ درخشان ستارو هجڻ جي باعث سندس شمار معتبر ۽ محترم اساتذه ڪرام ۾ ٿئي ٿو. گذشتہ ٻن ٽن ڏهاڪن جي پروان شده نسلن خاص طور خواتين ۽ نياڻيون سيئي سندس دامنِ تلمذ (شاگردي) سان وابستہ رهيون آهن. بلڪ بعض جي تہ هوءَ ناني اُستاني بہ بنجي چڪي هوندي. اگر هن جي سهي عمر ظاهر ٿيڻ جو خدشو نہ هجي تہ سندس رٽائرمينٽ بہ عين شباب ۾ ٿي، جڏهن هوءَ ڪم ڪرڻ جي لگن ۽ توانائي سان روز اول جيان ئي مڪمل طور سرشار ۽ ڀرپور هئي. سيني کي سندس قبل از وقت رٽائرمينٽ جو قلق هو. مگر ٻُرو ٿئي ان مئٽرڪ جي سرٽيفڪيٽ جو جنهنجو حساب ڪتاب سروس جي آخري ڏينهن تائين هلي ٿو چاهي اهو سهي هجي يا غلط. دادو شهر سندس سماجي و معاشرتي سرگرمين جو بہ چشم ديد گواه آهي، ڪيترين سماجي سرگرمين ۾ اپوا جو پليٽ فارم هجي يا خواتين جي ٻي ڪا تنظيم. خواتين لاءِ ليڊيز ڪلب جهڙي آماجگاه جو تصور هجي. هڪ اهڙي شهر ۾ جتي شادي ونهانو کان سواءِ خواتين کاء ٻي ڪنهن تفريح جو تصور بہ نہ هجي، اتي هنن جي لاءِ مينا بازارون ۽ اسٽيج ڊرامن جو اهتمام ڪري ڪين صحتمند تفريح سان

گڏ ملڻ ملائڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ، هوءَ ائين شهر ۾ جي خواتين جي هردلعزيز ۽ پسنديده شخصيت رهي آهي. اهڙي شخصيت جنهنجي ذمي نہ صرف شهر جي خواتين جي تعليم و تربيت، فلاح وبهبود، بلڪہ ذوق تسڪين جو اهتمام ۽ انصرام هجي، نسواني سرگرمين جي پيش رو ۽ روح روان. لکڻ لکائڻ ڏانهن هوءَ پهرين بہ مائل هئي مگر جيئن ئي ڪجهہ فراغت نصيب ٿي تہ اهو شوق دو آتشہ ٿي ويو جنهنجو ثمر ڪجهہ ٽي وي ڊرامہ ”نرگس حق“ جي قلمي نالي سان ۽ هي ناول ”اداس راهون مان تنها“ آهي. هي ناول جيڪو هن جي تخليقي مقام ۽ بحيثيت هڪ ليکڪ جي سندس ادبي حيثيت جي سمت جو تعين ڪندو. يقين آهي تہ سندس مجموعي ڪارڪردگي جيان ادبي دنيا ۾ سندس هي تخليقي ڪاوش بہ سندس صلاحيتن جو اعتراف ۽ اعتبار ثابت ٿيندي. هڪ معتدل سياسي رويي جي حامل مذهبي، لساني، سياسي سماجي تفرقات کان بالاتر انسان دوست، شعلہ بيان، شعلہ رُخ، اقتصاديات ۽ عمرانيات جي ماهر جڏهن ادب جي ميدان ۾ قدم رکندي تہ يقيناً ان جي تخليق بہ مقصديت ۽ معنويت سان ڀرپور هوندي ۽ پنهنجي موضوع ۽ صنف جي اعتبار کان ادبي دنيا ۾ هڪ گران قدر اضافو ثابت ٿيندي.

**عذرا مغل**

10.10.2014

صبح جي ٿڌڙي ٿڌڙي هير گهلي رهي هئي زندگي رات جي اگهور ننڊ مان آهستہ آهستہ ڪر موڙي سجاڳ ٿي رهي هئي، سورهن سترهن سالن جي سنڌيا بہ اپرندڙ جواني جا ڪر موڙي پنهنجي آرامده بستري تي سستي وچان پاسا ورائي رهي هئي جڻ دل ئي نہ پئي ٿيس تہ اٿي ڪاليج وڃڻ جي تياري ڪري، انهي مهل سندس وڏي ڀيڻ رابعہ ڪمري ۾ اچي کيس چوڻ لڳي:

”سنڌيا مان اسڪول پئي وڃان منهنجي بس جو ٽائيم ٿي ويو آهي تون اجان سمهي پئي آهين. ڪاليج وڃڻو ڪونہ ٿئي ڇا؟“

سنڌيا اوٻاسي ڏيندي سڌي ٿي بيڊ تي ويهي رهي ٿي، ڀيڻ کي تيار ٿيل ڏسي کيس لاڏ مان چوڻ لڳي:

”آپا اڄ تہ اٿڻ تي دل ئي نہ پئي چوي سوچيان پئي تہ ڪاليج جي ڇٽي ڪيان.“

رابعہ اهو ٻڌي چڙي پوي ٿي ۽ چڙ مان کيس چوڻ لڳي:

”ڇا ٿيو آ توکي ايڏي سستي بہ نہ ٿي نهي، اجهو ٿي سنيتا اچي، اها اڪيلي تہ ڪاليج ڪونہ ويندي نہ. جلدي ڪر مون ناشتو ٺاهي ڇڏيو آ تون ڪري ونجانءِ ۽ بابا کي بہ ڪرائي پوءِ ڪاليج لاءِ تيار ٿي ونجانءِ.“

سنڌيا سورهن سترهن سالن جي ورهين جي خوبصورت الهڙ ناري خماريل نيڻن سان ڀيڻ ڏي نهاريو ۽ پلنگ تان اٿڻ لڳي تہ سندس ڊگها ڪارا واسينگ جهڙا وار کلي سندس ويڪرن ڪلهن تي پکڙجي ويا ۽ انهن جا هينيان سِرا هن جي چيلهہ کي ڇهي رهيا هئا. گهاٽن گهنگهور گهٽائن جهڙا وار سندس خوبصورت گلابي چهري جي چئوگرد ائين ڦهلجي ويا هئا جڻ چوڏهين جو چنڊ بادلن جي اوٽ مان جهاتي پائي رهيو هجي. سُستي وچان پنهنجا نرم گلابي پير سليپر ۾ وجهي اُٿي باٿ روم ڏانهن وڃڻ لڳي ٿي، ڀيڻس جون پيار ڀريون نظرون سندس پيڇو ڪن ٿيون ۽ پوءِ هوءَ مسڪرائي شولڊر پرس کڻي

ڪمري کان ٻاهر نڪري وڃي ٿي. سنڌيا هٿ منهن ڌوئي جلدي جلدي ٻاهر اچي ٿي ۽ ڪچن مان ٽري ۾ ناشتو کڻي ٻاهر لائونج ۾ رکيل ميز تي رکي ٿي جتي سندس بابا شوڪت علي جيڪو اخبار پڙهي رهيو آهي سنڌيا تي هڪ نظر وجهي اخبار پري ڪري رکي ٿو.

”اٿي وئي منهنجي ننڍڙي ڌيءَ.“

سنڌيا شرمائيندي پيءُ کي ڏسي چوي ٿي:

”بابا مان هاڻي وڏي ٿي وئي آهيان سيڪنڊ ايئر جي اسٽوڊنٽ آهيان ۽ توهان اجا مونکي ننڍڙي ڌيءَ پيا چئو.“

شوڪت علي مسڪرائيندي چوي ٿو:

”تون ته هونءَ به سڀني کان ننڍڙي آهين ۽ والدين لاءِ ته ٻار ڪڏهن به وڏا ناهن ٿيندا. توهان جي ماءُ، ڪيس خدا جنت ۾ جايون ڏئي، جي گذاري وڃڻ کان پوءِ جڏهن تون اجان ٻن سالن جي هئينءَ رابعہ ۽ احمد به ننڍڙا هئا رابعہ ته اجان ٽئين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي ان وقت کان مون توهان کي ماءُ بنجي پاليو آهي ته پيءُ جي ذميداري به نڀائي آهي، تون جهڙي سڀاجهي هئينءَ اهڙي ضدي به هئينءَ ڳالهہ ڳالهہ تي ضد ڪندي هئينءَ تڏهن تنهنجي پاڙي واري خالہ زهره پاڙيسرڻ جا فرض خوب نڀائيندي توکي کڻي وڃي ريجهائيندي هئي ڪڏهن سيرو پوري پئي تنهنجي لاءِ ڻاهيندي هئي ته ڪڏهن ڪُتي پوري پئي ڪارائيندي هئي، ويچاري اسان سان اڄ ڏينهن تائين نڀائيندي پئي اچي.“

سنڌيا غور سان پيءُ جون ڳالهيون ٻڌي پئي،

”ها بابا خالہ اسان کي اميءَ جي ڪمي محسوس ٿيڻ ئي نہ ڏني آهي، چڱو هاڻي ناشتو ڪري وٺو آفيس به ته وڃڻو اٿوَ نہ.“

انهي وقت سندس ڀاءُ احمد به تيار ٿي ڪمري ۾ اچي ڊائننگ ٽيبل تي ويهي ڀيڻ کي شرارت سان ڏسي،

”سست چوڪري ساڙي آئينءَ نہ منهنجو اوقراتو“

سنڌيا ويچارا ڪيندي،

”سانڍي آئيءَ. نہ مون کونہ پچائي آ ماني، آپي پچائي وئي هئي.....“

شوڪت علي ٻنهي کي پيار ڀرين نظرن سان ڏسي چوي ٿو:

”شروع ٿي ويا صبح مردان سان..... جلدي ڪري ناشتو ڪري وٺو تہ سيکو نکري ڪم ڪار سان.“

دروازي ڏانهن نهاريندي، ”اڃان سنيتا کونہ آئي آ.“

”بس ايندي هوندي اڄ پهريان ٻہ پيرڊ فري آهن نہ. ٿورو دير سان ويندا سين.“

شوڪت علي تنبيهہ ڀرئي انداز مان:

”بابا ڪاليج ٽائيم تي وينداڪيو تہ اسان کي بہ اطمينان ٿئي، نہ تہ الڪو ئي رهندو تہ الائي سواري ملي الائي نہ.“

انهي مهل سنيتا اندر اچي ٿي، سنيتا اندر ايندي ئي شوڪت علي کي سلام ڪري ٿي، ”نمستي انڪل.“

شوڪت علي پاٻوهہ مان چوي ٿو:

”نمستي ڌيءَ خوش آهين نہ، اچ چانهن پيءُ.“

”نہ انڪل مان ناشتو ڪري آئي آهيان، هونءَ بہ مان شام جي چانهہ توهان سيني سان تہ پيئندي آهيان.“

سنيتا ڀرسان واري بلڊنگ ۾ رهندڙ هندو فيملي جي ڇوڪري آهي جيڪا سنڌيا سان ننڍپڻ کان وٺي کيڏي وڏي ٿي آهي ٻئي گڏجي پڙهيون آهن سنيتا جي عادت آهي تہ اسڪول ٽائيم کان پوءِ پاڙي جي ڪجهہ ڄاڻ سڃاڻ وارن گهرن ۾ ٿوري ٿوري دير لاءِ چڪر هڻندي آهي ڏهن پندرهن منٽن کان وڌيڪ ڪٿي بہ نہ ترسندي آهي، ڪٿي چانهہ پيئندي ڪٿي بسڪيٽ کائيندي، هرڪو سندس انتظار ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن ڪنهن جي گهر ڪنهن سبب جي ڪري نہ وئي تہ بہ ڪائنس ڪا شڪايت نہ هوندي آ. هر ڪنهن جي ڪم اچڻ واري سنيتا سنڌيا جي پڪي سهيلي آهي، هر ڳالهہ هر ڏک سک هڪ ٻئي سان اورينديون ۽ ونڊينديون آهن گڏجي اسڪول ۽ پوءِ ڪاليج

وچڙ سندن معمول رهندو آيو آهي. سنڌيا جلدي جلدي نيرن ڪري ٿي، سنيتا ڪيس ڏسي پڇي ٿي،

”ڇو اجان ڪاليج لاءِ تيار ناهين ٿي، اجان تہ تنهنجي نيرن پئي ٿئي.“

سنڌيا ڪرسي تان اٿندي،

”بس سنيتا الائي ڇو اڄ اک ئي نہ کلي اهو بہ آپيءَ اچي اٿاريو نہ تہ اجان ستي پئي هجان ها، بس ويهہ مان اجهو ٿي تيار ٿي اچان، نہ تہ منهنجي ڪمري ۾ اچ. ٻئي اٿي ڪمري ڏانهن وڃن ٿيون سنڌيا يونيفارم الماري مان ڪڍي باٿ روم ۾ چينج ڪري ٻاهر اچي ٿي وارن کي ڦڻي ڏئي آئيني ۾ هڪ نظر پاڻ تي وجهي بيگ کڻي سنيتا سان گڏ ٻاهر اچي ٿي جتي شوڪت ۽ احمد تيار بيٺا آهن سڀئي گهر کي لاڪ ڪري پنهنجن پنهنجن منزلن ڏانهن روانہ ٿي وڃن ٿا.

احمد علي بي ايس سي فائينل جو استوڊنٽ ۽ سنڌيا، رابعہ جو ڀاءُ بس مان لهي واڪ ڪندو ڪاليج ڏانهن وڃڻ لڳو تہ رستي ۾ سندس دوست ڪاشف ساڻس ملي ٿو ٻئي حال احوال اوريندا ڪاليج ڪيمپس ڏانهن وڃن ٿا.

”يار احمد ڏسڻ ۾ ئي ڪون ٿو اچين ايترو بِزي آهين ڇا.“

احمد چوي ٿو:

”ها يار توکي تہ خبر آ بي ايس سي جي پڙهائي ڪيڏي نہ ٽف آ. ٿيوري ڪلاسز کان پوءِ شام تائين پريڪٽيڪل هلن ٿا ايتري دير ٿي ويندي آ جو ڪنهن ٻئي پاسي ڏسڻ جو موقعو ئي ناهي ملندو، توهان ڪامرس وارن جا تہ مزا آهن.“

ڪاشف کلندي چوڻ لڳو، ”تڏهن تہ مون بي ايس سي نہ ڪئي.“

”تڏهن تہ چيم نہ تہ توهان جا نٽ آهن. هوڏانهن اسان جو ڪيمسٽري وارو ٽيچر آ نہ سڄو سال ڪلاس نہ وٺي ۽ اگزامس ائين وٺندو جڻ پڙهائي پڙهائي دنگ ڪري ڇڏيا اٿائين، ان ڏينهن رحيم تہ صفا چڙي پيس جڏهن چيائين تہ ليب مان اچي ڪيمسٽري جو پريڪٽيڪل جنرل وٺي وڃجانءِ.“

ڪاشف حيران ٿي،

”تہ پوءِ ڀلا ان ۾ چڙڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آ، جنرل تہ وٺڻو هوس نہ.“

”يار تون تہ صفا ڪو ٻوڪ بصر آهين سمجهين ڇو ڪون ٿو، ٻن ڏينهن کان پوءِ پريڪٽيڪل اگزيم آهي سڄو سال ورڪ آئوٽ نہ ٿيو تہ ٻن ڏينهن ۾ ڪهڙو ٿيندو ڇا ٻن ڏينهن ۾ جنرل ٺهي سگهي ٿو، اهو بہ ڪمائڻ جو طريقو آ.“ احمد چڙي ٻڌائي ٿو.

”ڪمائڻ جو طريقو آ اهو ڀلا ڪيئن، يار ڇو پيو ڳجهارتن ۾ ڳالهائين.“ ڪاشف وڌيڪ حيران ٿئي ٿو.

”هاڻي منهنجو پارو نہ چاڙهہ، اهو ائين تہ هاڻي توهان فريش جنرل خريد ڪيو ٻن ڏينهن کان پوءِ ليب ۾ خالي جنرل جمع ڪرايو جيڪو وري ٻئي دفعي وڪرو ٿي سگهي.“

احمد تفصيل سان ڪاشف جي گوش گذار ڪري ٿو.
”واه جي ڳالهه ٻڌايئي، ليڪن يار اها تہ وڏي زيادتي آ اسٽوڊنٽ سان، پوءِ پرنسيپال آڏو احتجاج ڇونہ ٿا ڪيو.“ڪاشف پڇي ٿو.
”يار توکي خبر ناهي، پريڪٽيڪل جون اڌ مارڪون انٽرنل جي هٿ ۾ هونديون آهن. احتجاج ڪري ڪير پنهنجي ٻيڙي ٻوڙيندو، بس خدا ڪري تہ پاس آئوٽ ٿي وڃون. تون ٻڌاءِ ڪاليج ڪيئن اچڻ ٿيو، توهان جا اگزيم تہ پورا ٿي ويا.
”ها يار آيو هوس ايپيئرنس سرٽيفڪيٽ وٺڻ، هڪ هنڌ جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو هوم اتي جي لاءِ ضرورت آ، چڱو مان هلان ٿو.“
احمد بہ ٽائيم ڏسي،
”ٺيڪ آ يار مان بہ هلندس سيڪنڊ شفٽ ۾ منهنجو زوولاجي جو پريڪٽيڪل آ.“ ٻئي دوست موڪلائن ٿا هڪ طرف شاگردن جو هجوم آ احمد اوڏانهن وڌي وڃي ٿو.

آسمان تي سج پنهنجي آب و تاب سان چمڪي رهيو هو، اپريل ۽ مئي جا مهينا ڪراچي لاءِ هوندئن بہ سخت گرمي وارا هوندا آهن، روڊن رستن تي ڪٿي مينگو شيڪ، ڪٿي رنگ بہ رنگي شيشي جي بوتلن ۾ شربت ۽ برف جون ناديون لڳايو گاڏن تي گولي ڳنڊي وارا تہ ڪٿي ڏنڊي ڪونڊي ۾ ٿاڌل جي گهوٽ گهوٽان جي ڪشش، گرمي جي ستايل ماڻهن کي ڇڪي اچي انهن گاڏن جي ويجهو ڪندي آهي، ڪيسا خرچ جو بار نہ سهڻ باوجود بہ سُڪل نڙيون اوڏانهن ڇڪجي اچي پنهنجي پنهنجي حيثيت آهر گلاس اڌ وٺڻ تي مجبور ڪنديون آهن، ان ڪري گرمي جي موسم ۾ انهيءَ ڪاروبار وارن جا وارا نيارا لڳا پيا هوندا آهن. خاص ڪري مجهند جي وقت ڪاليجن ۽ اسڪولن مان موٽندڙ شاگرد ۽ انهن کي وٺڻ لاءِ ايندڙ مائٽ انتظار ڪندي ضرور اتي پهچي پنهنجي اڃ اجهائيندا آهن.

هر طرف گهما گهمي جو ماحول آهي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي موڪل ٿي آهي. هر طرف گاڏين جا هارن ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين جا انبوه رستن تي پنهنجي پنهنجي سواري جي ڳولها ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري گهربل سواري ڏسي اتي پهچي سوار ٿي گهرن ڏانهن روانا ٿين ٿا. سنيتا ۽ سنڌيا بہ ڪاليج جي گيٽ مان نڪرن ٿيون.گرمي سبب سندن چهرا پگهر ۾ شل، منهن تي ٿڪاوٽ. هيڏانهن هوڏانهن نهاري رستو پار ڪري اچي بس اسٽاپ تي بيهن ٿيون جتي هر ماڻهو اُس ۽ گرمي کان بچڻ لاءِ اسٽاپ جي ڇت هيٺان پهچڻ جي ڪوشش ۾ آهي جيئن گهربل بس اچڻ تائين ٿوري دير لاءِ پگهر ئي سڪائي سگهي. سنيتا ۽ سنڌيا بہ بيزاري سان روٽ بس جو انتظار ڪندي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيون آهن. بسون اچن ٿيون ۽ ان روٽ تي ويندڙ بہ چار ماڻهو سوار ٿين ٿا ۽ بس رواني ٿي وڃي ٿي. انهي وقت هڪ ڳاڙهي رنگ جي ننڍي ڪار بس اسٽاپ جي سامهون آهستہ رفتار سان اتان گذري ٿي هڪ ستاويهن اناويهن سالن جو نوجوان گاڏي ڊرائيو ڪري رهيو آهي بس اسٽاپ وٽان گذرندي هو گاڏيءَ جي رفتار کي اجان بہ هلڪو ڪري هڪ نظر اتي بيٺل ماڻهن تي وجهي ٿو. اچانڪ سندس نظرون سنڌيا ۽ سنيتا ڏانهن کڄي وڃن ٿيون. هڪ سرسري نگاهہ مٿن وجهي ٿو ۽ ڪار جي رفتار کي وڌائي اڳتي نڪري وڃي ٿو. سنڌيا ۽سنيتا بہ سندس ان حرڪت کي محسوس ڪن ٿيون. سنيتا جيڪا سنڌيا سان گهٽي هجائتي آهي شرارت مان کيس ڇيڙي ٿي.

”ڏنئي هن ڳاڙهي ڪار واري کي، ڪيئن پيو توکي گهوري گهوري نهاري“ سنڌيا سندس مسخري کي سمجهي وڃي ٿي ۽ سندس ئي لفظ ڏانهنس موٽائيندي چوي ٿي:

”مون کي ڇو بيٺا تہ اسان ٻئي گڏ آهيون توکي بہ تہ ڏسي سگهي ٿو.“

”اهڙي خوبصورت، نازڪ سنڌيا جي اڳيان پلا اسان جي دال ڪٿي ٿي ڳري.“ سنيتا کيس وڌيڪ ڇيڙائي ٿي.

”ڇڏ يار ڳولهيندو هوندو پنهنجي ڪنهن چاڻ سڃاڻ واري کي هرويرو ان ڳالهه کي ڇو پيا اهميت ڏيون.“

سنڌيا بيزار ٿي گهڙي ڏسي ٿي.

”ٻه پيا ٿين اڃان اسان جي روٽ بس نه آئي آ الائي ڇو.. جي اهوئي حال رهيو نه، ته پاڻ ته هتي بسن جو انتظار ڪندي ڪندي پنڊ پهڻ ٿي ويندا سين.“

انهي وقت سيئي ماڻهو سامهون ايندڙ بس ڏانهن نهارن ٿا ۽ سنيتا ۽ سنڌيا ٻه تياري ونن ٿيون بس اچي ٿي سڀ جلدي جلدي سوار ٿين ٿا بس ۾ پيهه پيهان لڳي پئي آهي بيهڻ جي ٻه جاءِ ناهي ماڻهو هڪ ٻئي جي مٿان چڙهي بيٺا پيا آهن. هي ٻئي ٻه پاسڙو ونن هڪ سيٽ جي پٺيءَ کي پڪڙي بيهي رهن ٿيون ٿوري دير کان پوءِ سندن گهر جو اسٽاپ اچي ٿو ته سڪون جو ساهه کڻي جلدي جلدي هيٺ لهن ٿيون ۽ پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانيون ٿين ٿيون.

شام جي وقت سنڌيا پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿي شوڪت علي ۽ رابعه چانهه پي رهيا آهن سنڌيا ٻه ڪٽلي مان چانهه ڪوپ ۾ لاهي پيئندي رابعه کي چوي ٿي ته:

”آپي مون کي ڪجهه شاپنگ ڪرڻي آهي توهان مون سان گڏ هلي سگهو ٿيون“

شوڪت علي کيس ڏسندي وڏي ڏيءَ کي چوي ٿو ته هوءَ پيڻ سان گڏجي شاپنگ ڪري اچي. رابعه سستي وچان چوي ٿي:

”بابا اڄ ايڏي گرمي آ جو ڪيڏانهن نڪرڻ تي دل ئي نه ٿي چوي، سنڌيا پلا اڄ هلڻ ضروري آ ڇا؟“

”آپي اسان جي انٽر جي فيئرويل پارٽي آ نه. ان لاءِ مون کي ڊريس وٺڻي آ ۽ ڪجهه بوڪس ٻه وٺڻا آهن، هلو ٿا ته ٺيڪ آ نه ته ڪنهن ٻئي ڏينهن ئي سهي،“

شوڪت علي وچ ۾ مداخلت ڪري ٿو.

”گرمي تہ هي سچو مهينو هلندي، رابعہ پٽ گڏجي وچينس.“
كيسي مان پئسا ڪڍي کين ڏئي ٿو ”هي وٺو ٻئي پينرون ڪجهہ وٺي اچجو ٿي اچو وڃي.“
رابعہ پيءُ کان پئسہ وٺندي.
”بابا احمد بہ اچا ڪون آيو آ توهان اڪيلا بور ٿيندا.“
”اجهو ٿو احمد اچي توهان وڃي چڪر هڻي اچو.“
سنڌيا چانهن جا ڪوپ کڻي سامهون ڪچن ۾ رکي ٿي، ۽ ٻئي پينرون تيار ٿي شاپنگ لاءِ نڪري وڃن ٿيون. ٽيڪسي ڪري شاپنگ سينٽر پهچي ضروري شاپنگ ڪن ٿيون گرمي بہ اڄ پنهنجي شدت ڏيکاري رهي آ رابعہ سخت ٿڪاوٽ محسوس ڪري ٿي، پيڙ ڪي ڏسي جيڪا پڻ ٿڪل ٿڪل لڳي رهي آ. پگهر جون بوندون سندس نراڙ کان اکين ڏانهن وهي رهيون آهن. ڪيس ڏسي رابعہ چوي ٿي:
”چيو هيو مانءِ تہ اڄ ڏاڍي گرمي آ. ڏس ڪيڏي ٿڪجي پئي آهين، هو ڏس سامهون ڪولڊ ڪارنر، هل تہ هلي جوس ٿا پيون، ڏاڍي اڄ پئي لڳي.“
پيڙ سان سهمت ٿيندي سنڌيا بہ هن سان گڏ سامهون واري ننڍڙي ريسٽورينٽ نما ڪولڊ ڪارنر ڏي وڌي ٿي، جتي ڪجهہ ننڍڙيون چيئرز رکيل آهن ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو جوس، آئيسڪريم وغيره سان شغل ڪري رهيا آهن ٻئي پينرون هڪ ڪنڊ ۾ رکيل ڪرسين تي ويهي جوس آرڊر ڪن ٿيون. ٿوري دير ۾ ويٽر جوس کڻي اچي ٿو ٻئي آهستہ آهستہ جوس جون سرڪيون ڀري پاڻ کي فريش ڪرڻ ۾ مصروف آهن تہ ان وقت اتي هڪ اڌڙوٽ وهي عورت هڪ پندرهن سورهن ورهين جي خوبصورت ڇوڪري اندر اچن ٿيون سندن پويان هڪ جوان سال مرد آهي سڀ ٿڪل لڳي رهيا آهن هڪ ميز تي ويهي آئيسڪريم جو آرڊر ڏين ٿا، اچانڪ سنڌيا جون نگاهون اوڏانهن کڄي وڃن ٿيون حيران ٿي دل ئي دل ۾ سوچي ٿي،

”مون هن شخص کي ڪٿي ڏٺو آهي، پر ڪاٿي ياد نہ ٿو اچي،“ ذهن تي ٿورو زور ڏئي تي تہ ڪيس ياد اچي وڃي ٿو تہ هي تہ اهو ساڳيو ڳاڙهي گاڏي وارو آهي جيڪو بس اسٽاپ تي ڪنهن کي ڳولهي رهيو هو. انهي وقت ان شخص جي نگاهہ بہ سنڌيا ۽ رابعہ تي پئجي وڃي ٿي ۽ هڪ ٽڪ سنڌيا کي گهورڻ لڳي ٿو. ان وقت سنڌيا کي بہ محسوس ٿئي ٿو تہ ڪو شخص ڪيس گهوري رهيو آهي، اهو محسوس ڪندي ئي سندس ڳل ڳاڙها ٿي وڃن ٿا شرم وچان اکيون جهڪي وڃن ٿيون، ڪيس سنيتا جي چيل ڳالهہ ياد اچي وڃي ٿي، پريشان ٿي ڪڏهن پيڻ کي ۽ ڪڏهن سامهون ويٺل شخص کي چور نگاهن سان ڏسي ٿي. ان ماڻهو جي نظر سندس چهري تان هٽي ئي نہ ٿي، جيڪا سنڌيا کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏي ٿي. رابعہ پيڻ جي ان ڪيفيت کان بيخبر مزي مزي سان جوس مان لطف اندوز ٿي رهي آهي، سنڌيا جلدي جلدي جوس ختم ڪري پيڻ کي چوي ٿي:

”آپي توهان جو جوس ختم ٿي ويو تہ گهر هلون بابا ۽ احمد انتظار ڪندا هوندا.“

رابعہ گلاس رکي پئسہ ڪڍي پئمينٽ ڪري ٿي.

”ها هل، بس ۾ بہ اڌ ڪلاڪ لڳي ويندو.“

ٻئي ڄڻيون ڪولڊ ڪارنر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ان ميز جي پرسان گذرن ٿيون تہ ان شخص جون نگاهون سندن پيڇو ڪن ٿيون ان ميز تي ويٺل عورت شمسہ جيڪا ان مرد جي وڏي پيڻ ۽ نوجوان ڇوڪري نجمہ جي ماءُ آهي ياءُ کي ويندڙ خواتين کي ائين گهور ڪري ڏسندي ڪيس ٽوڪي ٿي.

”خير تہ آهي رحمان، تون انهن ڇوڪرين کي سڃاڻين ٿو ڇا؟“

رحمان ڇرڪ ڀري شرمسار لهجي ۾ ڪلندي چوي ٿو:

”نہ آپا مان تہ ڪونہ ٿو سڃاڻان.“

”تہ پوءِ ائين پبلڪ پليس تي ڪنهن کي ائين ٿوروئي گهوربو آهي ڪجهہ تہ ايٽيڪيٽس هوندا آهن هر جاءِ جا.“

رحمان وڌيڪ شرمسار ٿي وڃي ٿو.

”سوري آپا الائي چو نگاهہ ڪجي وئي“
ماءُ ۽ مامي ڪي بحث ڪندي ڏسي نجمہ وچ ۾ مداخلت ڪري ٿي.....

”پر مان انهن ڪي سڃاڻان ٿي.“

شمسہ جنهن جو موڊ خراب ٿي ويو آ ڏيءُ کان چڙ ۾ پڇي ٿي،

”تون وري ڪيئن ٿي انهن ڪي سڃاڻين؟“

”هڪ تہ اسان جي پراڻي اسڪول واري ميٿس جي ٽيچر آ مس رابعہ ٻي ان جي ننڍي ڀيڻ سنڌيا آهي جيڪا پهرئين اسان جي اسڪول ۾ پڙهندي هئي اسان جي اسڪول جي هيڊ گرل هئي، هاڻي الائي ڪهڙي ڪاليج ۾ پڙهي ٿي.“

رحمان تجسس سان سڄو تعارف ٻڌي ٿو شمسہ پاءُ ڪي ائين دلچسپي سان ٻڌندي ڏيءَ کي ٽوڪي ٿي،

”ٽوڪي تہ پوري هسٽري جي خبر آ ماڻهن جي، ٿي ويو تعارف پورو يا اڃان بہ ڪجهہ باقي آ؟“

”امي توهان بہ هرويرو پيا ناراض ٿيو. توهان هڪ ٻئي کان پڇو پيا تہ مون ٻڌائي ڇڏيو..“

رحمان ڳالهہ وڌندي ڏسي اٿي ٿو ويٽر کي پئمينٽ ڪري.

”چڱو هاڻي هلو، امان انتظار ڪندي هوندي.“

سيئي اٿي شاپنگ بيگس کڻي ٻاهر اچي گاڏي ۾ ويهي گهر ڏي روانہ ٿي وڃن ٿا.

سنڌيا، رابعہ ۽ احمد جو والد شوڪت علي جيڪو هڪ سرڪاري ملازم آهي ۽ ملازمت سانگي سنڌ جي دور دراز علائقي مان ورهين کان ڪراچي ۾ اچي رهائش پذير ٿيو هو. سندس گهرواري تڏهن وفات ڪري وئي هئي جڏهن اهي ٻارڙا اجا تمام ننڍڙا هئا. ان وقت کان شوڪت علي پنهنجي سيني خواهشن کي دل اندر سانڍي اولاد جي پرورش ۽ تربيت کي پنهنجي زندگي جو مقصد بنائي ڇڏيو

جنهن ۾ سندس پاڙيسري دوست جي گهرواريءَ مدد ڪئي، پاڻ نوڪري سانگي ٻاهر ويندو هو تہ زهره، ننيڙي سنڌيا جي پالنا سان گڏ وڏن ٻارن جي سنڀال ڪندي هئي، رابعہ ڪجهہ سمجهہ سان هئي ان کي گهرداري جي تربيت ڏيڻ کان وٺي سندس پڙهائي لکائي جو خيال ڪرڻ،کين پنهنجي ٻچن وانگي ڏيان ڏيندي هئي ائين سيئي ٻار ٿڙي ٿاٻڙي اچي جوان ٿيا تہ شوڪت علي جا چڻ تہ ٿڪ ئي لهي ويا سيئي ٻارڙا ذميدار فرمانبردار ۽ ڏاڍا سمجهدار ٿي پيا هئا جن کي ڏسي شوڪت علي جون اکيون پيون ٺرنديون هيون.

سنڌيا ڪچن ۾ شام جي چانهہ سان گڏ ڪجهہ پڪوڙا ۽ سموسہ ٺاهي پئي رابعہ بہ سندس مدد پئي ڪري، سڄي گهر ۾ پڪوڙا ترڻ جي خوشبوءِ پئي اچي احمد جيڪو ڏاڍو شرارتي آ ۽ ڀنهي ڀينرن جو لاڏلو آ پر سنڌيا سيني کان ننڍي هجڻ ڪري، هو هر وقت ساڻس ڇيڙ خاني ڪندو رهندو آ. سنڌيا ٽري ۾ پڪوڙا ۽ سموسہ کڻي لائونج ۾ اچي ٿي تہ احمد جهٽ هٽي ٽري مان پڪوڙن جي پليٽ کڻي وٺي ٿو سنڌيا رڙ ڪري چويس ٿي.

”اها کهڙي فضيلت آ سمورا پڪوڙا کڻي ورتا اٿئي، سيني لاءِ آندا اٿئون نہ.“

احمد سندس ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري هڪ پڪوڙو وات ۾ وجهندي،

”واه جو مزو اچي ويو ڏاڍا مزيدار آهن هي سڀ تہ مان کائي ويندس، وڃ ٻين لاءِ ٻيا تري اچ.“

سنڌيا سندس هٿن مان پليٽ کسيندي،

”رڪ، هيڏي ڪر سڀ هي ويچارو کائيندو، مونکي ڏاڍو لاچار پيو آ جو وري ٻيا تي ٺاهي اچان. پيٽ اٿئي يا ساندارو.“

احمد شرارتي انداز ۾ وري کيس ڇيڙائڻ لڳو،

”ڇا ٿي پيو جي ٺاهي ايندي ءَ، کهڙو سڄو ڏينهن کوٽ وٺي ڪيرائين. ٿورو ڪم ٿو ڇئجي تہ ٻرو وٺي ٿو وڃئي، ڇوڪريون هونديون ئي رڌ پچاءُ لاءِ تہ آهن.“

سنڌيا مصنوعي ڪاوڙ مان چوڻ لڳي:
”۽ باقي ڇوڪرا ويچارا هوندا آهن رڳو ڪائڻ لاءِ........ڪرائجانءِ زال کان ڪم ته خبرون ڏئي ڇڏيندئي.“
احمد کي، کيس تنگ ڪرڻ ۾ مزو پيو اچي، وڌيڪ چيڙائيندي:
”هي منهنجي پيٽ آخر ڪهڙي مرض جي دوا آهي جو مان پنهنجي پياري پياري زال کان ڪم ڪرائيندس.“
سنڌيا هٿ ۾ جهليل گلاس کيس الاريندي:
”منهن ڌوئي ويهه تنهنجي زال ويهندي کٽ تي باقي مان ڪنديس ڪم.“
احمد کي سنڌيا سان ائين شرارت ڪرڻ ۾ مزو اچي رهيو آهي کيس وڌيڪ تنگ ڪندي سندس پليٽ مان سموسو کڻي ٿو ته سنڌيا رڙ ڪري پيڻ کي چوي ٿي:
”آپي احمد کي ڏسو پيا نه. سويل کان هرويرو تنگ پيو ڪري.“
ڪائنس پليٽ کسي ٿي. احمد کيس ويچارا ڪڍي ٿو ۽ پليٽ مان ڪجهه پڪوڙا کڻي کلندي کلندي ڪمري اندر ڀڄي وڃي ٿو. انهي وقت شوڪت علي ڪمري کان ٻاهر اچي ٿو. احمد کي ڀڄندو ڏسي کلي چوي ٿو.
”ڇو ٿو سنڌيا کي تنگ ڪرين.“
”بابا هي ڀه پڪوڙا کنيا اٿم ته......“
”چڱو چڱو اچ ته چانهه پيون.“
ٻئي ٻاهر اچن ٿا. سنڌيا پري کان پاءُ کي ڇپارا ڏيڻ لڳي، سڀئي کلن ٿا.

شام جي پهر ۾ شمسه پنهنجي ماءُ گل بانو سان گڏ ورانڊي ۾ چانهه پي رهي آهي، ڇت جو پکو ايڏي سخت گرميءَ ۾ هيٺ ويٺلن کي آسائش پهچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي نجمه اسڪول

مان مليل هوم ورڪ ڪري رهي آهي، شمسہ آهستہ آواز ۾ ماءُ کي چوي ٿي تہ:

”امان رحمان جي ڪراچي ۾ مستقل پوسٽنگ ٿي وئي آ ۽ هاڻي ڪيس ٻاهرين دورن تي بہ نہ وڃڻو پوندو ان ڪري هاڻي سندس باري ۾ ڪجهہ سوچڻ گهرجي، خير سان اٺاويهن سالن جو ٿي ويو آهي.“

ماڻس شڪايتي لهجي ۾ چوڻ لڳي:

”بس مائي ڪير سمجهائيس شادي جي عمر نڪرندي پئي وڃيس خبر ناهي سندس من ۾ ڇا پيو هلي، نہ اسان جي ڪا ٻڌي ٿو نہ پنهنجي ڪا پسند ٿو ڏسي، جي پنهنجو ڪٿي ڪو خيال هجيس تہ بہ ڪٿي ڏَسي.“

شمسہ ماءُ جي ها ۾ ها ملائيندي چوي ٿي:

”پلا ان ۾ اسان کي ڪهڙو اعتراض ٿيندو جتي چوندو اتي ڪٿي ڪنداسين.“

”تہ پوءِ اڄ تون ئي ڪٿي ڳالهائي ڏسينس تہ ڇا ٿو چوي.“

انهي وقت رحمان آفيس مان اچي ٿو ڇهري مان ڏاڍو ٿڪل لڳي پيو پاڻ کي صوفي تي ستيندي بوٽ جوراب لاهي ٿو سندس نگاهہ ٽيبل ڏانهن وڃي ٿي جتي خالي ڪوپ پيا آهن.

”سويل ئي چانهہ پي ڇڏيو اسان کي بہ ڪو چانهہ ڪوپ ملندو يا نہ....“

”ڇو ڪونہ.... نجمہ پٽ اٿ ماما لاءِ چانهہ ڪٿي آ.“

نجمہ ڪم ڇڏي اٿي ٿي، شمسہ پاءُ کي ٿڪل ٿڪل ڏسي ڪيس چوڻ لڳي:

” هاڻي تنهنجو بہ بندوبست ڪرڻو پوندو.“

رحمان کلي پڇڻ لڳو:

”ڪهڙو بندوبست ٿا ڪريو.“

”بندوبست وري ڪهڙو اهو تہ ڪو تنهنجي لاءِ پنهنجي هٿن سان گرما گرم چانهہ ڪٿي اچي جڏهن تون آفيس مان موٽين.“

رحمان ڳالهہ سمجهڻ باوجود پاڻ کي اڻ ڄاڻ ظاهر ڪندي، چوڻ لڳو.

”اها تہ نجمہ وئي آ نہ ڪٽڻ، ان ۾ بندوبست جي ڪهڙي ڳالهہ آ.“

موقعو مناسب ڏسي گل بانو چويس ٿي،

”سدائين ماءُ پيءُ کان پيو خدمت ڪرائيندي ٿي.“

”ڇو ٿڪجي پيا آهيو ڇا، اڃا تہ آئي مون کي بہ ٿي مهينہ مس ٿيا آهن.“

شمسہ سندس اڻ ڄاڻائي واري انداز تي مسڪرائي چوي ٿي:

”نہ منهنجا پياءُ اسان جي چوڻ جو مقصد اهو آ تہ تنهنجي ڪنوار اڃي، گهٽئي آزادي ماڻي ورتئي ڪا تہ هجي جيڪا تنهنجي پيرن ۾ زنجيرون وجهي، جي تنهنجي ڪا پسند هجي تہ ٻڌاءِ، نہ تہ اسان ڳولهيون.“

”اڃا تہ منهنجي آزادي کان بہ توهان کي پرابلم آ..... خير جي اهڙي ڳالهہ آ تہ ترسو ڪجهہ ڏينهن توهان کي پنهنجي پسند بہ ٻڌائيندس ۽ خوشي سان زنجيرون بہ پائيندس، بس هاڻي تہ خوش. يا ڪجهہ بيو بہ گهرجي.“

انهي وقت نجمہ چانهہ کڻي اچي ٿي هوءَ مامي سان گهڻي هجائتي آهي.

”اڃا مون کي بہ تہ ٻڌايو ڪير ٿو ڪنهن کي زنجيرون پارائي توهان سڀ ڇو پيا آهيو منهنجي پياري ماما جي آزادي پويان.“

گل بانو ۽ شمسہ ڏاڍيون خوش آهن تہ آخر سندن دلي مراد پوري ٿيڻ ۾ دير ناهي.

آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن ڏينهن جي وقت بہ شام پئي لڳي، رکي رکي وڄ جا چمڪاٽ تہ ڪڏهن گوڙ جي دل ڏاريندڙ گجڪار، ڪراچي جي موسم بہ عجيب آ بادل ايڏي تہ تيز رفتاري سان هڪ هنڌان ٻئي طرف ڊوڙي رهيا آهن ڄڻ ڪو لٽ کڻي سندن پويان

ڏوڙي رهيو هجي، مجهند جو هڪ بجي به شام جهڙو منظر لڳي رهيو آهي. سنڌيا ۽ سنيتا ڪاليج جي ٻين شاگردياڻين سا گڏ ٻاهر اچن ٿيون سنڌيا جي چهري تي خوف ڇانيل آهي، سنيتا سندس ان ڪيفيت کان لطف اندوز ٿي رهي آهي، انهي وقت ڪنوڻ زور سان چمڪاٽ ڪري ٿي ته سنڌيا ڪنن تي هٿ رکي سنيتا جي ويجهو ٿي وڃي ٿي ڪيس خبر آهي ته جيڏو وڏو چمڪاٽ ٿيو آ اوڏي ئي وڏي آواز گجگوڙ به ٿيندي، سنيتا کيس نهاري کلي پوي ٿي.

”هيڏي وڏي ٿي وئي آهين اڃا گوڙ ۽ ڪنوڻ کان ڊڄين پئي؟“

”پلا وڏي ٿيڻ سان ڊپ جو ڪهڙو واسطو آ. ڊپ ته دل ۾ ٿيندو آ يا عمر ۾، واه منهنجي پيڻ واه...... جلدي ڪر ته اسٽاپ تي پهچون رستي ۾ وسڻ شروع ٿي وئي ته ڪپڙا، بوڪس سڀ پسجي ويندا.“

ٻئي تيز تيز قدم کڻندي بس اسٽاپ تي پهچن ٿيون جتي اڳ ۾ ئي ڪافي رش لڳي پئي آ، پاڻ به ڇاپري هيٺان هڪ محفوظ ڪنڊ ۾ اچي بيهن ٿيون پري پري تائين ڪنهن بس جو نالو نشان به ڪونهي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪا رڪشه ٽيڪسي گذري رهي آهي اها به ڀريل، انهي وقت پريان ڪنهن ماڻهو جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو جيڪو ٻئي کي ٻڌائي رهيو آهي ته اڄ ٽرانسپوٽ وارن وري هڙتال ڪئي آهي، ٻيو کيس چوي ٿو:

”پر صبح جو ته بسون هليون پئي.“

ساڳيو شخص وضاحت ڪري ٿو صبح ڪنهن سبب هڪ مڇريل هجوم ٻن بسن کي باه ڏئي ڇڏي ان ڪري ٽرانسپورٽ بند ٿي وئي آهي. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ بس هلي پئي. اهو ٻڌي سنڌيا وڌيڪ پريشان ٿي وڃي ٿي ته هاڻي ڇا ٿيندو جي ڪا سواري نه ملي ۽ برسات پئجي وئي ته پوءِ سندس منهن خوف ۾ هيڊو پئجي وڃي ٿو سنيتا به پريشان ٿي وڃي ٿي، انهي وقت هڪ خالي رڪشه لنگهي ٿي ته هڪ ماڻهو تيزيءَ سان ان طرف وڃي ٿو.

اسٽاپ تي بيٺل گهڻا ماڻهو ڏسي رڪشه وارو ڦونڊجي وڃي ٿو ۽ ٽيڻو چئوڻو ڀاڙو ٻڌائي ٿو جيڪو ڪير به ڏيڻ لاءِ تيارناهي، اهو شخص

واپس موٽي اچي ٿو ۽ رڪشه وارو اسٽاپ تي موجود هجوم ڏي نهاريندو آهسته آهسته وڃڻ لڳي ٿو ته متان ڪو ٻيو ضرورت مند ڪيس روڪي، سندس گهربل ڪرائي تي هلڻ لاءِ تيار ٿي پوي، پر سڀ ماڻهو ڪنهن ٻي سواري جي اوسيئڙي ۾ ڪيس لفٽ نه ٿا ڪرائن. آهسته آهسته هجوم مان ڪي ماڻهو اڳتي ڪنهن سواري جي ڳولها ۾ نڪرڻ شروع ٿين ٿا ۽ ٿوري ئي دير ۾ صرف چند عورتون ۽ هڪ ٻه مرد ۽ سنڌيا، سنيتا وچي اسٽاپ تي رهن ٿا. هاڻي ته سنڌيا جي پريشاني وڌندي پئي وڃي، انهي وقت هلڪي هلڪي بوندا باندي شروع ٿي وڃي ٿي ته روڊ رسته به ويران ٿيندا پيا وڃن پرائيويٽ گاڏيون به تيز رفتاري سان گذري رهيون آهن هر ڪنهن کي برسات تيز ٿيڻ کان اڳ پنهنجي پنهنجي منزلن تي پهچڻ جي تڪڙ آ. سنڌيا ۽ سنيتا به پريشاني ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ پيون ان وقت هڪ ٽيڪسي سندن سامهون گذري ٿي هنن کي بيئل ڏسي رفتار سست ٿي وڃينس ٿي، سنيتا وڏي ڪانئس هلڻ لاءِ پڇي ٿي ته هو ڪيس ٻڌائي ٿو ته سندس روٽ انهي طرف ناهي ۽ اڳتي وڌي وڃي ٿو. سنڌيا جي چهري تي نراسائي ڇانئجي وڃي ٿي سنيتا کي چوي ٿي ته هتي ويهي انتظار ڪرڻ کان سٺو ٿيندو ته اڳيرو ٿيجي من ڪا سواري ملي وڃي، پر سنيتا چوبس ٿي ته جي سواري نه ملي ته برسات جي پاڻي ۾ سڄا پسي ويندا سين. پري پري تائين ٻيو ڪو شيڊ به ڪونهي، انهي وقت هڪ سرڪاري نمبر واري گاڏي ٿورو اڳتي وڃي بيڪ ٿئي ٿي ۽ اسٽاپ تي اچي بيهي ٿي اتي بيئل به ماڻهو گاڏي طرف وڌن ٿا، ايتري ۾ هڪ رڪشه گذري ٿي، اهي ان ۾ ويهي هليا وڃن ٿا. سنڌيا ۽ سنيتا جون نظرون گاڏي ۾ ويٺل ڊرائيور ڏانهن کڄي وڃن ٿيون هو هڪ ٻئي کي حيراني سان ڏسن ٿيون سنيتا آهسته آواز ۾ چوي ٿي ته:

”هي ته اهو ساڳيو ان ڏينهن وارو آهي، ڪار وارو شخص جيڪو رحمان آهي. هو مسلسل کين نهاري رهيو آ ۽ ٻڌ تر جو شڪار آ ته ڇوڪرين سان ڳالهائي يا نه. ان مهل برسات به ٿوري تيز ٿي وڃي ٿي، آخر رحمان کان رهيو نه ٿو ٿئي همت ڪري کين مخاطب ٿئي ٿو.

”مس اڄ ٽرانسپورٽ وارن جي هڙتال آ. برسات بہ وڏندي پئي وڃي توھان کي سواري شايد نہ ملي جيڪڏھن توھان کي مناسب لڳي تہ مان توھان کي ڇڏي سگھان ٿو.“

”نہ نہ، مھرباني، اسان پاڻھي ھليا ويندا سين.“

”پريشان نہ ٿيو سامھون ٿورو اڳيان جيڪو اسڪول آ نہ اتان مان پنھنجي ڀاڻيجي کي بہ پِڪ ڪندس پوءِ توھان جتي چونديون اتي ڊراپ ڪندي اسان گھر ھليا ويندا سين.“

سنڌيا کي ان ڏينھن واري ڪولڊ ڪارنر واري ڳالھہ ياد اچي وڃي ٿي تہ ھو ڪيئن ڪيس گھوري رھيو ھو اڳتي وڌي ٿورو رڪائي سان ڪيس چوي ٿي:

”نہ ڪا بہ ضرورت ناھي، مھرباني توھان جي اسان پاڻھي ھليا ويندا سين.“

اھو ٻڌي رحمان مايوس ٿي وڃڻ لڳي ٿو تہ سنيتا آھستہ آواز ۾ سنڌيا کي چوي ٿي تہ ڪين اھو موقعو نہ وڃائڻ ڪپي الائي سواري ملي يا نہ سنڌيا صاف انڪار ڪري ٿي، ان گھڙيءَ وڄ جي چمڪاٽ سان گڏ زوردار گجگوڙ سان مينھن تيز ٿي وڃي ٿو تہ سنڌيا خوفزده ٿي نيم رضامندي سا سنيتا جي ڪن ۾ ڪجھہ چوي ٿي، سنيتا اڳتي وڌي رحمان کي چوي ٿي:

”ٺيڪ آ پائو توھان سامھون ھلي پنھنجي ڀاڻيجي کي کڻو اسان بہ روڊ ڪراس ڪري اوڏانھن اچون ٿا.“

رحمان سامھون ٿورو پرڀرو اسڪول ڏانھن وڌي وڃي ٿو ھو ٻئي روڊ ڪراس ڪري اسڪول طرف وڃن ٿيون جتي برسات جي ڪري جلدي موڪل ٿي وئي آ ۽ اسڪول بس ۾ ڇوڪريون سوار ٿي وڃن پيون ڪن کي سندن گھر وارا گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن تي وٺي وڃڻ لاءِ انتظار پيا ڪن نجمہ جلدي جلدي ٻاھر نڪري گاڏي جو دروازو کولي مامي سان گڏ فرنٽ سيٽ تي ويھي ٿي تہ رحمان ڦري پوئين سيٽ جو در کولي ٿو انھي وقت سنيتا ۽ سنڌيا بہ پھچي وڃڻ ٿيون، نجمہ حيراني سان ڪين ڏسي ٿي. رحمان ڪين مخاطب ٿي چوي ٿو:

”هاڻي تہ توهان کي ڪو اعتراض ناهي نہ. جلدي ڪيو پليز برسات وڌندي پئي وڃي.“

ٻئي تڪڙ ۾ پوئين سيٽ تي ويهن ٿيون رحمان گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو تہ نجمہ پوئتي نهاري ٻنهي کي مخاطب ٿي چوي ٿي:

”هيلو سنڌيا، هيلو سنيتا....“

ٻئي هڪ آواز ”هيلو....“

”ماما هي ٻهرين اسان جي پراڻي اسڪول ۾ پڙهنديون هيون، سنڌيا تہ اسان جي اسڪول جي هيڊ گرل هئي.“

”ها تو شايد ان ڏينهن ڪولڊ ڪارنر تي ٻڌايو هئو. هاڻي پنهنجي سهيلين کان ائڊريس پڇ تہ جيئن انهن کي اتي لاهي پوءِ پاڻ گهر هلون.“

نجمہ پوئتي نهاري کائنس سندن گهر جي ائڊريس پڇي ٿي سنڌيا کيس پنهنجي ائڊريس ٻڌائي ٿي تہ نجمہ خوش ٿي کيس چوي ٿي:

”اڙي توهان تہ اسان واري علائقي ۾ ئي رهو ٿيون. اسان جو گهر توهان کان ٿوروئي پري آ ۽ سنيتا جو تہ هڪ لائين ڇڏي پوءِ آ. ڏاڍو سٺو ٿيو اسان تہ پاڙيسري نڪتاسين هاڻي ڪڏهن اهڙي ڪا صورت حال ٿي تہ پريشان ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي.“

انهي وقت سندن رهائشي علائقو اچي وڃي ٿو گاڏي روڪرائي ٻئي لهن ٿيون ۽ هڪ آواز ٿي کين ٿينڪس چون ٿيون رحمان گاڏي اسٽارٽ ڪري اڳتي وڌي وڃي ٿو سندس چهرو خوشي وچان ٻهڪي رهيو آهي هو سوچي رهيو آهي تہ آخرڪار سندس گوهر مقصود جو پتو کيس ملي ئي ويو هو انهن خوبصورت خيالن ۾ گم آهي تہ نجمہ جو آواز کيس خوابن جي دنيا مان واپس حقيقت جي جهان ۾ آڻي بيهاري ٿو.

”ماما ڪيڏانهن پيا وڃو پنهنجو گهر تہ اچي ويو.“

جلدي گاڏي بند ڪري هيٺ لهي اچن ٿا.

گهڻ پوسٽ ۾ لوساڙيندڙ گرمي کان پوءِ ڪجھ ڏينهن تائين بادل ڪُلي وسندا رهيا، هر طرف پاڻي جا تلاءَ بنجي ويا. اج صبح ساڻ ڪڪرن مان سج ڪني ڪيڍي تہ هر طرف فضا ۾ روشني پکڙجي وئي، هر شيءِ وڻ ٽڻ ڌوپجي صاف ۽ ساوا چهچ ٿي پيا هئا، جڻ ڪين ڪنهن نئون سبز ويس ڍڪائي ڇڏيو هجي.فضا ۾ عجب جهڙي هبڪار سان سڄو ماحول معطر ٿي ويو. ٿن پهرن ڏاري ٿڌڙي ٿڌڙي هوا گهلڻ لڳي ۽ الائي ڪٿان ڪِپھ جهڙا اڇا بادل هوا سان رانديون ڪندا سڄي آسمان ۾ ڊوڙون پائڻ لڳا منظر ڏاڍو دل ڪي لپائي رهيو هو. اهڙي خوشگوار موسم ۾ نجمہ ڪنهن جو شدت سان انتظار ڪري رهي هئي، ڪڏهن دروازي ڏانهن وڃي ٿي ڪڏهن اچي وال ڪلاڪ ۾ ٽائيم ڏسي ٿي ۽ پنهنجي منهن بڙ بڙ ڪري ٿي.

”ماما ڪي الائي ڇا ٿيو آ روز آفيس مان دير ڪري ٿو اچي اج تہ جلدي اچي هان، ڇيو بہ هومانس تہ شام جو توهان لاءِ سرپرائيز آ. پوءِ بہ ڪنهن ڪي منهنجي پرواھ ناهي“

شمسہ ڪيس ائين انتظار ڪندي ڏسي پڇيس ٿي تہ ڪنهنجو اهڙي شدت سان انتظار پيو ٿئي، نجمہ ڪاوڙ ۾ چوي ٿي.

”ڪنهن جو وري ڪنهن جو. ماما صاحب جو انتظار پئي ڪريان.“

رحمان جيڪو اچي چڪو آهي ۽ سندس پويان اچي بيهي ٿاءِ ڪولي رهيو آ ڪائنس پڇي ٿوتہ ڇا ڳالھ آ جوسندس پياري پياري نجمہ مامي جو انتظار پئي ڪري پڪ ڪيڏانهن وڃڻو هوندس. نجمہ ذري گهٽ روئڻهارڪي ٿي وڃي ٿي.

”هتي تہ ڪنهن ڪي ڪجھ ياد ڪونهي،“

رحمان دماغ تي ٿورو زور ڏيندي،

”اڙي ها ياد آيو ڪالھ تو گاڏي ۾ ڪا سرپرائيز ڏيڻ جي ڳالھ پئي ڪئي...“

نجمہ صفا ناراض ٿي وڃي ٿي.

”بس، بس مان ڪنهن سان نہ ٿي ڳالهايان.“

شمسہ ڏيءُ کي ائين ڳجهارتون ڏيندي ڏسي چڙي پوي ٿي،
”پلا ٻڌاءِ بہ ڪٿي تہ ڪهڙو سرپرائيز آ هرو ڀرو پئي ٿي شڪل خراب ڪرين.“ نجمہ ڪاوڙمان،
”بس توهان کي تہ ڪا ڳالهہ ياد ناهي، ماما توهان ٿي ٻڌايو اڄ ڪهڙي تاريخ آ.“
رحمان گهڙي ڏسندي، ”7 _ اپريل“
نجمہ ڪاوڙجي انداز ۾ چوي ٿي:
”هاڻي تہ ڪجهہ ياد آيو هوندو!“
شمسہ مٿي کي هٿ هڻندي:
”الائي اسان جي دماغ کي بہ ڇا ٿي ويو آ. هون تہ اڄ منهنجي لاڏليءَ جو جنم ڏينهن آ. سوري پٽ گهڻن ڪمن ڪارين ۾ منهنجي ذهن مان بلڪل نڪري ويو.“
نجمہ مامي کي ڏسندي لاڏ مان چوڻ لڳي.
”توهان وعدو ڪيو هو..........“
رحمان ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي.
”تہ برٿ ڊي ڪيڪ ماما وٺي ايندو پر......“
نجمہ خوش ٿي وڃي ٿي، رحمان ڪيس خوش ڏسي چوي ٿو:
”پر اڪيلي سالگره ملهائڻ ۾ ڪهڙو مزو ايندو. پنهنجي ڪجهہ سهيلين کي سڏي وٺ نہ.“
”سهيلين کي..! پر منهنجي سهيلين جا گهر تہ پري پري آهن. ايترو جلدي ڪير ايندو.“
رحمان جي نگاهن آڏو ان ڏينهن جو برسات جو خوبصورت منظر اچي وڃي ٿو هلڪي هلڪي برسات ونڊ اسڪرين تي ان جا ڦڙا خوبصورت انداز ۾ ڪري رهيا آهن پوئين سيٽ تي ويٺل شرمايل شرمايل پريشان پريشان سنڌيا ويٺي آهي، هو سامهون واري آئينہ مان سندس گهبرايل خوبصورت گلابي چهرو ڏسي لطف اندوز ٿي رهيو آهي دل ۾ عجيب ڪتڪتايون محسوس ٿي رهيون آهن، ڇڻ ڪير سندس دل سان ڇيڙخاني ڪري رهيو هجي، اهو منظر ياد ڪري

سندس چهري تي رونق اچي وجي ٿي نجمہ سندس دل جي ڪيفيت کان بيخبر سندس جواب جو انتظار ڪري رهي آهي آخر هو خيالن جي دنيا مان ٻاهر اچي ڪيس چوي ٿو:

”هوجو تنهنجون بہ نيون پاڙيسري سهيليون ٿيون آهن. جن کان برسات واري ڏينهن فون نمبر پئي ورتئي، اهي تہ ويجهو آهن نہ انهن کي فون تي انوائيٽ ڪري وٺ نہ.“

نجمہ مامي جي دلي ڪيفيت کان بيخبر، خوش ٿي وجي ٿي.

”واقعي....! واه جو ياد ڏياريو مان هينئر ٿي ٻنهي کي فون ڪيان سچ ڏاڍو مزو ايندو.“

رحمان اهو ٻڌي خوش ٿي وجي ٿو ۽ ڪپڙا تبديل ڪري چانهہ پي ڪيڪ وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪري وجي ٿو.

سنڌيا ڪمري ۾ ليٽي پئي آهي تہ فون جي گهنٽي وڄي ٿي سنڌيا اٿي فون کڻي ٿي ٻئي طرف نجمہ کيس سالگرهہ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دعوت ڏئي ٿي ۽ ٻڌائيس ٿي تہ هن سنيتا کي بہ چيو آ ٻئي گڏجي اچجو سنڌيا پهرين تہ بهانو ڪري انڪار ڪري ٿي پر گهڻو زور پرڻ تي چويس ٿي تہ جي بابا اجازت ڏني تہ ايندس، فون رکي شوڪت علي جي ڪمري ڏانهن وجي ٿي. جتي شوڪت علي احمد کي چئي پيو تہ خالہ زهره کي چئي اچي تہ صبحاڻي شام جو هيڏانهن اچي جو ڪجهہ مهمان اچڻا آهن. احمد تجسس مان پيءُ کان پڇي ٿو تہ اهڙا ڪهڙا مهمان اچڻا آهن، جنهن لاءِ خالہ زهره جو هجڻ ضروري آهي. پڻس کيس ٻڌائي ٿو تہ رابعہ جي رشتي لاءِ هڪ دوست جي فيملي اچڻي آهي جنهن لاءِ گهر ۾ ڪنهن بزرگ عورت جو هجڻ ضروري آ، سنڌيا ان وقت ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ آخري جملا ٻڌي خوش ٿي وجي ٿي....

”بابا آپي جي رشتي لاءِ.....“

”ها پُٽ......پر تون هينئر منهنجي ڪمري ۾....؟

سنڌيا ٿورو جهجهڪندي، هٻڪندي، ڄڻ ڪو چور من ۾ هجيس.....

”بابا.....“

”چئو پُٽ ڇا ڳالهه آ ڪجهه ڪپئي.“

”نه بابا، اها ڳالهه ناهي......“

”ته پوءِ ڪهڙي ڳالهه آ.....“

”بابا هڪ سهيلي جي سالگرهه آ، هينئر فون ڪري مونکي ۽ سنيتا کي سڏيو اٿس.....“

احمد وچ ۾ ڳالهه ڪٽيندي پڇي ٿو.

”ڪهڙي سهيلي، ڪٿي رهندي آ “

”بس شروع ٿي ويو سوال جواب ڪرڻ... تون ماٺ ڪر... مان بابا سان پئي ڳالهايان.“

شوڪت علي ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ جو تڪرار ٽارڻ لاءِ جلدي چوي ٿو:

”پلي وڃ پر اڪيلي ڪيئن ويندينءَ ڀاءُ کي چئو ته ڇڏي اچئي.....“

”بابا سنيتا به هلي ٿي، اجها ٿي تيار ٿي اچي مان به جلدي وڃي تيار ٿي وٺان.“

سنڌيا جي وڃڻ کان پوءِ رابعه چانهه کڻي پيءُ جي ڪمري ۾ اچي ٿي، شوڪت علي پلنگ تي سڌو ٿي ويهي ٿو. رابعه چانهه پيءُ ۽ ڀاءُ کي ڏئي هڪ ڪوپ پاڻ کڻي پيءُ جي پرسان پلنگ جي پيراندي کان ويهي ٿي.

”بابا سنڌيا ڪيڏانهن وڃي پئي ڇا ؟“

”ها پُٽ، سنڌيا ۽ سنيتا پاڙي ۾ ڪنهن سهيلي جي سالگره ۾ پيون وڃن“

ٿوري دير خاموش رهي رابعه ڏي نهاري ٿو

”پُٽ رابعه .... صبحاڻي ڪجهه مهمان اچڻا آهن، توهان جي خاله زهره کي به سڏايو اٿم. رفريشمينٽ جو انتظام ڪري ونجو.“

اهو ٻڌي رابعه ڪجهه ڪجهه سمجهي شرمائجي وڃي ٿي جلدي جلدي چانهه جو ڪوپ ٽري ۾ رکي، ٽري کڻي وڃڻ جي ڪري ٿي.

”رابعه پُٽ ڪيڏانهن پئي وڃين، ويهه گهڙي ڪن.“

احمد شرير نگاهن سان پيڻ کي ڏسندو اٿي ٻاهر نڪري ويجي ٿو. رابعہ شرمائجي پيءُ جي پير ۾ ويهي رهي ٿي، شوڪت علي خلائن ۾ ڪجهہ تلاش ڪندي اداس ٿي ويجي ٿو آخر پريل آواز ۾ ڌيءُ کي چوي ٿو:

”ڏس امان توهان جي ماءُ تہ آهي ڪونہ، مون ئي توهان کي پڙهائي لکائي وڏو ڪيو آ، مان چاهيان ٿو تہ زندگي ۾ توهان جو بار لاهي ڇڏيان.....“

رابعہ ڪنڌ هيٺ ڪري پيءُ جي ڳالهہ ٻڌي رهي آهي....

”ڇوڪرو پڙهيل لکيل ۽ سلجهيل آ، سٺي جاب اٿس، مونکي تہ ڏاڍو پسند آهي، پر توهان جي مرضي پڇڻ ضروري آ، اڄ توهان جي ماءُ حيات هجي ها تہ مون کي اهو سڀ ڪجهہ ائين سڌي طرح توهان کان نہ پڇڻو پوي ها.... ها جيڪڏهن توهان جي پنهنجي ڪا پسند هجي تہ....“

رابعہ فرمانبرداري واري انداز ۾ ،شرمائيندي لڄائيندي ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي هئي، ڪجهہ گهڙين جي خاموشي کان پوءِ آهستي آواز ۾ چوڻ لڳي،

”جيئن توهان جي مرضي بابا...پر....“

”پر ڇا پُٽ......“

”بابا سنڌيا گريجويشن ڪري وٺي ها، ڏاڍي ذڪي ٿيندي.....“

سنڌيا جي ڳالهہ کي بہ ڏسي وٺبو، بس توکي ڪو اعتراض نہ هجي.“

رابعہ خاموش ٿي ڪنڌ جهڪائي ڇڏي ٿي، احمد اڄي ٻڌائي ٿو تہ هو خالہ کي صبحاڻي لاءِ چئي آيو آ، رابعہ خاموشي سان ڪمري مان هلي وڃي ٿي.

ٻئي ڏينهن صبح کان سنڌيا جي گهر ۾ رونق لڳي پئي آهي سنڌيا ۽ رابعہ ڪچن ۾ ڪجهہ نهڻ ۾ مصروف آهن خالہ زهره، شوڪت علي سان لائونج ۾ ويٺي ڪجهہ صلاح مصلحت ڪري رهي آهي. شوڪت علي ڪيس نهايت عاجزي جي انداز ۾ چوي ٿو:

”پيڻ منهنجي نياڻين جو توهان کان سواءِ ڪوبہ مٽ مائٽ ڪونهي نندڙي هوندي کان هنن توهان کي ئي پنهنجي قريب ڏٺو آ ۽ اسان سڀ توهان کي پنهنجو سمجهندا آهيون. مونکان سواءِ منهنجي ٻارڙن جو ٻيو ڪير ڪونهي. اهو توهان جو سر آ جنهن منهنجي غير موجودگي ۾ سندن پنهنجي بزرگ وانگر خيال رکيو آ. اهڙي موقعي تي سندن ماءُ جي ڪمي شدت سان محسوس ٿئي پئي, ڪاش! اڄ سندن ماءُ حيات هجي ها تہ مونکي اهڙي ڏکيائي محسوس نہ ٿئي ها.“

زهره ڪيس آٿت ڏئي ٿي.

”ياءُ رب چڱي ڪندو توهان پريشان نہ ٿيو جنهنجو ڪير ناهي, منهنجو مالڪ انهن جا سڀ ڪم سولا ڪري ڏيندو آهي.“

ڳالهين ڪندي مهمان, احمد سان گڏ اندر اچن ٿا. ڪجهہ عورتون ۽ ٻہ مرد آهن شوڪت علي ۽ زهره اڳتي وڌي سندن آڌرڀاءُ ڪن ٿا ويهارڻ کان پوءِ شوڪت علي زهره سان پنهنجي دوست عابد علي ۽ سندس گهر واري سائره جو تعارف ڪرائي ٿو. زهره ۽ سائره ڀاڪر پائي ملن ٿيون. ٿوري دير ۾ سنڌيا ٽري ۾ رفريشمينٽ کنيو اندر اچي ٿي سڀني کي سلام ڪري ٿي,

”هي منهنجي نندي ڌيءُ سنڌيا آهي, انٽر ڪامرس ۾ پڙهي ٿي.“

سائره ڪانئس رابعہ جي باري ۾ پڇي ٿي. سنڌيا ٻڌائي ٿي تہ آپي چانهہ پئي ناهي. سائره سڀني سان ملي ڏاڍي خوش ٿئي ٿي, احمد چانهہ کڻي اندر اچي ٿو ان سان گڏ شرمايل گهبرايل رابعہ اندر اچي ٿي, سائره اٿي ڪيس ڀاڪر پائي ٿي, رابعہ سڀني کي سلام ڪري هڪ طرف ويهي رهي ٿي, سائره جون نظرون هن تان هٽن ئي نہ ٿيون.

”اهڙي پياري ڇوڪري هينئر تائين اسان کان لڪائي ويٺا هئا ڀاءُ شوڪت علي.“

ڇوڪري جو پيءُ عابد علي چوي ٿو:

”مون توهان کي نہ چيو هو تہ رابعہ ڌيءُ ڏاڍي پياري آهي, ننڍڙي هئي تڏهن مون ڪيس ڏٺو هو.“

سائره خوش ٿي مٺائي جي پليٽ کڻي شوڪت علي جي آڏو ڪندي.

”بس ياءُ ايندڙ مهيني رابعہ منهنجي گھر جي راڻي بنجي ايندي.“

شوڪت علي عاجزانہ انداز ۾:

”جيئن اوهان کي مناسب لڳي، رابعہ هاڻي توهان جي امانت آهي.“

سڀ خوش ٿي هڪ ٻئي کي مٺائي کارائن ٿا. ۽ پوءِ موڪلائي هليا وڃن ٿا. شوڪت علي اٿي ڏيءُ کي مٿي تي هٿ رکي ٿو سنڌيا ۽ احمد شرير نگاهن سان نهارن ٿا رابعہ جي چهري تي بہ خوشي بکي رهي آهي، پيءُ جي اٿي ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ کان پوءِ احمد شرارت سان چوڻ لڳو:

”ڏاڍي خوش پئي لڳين آپي، لڳي ٿو تہ چاچا عابد جي فيملي توکي ڏاڍي سٺي لڳي آ“

رابعہ شرمائيندي.

”اهڙي تہ ڳالهہ ناهي.“

”بس سائين هاڻي تہ اوهان جي خيالن ۾ نئون گھر، نوان ماڻهو خوبصورت تصورات ئي سمايل هوندا.“

”احمد ڏس تنگ نہ ڪر، سنڌيا ڪمري ۾ اچي ياءُ کي ڪلندو ڏسي، پيڻ کان پڇي ٿي،

”آپي هي احمد ڇو پيو ڏند ڪڍي.“

”بس هن ڇوڪري کي تہ هر وقت مذاق آ.

سنڌيا سمجهي وڃي ٿي تہ احمد پيڻ کي ڇو پيو تنگ ڪري، انهي وقت خالہ زهره ماني کڻي اندر اچي ٿي تہ احمد ڪلندو ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

شمسہ ۽ نجمہ ڊائننگ ميز تي ڪيڪ ۽ ٻيو سامان سيٽ ڪن ٿيون، هلڪو هلڪو ميوزڪ وڄي رهيو آهي، نجمہ خوشي ۾ ڪجهہ

جهونگاري رهي آهي گل بانو صوفي تي ويٺي ٻارن کي خوش ڏسي پاڻ بہ انجواءِ ڪري رهي آ. رحمان بہ خلافِ معمول ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو آهي، ڄڻ ڪيس دنيا جي ڪا وڏي دولت ملي وئي هجي. هو نجمہ ۽ شمسہ جي مدد ڪري رهيو آهي، گل بانو حيران آ تہ هن پُٽ کي پهرين ايڏو خوش ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. موم بتيون ڪيڪ تي سينگاري ڪئميرا ۾ رول فٽ ڪري ٿو. گهڙي گهڙي سندس نگاهون در ڏانهن کڄي وڃن ٿيون ڄڻ ڪنهن خاص شخصيت جي آمد جو انتظار هجيس، شمسہ ڀاءُ جي ان ڪيفيت کي محسوس ڪري رهي آهي پر ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ نجمہ جي سالگره ملهائڻ تي هو ايڏو خوش ۽ بيقرار ڇو آهي انهي مهل سنڌيا ۽ سنيتا مين گيٽ مان اندر داخل ٿين ٿيون سندن هٿن ۾ گفٽ پيڪ آهن. کين ڏسي رحمان جو منهن ٻهڪي پوي ٿو دل ۾ گد گد ٿئي ٿي ڄڻ ڪيس ڪو وڃايل خزانو هٿ اچي ويو هجي، شمسہ چور نگاهن سان ڀاءُ کي ڏسي ٿي ۽ سنڌيا تي نظر پوندي ئي ڪيس ڪولڊ ڪارنر وارو منظر ياد اچي وڃي ٿو ۽ هوءَ سڀ ڪجهہ سمجهي وڃي ٿي سندس لبن تي خوشگوار مرڪ اچي وڃي ٿي. نجمہ اڳتي وڌي کين ڀاڪر پائي ملي ٿي ٻئي سيني کي سلام ڪري هڪ پاسي صوفي تي ويهن ٿيون ٿوري دير کان پوءِ نجمہ کين ڊائننگ روم ۾ وٺي اچي ٿي جتي رحمان ۽ گلبانو اڳ۾ ئي ويٺا آهن گل بانو سرڪي کين جاءِ ڏئي ٿي ڪيس سنڌيا پهرين نگاهہ ۾ ڏاڍي پسند اچي ٿي نجمہ ۽ شمسہ ڀر واري صوفي تي ويهي سنيتا سان حال احوال ڪن ٿيون رحمان چور نظرن سان مسلسل سنڌيا کي نهاري رهيو آهي سندس اکين مان سندس لاءِ پيار بکي رهيو آهي شمسہ ڀاءُ جي هر ڪيفيت کي غور سان ڏسي پئي ڪيس ڪولڊ ڪارنر تي ڇوڪرين کي گهورڻ جو منظر ذهن ۾ اچي ٿو پر هن تہ سمجهيو هو تہ هو ٻي ڇوڪري ۾ دلچسپي پيو وٺي. سنڌيا تہ رحمان کان تمام ننڍي آهي نجمہ کان مشڪل سان بہ سال ڪن وڏي ٿي سگهي ٿي، شمسہ جي سوچ جوسلسلو ان وقت ٽٽي پيو جڏهن رحمان کين ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ ڇوي ٿو سڀئي اٿي ميز ڏانهن وڃن ٿا. شمسہ ماءُ کي نجمہ سان گڏ ٻيهاري ٿي

ڪيڪ جي رسم ٿيڻ تي فوٽو نڪرڻ ٿا. ڪيڪ ڪٽڻ وقت سنڌيا جو پرس صوفي تي رهجي ويو ٿو ڪيڪ کان پوءِ رفريشمينٽ سرو ڪئي وڃي ٿي انهي سڄي سلسلي دوران رحمان سيڻي کان نظرون بچائيندي مسلسل سنڌيا جي حسن جو طواف ڪري رهيو آهي. پارٽي ختم ٿيڻ کان پوءِ شمسہ ٻنهي ڇوڪرين کان تفصيلي حال احوال وٺي ٿي.

”ڏيءَ سنڌيا توهان ڇا پڙهنديون آهيو.“

”آپا اسين ٻئي انٽر ڪامرس پيا ڪيون.“

”ڏاڍو سٺو ان جو مطلب تہ توهان بئنڪ وغيره جوائن ڪندوَ.“

”بس آپا في الحال تہ پڙهون پيا اڳتي جيڪو نصيب ۾ هوندو.“

شمسہ ۽ گل بانو کي سنڌيا ڏاڍي پسند اچي ٿي سندس ڳالهائڻ جو ڏيمو انداز سندن دل ۾ گهر ڪري وٺي ٿو. گل بانو کي رحمان جو رويو ۽ خوشي پريو. انداز حيران ڪري رهيا آهن. رحمان وڃ وٺي ان صوفي تي اچي ويهي ٿو جتي ٿوري دير پهرين سنڌيا ويٺي هئي. ان وقت ڊور بيل وڄي ٿي ۽ رحمان تڪڙ ۾ اٿي ٻاهر وڃي ٿو ۽ واپس اچي ٻڌائي ٿو تہ سنڌيا جو ياءُ کين وٺڻ آيو آهي. ٻئي اٿي سيڻي کان موڪلائي ٻاهر نڪري وڃن ٿيون. رحمان پنهنجي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو. هو پنهنجي اندر ۾ عجيب طرح جي بيچيني ۽ بيتابي محسوس ڪري رهيو آهي جڻ سندس دل خالي خالي ٿي وئي هجي عجيب نموني جي پريشاني محسوس پيو ڪري. ان حالت ۾ ڪڏهن اٿي ٽهلڻ لڳي ٿو ڪڏهن بيڊ تي ويهي رهي ٿو سگريٽ مٿان سگريٽ دکائي ٿو ٽوٽن سان ايشٽري ڀرجي وڃي ٿي پر سندس بيقراري جيئن پوءِ تيئن سوائي ٿيندي وڃي ٿي. ننڊ جڻ هن کان رسي وئي هجي. پري ڪنهن مسجد مان بانگ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو هو سمهڻ جي ڪري ٿو. شمسہ ۽ گل بانو نماز لاءِ اٿن ٿيون نماز وغيره کان فارغ ٿي شمسہ معمول موجب رحمان جي ڪمري ۾ اچي ٿي، رحمان پيٽ کي ايندو ڏسي بيچيني کي لڪائيندي نارمل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ڪيس ٽڪل ٽڪل ڏسي پڇيس ٿي تہ هو اڄ آفيس نہ ويندو ڇا؟ رحمان

ٻڌائيس ٿو تہ ڪيس رات چڱي طرح ننڊ ناهي آئي ان ڪري اٿڻ تي دل ئي نہ ٿي چوي. شمسہ سندس دل جي حالت کي سمجهي رهي آ پر پوءِ بہ ڪائنس پڇي ٿي تہ ڇا ڪا خاص ڳالهہ آ سندس طبيعت تہ ٺيڪ آ نہ. رحمان بَهانو ڪري ٿو تہ رات هڪ دوست ڏي هليو ويو هو جتي ڪافي دير ٿي وئي. شمسہ سندس بَهاني کي سمجهي وڃي ٿي پر سندس ڳالهہ رڪندي کلي چوي ٿي:

”هاڻي تنهنجي پيرن ۾ رسو وجهبو جيئن گهر ۾ تنهنجي دل لڳي، گهٽئي دوستن سان رات رهاڻيون ڪيئي.“

پيڻ جي مذاق کي سمجهندي کلي چوي ٿو:

”لڳي ٿو توهان سمهڻ نہ ڏيندئو. توهان هلي ناشتو ناهيو مان تيار ٿي اچان ٿو.“

شمسہ مرڪي ٻاهر نڪري وڃي ٿي تہ رحمان بي دلي سان اٿي باٿ روم ڏانهن وڃي ٿو.

رحمان جيڪو سڄي رات بيچيني ۾ تڙپندو ۽ پڇرندو رهيو هو. پنهنجي جلندڙ جسم جي باهہ اجهائڻ لاءِ شاور کي فل کولي ڇڏيو. وهندڙ پاڻي جون ڌارون هن جي ٻاهرين بدن کي تہ سڪون ڏنو پر هن جي اندر جي آتش ويتر ڀڙڪي اٿي. مون کان هي ڇا ٿي ويو. وري اهو سوچي تہ سنڌيا هن جو خط پڙهي شرم وچان ڳاڙهي ٿي وئي هوندي. دل ۾ سيسراٽ پوڻ لڳا. جيئن تيئن ڪري باٿ روم مان ٻاهر نڪري آيو ۽ آئيني جي آڏو ڦٽي ڏيندي جهونگارڻ لڳو:

”يار ڏاڍي عشق آتش لائي اي.“

رابعہ ڪچن ۾ ڪجهہ ڪم پئي ڪيو تہ سنڌيا اتي اچي ڪائنس پڇيو تہ ڪالهہ پارٽي ۾ سندس جيڪو پرس هوءَ ڪٽي وئي هئي اهو ڪاٺي پيو آ ان ۾ منهنجا ٽاپس پيل آهن رابعہ کيس چيو تہ اتي ئي پيو هوندو هن ناهي ڪنيو. سنڌيا پيڻ جي ڪمري مان پرس ڪٽي ٽاپس

ڪيڻ جي ڪري ٿي ته اوچتو سندس نظر هڪ نيري لفافي تي پوي ٿي ٿورو حيران ٿي سوچي ٿي ته:

”آپيءَ جو پرس ته خالي هو جڏهن هوءَ نجمه جي گهر کڻي وئي هئي هينئر آپي ٻڌايو ته ان کان پوءِ هن پرس ناهي ڏنو ته پوءِ هي لفافو پرس ۾ ڪٿان آيو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر ڪيس ڪجه به ياد نه ٿو اچي آخر تجسس کان مجبور ٿي لفافو ٿورو ٻاهر ڪڍي ٿي ته سندس نڪ ۾ پرفيوم جي خوشبوءِ گهڙي وڃي ٿي وڌيڪ حيران ٿئي ٿي. انهي لمحي رحمان جو چهرو سندس اکين آڏو ڦري وڃي ٿو جيڪو صوفي تي پيل پرس جي پرسان ويٺو هو. اهو خيال ايندي ئي سندس چهري جو رنگ اڏامي وڃي ٿو. تڪڙ ۾ پرس مان لفافو ڪڍي رئي جي هيٺان لڪائي حيران پريشان تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي، جلدي جلدي دروازو بند ڪري اچي بيڊ تي ويهي ٻيهر لفافو ڪڍي کولي ٿي خوشبوءَ ۾ ٻڏل هڪ خوبصورت آسماني رنگ جي رائيٽنگ پيڊ جي ڪاغذ تي لکيل خط پيل آهي جيڪو سندس نالي لکيل آهي، خط پڙهڻ لڳي ٿي جيئن جيئن پڙهندي وڃي ٿي سندس چهري جا تاثرات هر لمحي بدلجندا رهن ٿا، ڪڏهن ڪاوڙ ڪڏهن مسڪرائي ٿي ته ڪنهن خاص جملي تي شرمائجي وڃي ٿي. خط پڙهي پورو ڪري ٿي، آخر ۾ نالو پڙهي ٿي.

”توهان جو پنهنجو رحمان.“

هوءَ سوچي ٿي ته رحمان ڪي ايڏي جرئت ڪيئن ٿي جو خط کڻي منهنجي پرس ۾ رکيائين، اهو ته شڪر آ جو آپيءَ پرس کوليو ڪونه، جي هوءَ ڏسي وٺي ها ته منهنجي باري ۾ ڇا سوچي ها. ۽ هو رحمان نجمه جو ماما، هو يا مان هڪ ٻئي کي سڃاڻون ئي ڪيترو ٿا جو هن ايڏي وڏي حرڪت ڪئي، ڇا ڪو شخص بغير ڪنهن جي نيچر کان واقف هجڻ جي ڪنهن جي پرس ۾ ائين خط رکي سگهي ٿو..... پر مون کي هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي، خط جو مضمون بار بار سندس ذهن ۾ ڦرڻ لڳي ٿو. ان عمر ۾ هر ڇوڪري جي زندگي ۾ هڪ وقت اهڙو ايندو آ جڏهن ڪير سندس ٿوري به تعريف ڪري ته سندس دل ۾ ڪتڪتائي ٿيڻ

لڳندي آ. هوءَ چاهيندي آ تہ ڪو ڪيس اهميت ڏئي هن کي پسند ڪري هن جي حسن جي تعريف ڪري ۽ اها خواهش چند روزن لاءِ ناهي هوندي بلڪ ان وهيءَ ۾ ان جي شروعات ٿيندي آ ۽ جيئن جيئن عمر وڌندي ويندي آ تيئن تيئن اها خواهش بہ پروان چڙهندي ويندي آ. سنڌيا تہ ننڍڙي هوندي کان ماءُ جي ممتا کان ان جي محبتن کان محروم رهي هئي جيتوڻيڪ شوڪت علي ماءُ بنجي هنن جي پرورش ڪئي هئي ليڪن ڪٿي نہ ڪٿي ڪا ڪمي رهجي وئي هئي ماءُ جي هنج ۾ لڪي سڏڪا ڀرڻ، دل جون سڀ ڳالهيون اورڻ اهو تہ صرف ماءُ سان ئي ڪري سگهجي ٿو. پيءُ تہ جهنگ جو جهانگي هوندو آ پلا اهي سڀ انگل ان سان ڪيئن سونهن ٿا انهن سڀني محرومين سان گڏ سنڌيا پروان چڙهي هئي ۽ رحمان جي ٿوري تعريف هن جي دل ۾ عجيب احساسات کي جنم ڏنو.... هوءَ بہ پاڻ کي چاهي وڃڻ جي قابل سمجهي رهي هئي، هوءَ سوچڻ لڳي.

”مان تہ هڪ معمولي عام ڇوڪري هئس رحمان مو نکي پيار ڀرين نظرن سان ڏسي خوبصورت بنائي ڇڏيو. جيئن تاج محل هڪ سنگ مرمر جي پٿر جي نهيل عمارت هئي شاهجهان ان کي پيار سان ڏسي خوبصورت بنائي ڇڏيو ۽ اڄ اها عمارت عجائبات ۾ شمار ٿئي ٿي.“

سندس لبن تي بي ساختہ مرڪ ڇانئجي وئي، انهي وقت ٻاهران ڪنهن جي اچڻ جي آواز تي خط وهاڻي جي هيٺان لڪائي ڇڏي ٿي.

رابعہ جي شادي جي تاريخ پڪي ٿي وڃي ٿي تہ کيس ڪيئي طرح جا خيال کيس پريشان ڪرڻ لڳن ٿا. گهر ۾ سڀني کان وڏي هئڻ جي ڪري اڄ تائين گهر جي هر ذميداري سندس ٻلي هئي ماضي جي هر ڳالهہ سندس اکين آڏو ڦري رهي آهي. هوءَ سوچي ٿي تہ امان تہ اسان ننڍڙا هئاسين تہ اسان کي ڇڏي راهِ رباني ورتي، سنڌيا ان وقت صرف ٻن سالن جي هئي مان بہ ڪائنس صرف ست اٺ سال وڏي هئس پر گهر ۾ ٻي ڪا عورت نہ هجڻ ڪري ننڍڙي عمر ۾ ئي گهر جي سموري ذميواري منهنجي مٿان اچي پئي، بابا سائين جي نوڪري

ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي.... رات جو ٻارهين هڪ بجي گهر موٽڻ، شابس آ خالہ زهره کي جنهن پئي اسان جي سار سنڀال لڌي. پنهنجي ننڍڙن ٻارن هوندي بہ آڌي مانجهي جنهن مهل بہ سڏيوسينس، سڏ ۾ سڏ ڏنائين ۽ اج رب جو احسان آ جو ٽڙي ٽاڙي ڪنهن نہ ڪنهن مقام تي اچي پهتا آهيون تہ مون کي گهر ڇڏڻو پيو پوي، سنڌيا جيڪا سڀني کان ننڍڙي هئي امان جي وڃڻ کان پوءِ ماءُ جي ممتا کان محروم رهجي وئي، اج بہ خاموش خاموش بغير ڪنهن سان پنهنجو ڏک سک ونڊڻ جي بس پنهنجي زندگي جئي رهي آهي هڪ مان ئي هوندي هئس جنهن کي سندس ٿورو گهڻو خيال ٿيندو هئو مان بہ هلي ويندس تہ الائي سندس ڪهڙو حال ٿيندو، اهو سوچي رابعہ جي اکين ۾ لڙڪ تري اچن ٿا، انهي وقت سنڌيا سندس ڪمري ۾ اچي ٿي ڀيڻ کي خيالن ۾ گم ڏسي مذاق ڪندي چوي ٿي:

”ڪهڙن خيالن ۾ گم آ منهنجي آپي؟“

جهونگارڻ لڳي ٿي.

”پيا کي گهر جانا هئي.“.......

ڀيڻ کي ائين مذاق ڪندي ڏسي سندس اکين مان لڙڪ لڙي پون ٿا.

”ڇڏ ان مذاق کي سنڌيا، مونکي تہ صرف توهان سڀني جو فڪر آ تون اڪيلي اهو سڀ ڪيئن مينيج ڪندينءَ؟“

سنڌيا جي اندر ۾ ڄڻ ڪجهہ ڀُري پوي ٿو پر ڀيڻ جي دلجوئي خاطر ڪيس آٿت ڏئي ٿي.

”آپي توهان اسان جو فڪر نہ ڪيو مان هاڻي سترهن سالن جي ٿي وئي آهيان، وقت انسان کي سڀ ڪجهہ سيکاري ڇڏيندو آهي........ آپي توهان جيڪو ڪجهہ اسان لاءِ ڪيو ان جو تہ ڪوبہ بدل نہ ٿو ٿي سگهي، پنهنجو ٻاروتڻو قربان ڪري پنهنجن پتڪڙن هٿن سان اسان لاءِ ننڍڙيون ننڍڙيون مانيون پچايون اسان کي پنهنجي ٻنهي پاسي سمهاري لوليون ڏنيون ۽ هاڻي جڏهن توهان کي پنهنجي زندگي جيئڻ جو موقعو مليو آ تہ اسان جو فڪر ڪري پنهنجي ايندڙ

خوشين کي بي قيمت نہ ڪيو. توهان جيڪو ڪجهہ اسان لاءِ ڪيو خدا توهان کي ان جي بدلي ڪوڙ ساريون خوشيون عطا فرمائي.“

رابعہ سندس ڳلن کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي پيار ڀري انداز ۾ چوي ٿي...

”اڄ تہ منهنجي ننڍڙي گڏڙي پيڻ ڏاڍيون وڏيون ڳالهيون پئي ڪري، بس هاڻي مونکي فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.

سنڌيا کيس پيار ڪندي چوي ٿي:

”سو انجواءِ يوئر سيلف.“

رابعہ اٿندي کيس چوي ٿي:

”چڱو منهنجي وڏڙي اٿ تہ هلي رات جي ماني جو ڪو بلو ڪيون احمد بک بک ڪندو ايندو.

رحمان ان ڏينهن کان پوءِ ڪافي پريشان رهڻ لڳو هو سندس دماغ ۾ عجيب خيال گردش پيا ڪن تہ هن سنڌيا جي پرس ۾ ائين خط رکي هڪ نا مناسب حرڪت ڪئي هئي سنڌيا هن جي باري ۾ ڇا سوچيندي هوندي، ڪهڙي راءِ قائم ڪندي، هن کي ايتري جلد بازي نہ ڪرڻ کپندي هئي، سڄو اميج ئي برباد ٿي ويو ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن هن منهنجي خط جو ڪوبہ جواب ناهي ڏنو. جڏهن تہ هن پنهنجي ليٽر ۾ آفيس جي ائڊريس بہ لکي هئي، هو هر روز بيچيني سان سندس جواب جو انتظار ڪندو رهيو. آفيس ٽپال ايندي هئي تہ ان ۾ ڪنهن نئين تحرير کي تلاش ڪندو هو پر هر روز مايوس ٿي ويندو هو سنڌيا سان ملڻ جي ان کي ڏسڻ جي ڏاڍي شديد خواهش هئي. سندس متلاشي نگاهون روز بس اسٽاپ تي کيس ڳولهينديون هيون، پر هن شايد پنهنجي اچڻ وڃڻ جا رستا ئي بدلائي ڇڏيا هئا.

ٻئي طرف سنڌيا بہ خط ملڻ کان پوءِ بيچين هئي، هر روز قلم ڪاغذ کڻي جواب لکڻ جو سوچيندي هئي پر کيس اهو ڪنهن بہ طرح مناسب نہ ٿي لڳو. جيڪڏهن هن رحمان سان راه وڌائي تہ اهو

سندس گهر وارن سان دوکو ٿيندو. بابا سائين ۽ رابعہ آپيءَ منهنجي اهڙي تہ تربيت نہ ڪئي آ جو مان ڪنهن اجنبي شخص جا چند پيار ڀريا ٻول ٻڌي يا پڙهي، سندن عزت کي داءُ تي لڳائي ڇڏيان.“

اهو سوچي سوچي ڪئي ڏينهن گذري ويا بيچيني هئي تہ اها هر ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ وڌندي پئي وئي. آخر ڪيترا ڏينهن سوچ ويچار ڪرڻ ڪانپوءِ آخر ڪانئس رهيو نہ ٿيو ۽ هن بہ اکر لکي ائڊريس ڪري ڪاليج ويندي رستي تي پوسٽ جي دٻي ۾ لفافو پوسٽ ڪري ئي ڇڏيو. پر پوءِ جڏهن هوءَ ڪاليج کان واپس آئي تہ پنهنجي ان حرڪت تي سخت پشيمان هئي، رحمان سندس باري ۾ ڇا سوچيندو. مونکي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو. پر هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي ڏڌو کير ٿڻي تہ ڪونہ پئجي سگهندو نہ. هاڻي تہ جيڪو ٿيو ڏٺو ويندو.

هوڏانهن رحمان معمول موجب ٽپال ڏسي ٿو تہ اچانڪ هڪ لفافي تي نظر پويس ٿي سندس اکيون چمڪي پون ٿيون. لفافي کي ابتو سبتو ڪري ڏسي ٿو ۽ وڏي اشتياق سان لفافو کولي ٿو تہ ان مان هڪ ننڍڙو ڪاغذ نڪري ٿو. رحمان جي چهري تي مايوسي طاري ٿي وڃي ٿي هو هڪ لمبي چوڙي تمهيد جي توقع ڪري رهيو هو پر هي مختصر ڪاغذ جو پرزو تہ عجيب ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو. ان تحرير کي پڙهڻ جي همٿ ئي نہ پئي ٿيس، آخر ڪار دل جهلي ڪاغذ کولي پڙهڻ لڳو.

”ڇا واقعي توهان کي مونسان محبت آهي، تہ پوءِ اربع جي ڏينهن مونسان ڪاليج جي سامهون واري پارڪ ۾ يارهين بجي بريڪ ٽائيم ۾ ملو.“

اهو مختصر پيغام پڙهي رحمان جي چهري تي خوشي جا تاثرات ڇانئجي وڃن ٿا. سوچي ٿو تہ اڄ اربع جو ئي ڏينهن آهي، گهڙي ڏسي ٿو ۽ اٿي آفيس کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

هوڏانهن گلبانو پريشان ويٺي آهي تہ شمسہ اڄي پر ۾ ويهيس ٿي ۽ ماءُ کان ائين ويڳاڻپ جو سبب پڇي ٿي، ماڻس ٻڌائيس ٿي.

”شمسہ الائي ڇو رحمان ڪجهہ ڏينهن کان عجيب اڻ تڻ ۾ پيو لڳي.“

”امان هوندس ڪو مسئلو... مرد آهن، ٻاهرين دنيا ۾ رهن ٿا سوين ڪم ڪاريون اٿن.“

”ڏسين نہ ٿي جڏهن کان ٻاهران آيو آ، سندس عادتون ئي عجيب ٿي ويون آهن، رات جو دير سان گهر اچڻ، هر وقت چڙچڙو رهڻ، اهڙو تہ ڪونہ هو منهنجو ٻچڙو.“

”امان...توهان بہ هرويرو پريشان پيا ٿيو مونکي تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪون ٿي نظر اچي هو بلڪل نارمل آ.“

”بس جيجل توهان جي بابا جي وڃڻ ڪانپوءِ اهو ئي آسرو وڃي بچيو آ، ڪير آ اسان جو الله ۽ رحمان کان سواءِ تون بہ ڀري جواني ۾ بيوه ٿي وئينءَ، نجمہ جو سهارو نہ هجيئي ها تہ الائي تنهنجا ڪهڙا حال ٿين ها.“

شمسہ اداس ٿي وڃي ٿي تہ سليم جي حادثي ۾ فوت ٿي وڃڻ کان پوءِ سندس تہ دنيا ئي لٽجي وئي، ڇڻ تہ هن کان دنيا جي هر خوشي کسجي وئي هجي، زندگي جهنم بڻجي وڃي ها اگر ننڍڙي نجمہ نہ هجي ها. هن وٽ جيئڻ جو ڪو مقصد ئي نہ رهي ها. اهو بہ رب جو احسان مئٽرڪ تائين تعليم هئي جو نوڪري ڪري پاڻ بہ وندرايائين ۽ نجمہ جي پرورش جو بلو بہ ٿي ويو.

گلبانو ڪيس سوچن ۾ ائين گم ڏسي.

”وري ڪهڙين سوچن ۾ گم ٿي وئينءَ؟ الله جو شڪر آ ٽڙي ٽاڀڙي وڃي هٽي هنڌ ڪيوسين اڳتي بہ ان کي پارت آ.. هاڻي اٿي ماني ڪنيءَ جي ڪر، رحمان آيو تہ تڪڙ ڪندو.“

شمسہ اٿي ڪچن ڏي وڃي ٿي.

سنڌيا ۽ سنيتا ڪاليج جي لان ۾ بريڪ ٽائيم ۾ ڇولا پيون کائن، سنڌيا بار بار گهڙي ۾ ٽائيم ڏسي ٿي، سنيتا کي ڇوي نہ ڇوي، جي ڪشمڪش کيس بيچين ڪري رهي آهي. سنيتا سندس ان ڪيفيت کي محسوس ڪندي، رهي نہ سگهي،

”ڇا ڳالهہ آ جو گهڙي گهڙي ٽائيم پئي ڏسين اڄ تہ لاسٽ بہ پيرڊ فري آهن ميڊم رضوانہ ۽ فريده موڪل تي آهن.“

”ان ڪري ٿي.... دراصل.... دراصل.... مونکي ڪنهن ضروري ڪم سان ڪيڏانهن وڃڻو آ.“

”نہ سنڌيا نہ... ڪاليج ٽائيم تي ڪيڏانهن وڃڻ مناسب ناهي ڪنهن ڏسي ورتو تہ خواه مخواه جي خواري ٿيندي.... پر اهڙو ڪهڙو ضروري ڪم آ...“

”ڏس پليز سنيتا تون خيال ڪجانءِ مان اڄهو اڌ ڪلاڪ ۾ واپس ٿي اچان، واپس اچي سڀ ڪجهہ ٻڌايان ٿي.“

سنيتا گهڻو ڪجهہ سمجهي وڃي ٿي ڪيس وري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر سنڌيا جي ايلاز ڪرڻ تي.

”سنڌيا خيال ڪجانءِ متان ڪنهن مصيبت ۾ نہ پئجي وڃون، توکي خبر آ نہ وڏي ميڊم ڪيڏي سخت آ ان معاملي ۾....“

”ڏس سنيتا لاسٽ بہ پيرڊ فري آهن ۽ سيني کي خبر آ تہ اسان جي روٽ بس موڪل ٽائيم تي ملندي، جي ڪير پڇي تہ چئجانءِ تہ لئبرري مان بوڪس ايشو ڪرائڻ وئي آ.“

سنيتا اهو ٻڌي بيوس ٿي وڃي ٿي، هوءَ پنهنجي سهيلي جي بيتابي کي محسوس ڪري وٺي ٿي،

”ٺيڪ آ جيئن تنهنجي مرضي، پر ڏس خيال ڪجانءِ گهڻي دير نہ ٿي وڃي مان ڪامن روم ۾ وڃي ڪجهہ نوٽس ٿي ناهيان.“

سنڌيا جلدي جلدي اتي ٻاهر هلي وڃي ٿي.

هوڏانهن ڪاليج جي ڀرسان پبلڪ پارڪ ۾ رحمان هڪ بينچ تي ويٺو آهي بيچيني سان سنڌيا جو انتظار ڪري رهيو آهي، بار بار ٽائيم ڏسي ٿو ڪڏهن اٿي واڪ ڪرڻ لڳي ٿو وري اچي بينچ تي ويهي ٿو ڏينهن جي وقت پارڪ ۾ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو هتي هُتي موجود آهن، واچ ۾ ٽائيم ڏسي ڀڻڪندي چوي ٿو:

”سنڌيا تہ يارهين بجي اچڻ جو لکيو هو تہ ان وقت ڪاليج ۾ بريڪ هوندي آ، پر هينئرتہ ٻارهن پيا ٿين، اڃان نہ آئي آهي، ٿي

سگهي ٿو تہ ڪيس ڪاليج مان نڪرڻ جو موقعو ئي نہ مليو هجي.... ڪجهہ دير پيو انتظار ڪيان ٿو متان موڪل جي وقت اچي.... سندس اکيون پارڪ جي گيٽ ۾ ڪتل آهن. انهي مهل سنڌيا تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي گيٽ ۾ داخل ٿئي ٿي سندس چهري تي خوف طاري آهي اندر ايندي ئي خوفزده هرڻي جيان هيڏانهن هوڏانهن نهاري رحمان کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي انهي وقت سندس نگاهہ رحمان تي پئجي وڃي ٿي رستو مٽائي اوڏانهن وڌي وڃي ٿي هن جي چهري تي خوف، تجسس ۽ خوشي جا گاڏڙ ساڏڙ تاثرات آهن. رحمان بہ جيئن ئي ڪيس ڏسي ٿو بيتابي سان ان جا قدم اوڏانهن وڌن ٿا، ٻئي جڏهن هڪ ٻئي جي ويجهو اچن ٿا تہ ٻنهي جي چهرن تي عجيب ڪيفيت آهي سنڌيا جي لاءِ اهو زندگي جو انوکو تجربو آهي. رحمان بيقراريءَ مان پڇي ٿو...

”چو ايڏي دير ٿي وئي يارهن بجي جو چيو هيو؟“

سنڌيا شرمائيندي مختصر جواب ڏئي ٿي،

”بس ٿي وئي.“

رحمان هن کي ساڻ وٺي هڪ ڪنڊ واري بينچ تي اچي ويهي ٿو سنڌيا ٻنل ٻنل هن کان ٿورو پرڀرو ٿي ويهي ٿي، رحمان سندس ان ڪيفيت کان لطف اندوز ٿي رهيو آهي. ان وقت هوءَ کيس دنيا جي حسين ترين ڇوڪري لڳي رهي آهي، سندس اکين ۾ عجيب بيتابي آهي هو آهستہ آهستہ سندس هٿ جهلڻ جي ڪري ٿو پر سنڌيا نرمي جي انداز ۾ سندس هٿ پري ڪري ڇڏي ٿي ۽ سرڪي پري هٽي ويهي ٿي رحمان کي سندس اها ادا ڏاڍي وڻي ٿي، ٿورو ترسي رحمان ساڻس ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو.

”توهان منهنجي خط جو جواب نہ ڏنو.“

”ڏنو تہ هوم.“

مختصراً جواب ڏئي ٿي.

”محبت جي خطن جو ايترو مختصر جواب ڏبو آ؟“

هو مسڪرائي چوي ٿو.

( شرمائيندي)" مونکي خبر ناهي."
"تہ پوءِ ڇا خبر آ جنابِ من کي."
سنڌيا شرمائي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏي ٿي.
"توهان پنهنجي خط ۾ لکيو هو تہ توهان واقعي مونسان محبت ڪيو ٿا.... تہ جنابِ من ان جو جواب هي آهي تہ:
"انڌو چاهي هڪڙي اک، مون کي تہ ٻئي اکيون ملي ويون آهن."
توهان سمجهي نہ ٿا سگهو.....توهان کي هتي پاڻ سان گڏ ڏسي منهنجي اندر جي ڇا ڪيفيت آهي مان لفظن ۾ پنهنجي خوشي کي بيان نہ ٿو ڪري سگهان. ٻئي بينچ تان اٿي ٽهلڻ لڳن ٿا، ڳالهيون ڪندي ڪين وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ ٿو ٿئي، اچانڪ سنڌيا کي احساس ٿئي ٿو تہ گهڻي دير ٿي وئي آ، گهڙي ڏسي گهٻرائجي چوي ٿي:
"اوهو ... ڏيڊ ٿي ويو سنيتا سخت پريشان هوندي، موڪل جو ٽائيم ڪڏهو ڪو ٿي ويو آ، هاڻي مونکي هلڻ کپي."
رحمان جي دل تہ نہ ٿي چاهي تہ سنڌيا ايترو جلدي هلي وڃي پر هو سنڌس مجبوري سمجهي ٿو ۽ کيس اهو چئي خداحافظ چوي ٿو تہ کيس بہ نجمہ کي وٺڻو آهي. ٻئي گيٽ تائين گڏ گڏ وڃن ٿا پوءِ سنڌيا تڪڙا قدم کڻندي ڪاليج ڏي وڃي ٿي رحمان سرشاري سان کيس ويندو ڏسي ٿو.
ڪاليج جي گيٽ تي پهچي ٿي تہ ڇوڪريون ڪي پنڌ ڪي سوارين ۾ گهرن ڏانهن روانيون ٿي رهيون آهن. سنيتا حيران پريشان گيٽ جي پرسان بيٺي آهي ڪيس ڊپ آهي تہ جي ميڊم سنڌيا کي ٻاهران ايندي ڏٺو تہ ڏاڍي بيعزتي ٿيندي، سنڌس اچڻ جو آسرو نہ ڏسي گيٽ کان ٻاهر نڪري وڃي ٿي تہ سامهون سنڌيا تڪڙي تڪڙي سنڌس ڏي وڃي ٿي سنڌس چهري تي خوشي ۽ سرشاري جا تاثرات صاف نظر پيا اچن پر سنيتا سخت ڪاوڙ ۾ آهي ان ڪري کيس ڏنوائڻ ڏنو ڪري اڳتي وڌندي پئي وڃي سنڌيا ساڻس گڏ هلڻ لڳي ٿي، "سوري سنيتا اچڻ ۾ دير ٿي وئي."
سنيتا ڪاوڙ مان چويس ٿي:

”بس سنڌيا آئينده ڪڏهن به اهڙي غلطي نه ڪجانءِ نه ته ميڊم توسان گڏ مونکي به ڪڍندي ڪاليج مان.“

سنڌيا ٻيهر ڪيس سوري چوي ٿي ۽ آئينده اهڙي غلطي نه ڪرڻ جو وعدو ڪري ٿي، تڏهن وڃي سنيتا جو موڊ ڪجهه درست ٿئي ٿو. نه تجسس مان پڇيس ٿي،

”پر هاڻي نه ٻڌاءِ نه محترمه وئي ڪيڏانهن هئي؟ هن ڪان پهرين نه تو ڪڏهن به ائين ناهي ڪيو...“

سنڌيا عجيب ٻڌ تر ۾ پئجي وڃي ٿي سوچي ٿي نه:

”سنيتا هنجي نڊيڙڻ جي سهيلي آهي هن ڪان ڪجهه لڪائڻ مناسب ناهي.“ ٿورو شرمائيندي ڪيس ٻڌائي ٿي،

”هو رحمان آ نه، نجمه جو ماما....“

”ڇا ٿيو نجمه جي ماما کي....“

سنيتا جو تجسس وڌي وڃي ٿو،

”در اصل.... ان مونکي خط لکيو هو......“

”خط لکيو هو....! نه نوبت ايستائين پهچي وئي آ. ٿورو ترسي، پر تون هينئر ڪيڏانهن وئي هئينءَ.“

”رحمان مونکي پير واري پارڪ ۾ ملڻ لاءِ سڏيو هو.“

سنيتا سنڌيا جي همت تي حيران ٿي وڃي ٿي سنڌيا جيڪا ايڏي ڊڄڻي آ جيڪا اڪيلي هڪ قدم به ٻاهر نه ويندي آ، محبت هن ۾ ايتري جرئت پيدا ڪئي جو اڪيلي هڪ اڻ ڄاڻ، غير مرد تي اعتبار ڪري ان سان پارڪ ۾ ملڻ هلي وئي، ..... سنڌيا سنيتا جي قائم ڪيل راءِ کان بيخبر خرامان خرامان بس اسٽاپ ڏانهن هلندي پئي وئي رکي رکي رحمان جون ڳالهيون سندس چهري تي مرڪ آڻي رهيون هيون سنيتا خاموش نظرن سان سندس منهن جا بدلجندڙ رنگ ڏسي دل ئي دل ۾ حيران پئي ٿي.

رابعہ جي شادي جا ڏينهن جيئن جيئن ويجها پوندا پيا وڃن شوڪت علي جي اداسي وڌندي پئي وڃي. هو پنهنجي ڪمري ۾ سوچن ۾ گم ليٽيو پيو آهي تہ رابعہ چانهہ کڻي سندس ڪمري ۾ اچي ٿي،

”بابا خير تہ آهي بي وقتو ليٽيا پيا آهيو، نرڙ تي هٿ رکي، طبيعت تہ ٺيڪ آ نہ، مون سلائي پئي ڪئي سوچيم توهان سان هڪ ڪوپ چانهہ وجي پيان.“

”بس امان.... اڄ توهان جي ماءُ حيات هجي ها تہ اهو سڀ ڪجهہ توکي نہ ڪرڻو پوي ها، اهو بہ الله جو ڪرم آهي جو بي ماءُ جي نياڻين کي همت ڏنائين جو ماءُ جي بغير بہ سگهڙ سياڻيون ٿي ويئو اڄ سلائي ڪڙهائي، رڌ پچاءُ هر ڪم ۾ توهان جو ڪو مٽ ثاني ڪونهي.“

”بابا اهي سڀ توهان جون مهربانيون آهن، جي توهان بہ ٻين مردن وانگر اسان جو خيال نہ ڪندي ٻي شادي ڪري پنهنجو گهر وجي وسايو ها تہ اسان جو چا ٿئي ها، ان وقت توهان جي عمر مشڪل سان اٺاويهہ ٽيهہ ورهيہ هوندي جڏهن اميءَ اسان کي ڇڏي راهِ رباني تي هئي.“

”توهان جي ماءُ سان مون واعدو ڪيو هو تہ سندس ٻارن کي ڪڏهن بہ ڪا تڪليف اچڻ نہ ڏيندس. اها ٻي ڳالهہ آ تہ مان ڪوشش باوجود توهان کي ماءُ جي ممتا ڏئي نہ سگهيس. سنڌيا جڏهن ننڍڙي هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪُتي جي ڀونڪڻ جو آواز ٻڌندي هئي يا ڪو وڏو آواز تہ هيسجي ويندي هئي ۽ امي، امي ڪري روئڻ لڳندي هئي ۽ مان پنهنجي مردانہ سخت گير ۽ رزرو طبيعت جي ڪري ڪيس هنج ۾ لڪائي ڀڄ لاهي نہ سگهندو هيس، ان ڪري سندس اندر ۾ خوف ۽ احساسِ محرومي پاڙئون پختو ٿيندو ويو. اڄ بہ ننڍي ننڍي ڳالهہ تي ڊڄي سهمجي وڃي ٿي. هن ۾ خود اعتمادي جو فقدان آهي، هوءَ پنهنجي ڪنهن حق لاءِ بہ ويڙهہ نہ ٿي ڪري سگهي.“

”بابا سچ ٿا چئو مونکي بہ ايڏي سمجھہ ڪونہ هئي جو هن جي ان ڪيفيت کي سمجهي سگهان هان، ان ڪري اڄ بہ هوءَ جيڪڏهن ڪنهن پرابلم ۾ هوندي آهي تہ ڪنهن سان بہ شيئر ناهي ڪندي. مونکي انجو ئي خيال ٿو ٿئي تہ منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ هوءَ پاڻ کي وڌيڪ تنها محسوس ڪندي.“

”بس پٽ هر ڇوڪري کي هڪ نہ هڪ ڏينهن اباڻو گهر ڇڏي نوان ڪک وسائڻا پوندا آهن اها ئي ريت آ، الله چڱي ڪندو.“

رابعہ اداس ٿي وڃي ٿي.

سنڌيا ۽ رحمان لِڪ چوري ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪاٿي ملندا رهن ٿا ٻئي تمام گهڻا خوش آهن. ان ڏينهن بہ جڏهن آسمان تي گهاٽا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا سنڌيا هڪ سهيلي جي گهر جو بهانو ڪري رحمان سان گڏ سمنڊ ڪناري گهمڻ لاءِ آئي هئي، سمنڊ جون لهرون هوا جي زور تي تمام بلندي تي وڃي رهيون هيون، هوا تمام تيز هئي جيڪا ٽڪرين سان ٽڪرائجي عجيب آواز پيدا ڪري رهي هئي، اهي آواز ۽ بادلن جي ڪاراڻ ڏسي سنڌيا دل ئي دل ۾ ڊڄي رهي هئي.

آخر هن کان رهيو نہ ٿيو.

”لڳي ٿو تہ برسات اچڻ واري آ هاڻي هلڻ گهرجي.“

رحمان هن جي دل جي حالت کي محسوس ڪندي کيس چيڙائيندي چوڻ لڳو ”تون ايتري تہ ڊڄڻي آهين جو هن دنيا ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندين ، شايد محبت بہ نہ.“

”اهڙي ڳالهہ ناهي نہ مان ڊڄڻي آهيان نہ وري محبت ڪرڻ ڪو رستمن جو ڪم آ.“ هوءَ مصنوعي ڪاوڙمان چوڻ لڳي.

رحمان کي سندس ان ڳالهہ تي کل اچي وڃي ٿي وري بہ کيس وڌيڪ تنگ ڪرڻ لاءِ چيڙڻ لڳو.

”توکي ڪڏهن نہ ڪڏهن اهو مڃڻو پوندو تہ محبت ڪرڻ وڏي دليري جو ڪم آهي.“

انهي وقت زوردار گجگوڙ ٿئي ٿي ته سنڌيا اٿي کڙي ٿئي ٿي.

”هاڻي هتي وڌيڪ ترسڻ مناسب ناهي، هلو هاڻي.“

رحمان کيس وڌيڪ پريشان ڪرڻ نه ٿو چاهي سندس هٿ پڪڙي اٿي ٿو ۽ ٻئي اچي گاڏي ۾ ويهن ٿا. ٻئي طرف گلبانو رحمان جي ڪمري مان سندس ميرا ڪپڙا ڪڍي ٻاهر اچي ٿي سندس منهن تي پيار گاڏڙ ڪاوڙ آهي.

”هن ڇوڪري به ڏاڍو بيزار ڪيو آ. ڪو ڪپڙو ڪاٿي ٿو اڇلائي ته ڪو ڪاٿي، بوٽ ڏسو ته هُت پيا اٿس جوراب آهن ته پلنگ جي سيراندي کان پيا اٿس ڪو ته ڍنگ هوندو آ رهڻ جو.“

شمسه ماءُ جي ان پيار ڀري اندازِ ناراضگي تي کلي ڏئي ٿي.

”امان هاڻي ته ٽيهن سالن جو به ٿي ويو ڇو نه ٿي شادي لاءِ زور ڀرينس“

”مائي ڇا ڪيان ڪيترا ڀيرا ڳالهه ڇوري ٿمانس ان ڏينهن چيائين به ته پنهنجي پسند ٻڌائيندو،لائي من ۾ ڇا اٿس هر دفعي ٽارائي ٿو وڃي اڄ اچي ته تون ئي ڳالهه ڪري ڏسينس.“

نجمه خاموشي سان سندن بحث ٻڌي پئي، مامي جي سنڌيا ۾ دلچسپي جي ٿوري گهڻي ڪٽڪ اٿس. کلي چوي ٿي:

”هاڻي ڇڏيو ان بحث کي هلي چانهه پيو. ماما به اهڙي خوبصورت موسم الائي ڪنهن سان پيو انجواءِ ڪري، اسان کي ته ڪڏهن به ڪيڏانهن ناهي وٺي ويندو اهو ڪم توهان مونتي ڇڏي ڏيو ڏسو مان ڪيئن ٿي مڃرايانس.“

شمسه کلندي.

”بس امان.... اسان جي دادي امان جو ويٺي آ گهر ۾، مامي جي لاڏلي جو آ. جيڪو ڪم اسان کان ناهي ٿيو اهو هيءَ ڪندي.“

ان وقت رحمان گاڏي جون چاٻيون آڱر ۾ گهمائيندو سيٽي واري آواز ۾ جهونگاريندو اندر اچي ٿو.

” ڇا ٿيو آ ماما جي لاڏلي کي.

”منهنجا پيارا پيارا ماما سائين، امي ۽ ناني چون پيون تہ توهان ڏاڍا لاپرواهہ ٿي ويا آهيو ان ڪري توهان کي قيد ڪرڻ جون سازشون پيون ٿين.“

رحمان سمجهي ويجي ٿو تہ ڪهڙي سازش جي ڳالهہ پئي ٿئي دل ۾ خوش ٿيندي ليڪن متاچرو نتائڙ جو انداز اختيار ڪندي چوڻ لڳو.

”امان کي تہ منهنجي آزادي ڪڏهن بہ ناهي وڻي، جيڪڏهن امان جي انهي ۾ خوشي آ تہ مان آزاد نہ رهان تہ هي ونو منهنجا هٿ حاضر آهن پارايو هٿ ڪڙيون.“

شمسہ ۽ گلبانو کي اميد نہ هئي تہ ايڏو سؤلائيءَ سان راضي ٿي ويندو بئي حيرت ۽ خوشي مان هڪ ٻئي کي ڏسن ٿيون ۽ جلدي جلدي چون ٿيون متان وري نہ ڦري وڃي،

”تہ پوءِ ڳولهيون نہ قيد ڪرڻ واري.“

رحمان خيالن ۾ گم ٿي وڃي ٿو سندس تصور ۾ سنڌيا جو خوبصورت ۽ معصوم چهرو اچي وڃي ٿو. اکين آڏو اهي سڀ منظر فلم جيان ڦرڻ لڳن ٿا جنهن ۾ هو ۽ سنڌيا ڪڏهن پارڪ ۾ ڪڏهن ڪنهن ڪولڊ ڪارنر تي آئيسڪريم کائيندي تہ ڪڏهن سمنڊ ڪناري ٿڌي ٿڌي واري تي گهمندي، سنڌيا شرمايل شرمايل، گهبرايل سندس آڏو اکيون جهڪايو هلڪڙي آواز ۾ ڳالهيون ڪري رهي آهي. نجمہ مامي کي ائين تصورات ۾ گم ڏسي پاڻ ئي سندس مشڪل آسان ڪري ٿي.

”ناني امان ماما لاءِ ڪنوار مان پسند ڪنديس، شرير نگاهن سان ڏسندي، بلڪ مون پسند بہ ڪري ڇڏي آهي، مامي تي هڪ سرسري نگاهہ وجهندي، ٺيڪ آ نہ ماما سائين...! منهنجي پسند تي ڪو اعتراض تہ ڪونهي نہ...؟“

شمسہ چڙ مان،

”ٻجهارتن ۾ ڇو پئي ڳالهائين، سڌي ڳالهہ ٻڌائين ڇونہ ٿي.“

مامي ڏي ڏسندي،

”امي هوءَ سنڌيا آهي نہ... منهنجي دوست، توهان کي ڪيئن ٿي لڳي.“

اهو ٻڌي رحمان جو چهرو خوشي وچان ٻهڪڻ لڳي ٿو، حيران ٿي وڃي ٿو تہ ننڍڙي پاٽج ايڏي وڏي ڪيئن ٿي وئي جو سندس دل جي ڳالهہ پرکي ورتائين گلبانو ۽ شمسہ اهو ٻڌي حيران ٿي وڃن ٿيون، ٻئي هڪ آواز ٿي چون ٿيون، ”سنڌيا...يا ....يا.....“

شمسہ کان رهيو نہ ٿو ٿئي،

”پر سنڌيا تہ رحمان کان کوڙ ساري ننڍي آ، ۽ اجان انٽر ۾ پئي پڙهي، ڪاٿي رحمان ڪاٿي سنڌيا.“

”ليڪن امي سنڌيا مونکي ماما لاءِ تمام گهڻي پسند آ،.... ڪيئن ماما ...“

رحمان کلي چوي ٿو،

”تہ چئبو تہ منهنجي لاڏلي نجمہ گهڻي سمجهدار ٿي وئي آ، پلا مان پنهنجي نجمہ جي پسند کي نا پسند ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهان ٿو.“

شمسہ ۽ گلبانو سمجهي وڃن ٿيون تہ رحمان سنڌيا کي پسند ڪري ٿو سنڌيا تہ هنن ٻنهي کي بہ وڻندي آهي پر هنن ڪڏهن بہ ان جي باري ۾ اهو نہ سوچيو هو. رحمان جي خوشي کي ڏسندي شمسہ چوي ٿي:

”تہ پوءِ مان صبحاڻي ئي ٿي سندن گهر جو چڪر هڻان.“

”امي مان بہ هلنديس“

رحمان دل ۾ تہ خوش پئي ٿيو، پر بظاهر پنهنجي خوشي کي لڪائيندي،

”چڱو پوءِ پيا پروگرام ٺاهجو في الحال تہ ڪو چانهہ ناشتو ڪرايو پيٽ ۾ ڪُئا پيا ڊوڙن، يا صرف شاديءَ جي ڳالهين سان پيٽ پرجي.“

شمسہ ۽ نجمہ خوش ٿي اٿن ٿيون. ٻئي ڏينهن جڏهن نجمہ جلدي جلدي چانهہ پي رهي هئي تہ شمسہ کيس چوڻ لڳي تہ هوءَ اسڪول نہ

وجي چو تہ ڪين ڪنهن سان ملڻ وڃڻو آهي نجمہ سمجهي وجي ٿي پر اڻ ڄاڻ بنجي پڇي ٿي تہ ڪيڏانهن وڃڻو آ جو هوءَ اسڪول جي ڇٽي ڪري، شمسہ ٻڌائي ٿي تہ سنيتا چيو پئي تہ سنڌيا جي پيڻ رابعہ جي اڄ ڪلهہ شادي جي تياري پئي هلي ان ڪري هن اسڪول کان ڇٽي ڪئي آ، ”مان سوچان پئي تہ بهاني سان ساڻس ملي اچجي.“

ڳالهين ڪندي رحمان بہ اچي ٿو. نجمہ کي تيار نہ ٿيل ڏسي پڇيس ٿو تہ نجمہ کيس ڇيڙيندي چوي ٿي:

”ماما سائين اڄ مابدولت ڇٽي ڪئي آ، چو تہ اسان جي سواري ڪنهن خاص جاءِ ڏانهن وڃڻ واري آ.“

”صبح مردان سان ڪيڏانهن جي تياري آ جو اسڪول کان موڪل پئي ٿئي.“

”سمجهي وجو تہ هٽ ڪڙيون خريد ڪرڻ پيا وڃون.“

”پوءِ تہ مان بہ ڪيان ٿو آفيس جي ڇٽي.“ رحمان کلندي چوي ٿو.

”توهان...! نہ بابا نہ، هي لندن ناهي هتي صرف اسان کي وڃڻ جي اجازت آهي، توهان خيرا“ سان آفيس وڃڻ جي تياري وٺو.“

”پر توهان کي سواريءَ جي تہ ضرورت پوندي نہ....؟

شمسہ پاڻ جي بيتابي کي ڏسي کلي ٿي.

”ايتري بي صبري ٺيڪ ناهي تون وڃ آفيس، اسان ٽيڪسيءَ ۾ هليا ويندا سين.“

”نيڪي جو تہ زمانو ئي ناهي، ٺيڪ آ نہ ٿا هلو منهنجي شاهي سواري ۾ تہ مان هلان ٿو آفيس.“

رحمان آفيس لاءِ نڪري وڃي ٿو شمسہ کلندي چوي ٿي تہ ڪيتري عرصي کان پوءِ رحمان ايڏو خوش نظر پئي آيو. خدا اسان جي گهر ۾ بيهر خوشين جو سبب پيدا ڪيو آ شال اهي خوشيون سدا قائم رهن. ٿوري دير کانپوءِ ٻئي تيار ٿي ٻاهر نڪرن ٿيون. گلبانوءَ جي پڇڻ تي کيس ٻڌائن ٿيون، اهو ٻُڌي گلبانو خوش ٿئي ٿي.

”امان في الحال تہ گهمڻ جي خيال سان سنڌيا جي گهر وڃون پيا، هڪدم رشتي جي ڳالهہ ڪرڻ مناسب ناهي، نجمہ کي بہ ان ڪري

چٽي ڪرائي اٿم تہ هوءَ رابعہ جي اسٽوڊنٽ رهي آ ۽ منهنجي هن سان پهرين ڪا ڄاڻ سڃاڻ تہ آهي ڪونہ. ائين ڪيئن هلي وڃان.“

”تو بلڪل سهي سوچيو آ، تہ پوءِ جلدي نڪري وڃو ڏينهن ٿو تپي.“

ٻئي ٻاهر نڪري وڃن ٿيون.

ٻئي طرف رحمان ۽ سنڌيا هڪ پارڪ جي هڪ پرسڪون ڪنڊ ۾ هڪ بينچ تي رازو نياز ونڊڻ ۾ مصروف آهن، رحمان سندس اکين ۾ نهاري پيار پرئي انداز ۾ چوي ٿو:

”ڇا ڳالهہ آ سائين ايتري دير کان ڳالهايان پيو پر تون الائي ڪهڙي دنيا ۾ گم آهين.“

”اهڙي تہ ڳالهہ ڪانهي... توهان ڳالهايو پيا مان ٻڌان پئي...... دراصل... دراصل....“

”ها، ها، سنڌيا ڇئو.... تون ڪجهہ چوڻ پئي چاهين، ڪنهن شئي جي ضرورت آ ڇا....“

”نہ، نہ، اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ناهي...“

تہ پوءِ ڇا ڳالهہ آ “

”هو دراصل...“

”ڇا دراصل.... ڇئو نہ.“

سنڌيا جيڪا هميشہ کان گهٽ ڳالهائيندي آ، ڪيس سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هوءَ اها ڳالهہ ڪيئن چوي، آخر همت ڪندي چوي ٿي،

”دراصل منهنجا انٽر جا اگزيمس ٿيڻ وارا آهن....“

”ها تہ پوءِ.....“

سنڌيا چوندي چوندي شرمائجي وڃي ٿي ۽ رحمان کي سنڌيا جي ان ادا تي پيار اچي وڃي ٿو

”ها تہ پوءِ....“

” توهان آنٽي وارن کي اسان جي گهر موڪليو نہ..... آپي رابعہ جي بہ شادي ٿي ويندي پوءِ ڪنهن وٽ ايندا.“

”بس! ايتري ڳالهہ جي ايڏي تمهيد،

سنڌيا شرمائجي وڃي ٿي.

”تون فڪر ئي نہ ڪر هو جلد ئي توهان جي گهر ايندي, امان ۽ آپا توکي تمام گهڻو پسند ڪنديون آهن. بلڪ امان تہ توسان ڏاڍو پيار ڪري ٿي.“

سنڌيا ٿورو شرمائيندي,

”۽ توهان.....؟

رحمان شرارت مان چوي ٿو:

”مان نہ, مان تہ بلڪل بہ نہ.“

سنڌيا مصنوعي ناراضگي سان

”توهان هرويرو چو ستائيندا آهيو.“

”اڙي, اڙي تون تہ ناراض ٿي وئينءَ بس جلد, شهزادي صاحبہ اسان جي دلين سان گڏ گهر تي بہ راڄ ڪرڻ واري آ.“

اهو ٻڌي سنڌيا جو چهرو شرم وچان ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو. گهڙي کي ڏسندي, ”هاڻي هلڻ گهرجي, تمام گهڻي دير ٿي وئي آ.“

”ٺيڪ آ هلو تہ هلون ٿا,“

ٻئي اٿي پارڪ کان ٻاهر نڪري وڃن ٿا.

شمسہ ۽ نجمہ ٽيڪسي مان لهي رابعہ جي فليٽ تي اچن ٿيون رابعہ گهر ۾ داخل ٿيندڙ ٻنهي عورتن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي نجمہ کي سڃاڻي وٺي ٿي, جيڪا سندس اسڪول ۾ پڙهندي هئي,

”تون نجمہ آهين نہ“

”جي ميم, ۽ هي منهنجي امي آهي,“

رابعہ شمسہ سان ملي ٿي, نجمہ هٿ ۾ ڪنيل شاپر ڪيس ڏيندي چوي ٿي.

”ميم هي ڪيڪ توهان لاءِ آهي.“

”هن جي تڪليف چو ڪيو اچو اچو اندر اچو.“

رابعہ انهن کي وٺي اندر اچي ٿي, شمسہ کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڳالهہ کي اڳتي ڪيئن وڌائجي, آخر سوچي سمجهي چوي ٿي تہ:

”ڪيترن ڏينهن کان نجمہ پئي چيو تہ امي سنڌيا اسان جي گهر ڪوڙ دفعا آئي آهي اسان کي بہ ڪڏهن ان جي گهر ساڻس ملڻ لاءِ هلڻ گهرجي، پر ڇا ڪجي مصروفيت ايتري آ جو چاهڻ جي باوجود نڪرڻ جو موقعو نہ پئي مليو اڄ گهر لاءِ ڪجھہ سامان وٺڻو هو هتان گذرياسين تہ نجمہ ٻڌايو تہ هي سنڌيا جو گهر آهي، هلو تہ ٿوري دير لاءِ ملندا هلون.“

نجمہ رابعہ کان پڇي ٿي:

”توهان شايد اڄ ڪلهہ اسڪول ڪونہ پيا وڃو سنيتا ٻڌايو پئي تہ توهان جي ميريج آ ان جي تياري پيا ڪيو.“

”ها ان ڪري ئي موڪل ورتم گهر ۾ پيو ڪو وڏو آهي ڪونہ سڄي تياري پاڻ کي ڪرڻي ٿي پوي.“

اهو ٻڌي شمسہ افسوس جي انداز ۾ چوڻ لڳي،

”ها سنڌيا ٻڌايو هو تہ توهان جي والده ٻچپن ۾ ئي فوت ٿي وئي هئي ۽ توهان ئي ڪانئس وڏي هئڻ ڪري ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ جي پرورش ڪئي آ، سچ پڇو تہ سنڌيا ڏاڍي پياري ۽ سلڇڻي ڇوڪري آهي.“

رابعہ ڀيڻ جي تعريف ٻڌي خوش ٿئي،

”ها منهنجي ڀيڻ مونکي ٻارن جيان پياري آ، مان صرف ائن سالن جي هيس ۽ سنڌيا تہ اڃان ٻانبڙا پائڻ مس شروع ڪيا هئا تہ امي اسان کي ڇڏي وئي، بابا، مون ۽ پاڙي واري خالہ زهره ڪيس پالي وڏو ڪيو.“

شمسہ پڇي ٿي:

”ڪڏهن آ توهان جي شادي، منهنجي نجمہ تہ توهان جي ڏاڍي فين آ، هر وقت توهان جون ڳالهيون ڪندي رهندي آ.

”بس جلد ئي....“

شمسہ گهڙي ڏسندي نجمہ کي چوي ٿي تہ ڪين هاڻي هلڻ گهرجي.

رابعہ ڪين ائين اٿندو ڏسي هٿ جهلي ويهڻ لاءِ روڪي ٿي.

”ڪمال آ هينئر آيا آهيو ۽ وچڻ جي ڳالهه پيا ڪيو ويهو مان ڪجهه ٺاهي ٿي اچان.“

”نه نه تڪلف جي ڪا ڳالهه ناهي، ٿوري دير پهرين ئي ناشتو ڪري نڪتا آهيون بلڪل به گنجائش ناهي.“

”ٺيڪ آ ڏينهن چڙهي آيو آ منجهند جي ماني ناهڻ جو وقت ٿي ويو آ، ماني ڪائي پوءِ ويجو.“

”مون چيو نه تڪليف جي ڪا به ضرورت ناهي، هاڻي اچڻ وچڻ پيو ٿيندو وري ڪنهن ٻئي پيري.“

”ڀلا ڪولڊ ڊرنڪ ته هلندي نه...؟“

”اگر ايترو ئي ضروري آهي ته ڀلي پنهنجي خوشي پوري ڪيو.“ شمسه ڪلندي چيو:

رابعه ڪولڊ ڊرنڪ کڻڻ وڃي ٿي، انهي وقت سنڌيا به خوش، خوش اندر اچي ٿي، نجمه ڪيس ڏسي ٿي ته ڊڪي وڃي ڀاڪر پائي مليس ٿي ۽ شرارتي نگاهن سان ڪيس ڏسي ٿي،

”اڄ ڪاليج کان جلدي اچي وئينءَ.“

”لاسٽ به پيرڊ فري هئا ان ڪري جلدي نڪري آياسين، پر اڄ آپا ۽ تون صبح ساڻ هتي....“

شمسه نگاهن ئي نگاهن ۾ ڳرا ٽڙي پائيندي،

”اڄ تنهنجي آپي سان ملڻ جو شوق ٿيو ته هليا آياسين.“

سنڌيا خوش ٿي وڃي ٿي. رابعه ڪولڊ ڊرنڪ کڻي اچي ٿي، ان سان گڏ ڪائڻ لاءِ ڪجهه سنيڪس به آهن، سندن آڏو رکي ٿي.........

”چڱو هاڻي گهڻي دير ٿي وئي آهي امان به انتظار ڪندي هوندي ته الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويون،“

سنڌيا جي اکين ۾ عجيب چمڪ اچي وڃي ٿي، هوءَ سمجهي وڃي ٿي ته هنن جو ائين اچڻ جو ضرور ڪو خاص ڪارڻ هوندو. رابعه سندس خيالات کان بيخبر پنهنجي روزمره جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف ٿي وڃي ٿي.

اج وري سنيتا ڪلاس ۾ سيٽ تي اڪيلي، سنڌيا لاءِ فڪرمند ٿي رهي آهي، رهي رهي ڪيس سنڌيا جي انهن ايڪٽوٽيز لاءِ تشويش ٿي رهي آهي، سنڌيا ڪي الائي ڇا ٿي ويو آهي روز روز ڪاليج کان غائب رهڻ لڳي آ سنڌيا تہ اسڪول جي زماني کان وٺي ڪلاس جي موسٽ ريگيولر اسٽوڊنٽ هوندي هئي ۽ هر سال ڪيس موسٽ ريگيلر اسٽوڊنٽ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويندو هو. جڏهن ڪاليج هلڻ جو چيومانس تہ طبيعت جي خرابي جو چئي ٽنائي وڃي ٿي، هر وقت چپ، چپ، الائي ڪهڙن خيالن ۾ گم رهي ٿي، اڳ ۾ تہ آپي رابعہ هوندي هئي، هاڻي جي ان جي شادي ٿي وئي تہ سنڌيا جو الائي ڇا ٿيندو. اج بہ ڪاليج اچڻ لاءِ نڪتي ۽ ٻاهر اچي چيائين تہ تون هل مان هڪ پيرڊ کان پوءِ ٿي اچان. رحمان جي چڪر ۾ ڪاٿي زندگي نہ برباد ڪري ويهي. رحمان مونکي تہ هڪ چالاڪ ماڻهو ٿو لڳي، سندن عمرين ۾ بہ ڪيترو نہ فرق آ. پڳوان ڪري هو هن سان ڪا چالاڪي نہ ڪري، انهي وقت سنڌيا ڪلاس ۾ داخل ٿئي ٿي، اچي پنهنجي سيٽ تي ويهي ٿي. سنيتا جو موڊ خراب ڏسي ڪيس ان سان ڳالهائڻ جي همت نہ ٿي ٿئي. چپ چاپ سيٽ تي ويهي ڪجهہ لکڻ ۾ مصروف ٿي وڃي ٿي.

ڪاليج جي اج جلدي موڪل ٿي وئي آهي، سنيتا ۽ سنڌيا چپ چاپ گيٽ کان ٻاهر نڪري بس اسٽاپ ڏانهن وڌن ٿيون تہ هڪ نسبتا” خالي روڊ تي رحمان گاڏي جهلي انتظار ڪري رهيو آهي، سنيتا جي نظر جيئن ئي مٿس پوي ٿي تہ سندس چهري تي حيراني ۽ ٿوري ناگواري جا تاثرات ابرن ٿا. سنڌيا سنيتا جي احساسات کان بيخبر رحمان کي ائين انتظار ۾ بيٺل ڏسي دل ئي دل ۾ خوش ٿي وڃي ٿي. رحمان کين ايندو ڏسي گاڏي کان ٻاهر نڪري در کولي چوي ٿو:
”سنڌيا گاڏي ۾ ويهو تہ مان توهان کي گهر تائين ڊراپ ڪري ٿو اچان.“ سنيتا سنڌيا جو جواب ڏيڻ کان پهرين ئي چوي ٿي:

”نہ نہ. پائڻو اسان بس ۾ هليا ويندا سين.“
رحمان پڌو اڻ پڌو ڪري چوي ٿو.
”اصل ۾ مونکي سنڌيا سان ڪجھ ڳالهائڻو آ.“
سنڌيا سنيتا جو خراب موڊ ڏسي سمجهي وجي ٿي تہ سنيتا صبح جو سندس ائين وجڻ تي اجان ناراض آهي هوءَ ڪنهن بہ صورت ۾ سنيتا کي خفا ڏسڻ نہ ٿي چاهي. هوءَ ئي تہ سندس ۽ رحمان جي هن رشتي جي رازجي امين آهي ان کي ڪنهن بہ حالت ۾ ناراض ڪرڻ درست نہ ٿيندو. ان ڪري رحمان کي چوي ٿي تہ سنيتا ٺيڪ ٿي چوي هو بس ۾ ئي هليون ينديون ۽ اگر ڪا ضروري ڳالھ ڪرڻي آهي تہ شام جو فون تي ڳالهائي وٺي. رحمان بہ وڌيڪ ضد نہ ٿو ڪري. پري کان روٽ بس ايندي ڏسي هو جلدي جلدي اسٽاپ ڏانهن وڌي وجن ٿيون ۽ رحمان گاڏي اسٽارٽ ڪري پنهنجي راھ وٺي ٿو.

شمسہ وارن جي وجڻ کان پوءِ سنڌيا جي من ۾ ڏاڍي هورا ڪورا متل آهي آخر ڪائنس رهيو نہ ٿو ٿئي, پيڻ جي پاسي ۾ اچي ويهي ٿي ۽ شمسہ ۽ نجمہ جي اچڻ جي باري ۾ پڇي ٿي تہ اهي ڪيئن آيون هيون....... رابعہ کيس ٻڌائي ٿي,
”الائي ڪيئن آيون هيون هي منائي الائي ڪيڪ بہ ڏئي ويون آهن, چيائون پئي تہ هتان گذرياسين تہ دل چيو تہ توهان سان ملندا وجون, پهريون دفعو اچڻ ٿيو ان ڪري هٿين خالي اچڻ مناسب نہ لڳو.“
سنڌيا کي ٿورو اطمينان ٿيو پوءِ بہ سندس من ۾ مانڌاڻ متل هو. ماني کائڻ کانسواءِ ئي ڪمري ۾ وجي بيڊ تي ليٽي پئي.
”خبر ناهي رحمان گھر وارن کي اسان جي رشتي جي باري ۾ سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيو آ.....؟ الائي آپا واريون ڇو آيون هيون.....؟ شمسہ آپا مونکي ڏاڍو پيائيندي آ, خبر ناهي منهنجي باري ۾ ڪهڙي راءِ قائم ڪئي هوندائين تہ مان ڪهڙي قسم جي ڇوڪري آهيان, ٿورن ڏينهن جي ڄاڻ سڃاڻ ۾ ئي رحمان سان ناتو ڳنڍي ويٺي آهيان,

جيڪڏهن رابعہ آپي کي ٿوري بہ کٽڪ پئجي وئي تہ هوءَ تہ اڳ ۾ ئي پنهنجي شادي جي باري ۾ پريشان ٿي رهي، ويتر وڌيڪ فڪر مند ٿي ويندي، رحمان بہ الائي ڇا ڇوڙ پئي ڇاهيو صبح تہ اهڙي ڳالهہ ڪونہ ڪيائين تہ آپا وارا ايندا. هوءَ انهن ئي سوچن ۾ گم هئي تہ رابعہ ٻاهران ڪيس سڏ ڪيو.

”سنڌيا ڪيڏانهن گم ٿي وئينءَ ماني ڪائڻ جو پروگرام ناهي ڇا....“

”اچان پئي آپي.“

جلدي اٿي ٻاهر اچي ٿي..

”هن ڇوڪري جو الائي ڇا ٿيندو“

سنڌيا ماني ڪائيندي پيڙ کي چوي ٿي تہ:

”آپي هڪ ڳالهہ چوان اگر مڃو تہ.“

”وري ڇا آهي اهڙي ڪا فرمائش نہ ڪجانءِ جيڪا مان پوري نہ ڪري سگهان.

”فرمائش تہ ڪانهي هڪ رڪئيسٽ آهي.“

”ها چئو.“

آپي اصل ۾ اڄ ڪومل سيني فرينڊس کي شام جو چانهہ تي سڏيو آ مونکي ۽ سنيتا کي بہ اوڏانهن وڃڻو آ.“

نہ بابا نہ، مان انجي اجازت نٿي ڏئي سگهان، بابا اچي تہ ان کان موڪل وٺجانءِ.“

”آپي پليز....“

”ٺيڪ آ پر جلدي واپس اچجو.“

”ٿينڪس آپي.....“

شام جو سنڌيا تيار ٿي سنيتا سان گڏ ڪومل جي پارٽي ۾ وڃي ٿي، انهي وقت شوڪت علي ۽ احمد ڪوڙ ساترو سامان کڻي اندر اچن ٿا. احمد شرارتي نظرن سان پيڙ کي ڏسي ٿو رابعہ ٿورو شرمائجي وڃي ٿي جلدي جلدي پيءَ کان سامان وٺي ٽيبل تي رکي ٿي. شوڪت علي ٿڪل ٿڪل پيو لڳي، رابعہ کيس چوي ٿي:

”بابا توهان ويهو ڏاڍا ٿڪجي پيا آهيو مان توهان لاءِ پاڻي کڻي ٿي اچان.“

رابعه فرج مان پاڻي جي بوتل ڪڍي پيءُ ۽ پاءُ کي پاڻي ڏئي ٿي. پاڻي پي شوڪت علي سنڌيا جو پڇي ٿو رابعه کيس ٻڌائي ٿي ته سنڌيا ۽ سنيتا ڪنهن سهيلي جي پارٽي ۾ ويون آهن.

”پٽ سنڌيا جي اها ڳالهه درست ناهي هن وقت کيس تنهنجو هٿ ونڊائڻ کپي، اچان وتي ٿي سهيلين جا گهر گهمندي.“

”بابا ويچاري ڪاٿي ويندي آهي ڪيڏانهن، صفا گهر جو ڪُڪُڙ آ سهيلي فون تي ڏاڍيون منٿون ڪيس، صفا جواب ڏئي ڇڏيو هئائينس، مون ئي زور ڀريومانس ته ٿوري دير لاءِ ٿي اچ.....مون کان پوءِ ته هونءَ به نه نڪري سگهندي.“

”ڏنوَ نه بابا...! ڪيئن پنهنجي لاڏلي ڀيڻ کي دڙڪن کان بچائي وئي، ان جاءِ تي مان هجان ها نه، ته هاسيڪار دڙڪا کارائي ها.“

رابعه پيار مان ڏک الاريندي چويس ٿي،

”ڏاڊو شيطان ٿي ويو آهين، ننڍڙي ڀيڻ آ.... اصل ڪونه ٿو سهينس،“

پٽس ٻنهي جي ڳالهين تي مرڪي پوي ٿو.

”پٽ اٿي چانهه ناهي وٺ ڏاڍي ٿڪاوٽ پئي محسوس ٿئي.“

”بابا چانهن تيار آ دم تي رکي اٿم، اجهو ٿي آڻيان.“

احمد اٿي ميز تان پڪوڙن جي پليٽ کڻي ٿو.

شام جي وقت رحمان آفيس کان واپس اچي ٿو ته سڀ چانهه پي رهيا آهن شمسه کيس ڏسي چوي ٿي ته وقت سان آيو آهين گرم گرم چانهه پي وٺ. هو کين هڪ شاپر ڏئي چوي ٿو ته هي سنيڪس لاهي وٺو مان فريش ٿي گهڙيءَ ۾ اچان ٿو هو جلدي فريش ٿي ٻاهر اچي ٿو نجمه سندس آڏو چانهن ۽ سنيڪس رکي ٿي پر هو تجسس وچان ڀيڻ کان پڇي ٿو.

”اڄ توهان اسڪول نہ ويا هئا ڇا. مان توهان کي پِڪ ڪرڻ ويس تہ خبر پئي، توهان ويا ئي ناهيو.“

شمسہ ياءُ جي بي صبريءَ کي سمجهي وجي ٿي کلندي چوي ٿي:

”سئون سڏو پڇ نہ تہ سنڌيا وارن ڏي ويا آهيون يا نہ.“

گلبانو مسڪرائيندي.

”ويون هيون، ويون هيون. سنڌيا جي گهر. ملي آيون آهن سندس پيڻ سان. منائي بہ ڏئي آيون آهن. اهوئي يا ڪجهہ بيو بہ ٻڌڻو اٿئي.“

”تہ پوءِ ڇا چيو سنڌيا جي پيڻ.“

”چوندي وري ڇا.... چيائين تہ رحمان اسان کي قبول آ....“

”آپا...پا... مذاق ڇو ٿا ڪيو سيريئس لي ٻڌايو نہ.“

”ياءُ منهنجا. في الحال تہ صرف ملڻ ويا هئاسين. ائين ٿوروئي ٿيندو آ تہ نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ جهٽ وڃي رشتي جي ڳالهہ ڇيڙبي...، هڪ بہ دفعا اڃبو وڃبو. پوءِ وڃي ڳالهہ ڪبي، هونءَ بہ رابعہ جي شاديءَ جون تياريون پيون هلن. هي وقت ٿوروئي آ... بي پيڻ جي رشتي جي ڳالهہ ڇيڙڻ جو.“

اهو ٻڌي رحمان جو منهن لهي وڃي ٿو شمسہ سندس دل رکڻ لاءِ چوي ٿي:

”ها.... اسان اٿياسين تہ سنڌيا بہ اچي وئي ڪاليج مان. اسان سان ڏاڍو خوشي سان ملي. ايتري تہ خاطر مدارات ڪيائين جو مجهند جي ماني کائڻ جي گنجائش ئي نہ رهي.“

رحمان خوش ٿيندي.

”تہ پوءِ سنڌيا توهان کي پسند تہ آئي نہ...“

گلبانو پٽ جي خوشي خاطر مرڪندي چوڻ لڳي.

”اسان کي تہ اڳ ۾ ئي پسند هئي، تو تہ هاڻي چيو آهي.“

نجمہ شرارت مان ناني کي ڏسندي.

”ناني امان...! ماما لاءِ نہ سنڌيا تہ اسان کي پنهنجي لاءِ کپي نہ.“

”چُپ ڪر مينڊڪي، توکي بہ هاڻي پر لڳي ويا آهن...“

رحمان مصنوعي ڪاوڙ مان ڪيس ڇوي ٿو. تہ سيني جي منهن تي مرڪ ڇانئجي وڃي ٿي.

شام ٿيندي ئي ڪراچي جي موسم انتهائي خوشگوار ۽ رومانٽڪ ٿي وئي آهي. اهڙي موسم کي انجواءِ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پريمي جوڙا ۽ فيمليون گهرن کان نڪري تفريحي ماڳن ڏانهن روان دوان آهن سنڌيا بہ سهيلي جي گهر جو بهانو ڪري رحمان سان گڏ هڪ خوبصورت ريسٽورينٽ ۾ اچي ويٺي آهي هنن اهڙي ميز سليڪٽ ڪئي آهي جتان شيشي جي درين مان ٻاهر جو منظر نهايت خوبصورت لڳي رهيو آهي، مختلف ماڊلز جون رنگ برنگي گاڏيون تيز رفتاريءَ سان گذري رهيون آهن. آسمان تي هلڪا هلڪا بادل تيزيءَ سان ڊوڙي رهيا آهن. ڇڻ هو ورهين جا اڃايل هجن ۽ سمنڊ مان پاڻي پيئڻ لاءِ ڊوڙي اتي پهچڻ لاءِ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ۾ هجن. ويٽر ڪولڊ ڊرنڪس کڻي اچي ٿو... سنڌيا هلڪي نيري رنگ جي لباس ۽ هلڪي ڦلڪي ميڪ اپ ۾ تمام خوبصورت پئي لڳي.

رحمان سنڌيا جي اکين ۾ پيار سان نهاري ڇوڙڻ لڳو:

”هاڻي تہ خوش آهين نہ. تنهنجي خواهش موجب آپا وارا تنهنجي گهر آيا هئا نہ.“

”صرف منهنجي خواهش....توهان جي نہ هئي ڇا؟“

سنڌيا شرمائيندي سوال ڪري ٿي.

”اڙي سائين منهنجي خواهش ٿا پڇو...... مان تہ چاهيان ٿو تہ جلد کان جلد توهان منهنجي جيون ۾ شامل ٿي وڃو پر ڇا ڪجي توهان جي رابعہ آپي ٻن دلين جي درميان ديوار جو بنجي بيٺي آهي.“

”رابعہ آپي جو ڀلا ان ۾ ڪهڙو قصور آ. هوءَ وڏي آ ان ڪري پهرين هن جي شادي ٿيندي نہ.“

”اهوئي تہ چوان پيو نہ سائين منهنجا تہ نہ رابعہ آپي وڏي هجي ها نہ ان جي شادي پهرين ٿئي ها. ... بنجي وئي نہ ٻن دلين جي وچ ۾ ديوار.....“

رحمان کلندي سندس اکين ۾ نهاري ڪيس ڇيڙي ٿو.

هو ڪولڊ ڊرنڪ ختم ڪن ٿا تہ رحمان غور سان سنڌيا کي ڏسندي چوي ٿو:

”هڪڙي ڳالهہ چوان سنڌيا ...! ناراض تہ نہ ٿينديءَ نہ....“

” ناراض ٿيڻ واري هوندي تہ ضرور ٿينديس.“

”واه ايڏو رعب هينئر کان ئي.... دراصل آفيس جي ڪم سان ڪجهہ ڏينهن لاءِ حيدرآباد پيو وڃان.“

سنڌيا اهو ٻڌي اداس ٿي وڃي ٿي ۽ تڪڙا تڪڙا سوال ڪرڻ لڳي، گهڻا ڏينهن نہ لڳائجو.. فون تہ ڪندا نہ ....“

”منهنجي وس ۾ هجي تہ وڃان ئي نہ.... نہ صرف فون ڪندس پر روزانہ رات جو توهان جي خيالن ۽ خوابن ۾ اچي خوب ڪچهريون ڪندس. بس نہ.... ڳالهہ بہ ايتري نہ.“

سنڌيا شرمائجي وڃي ٿي.

”توهان بہ ايستائين پنهنجي آپيءَ جي شادي ۾ سندس هٿ ونڊايو. ڇپتي وڃائيندي. ائين گذري ويندا اهي ڏينهن جو خبر ئي نہ پوندي. ٺيڪ آ نہ ...“

گهڙِي ڏسندي سنڌيا چوي ٿي:

”ڪافي دير ٿي وئي آ هاڻي هلڻ گهرجي.“

ٻئي اٿن ٿا ۽ ٻاهر نڪري وڃن ٿا. سنڌيا سڄي رستي اداس ويٺي آهي اهو سوچي تہ رحمان سان هاڻي الائي ڪيترا ڏينهن ملڻ نہ ٿيندو..... سڄي واٽ هن جي دل ۾ عجيب طرح جا وسوسا، انومان اچي رهيا هئا. الائي ڇو هن کي ائين پئي لڳو ڄڻ رحمان سان وري الائي ائين دل جون ڳالهيون ڪرڻ جو موقعو ملندو الائي نہ. جڏهن کان مليا هئا پهريون ڀيرو ائين وڇڙي رهيا هئا چند ڏينهن لاءِ ئي سهي، سنڌيا

ڪان اهو وڇوڙو سئو نہ ٿي ٿيو پر دل تي پٿر رکڻو ٿي پيو ڇو تہ هوءَ ڪيس ڪم ڪان روڪي بہ تہ نہ ٿي سگهي.

سانجهي جي وقت جڏهن سڄي دنيا ڏينهن جي عام رواجي ڪمن ڪارين کان واندي ٿي گهرن ڏانهن موٽي رهي آ پکي پکڻ، جيت جانور بہ پنهنجن واهيرن ۾ وٿاڻن ڏي وري رهيا آهن، گلبانو بہ رحمان جي اوسيئڙي ۾ ويٺي آهي، مڃهند کان سندس طبيعت ڪجهہ سست آهي، مٿي ۾ سور ۽ هلڪو هلڪو بخار محسوس ڪري رهي آهي پوءِ بہ سندس نظرون ٻاهرئين در ڏانهن واجهائي رهيون آهن تہ اجهو ٿو رحمان اندر اچي، شمسہ بورچيخاني جي ڪمن ڪارين کان واندي ٿي ڪمري ۾ آئي ۽ ماءُ کي موڙهيل سوڙهيل ڏسي پريشان ٿي پڇيس ٿي:

”امان ڏيو خبر مٿي جو سور ڪجهہ جهڪو ٿيو.“

”شمسہ تون تہ هاڻي ڏاڍي ڏڄڻي ٿي پئي آهين جهٽ پريشان ٿي ٿي وڃين. مان هينئر بلڪل ٺيڪ آهيان، هيءَ تنهنجي ڏيءَ جو ڏاڪٽرياڻي لڳي پئي آ، اهڙا زور ڏئي ٿي جو جهڙي........“

”ناني...ني...بس توهان بہ ...“

گلبانو کلي ڏنو تہ شمسہ بہ مطمئن ٿي وئي تي تہ امان ڪجهہ بهتر آهي.

”امان گرم گرم چانهہ ٺاهي اچان پيئڻ سان شايد ڪجهہ بهتر محسوس ڪيو...“

”نہ ترس گهڙي کن اجهو ٿو پاڻين اچي پوءِ گڏجي ٿا پيون.“

”بس امان سمجهي ويس تہ توهان جي مٿي ۾ سور بہ رحمان جي ڪري پيو آهي هڪ ڏينهن بہ سندس دوري سهي نہ ٿا سگهو خبر بہ اٿوَ تہ رحمان هفتي لاءِ آفيس جي ڪم سان حيدرآباد ويل آهي پوءِ بہ چانهہ تي انتظار پيا ڪيوس.“

”ڏس تہ مئو دماغ ڪم ئي نہ ٿو ڪري، ٿيو ڏينهن ڪان رحمان اٿي ڪونهي پوءِ بہ ان جي اوسيئڙي ۾ ويٺي آهيان. نجمہ...تون وڃي چانھہ ٺاهي اچ، ماءُ ڪي گهڙي ساعت آرام ڪرڻ ڏي.“

نجمہ چانھہ ٺاهڻ وڃي ٿي تہ گلبانو پلنگ تي اٿي ويهي ٿي ۽ رازداريءَ جي انداز ۾ ڏيءَ ڪان پڇي ٿي،

”ياڻين چيو پئي تہ آفيس جي ڪم ڪان واندو ٿي ڳوٺ ويندس، گهڻا سال ٿي ويا آهن چاچيءَ وارن ڏي وڃڻ ئي ناهي ٿيو پلا اهو اوچتو ڳوٺ ۽ چاچي جي ڪٿان ياد اچي ويس.“

شمسہ سمجهي وڃي ٿي تہ امان جي طبيعت خراب ٿيڻ جو اصل سبب رحمان جو ڳوٺ وڃڻ آهي ڇو تہ ڪيس خبر آ تہ چاچس شهربانو ۽ سندس ماءُ جي ڪڏهن بہ نہ بڻي، ان ڪري ئي پاڻ ڳوٺ راڄ زمينون زڙيون ڇڏي اچي ڪراچي وساين. ڳالھہ ٽاريندي چويس ٿي،

”امان ... تون بہ هرويرو ڳڻتي پئي ڪرين چاچي شهربانو ايڏي بہ ويل ڪونهي، نانيا وڏا جهڳڙا گهرن ۾ ٿيندا رهندا آهن. رهيو سوال رحمان جي ڳوٺ وڃڻ جو تہ هو ڪيتري عرصي ڪانپوءِ حيدرآباد ويو آ، ڳوٺ بہ حيدرآباد کي ويجهو آ بلڪہ رستي ۾ پوي ٿو انڪري پئي چيائين تہ ورهيہ ٿي ويا آهن، سائي سان وڃان پيو ان طرف تہ ڳوٺان بہ چڪر هڻندو ايندس، ماڻهو نئون سئون ٿي ويندو...“

”بس جيجل جيئن اوهان جي مرضي باقي منهنجي دل کي شهربانو سان توهان اولاد جو رستو رکڻ نہ ٿو آئڙي...“

نجمہ چانھہ کڻي اچي ٿي تہ ماءُ ۽ نانيءَ کي ڳوٺ جون ڳالهيون ڪندي ٻڌي چوي ٿي:

”امي اسان تہ ڳوٺ ناهي ڏٺو ڪڏهن وٺي هلو نہ اوڏانهن....“

”بس ڪر تہ ناني امان کي وري نہ مٿي ۾ سور پوي، هيڏي ڪر چانھہ ڏي، ٿڌي ٿي ٿئي.“ انهي وقت دروازي جي کڙڪڻ جو آواز ٻڌي...

”وري ڪير آيو آ پڪ اها سنيتا هوندي، اڄ الائي ڇو دير ٿي وئي اٿس نہ تہ ٽائيم جي تہ پابند آهي.“

انهي وقت سنيتا اندر اچي ٿي:

”ڇو سڀ ڪمري ۾ ويٺا آهيو ناني امان جي طبيعت ٺيڪ ناهي ڇا...“

”ٺيڪ آ ويهه ڇانهه پي....“

نجمه سيني کي ڇانهه ڏئي ٿي.

سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ اداس ويٺي آهي، سامهون ٽنگيل ڪيلينڊر تي تاريخ ڏسي ٿي،

”رحمان کي وئي سڄا سارا ٽي ڏينهن گذري ويا آهن پهرين ڏينهن اتي پهچي فون ڪرڻ کان پوءِ وري فون ڪري ڪو حال احوال به نه ڏنو اٿائين، اهي ٽي ڏينهن به منهنجي لاءِ ٽي صديون بنجي گذرندا ان جي رحمان کي چڱي طرح خبر آ، مان ته رحمان جي بغير هاڻي هڪ پل به رهي نه ٿي سگهان سڄو هفتو ڪيئن گذرندو.... تصور ئي تصور ۾ رحمان کي مخاطب ٿي، رحمان پليز....! فون ڪر، ڏس مان تنهنجي بغير ڪيڏي نه اداس آهيان، ڇو ايڏا ڏينهن لاتا اٿوَ توهان جي بغير سنڌيا جي زندگي ۾ ڪوبه مزو ناهي، نه آپي جي شادي جي تياري ۾ دل لڳي ٿي،.... موٽي آ رحمان پليز.... جلدي واپس اچ...“

انهي وقت فون جي گهنٽي وڄي ٿي سنڌيا ڊوڙي وڃي فون کڻي ٿي ٻئي طرف رحمان جو آواز ٻڌي خوش ٿي وڃي ٿي:

”مان توهان سان سخت ناراض آهيان توهان ايترن ڏينهن کان فون ڇونه ڪئي...“

”معاف ڪري ڇڏيو سائين منهنجا...! ڪم ۾ مصروف هوس ورنه هتي به ساڳيو حال آ، ها سنڌيا مان صبحاڻي ڳوٺ ويندس، اتي فون جي سهوليت ناهي، شايد مان هڪ اڌ ڏينهن فون نه ڪري سگهان پريشان نه ٿجانءِ ... چڱو پنهنجو خيال رکجانءِ تون منهنجي امانت آهين پاڻ وٽ، ان کي سنڀالي رکجانءِ....“

فون بند ڪري سنڌيا پرسڪون ٿي وڃي ٿي.

●

رابعہ جي شادي آ، هر طرف رنگ برنگي ويس پهريل ڇوڪريون ۽ عورتون گهمي ڦري رهيون آهن شوڪت علي ۽ احمد علي مهمانن کي اٽينڊ ڪرڻ ۾ مصروف آهن، ٻئي طرف سنڌيا ۽ سنيتا بہ مهمان عورتن کان سندن ضرورتون پڇڻ ۾ رڌل آهن. سنڌيا بيشڪ ڪٽي ڪاج جي ڪمن ڪارين ۾ لڳي پئي آ پر رحمان جي غير حاضري ۽ پيڻ جي جدائي جو تصور سندس جيءُ جهوري رهيو آهي، رابعہ جي رخصتي جو وقت ايندي ڪي سنڌيا ۽ سنيتا جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي اچن ٿا. رابعہ ڪنوار جي روپ ۾ ڏاڍي خوبصورت پئي لڳي، ميرون رنگ جو زرق برق لنهنگوسوٽ ۽ هلڪا ڦلڪا زيور هن جي سونهن ۾ سوڀيا ۾ چار چنڊ لڳائي رهيا آهن. مٿس اهڙو تہ روپ آيو آهي، جو هر ماڻهو جون نگاهون هن تان هٽڻ ئي نہ ٿيون. آخر اها گهڙي بہ اچي وڃي ٿي جنهن ۾ هر ڇوڪري کي مائٽن جو گهر هميشہ لاءِ ڇڏڻو پوندو آهي، شوڪت علي ۽ احمد بہ اداس چهرن سان عابد علي ۽ گهوٽ طارق جي پرسان بيٺا آهن.... شوڪت علي دوست عابد علي کي چوي ٿو:

”دوست مون پنهنجن نياڻين کي ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پاليو آهي ۽ رابعہ تہ منهنجي گهر جي راڻي هئي، هر ڳالهہ سندس مرضي سان ٿيندي هئي، منهنجي نياڻيءَ جي پارت اٿوَ ماءُ تہ اٿن ڪونہ. ڀاڀي سائره توهان ئي هاڻي سندس ماءُ آهيو هن کي ڪڏهن بہ تڪليف اچڻ نہ ڏجو....“

”ڀاءُ...! رابعہ منهنجي بہ ڌيءُ آهي توهان فڪر نہ ڪيو.. بس دعا ڪيوس تہ نئون گهر سندس لاءِ ڪوڙ ساريون خوشيون آڻي....“

ڳوڙهن ۽ اداسين جي درميان رابعہ پنهنجي نئين گهر لاءِ وداع ٿي وڃي ٿي ۽ پويان شوڪت علي جو گهر خالي ڪري وڃي ٿي.

رابعہ جي شادي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ گهر ۾ عجيب ويراني ۽ اداسي ڇانئجي وئي آهي هر ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان جڻ تہ ڪمرو ڪائڻ ٿو اچي هوڏانهن رحمان کي بہ وئي سڄو هفتو گذري ويو آهي نہ رحمان آيو

۽ نہ ئي ان ڏينهن ڪانپوءِ فون ئي ڪيائين. شوڪت علي پري ڪان سنڌيا ڪي ان ڪيفيت ۾ ڏسي پيو ڇڻ هن ڪان ڪا شيءِ وڃائجي وئي هجي، سنڌيا وري رابعہ جي ڪمري ۾ اچي ٽي سندس تصوير کي ڏسي ڪيس ياد ڪري ٿي ڳوڙها اکين مان وهڻ لڳنس ٿا. تصوير سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي ٿي.....

”آپي تون تہ پرينءَ جي گهر رخصت ٿي هلي وئينءَ ڏس نہ مان تنهنجي بغير ڪيڏي نہ اڪيلي ٿي وئي آهيان ڪنهن کي ٻڌايان پنهنجي اندر جي پيڙا، دل جو درد. ڪوبہ تہ حال پائي ڪونهي، اڄ دل چوي ٿي تہ ڪو انتهائي پنهنجو هجي جنهن جي جهوليءَ ۾ منهن لڪائي پنهنجي اندر جو هر ڏک، هر تڪليف سندس جهوليءَ ۾ اوتي ڇڏيان... ڪاش...ڪاش...“

سنڌيا وري روئڻ لڳي ٿي، ايتري ۾ شوڪت علي اندر اچي ٿو ڌيءَ کي ائين سڏڪا ڀريندي ڏسي سندس دل بہ ڀرجي اچي ٿي، ڌيءَ جو مٿو سيني سان لائي ڪيس تسلي ڏئي ٿو شوڪت علي ڏکاري آواز سان ڪيس ماٺ ڪرائيندي چوي ٿو:

”بس ڪر منهنجا ٻچا، مان سمجهان ٿو تہ ماءُ کان پوءِ ڀيڻ جي جدائيءَ توکي جهوري وڌو آ توکي اڪيلو ڪري ڇڏيو آ. ليڪن پٽ اهو زماني جو دستور آ، هر نياڻي کي هڪ ڏينهن پنهنجي اباڻي گهر کي الوداع چوڻو پوندو آ... هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو جڏهن تون بہ اسان کي سڏڪندو ڇڏي پرائي گهر هلي وينديئن، رب پاڪ توهان ڀينرن جا ڀاڳ ڀلا ڪري....“

سنڌيا پيءُ کي اداس ڏسي پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ٿي ۽ پنهنجي شاديءَ جي ڳالهہ ٻڌي شرمائجي وڃي ٿي... ۽ جلدي جلدي پنهنجي ڪمري ۾ اچي ٿي. خيالن ئي خيالن ۾ پاڻ کي ڪنوار ۽ رحمان کي گهوٽ جي روپ ۾ ڏسي ٿي، گهر ۾ شاديانا وڃي رهيا آهن سهيليون ڪيس ڇيڙن ٿيون ڏاڍي خوش آهي انهي وقت احمد ڪمري ۾ اچي ٿو تہ سندس خيالن جو سلسلو ٽُٽي پوي ٿو ڇرڪ ڀري پاءُ کي

ڏسي ٿي، پيڻ کي اڪيلو ڪمري ۾ ڏسي سندس دل بہ ڀڄي پوي ٿي سندس دلجوئي ڪرڻ لاءِ ڪيس چوي ٿو:

”اتي هتي اڪيلي ڇو ويٺي آهين، هل بابا جي ڪمري ۾، مون تنهنجي لاءِ تنهنجي پسند جي چاڪليٽ آئسڪريم آندي آ.“

ٻانهن کان جهلي بابا جي ڪمري ڏانهن وٺي وڃيس ٿو.

•

ٻئي طرف رحمان جيڪو ڪيترن سالن کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ پنهنجي پراڻي گهر جيڪو هاڻي سندس پيءُ جي سئوٽ جي فيملي جي استعمال ۾ آهي، اتي آيل آهي، ڳوٺ جو ماحول اتان جي ماڻهن جون بي لوث محبتون سندس دل کي موهي وجهن ٿيون ايتري قدر جو هن کان سڀ ڪجهہ ٿوري وقت لاءِ وسري وڃي ٿو. روز صبح جو نيرن پاڻي ڪري مامي مراد خان سان جيڪو سندس چاچي شهربانو جو پاءُ آ ان سان زمينن تي نڪري وڃي ٿو تہ شام جو گهر موٽن ٿا. اڄ بہ سڄو ڏينهن مراد خان سان گڏ زمينن تي گذاريو. شام جو ٽڪل ٽٽل گهر اچن ٿا، گهر پهچي شهربانو کي ڏسي رحمان خوشيءَ مان ڪيس چوي ٿو:

”چاچي اڄ ڏاڍو مزو آيو. واقعي ڳوٺن جي ڳالهہ ئي نرالي آ. تازي هوا پرخلوص ماڻهو. ڪيڏي نہ عزت ڏين ٿا، پنهنجي مهمانن کي. ۽ هوڏانهن وڏن شهرن ۾ آمهون سامهون گهر هوندو تہ ڪنهن کي اها خبر نہ هوندي تہ پاڙي واري گهر ۾ رهي ڪير ٿو خوش آ، ڏکي آ، تڪليف ۾ آ. هر ماڻهو پنهنجي ئي مصروفيتن ۾ مگن. ۽ هتي اگر ڪنهن گهر ۾ ڪو مهمان ٿي آيو تہ ڄڻ سڄي ڳوٺ جو مهمان آ. ڪو لسي ڪنيو پيو اچي، ڪو چانهہ بسڪيٽ. تہ ڪو وري مکڻ جو چاڻو مانيءَ تي رکيو ڪنيو پيو اچي، سچ پڇو تہ مون اڄ تائين اهو سڀ مِس ڪيو آ هتان وڃڻ تي دل ئي نٿي چوي.“

”تہ پوءِ رهي پئو نہ ڪجهہ ڏينهن، ماڻهن سان مل دعوتون کاءُ پوءِ ويجانءِ ڪراچي.“

”نہ چاچي موڪل ڪانهي، هي بہ سرڪاري ڪم سان اچڻ ٿيو تڏهن هليو آيس.“

اٿندي چوي ٿو تہ هو ٿوري دير لاءِ ڪمري ۾ وڃي آرام ڪرڻ چاهي ٿو. هو ٻئي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو.“

شهربانو ياءُ مراد خان کي اڪيلو ڏسي ساڻس دل جي ڳالهہ ڪري ٿي.

”مراد خان...! رحمان خان توکي مريم لاءِ ڪيئن ٿو لڳي.“

”ادي چري ٿي آهين ڇا... هونئن تہ رحمان هڪ سهڻو ڀيرو جوان آ پر شهري ماحول ۾ پلجي وڏو ٿيو آ. ٻاهريان ملڪ گهمي ڏٺا اٿس... اسان جي مريم ٻهراڙي جي ماحول ۾ پلجي وڏي ٿي آ. تنهن کان سواءِ هوءَ رحمان کان ڏهہ ٻارهن سال ننڍي آ...“

”ان ڳالهہ کي ڇڏ. ماحول ماڻهوءَ کي سڀ ڪجهہ سيکاري ڇڏيندو آ. هونئن بہ اسان جي مريم پڙهيل لکيل آ ڏهہ درجا پڙهي آ....تون رڳو صلاح ڏي تہ ڳالهہ چوري ڏسانس.....“

”تنهنجي مرضي....مونکي تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي... پر خيال سان... پهريون ڀيرو هتي آيو آ متان هن کي ڏکيو لڳي...“

”اهو سڀ مونتي ڇڏ....“

آرام ڪرڻ کان پوءِ رحمان ڪمري کان ٻاهر اچي ٿو ٻيءِ مراد خان جي پرسان ويهي ٿو. شهربانو ٻڌ تر ۾ آهي... تہ ڳالهہ ڪيئن چوري... آخر ڪجهہ سوچي پڇي ٿي.....

”ابا ڀلا ڪڏهن ٿو شاديءَ جو ڀيت ڪارائين؟“

رحمان کلندي چوي ٿو....

”بس چاچي دعا ڪريو..“

تصور ۾ سنڌيا ڪنوار جي روپ ۾ ڏسي ٿو مراد خان ڪيس سوچ ۾ ٻڏل ڏسي ڳالهہ اڳتي وڌائي ٿو

”ڪٿي سڱ وڳ چڪرايو اٿوَ... يا....“

” نہ ماما اڃان تہ نہ....“

شهربانو کي اطمينان ٿئي ٿو... سوچي سمجهي داءُ کيڏڻ جي ڪوشش ڪري ٿي...

”ابا سوٽاڻ سئوٽ سهي پر تون بہ چاچنهن جو وارث تہ ٿين نہ....“

”نہ چاچي... اها وري کهڙي ڳالهہ ٿا ڪريو... مريم ئي چاچي ڪريم داد جي اڪيلي وارث آ...“

”اهائي ڳالهہ تہ ادي چئي پئي....“

”مون سمجهيو نہ.. خبر ناهي چاچي چا ٿي چوڻ چاهي....“

مراد خان پيرائتي ڳالهہ ڪري ڪيس ٻڌائي ٿو. رحمان حيران پريشان ڪڏهن مراد خان ڏي تہ ڪڏهن شهربانو ڏي نهاري ٿو ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪهڙو جواب ڏئي. اهڙي اچانڪ صورتحال سندس وهم و گمان ۾ بہ ڪونہ هئي. شهربانو سندس خاموشي تي ٿورو مايوس ٿي وجي ٿي پر وري بہ همت نہ ٿي هاري.

”ابا مون چاهيو پئي تہ چاچنهن مرهيات جي هيڏي ساري زمينداري آهي، گهر جي ملڪيت گهر ۾ ئي رهي. ڏاريو ماڻهو آيو تہ پوءِ منهنجي مُئي ڪان پوءِ مريم کي خوش رکي الائي نہ ... نياڻي گهر جو گهر ۾ هوندي تہ مان بہ بي الڪي هونديس.“

”اهو تہ سڀ سون ٿيو پر چاچي، اهو بہ تہ سوچيو تہ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، امان ۽ آپا ڪڏهن بہ نہ مڃينديون، توهان کي امان جي تہ خبر آ .....“

”ابا پراڻيون ڳالهيون ڪنهن کي ياد ٿيون بيهن، منهنجي مريم ۾ پلا ڪهڙي گهٽتائي آ جو ادي گلبانو نہ مڃيندي.....“

رحمان خاموش ٿي وڃي ٿو... سنڌيا جو معصوم چهرو سندس نگاهن آڏو ڦري اچي ٿو دل من هٽي نيٺ جواب ڏئي ٿو.

”ٺيڪ آ چاچي سوچينداسين ان ڳالهہ کي بہ....“

مراد خان وڏيڪ زور پرڻ نہ ٿو چاهي تہ متان صاف انڪار نہ ڪري ويهي ۽ پوءِ ڳالهائڻ جي گنجائش ئي نہ رهي.... پيڻ کي بہ اشاري سان وڌيڪ ڳالهائڻ کان روڪي ٿو.

”نيڪ آ ابا.... اسان کي بہ تڪڙ ناهي تون ڀلي ان ڳالهہ تي دل من هڻ، الله ڀلي ڪندو....“

شهربانو مائي خاني کي ماني لڳائڻ لاءِ چوي ٿي.

●

هوڏانهن سڄو هفتو گذرڻ کان پوءِ بہ جڏهن رحمان ڳوٺان واپس نہ ٿو اچي ۽ نہ ئي ڪو حال احوال اچي ٿو تہ گلبانو پريشان ٿيڻ سان گڏ ڪاوڙ جي بہ پوي ٿي ۽ شمسہ کي سندس آفيس فون ڪري پڇڻ لاءِ چوي ٿي شمسہ اندر وڃي فون ڪري ٻاهر اچي ٿي تہ ماڻس ڪاوڙ مان پڇيس ٿي.

”ڪا خبر پئي لاڏلي جي.... ڪاٿي وڃي گم ٿيو آ هڪ هفتي جي لاءِ آفيس جي ڪم جو چئي ويو هو اڄ نائون ڏينهن اٿس....“

”امان آفيس فون ڪيم تہ ٻڌاين تہ آفيس جو ڪم تہ ختم ٿي ويو آ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڳوٺ هليو ويو آ...“

”اهو تہ چئي ويو هو تہ ڳوٺان ٿيندو ايندس الائي اوچتو چاچي ڪيئن ياد اچي ويس.

”امان...! توهان بہ اجايو پيا ٿا پريشان ٿيو.. سالن ڪانپوءِ ان طرف ويو آ، ڳوٺ اتان کان ڪجهہ ميل ئي تہ پري آهي سرڪاري گاڏي ۽ ڊرائيور اٿس، چڪر هڻندو ايندو. ان ۾ فڪر جي ڀلا ڪهڙي ڳالهہ آهي. اچي ويندو ڏينهن ٻن ۾، مامي مراد خان روڪيو هوندس.“

انهي وقت سنيتا بہ اچي ٿي ۽ نجمہ جو پڇي ٿي شمسہ ڳالهہ ٽاريندي ڪيس چوي ٿي تہ پنهنجي ڪمري ۾ آ. سنيتا اوڏانهن وڃي ٿي تہ وري گلبانو ڪاوڙيل لهجي ۾ چوي ٿي:

”مائي شمسہ تون چاچهن جي چالبازين کا واقف ناهين، مون عمر آندي آ ان عورت سان، سندس ڏنگيو ساهہ ئي نہ ڪٽي سگهندو..

”پر امان رحمان هاڻي ڪو ٻار تہ ناهي، ڀلا ان سان ڪهڙي چال ڪيڏندي، هو بہ سڄي دنيا گهميو وينو آ....ڳڻتي نہ ڪيو.... هو بس ملي

واپس اچي ويندو... توهان ڪمري ۾ هلي آرام ڪيو. خواه مخواه پنهنجو بلڊپريشر نہ وڌايو...“

اٿاري ڪمري ڏانهن وٺي ويجيس ٿي....

●

رحمان شهربانو جي گهر، ڪمري ۾ هڪ پلنگ تي ليٽيو پيو آهي، سندس اندر ۾ ماڌاڻ متو پيو آهي عجيب ڪشمڪش ۾ آهي، اٿي ننڍڙي ٽپائي تي رکيل جڳ مان پاڻي ڪڍي پيئي ٿو سگريٽ دُکائي ڪمري ۾ هلڻ لڳي ٿو سندس خيالن ۾ شهربانو جي آفر... ٻئي طرف سنڌيا سان محبت جا عهد و پيمان... ماءُ پيءُ جا چاچي سان اختلاف سڀ خيال واري واري سان سندس ذهن ۾ اچي رهيا آهن. سندس ذهن ۾ هڪ مانڌاڻ متو پيو آهي. ننڍپڻ جي احساس محرومي سندس طبيعت ۾ هلڪي ڦلڪي لالچ جو مادو پيدا ڪندي رهندي آهي جلد کان جلد دولتمند بنجڻ جي تمنا هميشہ سندس دل ۾ رهي آهي ان کان علاوه سندس ننڍپڻ ۾ سندن پيءُ جون زمينون پٽس جي سوٽ طرفان هيراڦري سان پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڪين گهر کان ئي بيدخل ڪري ڇڏڻ، اهي سڀ ڳالهيون سندس دماغ ۾ گهمي رهيون آهن ڪڏهن شهربانو جا لفظ، ”ملڪيت ڏارين ۾ هلي ويندي تہ منهنجي مُئي ڪانپوءِ مريم سان الائي ڪهڙو سلوڪ ڪن. ڪڏهن سنڌيا جو آواز ڪنن سان ٽڪرائجيس ٿو ”رحمان توهان جي بغير هاڻي مان جيئڻ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهان.“ گلبانو سخت ڪاوڙ مان ڪيس چوي پئي، سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي تہ شهربانوءَ جي ڌيءَ هن گهر ۾ ڪنوار بنجي اچي، اهڙي ڳالهہ دل ۾ هيئي تہ اسان کي ڇا لاءِ بچڙو ڪيئي سنڌيا جي گهر موڪلي. وري شهربانو جو التجا ڀريو آواز، ابا مريم شهر وڃي سڀ ڪجهہ سکي ويندي. مراد خان ڪانپوءِ زمينداري ڪير سنڀاليندو. جهيڙا جهتا ڪهڙن خاندانن ۾ ناهن ٿيندا. ڪڏهن ننهن کان ماس بہ جدا ٿيو آ. پراڻيون ڳالهيون ڪير ٿو ياد ڪري. شهر بانو

جو آواز پڙاڏو بنجي سندس دماغ ۾ گونجڻ لڳي ٿو ”زمينون ڪير سنڀاليندو.. زمينون ڪير سنڀاليندو... زمينون ڪير سنڀاليندو...“

لالچ بري بلا آهي جيڪا سيني جذبن ۽ رشتن تي حاوي ٿي وڃي ٿي... ان جي چنبي ۾ ڦاسي وڃي ٿو.

”گهر آئي دولت کي پني ڏيڻ ناداني آ، سنڌيا جو چاهي... مان محبت ته سنڌيا سان ڪيان ٿو نه. ضروري ته ناهي ته جنهن سان محبت ڪجي ان سان شادي به ڪجي جي مون مريم سان شادي ڪئي ته محبت به ملندي ته دولت به... اهڙي سونهري موقعي کي هٿان وڃائڻ بيوقوفي آ... رهيو امان جي ناراضگي جو سوال ته ماءُ آ... مونکان سواءِ سندس ڪير آ... پٽ جي ضد آڏو ڪيس هار مڃڻي پوندي. مان امان کي ڪنهن نه ڪنهن نموني راضي ڪري وٺندس. چاچي ٺيڪ ٿي چوي، خاندان جي دولت خاندان ۾ ئي رهڻ گهرجي.. هونئن به چاچي ڪريم داد بابا سان دوکو ڪري اسان جون زمينون پنهنجي نالي ڪري ڇڏيون هيون. انهن ۾ اسان جو به حصو آهي. امان کي سمجهائي وٺندس ته پنهنجو حق جيڪڏهن ان نموني ئي واپس ملي ٿو ته ان ۾ ڀلا ڪهڙي برائي آهي...“

فيصلو ڪري سک جو ساهه کڻي ٿو. سندس بيچيني شانت ٿي وڃي ٿي. پلنگ تي پاسو ورائي سمهي پوي ٿو ۽ ننڊ جي ديوي کيس لولي ڏئي سمهاري ڇڏي ٿي.

●

سنڌيا پنهنجي ڪمري جي گيلري ۾ اداس دور پري خلائن ۾ گهوري رهي آهي، ٿڌڙي هوا جا جهوٽا سندس وکريل وارن کي ڇيڙي رهيا آهن گهڙي گهڙي سندس هٿ وارن جي ڇڳ کي ڪنن جي پويان ڪن ٿا. کيس اهو منظر ياد اچي ٿو. جڏهن پارڪ ۾ ويٺا هئا ۽ هوا سندس وارن سان ڇيڙخاني ڪري رهي هئي ۽ رحمان کيس پنهنجي وارن کي سنڀاليندي ڏسي شرارت مان جهونگارڻ لڳو هئو.

”لٿ الجھي سلجھا جا ري بالم مين نا لگائون ھاتھ ري.“

اج رحمان جي ياد کيس شدت سان ستائي رھي ھئي.... اج رحمان کي سڄا سارا ڏھ ڏينھن ٿي ويا ھئا. ھفتي جو چئي ويو ھو فون بہ ڪونہ ڪئي اٿس، الائي ڇا ڳالھ آ. سنيتا ٻڌايو پئي تہ نجمہ چيو تہ ڳوٺ ويو آ.... اھو تہ مونکي بہ ٻڌايو ھئائين پر ايترا ڏينھن. سندس اکين ۾ ڳوڙھا ٻرجي اچن ٿا. انھي وقت پٽس ڪمري ۾ اچي ٿو.... سنڌيا رئي جي پلو سان اکيون اگھي وٺي ٿي.... شوڪت علي تنبيہ ڀرئي انداز ۾ چويس ٿو:

”وري اچي ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي آھين.“

” بس ائين ئي بابا...“

احمد بہ کين ڳولھيندو ڪمري ۾ اچي ٿو.

”ڇو ھتي اچي ويٺا آھيو.. سنڌيا چانھ ڪون ملندي ڇا؟“

”اڃھو ٿي آٽيان.“

”جلدي اچ مونکي توسان ڪجھ ڳالھائڻو آھي...“

سنڌيا ٿورو حيران، پريشان ٿي ٻاھر نڪري وڃي ٿي، ٿوري دير ۾ چانھ کڻي اچي ٿي، چانھ پئندي احمد علي چوي ٿو تہ آپي رابعہ جو فون آيو ھو....

”ڇو خير تہ آھي نہ.... ڇا ٿيو آ آپيءَ کي...“

” آپيءَ کي تہ ڪجھ ناھي ٿيو پر....“

”پر ڇا... سھي طرح سان ٻڌائين ڇو ڪونہ ٿو....“

شوڪت علي ڏيءَ جي بيتابي ڏسي مسڪرائي ٿو تڏھن وڃي سنڌيا جي جان ۾ جان اچي ٿي.

”بابلا پيٽين چوي ٿي تہ سنڌيا کي يونيورسٽي ۾ آنرز سائيڊ تي ايڊميشن ڪرايو ڪاليجز ۾ ڊگري ڪلاسز ۾ سٺي ۽ معياري پڙھائي نہ ٿي ٿئي....“

احمد سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو ڪجھ سوچي چوي ٿو:

”پر بابا يونيورسٽي ۾....“

سنڌيا جلدي سندس ڳالھ ڪٽيندي چوي ٿي.

”ها بابا مان انگلش ۾ ماسٽرز ڪرڻ چاهيان ٿي ان لاءِ يونيورسٽي جوائن ڪرڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو....“

احمد کي اها ڳالهه دل کي نہ لڳي... ليڪن يونيورسٽي ايترو پري آهي..... منهنجو بہ آخري سال آهي اهو بہ ريسرچ ورڪ لاءِ آئي ڏينهن ٻاهر وڃڻو پوي ٿو اڪيلي ڪنهن سان ويندي.

”بابلا هڪ بہ دفعا ڪٺي گڏجي وڃجائنس پوءِ سيٽ ٿي وئي تہ پاڻهي پئي ويندي.“

انهي وقت رابعہ بہ ملڻ لاءِ اچي وڃي ٿي, سنڌيا ڪيس ڏسي خوش ٿي ڊوڙي وڃي ساڻس ملي ٿي تہ ڪوتہ سندس ساٿ ڏيڻ وارو اچي ويو. رابعہ سيني سان ملندي.

”ڪهڙو بحث پيو هلي جو سيئي متا جوڙي گڏ ٿي ويٺا آهيو.“

”ڪا خاص ڳالهہ ناهي رونيورسٽي ۾ داخلا جي ڳالهہ پئي هلي تہ انٽر جي رزلٽ اچڻ واري. آ... هيڏانهن اچي ويهہ... سنڌيا پيڻ لاءِ بہ چانهہ ڪٺي اچ.“

سنڌيا وڃي ٿي شوڪت علي طارق بابت پڇي ٿو تہ اهو ڇو ڪونہ آيو. رابعہ ٻڌائيس ٿي تہ کيس ٿورو ڪم هو ان ڪري هو کيس ڊراپ ڪندو اوڏانهن هليو ويو واپسي تي هيڏانهن ئي ايندو.

صبح جي وقت مراد خان اخبار پيو پڙهي تہ شهربانو اچي ٿي ۽ رازداري واري لهجي ۾ پڇيس ٿي:

”مراد خان رات منهنجي وڃڻ کانپوءِ رحمان توسان مريم جي سڱابندي جي باري ۾ وڌيڪ ڪا ڳالهہ ڪئي؟“

”ادي تون تہ صفا ڪا چري آهين.... رحمان پڙهيل ڳڙهيل سمجهدار ماڻهو آ.... سڀ ڪجهہ سمجهي ٿو ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ تڪڙ ڪرڻ سان سڀ ڪجهہ بگڙي سگهي ٿو.“

اوڏي مهل رحمان بيگ هٿ ۾ ڪٺي ڪمري کان ٻاهر اچي ٿو. ورانديءِ ۾ شهربانو ۽ مراد خان اڳ ۾ ئي ناشتي لاءِ سندس انتظار ۾ آهن.

”اچ ابا... تنھنجو ئي انتظار پئي ڪيوسين، اچي نيرن ڪر.... خاني او خاني... رحمان خان لاءِ گرم، گرم اوڦراتو لاھي آ...“

خاني دبڪيءَ تي اڦراتو ڪٽي اچي ٿي سڀئي گڏجي نيرن ڪن ٿا... شھربانو ڳالھ ڇيڙيندي.

”ابا ننڍ ته سُني آيئي نه.... ھتي شھر واري سھوليت ته آھي ڪونه.“

”نه چاچي اھڙي ڳالھ ناھي... ھڻن ڏينھن کان رھيو پيو اچان.....“

”پلا مون واري صلاح جي باري ۾ ڪجھ سوچيئي.....“

مراد خان گھڻئي اکين جي اشاري سان ڪيس جھلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر شھربانو پنھنجي ئي ڌن ۾... ڏيان نٿي ڏئي... ۽ چوندي رھي ٿي.

”مريم به ھينئر ڏھين جو امتحان ڏنو آ، ھتي ڳوٺن ۾ ارڙھن اوڻويھ سال وڏي عمر سمجھي ويندي آھي، ان ڪري فڪر اٿم ته سندس بار لاھي ڇڏيان.“

”چاچي مون به ان ڳالھ تي گھڻو سوچ ويچار ڪيو آھي، پر امان ۽ آپا ڪڏھن به نه مڃيندين.“

شھربانو چپ ڀڃا ڪندي چوي ٿي:

”چو... پلا ڪھڙي گھٽتائي آ منھنجي مريم ۾...“

رحمان وڏيڪ بحث نه ٿو ڪري،“

ٺيڪ آ چاچي، في الحال ته مان ڪراچي ھلان ٿو امان وارن سان ڳالھائي ڏسان، رک الله تي مڙئي چڱي ٿيندي شھربانو کي ڪجھ اميد ٿئي ٿي، مراد خان به اشارو ڪريس ٿو ته ھاڻي وڏيڪ بحث درست ناھي. مراد خان اٿي ھٿ ڌوئي ٿو ۽ چوي ٿو ته ھو اوطاق تي وڃي ڏسي ٿو ته ڊرائيور گاڏي تيار ڪئي يا نه.

شھربانو اندر ڪمري جي در تي وڃي ڏيءَ کي سڏيندي چوي ٿي:

”مريم امان اٿي آ، ڏس ڪيڏو سج چڙھي آيو آ سوٺھن به وڃي پيو. اچي موڪلائينس.“

ننڊ مان جاڳائڻ تي مريم جو موڊ سخت خراب ٿي ويو هو پر رحمان جو لحاظ ڪري اکيون مهٽيندي ٻاهر اچي ٿي.

انهي مهل رحمان به وڃڻ جي لاءِ اٿي ٿو

”چڱو چاچي، چڱو مريم مان هلان ٿو.“

”ابا الله واهي سيني کي دعائون ۽ سلام چئجانءِ.“

رحمان موڪلائي ٻاهر نڪري ويو ٿو، مريم موڊ خراب ڪري اندر ويندي ويندي چوي ٿي،

”ويو پئي ته مونکي ڇا لاءِ اچي ننڊ مان اٿاريئي، هونهن...“

ماڻس پنهنجي منهن پڻڪندي.

”هي ڇوڪري الائي ڇا ڪندي، مان وتان ٿي سندس چڱي آئيندي لاءِ ڪوشش ڪندي، پر هن کي ڪو عقل ئي ڪونهي، الله سندس قسمت چڱي ڪري.“

●

اڄ موڪل جو ڏينهن آهي، ڪراچي ۾ موڪل جي ڏينهن اڪثر ڪري روڊ رستا سنسان ۽ ويران هوندا آهن. ماڻهو سڄي هفتي جي ڪمن ڪارين ڪانپوءِ موڪل جو ڏينهن گهر ۾ آرام ڪري سڄي هفتي جو ٿڪ لاهيندا آهن، ان ڪري صبح جي وقت رستن تي ايڪڙ ٻيڪڙ گاڏيون هلندي نظر ايندیون آهن، هر گهر جي صبح يارهين ٻارهين بجي کان اڳ ۾ ناهي ٿيندي. رحمان جي گهر جو به ساڳيو حال آ، صبح جا يارهن پيا ٿين گلبانو شمسه ۽ نجمه لائونج ۾ ويٺيون آهن، گلبانوءَ جو موڊ به ڪافي بهتر آهي، انهي وقت رحمان به ٽوال سان منهن اگهندو ڪمري کان نڪري لائونج ۾ اچي ٿو ۽ ڪرسي سرڪائي ڊائننگ ميز تي ويهي چوي ٿو ته ڪا چانهه ملندي، پيٽس خوشدلي سان چويس ٿي ته:

”ڪوڙ چانهه... رات دير سان پهتين ڪو حال احوال به ڪونه ڪيئي، ذري گهٽ به هفته ٿي ويا تنهنجي هن دفعي واري ٽرپ کي.“

”بس آپا هفتو تہ سڄو آفيس جي سروي ورڪ ۾ گذري ويو. اتان پوءِ ڳوٺ ويس تہ چاچي شهربانوءِ ماما مراد خان اصل نہ پيا ڇڏن. چون ايترن سالن کانپوءِ آيو آهين ائين هڪ ٻن ڏينهن ۾ ٿوروئي ڇڏينداسين. ڪجهہ ڏينهن ترس زمينون وغيره گهم پوءِ وڃجانءِ.“

گلبانو اهو ٻڌي سڙي وڃي ٿي.

”شهربانو جي طبيعت بدلي آ يا اهائي پراڻي چال اٿس.“

شمسہ ماءُ کي طنز ڪندي ڏسي، ٽوڪي ٿي.

”امان توهان بہ بس، شل نہ ڪنهن سان نہ ٿهو.“

رحمان بہ شهربانو جو پاسو کڻندي.

”نہ امان چاچي هاڻي صفا بدلجي وئي آهي، چاچي ڪريم داد کان پوءِ اها هستي نہ رهي اٿس.“

رحمان کي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ مريم ۽ پنهنجي شادي جي آفر جي باري ۾ ماءُ کي ڪيئن ٻڌائي، خبر اٿس تہ سندس ماءُ اهو ٻڌي آسمان کڻي مٿي تي کڻندي. آخر شمسہ ئي ڪيس موقعو فراهم ڪري ٿي.

”رحمان ڏي، خبر چاچي شهربانو جي هڪڙي ڌيءَ بہ هئي، ڇا نالو هوس... ها ياد آيو مريم... اها تہ وڏي ٿي وئي هوندي. نجمہ کان پنج ڇهہ سال وڏي هئي، ڪاٿي شادي وادي ڪرائي ٿئينس يا نہ.....“

رحمان موقعو غنيمت سمجهندي ڳالهہ ڇيڙي ٿو.

”آپا مريم مئٽرڪ ڪئي آ. ڳوٺ ۾ ڪاليج تہ آهي ڪونہ، چاچي سندس لاءِ ڏاڍي فڪرمند هئي، چيائين پئي تہ اسان جو تہ ڪير آهي ڪونہ توهان ڪانسواءِ. مان نہ ٿي چاهيان تہ مريم جي مٿي ڌارين ۾ ڪيان....“

شهربانوءِ پنهنجي گفتگو پيرائتي کين ٻڌائي ٿو. جيئن جيئن رحمان ڳالهہ ڪندو وڃي ٿو گلبانوءَ جو پارو چڙهندو وڃي ٿو. چهرو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃيس ٿو. رحمان جيئن ڳالهہ پوري ڪري ٿو گلبانو چڙ تہ ڦاٽي پوي ٿي.

”دماغ خراب ٿيو آ شهربانوءَ جو سندس همٿ ڪيئن ٿي توسان پنهنجي جاهل ڳنوار ڌيءَ جي سڱ جي ڳالهه ڪرڻ جي، ڪيس خبر ڪانهي، شايد اهي ڏينهن وسري ويا اٿس. هن مونسان ڪهڙا ڪلور، ڪهڙيون جنيون ڪيون هيون توهان جي پيءَ جي گذرڻ ڪانپوءِ، شمس کي وارن کان جهلي گهلي، گهلي مارون ڪيندي هئي ۽ تون ڊجي منهنجي هنج ۾ لڪي ويندو هئين... رڳو ان ڪري ته متان اسان پنهنجي ملڪيت جو حصو نه گهري وٺون ۽ هو تنهنجو مرهيات چاچو ڪريم داد، ان ته جهٽ وجي سڀ ڪاتا متائي زمينون پنهنجي ڪاتن تي چاڙهائي ڇڏيون. ويچارو مراد خان رڙيون ڪندو رهيو ته يتيمن ۽ بيواه سان ظلم نه ڪيو، خدا جي قهر کان ڊڄو رحم ڪيو سندن حق نه ڪائو. تڏهن به نه مڙيا... ۽ هاڻي هلي آ ڌيءَ جو سڱ رحمان خان سان ڪرڻ...“

شمس به ماءُ جي تائيد ڪندي چوي ٿي،

”رحمان... امان چوي سچ ٿي... اهو ته امان اٺ درجه فائينل پاس هئي، بابا سان نوڪرين سانگي شهرن ۾ اچڻ وڃڻ رهيو هوس تڏهن چاچي ۽ چاچيءَ جي ظلمن کان اسان کي بچائڻ لاءِ راتو رات لِڪ چوري گهر ڇڏي اسان کي ساڻ ڪري ڪراچي هلي آئي. شابس هجي مامي مرادخان کي جنهن لِڪ چوري اسان جي مدد پئي ڪئي. پنهنجي چاڻ سڃاڻ واري جي مدد سان هتي امان کي پرائمري اسڪول ۾ سنڌي ٽيچر جي نوڪري ڏياري تڏهن وڃي اسان پيرن تي بيٺاسين. توکان پلي اهو سڀ وسري ويو هجي پر مونکي چڱي طرح ياد آ.“

رحمان وري به انهن جي حمايت ڪندي چيو:

”پر آپا.... ان ۾ مريم جو ڪهڙو ڏوهه. هن ته مائٽن کي ڪونه چيو هونه ته اسان تي ظلم ڪن....“

”حيرت آ، اهو تون پيو چوين...تون ته سنڌيا سان محبت پيو ڪرين نه... ان جو ته ڪجهه خيال ڪر...“

”آپا توهان کي سنڌيا جو فڪر آ، پر منهنجي ڪيل ڪنهن واعدي جو ڪوبه خيال ناهي...“

اھو ٻڌي گلبانوءَ جو جڻ برداشت جو مادو بلڪل ختم ٿي ويجي ٿو. سخت ڪاوڙمان پٽ ڏي نھاري ٿي.

”واعدا تہ تو سنڌيا سان بہ ڪيا ھئا، گڏ جيئڻ جا گڏجي مرڻ جا. سنڌيا ھڪ معصوم سلڇڻي ڇوڪري آ، سڀ ڪان وڏي ڳالھہ تہ ھوءَ توسان بي پناہ محبت ڪري ٿي... نہ رحمان نہ، مان توکي پرائي نياڻيءَ سان ايڏي وڏي ويساہ گھاتي ڪرڻ نہ ڏينديس... مان بہ ماءُ آھيان ۽ ھوءَ ويچاري بنا ماءُ جي پلجي وڏي ٿي آھي ... ھن ھميشہ مونکي ماءُ ۽ شمسہ کي وڏي ڀيڻ جيان سمجھو آھي... مان ھن جي درد کي سمجھي سگھان ٿي... اگر ھن کي تنھنجي ان دوکي ۽ فريب جي خبر پئي تہ ھوءَ جئي نہ سگھندي، مان نياڻيءَ کي ائين جھرندي مرندي ڏسي نہ ٿي سگھان. توکي پنھنجو اھو فيصلو ھر حالت ۾ مٽائڻو پوندو...“

پررحمان تي لالچ جو انڌ سوار ھو، ھن ڏکيا ڏينھن ڏٺا ھئا. انکري ھو اھو موقعو ھٿان وڃائڻ نہ پيو چاھي، دولت جي ديوي ھن تي مھربان ٿيڻ لاءِ آتي آ... ۽ ھو ھڪ فضول جذبي جي ڪارڻ ان کي ٺڏي ڇڏي اھو ڀلا ڪيئن ممڪن آ.

”بس امان بس، گھڻي طرفداري ٿي وئي سنڌيا جي.... توھان کي ھڪ غير ڇوڪري جي درد جو ايترو خيال آ ... باقي مان جيڪو توھانجو پنھنجو آھيان ان جي پرواھہ نہ اٿو..ڏسو نہ چاچي وارن دوکي سان اسان جون زمينون ڦٻايون ھيون، قدرت انھن کي حاصل ڪرڻ جو سونھري موقعو فراھم ڪيو آ، مان ان کي ھٿان وڃائڻ نہ ٿو چاھيان.... محبت تہ ڪڏھن بہ ڪنھن سان بہ ڪري سگھجي ٿي ۽ رھي سنڌيا تہ اھا ڪيڏانھن ٿي ڀڳي وڃي ڏسي وٺبو ان ڳالھہ کي بہ....“

”تہ پوءِ ٺيڪ آ.... جيڪا تنھنجي مرضي... تون ھينئر لالچ جي انڌ جي گھوڙي تي سوار آھين، توکي روڪڻ ناممڪن آھي ، پر منھنجي بہ ھڪ ڳالھہ ٻڌي ڇڏ... اسان جي طرفان اڄ بہ انڪار ٿئي، صبحاڻي بہ انڪار ٿئي. اسان مان ڪابہ اميد نہ رکجانءِ. تنھنجي دل جيئن چوي تيئن وڃي ڪر. مان سنڌيا سان ٿيندڙ بي واجبي ڏسي تنھنجو ساٿ نہ ٿي ڏئي سگھان..“

سندس بلڊپريشر هاءِ ٿي ويو ۽ ڪاوڙ مان اٿي اندر هلي وئي. شمسہ ۽نجمہ ماءُ جي بگڙيل طبيعت ڏسي ان جي پويان هليون ويون. رحمان لائونج ۾ اڪيلو رهجي ويو... پوءِ بہ هن کي ڪو پڇتاءَ ڪونہ ٿيو بلڪ هو گهر وارن جي انهي رويہ تي چڙي پيو.

”ڪمال آ.... هنن کي منهنجي فيلنگس جي ڪا پرواهہ ناهي، گهر آئي دولت کي ٺڪرائڻ ناداني آهي، سنڌيا جو چاهي... مان محبت تہ سنڌيا سان ڪيان ٿونہ... ان لاءِ اهو لازمي آ تہ شادي بہ ساڻس ڪيان ... شادي اگر مريم سان ڪيم تہ محبت سان گڏ دولت بہ ملي ويندي... اهڙي سونهري موقعي کي هٿان وڃائڻ سراسر بيوقوفي آهي، پر امان کي ڪير سمجهائي، ڪير ڪيس راضي ڪري، هن کي تہ ننُهن جي صورت ۾ سنڌيا کان سواءِ ٻي ڇوڪري نہ ٿي وڻي.....هڪ دفعو وري ڪوشش ڪندس تہ امان کي راضي ڪري وٺان. جي خوشي سان اجازت ڏنائين تہ ٺيڪ نہ تہ پوءِ ٻيو ڪجهہ سوچي وٺبو....“

فيصلو ڪري پُر سڪون ٿي ويجي ٿو ۽ سگريٽ دکائي اٿي گهر کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

•

هوڏانهن سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ الماري کولي ان کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پاڻ وندرائڻ جي ڪوشش پئي ڪري، تہ سنيتا اچي ٿي ۽ حسبِ دستور ساڳيو جملو دهرائي ٿي.

”ڪهڙي خبر ، ڪهڙا حال، ڪهڙا چال، ڇا پيو ٿئي.“

”اچ سنيتا، گهڻن ڏينهن کان پوءِ پئي نظر اچين.“

”ها بس گهر جا ڪم ڪاريون، ڪاليج بہ ختم ٿي ويو ها توکي ٻڌائڻ وسري ويو، اڄ نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏئي آئي آهيان...“

”اڙي واه... شابس هجئي... ٻڌايئي بہ ڪون تہ اپلاءِ ڪيو ٿئي.“

”ڇو تون بہ ڪرين ها ڇا... پر توتہ چيو هو تہ يونيورسٽي ۾ ايڊميشن وٺنديندءَ...“

”ها اهو تہ سهي آ...

”ٻيو ٻڌاءِ ڪيئن پئي گذري.....“

”بس مڙئي پئي گذري، آپيءَ جي شادي کان پوءِ گهر جڻ کائڻ پيو ايندو آ.“

”پلا ڏي تہ خبر نجمہ وارن مان ڪو آيو ڪو ويو.“

”نہ جيڪو آپيءَ جي شادي تي آيون هيون وري ڪوبہ ناهي آيو.“

”رحمان جو ڪو اَتو پتو.... مان بہ ڪوڙ سارا ڏينهن ٿيا آهن اوڏانهن ناهيان وئي...“

”رحمان جيڪڏهن ڳوٺان اچي فون ڪئي تہ پوءِ چا ڪنديس، هاڻي تہ ملڻ لاءِ بہ نڪري نہ ٿو سگهجي، ڪاليج وڃڻ جو بہ بهانو ڪونهي.“

”ڏس سنڌيا پنهنجو خيال رکجانءِ، مان بہ هاڻي توسان گڏجي يونيورسٽي ڪونہ هلنديس. مونکي الائي ڇو تنهنجو اونو آ.... تو ۾ اها هوشياري ۽ مردم شناسي بلڪل بہ ڪونهي، جيڪا هن عمر جي ڇوڪرين ۾ هوندي آهي، هر ڪنهن جي ڳالهہ ۾ آساني سان اچي ويندي آهين....“

سنڌيا جي چهري تي ڦڪي ۽ اداس مرڪ اچي وڃي ٿي،

”سنيتا تون ئي تہ منهنجي سڀ کان مخلص ۽ پياري دوست آهين تڏهن تہ منهنجي لاءِ ايترو پريشان ٿي ٿين.... پر تون فڪر نہ ڪر، مان پنهنجو خيال رکڻ جي ڪوشش ڪنديس.“

”اوڪي بابا مان هلان ٿي.“

سنيتا وڃي ٿي تہ سنڌيا ڪي ٻيهر ڳڻتي اچي ورائي ٿي تہ رحمان ايترا ڏينهن ڳوٺ ڇو وڃي رهي پيو آ ڪو ڪانٽيڪٽ بہ نہ ڪيو اٿس.

•

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ گلبانو جي طبيعت ڪجهہ بهتر ٿئي ٿي تہ شمسہ بہ ڊيوٽي تي وڃڻ شروع ڪري ٿي، ۽ رحمان بہ آفيس جا ڪم ڪاريون جلدي جلدي سهيڙڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. هڪ ڏينهن جڏهن گهر جو ماحول ڪافي خوشگوار آهي، گلبانو سمجهي رهي آهي تہ رحمان تي سندس ڪاوڙ اثر ڪيو آ ۽ هو ان آتي تان لهي ويو آ تہ صبح جو رحمان جيئن ئي ناشتي جي ميز تي اچي ٿو تہ پيڻ کي مخاطب ٿي چوي ٿو.

”آپا توهان پوءِ ڇا ڊسائيڊ ڪيو......“

شمسہ حيرانگيءَ سان کيس ڏسي ٿي،

”اسان کي ڪجهہ ڊسائيڊ ڪرڻو هو ڇا...؟“

”ڇا مطلب... توهان مان ڪنهن کي بہ منهنجي ڪيل واعدي جي پرواهہ ناهي.. تہ پوءِ مونکي بہ ڪنهن جي رضامندي جي ضرورت ناهي... “

ناشتو ڪرڻ ڪانسواءِ ئي ڪاوڙ ۾ تيار ٿي ٻاهر نڪري وڃي ٿو. گلبانو ۽ شمسہ ڏک مان کيس ڏسنديون رهجي وڃن ٿيون. رحمان گاڏي کڻي ويران رستن تي بي مقصد ڊوڙائيندو رهي ٿو. سندس ذهن ۾ ڪوڙ سارا آواز گونجي رهيا آهن، ”شهربانو اسان سان ڇا نہ ڪيو. ڇاڇهن اسان جون زمينون ڦٻايون، اسان کي گهران ڪڍي در در جون نوڪرون ڪائڻ تي مجبور ڪري ڇڏين...، رحمان خان مان چاهيان ٿي تہ گهر جي دولت گهر ۾ رهي نہ تہ ڌاريا وڃي ڪائيندا...، رحمان مان تنهنجي بغير هڪ پل بہ رهي نہ ٿي سگهان....“ اهي جملا سندس دماغ ۾ هٿوڙن جيان لڳي رهيا آهن... زور سان ايڪسيلريٽر دٻائي ٿو گاڏي جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي، شهربانو جا چيل لفظ بار بار سندس ڪنن ۾ گونجڻ لڳن ٿا، ڪنڌ لوڏي سيني خيالن کان پيڇو ڇڏائڻ لاءِ گاڏي کي تيزيءَ سان يو ٽرن ڏئي ٿو ۽ سڌو پنهنجي گهر جي سامهون اچي زور سان بريڪ هڻي گاڏي مان لهي ٿو. جلدي جلدي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي بيگ ۾ ڪپڙا وجهي ٿو. بيگ کڻي ٻاهر اچي گاڏي ۾ ويهي ٿو ۽ رفتار تيز ڪري ڇڏي ٿو.... نجمہ باٿ روم مان نڪري پئي تہ مامي کي بيگ کڻي تيز تيز

قدمن سان گهر مان ٻاهر ويندي ڏسي حيران پريشان ٿي ٻوڙي ناني جي ڪمري ۾ وڃي ٿي جتي ناني اڃان ڪاوڙ ۾ ويٺي آهي شمسہ کيس سمجهائڻ جي ڪوشش پئي ڪري.

”امي، امي، ماما بيگ کڻي ٽڪڙو ٽڪڙو الائي ڪيڏانهن هليو ويو...“

”بيگ کڻي...! شمسہ حيران ٿي پڇيس ٿي.

”ها امي، مان جيسين پڇان، پڇان ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري ويو...“

شمسہ اٿي ڪمري جي گيلري مان ڏسي ٿي رحمان گاڏي ۾ وڃي رهيو آهي، هوءَ حيران پريشان واپس اچي پلنگ تي ويهي ٿي. گلبانو جيڪا ليٽي پئي هئي اٿي ويهي ٿي ۽ ڪاوڙمان چوي ٿي،

”ڏنئي نہ....مون تڏهن پئي رڙيون ڪيون تہ ڳوٺ نہ وڃي. مون کي خبر هئي تہ شهربانو پنهنجي چالبازين کان مڙڻ واري ناهي... جڏهن بہ موقعو هٿ آيس مونکي ڏنگي ماريندي، ڪري ڇڏيئينس نہ جادو ڪجهہ ئي ڏينهن ۾.. جو نہ ماءُ جي سڄي عمر جي پرورش جو خيال پيس، نہ پيڻ جو. هوڏانهن پرائي ڄائيءَ کي محبت جي چار ۾ ڦاسائي ان کي بہ دوکو ڏئي ڇڏيائين. ڪاٿي سنڌيا. شهر جي پڙهيل لکيل سهڻي سلڇڻي ڇوڪري، ڪاٿي مريم، ٻهراڙي جي ماحول ۾ ۽ اها بہ شهربانو جي پالنا ۾ پلجي وڏي ٿيل ڇوڪري، زمين آسمان جو فرق آ ٻنهي ۾..... ڪيئن شادي جي اجازت ڏيانس.“

”امان توهان بہ کيس آرام سان سمجهايو ها، رحمان ايڏو لالچي تہ ڪونہ هو جو پراين زمينن ۽ دولت تي هرڪجي پنهنجي ماءُ ۽ محبت جو خيال نہ ڪري...، امان توهان بہ ڪاوڙ ڪيس تہ هو بہ ضد ۾ اچي ويو... خير ڪيڏانهن ويندو اجهو ٿو موٽي اچي، مڙئي اسان تي رعب وجهڻ لاءِ بيگ کڻي ويو آ...“

گلبانو جيڪا اندر ۾ جهري پئي هئي، پٽ جي انهي رويي کيس ويتر پورا پورا ڪري ڇڏيو سوچڻ لڳي....

”اولاد ائين به ٿيندو آ، کهڙن جهدن سان پالي وڏو ڪجي ٿو. هزارين ارمان دل ۾ ڪٺي ان پل جو انتظار ڪجي ٿو ته ڪڏهن وڏو ٿيندو، ڪڏهن سندس خوشيون ڏسبيون. اسان جي گهر ۾ ته ڄڻ خوشين جو ڪو ڪال هجي. شمسه ڀري جواني ۾ بيوه ٿي وئي، رحمان ڪئي سالن تائين نوڪري سانگي ٻاهر هليو ويو. اهي سال انتظار ۾ ڪيئن ڪاٽيم منهنجو الله ٿو ڄاڻي يا مان... مس، مس راضي ٿيو ته سنڌيا سان شادي ڪندس. اسان به خوش هئاسين ته شايد رب کي اسان تي رحم آيو ۽ ٻچن جون خوشيون ڏسڻ نصيب ٿينديون، ته ڪهڙي اوڙاه ۾ وڃي ڦاٿو..“

سندس اکين مان نير وهڻ لڳا، ماءُ کي سوچ ۾ گم ۽ ڏکارو ڏسي شمسه کيس دلداري ڏيڻ لڳي.

”امان.... رحمان تنهنجي مرضيءَ جي بغير ڀلا ڪو ڪم ڪري سگهي ٿو. تون هروڀرو پئي پريشان ٿين. اجهو ٿو موٽي اچي.... نجمه اٿي امان لاءِ پاڻي کڻي آ... نجمه اٿي پاڻي کڻي نانيءَ کي پياري ٿي....

●

ٻئي طرف سنڌيا پنهنجي گهر جي ڪچن ۾ منجهند جي ماني جي تياري پئي ڪري ته سنيتا اچي ٿي ۽ ايندي ئي خوشدلي سان پڇي ٿي.

”هيلو سنڌيا..! ڪهڙا طعام پيا تيار ٿين، خوشبوءِ ته واه جي پئي اچي....“

سنڌيا کلندي ”توکي ته سدائين خوشبوءِ ئي ايندي آ...، مڙئي دال ڀاڄي پئي ناهيان... ڏي ته خبر ٻه ٽي ڏينهن آئينءَ ڪونه. مون پاڻ تنهنجو انتظار پئي ڪيو.“

”منهنجي پيڻ آيل هئي حيدرآباد مان، ان ڪري مصروف هيس........ پر خير ته آهي نه... ڇو پئي انتظار ڪيئي....“

”صبحاڻي يونيورسٽي فارم جمع ڪرائڻو آ... گڏجي هلجانءِ نہ...“

”ٺيڪ آ... هلنداسين ... ڏي تہ خبر، رحمان جي، ڳوٺان آئي تہ ڪيس هفتو ڪن ٿي ويو آهي توسان ڪو رابطو ڪيو اٿس يا نہ.“

سنڌيا رحمان جي اچڻ جو ٻڌي خوش ٿي وڃي ٿي.

”رحمان آيو آ... ڪڏهن ...“

جذباتي انداز مان پڇڻ لڳي.

”ڇيم نہ تہ هفتو ڪن ٿي ويو اٿس....“

اهو ٻڌي سنڌيا جي خوشي ڪافور ٿي وڃي ٿي... چهرو مرجهائجي ويس ٿو. ”بہ ٿي ڏينهن...! مون کي فون بہ نہ ڪئي اٿائين... نہ ... پڪ توکي غلط فهمي ٿي هوندي.“

”مان ٽيون ڏينهن اوڏانهن وئي هئس، ناني ۽ آپا جا منهن لٿا پيا هئا.... مونسان بہ سهي نموني نہ ڳالهاين.... نجمہ کان پڇيم تہ ٻڌايائين تہ ماما گهڻا ڏينهن ڳوٺ رهي آيو آهي نہ... ان ڪري ناني ناراض آهي... پر لڳي ٿو تہ ڪا ٻي ڳالهہ آ... مونسان نٺائي ويون.“

سنڌيا جو منهن ويتر لهي وڃي ٿو. ڪيس سنيتا جي ڳالهہ تي يقين ئي نہ ٿو اچي....

”پر رحمان مونسان فون تي ڇو ڪونہ ڳالهايو. ايترن ڏينهن کان پوءِ آيو آ ۽ هڪ فون ڪال بہ نہ ڪيائين، دل کي آٿت ڏيندي.. ٺڪل هوندو... وري مٿان نانيءَ جي ڪاوڙ... انڪري ٿي سگهي ٿو تہ فون ڪرڻ جو خيال نہ آيو هجيس.“

سنڌيا ڇلهي جي باھ هلڪي ڪري ڪچن کان ٻاهر اچي ٿي سندس انداز مان لڳي ٿو تہ اهي ڳالهيون ٻڌي سندس دل ڪم ڪرڻ تان ڪچي وئي هجي... سنيتا سندس اها ڪيفيت ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿي.“

”سنڌيا تون هرويرو دل هول ٿي ٿين... ڇيم نہ تہ ناني جي ناراضگي جي ڪري گهر جو ماحول ڪجهہ ٽينس پئي لڳو... ٿي سگهي ٿو تہ ان پريشاني ۾ وسري ويو هجي... تون ڳڻتي نہ ڪر مان

شام ويندس حال احوال وٺڻ...... ڇڱو هاڻي مان هلان ٿي... تون اٿي ماني تيار ڪر...“

سنيتا اٿي هلي وئي ٿي ته سنڌيا خيالن ۾ گم ٿي وئي ٿي.

”رحمان ته هڪ ڏينهن به مونکي فون ڪئي بغير رهي نه سگهندو آهي، ايترن ڏينهن کان پوءِ آيو آهي ۽ هڪ فون به نه ڪئي اٿائين... الائي ڇا ڳالهه آ ايترا ڏينهن ڳوٺ ڇالاءِ رهي پيو... نه، نه، پڪ فون ڪئي هونداءِين متان احمد يا بابا کنئي هجي.... مان هروڀرو پئي اجايون ڳالهيون دل ۾ آڻيان...“ ايتري ۾ ديڳڙي سڙڻ جي بوءِ اچيس ٿي ته تڪڙ ۾ اٿي ڪچن ڏانهن وئي ٿي.

ڳوٺ ۾ مريم پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽي پئي آهي پرسان ٽراسسٽر ريڊيو وڄي رهيو اٿس، پاڻ به هلندڙ گانن سان گڏ جهونگاري رهي آهي ته شهربانو اندر اچي ٿي، ماءُ کي ايندي ڏسي به ساڳي ڌن ۾ مست ليٽي پئي آهي شهربانو کيس ڏسي ٿورو مسڪرائي ٿي.

”مريم امان... جيڪڏهن تون واندي هجين ته مونکي توسان ڪجهه ڳالهائڻو هو.“

”امان ڏسين نه ٿي.... منهنجي پسند جو پروگرام پيو هلي... توکي به هينئر اچي ڳالهائڻ جي پئي آهي.“

شهربانو ٿورو ناراض ٿيندي،

”اجان جڻ ٻار آهين اوڻويهه ويهه سال عمر اچي ٿي اٿئي اجان ٻارن واريون حرڪتون....“

مريم ماءُ کي ائين ناراض ٿيندو ڏسي، ريڊيو بند ڪري ٿي ۽ ليٽئي ئي ماءُ کي چوي ٿي:

”امان ڇا ڳالهه آ جو ائين ناراض پئي ٿين.“

”توسان ڪجهه ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن، ڌيان سان ٻڌي جواب ڏيجانءِ،“

”امان ڇئو کھڙي ڳالھ آهي.“

”رحمان جي باري ۾ توکان پڇڻو هو.“

مريم حيران ٿيندي،

”ڇو ڇا ٿيو آ پائو رحمان کي...“

” ٿيو ته ڪجھ ناهي، تون ٻڌاءِ توکي ڪيئن ٿو لڳي...“

”سٺو آ پڙهيل ڳڙهيل آ... پر اهو مونکان ڇو پيئي پڇين...“

”مامنهن ۽ منهنجو خيال آ ته، تنهنجو رحمان سان سڱ ڪيون...“

”منهنجو سڱ..! ڇريا ٿيا آهيو ڇا... نه مائي.... مان ايڏو پري ڪونه پرڻجي ويندس... مان توکي ڇڏي ڪيڏانهن ڪونه ٿي وڃان....“

”ڏس امان...، رحمان پڙهيل ڳڙهيل آهي، وڏي ڳالھ ته تنهنجو پنهنجو رت آ، شهر ۾ رهن ٿا، تون اتي پرڻجي ويندينءَ ته شهر جا سڀ سک ماڻيندينءَ. مائٽن جي سدائين اها آرزو هوندي آهي ته سندن اولاد کي هن جڳ جون هڙئي خوشيون حاصل ٿين. تنهنجو پيءُ ته سال ٿيا وڃي سکيو ٿيو سڀ بار منهنجي ڳچي ۾ وجهي ويو... انکري چاهيان ٿي ته توکي سکئي گهر ۾ ڏسان.“

”پر امان.... مان هتي ڳوٺ ۾ رهڻ ٿي چاهيان، منهنجون سڀ ساهيڙيون هتي ڳوٺ ۾ آهن، تون آهين، مامو آهي، هيڏو وڏو گهر آهي. هتي شادي ڪرڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي...“

”مونکي هتي اسان جي ٽَڱر جو ڪو رشتو ڪونه ٿو سجهي. مراد خان کان سواءِ پنهنجو ڪو ٻيو مٽ مائٽ ڪونهي. ڏاريا ماڻهو الائي ڪيئن نکرن. شهر ۾ آزادي آهي سک آهن، ان ڪري منهنجي مرضي آ ته رحمان سان ئي تنهنجو سڱ ڪيان.“

مريم ماءُ جون ڳالهيون ٻڌي رحمان کي تصور ۾ پنهنجي گهوٽ جي روپ ۾ آڻي ٿي ۽ شرمائجي وڃي ٿي.

”امان جيئن تنهنجي مرضي....“

اهو ٻڌي شهربانو اطمينان جو ساھ کڻي ٿي،

”چڱو تون ويهي ريڊيو ٻڌ. مان وڃي ٿي مامهن سان صلاح ثباب (ثواب) ڪيان.“

شهربانو ٻاهر وڃي ٿي تہ مريم وري ريڊيو جو سوئچ کولي گانا ٻڌڻ ويهي ٿي.

مراد خان ۽ شهربانو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن تہ ٻاهريون دروازو کڙڪي ٿو. مراد خان اٿي ٻاهر وڃي ٿو ۽ پوئين پير خوش خوش رحمان کي وٺي اندر اچي ٿو. سندس بيگ مائي ڪنيو پئي اچي. شهربانو رحمان کي ڏسي حيران ٿي وڃي ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن سندس پويان نهاري ٿي. شايد کيس اها توقع آهي تہ هو ماءُ پيڻ کي ساڻ وٺي آيو هوندو. پر رحمان کي اڪيلو ڏسي کيس مايوسي ٿئي ٿي. اٿي کيس کيڪاري ٿي ۽ ويهڻ لاءِ چوي ٿي. خوش خير آفيت کان پوءِ مراد خان ڪائنس ائين اچانڪ اچڻ جو سبب پڇي ٿو..

”ها ماما بس اچڻو پيو..“

”خير تہ آهي نہ، ادي گلبانو ۽ شمسہ تہ ٺيڪ هيون نہ..... مون سمجهيو تہ اهي توسان گڏ آيون هونديون.“

شهربانو کان رهيو نہ ٿيو ۽ پڇي ورتائين.

”نہ چاچي امان جي طبيعت ٺيڪ نہ ٿي رهي، ان ڪري ايڏو سفر ڪري نہ ٿي سگهي، آپا جي اسڪول جي انسپيڪشن آ، اها بہ نڪرڻ جهڙي نہ هئي...“

رحمان بهانو ڪري ٿو.

مراد خان ۽ شهربانو سمجهي وڃن ٿا تہ رحمان بهانو پيو ڪري، پوءِ بہ سندس ڳالهہ اڳي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ٿا چون.

”ٺيڪ آ پٽ تون هٿ منهن ڌوئي وٺ مان تو لاءِ چانهہ ٿي ڪرائي وٺان.“

رحمان بيگ کڻي مهمانن واري ڪمري ۾ وڃي ٿو.... تہ مراد خان پيڻ کي آهستي آواز ۾ چوي ٿو:

”ادي مون توکي چيو هو نہ. تہ ادي گلبانو هن سڱ لاءِ ڪڏهن بہ راضي ڪانہ ٿيندي، پر توکي الائي ڇا ٿي ويو هو.. ٿورو صبر ڪرين

ها, اڄ وچ وڏي ها, پوءِ سڱابندي جي ڳالهه نهي پئي... اٿندي ئي اهڙي ڳالهه چوري ويٺينءَ... ڏٺئي نه ..."

شهربانو چپ ٿي وئي، رحمان بيگ رکي منهن ڌوئي ٻاهر اچي ٿو ۽ ٻنهي سان حال احوال اوري ٿو مائي خاني چانهه کڻي اچي ٿي، چانهه پيئندي رحمان چوي ٿو.

"ها چاچي عرض ڪيم ته امان وارا اچي نه سگهندا... مون هنن جي آڏو توهان جي ڳالهه رکي هئي فيصلو ٿيو ته هتي سادگي سان نڪاح ٿي وڃي پوءِ ڪراچي هلي جيڪو فنڪشن ڪرڻو هوندو ڪنداسين...."

مراد خان ان پروگرام تي اعتراض ڪري ٿو.

"ابا اهو وري ڪيئن ٿيندو، هتي اسان جو ڳوٺ راڄ آهي، اٿڻ ويهڻ آ... ماڻهو ڇا چوندا, هڪڙي نياڻي هئي اها به ائين چُپ چپات ۾ اٿاري ڇڏين..."

رحمان به لاچاري ڏيکاريندي چوي ٿو:

"وڏيڪ جيئن توهان جي مرضي، مان ته اهوئي ڪري سگهان ٿو."

شهربانو ڳالهه بگڙجندي ڏسي ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي وئي ٿي، آخر پنهنجي شاطر فطرت کي استعمال ڪندي سندن آڏو هڪ رٿ اچي وڃي ٿي.

"ڪا ڳالهه ڪانهي، منهنجي صلاح آهي ته اسان هتي ڪاج جي تياري ڪري ٿا وٺون، ڳوٺ جي ماڻهن کي دعوت ڏيون ٿا اسان جا ارمان به پورا ٿي ويندا, ڳوٺ راڄ کي به خبر پئجي ويندي."

رحمان کي انهي ڪاج وغيره ۾ ڪابه دلچسپي ڪونهي، ان ڪري بي دلي سان چوي ٿو:

"جيئن توهان مناسب سمجهو مان في الحال پندرهن ڏينهن جي موڪل وٺي آيو آهيان، توهان کي جيڪي تياريون ڪرڻيون هجن پلي ڪريو مان هاڻي ٿوري دير آرام ڪندس."

رحمان جي ڪمري ۾ وڃڻ کان پوءِ شهربانو خوش ٿي مريم کي سمجهائڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ وڃي ٿي. مراد خان جي دل ڏڪاري ٿي وڃي ٿي هو سوچي ٿو ته اهو سنو نہ ٿيو ويچاري ادي گلبانوءَ جو هڪ ئي پچڙو هئو ان جا بہ ارمان هوندا. هوءَ پنهنجي جگر جي ٽڪر جي خوشيءَ ۾ شريڪ نہ ٿي.

•

رحمان جي ڳوٺ وڃڻ کان پوءِ گهر ۾ اداسي ڇانيل آهي، گهر جو هر فرد پئي سان ڳالهائڻ کان لنوائي رهيو آهي تہ الائي ٻئي جي من ۾ ڇا پيو وهي واپري، ڪاٿي منهنجو ڳالهائڻ ٻئي جي لاءِ دل آزاري جو باعث تہ نہ بنجندو... انهي حالت ۾ سنڌيا ۽ سنيتا اندر اچن ٿيون ۽ سڌيون نجمہ جي ڪمري ڏي هليون وڃن ٿيون نجمہ ائين اچانڪ کين ڏسي وائڙي ٿي وڃي ٿي.

”اڄ اڄو اڄ سنڌيا اسان وٽ پلجي پئي آ ڇا...“

”نجمہ ناني تہ نيڪ آهي نہ... سنيتا ٻڌايو تہ ان ڏينهن ناني نيڪ نہ پئي لڳي... “

”ناني امان هاڻي نيڪ آ... ان ڏينهن ماما جي ڪري ٿوري ڊسٽرب هئي.“

” ڇو پائو رحمان کي ڇا ٿيو آ....“

سنيتا اڳ وڌندي پڇڻ لڳس. نجمہ اڃان ڪو جواب ڏيڻ واري هئي تہ شمسہ ڪمري ۾ اچي ٿي هن سندن ڳالهہ ٻڌي ورتي هئي، ڳالهہ کي سنڀاليندي سنڌيا کان پڇي ٿي،

”اڄ اسانجي سنڌيا ڪيئن اچي نڪتي آهي ايترن ڏينهن کانپوءِ...“

”آپا، نجمہ سان ملڻ آئي هئس، گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا تہ نجمہ اسان ڏي ڪونہ آئي هئي... مان بہ گهر ۾ اڪيلي بور پئي ٿيس تہ سنيتا کي چيم تہ هل تہ نجمہ وٽان چڪر هڻي اچون.“

شمسه جي دل ۾ رحمان ۽ سنڌيا جي رشتي خراب ٿيڻ سبب عجيب قسم جي آنڌ مانڌ متل هئي، پر هن پنهنجي طرفان ڪيس ڪنهن قسم جي نراسائيءَ ۾ مبتلا ڪرڻ نه ٿي چاهيو ان ڪري پنهنجو پاڻ تي خوش مزاجي جو چولو پهري چوڻ لڳي.

”نجمه سان نه ملڻ جو رڳو بهانو آ، خبر اٿم نه ڪنهن جي سڪ توکي هيڏانهن ڇڪي آئي آهي...“

اهو ٻڌي سنڌيا شرمائجي وئي...

”نه آپا.... اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. توهان به خوامخواه ...“

”مذاق پئي ڪيان... هونئن اهو ٻڌايان پئي ته مان تنهنجي دل جي ڳالهه سمجهان ٿي.... رحمان ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويو آهي ڏينهن ٻن ۾ اچي ويندو.... ڏي خبر يونيورسٽي ۾ داخلا ورتئي....“

”آپا فارم ڀريو اٿم ڏينهن ٻن ۾ جمع ڪرائيندس... باقي جڏهن رزلٽ آئي ته پوءِ ڪلاسز شروع ٿيندا.... “

دل لڳائي پڙهجانءِ... ٻين فضول ڳالهين ۾ وقت وڃائڻ تو جهڙين ذهين ڇوڪرين کي نه ٿو سونهين.... اڄ مونسان واعدو ڪر ته وڏي آفيسر بنجي ڏيکاريندينءَ.....“

سنڌيا شمسه جون ڳالهيون ٻڌي پريشان ٿي وڃي ٿي هن جي انداز مان لڳي ٿو ته ضرور ڪو غير معمولي واقعو ٿيو آهي.... پر ڇا ٿيو هوندو اهو سنڌيا کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي، پوءِ به شمسه جي دل رکڻ لاءِ چوي ٿي ....

”بس آپا دعا ڪيو.“

شمسه سمجهي وڃي ٿي ته سنڌيا سندس ڳالهين جي ڪري پريشان ٿي وئي آهي دراصل هوءَ ڪنهن اوچتي صدمي کان بچڻ لاءِ کيس تيار ڪرڻ چاهي ٿي.

پر ان کان وڌيڪ ڪجهه واضع ڪرڻ جي منجهس همٿ ڪونه هئي، ان ڪري هوءَ ڪمري مان وڃڻ جي ڪندي،

”ڇڱو توهان ڪچهري ڪيو مان وڃي امان کي ڏسان ته اٿي يا نه.....“

سنڌيا کي پريشان ڏسي نجمہ ڳالهہ کي سنڀاليندي چيس ٿي،
”امي جي طبيعت صبح کان ٺيڪ ناهي سنڌيا تون اميءَ جي ڳالهين جو دل ۾ نہ ڪجانءِ.“
سنڌيا ٻنهي جو ڳالهيون ٻڌي گهٻرائجي وڃي ٿي.... هوءَ تہ هتي دل هلڪي ڪرڻ جي خيال سان آئي هئي پر....، اهي ڳالهيون ٻڌي عجيب مونجهاري ۾ پئجي وئي، هُن جي هاڻي هتي هڪ لمحي جي لاءِ بہ دل نہ ٿي لڳي.... سيني تي بوجهہ کڻي سنيتا سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي. نجمہ گهڻو ئي ويهڻ لاءِ زور ڀريس ٿي پر هو جلدي ڪمري کان ٻاهر نڪري گهر روانيون ٿي وڃن ٿيون.
هڪ ٻن ڏينهن کانپوءِ سنيتا سنڌيا وٽ اچي ٿي ۽ ٻئي گڏجي يونيورسٽي وڃن ٿيون اتي فارم جمع ڪرائڻ کانپوءِ ٻاهر لان تي اچي بس جي انتظار ۾ ويهن ٿيون. سنڌيا کي شايد يونيورسٽي ڏاڍي پسند آئي هئي، سنيتا کي چوڻ لڳي:
”ڪيڏي نہ وڏي يونيورسٽي آهي، تون بہ ايڊميشن وٺين ها تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها.“
”سهي ٿي چوين پر گهر وارن جو چوڻ هئو تہ مان نوڪري ڪريان، نہ تہ منهنجي بہ دل يونيورسٽي ۾ پڙهڻ جي هئي....“
سنڌيا ڪجهہ سوچي سنيتا کي چوي ٿي:
”سنيتا مان نجمہ وارن جي گهران جيئن آئي آهيان سخت پريشان آهيان، عجيب اڻ تڻ جو شڪار ٿي وئي آهيان..... رحمان ٻن هفتن کانپوءِ واپس آيو تہ ايترا ڏينهن هِتي هوندي بہ نہ مونسان ملڻ جي ڪئي نہ ئي فون ڪيائين ۽ وري هفتي لاءِ ڳوٺ هليو ويو....“
”ها سنڌيا...! سچ پڇين تہ مونکي بہ ڏاڍو عجيب لڳو آپا جو رويو بہ سمجهہ ۾ نہ آيو ائين پئي لڳو ڄڻ سڀ اسان کان ڪجهہ لڪائي رهيون هجن.“
سنڌيا پنهنجي خيالن جي تصديق ٿيندي ڏسي وڌيڪ پريشان ٿي وڃي ٿي، منهن جو رنگ هيڊو ٿي ويجيس ٿو. سنيتا سندس اهڙي حالت ڏسي ڪوڙي تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي،

”پر تون چو پئي پريشان ٿين... هوندن کو زمينن وغيره جو مسئلو نجمہ ٻڌائيندي آ تہ اُتي ڳوٺ ۾ هنن جون ڪوڙ ساريون زمينون آهن، جن تي سندن مائٽن جو قبضو ڪيل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهوئي مسئلو هجي.“

اهو ٻڌي سنڌيا جي دل کي ڪجهہ آٿت اچي ٿي، ”تون شايد سهي ٿي چوين، اهڙي ئي ڪا ڳالهہ آهي، تڏهن ئي رحمان جا گهڙي گهڙي ڳوٺ جا چڪر پيا لڳن.“

انهي مهل پوائنٽ بس اچي ٿي تہ هو بہ ٻين شاگردن سان گڏ اوڏانهن وڃن ٿيون.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ انٽر جي رزلٽ اچڻ کان پوءِ سنڌيا جي يونيورسٽي جي انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ ايڊميشن ڪنفرم ٿي وڃي ٿي تہ هوءَ ڪلاسز اٽينڊ ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي وڃڻ شروع ڪري ٿي. رحمان کي ڳوٺ وئي ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن پر ان جي طرفان نہ گهر وارن کي ۽ نہ وري سنڌيا کي ڪو حال احوال معلوم ٿي سگهيو آهي. رحمان جي گهر وارن سان گڏ وڳڏ سنڌيا جون بہ ننڊون حرام ٿي ويون آهن سنيتا ٻئي ٽئي ڏينهن نجمہ کان حال احوال وٺي سنڌيا کي ڏيندي رهندي هئي، سنڌيا جي بيچيني ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پئي ويو. هر ايندڙ ڏينهن جي شروعات ان آس سان ٿيندي هئي تہ اڄ ضرور هو ڳوٺان موٽي ايندو يا ڪا خير خبر ايندي، پر ڏينهن لٿڻ سان نراسائيءَ ۾ اضافو ٿي ويندو هو. هوءَ پنهنجو غم غلط ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي وڃي پنهنجي پڙهائي ۽ ڪلاس فيلوز سان وقت گذاري ڪري ٿي. اڄ رابعہ پيڪين آئي آهي ۽ معمول موجب خالہ زهره منجهند جي ماني گهران ٺاهي کڻي آئي آهي. سيئي ماني تي سنڌيا جو انتظار پيا ڪن. رابعہ وقت گذاريءَ لاءِ پيءُ سان سنڌيا جي متعلق گفتگو ڪري ٿي،

”بابا سنڌيا جي يونيورسٽي ۾ دل لڳي وئي.“

”ها ڪافي خوش آ، ڏاڍي محنت پئي ڪري، چيائين پئي تہ بابا انگلش ۾ ماسٽرز ڪرڻ سولو ڪم ناهي....“

ويچاري نياڻي گهر ۾ اڪيلي ٿي پئي آ خير سان احمد پڙهائي پوري ڪري ڪنهن نوڪريءَ سان لڳي ته ڪا سٺي ڇوڪري ڳولهي گهر ۾ ننهن وٺي اچو.“ خاله زهره سنڌيا جو سانگو ڪندي چوي ٿي.

”خاله توهان سهي پيا چئو احمد کي ٿورو ٽائيم وڃي بچيو آهي. ريسرچ ورڪ ڪري وٺي ته پوءِ سندس امتحان ٿيندا. الله مڙئي چڱي ڪندو.“

ڳالهين ڪندي سنڌيا هٿ ۾ ڪجهه بوڪس کڻي، ٽڪل ٽڪل اندر اچي ٿي ليڪن پيڻ کي ڏسي جڻ ته سندس ٽڪ لهي وڃي ٿو. دل پرجي اچيس ٿي ڪيترن ڏينهن کان روڪيل دل جو غبار ٻاهر نڪري اچيس ٿو. ڀاڪر پائي پيڻ سان ملي روئي ڏئي ٿي، رابعه ۽ خاله جي اکين ۾ به لڙڪ تري اچن ٿا، رابعه پريل آواز ۾ پڇيس ٿي.

”ڪيئن آهين سنڌيا، ڏاڍي دير ڪيئي، هتي اسان تنهنجي انتظار ۾ سُڪي ويا آهيون.“

پويان پويان احمد به اچي ٿو ۽ ٻنهي ڀينرن کي ڏڪارو ڏسي ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ چوي ٿو.

”اچي ويو گهر جو منهدار، جيسيتائين سنڌيا بيگم نه ايندي، گهر جي ڪُني نه وندبي. پلي ٻين جي پيٽ ۾ ڪئا، ٻليون ٻوڙي، ٻوڙي ٽڪجي چونه پون.“

رابعه سمجهي وڃي ٿي ته احمد سنڌيا جو موڊ سهي ڪرڻ لاءِ کيس ڇيڙي رهيو آهي. کلندي چوي ٿي،

”خاله هي اسانجو احمد بڪ جو ڏاڍو ڪانهلو آهي. سنڌيا تون چينج ڪري اچ ته مان ماني لاهيان ٿي.“

رابعه اٿي ٿي ته خاله به اهو چئي گهر لاءِ رواني ٿئي ٿي ته ٻار مانيءَ تي انتظار ڪندا هوندا.

رحمان کي ڳوٺ وئي ڪيترائي ڏينهن گذري وڃن ٿا پر هن جو ڪوبه حال احوال ڪونه آيو آهي. آفيس مان پڇڻ تي معلوم ٿئي ٿو ته هو پندرهن ڏينهن جي موڪل لکي ويو هو پر موڪل ختم ٿيڻ کانپوءِ وري هفتو ايڪسٽينڊ ڪئي اٿائين. ان ڏينهن به شمسه ۽ گلبانو

ويڳاڻيون لڳيون وينيون هيون ته سنيتا منائي جو دبو کڻي اندر اچي ٿي.... نجمه ڪيس ڏسي مصنوعي مرڪ آڻي چوي ٿي،

”اچ سنيتا... اهو ڇا آندو اٿئي...“

سنيتا به خوشدلي سان چوي ٿي،

”تولاءِ منائي آندي اٿم، مونکي نوڪري ملي آ نه.“

”نوڪري..! ڇو تو سنڌيا سان يونيورسٽي جوائن نه ڪئي ڇا...؟“

”نه بس، وڏيڪ پرائيويٽ پڙهنديس.“

نجمه ۽ سنيتا اچي لائونج ۾ ويهن ٿيون، ٻنهي جو آواز ٻڌي شمسه به ٻاهر اچي ٿي.

”ڪير آ.... ڪنهن سان پئي ڳالهائين....“

”امي سنيتا آئي آهي....“

انهيءَ وقت لائونج ۾ رکيل فون جي گهنٽي وڄي ٿي، شمسه اچي فون کڻي ٿي. ٻئي طرف رحمان جو آواز اچي ٿو.

”آپا مان رحمان ڳوٺان پيو ڳالهايان....“

شمسه کي ڄڻ يقين ئي نه ٿو اچي.... بيتابي مان پڇي ٿي.

”ڪٿي آهين رحمان، (سنيتا ۽ نجمه جا به ڪن ڪڙا ٿي وڃن ٿا) ايترا ڏينهن ڪاٿي هئين، وئين ته ٻڌايئي به ڪونه، ائين ڪبو آ ڇا.“

شمسه جلدي جلدي ڳالهائي ٿي ڄڻ ته سڄي عرصي جي ڪسر هڪ ئي جملي ۾ پوري ڪرڻ چاهيندي هجي. نجمه ۽ سنيتا غور سان سندس ڳالهه ٻڌن ٿيون.

”امان جو به خيال نه ڪيئي ته تنهنجي ائين بنا ٻڌائڻ جي هليو وڃڻ تي انجو ڪهڙو حال ٿيندو.“

ٻئي طرف رحمان سندس ڳالهه کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي سندس ڳالهه ڪٽيندي چوي ٿو.

”آپا در اصل... مون توهان کي اهو ٻڌائڻ لاءِ فون ڪئي آهي ته مون هتي مريم سان شادي ڪري ڇڏي آ....“

شمسہ اهو ٻڌي حيران ٿي وڃي ٿي، منهن جو پنو ئي لهي ويس ٿو.

”اهو ڇا پيو چوين...، دماغ تہ خراب نہ ٿيو اٿئي.....“

بي يقيني جي حالت ۾ ڪلندي...

”مذاق پيو ڪرين... ها نہ....“

”نہ آپا مان مذاق ڪونہ پيو ڪيان سچ پچ مون هتي شادي ڪري ڇڏي آهي...“

شمسہ کي يقين اچي وڃي ٿو تہ اهو سندس ڪنن جو دوکو ناهي، اکين مان لڙڪ وهڻ لڳنس ٿا. نجمہ ۽ سنيتا اهو ڏسي پريشان ٿي سندس پرسان اچي بيهن ٿيون شمسہ روئيندي چوي ٿي،

”اهو ڇا ڪيئي رحمان...! اسان جو نہ سهي امان جو تہ سوچين ها. هوءَ تہ اهو ارمان کڻي زنده هئي تہ ٻچڙي کي گهوٽ ٿيندي ڏسي، پهرئين تہ شاديءَ کان انڪار ڪندو رهئين ۽ هوءَ ويچاري ان آس ۾ رهي تہ ڪڏهن تنهنجون خوشيون ڏسندي... امان ڇا انهيءَ رشتي کان انڪار ڪيو.... تو تہ اسان کي ائين پرائو ڪري ڇڏيو.... جي فيصلو ڪري ئي ورتو هيئي تہ فون تہ ڪرين ها.... خبر نہ هئي تہ ائين گهرجي پهرين خوشيءَ کان محروم ڪري ڇڏيندين.... حيف هجئي رحمان حيف هجئي.... تومان اها اميد تہ ڪڏهن بہ نہ هئي نجمہ تہ هميشہ تنهنجي شادي لاءِ طرحين طرحين پروگرام پئي رٿيندي هئي.“

ايتري دير فون تي ڳالهائيندو ٻڌي گلبانو بہ ڪمري کان نڪري اچي ٿي ۽ شمسہ کي روئيندو ڏسي سمجهي وڃي ٿي تہ ڪا تہ ڳالهہ تي آهي. شمسہ فون رکي ڇڏي ٿي، گلبانو ڪائنس ڪجهہ بہ نہ ٿي پڇي. چُپ چاپ سندس منهن تڪيندي رهي ٿي. اکين مان ٽم ٽم ڳوڙها سندس منهن کي آلو ڪندا رهن ٿا. ”امان رحمان شادي ڪري ڇڏي... “

اهو ٻڌي سنيتا سخت پريشان ٿي وڃي ٿي، سنڌيا جو تصور ڪري ٿي تہ جيڪڏهن هن اهو ٻڌو تہ الائي ان جو ڪهڙو حشر ٿيندو.

شمسہ جي اها ڳالهہ ٻڌي گلبانوءَ جو منهن ڪاوڙ ۾ ٽامڻي ھڻي ويو هو...

”مونکي اهوئي ڊپ هئو تہ شهربانو اسان سان اهڙوئي ويل وِهائيندي.. پر ڪير ٻہ منهنجي ڪونہ پيو ٻڌي، مان شهربانوءَ جي پِتي کان واقف آهيان، هن مان ڪنهن چڱائيءَ جي اميد ڪري ئي نہ ٿي سگهجي. پر رحمان...! اهو تہ منهنجو پيٽ ڄڻيو هو.... توهان جي پيءَ جي گذرڻ کان پوءِ توهان ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ کي گلن وانگيان سنڀالي وڏو ڪيم، دنيا جي هر ڏک، تڪليف کان پنهنجي پرن ۾ لڪائي رکيو، ڪڏهن کو ڪوسو واءُ لڳڻ نہ ڏنو ۽ اڄ منهنجو پنهنجو رتُ شهربانوءَ جي فريب ۾ اچي اهڙو ٿي ويو جو هڪ ئي ڌڪ ۾ سڀ رشتا، ناتا، محبتون سڀ ڪجهہ وساري، اڻين اسان کي پرائو ڪري شهربانوءَ سان ناتو جوڙي ويهي رهيو.“

اهو چئي روئڻ لڳي. سنيتا اهو سڀ ٻڌي پريشان ٿي وڃي ٿي ۽ موڪلائڻ بنا ئي هلي وڃي ٿي.

●

رحمان جيڪو شاديءَ کانپوءِ مريم جي ڪمري ۾ اچي ويو هو ۽ بيڊ تي ليٽيو پيو هو، مريم تيار ٿيل زرق، برق ڪپڙا پهريو سندس پرسان ويٺي آهي. شادي کانپوءِ هوءَ ڏاڍي خوّش آهي. رحمان سندس خوشيءَ کي محسوس ڪندي ڪانئس پڇي ٿو

”مريم تون هن شاديءَ کان خوش تہ آهين نہ....“

هوءَ شرمائيندي چوي ٿي:

”الائي“.

”الائي... ڇا مطلب..... توکي چاچي اهو تہ ٻڌايو هوندو نہ، تہ امان وارا اسانجي شادي تي راضي نہ آهن. توکي جي هو اها محبت، اهو پيار نہ ڏين تہ تون دل ۾ نہ ڪجاءِ آهستي آهستي سڀ نيڪ ٿي ويندو.“

”پر اهو سڀ تون هينئر مونکي ڇو پيو ٻڌائين.“

”اهو ان ڪري ته منهنجي موڪل پوري ٿي رهي آهي هاڻي پاڻ ڪي ڪراچي هلڻو پوندو.“

مريم لاڏ جي انداز ۾ سندس هٿ جهلي چوي ٿي....

”هتي رهي پئو نه.... هتي پنهنجون ڪوڙ ساتريون زمينون آهن. نوڪريءَ ۾ ڇا رکيو آ، پاڻ هتي ئي رهنداسين.... هان.... نه.“

”نه مريم...! ڪراچي ته هلڻو پوندو.... مان هتي رهي نه ٿو سگهان.“

مريم ضد ڪري ٿي.

”مان به ڪراچي ۾ تنهنجي مائٽن سان نه ٿي رهي سگهان. مان امان ۽ مامي کي ڇڏي ڪراچي ڪونه هلنديس. مان امان جي بغير ڪيڏانهن به ڪونه وينديس.“

انهي گهڙيءَ شهربانو اندر اچي ٿي ته رحمان اٿي ويهي رهي ٿو. هوءَ کلندي ڌيءَ کان پڇي ٿي.

”منهنجي دادلي ڌيءُ ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪري.“

رحمان کيس ٻڌائي ٿو.

”چاچي ضد ڪيو ويٺي آهي ته ڪراچي ڪونه ويندي.“

شهربانو پلنگ تي سندس پرسان ويهي سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي کيس سمجهائي ٿي.

”ڌس ڌيءَ هر نياڻي کي، ڪٿي اها شهزادي هجي يا بادشاهه زادي.... ان کي هڪ ڏينهن پنهنجو اباڻو گهر ڇڏڻوئي پوندو آهي، لکئي جا ليک آهن. تنهنجو لکيو اسان کان پري ٿيڻو هو. پر تون ڳڻتي نه ڪر، ڪراچي ايڏي پري ڪونهي.“

”چاچي منهنجي موڪل پوري ٿيڻ واري آهي، ان ڪري کيس چوان پيو ته هلڻ جي تياري ڪري وٺي.“

”ابا ڪجهه ڏينهن موڪل وڌائين ها. مريم مونکان پري رهڻ جي هريل ناهي، توسان ڪجهه هري مري وڃي ته مونکي ڪو الڪو نه رهندو.“

”اجان ٻہ ڏينهن پيا آهن... توهان کا ڳڻتي نہ ڪيو مان مريم کي کا تڪليف اچڻ نہ ڏيندس.“

اهو ٻڌي شهربانوءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. رئي جي پلاند سان اگهندي چوڻ لڳي.

”ابا شل سکي رهين، منهنجي ٻچڙيءَ جي مڙئي پارت هجئي، لاڏن ڪوڏن سان پلجي وڏي ٿي آهي. ڪا ڀل چُڪ ڪري ويهي تہ درگذر ڪري ڇڏجانءِ.“

”چاچي توهان دل نہ لاهيو مريم اتي بہ سيني جي لاڏلي ٿي رهندي.“

شهربانو اٿندي چوڻ لڳي.

”ڇڳو اٿي تيار ٿي ٻاهر اچو ڳوٺ جون مايون موڙو ڏيڻ لاءِ پيون اچن.“

رحمان مريم کي چوڻ لڳو.

”اٿي منهنجا ڪپڙا بيگ مان ڪڍي ڏي تہ مان تيار ٿيان مامي سان زمينن تي وڃڻو آهي.“

مريم کي اهو ٻڌي دل ۾ ڪاوڙ تہ ڏاڍي لڳي ٿي پر مجبورن اٿي ٿي.

ٻاهر ورانڊي ۾ ڪجھ عورتون جيڪي مبارڪيءَ لاءِ آيون آهن کٽ تي ويٺيون آهن خاني شربت جا گلاس کين ڏئي ٿي. هڪ عورت گلاس وٺندي هيڏي هوڏي نهاري چوڻ لڳي.

”خاني ڏي تہ خبر شهربانوءَ اهو اوچتو نڪاءُ ڪيئن ڪيرايو....“

”ڪهڙو جيجي.....“

”اهوئي، اوچتو ئي اوچتو مريم جي شادي ڪري ڇڏيائين....“

خاني هيڏي هوڏي ڏسي ٿي تہ ڪاٿي گهر جو ڪو ڀاتي تہ ڪونهي.

”الائي جيجي.. وڏا ماڻهو وڏيون ڳالهيون، اسان پورهيتن جو ڇا وڃي.“

ٻي عورت لاڳ وترائيندي.

”هڪڙي ڳالهه مجبي تہ وڏيري شهربانو آهي ڏاڍي چالاڪ. پهرين گلبانوءَ جون زمينون ڦٻاين. پوءِ ڪيس ٻچن سوڌو گهران ڪڍي دربدر ڪين. ۽ هاڻي جڏهن هو ٽڙي ٽاڙي اچي مڇي مانيءَ رسيا آهن تہ ويچاري بيواهيءَ جو ٻچو ئي ڪسي وتن.“

پهرين عورت ڏکاري لهجي ۾ نڪ تي هٿ رکي چوي ٿي:

”ڪيڏا ارمان هوندا ويچاري گل بانوءَ جي دل ۾. هڪڙي ٻچڙي جي منهن تي موڙ ٻڌڻ جا. سڀ دل ۾ ئي رهجي وين. الله پڇي وڏيري شهربانوءَ کي.“

ڪڙڪو ٻڌي خاني وات تي آڱر رکي کين ماٺ ڪرڻ لاءِ چوي ٿي.

•

سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽي ڪو ڪتاب پڙهي رهي آهي ليڪن بار بار ڪتاب جا ورق ورائڻ مان ائين لڳي پيو جڻ تہ ڪتاب هٿ ۾ جهلڻ محض دل بهلائڻ جو هڪ بهانو آهي، ليڪن سندس دل ڪتاب ۾ بلڪل ناهي، پاڻ سخت پريشان آهي ۽ ڪڏهن ساڄي ٽنگ تہ ڪڏهن کاٻي ٽنگ زور زور سان لوڏي رهي آهي جنهن مان لڳي ٿو تہ سندس دماغ ۾ ڪا ڳوڙهي سوچ گردش ڪري رهي آهي. آخر ڪتاب هڪ طرف رکي، بيڊ جي سائيڊ تي رکيل گلاس کڻي پاڻي پئي ٿي، سخت اضطرابي ڪيفيت ۾ آهي، سنيتا اندر اچي ٿي تہ ٽپ ڏئي اٿي ويهي ٿي.

”ايترن ڏينهن کانپوءِ پئي اچين.“

”نئين نئين نوڪري ملي آ. انڪري مصروفيت بہ وڌي وئي آهي.“

سنڌيا کي سندس ڳالهائڻ مان محسوس ٿئي ٿو تہ سنيتا مصروفيت جو رڳو بهانو پئي ڪري ورنہ اصل ۾ ھوءَ ڪا ڳالهہ لڪائڻ

جي ڪوشش پئي ڪري. سندس چهري تي ڪيس پريشاني صاف نظر پئي آئي. هوءَ عجيب ڪشمڪش ۾ آهي ته سنڌيا کي ٻڌائي يا نه. سنڌيا سندس مشڪل آسان ڪندي چوي ٿي.

”چا ڳالهه آ سنيتا...! تون ڪجهه پريشان پئي لڳين. خير ته آهي نه. سنيتا جيڪا سدائين ڇهڪندي ٻهڪندي ايندي آ، اڄ مرجهايل پئي لڳي، مونکي به نه ٻڌائيندينءَ ڪهڙي ڳالهه توکي پريشان پئي ڪري.“

سنيتا ٿڌو ساهه کڻي.

”سنڌيا مونکي لفظ نه ٿا ملن. ڪيئن ٻڌايان توکي ته مان ڇو پريشان آهيان. تنهنجو چهرو ڏسي لڳي ٿو ته تون ورهين جي بيمار آهين...“

”ڏس سنيتا ڳالهه نه مٿاءِ. ٻڌاءِ ڇا ٿيو آ.“

”هو رحمان ڳوٺ ويو هونه... “

سنڌيا جي پريشاني وڌي وڃي ٿي، بيچينيءَ مان،

”ها، ها، ڇا ٿيو آ رحمان کي...“

”هن... اتي ڳوٺ ۾ پنهنجي سئوٽ سان شادي ڪري ڇڏي.....“

اهو ٻڌڻ سان سنڌيا سڄي ڏڪڻ لڳي ٿي هٿ مان گلاس ڇڏائجي وڃيس ٿو منهن هيٺ ٿي وڃيس ٿو. ڏڪندڙ چپن سان،

”اهو.. اهو.. ڇا.... پئي.... چئين.... اهو پلا... ڪيئن... ٿو.... ٿي سگهي... (چپن ئي چپن ۾ پڙڪي ٿي) رحمان ائين ڪيئن ٿو ڪري سگهي. سنيتا توکي ضرور غلط فهمي ٿي هوندي... رحمان ته صرف مونسان شادي ڪرڻ پيو چاهي.“

سنيتا ڪيس پاڪر پائي ٿي.

”سنڌيا اهو سڀ مان پنهنجي ڪنن سان ٻڌي آئي آهيان.“

سنڌيا سڏڪا ڀريندي،

”پر ايترو ڪجهه ٿي ويو ۽ رحمان مونکي ڪجهه نه ٻڌايو.“

”اهو ان ڪري جو آپا ۽ ناني ان رشتي جي سخت خلاف هيون ۽ نانيءَ ته صاف انڪار ڪري ڇڏيو هيو ان ڪري رحمان ڪاوڙ ۾ ڳوٺ

وڃي اڪيلي سر شادي ڪري ڇڏي. هاڻي ته اهي به ڪجھ نه ٿيون ڪري سگهن.“

سنڌيا جي رهي کهي اميد به ختم ٿي وڃي ٿي مايوسي ۽ ايڏي وڏي دوکي سبب سندس ذهن مائوف ٿي وڃي ٿو جنهن تي وڏ ۾ وڏ اعتبار ڪيو هئائين انهي ئي ايڏو وڏو فريب ڪيو... دل ٻڏڻ لڳيس ٿي ڏڪندي ڏڪندي غش ٿي بيڊ تي ڪري پوي ٿي. سنيتا اهو ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿي ته ڪيس ڪيئن سنڀالي. پريشانيءَ ۾ احمد کي سڏي ٿي،

”احمد ڀائو جلدي اچ... ڏس سنڌيا کي الائي ڇا ٿي ويو آهي.“

احمد ڊوڙندو اچي ٿو.

”هينئر ته ٺيڪ ٺاڪ هئي مان آيس ته ڪتاب پئي پڙهيائين، گهڙي ۾ ڇا ٿي ويس.“

شوڪت علي به آواز ٻڌي تڪڙو تڪڙو اندر اچي ٿو.

”سنڌيا...! پٽ اکيون کول، ڇا ڳالھ آ....“

سنيتا پاڻيءَ جا ڇنڊا منهن تي هڻيس ٿي، شوڪت علي سندس مٿو پنهنجي هنج ۾ ڪري ٿو هو سخت پريشان آهي سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو

”منهنجي ڌيءَ ته ڪڏهن ڪنهن ڳالھ کي ليڪيندي ئي ناهي، چپ چاپ هر ڳالھ اندر ۾ سانڍيو وتندي آهي، ڪنهن آڏو ٻڙڪ به ٻاهر ناهي ڪڍندي، ته پوءِ اڄ ڪيس اچانڪ ڪهڙو صدمو رسيو آ جو ائين اکين مان ڳوڙها زارو قطار پيا وهنس.“

سنيتا جي پاڻي جا ڇنڊا لڳڻ تي هوءَ اکيون کولي ٿي، پاڻ کي پيءَ جي هنج ۾ ڏسي ۽ پاءُ کي پريشان ڏسي سندس هانءُ ڄڻ ته ڦاٽي پوي ٿو پيءُ جي هنج ۾ منهن لڪائي اوڇنگارون ڏئي ٻارن وانگر روئي ٿي. احمد ۽ سنيتا جون اکيون به پرجي اچن ٿيون. شوڪت علي روئڻهارڪي انداز ۾ چوي ٿو.

”ڇا ٿيو آ منهنجي ننڍڙي امان کي... منهنجي بهادر ڌيءَ ڪنهن معمولي ڳالھ کي ته ايڏو سيريس ناهي وٺندي.“

سنڌيا چپ چاپ بنا ڪجھ چوڻ جي بس روئي رهي آهي اکيون چٽ ۾ اٿس. آخر پڻس احمد کي چوي ٿو ته هو موٽر سائيڪل ڪڍي رابعه کي وٺي اچي.

سنڌيا جيڪا هميشه هر دک هر تڪليف اندر ۾ سانديو اڪيلي برداشت ڪندي رهندي آ، ائين سيني کي پريشان ڏسي پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پڻس ڪيس سامت ۾ ايندو ڏسي اٿاري ويهاريس ٿو....

”شاباس....! هاڻي ٻڌاءِ ڇا ٿيو آ منهنجي ننڍڙي امڙ کي، ڏس پٽ مان توهانجو پيءُ به آهيان، ماءُ به ۽ دوست به. مونکي ٻڌاءِ اهڙي ڪهڙي تڪليف پهتي آ تنهنجي دل کي جو تون پنهنجا هوش ئي وڃائي ويٺيئن....“

سنڌيا مسلسل روئي رهي آهي، شوڪت علي نه سمجهندي به گهڻو ڪجھ سمجهي وڃي ٿو. سنڌيا بغير ڪجھ چوڻ جي روئندي رهي ٿي، پڻس ڪيس سمجهائي ٿو.

”ڏس سنڌيا منهنجي ڌيءَ...! مون سڄي زندگي توهان کي بهادريءَ جو سبق ڏنو آهي، اها بهادري جسم جي مضبوطي جو نالو نه هئي، دل جي طاقت جي ڳالھ هئي، تون هڪ حساس ۽ نازڪ طبع ڇوڪري آهين، تنهنجي طبيعت فنڪارن جي فطرت وانگر آهي ۽ اهڙا ماڻهو ڏاڍا ڏک ڏسندا آهن، ڇو ته انهن جون نظرون گهڻيون ڏوررس ٿينديون آهن، ماڻهن جي چهرن تي پيل نقاب هٽائي سندن اصلي شڪل ڏسڻ جي سمجھ رکندا آهن، سندن دليون ڪسوٽي هونديون آهن، جن کي ڇهي ڪوڙا لفظ پٿر بنجي ويندا آهن ۽ منهنجا ٻچا هن دور ۾ سچا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن، توهان کي قدم قدم تي ڪوڙا ماڻهو، ڪوڙا جذبا ۽ ڪوڙا لفظ ملندا. ليڪن مونکي يقين آهي ته توکي سچائيءَ جي سڃاڻ ضرور هوندي، ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته توکي ڏک ڏسڻا پون، پر چاتل اهي زخم انهن زخمن کان وڌيڪ بهتر هوندا آهن جيڪي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ لڳندا آهن، تون هر ان زخم کي پنهنجي لاءِ هٿيار بنائي وٺ.“

سنڌيا جي پيءُ هن کي جيئڻ جي امنگ ڏني هئي، پر رحمان جي ڪنيل قدم هن کي زخمي زخمي ڪري وڌو هو ڪيس ائين لڳي رهيو هو تہ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ هوءَ بلڪل تنها رهجي وئي آهي، صبحاڻي ڇا ٿيندو... هن کي هر اچڻ واري ڏينهن کان ڊپ لڳڻ لڳو.

سنڌيا بس ڪجهہ چئي بغير خلائن ۾ گهوري رهي هئي.

سنيتا پرسان ويهي ڪيس دلداري ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي،

”سنڌيا پليز...! چپ ڪر هاڻي... ڏس تہ چاچا ڪيڏو پريشان ٿي ويو آهي.“

شوڪت علي ٿوري دير لاءِ ٻاهر نڪري ويو تہ سنيتا ڪاوڙ مان چئي ٿي،

”دوکي باز ماڻهن جي ڪري پاڻ کي ۽ گهر وارن کي ائين تڪليف ۾ وجهبو آهي ڇا. هنڌيس ڪڏ ۾، ڇڱو ٿيو جو جلد خبر پئجي وئي، مان تہ توکي سدائين خبردار ڪندي رهيس تہ مونکي هو ماڻهو نيڪ نہ ٿو لڳي.“

انهي وقت رابعہ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي ڪمري ۾ اچي ٿي، سنڌيا رابعہ کي ڏسي ڳوڙها اگهي ٿي....

”سنيتا ڇا ٿيو آ سنڌيا کي احمد ٻڌايو تہ بيهوش ٿي وئي آهي.“

سنيتا ڳالهہ کي ٽارائيندي...

”اڇو آپي هيڏانهن ويهو مان هاڻي هلان.... توهان ئي کيس سمجهايو. رابعہ سنيتا جي اها ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي وڃي ٿي ۽ سندس پر ۾ اچي ويهي ٿي. سنيتا وڃي ٿي تہ هوءَ سنڌيا کان پڇي ٿي،

”ڇا ڳالهہ آ، ڇا ٿيو آ جو سيني گهر وارن کي پريشان ڪري ڇڏيو اٿئي. پنهنجي شڪل ڏٺي اٿئي ورهين جي بيمار پئي لڳين....“

رابعہ جو همدردانہ رويو ڏسي وري دل ڀرجي اچيس ٿي ڀيڻ کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي ٿي، رابعہ ڪجهہ دير روئڻ ڏئيس ٿي جيئن هن جي دل جو غبار ڌوپجي وڃي. جڏهن روئي روئي سامت ۾ اچي ٿي تہ رابعہ کانئس پڇي ٿي. ”ڇا پنهنجي آپيءَ کي بہ نہ ٻڌائيندينءَ، ڏس سنڌيا مون توکي ماءُ بنجي پاليو آهي، تنهنجي پل پل جي خبر آ

مونکي. تہ پوءِ اهڙي کهڙي ڳالهہ ٿي آ جنهن توکي جهوري وڌو آ. اهڙو کهڙو شاڪ لڳو آ جو تون بيهوش ٿي وئينءَ. سنڌيا مونکي نہ ٻڌائيندينءَ تہ ٻيو ڪنهن سان دل جو حال ورينديينءَ. مان سمجهان ٿي تہ توکي يقينًا ”ڪو اهڙو صدمو رسيو آ، جنهن منهنجي چپ چاپ سهڻ واري ننڍڙي ڀيڻ جو جيءُ جهوري وڌو آهي...“

سنڌيا ڀيڻ کي پريشان ڏسي پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ رئي جي پلو سان ڳوڙها اگهي ڀيڻ کي تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

”آپي پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ناهي، ٿي وئي هئي هڪ اذيت ناڪ غلطي، پر هاڻي مان بلڪل نيڪ آهيان. اٿو ٻاهر هلو منهنجي بيوقوفي جي ڪري بابا ۽ احمد بہ پريشان ٿي ويا آهن.... هلو مان توهان سڀني لاءِ گرم، گرم پڪوڙا ۽ چانهن ناهي ٿي اچان.“

”چڏ چانهہ کي، تو هٿ منهن ڌوئي فريش ٿي اچ. بابا پريشان ٿي ويو آهي مان اوڏانهن ٿي هلان.“

رابعہ جي ٻاهر وڃڻ کانپوءِ سنڌيا جي اکين مان وري لڙڪ لڙي اچن ٿا. ڏک ۽ ڪاوڙ مان زور سان اکين کي هٿن سان مهٽي اگهي ٿي.

”رحمان جي ڪئي جي سزا مان گهر وارن کي پريشان ڪري ڇا لاءِ پئي ڏيان، منهنجو ڏک صرف منهنجو آهي، غلطي مون ڪئي آ هڪ ڪميڻي انسان سان نينهن لڳائي. ان تي ڀروسو ڪري، ان ڪري ڀوڳڻو بہ مونکي اڪيلي سر آ.“

اٿي منهن ڌوئي ٻاهر اچي ٿي سڀني جا لٿل چهرا ڏسي موڊ کي خوشگوار بنائڻ جي ڪوشش ڪندي چوي ٿي....

”ڇو ٿا پريشان ٿيو، گهڙي ڪن چانهہ کي ڇا دير ٿي آهي، سڀني جا منهن ئي لهي ويا آهن، اجهو ٿي چانهہ کڻي اچان ۽ دير جي ڏنڊ طور گرما گرم پڪوڙا بہ سائينجن جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويندا.“

سڀئي سندس همت ۽ سهپ کي ڏسي ڦڪي مرڪ مرڪڻ لڳن ٿا.

●

رات جي گهور اونداهي ۾ سنڌيا پنهنجي بيڊ تي پاسا ورائي رهي آهي، رکي رکي شام واريون سڀئي ڳالهيون فلم جي بدلجندڙ منظرن وانگر سندس دماغ ۾ ڦري رهيون آهن. پيءُ جون پيار ڀريون سمجهاڻيون ۽ جو پريشان چهرو رابعه جي اکير ۾ سنيتا جي محبت ۽ خلوص سان ڀريل دلداري، ان جي ابتڙ رحمان جو مڪروه چهرو هڪ هڪ ڳالهه هنجي جيءَ کي جهوري رهي آهي.

هوءَ سوچي ٿي ته هي اهي ئي ماڻهو آهن جن هن جي زندگي جي اونداهي رستي تي ڏاڍا چمڪندڙ ٽمڪندڙ ڏيا ٻاريا هئا. جيئڻ جي امنگ پيدا ڪئي هئي پيار ڏنو هو، حوصلو ڏنو هو، اعتماد بخشيو هو. هاڻي سندس فرض ٿئي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ ڪين اها تسڪين ته ڏئي ته سندن محنت رائيگان ناهي وئي ۽ هوءَ هاڻي بلڪل ٺيڪ آهي، هوءَ دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ کي سمجهائيندي رهي، خود پنهنجو پاڻ سان پنهنجي آبروءَ لاءِ التجا ڪندي رهي، ٻارن جيان دعائون گهرندي رهي، ته اها ديوار نه ٽُٽي جيڪا مشڪل سان هن پنهنجي گرد ڪڙي ڪئي آهي.

هن هوريان هوريان ڪنڌ مٿي ڪنيو چئني پاسي نهاريو ڪاغذ ميز تي وکريا پيا هئا، هن سوچيو اڄ رات ڪيس ڪجهه لکڻ کپي ايترو لکڻ کپي جو طوفانن جا جُهوتا بند ٿي وڃن. تيز ڊوڙڻ لڳي ته شايد درد جو، تڪليف جو هر احساس مِٽجي وڃي، هن سوچيو ڪهڙو فرق ٿو پوي ته ڇا ٿي چڪو آهي.

هر اهو لمحو اها گهڙي جيڪا گذري وڃي هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي ٿي. جڏهن اسان ۾ ان کي روڪڻ جي قدرت ناهي ته وساري ڇڏڻ جو ظرف ضرور هجڻ گهرجي، مونکي به سوچڻ گهرجي ته اهي سڀ گهڙيون گذري چڪيون آهن، ختم ٿي چڪيون آهن ۽ جيڪو ڪجهه ختم ٿي چڪو هجي اهو يادن جي عميق غارن ۾ هميشه لاءِ گم ٿي وڃڻ گهرجي، ان جو ڪوبه نشان باقي رهڻ نه کپي، هن قلم کڻي لکڻ

شروع ڪيو. عجيب ڳالهه اها ٿي ته ٿوري دير اڳ ۾ واري شديد اذيت ۽ درد ڇڻ هڪدم ختم ٿي ويو هجي.

هر طرف سانت لڳي پئي هئي پر هن وقت اهو سڀ ڪجهه ڪيس سٺو لڳي رهيو هو.

•

رحمان مريم کي وٺي ڪراچي اچي ٿو. مريم ڪنهن وڏي شهر ۾ پهريون دفعو آئي هئي، هوءَ ڪنوار جي جوڙي ۾ تيار ٿيل تمام خوبصورت پئي لڳي. وڏيون وڏيون عمارتون، شيشي جي درن سان ٺهيل شو رومز ۽ رستن تي ڊوڙندڙ رنگ برنگي گاڏين کي حيراني ۽ دلچسپي سان ڏسي خوش ٿي رهي هئي. هوءَ هر شيءِ کي ڌاڌي غور ۽ تجسس سان ڏسندي ٿي وئي آخر رحمان اهڙي ئي هڪ اوچي عمارت جي ٻاهران اچي گاڏي روڪي، ۽ ٻاهر نڪري، سندس پاسي وارو در اچي کولي کيس لهڻ لاءِ چيو. ٻئي ڏاڪڻون چڙهي هڪ در آڏو اچي بيهن ٿا، رحمان ڏور بيل وڄائي ٿو نجمه اچي در کولي ٿي ۽ کين ڏسي سندس اکين ۾ پهرين حيراني ۽ پوءِ خوشيءَ جا تاثرات ابرن ٿا. دروازي کان هٽي کين اندر اچڻ لاءِ جاءِ ڏئي ٿي، هو ٻئي اندر اچن ٿا، نجمه مامي کي ڀاڪر پائي ملي ٿي ۽ مريم کي اوپري انداز سان هٿ ڏئي ٿي. اتان ئي ماءُ کي آواز ڏئي ٿي،

”امي ٻاهر اچو... ڏسو ڪير آيا آهن....“

شمسه جيڪا ڪچن ۾ مصروف آهي نجمه جو آواز ٻڌي ٻاهر اچي ٿي ته گلبانو جيڪا اداس ويٺي آهي.

”هينئر وري ڪير آيو آهي جو خوشيءَ ۾ نه پئي ماپين، ٻاهر اچي ڏسي ٿي ۽ ٻنهي کي بي دلي سان ملي ٿي ۽ رسمي طريقي سان پڇي ٿي،

”ايترا ڏينهن وچي لاٿئي....“

ٻئي اندر اچن ٿا، گلبانو کين ڏسي اٿي اندر پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي، رحمان سيني جي رويي کي محسوس ڪري ٿو پر هو ان

صورتحال لاءِ اڳ ۾ ئي تيار هو ان ڪري خاموش ٿي ويو ته ماءُ جي بي رخي ۽ ڪاوڙ سندس اندر ۾ وڏ وجهي رهي آهي، مريم کي لائونج ۾ ويهاري پاڻ ماءُ جي ڪمري ۾ ويو ته ماڻس سندس قدمن جي آهٽ ٻڌي چادر منهن تي وجهي پاسو ورائي ٻئي پاسي منهن ڪري ڇڏي ٿي. رحمان جنهن تان شاديءَ ڪانپوءِ شادي جو ڀوت لهي ويو هو ماءُ جي روبي کي ڏسي، سندس پيرن ۾ ويهي مٿو سندس پيرن تي رکي ڇڏي ٿو ڪيس پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ٿو.

”ننڍي هوندي مان ڪا شرارت ڪندو هوس ته امان مونکي ماريندي هئي ۽ پوءِ ساڳي طرح چادر وجهي ڪٽ تي سمهي رهندي هئي ۽ ٿوري دير روئڻ کان پوءِ ويجي امان جي پيرن تي مٿو رکي ڪيس پرچائيندو هوس، امان مونکي مارڻ ڪانپوءِ پاڻ به ڳوڙها ڳاڙيندي رهندي هئي.“

اهو سڀ ياد ڪري سندس اکين ۾ لڙڪ لڙي اچن ٿا ۽ گلبانوءَ جي پيرن کي پسائي ڇڏين ٿا ٻئي پاسي هوءَ چپ چاپ نير وهائي رهي آهي. آخر رحمان ماءُ جي قدمن کي جهلي چوي ٿو.

”امان معاف ڪر نه.......... مون توکي روئاريو آ. بس هي آخري غلطي ٿي وئي، ڏس امان تنهنجو رحمان ڪن پڪڙي توبهه ٿو ڪري آئينده ڪڏهن به نافرماني نه ڪندو، مان توکي ڪڏهن به ڪو ڏک نه ڏيندس، صرف هي دفعو مونکي معاف ڪر.“

گلبانو ڪوبه جواب نه ٿي ڏئي...... شمسه اندر اچي ٿي ۽ رڪائيءَ سان چوبس ٿي،

”رحمان امان جي طبيعت ٺيڪ نه آهي ان کي في الحال ڇڏي ڏي، آهسته آهسته سهي ٿي ويندي. تون ڪنوار کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃ سفر ڪري آئي آ، ٿڪجي پئي هوندي.“

رحمان ڳوڙها اگهندي ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ مريم کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي ٿو.

”تون وهنجي وٺ ٿڪجي پئي هوندينءَ هي ٻاٿ روم اٿئي.“

مريم ٽوال کڻي باٿ روم ۾ وڃي ٿي ته هو بيڊ تي ليٽي خلائن ۾ ڪجهه تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مريم ونهجي ٻاهر اچي ٿي سندس وارن مان پاڻي ٽِمِي رهيو آهي، رحمان پيار ڀرين نگاهن سان کيس ڏسي ٿو.

”تنهنجا وار ڏاڍا خوبصورت آهن.“

مريم پنهنجي وارن جي تعريف ٻڌي شرمائجي وڃي ٿي.

”يلا ٻڌاءِ توکي ڪراچي ڪيئن لڳو.“

”اجان ڪٿي ڏٺو اٿم ڪراچي..... ڳوٺان ايندي رڳو رستا ڏٺا اٿم، هي هيڏو وڏو شهر آ، هزارين موٽرون رستن تي هلن ٿيون، ايڏيون وڏيون جايون آهن، ماڻهو ايڏن وڏن گهرن جو ڇا ڪندا هوندا. ڏس ته ڪيڏا نه مٿي گهر آهن. ايترو مٿي ڪيئن چڙهندا هوندا.“

”ڇري اهو ڪو هڪڙو گهر ٿوروئي آهي، انهن جاين ۾ ڪوڙ گهر آهن. هر ڪنهن جو جدا جدا جيئن اسان جو هي گهر آهي، بس ڇٽن ڪمرن جو باقي پوري جاءِ ۾ اهڙا ڪوڙ سارا گهر آهن.“

”سمجهي ويس، پوءِ ڪڏهن ٿو ڪراچي گهمائڻ وٺي هلين.“

”هي هفتو نوڪري تي ويندس. تمام گهڻي موڪل ٿي وئي آهي، موڪل جي ڏينهن وٺي هلندس توکي گهمائڻ.... “

”هڪڙي ڳالهه چوانءِ.“

”ها، ها، چئو....“

”چاچي گلبانو ۽ ادي شمسه مونسان رُخ ڏئي ڳالهائن ئي نه پيون...... تون هڪڙو پُٽ آهين گهر جو، تنهنجي شاديءَ جي ذرو به خوشي ڪونه اٿن. بس هڪڙي نجمه آهي جيڪا گهڻو خيال پئي ڪري.“

”امان ٿورو ڪاوڙيل آ مونسان. ڇوته مون اڪيلي وڃي شادي ڪئي.... آپا امان جي ڪري پريشان آ، پر تون ڳڻتي نه ڪر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

مريم پنهنجي روائتي ضدي طبيعت ڪري ان ڪي ڪا اهميت نه ٿي ڏئي،

”ٺيڪ آ، منهنجو چيا، عزت ڏينديون، عزت وٺنديون. مونکي کهڙو لاچار پيو آهي انهن سان ڳالهائڻ جو.“

”نه، نه ائين ناهي چئبو وڏيون آهن، سندن ڪاوڙ جائز آهي، جي تون نه وڃي پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪرين ها ته چاچي شهربانو به ائين ئي توسان ڪاوڙجي پوي ها.“

”سو ته آهي.....“

”ته پوءِ تون صبر ڪر، وقت سان گڏوگڏ سندن ڪاوڙ به ڍري ٿي ويندي..... هاڻي مان ٿوري دير آرام ٿو ڪريان پوءِ هلي ٿا ماني کائون.“

صبح جي وقت گلبانو ٻاهر لائونج ۾ موڙهي سوڙهي ويٺي آهي ته شمسه اچي پرسان ويهيس ٿي.

”امان...! هاڻي جيڪو ٿيو سو ته ٿي ويو، سمجهان ٿي ته توهان کي وڏو صدمو رسيو آهي، پر هاڻي ڇا ٿيندو، ڏڌو کير ٿڃي ته ڪونه پئجي سگهندو نه. رحمان شادي ڪري ڪنوار گهر ۾ وٺي آيو آ، انکي هاڻي واپس ته نه ٿو ڪري سگهي نه. ان ۾ مريم جو ته قصور ناهي نه ۽ جي اسان ائين ڪاوڙ ڪندا رهنداسين ته رحمان اسان کان دور ٿي ويندو.“

گلبانو روئندي چوي ٿي:

”اهوئي ته مقصد هو شهربانوءَ جو. پهرين زمينون ملڪيت کسي ورتن، باقي هڪڙو ٻچڙو هيم پڇاڙيءَ جو سهارو، اهو به مونکان دور ڪري ڇڏيائين.“

”امان ڪيڏانهن ويو آ رحمان، اهو ته اسان وٽ واپس موٽي آيو آ ڪنوار سميت.“

”تون نه ٿي سمجهين شهر بانوءَ جي چالبازين کي، جهڙي پاڻ اوهڙي ئي پرورش ڌيءَ جي به ڪئي هونداءين. هنن مان چڱائيءَ جي اميد نه رکجانءِ، جهڙا ڪانو تهڙا ٻچا. جهڙا سک ماڻس مونکي ڏنا هئا اوهڙائي ڏيڻس ڏيندي.“ شمسه ماءُ کي ٿورو ٿڌو ٿيندو ڏسي اطمينان جو ساهه کڻي ٿي. کلندي ماءُ کي چوي ٿي.

”امان توهان بہ هرويرو بنا پرکڻ جي ويچاري نياڻيءَ جي پويان پئجي ويا آهيو بس هاڻي رحمان کي معاف ڪريو. ڏسو نہ جڏهن کان آيو آهي ڪيڏو نہ پريشان ۽ پشيمان آهي. اسان بہ تہ سندس پسند سان ئي سندس شادي سنڌيا سان ڪيون پيا نہ، اها بہ سندس پسند هئي مريم بہ سندس پسند آهي تہ پوءِ اسان هرويرو ڇو پيا مٿس ناراض ٿيون.“

”شابس ٿئي امان..... پرائي ڄائي کي آسرا ڏئي وچ سير ۾ ڇڏي ڏيڻ ڪهڙي مردانگي آهي، مڙساڻو واعدو تہ هڪڙو هوندو آهي، مونکي تہ رکي رکي سنڌيا جو خيال ٿو اچي. جي الله نہ ڪري اسان جي نجمہ سان ڪو ائين دوکو ڪري تہ پوءِ... مائي اسان بہ پنهنجي ڄاين وارا آهيون.......“

”امان بجا ٿا چئو...... پر هاڻي ڇا ٿو ڪري سگهجي..... لکئي جا ليک آهن، شادي ٿي وئي آ، ان کي مِٽائي نہ ٿو سگهجي. بس هاڻي معاف ڪريوس.“

انهي وقت رحمان ۽ مريم ٻاهر اچن ٿا، رحمان اچي ماءُ جي قدمن ۾ ويهي ٿو ۽ مريم کي چوي ٿو......

”هيڏانهن اچ مريم... امان کي اچي پيرين پئي مل.“

مريم منهن خراب ڪندي اچي چاچيءَ کي ملي ٿي، گلبانو نہ چاهيندي بہ ٻنهي کي مٿي تي هٿ رکي ٿي....

●

ڪجھ ڏينهن ۾ رحمان جي گھر جي فضا ڪافي صاف ٿي وڃي ٿي هر ڪو معمول جي مطابق پنهنجا ڪم ڪاريون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو. موڪل واري ڏينهن ماءُ کان اجازت وٺي رحمان مريم کي ڪراچي گھمائڻ لاءِ وٺي وڃي ٿو مريم هر جاءِ ڏسي ڏاڍو خوش ۽ حيران ٿئي ٿي، ڪلفٽن تي گهمندي مريم ڇوليون هڻندڙ سمنڊ کي ڏسي خوفزده ٿي وڃي ٿي، رحمان کيس ٻڌائي ٿو تہ هي سمنڊ آهي....

”ايترو پاڻي....! ڪو ڪنارو ڏسڻ ۾ ئي ڪون ٿو اچي.“

رحمان ڪيس لاهي هيٺ وٺي وڃي ٿو پهرين تہ هوءَ انڪار ڪري ٿي ليڪن پوءِ دل جهلي لهي وڃي ٿي اچانڪ پاڻي جي هڪ وڏي ڇولي اچي سندس پيرن ۾ پوي ٿي تہ ڇرڪ ڀري رحمان کي چنبڙي وڃي ٿي.....

”هل بس مونکي سمونڊ ناهي ڏسڻو.....“

”ڏس، ڪيترا ماڻهو انجواءِ پيا ڪن.....“

”نہ بس مان هتي ڪونہ بيهنديس. هل بئي پاسي ٿا هلون نہ......“

رحمان سندس دل رکندي اچي گاڏيءَ ۾ ويهي ٿو ۽ هڪ ريسٽورينٽ ۾ کيس ماني کارائي گهر وٺي اچي ٿو.

ائين وقت گذرندو وڃي ٿو ۽ مريم جون ورهين کان پيل عادتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿين ٿيون. شهربانو جون ڪيل نصيحتون ۽ سمجهاڻيون وسرنديون وڃنس ٿيون، هاڻي ساڳيا لاتون ساڳيا ڇُڳهہ، صبح جو دير سان اٿڻ، هر ڳالهہ ۾ ضد. گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ناهي وجهڻو. مڙس جي ڪمن ڪارين جو خيال ناهي رکڻو ڇوتہ سندس ماءُ پيڻ گهر ۾ موجود آهن تہ پوءِ کيس ڪهڙي پئي آهي جو پاڻ کي ٿڪائي....

هڪ ڏينهن صبح جا يارهن ٿي ويا آهن تہ گلبانو رحمان جي ڪمري ۾ وڃي ٿي ۽ ٻاهران ئي جهاتي پائي موٽي اچي ٿي، سندس منهن تي ناگواري جا تاثرات اچي وڃن ٿا، شمسہ سمجهي وڃي ٿي تہ امان ڇو ڪاوڙي پئي اچي........

”امان ڇا ٿيو وري، ڇا لاءِ موڊ خراب ڪيو اٿو.“

”ڏسو تہ سهي هيڏو سج چڙهي آيو آ، اڃان لاٽ صاحبہ آرام پئي ڪري..... رحمان آ تہ بنا ناشتي جي آفيس هليو ويو.“

”امان توهان بہ ننڍين ننڍين ڳالهين تي چڙي ٿا پئو......... مريم ڳوٺ ۾ پلجي وڏي ٿي آ. مائٽن جي دادلي ڌيءُ آ، آهستي آهستي سمجهي ويندي......“

”آهستي آهستي..... هيترا ڏينهن ٿي ويا اٿس..... اسان کي ته ڪٿي هٿو ڪڏ ۾، مڙس جو ته خيال ڪري، اجهو ٿا ٻن مان ٿي ٿين، ڪيستائين ڪندئو تون ۽ نجمه سندن خيال.“

”امان هاڻي ڪٿي بس به ڪيو مان اٿاري ٿي اچانس، نهي ويندي وقت سان گڏ.“

اهو چئي شمسه ڪمري ڏي وڃي ٿي ته مريم ٽوال هٿ ۾ ڪنيو منهن اگهندي لائونج ۾ اچي ٿي، ۽ ڪاوڙ ۾ چوي ٿي:

”صبح مردان سان چا تي گوڙ پيو ٿئي، ننڊ ئي حرام ٿي ٿي وڃي، ڀوٿ ۾ منهنجي ڪمري ۾ ڪنهن کي اچڻ جي همٿ ئي نه ٿيندي هئي. هتي آ جو صبح ٿي ناهي، ڪِر ڪِر شروع......“

”ٻڌو مائي ٻڌو... بجاءِ پنهنجي غلطي محسوس ڪرڻ جي الٽو اسان تي ڪاوڙي آئي آ.“

”چو؟ مون چا ڪيو آهي...“ ..... رحمان کي نيرن چا ٿيون ناهي ڏين سهائي سهائي ڪٿي ڪُئي جي ٻر ۾ وڏو اٿن..... شاديءَ کان اڳي به ته رحمان کي توهان کي نيرن ڪرائي اماڻيندي‌يون هيئوَ نه. ته پوءِ هينئر ڪهڙي مصيبت اچي پئي اٿو.“

شمسه ڳالهه ٽارڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيس چوي ٿي،

”ڏس مريم اسان کي ڪا به مصيبت ڪانهي، پر هر مرد چاهيندو آ ته شاديءَ کانپوءِ سندس گهرواري سندس خيال ڪري. اڄ به انڪري بغير ناشتو ڪئي ويو ته امان کي به ٿوري ڪاوڙ لڳي، بس ايتري ڳالهه آهي، تون پريشان نه ٿي، نجمه تنهنجي لاءِ گرم گرم چانهه ناهي ڪٿي آئي آهي، وڃي ناشتو ڪر.“

مريم خراب موڊ سان وڃي ڊائننگ ميز تي ناشتو ڪري ٿي.

گلبانو پٽڪندي،

”ڏسو ته سهي وري به اسان تي آڪڙي آئي آ.“

”بس امان...! ڇڏيو ان ڳالهه کي.... گڏجي سڏجي رهڻو آ ته ڪس ڪسر ته ڪاٺي پوندي نه ڪنهن نه ڪنهن کي.... ڇڱو مان ڪچن ۾ نجمه

ڪي مجھند جي ماني ۾ ڪجھ سمجھائي پوءِ وجي ٿي ڪپڙا استري ڪيان، توهان هلي آرام ڪيو..“

گلبانو پنھنجي منھن چوندي ڪمري ڏانھن وجي ٿي،

”الائي ڪھڙي زال رحمان کي ڪرمن ۾ لڳي وئي، ڏياڻو لڳڻ ته اصل ماڻس ڪونه سيکاريو اٿس.....“

●

وقت پنھنجي رفتار سان گذرندو وجي ٿو. سنڌيا به سڀ ڪجھ وساري پنھنجي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هر روز يونيورسٽي ڪلاسز اٽينڊ ڪري سيِن آڏو پنھنجي قابليت جا جوهر ڏيکاري رهي آهي، ته هڪ ڏينھن وري هڪ طوفان سندس پرسڪون زندگي ۾ ٿرٿلو مچائڻ لاءِ پنھنجي طاقت سان هن ڏانھن وڌي ٿو.

رحمان ڪار ۾ يونيورسٽي جي ٻاهران انتظار ڪري رهيو آهي. بار بار، گيٽ جي طرف ڏسي ٿو ته ڪڏهن گھڙي ۾ ڏسي ٿو. ايتري ۾ سنڌيا تيز تيز وکون پرينڊي پوائنٽ بس ڏي وجڻ جي ڪري ٿي ته هو گاڏيءَ مان لھي هن طرف وڌي ٿو ۽ اچانڪ سندس سامھون اچي بيھي رهي ٿو. سنڌيا ڪيس ڏسي پھرين ته حيران ٿئي ٿي ۽ پوءِ نفرت سان منھن ٻئي طرف ڪري اڳتي وڌڻ لڳي ٿي. رحمان ساڻس گڏ هلڻ لڳي ٿو سنڌيا پيڇو ڇڏائڻ لاءِ وڌيڪ تيزي سان هلڻ لڳي ٿي ته سندس ڪلاس فيلو ڪاشف اهو لڪاءُ ڏسي اڳتي اچي ٿو ۽ رحمان کان پڇي ٿو.

”اي مسٽر......! توهان ڪير آهيو ۽ هتي ڇا پيا ڪيو........؟

سنڌيا سڄي صورت حال سمجھي وجي ٿي ته هتي ڳالھ ڪي نه سنڀاليو نه ويو ته ڳالھ وڌي به سگھي ٿي..... ان ڪري ڪاشف ڏي وڌي چوي ٿي.

”سوري ڪاشف....! هي رحمان آ. منهنجو پري جو عزيز آ..... مونکي ڏنائين تہ وڏي آيو.“

”اوڪي..... سنڌيا..... آءِ ايم سوري.“

ڪاشف هليو وڃي ٿو.. سنڌيا اڳتي وڌي وڃي ٿي تہ رحمان وري ڊيٽ بنجي سندس آڏو اچي بيهي ٿو.

”سنڌيا پليز منهنجي ڳالهہ ٻڌ...، ڪيترن ڏينهن کان توسان ملڻ جي ڪوشش پيو ڪيان، ڪيترا دفعہ فون ڪيم پر هر دفعہ چاچا يا احمد فون کنئي، ان ڪري بند ڪري ڇڏيم.“

”ڏسو منهنجو رستو ڇڏيو. منهنجي بس نڪري ويندي. مونکي توهان سان ڪجهہ ناهي ڳالهائڻو...... هٽو پري.......“

سنڌيا وڃڻ لڳي ٿي تہ رحمان پويان ويندي.........

”سنڌيا پليز......! مونسان هڪ دفعو اسڪول واري پارڪ ۾ مل مونکي توسان تمام ضروري ڳالهائڻو آهي، مان جمعي تي اتي تنهنجو انتظار ڪندس، صبح جو يارهين بجي. سنڌيا ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري سامهون اينڊڙ پوائنٽ بس ۾ وڃي ويهي ٿي. رحمان بہ گاڏيءَ ۾ ويهي حسرت سان ويندڙ بس کي ڏسندو رهجي وڃي ٿو.

•

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ شهربانو مريم سان ملڻ ڪراچي اچي ٿي، گلبانوءَ جو رويو ساڻس رُکو رُکو آ. پر شمسہ ۽ نجمہ مهمانداري جون سموريون تقاضائون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. شهربانوءَ دنيا ڏٺي آهي، سڀ سمجهي وڃي ٿي، ڏيءَ جي هلت چلت کي بہ ڏسي ٿي ۽ سوچي ٿي،

”جيئن آئي آهيان ادي گلبانوءَ جو رويو اوپرو اوپرو پيو لڳي، مونسان منهن ڏئي نہ پئي ڳالهائي، مون سمجهيو هو تہ مريم هينئر تائين گهر ۾ نهي وئي هوندي پر هن جا تہ ساڳيا پير آهن. منهنجي

هيڏو سمجهائڻ جو بہ اثر نہ ورتائين. تڏهن تہ گهر وارن جو ورتاءُ سهي نہ پيو لڳي.

اٿي سندس بيڊ جي پرسان اچي ڪيس اٿاري ٿي.

”مريم........ امان هاڻي تہ اٿ بہ ڪٽي، ڏس تہ ڪيڏو سج چڙهي آيو آهي. گهر ۾ منجهند جي ماني جو سايو پيو ٿئي. تون آهين جو اجان سمهي پئي آهين.“

مريم ڪمبل هٽائي ڪاوڙمان ماءُ ڪي ڏسي ٿي.

”ساهرا گهٽ هئا جو هاڻي تون بہ آئي آهين ساهراڻو رول ادا ڪرڻ.“

”مائي رول ٻول جي تہ مونکي خبر ناهي، پر هاڻي اُٿ بہ ڪٽي.....“

ڪاوڙمان اٿي باٿ روم وڃي ٿي تہ ماڻس بسترو ٺيڪ ڪريس ٿي، منهن ڌوئي اچي ٿي تہ شهربانو کيس سڏي پرسان ويهاري ٿي.

”ڏس مريم مڃان ٿي تہ شاديءَ کان پهرين تون پنهنجي گهر جي لاڏلي هئينءَ بہ ٿي نوڪرياڻيون اڳيان پويان ڦرنديون هيئي، ڪير بہ توکي چوڻ آکڻ وارو ڪونہ هئو. سڀ تنهنجو خيال ڪندا هئا. پر ڏيءَ شادي ڪانپوءِ هر ڇوڪريءَ کي پنهنجي ساهرن جي پيٽ تي هلڻو پوندو آهي. ساهرا هوندا تئي ٻاٻراٽا ڪندا. هتي گهُر تہ گهُرانءِ وارو حساب هوندو آهي. ويتر جو تنهنجي شادي هنن جي مرضيءَ جي برخلاف ٿي آهي.............“

مريم اهو ٻڌي منهن خراب ڪري چويس ٿي.

”توکي وڏو شونق هو نہ تہ رحمان سان شادي ٿيندي سکي رهنديس، شهر جون سڀ آسائشون ماڻينديس. پر هتي تہ پنهنجي مرضيءَ جي ننڊ بہ نصيب نہ ٿي ٿئي.“

”ڏس مريم شاديءَ ڪانپوءِ پنهنجي مڙس جو سندس ضرورتن جو خيال زال کي ڪرڻو پوندو آهي. مرد جي دل کي مُٺ ۾ ڪرڻ جو اهوئي طريقو آهي تہ ان جو وڏن ۾ وڏ خيا رکيو وڃي....“

”ڪهڙو خيال رکانس، سڄو ڏينهن سائين ميان تہ چوندي ناهي گذارڻو نہ.“

”مان اهو نہ ٿي چوانءِ، صبح جو اٿي نيرن تي ساڻس گڏجي ويهندي ڪر، پلي ڇوڪريون ئي ٺاهي اچن. ڪپڙا ڪٽي ڏنا، ننڍين ننڍين ڳالهين جو خيال ڪرڻ، اهي ئي طريقا آهن مڙد جي دل وٺڻ جا. مونکي تہ اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو آ تہ هتي شهر ۾ رحمان ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ هو. ۽ گهر وارا بہ ان رشتي ۾ خوش هئا.“

”پوءِ ڪري هان نہ اتي شادي، مونکي هروپرو ڇو ٿي ڦاسايائين.“

”مائي تنهنجي فائدي جي ڳالهہ ٿي ڪيم، مڙد کي مائٽن کان پري ڪرڻ لاءِ سندس دل کي مُٺ ۾ ڪرڻ ضروري آهي نہ تہ جيئن تنهنجي مرضي...... هاڻي اٿي هلي نيرن پاڻي ڪر، ڇوڪري بہ دفعا اچي ڏسي وئي آهي.“

ٻئي طرف سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ اداس ويٺي آهي، رحمان جو تصور، ساڻس گهاريل هر پل سينيما جي منظرن وانگي سندس آڏو اچي رهيا آهن. رحمان جون منٿون ڪرڻ، پنهنجو نفرت سان منهن ڦيري ڇڏڻ هر ڳالهہ کيس ياد اچي ٿي.

”رحمان کي ايترن ڏينهن کان پوءِ ڪيئن منهنجي يادگيري اچي وئي جو يونيورسٽي تائين پهچي ويو ۽ پارڪ ۾ ملڻ تي زور پريائين...... پر مان ڇا لاءِ ملنديس ان دوکي باز انسان سان..... ملان بہ تہ ڪهڙي ناتي سان..... ڇا بچيو آ هاڻي اسان جي وچ ۾..... هو هڪ شادي شده شخص آهي...... نہ ڪڏهن بہ نہ..... مونکي هن سان ڪڏهن بہ نہ ملڻ کپي، پر .... هو...... هاڻي ڇا ٿو چوڻ چاهي..... ڪهڙا حيلا بهانا ڪندو... تہ هن ڇو شادي ڪئي...... پنهنجي محبت سان گڏ مائٽن سان بہ دوکو ڪري ڇُپ چاپ شادي رچائي اچي گهر پهتو. هن کي ذرو بہ منهنجو احساس نہ ٿيو تہ مان جيڪا هن جي بغير جيئڻ جو سوچي بہ نہ سگهندي هئس. ڇا گذرندي منهنجي دل تي...... ڪنوڻ بنجي ڪري هئي اها خبر منهنجي وجود تي ۽ منهنجي زندگي کي جلائي رک ڪري ڇڏيائين ۽ هاڻي وري منهنجي زندگي سان کيڏڻ جي پيو ڪري... ڪهڙو حق آ کيس بار بار منهنجي جذبن سان کيڏڻ جو......“

لڙڪ لڙي سندس ڇهري کي آلو ڪري رهيا آهن..... هوءَ پاڻ سان وعدو ٿي ڪري ته ساٽس ڪڏهن به نه ملندي..... ڪڏهن به نه......

احمد ڪمري ۾ اچي ٿو ته جلدي ۾ ڳوڙها اُگهي ٿي.

”ڇا ٿيو آ توکي جو ائين اباڻڪي لڳي ويٺي آهين...، اچ ٻاهر ته ڪيرم ٿا کيڏون.“

هوءَ اٿي ڀاءُ سان ٻاهر نڪري اچي ٿي.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ احمد کي جاب ملي وڃي ٿي ته رابعه پيءُ کي چوي ٿي ته احمد کي سٺي نوڪري ملي وئي آ، ڪاسٺي ڇوڪري ڏسي سندس شادي ڪرائڻ کپي، سنڌيا ويچاري پڙهائي به ڪري ۽ گهرداري به نڀائي.

شوڪت علي اهو ٻڌي خوش ٿي وڃي ٿو ۽ کين چوي ٿو ته ڀاءُ جي مرضي معلوم ڪري سندس لاءِ ڪا ڇوڪري ڳولهين.

ان وقت احمد به گهر اچي ٿو ۽ کانئس سندس پسند پڇڻ تي هو سموري ذميداري ڀينرن کي ڏئي ٿو ته جيڪا ڇوڪري هو سندس لاءِ پسند ڪنديون هو اتي شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

ڳالهين دوران سنڌيا به چانهه کڻي اچي ٿي،

”گرم گرم پڪوڙا ۽ چانهه حاضر آهن پر ڀينرون ڇا ڀيون پسند ڪن.“

رابعه کيس ٻڌائي ٿي ته احمد لاءِ ڪنوار پسند ڪرڻي آهي. سنڌيا اهو ٻڌي ذهن تي زور ڏيندي چوي ٿي،

”هڪ ڇوڪري آهي منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن توهان کي پسند اچي ته،“

”ڪهڙي ڇوڪري تو ڀاءُ لاءِ پسند ڪري رکي آهي.“

”آپي توهان جي اسڪول ۾ سنيتا سان گڏ جيڪا نئين ٽيچر ڪومل آئي آ نه.

”ها، ها...

”اها اسان سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي..... سچ... احمد ڀائو ڏاڍي پياري ڇوڪري آهي.“

”تہ پوءِ ٺيڪ آهي نہ احمد.......“

”زهي نصيب جيئن حڪم حضورائن جو......“

شوڪت علي بہ سندن ان ڳالهہ سان متفق ٿئي ٿو ءِ کين هدايت ڪري ٿو تہ هو خالہ زهره سان صلاح مصلحت ڪري ان ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪن جيئن جلد کان جلد احمد لاءِ ڪنوار وٺي اچجي.

”چڱو هاڻي ان خوشيءَ ۾ گرم گرم پڪوڙا کائو.“

رابعہ کلندي چوي ٿي،

”واه...! سنڌيا بيگم جي تہ خوشيءَ جي موقعي تي بہ مٺائي بدران ڇهراڻ...“

”بابا نئون دور آ.... مٺاين وارا زمانا ويا....“ احمد پڪوڙن جي پليٽ آڏو ڪندي چوي ٿو.

●

رحمان ڪمري ۾ ميز اڳيان ويهي آفيس جو ڪو ڪم ڪري رهيو آهي تہ مريم سندس پرسان اچي ويهي ٿي. سندس موڊ سخت خراب آهي، رحمان کان پين کسيندي آڏو رکيل فائيل کي پري ڪري چوي ٿي.

”ڪيتري دير کان چوان پئي تہ مونکي توسان ضروري ڳالهائڻو آهي، پر تون مُئن انهن فائيلن مان منهن ئي نہ ٿو ڪڍين، مان ڇڻ هرو ڀرو پئي بڪان........“

”مريم ڏسين نہ ٿي تہ ڪم پيو ڪيان، هي فائيل مڪمل ڪري صبح جو وڏي صاحب کي ڏيڻو آهي .......“

”آفيس جو ڪم آفيس ۾ ئي ڪري ايندو ڪر نہ.... مان هتي سڄو ڏينهن تنهنجي ماءُ ڀيڻ جون ٽوڪون، طعنہ ءِ ٻلتار ٻڌڻ لاءِ ناهيان پرڻجي آئي....... سڄو ڏينهن انهن جون اجايون سجايون نصيحتون فضيحتون ٻڌان، شام جو تون اچين تہ دفتر پاڻ سان کڻيو

اچين. مان چڻ هتي نڏڪي آئي آهيان جو سيني جا منهن ويئي تڪيان.“

رحمان فائيل پري هٽائيندي خار مان چوڻ لڳو.

”پر ٿيو ڇا هي..... ڇا لاءِ پٽي ايترو ڳالهائين....... ڇئو ڪهڙي ڳالهه ڪرڻي اٿئي.......“

”مان هاڻي تنهنجي مائٽياڻين سان هڪ گهڙي بہ گذارڻ لاءِ تيار ناهيان. مونکي بس جدا گهر کپي ........“

”ڏس مريم في لحال اهو ممڪن ڪونهي، گهر ۾ ٻيو ڪو مرد تہ آهي ڪونہ. مان امان وارن کي اڪيلو ڪيئن ٿو ڇڏي سگهان......“

”ڇو ڇا ٿيو آ...... تون پندرهن ويهہ ڏينهن ڳوٺ هئين، ان ڪان پهرين ٻاهرين ملڪ ويل هئين تڏهن بہ تہ رهيون پيون هيون نہ تنهنجي ماءُ ڀيڻ.......“

”اها ٻي ڳالهہ هئي...... واپسي جي آسري ۾ ماڻهو انتظار ڪري وٺندو آهي، پر مان شادي ڪري هميشہ لاءِ ڪانئن جدا ٿي وڃان، اهو ڪونہ ٿيندو..... هونئن بہ ايترو پئسو ناهي جو جدا گهر وٺي سگهجي......“

”پئسن جا بهانا نہ ڪر.... مسواڙتي بہ گهر وٺي سگهجي ٿو.“

”في الحال ان ڳالهہ کي ڇڏ. مان توکي اڪيلو رهائي نہ ٿو سگهان.

آفيس جي ڪمن سانگي ڪڏهن ڪاٿي تہ ڪڏهن ڪاٿي...... ڪجهہ وقت ڏکيو سکيو گذارو ڪر...... (ڳالهہ کي مٽائيندي) ڇاڇي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي اچي، ڳوٺ وئي ڇا......؟“

مريم ڏکاري شڪل ٺاهيندي....

”ها وئي صبح ساڻ.....“

رحمان سندس دل رکڻ لاءِ چوڻ لڳو.

”پر ايترو جلدي ڇو وئي..... رهي ها ٻه ٽي ڏينهن.“

”مامي مراد جي فون آئي هئي تہ نيڪ ناهي، ان ڪري پاڙي واري ڇوڪري کي آپا ڇيو اهو وڃي بس ۾ ويهاري آيس.“

”ڇڱو هاڻي موڊ نيڪ ڪر...... مٿي ۾ ڏاڍو سور ٿي پيو آهي، چانهه جو ڪوپ ناهي اڄ........“

”منهنجي به طبيعت نيڪ ناهي، ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڏيکارڻو آهي.“

”نيڪ آ تون چانهه ناهه پوءِ تيار ٿي ته هلون ٿا..... رات جي ماني به ٻاهر کائينداسين.“

مريم اهو ٻڌي ٿورو خوش ٿئي ٿي، ٻاهر ويندي کيس چوي ٿي،

”تون به هاڻي ڪم کي ڇڏ، ونهجي تيار ٿي وٺ......“

”ها، ها بس ٿورو ڪم رهجي ويو آ ڪري اٿان ٿو.“

ڪجهه دير ڪانپوءِ ٻئي ڄڻا تيار ٿي گهر وارن کي ٻڌائي ليڊي ڊاڪٽر وٽ وڃن ٿا، جتي مريم جي چيڪ اپ ڪان پوءِ ڊاڪٽر اچي ٻڌائي ٿي،

”مبارڪ هجي...“

توهان جي وائيف کي پنجن مهينن جي پريگننسي آهي..... فرسٽ بيبي آهي ان ڪري ٿورو احتياط ڪرڻو پوندو، هر مهيني چيڪ اپ ڪرائيندا رهجو....“

”ڊاڪٽر صاحب...! ڪاڏي ۾ ڪو احتياط....“

”هي آئرن ڪيپسول لکي ڏنا آهن، ٻيون طاقت واريون شيون نه.... بس ڊائيٽ جو خاص خيال رکجو.“

انهي وقت مريم به پردي کان ٻاهر اچي ٿي،

”پر آپا اسان جي ڳوٺ جون مايون ته ڊاڪٽرياڻين ڏي کونه وينديون آهن، هرڪا مائي ڏهين مهيني داين کان ويم ڪرايو ڇڏي.“

رحمان ڳالهه ڪٽيندي چوي ٿو،

”ڇڱو هاڻي هل ته هلون، هر مهيني چيڪ اپ لاءِ اچڻو پوندو، وڌيڪ بحث نه ڪر.“

مريم جو موڊ آف ٿي وڃي ٿو پر چپ چاپ اٿي ٿي. گاڏيءَ ۾ ويهي رحمان کيس سمجهائي ٿو ته هر ماڻهو سان بحث ناهي ڪبو، هاڻي کيس هتي جي اٿڻ ويهڻ جا طور طريقا سمجهڻ گهرجن. ان تي

ويتر هن جو موڊ خراب ٿي ويجي ٿو. رحمان ڪيس ريجهائڻ جي ڪري ٿو هاڻي ته اسانجي مريم بيگم خير سان ماءُ بنجندي پوءِ اسان کي ڪٿي ٿي لفٽ ڪرائي.“

مريم رحمان جي چالاڪي نه ٿي سمجهي جهٽ چئي ڏئي ٿي،

”تون پيءُ نه بنجندي ڇا.“

”اهو ته مريم بيگم تي ڊپينڊ ٿو ڪري ته پنهنجو ٻار اسان کي کڻڻ ڏئي يا نه مرضي آ سندس.“

”بس، بس سمجهي ويس..... تون مونکي هوٽل تي ماني ڪونه کارائيندي ان ڪري ڳالهيون پيو ناهين.“

”ڏاڍو ننڍڙو دماغ اٿئي.... منهنجا سائين..... گهر ماني منع ڪري آيا آهيون.... پوءِ ماني ته هوٽل تي ئي کائڻي پوندي نه.“

شام جي وقت سنيتا ۽ سنڌيا ڪمري ۾ ويٺيون آهن سنيتا گهڻن ڏينهن کانپوءِ آئي آهي ۽ ڪيس ٻڌائي ٿي ته هن جي طبيعت ٺيڪ نه هئي انڪري ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ وئي هئي ته واپسيءَ تي رحمان اچي سندس پرسان گاڏي روڪي. چوي پيو ته سنڌيا سان ملڻو آهي.

سنڌيا ڪاوڙ ۽ نفرت مان چوي ٿي،

”ڪهڙو رشتو آ ساڻس منهنجو جو اٿين ڏگ جهلي ملڻ لاءِ چوي ٿو.... آئينده ملئي ته ڪتو جواب ڏئي ڇڏجانئس.“

”هڪ دفعو ملي وٺيس، ڏس ته چوي ڇا ٿو.“

”ڇا به چوي..... هاڻي ڇا ٿيندو... سندس رستا الڳ منهنجا الڳ.....“

انهي وقت فون جي گهنٽي وڄي ٿي گهر ۾ ٻيو ڪير به ناهي انڪري سنڌيا مجبورً فون کڻي ٿي، ٻئي طرف رحمان آهي. سنڌيا جو آواز سڃاڻي، سنڌيا پليز فون بند نه ڪجانءِ، منهنجي ڳالهه ٻڌ. مونکي توسان تمام ضروري ملڻو آ. مان صبحاڻي يارهين بجي پارڪ ۾ تنهنجو انتظار ڪندس.....“

سنڌيا فون رکي ڇڏي ٿي,
”هون..... وڏو آيو آ پارڪ ۾ ملڻ وارو.“
”ڪير هو...؟.... رحمان .....“
”ها .....“
ڪيس سڄي ڳالهه ٻڌائي ٿي. سنيتا ڪيس چوي ٿي:
”ملي وڃينس هڪ دفعو..... ڏس ته چوي ڇا ٿو. صاف صاف جواب ڏئي هلي اچجانءِ نه ته هرويرو روز روز پيو تنگ ڪندو.........“
”مونکي نفرت ٿي وئي آ, ان دوکي باز کان.... پر تون چوين ٿي ته پوءِ سوچيندس.“
سنيتا موڪلائي وڃي ٿي ۽ سنڌيا وري ڳوڙهي سوچ ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

•

اسڪول جي پرسان وارو پارڪ مجهند جي وقت سنسان لڳو پيو آهي. ڪٿي ڪٿي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو گهمندي نظر اچي ٿو, ڪي رات جي محنت مذدوري ڪري اچي هتي ڪنهن بينچ تي آرامي ٿيندا آهن, يا ڪي ڪم کان واندا پارڪ اچي وسائيندا آهن. رحمان صبح ڏهين وڳي کان سنڌيا جي انتظار ۾ اچي پارڪ وسايو آهي. انهي آس ۾ ته سنڌيا ضرور ملڻ ايندي, وقت تيزي سان گذري رهيو آهي پر سندس مطلوب جو پري پري تائين ڪو اتو پتو ڪونهي. بار بار وقت ڏسي ٿو.
”هاڻي ته ساڍا يارهن پيا ٿين, پڪ ته هوءَ ڪانه ايندي, مان فضول ۾ پيو انتظار ڪيان, آفيس مان به ڪلاڪ جي ڇٽي ڪري آيس......... پر هوءَ اچي به ڇو........؟ ڇا مونکي ڪيس سڏڻ کپندو هو........ پر ڇونه...... ضروري ته ناهي ته جنهن سان محبت ڪجي ان سان شادي به ڪجي..... شادي ڪرڻ الڳ ڳالهه آ, محبت ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي, ڪيس هڪ دفعو وري محبت جو يقين ڏيارڻو پوندو....... پر

هوءَ ته ملڻ لاءِ تيار ئي ناهي...... نه ته اچي وڃي ها.... هاڻي پارهن پيا ٿين، هاڻي مونکي هلڻ کپي.

اٿي پارڪ جي گيٽ طرف وڌي ٿو مايوسي هن جي منهن کي مرجهائي ڇڏيو آهي.

ان وقت سندس نگاهه گيٽ تي پوي ٿي. سنڌيا آهسته آهسته قدم کڻندي پارڪ ڏانهن اچي رهي آهي، رحمان جي مايوس چهري تي هڪدم رونق اچي وڃي ٿي. هو تکڙا قدم کڻندو هن ڏانهن وڌي ٿو سنڌيا کيس ڏسي ٿي ته ڪاوڙ ۾ منهن ٻاڙهو ٿي وڃيس ٿو رحمان خوشامندي لهجي ۾ چوي ٿو

”سنڌيا مونکي پڪ هئي ته تون ضرور ايندينءَ.“

سنڌيا ڪاوڙ مان کيس ڏسي ٿي،

”توهان ڇالاءِ منهنجو پيڇو ڪندا يونيورسٽيءَ تائين پهچي وڃو ٿا، هاڻي ڪهڙو ناتو رهيو آ اسانجي وچ ۾.“

”سنڌيا مان پنهنجي غلطي سڌارڻ چاهيان ٿو، معافي وٺڻ چاهيان ٿو...... ڏس سنڌيا مون مريم سان مجبوريءَ ۾ شادي ڪئي آهي.... محبت ته مون هميشه توسان ڪئي آهي.“

”شاديءَ ڪانپوءِ محبت به پنهنجي زال سان ڪبي آ، ڪنهن ٻئي سان نه.....

سنڌيا انتهائي رُکي لهجي ۾ کيس چوڻ لڳي.

”هاڻي تون هتان وڃ، مون توکي معاف ڪيو، تون به مونکي معاف ڪر، آئينده مونسان ملڻ يا منهنجو پيڇو ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ ......“

”ڏس سنڌيا مان تو آڏو هٿ ٿو جوڙيان (ذري گهٽ روئيندي) مان توکان سواءِ رهي نه ٿو سگهان، تون منهنجي مجبوريءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر.“

”بس..... گهڻو ٿيو..... ان کان وڌيڪ ڪجهه نه چئجانءِ.... لالچي انسان... زمينون ۽ ملڪيت ڇا ڏٺئي، سڀ ڪجهه وسري ويئي ۽

هاڻي جڏهن سوني جهرڪي پڃري ۾ ڦاسي وئي ته ٻئي پاسي منهن هٽڻ کان به رهي نه ٿو سگهين."

رحمان کي اها توقع هرگز نه هئي ته هميشه گهٽ ڳالهائيندڙ ڇوڪري ائين سامهون شينهڻ بڻجي سندس توهين ڪندي، ڪاوڙ ۾ منهن ٽامڻي هٽي وڃيس ٿو ڇڻ ڪنهن هن جي مردانگي تي اونهو وار ڪيو هجي.

"بس سنڌيا بس، گهڻو ٿيو...... مون ته پنهنجي غلطي سڌارڻ ٿي چاهي، مون چاهيو پئي ته منٿ ميڙ ڪرڻ سان پرچي پوندينءَ........ ڏس سنڌيا اهو سچ آ ته مان توسان محبت ڪيان ٿو ۽ هميشه گڏ رهڻ چاهيان ٿو پر الائي توکي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڇو ڪونه ٿي اچي."

سنڌيا نفرت مان هن ڏي نهاري ٿي اکين مان ڇڻ اُلا پيا نڪرنس، ڏڪندڙ لبن سان چوڻ لڳي ٿي.

"سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ تنهنجي بري نيت کان به واقف آهيان ته تون مون سان گڏ ڪهڙي حيثيت ۾ رهڻ چاهين ٿو."

رحمان جيڪو اڳ ۾ ئي ان جواب ملڻ جي توقع ڪري آيو هئو انڪري هو پوري تياري سان آيو هو ته اگر هڪ طريقو ڪامياب نه ٿيو ته ٻئي طريقي سان ڪوشش ڪندو. هن شادي ڪانپوءِ سنڌيا کي به هر حالت ۾ حاصل ڪرڻ پئي چاهيو. هو ڪنهن به صورت ۾ هن تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه هو. هڪ وڏو بند لفافو ڪڍي........

"تون شايد ائين نه سمجهندينءَ، اچي هي وٺ، باقي پاڻهي سمجهي ويندينءَ پوءِ فيصلو ڪجانءِ ته ڪنهن به حيثيت سان مونسان گڏجي رهڻ چاهين ٿي يا..."

لفافو سندس هٿ ۾ پڪڙائي تڪڙو تڪڙو گيٽ کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. سنڌيا حيراني سان لفافي کي ۽ ويندڙ رحمان کي ڏسي ٿي... اکين مان بيوسي وچان لڙڪ وهڻ لڳنس ٿا لفافو بيگ ۾ رکي تيز قدمن سان پارڪ مان نڪري وڃي ٿي.

●

اج وري مريم ۽ رحمان جي گهر وارن ۾ ڪنهن معمولي ڳالهه تان ڪجهه گرماگرمي ٿي آهي مريم نه صرف شمسه ۽ نجمه سان گهٽ وڌ ڳالهايو پر گل بانوءَ سان به اٽڪي پئي جڏهن هن شمسه ۽ نجمه جي طرف داري ڪندي ڪاوڙمان ڪيس چيو.

”بس مائي.... گهڻو ٿيو....“

گل بانو جو ايترو چوڻ هو ته مريم جنهن جي دل ۾ گهڻي وقت کان سندس خلاف ڪاوڙهئي اصلي برسٽ آئوٽ ٿي وئي.

”تون ته چپ ڪر. هر ڳالهه ۾ ٽپو ڏيڻ جي عادت ٿي وئي اٿئي، حق تي امان توکي ٻارن سميت ڏڪا ڏئي ڳوٺ مان ڪيرايو هئو.“

رحمان اهو ٻڌندو اندر اچي ٿو. هن جو موڊ اڳ ۾ ئي سنڌيا جا ٻلتار ٻڌي خراب هو گهر ۾ جهيڙو ڏسي جڻ ته ڦاٽي پوي ٿو.

”ڇا جو ٻڙڏول ڪٽي وڌو اٿو گهر ۾، جڏهن ڏسو جنگ جو ميدان لڳو پيو آ. هرڪو گوءَ کٽڻ جي ڪوشش ۾ آهي، ۽ مريم اهو تون ڇا پئي امان کي چوين توکي نندي وڏي سان ڳالهائڻ جي ڪا تميز آهي يا نه.... امان توهان به ڪجهه ڏيرج ڏاريو....“

رحمان جي اچڻ تي سڀ خاموش ٿي وڃن ٿيون. مريم مڙس جا دڙڪا ملڻ تي روئيندي اندر ويندي چوي ٿي.

”هتي ڪنهن کي به منهنجي پرواهه ڪونهي سڀ مونکي ٿا چون..... هاڻي مونکي هڪ گهڙِي به هن گهر ۾ ناهي رهڻو........“

رحمان جيڪو مريم کي اصل ڪاوڙائڻ نه ٿو چاهي پيڻ کي شڪايتي انداز ۾ چوڻ لڳو.

”آپا توهان ته وڏا آهيو مريم منهنجي زال آهي، منهنجي عزت آهي، مان هر وقت پنهنجي زال جي بيعزتي ٿيندي برداشت نه ٿو ڪري سگهان، آئينده خيال ڪندا ڪيو.“

شمسه نندي ڀاءُ کي اهڙي لهجي ۾ ڳالهائيندي ٻڌي ڏکاري ٿي وڃي ٿي. هن ته هميشه گهر جو ماحول ناهي رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آ.... پوءِ به رحمان کي شڪايت آهي.

رحمان تڪڙو تڪڙو ڪاوڙيل زال جي پويان اندر ويجي ٿو
”مريم او مريم منهنجي ڳالهه ته ٻڌ. منهنجو هرگز اهو مطلب نه هو.....“

مريم ڪاوڙ ۾ ٺڪ سان در بند ڪري ٿي، ته رحمان پويان در کولي اندر وڃي در بند ڪري ڇڏي ٿو. گلبانو کي پُٽ جو ائين زال جو پاسو ڪڻندي ڏسي ڏاڍو ڏک رسي ٿو.

”ڏٺئي نه.... ڪهڙو مٺ ۾ ڪيو اٿس، ويتر اسان کي ست سُريون ٻڌائيندو ويو.“

نجمه ۽ شمسه چپ چاپ اٿي ڪمري ۾ هليون وڃن ٿيون ته گلبانو اتي ئي صندل تي رئو مٿان وجهي ليٽي پوي ٿي.

سنڌيا سهڪندي سهڪندي ڏاڪڻيون چڙهي گهر اچي ٿي ۽ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي سندس حالت تمام گهڻي خراب آهي، رحمان سان جهڳڙو ڪرڻ کان پوءِ الائي ڪهڙي طرح گهر پهتي هئي. رحمان جو پهرين منٿون ڪرڻ ۽ پوءِ سندس ڳالهه نه مڃڻ تي رخ مٽائي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ لفافو پڪڙائي هليو وڃڻ، سنڌيا کي اهو سڀ ياد ڪري ٿڌ ۾ به پگهر نڪري اچن ٿا. جلدي جلدي ڪمري ۾ وڃي هٿ منهن ڌوئي ٿي ته ڪجهه سامت ۾ اچي ٿي، بيڊ تي ويهي ٿي. ڏڪندڙ هٿن سان هينڊ بيگ مان لفافو ڪڍي کولي ٿي ته جهوليءَ ۾ ڪجهه تصويرون ۽ ڪجهه خط سندس جا رحمان کي لکيل اچي ڪرن ٿا. ان سان گڏ رحمان جو خط آهي، کولي پڙهي ٿي ته اکين آڏو اونده ڇانئجي ويس ٿي، چهري تي پريشاني ۽ ڏک جا مليل جليل تاثرات پيدا ٿين ٿا. هڪ دفعو وري خط پڙهي ٿي، جنهن ۾ هن اهو ڪجهه لکيو آهي جنهن جو سنڌيا تصور به نه ڪيو هو.

●

سنڌيا...!

”مان واقعي بہ تنھنجي بنا رھي نہ ٿو سگھان. ھي خط بہ ان ڪري لکان پيو جو تنھنجو رويو فون تي ۽ يونيورسٽي ۾ ملڻ تي مونکي سخت ناپسنديده لڳو ھو ۽ جيڪڏھن اڄ جي ملاقات ۾ بہ تون پنھنجي ھوڏ تان نہ لٿينءَ جنھن جي مونکي بخوبي توقع آھي، تہ پوءِ مون وٽ ٻيو ڪو آپشن ناھي. ڪاش....! تون منھنجي محبت کي سمجھين ھا، مان ھميشہ توکي پنھنجي زندگيءَ ۾ ڏسڻ ٿو چاھيان. مريم سان شادي مون پنھنجي پيءُ جي قبايل ملڪيت واپس وٺڻ لاءِ ڪئي آھي، اھا ڳالھہ مون توکي سمجھائڻ پئي چاھي، پر تو ان ڏينھن مونکي فون تي لالچي چيو ھو. اھو منھنجي مردانگيءَ تي وار آھي. ھاڻي مون وٽ اھوئي آپشن وڃي رھي ٿو تہ جيڪڏھن تون منھنجي مرضي مطابق نہ ھلندينءَ ۽ مونسان تعلق جوڙي نہ رکندينءَ تہ تنھنجا خط ۽ فوٽو پوسٽرن جي شڪل ۾ يونيورسٽي جي ھر ديوار جي زينت بڻجندا. مان توکي ايترو خوار ڪندس جو ڪنھن کي پنھنجو اھو معصوم مکڙو ڏيکارڻ جي لائق نہ رھندينءَ. اھو منھنجو واعدو بہ آ تہ فيصلو بہ.... مان ھر حالت ۾ توکي حاصل ڪندس، ڇا بہ ٿي پوي.“

ھڪ دفعو وري سنڌيا خط پڙھي روئڻ لڳي ٿي، ھن کي سنيتا جا چيل لفظ ياد اچن ٿا. تہ رحمان مونکي انتھائي چالاڪ ماڻھو ٿو لڳي. ھوءَ سوچي ٿي.

”ھي مونکان ڪھڙي غلطي ٿي وئي، اڻ ڄاڻائي ۾ مون رحمان جي اصل رنگ کي ڇونہ سڃاتو. محبت جي نالي تي ايڏو دوکو مون ھن تي اعتبار ڪيو ۽ ھو ھر حالت ۾ مونکي حاصل ڪرڻ ٿو چاھي، ھو ايترو ڪِري سگھي ٿو جو ھاڻي مونکي حاصل ڪرڻ لاءِ بليڪ ميلنگ تي لھي آيو آھي، خدايا.......! مان ھن مان ڪيئن جان ڇڏايان، جيڪڏھن ھن واقعي منھنجا خط ۽ تصويرون ديوارن تي ھڻي مونکي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ نہ صرف منھنجو ڪيريئر تباھہ ٿي ويندو، پر بابا سائين جنھن اسان کي پٽن وانگر سمجھيو انھن جي ڪئي ڪمائي چٽ ٿي ويندي سندن عزت خاڪ ۾ ملي ويندي نہ، نہ، مان ائين ٿيڻ نہ ڏينديس مونکي ڪجھہ ڪرڻو پوندو. ڪيتري دير

تائين هوءَ بلڪل بُت ۾ بيحس بڻي ويٺي رهي، سڄي فضا چپ هئي ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو هڪ ناقابلِ برداشت مجمد سانت آهستي آهستي ٻي آواز گجي رهي هئي جيڪا اڪثر ڪنهن طوفان جي آمد جو پيغام هوندي آهي ۽ سنڌيا بلڪل لاتعلق بڻي ويٺي هئي ۽ سوچي رهي هئي تہ هاڻي جيڪو طوفان ايندو، هن جي نصيب ۾، ڀلا ڪهڙو فرق ايندو. هاڻي تباهہ ٿيڻ لاءِ ڇا بچيو آهي، ناحق ئي شرمسار ٿي موٽي ويندو. هڪ ڀيرو دل چيو تہ طوفان جي دل رکڻ لاءِ پنهنجي بچيل سچيل هستي کي ڏئي وانگر هٽن ۾ ڪٽي هوائن جي آڏو رکي ڇڏي تہ اي ... هوا اچ ۽ منهنجي هستيءَ جي هن ٽمڪندڙ ڏئي کي اجهائيندي گُل ڪندي گذري وڃ، ماڻهو شايد خودڪشي بہ اهڙي طرح ڪنهن جي دل رکڻ لاءِ ڪندا هوندا. اچانڪ کيس خيال آيو تہ مان بہ ڇونہ هن سڀ کان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙو ئي قدم کڻان، رحمان کي هر حالت ۾ روڪڻ لاءِ مان ڪابہ قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ليڪن گهر وارن جي عزت تي حرف اچڻ نہ ڏيندس. اهو سوچي هوءَ پرسڪون ٿي وئي.

صبح جي وقت شوڪت علي ۽ احمد نماز پڙهي اٿن ٿا، شوڪت علي هيڏانهن هوڏانهن نهاري احمد کي چيو تہ سنڌيا اجان ناهي اٿي ڇا، احمد چوڻ لڳو تہ سنڌيا ڀلي آرام ڪري هو چانهہ ناهي ٺو اچي. چانهہ پيئندي شوڪت کي وري سنڌيا جو خيال ٺو اچي.

”احمد سنڌيا ايتري دير تہ ناهي سمهندي، طبيعت ٺيڪ نہ اٿس ڇا....؟ چانهہ پي سندس ڪمري ۾ جهاتي تہ پائي اچ....“

احمد چانهہ جو ڪوپ ميز تي رکندي اهو چئي اٿي ٿو تہ هو ڀهرين کيس ڏسي ٿو اچي. هو سنڌيا جي ڪمري جو در کولي اندر جهاتي پائي ڏسي ٿو تہ سنڌيا بيخبر سمهي پئي آهي.

احمد کي سندس سمهڻ جو انداز غير معمولي لڳي ٿو در کولڻ جي باوجود سنڌيا ڪابہ چرپر ڪانہ ڪئي، اتائين سڌ ڪريس ٿو پر سنڌيا ٻي سڌ بيڊ تي آڏي ٽيڏي ٿي پئي آهي سندس هٿ ڦريا پيا آهن، پريشان ٿي ڀيءُ کي سڏي ٿو. شوڪت علي ڊوڙندو اندر اچي ٿو.

”ڇا ڳالهہ آهي تون ايڏو پريشان ڇو پيو لڳين؟“

”بابا هي ڏسو سنڌيا ڪيئن سمهي پئي آ.“
شوڪت پريشان تي بيڊ ڏانهن وڌي ٿو
”سنڌ... يا ...يا يا!“
سنڌيا ڪوبہ جواب نہ ٿي ڏئي شوڪت بيڊ جي ڪناري تي ويهي سندس نبض ڏسي ٿو پريشان ٿي احمد کي چوي ٿو تہ جلدي وڃي ٽيڪسي وٺي اچي سنڌيا جي نبض ٻڏندي پئي وڃي، ٻئي ڄڻا ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڪيس هيٺ لاهي ٽيڪسي ۾ اسپتال کڻي وڃن ٿا. جتي احمد جو هڪ دوست ايمرجنسي ۾ موجود آهي هو جلدي جلدي سنڌيا جو معائنو ڪري ٻڌائي ٿو تہ سندن پيشنٽ وڏي مقدار ۾ ننڊ جون گوريون کاڌيون آهن. شوڪت ۽ احمد حيران پريشان ٿي هڪ آواز چون ٿا،
”ننڊ جون گوريون....! پر ڇو؟ اسان جي گهر ۾ تہ ڪير بہ ننڊ جون گوريون استعمال ناهي ڪندو.“
لڳي ٿو تہ ڇوڪري خودڪشي تي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو پوليس ڪيس آ، سو....“
”نہ ڊاڪٽر صاحب، ائين نہ ٿو ٿي سگهي پليز....! توهان سندس علاج شروع ڪيو.“ شوڪت علي منٿ جي انداز ۾ چويس ٿو ۽ احمد بہ هجت ڪندي ”ڊاڪٽر يار... جلدي ڪيو وڌيڪ بحث نہ ڪيو.“
ڊاڪٽر ڪيس اندر کڻائي وڃي ٿو ۽ ٿوري دير کان پوءِ اچي ٻڌائي ٿو تہ هنن پيشنٽ جو استمڪ واش ڪري ڇڏيو آهي اگر ٿوري دير ڪيو ها تہ...
”ٿينڪيو ڊاڪٽر... توهان اسان جي پيڙ جي زندگي بچائي ورتي، ڀلا سنڌيا ڪيڏي مهل هوش ۾ ايندي؟“
”بہ ٽي ڪلاڪ تہ نشي جو اثر رهي سگهي ٿو مون انجيڪشن ڏئي ڇڏي آهي،....... احمد يار هي پوليس ڪيس هو صرف تنهنجي ڪري مون هن ۾ هٿ وڌو. مهرباني ڪري هن جي تشهير نہ ڪجو.“
”مان بہ صرف توهان جي ڪري ئي هن ڪلينڪ ۾ سنڌيا کي کڻي آيس، ڇو تہ مونکي خبر آهي تہ اهڙين سرخين جي تلاش ۾ اخبار

وارا ڪيترا نہ ايڪٹو هوندا آهن. ڊاڪٽر رفيق يار آءِ ايم ويري ٿينڪ فل ٿو يو. توهان هينئر اسان جي مدد ڪري سچ تہ دوستي جو حق ادا ڪري ڇڏيو.“

اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي شوڪت علي پريشان ٿي ويو ٿو ڊاڪٽر کين ٻڌائي ٿو تہ پيشنٽ جي ذهن تي ڪجھ ڏينهن انهن گورين جو اثر رهندو. کيس ڪابہ ڳالھ ياد ڏيارڻ جي ڪوشش نہ ڪجو نہ تہ هن جي ذهن تي خراب اثر پئجي سگهي ٿو.

شوڪت علي پريشاني جي حالت ۾ سوچي ٿو تہ سنڌيا کي اهڙو کهڙو ڏک پهتو جنهن هن کي اهڙو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. هن تہ ڪڏهن محسوس ئي نہ ڪرايو تہ هوءَ ڪنهن تڪليف، ڪنهن مشڪل کي ڀوڳي رهي آهي.“

ڊاڪٽر جي وڃڻ کان پوءِ احمد پيء ڏي وڌي اچي ٿو ۽ کيس چوي ٿو تہ هو رابعہ کي فون ڪري اچي ٿو پر شوڪت علي کيس منع ڪندي چوي ٿو.

”في الحال نہ..... هرو ڀرو سنڌس ساهرن کي خبر پوندي، هو الائي ڇا سوچن. سنڌيا هوش ۾ اچي تہ گهر کڻي هلونس. پوءِ رابعہ کي ٻڌايون ٿا.“

●

وقت پنهنجي رفتار سان گذرڻ لڳي ٿو. ڪافي ڏينهن ائين ئي ڪڏهن خوشين سان ڀريل تہ ڪڏهن پنهنجي اندر تلخيون ۽ بدگمانيون سهيڙي گذرن ٿا. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ رحمان کي بہ احساس ٿئي ٿو تہ ان ڏينهن سنڌيا سان ڪيل جهڳڙي جي سڄي باھ هن گهر اچي پنهنجي ماءُ پيڻ تي ڪڍي. اڄ هو پنهنجي رويي تي شرمسار نظر اچي پيو هو مريم جي فرمائش تي ماءُ کي ڪجھ چوڻ اچي ٿو پر چئي نہ ٿو سگهي، مريم ڪُرڙين نظرن سان کيس گهوري ٿي، شمسہ اها صورت حال ڏسي هميشہ جيان سنڌس مدد ڪري ٿي.

”رحمان چا ڳالهہ آ. کهڙي ٻڌ تر ۾ آهين. منڌو منڌو پيو لڳين. امان کي ڪجهہ چوڻو اٿئي ڇا.“

”آپا مان ان ڏينهن جي رويي تي شرمسار آهيان.“

”گهرن ۾ ائين ٿيندو رهندو آهي. جتي ٻہ ٿانو هوندا آهن ٺهڪندا ضرور آهن....“

”آپا در اصل....“

”ڪنهن شيءِ جي ضرورت آهي ڇا.....“

”نہ آپا اها ڳالهہ ناهي. در اصل مريم ضد ڪيو ويٺي آهي تہ هوءَ ڳوٺ وڃي ڊليوري ڪرائيندي.“

”ڏنئي نہ شمسہ. آخر ڏيکاريائين نہ ڳوناٺي رڳ. پهريون ٻار آ. الله خير ڪري. وڏو شهر ڇڏي هلي آ ڳوٺ ڊليوري ڪرائڻ......“

”امان ٺيڪ ٿي چوي رحمان. خدانخواستہ......“

مريم ڳالهہ اڌ مان ڪٽيندي ڪاوڙ مان چوي ٿي.

”مان بہ تہ ڳوٺ ۾ جائي هئس...... رحمان ۽ توهان بہ ڳوٺ ۾ ئي جاوا هئا. چاچي ان مهل تہ ڪو اعتراض ڪونہ ڪيو هو......... خدا جهڙو وڏن شهرن ۾ تهڙو ڳوٺن ۾....“

”شهربانوءَ جا ڊليوري ۾ لاڳيتا چار پٽ هڪ ٻئي پٺيان مئل پيدا ٿيا. هڪ دفعي تہ الله ڪٽي بچايس. منهنجو بہ پهريٿو ٻار داين جي غلطيءَ سبب ڄمڻ کان پهرين ئي پيٽ ۾ مري ويو. ان ڪري ڊپ ٿو ٿئي.“

گل بانو پنهنجي ڳالهہ کي وزن ڏيڻ لاءِ ڪيس سمجهائڻ جي ڪئي.

”ڪجهہ بہ چئو مان ڳوٺ ضرور ويندس. مامي جي طبيعت خراب هجڻ ڪري امان بہ هتي اچي ڪونہ سگهندي. توهان کي تہ هرويرو هر ڳالهہ ۾ اعتراض ڪرڻ جي عادت ٿي وئي آهي.“

مريم سس جي ڳالهہ کي اهميت نہ ڏيندي رُڪائي مان چيو.

گلبانو خاموش ٿي وڃي ٿي. هوءَ روز روز ننڍن جي هٿان پنهنجي بي عزتي ڪرائڻ نہ ٿي چاهي.

”رحمان امان چوي ته سهي ٿي، وڏيڪ توهان ٻنهي جي جيڪا مرضي، جي توهان ٻنهي اڳ ۾ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو آ پوءِ وات ٽڪاٽي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، هرويرو گهر ۾ انهن ڳالهين تان بد مزگي ٿي ٿئي. پر وڃڻ کان پهرين هڪ دفعو ڊاڪٽرياڻي کان چيڪ اپ ضرور ڪرائجو جيئن خبر پوي ته ڪا ڪامپليڪيشن ته ڪانهي.“

شمسه وڏندڙ ڳالهه کي تاري ڇڏي ٿي.

”ٺيڪ آ آپا، اهو مناسب آهي... مريم تون تيار ٿي وٺ ته ڊاڪٽر کي ڏيکاري مشورو وٺي اچون، پوءِ صبحاڻي ڳوٺ هلنداسين، مون موڪل وٺي ڇڏي آهي.“

مريم خوش ٿي اندر وڃي ٿي ته رحمان به پويان وڃينس ٿو.

”ڏٺئي نه مجرائي وئي نه پنهنجو ضد....،“

”امان توهان ڪنهن جي لاءِ ايترو پريشان نه ٿيندا ڪيو. پنهنجي زندگي اٿن جيئن وڻين گذارين. اسان کي سندن شادي شده زندگي ۾ ايترو دخل ڏيڻ نه گهرجي.“

”مائي جيئن سيني جي مرضي.... اسان اڳتي ڪونه ڪچنداسين.“

صبح جو رحمان تيار ٿي ٻاهر نڪري ٿو سندس هٿ ۾ گاڏيءَ جون چاٻيون ۽ سوٽ ڪيس آهي، گل بانو ڪيس ڏسي ڏيءَ کي چوي ٿي،

”هو ڏس صبح سان وڃڻ جي تياري ڪئي اٿن، تو ته چيو پئي ته صبح جو نجمه جي مٺي مائٽي واري ڳالهه ڪندينءَ. سڏينس ته نڪتو نه هليو وڃي.“

”ادا ٿورو هيڏانهن ته اچجو مونکي توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.“

”آپا چا ڳالهه آهي.... خير ته آهي نه...“

”ها، ها، خير آ..... توهان به ٻن ٽن ڏينهن لاءِ ڳوٺ پيا وڃو ان ڪري سوچيم ته ڳالهه ڪري وٺان....“

”اهڙي کهڙي ڳالهہ آ جو منهنجي واپسي تائين جو انتظار نہ ٿو ٿي سگهي.“

”نجمہ لاءِ هڪ سٺو رشتو آيو آهي.....“

رحمان تجسس مان پڇي ٿو.

”ڪٿان....؟ ڪير آهن.... نجمہ تہ اجان ننڍي آهي.“

”منهنجي هڪ ڪليگ جي پٽ جي شادي ۾ نجمہ سان گڏ وئي هئس اتي گهوٽ جي دوست جي فيملي لاڙڪاڻي کان آئي هئي نجمہ کين ڏاڍي پسند آئي ڇوڪري جي هتي پورٽ تي اسسٽنٽ انجينئر جي جاب آهي انهن ڇورايو آهي، تون ڳوٺان ٿي اچ پوءِ جاچ جوچ ڪري ونجانءِ.“

”ٺيڪ آ، جي توهان کي ماڻهو سهي لڳن ٿا تہ پوءِ ڏسي ونداسين ان ڳالهہ کي.... مون کي ڏينهن بہ لڳي ويندا اچڻ ۾......“

مريم بہ تيار ٿي ٻاهر اچي ٿي ۽ سڀني کان موڪلائي ٿي، گل بانو جي ويجهو اچي کيس چوي ٿي:

”چاچي توهان مونسان ناراض آهيو نہ، مان هاڻي وڃان پئي حياتي تي ڀروسو ناهي. منهنجي غلطين کي دل مان ڪڍي مونکي معاف ڪري ڇڏيو.“

گل بانو سندس ايترو چوڻ تي ڏڪاري ٿي وڃي ٿي، سندس مٿي تي هٿ رکي دعا ڏئيس ٿي.

”الله چڱي ڪندوَ خير سان پنهنجي گهر واپس ايندينءَ. سڀني کي سلام چئجانءِ.“

موڪلائي ٻاهر نڪري وڃن ٿا.

”وقت ماڻهوءَ کي سڀ ڪجهہ سمجهائي ڇڏي ٿو الله کيس اولاد جي خوشي نصيب ڪري، خير خيريت سان پنهنجي گهر موٽي اچي،“

شمسہ کيس پرپٺ دعا ڏئي ٿي... ان تي گل بانو حسرت سان چوي ٿي،

”ڪيڏو نہ چڱو ٿئي ها ته هتي ڊليوري ڪرائي ها. اسان کي بہ الڪو نہ ٿئي ها. هاڻي جيسيتائين خير سان هٿ پير لهي فارغ نہ ٿيندي ساهہ ٽنگيو پيو هوندو.

”بس امان دعا ڪيوس. رب سڻائي ڪندو.“

●

سنڌيا اسپتال کان ڊسچارج ٿي گهر واپس آئي آهي. هوءَ چپ چاپ بيڊ تي ليٽي پئي آهي سندس اکيون هڪ ٽڪ ڇت کي گهوري رهيون آهن جن ۾ آيل لڙڪ بند ٽوڙي ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار آهن. رابعہ سوپ جو پيالو کڻيو کيس پيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي سنڌيا بار بار هٿ سان منع ڪري ٿي. ڪالهہ کان ڪجهہ نہ کاڌو اٿئي سياڻي ٿي هڪ بہ چمچا پي وٺ.

سنڌيا روئندي جهيڻي آواز ۾ چوي ٿي.

”سوري آپي منهنجي ڪري توهان سڀني کي پريشاني ٿي آ نہ.“

”نہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي پر افسوس ضرور ٿو ٿئي. تہ توکي ڪو ڏک. ڪا تڪليف هئي تہ اسان سان شيئر ڪرين ها. اهڙو انتهائي قدم کڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.“

”نہ آپي نہ. مونکي ڪو ڏک ناهي.“

”تہ پوءِ اهي ننڊ جون گوريون ڇو کاڌئي ۽ تو وٽ ڪٿان آيون.“

”آپي پڙهائي جي ٽينشن جي ڪري ڪيترن ڏينهن کان ننڊ نہ پئي آئي هڪ دوست لکي ڏنيون هيون. يونيورسٽي پرسان ميڊيڪل اسٽور تان وٺي آئي هيس. روز رات جو کائي سمهندي آهيان.“

رابعہ سمجهي وڃي ٿي تہ سنڌيا کيس ڪجهہ ٻڌائڻ نہ ٿي چاهي. ان ڪري مزيد کيس پريشان نہ ٿي ڪري ۽ ٻاهر هلي وڃي ٿي. سنڌيا جيڪا دير کان پاڻ تي ضبط ڪيو پئي هئي پيڻ جي ويندي ئي اکين ۾ آيل لڙڪ وهي اچنس ٿا ۽ اوڇنگارون ڏئي وهاڻي ۾ منهن وجهي روئڻ لڳي ٿي. جڏهن دل جو غبار ڪجهہ جهڪو ٿئيس ٿو تہ

سوچي ٿي ته سندس خط رحمان کي ملي ويو هوندو. مون سمجهيو هو ته اهو منهنجي مرڻ کانپوءِ رحمان تائين پهچندو، مون وٽ رحمان کان جان ڇڏائڻ لاءِ موت کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نه هيو. مون بابا وارن کي اهڙو ڪوبه صدمو ڏيڻ نه ٿي چاهيو، منهنجي بدنامي ۽ خواري جو طوق ڳچيءَ ۾ وجهي منهنجي گهر وارا ته زنده درگور ٿي ويندا. آپي جي شادي شده زندگي تي ڇنڊا پوندا. ليڪن مان هاڻي ڇا ڪريان، هنن مونکي ڇو بچايو، مان رحمان کان ڪيئن پيڇو ڇڏايان، منهنجي غلطين جو خيمازو منهنجي گهر وارا ڇو ادا ڪن، يا الله! مونکي سمڪ ڏي. سوچيندي سوچيندي وري نيم بيهوشي واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي ٿي، رابعه اندر اچي کيس آرام ۾ ڏسي واپس هلي وئي ٿي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ سنڌيا جي طبيعت بلڪل ٺيڪ ٿي وئي ٿي ته گهر مان به ٽينشن واري حالت ختم ٿي وئي ٿي رابعه به گهر وڃڻ جي تياري ڪري ٿي ته شوڪت علي کانئس پڇي ٿو، ”رابعه پٽ! ڏي خبر پيٽين ڪجهه ٻڌايو....“

”نه بابا گهڻوئي پڇيومانس پر ڪجهه نه ٻڌايائين، بس بار بار اهو ٿي چوي ته ننڊ نه اچڻ جي ڪري گوريون پئي کاڌائين شايد وڌي پاور جون هيون ...“

”اها ته نتائڻ واري ڳالهه ٿي نه، ڀلا ايتريون گوريون ننڊ لاءِ کائبيون آهن ڇا؟“

”بابا هاڻي احمد جي به شادي ڪري ڇڏيو گهر ۾ ڪا عورت ايندي ته سنڌيا جي به دل لڳي پئي هوندي، مان خاله زهره ۽ سنيتا سان وڃي ڪومل جي رشتي لاءِ ڳالهه ڪري ٿا اچون.“

انهي وقت سنيتا به اچي وئي ٿي ۽ گڏجي پروگرام ٺاهن ٿيون. رابعه به موڪلائي گهر وڃڻ لاءِ احمد سان ٻاهر نڪري وئي ٿي ته سنيتا سنڌيا جي ڪمري ۾ هلي وئي ٿي. جتي سنڌيا سوچن ۾ گم ليٽي پئي آهي سنيتا کي ڏسي چهري تي مصنوعي مرڪ آڻي اٿي کيس پرسان ويهڻ لاءِ جاءِ ڏئي ٿي. سنيتا کيس ٻڌائي ٿي ته رحمان ۽ مريم ڳوٺ ويا آهن، اهو ٻڌي سک جو ساهه کڻي ٿي ته ڪجهه ڏينهن

لاءِ تہ مصيبت ٿري. سنڌيا سنيتا کي ٻڌائي ٿي تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ آپي جي ڊليوري ٿيڻ واري آ. سنيتا اهو ٻڌي خوش ٿي وڃي ٿي ۽ ڪيس هڪ ٻي خوش خبري ٻڌائي ٿي تہ جلد ڪومل جي گهر سندس رشتي لاءِ هلڻ واريون آهيون. سنڌيا اهو ٻڌي خوش ٿي چوي ٿي.

”سچ...! ڏاڍو مزو ايندو احمد جي شادي جي تيارين ۾.... ڪڏهن ٿا هلون اوڏانهن......“

”تمام جلد... چڱو مان هلان ٿي..... تون آرام ڪر....“

سنيتا وڃي ٿي تہ سنڌيا وري ڳوڙهين سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ رابعہ خالہ زهره سنڌيا ۽ سنيتا ڪومل جي گهر وڃن ٿيون ۽ ڪومل جو احمد سان رشتو پڪو ڪري اچن ٿيون ڪين ڪومل جي گهر وارا بہ تمام گهڻو پسند اچن ٿا. ٻنهي گهرن جو هڪ ٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ ٿئي ٿو. ڪومل جي گهر وارن کي بہ شوڪت علي جي گهر جو ماحول تمام گهڻو پسند اچي ٿو.

سنڌيا احمد جي شادي جي تيارين ۾ مگن ٿي ڪجهہ وقت لاءِ رحمان جو خوفناڪ تصور ذهن مان وساري ڇڏي ٿي. هوءَ خدا کان هر وقت اهائي دعا گهري ٿي تہ رب سائين ڪري تہ رحمان اتي ئي رهي پوي مريم جون زمينون سنڀالي. ڪاش! مريم ۽ سندس ماءُ ڪيس اتي رهڻ لاءِ مجبور ڪن. ڪاش! ان کي ننڍڙو ٻار ٿئي ۽ ان جي محبت ۾ ٻيو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏي. اهو سڀ سوچيندي هوءَ روزمره جي معمولات ۾ مصروف رهڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ٿي، دل ۾ هڪ اميد پيدا ٿئي ٿي. تہ اچانڪ هڪ ڏينهن جڏهن گهر ۾ ڪير بہ ڪون هو. فون جي گهنٽي وڄي ٿي، ڊڄندي ڊڄندي فون کڻي ٿي ٻئي طرف آواز ٻڌي سندس چهري جو رنگ هرڪ جي ڪپڙي جهڙو اڇو ٿي وڃي ٿو اکيون ڦاٽي وڃنس ٿيون. ٻئي طرف رحمان مڪاراڻہ انداز ۾.

”اڙي...! سنڌيا بيگم... ڇئبو تہ تون اڃان زنده آهين.... ڇو مرڻ جو پروگرام ڪينسل ٿي ويو ڇا.“

سنڌيا خاموشي سان رسيور هٿ ۾ ڪنيو ويٺي آهي سندس اکين مان لڙڪ لارون ڪري ٽمڻ لڳن ٿا. بيوسي جي عالم ۾ سوچي ٿي، اهو

سڀ رحمان پيو چوي, جيڪو هن کي ڪا رهڻ ايندي هئي تہ جهڄي پوندو هو...... ڪلڻ, وري ٿوڪ ڀريو آواز سندس ڪنن کي چڇري رکي ٿو,

”ڏس نہ منهنجي جان..! منهنجي محبت توکي مرڻ بہ نہ ڏنو... ري ٿراءِ“

شايد منهنجي محبت هارائي وجي, تون زنده آهين.... منهنجي ڳالهہ ٻڌين پئي, اهوئي منهنجي سچي محبت جو ثبوت آهي, تون بہ منهنجي بغير رهي نہ ٿي سگهين, ان جو بہ مونکي يقين آهي.... ٺيڪ آ نہ....“

سڏڪا ڀريندي سنڌيا گهبرايل لهجي ۾ چوي ٿي,

”ها رحمان مون واقعي توسان بي انتها محبت ڪئي, توکي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهو, توتي اعتبار ڪيو ۽ تون... دولت ۽ ملڪيت جي لالچ توکي مونسان دوکو ڪرڻ تي مجبور ڪيو..... هاڻي ڪهڙي دعوي ٿو ڪرين محبت جي. خدا جي واسطي ۽ پنهنجي ان نام نهاد محبت جي ناتي مونکي منهنجي حال ۾ جيئڻ ڏي..... نہ ڪر منهنجي هن ويران زندگي کي مزيد برباد.....“

رحمان ڪلندي چوي ٿو:

”نہ سنڌيا نہ, مان ڪڏهن پيو ڪريان تنهنجي زندگي برباد, مان تہ تنهنجي زندگي ۾ محبت جا گل نڇاور ڪرڻ چاهيان ٿو ڊپ نہ ڪر, ڪجهہ بہ ياد نہ ڪر, آهستہ آهستہ پنهنجي پراڻي دنيا ۾ واپس اچڻ جي ڪوشش ڪر, سمنڊ جون تيز لهرون واري تي آڏا ابتا نشان وجهي گذري ويندون آهن, جيڪي پائدار ناهن هوندا ۽ تيز هوائون انهن کي ميساري ڇڏينديون آهن, سمنڊ جي سطح تي ان جو ڪوبہ نشان ناهي بچيو, تون بہ ان ٻڏل ٻيڙيءَ ۾ هاڻي پنهنجون اکيون ۽ لب بند ڪري مسڪرائڻ شروع ڪر.“

”نہ رحمان اها تون صرف مونسان نہ بلڪ مريم سان بہ زيادتي پيو ڪرين, ۽ پنهنجي ايندڙ ٻار سان بہ..... جن کي تنهنجي توجہ جي

ڀرپور ضرورت آهي، واپس هليو وڃ انهن جي زندگيءَ ۾، مونکي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي.....“

”منهنجي محبت تي غور ڪر، توکي سوچڻ جو وقت ڏيان ٿو. موٽي اچ منهنجي زندگي ۾،مان نه ٿو چاهيان ته مان پنهنجي محبت ۾ ناڪام ٿي تنهنجي لاءِ ڪجهه غلط ڪري ويهان، واعدو ٿو ڪريان ته تنهنجي محبتن جي ڇانو ۾ پوري زندگي تنهنجي نالي ڪري ڇڏيندس، مريم ته صرف زال ۽ ٻارن جي ماءُ بڻجي منهنجي زندگي ۾ رهندي........ ها هڪ ڳالهه به پنهنجي دماغ ۾ ويهاري ڇڏ، مان هونئن به توکي ڪنهن ٻئي جو ٿيڻ ڪڏهن به نه ڏيندس، اهو منهنجو پاڻ سان واعدو آ......“

سنڌيا وڌيڪ برداشت نه ٿي ڪري سگهي، ڪنهن جي اچڻ جو بهانو ڪري فون بند ڪري ڇڏي ٿي. تڪڙا قدم کڻندي پنهنجي ڪمري ۾ اچي ٿي ، هڪ ڊگهو ساهه کڻي ڪمري ۾ هلڻ شروع ڪري ٿي سندس دماغ سُن هو صرف قدم هلي رهيا هئا، هاڻي ڇا ٿيندو. اهو سوال بار بار سندس ذهن ۾ هلچل پيدا ڪري رهيو هو. آواز وڌندو پئي ويو ۽ ان جو پڙاڏو به وڌندو پئي ويو. اچانڪ وحشت وڌڻ لڳي درد ايترو ته وڌي ويو جو دل چاهيو ته دنيا کي تهس نهس ڪندي ڀڄندي پوريندي ٻئي پار نڪري وڃي ايترو پري جو ڪو آواز ڪو پاڇو سندس پيڇو ڪري نه سگهي. هوءَ ٻارن وانگر خوفزده ٿي لڪڻ جون جايون ڳولهڻ لڳي انهي وقت سنيتا جي ياد آيس، جلدي وڃي ان جو نمبر ملائڻ لڳي، ڪجهه دير ڪانپوءِ سنيتا جو آواز آيو.

”هيلو“

”سنيتا! مان آهيان سنڌيا.... هوءَ صرف ايترو چئي سگهي.....“

”تون.....؟ سنيتا جو ساهه ئي سُڪي ويو. ڇا ٿيو آ ٻڌاءِ ڇا ٿيو آ.“

”هاڻي ٻيو ڇا ٿيندو..... اها ته مونکي خبر ناهي..... ليڪن درد ايڏو آ جو ساهه کڻڻ مشڪل پيو لڳي، لڳي ٿو ته دل ڌڪ ڪندي بند ٿي ويندي. يا وري دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو..... هوءَ ٻارن وانگر شڪايت ڪري رهي هئي.“

”پر ڇو....؟“

”ڇا ٿيو آهي.... ٻڌاءِ تہ سهي.“

سنيتا جو آواز وڏندو پئي ويو.

”اهو نہ پڇ تہ ڇا ٿيو آهي، بس اندر ۾ باهہ ٻري رهي آهي، لڳي ٿو تہ مان ڪنهن آتش فشان جي منهن ۾ ويٺي آهيان، جي اهو ڦاٽي پيو تہ مان انهي لاوا کي ڪيئن روڪي سگهنديس، دنيا جي نظرن کان ڪيئن لڪائينديس.“

هوءَ بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهائيندي پئي وئي هر اها ڳالهہ جيڪا ڪيترن ڏينهن کان اندر ۾ سانڍيو پئي وتي.

”ڇڱو منهنجي ڳالهہ ٻڌ...، (سنيتا دهشت زده ٿي وئي هئي.) تون وري اهڙو ڪجهہ بہ نہ ڪجانءِ، صرف منهنجو انتظار ڪر مان اجهو ٿي اچان.“

سنڌيا چپ چاپ رسيور رکي ڇڏي ٿي، سنيتا سان ڳالهائي سندس دل جو بار جهڪو ٿي ويجي ٿو واپس ڪمري ۾ اچي ليٽي پوي ٿي.

ڪيتري وقت کانپوءِ اڄ ڪلهہ گل بانو جو موڊ ڪافي خوشگوار رهڻ لڳو آهي، مراد خان جي طبيعت خراب هئڻ جي ڪري رحمان سان گڏ علاج جي سلسلي ۾ ڪراچي آيل آهي، گل بانوءَ جي شروع کان مراد خان سان ڪافي گهڻي گهرائپ رهي آهي، هر ڏکئي وقت ۾ هن گل بانوءَ وارن جي هڪ ننڍي ڀاءُ جيان مدد ڪئي آهي، ان ڪري گل بانو ءِ سندس ٻار بہ  ڪيس سڳي مامي جيترو مانُ ڏيندا آهن. اڄ بہ گل بانو ءِ مراد خان ٻاهر لائونج ۾ ويٺا پراڻيون يادون تازيون ڪري رهيا آهن.

”مراد خان تو ٻيهر شادي نہ ڪري پاڻ سان ظلم ڪيو ٻچڙيوال ٿي پوين ها تہ اڄ ڪو مروتا ڏيڻ وارو تہ هجئي ها، پر تنهنجي ڀيڻ، ان کي تہ وفادار نوڪر کپندو هو جنهن توکي ڪڏهن بہ خوش رهڻ نہ ڏنو.“

”نہ ادي نہ! اهڙي ڳالهہ ناهي. نوران کان پوءِ دل ئي نہ چيو تہ ڪا ٻي شادي ڪجي.“

”ها نوران هئي بہ ڏاڍي سلڇڻي ڇوڪري. ڪو اولاد ٿي پوپس ها تہ بہ تنهنجي پيريءَ جو سهارو ٿي پوي ها.“

ٿڌو ساهہ ڀري چوي ٿو.

”بس ادي جيڪو مقدر ۾ لکيل هو.“

”مراد خان هڪڙي ڳالهہ چوانءِ دل ۾ نہ ڪجانءِ. تو بہ شهروءَ کي صلاح نہ ڏني تہ ڳوناڻي ڇوڪري شهر ۾ ڏکي ٽيندي. منهنجو هڪڙو ٻچڙو هو ان جي زندگي ئي برباد ٿي وئي. ڇوڪري ۾ ڪو ڏياڻو لڇڻ ڪونهي. “

”بس ادي....... ادي شهروءَ کي هر ڳالهہ ۾ تڪڙ هوندي آهي........ مون تہ چيس تہ مائٽن ۾ ڪا سٺي مٿي ڏسي اتي ڪري. ڳوٺ ۾ بہ سٺي مٿي هئي مريم جي پڙي جي ڏاڏاڻي آکهہ ۾. پر اوچتو رحمان اچي نڪتو. اهو اهڙو وڏيس جو توهان جي ناراضگي جو بہ خيال نہ ڪيائين. جهٽ ۾ شادي لاءِ تيار ٿي بيٺي.“

”ائين نہ ڪيو ها ادا.....“

مراد خان گل بانو جي دل جوئي ڪرڻ خاطر چوي ٿو.

”ادي الله مڙئي چڱي ڪندو. سڀ لکئي جا ليک آهن ٻچڙا ٽيس تہ پاڻهي سکي ويندي. يتيم نياڻي آ. پاءُ پروئي تہ اٽس ڪونہ مڙئي پارت اٿئي. مٿي تي هٿ رکيو اچجانئس.“

شمسہ گلاس ۾ اوولٽين مليل کير کڻي اچي ٿي.

”ماما....! مان هي اوولٽين مليل کير ٺاهي آئي آهيان. ڊاڪٽر چيو هو تہ توهان ڪمزور آهيو.“

مراد خان سندس مٿي تي هٿ رکي چوي ٿو.

”الله اولاد جون خوشيون نصيب ڪرئي. آمين.“

توهان ڪچهري ڪيو مان ڪچن ۾ ڪم ڪري وٺان.

●

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ ڪومل ۽ احمد جي شادي ٿئي ٿي، ڪنوار رخصت ٿي گھر اچي ٿي. گھر ۾ ڪافي چهل پهل ۽ هل هنگاما شادمانہ لڳا پيا آهن هر مُک تي خوشي نظر اچي پئي، هر طرف شادمانيءَ جو منظر آهي، شمسہ ۽ نجمہ بہ سندن هن خوشي ۾ شريڪ آهن. رات جي ڊنر جو اهتمام گھر ۾ ئي ڪيو ويو آهي خالہ زهره سنيتا ۽ سنڌيا خوشي خوشي مهمانن جي اڳيان پوبان ڦري رهيون آهن. ڊنر کانپوءِ آهستي آهستي مهمان موڪلائڻ شروع ڪن ٿا. شمسہ ۽ نجمہ بہ رابعہ وٽ اچي موڪلائيندي ڪيس دعوت ڏئي ٿي تہ سنڌي تي نجمہ جي انگيجمينٽ آهي، رسم ۾ شرڪت ڪندو تہ مونکي بيحد خوشي ٿيندي. موڪلائي هليون وڃن ٿيون. سڀني مهمانن کي رخصت ڪري سڀ ڪنوار جي ڪمري ۾ اچن ٿا. ڪل پوڳ دوران چانهہ جو دور هلي ٿو آخر سڀ ٿڪجي پنهنجن ڪمرن جو رخ ڪن ٿا. خالہ زهره بہ صبح جو ناشتو آڻڻ جو چئي پنهنجي گھر رواني ٿئي ٿي.

صبح جي وقت گل بانو ٻاهر وئني آهي تہ رحمان اچي ڊائننگ ميز تي ويهي ٿو.

”پٽ پيٽين ناشتو ناهي رکيو اٿئي،“

”ٺيڪ آ امان مان ڪيان ٿو..... نجمہ بہ ڪاليج نہ ٿي وڃي ڇا....؟“

”ها صبحاڻي سندس رسم آ نہ. ان ڪري ماڻس روڪيو اٿس.“

”ٺيڪ آ مان آفيس هلان ٿو. واپسي تي صبحاڻي لاءِ سامان وٺيو ايندس ان ڪري شام جو اچڻ ۾ دير ٿي ويندي الڪو نہ ڪجو.“

”الله واهي.......“

رحمان جي وڃڻ کان پوءِ شمسہ بہ اٿي اچي ٿي، گل بانو چويس ٿي،

”وري وڃي سمهي پئينءَ ڇا“

”ها امان رات سنڌيا جي ياءَ جي شاديءَ مان دير سان واپسي ٿي، ٿڪجي پياسين ان ڪري آرام پئي ڪيم.“

”ڏي خبر ڪنوار ڪيئن هئي......“

”امان ڏاڍي پياري ڇوڪري ورتي اٿن.“

”پر ناني امان، سنڌيا ته ڪالهه ڏاڍي پياري پئي لڳي، ڪنوار کان به وڌيڪ.“

گل بانو حسرت مان ٿڌو ساهه ڀري ٿي،

”رحمان هروڀرو لالچ ۾ اچي مريم سان شادي نه ڪري ها ته اڄ سنڌيا کي ڪنوار بنائي وٺي اچون ها.“

”بس امان سڀ لکئي جا ليک آهن سنڌيا کي اسان جي گهر نه اچڻو هو نه آئي ان ۾ افسوس ڪرڻ مان ڪجهه ورڻو ته آهي ڪونه، سواءِ پاڻ کي ڏکارو ڪرڻ جي . دعا ڪيوس ته نياڻيءَ جا پاڳ ڀلا ٿين.“

نجمه ماحول کي خوشگوار بنائندي،

”امان مامي مريم خير سان ننڍڙي ٻار سميت گهر ايندي ته هڪ سٺو فنڪشن ڪنداسين. ناني به مامي جي خوشي اکين سان ڏسي.“

”بلڪل، ٻار جي اچڻ جي ۽ رحمان جي شاديءَ جي خوشي گڏجي ملهائينداسين.“

گل بانو روئي ڏئي ٿي،

”ڪهڙي ضرورت آ. جي اسان جي گهر ڪا خوشي اچڻي هجي ها ته رحمان اسان جي مرضيءَ سان شادي ڪري ها. چڱو مان وڃان ٿي مراد خان ڏي، ٻاهر ٿڌ وڌي وئي آهي.“

●

گهر ۾ اڃان شادي جو ماحول لڳو پيو آهي صبح ساڻ ڪومل جي پيڙ ڀاپي ۽ ياءُ گهوٽ ڪنوار لاءِ ناشتي جو سامان کڻي آيا آهن، سڀ خوش خوش ناشتي جو اهتمام ڪري رهيون آهن. سنيتا به ٻڪو ٻن ٽن ڏينهن کان سنڌيا جي گهر رهيل آهي ۽ سيني سان شادي جي

ڪمن ڪارين ۾ مصروف آهي، ناشتي ڪان فارغ ٿي ڪومل احمد ۽ پنهنجي مائٽن سان گڏ پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي ته رابعه سنڌيا کي چوي ٿي ته:

”رات آپا شمسه نجمه جي انگيجمينٽ جي دعوت ڏئي وئي هئي، سنيتا ٻڌائي پئي ته گهر ۾ ننڍڙو فنڪشن رکيو اٿن. آپا گهڻو تاڪيد ڪري وئي هئي، تون هلنديءَ نه.“

سنڌيا نٽائي وڃي ٿي ته گهر ۾ مهمان آيل آهن نئين ڪنوار آ، سنو نه ٿو لڳي ته سڀ گهر ڇڏي هلون. ان ڪري هوءَ سنيتا کي ساڻ ڪري اٽينڊ ڪري اچي، سنيتا سمجهي وڃي ٿي ان ڪري هو ڪيس زور نه ٿيون ڀرين. سنيتا تيار ٿيڻ لاءِ گهر هلي وڃي ٿي، سنڌيا خدا جو شڪر ادا ڪري ٿي ته سنيتا ڳالهه کي سنڀالي ورتو ۽ آپي ڪيس مجبور نه ڪيو نه ته ڪهڙو بهانو ڪري ها اهو سوچيندي هوءَ پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ جي ڪري ٿي ته فون جي گهنٽي وڄي ٿي، سنڌيا فون کڻي ٿي ٻئي طرف رحمان آ. سنڌيا جو منهن لهي وڃي ٿو فون بند ڪري ڇڏي ٿي ته وري رنگ ٿئي ٿي جلدي کڻي ٿي.

”مونکي خبر آهي سنڌيا ته اها تون آهين، ڏس فون بند نه ڪجانءِ ضروري ڳالهه ٻڌ. توکي نجمه جي رسم ۾ ضرور اچڻو آ. سمجهئي ضرور! مطلب ضرور.... ڪوبه بهانو نه هلندو. مون کي توسان ضروري ڳالهائڻو آ، صبحاڻي مان وري ڳوٺ ٿو وڃان.... سمجهئي.“

سنڌيا، رحمان ...، رحمان. ڪندي رهجي وئي ليڪن ڪوبه جواب ڏيڻ کان سواءِ هن فون بند ڪري ڇڏيو. سنڌيا رسيور رکي مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهي.

”هاڻي ڇا ڪيان آپيءَ کي منع ڪري وري ڪيئن چوان ته مان هلان ٿي.“

انهي وقت احمد ڪمري مان نڪري ٿو. سنڌيا کي مٿي کي هٿ ڏئي ويٺل ڏسي چوي ٿو

”خير ته آهي..... تون نيڪ ته آهين نه سنڌيا.....“

”ها، ها، مٿي کي ٿورو چڪر اچي ويو. رات سهي ننڊ نہ ڪئي آ نہ،“

”چڱو تون هلي آرام ڪر مان اهو ٻڌائڻ آيس تہ اسان سڀ ڪومل جي گهر پيا وڃون.“

انهي مهل رابعہ بہ اچي ٿي، اهو ٻڌي سنڌيا ڏي نهاري چوي ٿي،

”توهان وڃو ٿا تہ پوءِ سنڌيا بہ فارغ آ. مونکي اڪيلو وڃڻ ڏکيو پئي لڳو. چوتہ مان پهرين اوڏانهن وئي ڪونہ آهيان نہ. توهان پلي ڪومل وارن وٽان ٿي اچو اجهو ٿي سنيتا تيار ٿي اچي تہ اسان وڃي نجمہ وارن جو فنڪشن اٽينڊ ڪري ٿا اچون. سنڌيا هاڻي تہ توکي ڪو اعتراض ڪونهي نہ.“

سنڌيا اطمينان جو ساهہ کڻي ٿي تہ آپي پاڻ ئي مسئلو حل ڪري ڇڏيو. ٿوري دير کان پوءِ سنيتا ڊريس کڻي اچي ٿي تہ سنڌيا کيس سڄي صورتحال ٻڌائي ٿي جنهن تي سنيتا کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي لڳي ٿي پر. ٽئي ڪمري ۾ وڃي خاموشي سان تيار ٿين ٿيون.

گل بانو جي گهر ۾ خوشي جو سمان آهي، هر طرف ٺهڪڙا متل آهن. گل بانو ۽ شمسہ ايندڙ مهمانن جي آڌر ڀاءُ ۾ رڌل آهن ان وقت نجمہ جا ٿيندڙ ساهرا اچن ٿا سڀئي خوشدلي سان سندن آڌر ڀاءُ ڪن ٿا ۽ کين سندن لاءِ مخصوص ڪيل جاءِ تي کين ويهارن ٿا.

رحمان بہ ڇوڪري جاويد ۽ سندس والد ۽ ڀاءُ جي خدمت چاڪري ۾ لڳو پيو آهي پر سندس نگاهون بار بار دروازي ڏانهن کڄي وڃن ٿيون، انهي وقت رابعہ سنڌيا ۽ سنيتا اندر داخل ٿين ٿيون، گل بانو سنڌيا کي ڏسي حيران ٿي وڃي ٿي کيس اها توقع نہ هئي تہ رحمان جي شاديءَ کان پوءِ بہ سنڌيا سندن گهر ايندي، سوچي ٿي تہ نياڻيءَ سان ايترو ڪجهہ ٿي ويو پوءِ بہ نجمہ سان دوستي نباهڻ خاطر اسان وٽ هلي آئي آ. هن جي وهم و گمان ۾ بہ نہ هو تہ هن سان سندس پٽ کهڙي ويڌن ڪندو پيو اچي، سنڌيا پرسان اچي ٿي تہ ٿڌو ساهہ کڻي هن سان ڀاڪر پائي ملي ٿي، رحمان جي نظر جڏهن سنڌيا تي پوي ٿي

تہ اکين ۾ چمڪ ۽ چهري تي شاطرانہ مرڪ اچي وڃيس ٿي، پري ڪان هڪ ٽڪ سندس چهري کي تڪيندي پنهنجي منهن پُٺڪندي چوي ٿو.

”نيٺ اچي ويونہ اٺ پهاڙهيٺان، اج نہ تہ اچي ها.....“

سنڌيا جي نظر بہ رحمان ڏانهن کڄي وڃي ٿي، اندر ۾ متل مانڌاڻ جا تاثرات چهري تي صاف بکي رهيا اٿس، ايتري ۾ نجمہ جي ڪاليج جون سهيليون کيس سينگاري ٻاهر لائونج ۾ وٺي اچن ٿيون، منڍي ۽ چادر اوڍائڻ جي رسم ڪئي وڃي ٿي، مبارڪ سلامت جي گوڙ جو فائدو وٺي رحمان آهستگي سان اچي سنڌيا جي پر ۾ ويهي ٿو ۽ سيني جي نظر بچائيندي سندس هٿ جهلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو سنڌيا آهستہ آواز ۾ تنبيهي لهجي ۾:

”رحمان پليز....! ڪجهہ تہ خيال ڪيو ڪنهن ڏسي ورتو تہ ڇا سوچيندو.“ غير محسوس انداز ۾ سرڪي رابعہ سان گڏ وڃي ويهي ٿي، سيئي اٿي هڪٻئي کي مبارڪون ڏين ٿا، انهي دوران رحمان ٻيهر سنڌيا جي پرسان وڃي ويهي ٿو ۽ آهستہ آواز ۾ چوي ٿو:

”سنڌيا توکي مونسان ملڻو پوندو سمجهئي اهو منهنجو آخري فيصلو آهي، مان صبحاڻي ڳوٺ ٿو وڃان.......... تون سوچي وٺ.“

اهو چئي رحمان اڳتي وڌي وڃي ٿو سنڌيا جو منهن فق ٿي وڃي ٿو سنيتا اهو سڀ ڏسي رهي آهي ڪائنس پنهنجي سهيلي جي اها حالت برداشت نہ ٿي ٿئي، سندس هٿ پڪڙي نجمہ جي ڪمري ڏانهن وٺي وڃي ٿي،

”سنڌيا پنهنجي حالت درست ڪر، ٻاهر ڪوڙ ساترا مهمان ويٺا آهن توکي ان حالت ۾ ڏسي ڇا سوچيندا.“

سنڌيا جي اکين ۾ لڙڪ لڙي اچن ٿا،

”ان حالت جي مان پاڻ ذميدار آهيان، هاڻي تہ ”نہ جائي ماندن نہ پائي رفتن“ وارو حال آهي، نہ رحمان سان گڏ اڳتي وڌي ٿي سگهان نہ پوئتي هٽي ٿي سگهان.“

”چو...! صاف انڪار ڪري ڇڏ، ڇا ٿيندو....“

سنڌيا سنيتا کي اهو نہ ٿي ٻڌائي سگهي تہ رحمان ڪهڙي ڌمڪي ڏني آهي،

دل ئي دل ۾ چوي ٿي:

”مان توکي ڇا ٻڌايان تہ مان ڪهڙي ڏبڻ ۾ ڦاسي وئي آهيان، قدم اندر ئي اندر دٻجندا ٿا وڃن. ٻاهرنڪرڻ يا پاڻ ڇڏائڻ جو ڪو وسيلو ئي نہ رهيو آ. ڪاش! مان رحمان تي اهڙو انڌو اعتبار ڪندي هن جي هٿن ۾ پنهنجي اهڙي ڪمزوري نہ ڏئي ويهان ها.“

سنيتا پرس مان ٽيشو پيپر ڪڍي ڪيس ڏئي ٿي،

”هي وٺ اکيون ۽ منهن صاف ڪر تہ اندر هلون، اتي پارٽي شروع ٿي وئي هوندي، هرويرو ڪير اسانجي غير موجودگي کي محسوس نہ ڪري وٺي.“ ٻئي جلدي سان لائونج ڏي وڃن ٿيون جتي جي ڇهل پهل ۾ پاڻ کي شامل ڪري ڇڏين ٿيون.

●

رابعہ ڪجھ ڏينهن مائٽن جي گهر رهي پنهنجي گهر وڃي ٿي تہ احمد ۽ ڪومل کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏئي ٿي، احمد چويس ٿو تہ مهمانن جي اچڻ جو سلسلو گهٽجي تہ پوءِ هو چڪر هڻندا. رابعہ گهر ۾ ان ڳالھ جو ذڪر پنهنجي نديڙي نڻان سان ڪري ٿي تہ هوءَ ان گهڙيءَ کان گهوٽ ڪنوار کي ڏسڻ لاءِ بيتاب ٿي وڃي ٿي، ان ڏينهن کان تيارين ۾ لڳي وڃي ٿي نئون جوڙو نهرائي ٿي پاپي سان گڏجي گهر جي سيٽنگ چينج ڪري ٿي، آخر اهو ڏينهن بہ اچي وڃي ٿو جڏهن ڪنوار گهوٽ اچڻ وارا آهن، هوءَ صبح کان ڪيترا ڀيرا پاپي جي ڪمري ۾ اچي پڇي چڪي آهي تہ گهوٽ ڪنوار ڪيڏي مهل ايندا. رابعہ کلي ڪيس چوي ٿي تہ بس اچڻ وارا آهن.

”پاپي مان شادي واري ڏينهن اميءَ سان گڏ جلدي موٽي آئي هئس نہ. ان ڪري مون ڪنوار نہ ڏٺي هئي.“

طارق مذاق ڪندي ڀيڻ صوبيہ کي چوي ٿو:

”توهان ڇوڪرين جو الائي ڪهڙو مسئلو آهي، ڪنوار ڏسڻ جو ايڏو شوق، ساڳيون ڇوڪريون هونديون آهن، ڪنوار ٿيون ته سرخاب جا پر لڳي ويندا اٿن ڇا، خبر به اٿو ته هر ڇوڪري هڪ ڏينهن ڪنوار ٿيندي.“

صوبيه جو منهن لهي ويو ته رابعه سندس لئه منهن ڏسي مرڪ ڪري چيو هو:

”پر جناب توهان کي ڀلا ڪهڙو اعتراض آ......“

انهي مهل ڊور بيل وڄي ٿي، طارق وڃي دروازو کولي ٿو ۽ احمد ۽ ڪومل کي ساڻ ڪري اندر اچي ٿو. رابعه ۽ صوبيه ساڻن ملن ٿيون، صوبيه ڪومل کي وڏي چاهه سان ڏسي رهي آهي.

”ڪنوار ته ڏاڍي پياري آ، ادا احمد توهان پسند سان شادي ڪئي آ نه....“

”بلڪل پر هاڻي مونکي تنهنجي ڀاڀي ڪومل اصل نه ٿي وڻي.“

صوبيه معصوميت سان چوي ٿي.

”اهو وري ڇا پيا چئو.....“ سڀئي کلي پون ٿا.

طارق صوبيه کي چوي ٿو

”پوءِ لاڳيتو اچي ڪنوار کي ڏسجانءِ، هل ته هنن لاءِ ڪجهه مهمان داري به ڪيون، تنهنجي ڀاڀي مهمانن کي اٽينڊ ڪري ٿي.“

ٻئي ٻاهر نڪري وڃن ٿا، رابعه ڪومل کان حال احوال وٺي ٿي.

”خوش ته آهين نه ڪومل...... احمد ڏي خبر جاب تي وڃڻ شروع ڪيئي يا اجان هني مون پيرڊ پيو هلي.“

”نه آڀي منڍي کان ويندس.“

ڪومل صوفي تان اٿي اچي رابعه جي پرسان بيڊ تي ويهي ٿي.

”آڀي توهان سان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي.“

”ها، ها، چئو......“

”آڀي توهان ته هليا آيا پر سنڌيا گهر ۾ ڏاڍي چپ چپ ۽ اداس اداس رهڻ لڳي آهي، يونيورسٽي مان اچي ٿي ته ماني کاڌي نه کاڌي

جهڙي، وجي منهن ويڙهي سمهي رهي ٿي، شام جو اٿي ٿي ته اکيون ڳاڙهيون، چڻ روئيندي رهي هجي.“

”الائي ڇا ٿي ويو آ ڇوڪري کي، خبر ناهي ڪهڙو ڏک آ جيڪو ڪيس اندر ئي اندر ۾ کائي رهيو آ.... ڪومل پليز.....! منهنجي ڀيڻ جو خيال رکندي ڪر.“

”آپا آنرز ڪري وٺي ته ڪو سٺو رشتو ڏسي سندس انگيجمينٽ ڪري ڇڏيو.

احمد هنن جون ڳالهيون ٻڌي بور پيو ٿئي ان ڪري شرارت ڪندي،

”ڏٺوَ نه روائتي پاپين وارو طريقو....... ته جيئن لهي مٿي تان ٽٽان جو وزن. هرو ڀرو وچ ۾ وينٺي آهي.“

”آپا ڏسو ٿا پنهنجي پاءُ کي....“

”نيڪ آ ڪومل مان ڪنهن ڏينهن اچان گهر ته پوءِ ڪانئس پڇنديس ته...“

انهيءَ وقت صوبيه ۽ طارق به ٽرالي ۾ ڪجهه کڻي اندر اچن ٿا ۽ پوءِ عام روائتي ڳالهين جو سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو.

رحمان کي ڳوٺ وئي هفتو کن ٿي ويو هو. هڪ ڏينهن شمسه ۽ نجمه شادي جي سلسلي جي شاپنگ ڪري گهر آيون ۽ آندل سامان سهيڙي رهيون هيون ته گل بانو ڪمري ۾ اچي ٿي هوءَ ڪافي خوش نظر پئي آئي اچڻ شرط ڏيءَ کي چوڻ لڳي،

”ٿي آيو بازار مان،“

”ها امان اهوئي پئي سانديم،“

”اهو ته مان پوءِ ٿي ڏسان، پهرين توکي خوشي جي خبر ٻڌايانءِ شمسه سامان کي ڇڏي ماءُ کي اچي ڀاڪر پائي ٿي،

”اڄ منهنجي امڙ عرصي کانپوءِ ايڏي خوش آهي، ان کان وڌيڪ منهنجي لاءِ ٻي ڪهڙي خوشي جي خبر ٿي سگهي ٿي. پر ٻڌايو ڪٿي ته ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا ڳجهارتن ۾ پئي ٻڌائجي.“

”ناني امان ٻڌايو ته ڪٺي چوپيا ايڏو سسپينس پيدا ڪيو.“

گل بانو مسڪرائيندي چوڻ لڳي، ”مبارڪ هجيوَ...... نجمہ جو ننيڙو ٻاءُ ۽ توکي ڦڦو چوڻ وارو اچي ويو آ هن دنيا ۾..........“

شمسہ خوشيءَ وچان ماءُ کي ڀيهر ڀاڪر پائيندي،

”واقعي.....! پر توهان کي ڪنهن ٻڌايو؟“

”رحمان فون ڪئي هئي توهان تہ هيئو ڪونہ... مون فون ڪئي ته...... رحمان ڏاڍو خوش هو، خبر اٿئي نالو ته رکي ڇڏيو اٿائين.“

”فواد“

نجمہ منهن ٺاهيندي،

”اسان جي مرضي جي بنا نالو ته رکجي ويو.“

شمسہ کلندي،

”نہ تو وڏ جکڙيءَ کان صلاح ڪري پوءِ رکي ها...... امان مان ۽ نجمہ ٻڪ پائي پاڙي واري دڪان تان منائي ٿا وٺي اچون... پاڙي ۾ ورهائڻي آهي نہ.“

”ها پٽ ڊوڙي وڃي وٺي اچو.“

●

ٻئي طرف رحمان ننڍڙي فواد کي جهولي ۾ کنيو وينو آهي تہ شهربانو موقعو تاڙي کيس چوي ٿي،

”ابا، هاڻي خير سان ٻن مان ٽي ٿيا آهيو اڳتي هلي کهول ٿيندو ان ڪري مريم چوي ٿي تہ ڪراچيءَ ۾ جدا گهر وٺي رهون.“

”چاچي توهان کي تہ خبر آ تہ امان اڳي ئي هن شاديءَ تي ناراض آهي، وري جي جدا ٿياسين تہ وڏيڪ ڏک ٿيندس، ڪجهہ صبر ڪيو. نجمہ جي شادي ٿي وڃي تہ پوءِ انهي ڳالهہ کي به ڏسنداسين...... مون وٽ هينئر پئسو به ڪونهي جو جدا گهر وٺي سگهان.“

”پئسن جو تون فڪر نہ ڪر منهنجا پئسہ. ملڪيت سڀ مريم جي ئي تہ آهي.... بس تون رڳو گهر ونڻ جي ڪر باقي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

”ها ابا ادي شهرو سهي ٿي چوي، سڄي ملڪيت اڳي پوءِ توهان جي ئي تہ آهي..... چونہ هينئر ئي توهان جي سک لاءِ ڪم اچي.... رهيون زمينون تہ پيلي مون ۾ هاڻي سگهہ ڪونهي، اهي بہ پاڻ ئي سنڀال.“ مراد خان ڪيس سمجهائي ٿو.

اهو ٻڌي رحمان دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي سوچي ٿو تہ اڄ تہ مراد خان سندس دل جي ڳالهہ ڪئي آهي هاڻي تمام جلد سڀ ڪجهہ سندس ٿي ويندو. منزل باقي بہ چار هٿڙا وڇي رهي آهي، پر تڪڙ ناهي ڪرڻي. ان ڪري مٿاڇري دل سان چوي ٿو.

”ماما الله توهان کي همت ۽ صحت ڏيندو. پنهنجي ملڪيت پاڻ ئي سنڀاليو. اسان نوڪرين وارا ماڻهو انهي جهنجهٽ کي ڪاٿي ٿا منهن ڏئي سگهون.“

مريم رحمان کي نٽائيندو ڏسي، ليٽئي ليٽئي چوي ٿي،

”بهانا ڇا لاءِ پيو ڪرين. ڇاڇيءَ واريون ٿوري، ٿوري ڳالهہ تي مهڻا پيون ڏينديون آهن..... مان هاڻي ايسيتائين ڪراچي نہ هلنديس، جيستائين جدا گهر نہ وٺي ڏيندين.“

رحمان اهو ٻڌي چڙي پوي ٿو.

”چيم نہ تہ هر ڳالهہ ۾ تڪڙ سهي ناهي.... مان ڪراچي وڃان اتي گهر تلاش ڪيان.... ايترو سولو ڪم ناهي جو چپٽي وڄائيندي ٿي وڃي.“

مراد خان سمجهي وڃي ٿو تہ هن ڳالهہ کي وڌائڻ سان هرويرو بدمزگي پيدا ٿيندي.

”ٺيڪ آ پُٽ جيئن تون بهتر سمجهين ڪر.... مريم کي اڃان مهينو بہ هتي رهڻو آهي.... پلي ڪراچي هلي تہ ادي گل بانو بہ پوٽاڻ مان پنهنجون سِڪون لاهي، ان سان دل وندرائي. گهر بہ وٺي ونبو.“

شهربانوءَ کي پاءُ جي اها ڳالهہ نہ تي وڻي،

”ڪراچي ۾ ئي رهنداسين، ڪو پري ڪونہ ٿا وڃون، ادي گلان جي دل چوندي تہ اچي دل وندرائيندي....،“

”ڇڏيو هاڻي ان بحث کي، ڏسي وٺنداسين تہ ڇا ڪرڻو آهي.... ماما هلو ٻاهر هلون، مونکي زمينن جو بہ سير ڪرايو پوءِ اچي ٿا ڇٽيءَ لاءِ ديڳ لهرايون، ڪنهن کي چيو اٿو.“

”ابا ڳوٺ جو حجم آهي، ڇورايو ٿمانس آيو هوندو، جيڪو سامان ڇپائين گهرائي ٿا ڏيونس پوءِ هلون ٿا ٻنين تي.“

هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ شهربانو ڪلندي ڏيءَ کي چوي ٿي تہ رحمان ڪجهہ تہ راضي ٿي ويو آهي اڳتي بہ سڀ سٺائي ٿيندي.

●

سنيتا ڪافي ڏينهن کان پوءِ سنڌيا وارن ڏي آئي هئي، اچڻ سان سڌي سنڌيا جي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي،

”اڄ جي گرما گرم تازه خبر........“

”وري ڇا ٿيو......؟“

”خبر اها آهي تہ رحمان کي پُٽ ڄائو آ، اڄ ان جي ڇٽي آهي،

”پر توکي ڪنهن ٻڌايو وئي هئينءَ ڇا........؟.“

”نہ، هيڏانهن آيس پئي تہ پاڙي واري منائي جي دڪان تان آپا شمسہ منائي پئي ورتي، مون جو ڪيس ڏٺو تہ لڙي وڃي پڇيومانس، تہ ڏاڍيون منايون پيون وٺجن، ڪهڙي خوشيءَ ۾، تڏهن ٻڌايائين تہ رحمان کي پُٽ ڄائو آهي ۽ اڄ سندس ڇٽي آهي.“

سنڌيا اطمنان جو ساهہ کڻي ٿي، تہ هاڻي رحمان جي مصروفيت وڌي ويندي هيڏي هوڏي جو ڌيان نہ رهندس.

”ڏي تہ خبر مريم ڳوٺان ڪڏهن موٽي ايندي.“

”اها تہ خبر ناهي پر رحمان شايد صبحاڻي موٽي ايندو.“

”صبحاڻي.... ٽي... ٽي... ايڏو جلدي ڇو... پُٽ ڄائو اٿس ڪجهہ تہ ان سان انجواءِ ڪري ها.....“

”ڇو..؟ نوڪري ڪونہ ڪندو ڇا، هن دفعي تہ ڪوڙ موڪل ڪئي اٿس.“

سنڌيا سوچ ۾ پئجي وئي ٿي، رحمان جا ڇيل لفظ ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳنس ٿا.

”صبحاڻي ڳوٺ ٿو وڃان، انهي دوران سوچي وٺجانءِ“

هاڻي ڇا ٿيندو رحمان اڪيلو موٽندو تہ وري منهنجو پيڇو ڪندو، منهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندو. ننڍ جون گوريون ڪاڏم تہ بہ بچي ويس، مان هن مصيبت مان ڪيئن جان ڇڏايان، يا هار مڃي ٻيهر هن سان ملڻ شروع ڪيان، پر ڇو منهنجو فيوچر ڇاهي، خواري، رسوائي، هن ڪچي رشتي جوڙڻ مان سواءِ خواريءَ جي ٻيو ڇا ملڻو آهي، جنهن جو ڪو انجام ناهي ٿيڻو... پر.... ان کان سواءِ مون وٽ ٻيو ڪو رستو بہ تہ ناهي.....“

”ڪيڏانهن گم ٿي ويندي آهين پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪر، تنهنجي بي همتي تنهنجي لاءِ خطرناڪ بنجي ويندي.“ سنيتا کيس ائين خيالن ۾ گم ڏسي ٽوڪي ٿي.

روئڻهارڪي انداز ۾ سنيتا جو هٿ جهلي چوڻ لڳي،

”پر، مونکي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي.“

”گهڻو نہ سوچ، آرام ڪر، مان هلان ٿي.“

●

ٻئي ڏينهن رحمان بہ بيگ هٿ ۾ کنيو اندر اچي ٿو تہ گل بانو شمسہ کيس ڏسي ٽڙي پون ٿيون، شمسہ ڊوڙي وڃي ڀاڪر پائي مليس ٿي، سندس اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا.

”ايڏا ڏينهن ڇو لائيندو آهين ٻاهر وڃي، تون ناهين هوندو تہ اسان کي هي گهر کائڻ ايندو آهي..“

رحمان پيڻ سان ملي، ڊوڙي وڃي ماءُ ڪي پيرن تي هٿ رکي ملي ٿو ماڻس پاڪر ۾ پري نرڙ تي چمي ڏئيس ٿي، منظر ڏاڍو جذباتي ٿي وڃي ٿو.

”ڏس نہ........! ايڏا ڏينهن لائبا آهن، ٻن ڏينهن جو چئي ويو هئين.“

”امان نيت ۾ تہ بس مريم ڪي ڏسي واپس موٽڻ جو ارادو هو پر جيئن اتي پهتاسين تہ مريم کي تڪليف هئي، مايون دايون ويٺيون هيون....... چيائون پئي تہ تاريخن ۾ پل ٿي آهي..... ان ڪري رهڻو پئجي ويو.“

”هئا تہ ٻئي ٺيڪ نہ.“

”ها بلڪل ٺيڪ هئا....... پر ڳوناڻن جي تہ خبر اٿو.. الائي ڪهڙا ساٿ سئوڻ، ڪهڙا علاج، چيائون ٿي تہ ايڪيهين تائين مالش پالش ٿيندي، تيسين ڪٿ تان ناهي لهڻو.“

ان وقت نجمہ سنيتا سان گڏ پنهنجي ڪمري مان نڪري ٿي، سنيتا رحمان ڪي ڏسي ٿورو ششدر ٿي وڃي ٿي تہ اجايو سندس منهن چڙهي، هاڻي الائي ڇا چوندو، پر دل ٻڏي رسما چوي ٿي:

”ڀائو ننڍڙي جون لڪ لڪ واڌايون.........“

”توهان کي بہ، ڦقو جو ٿيا آهيو..........“

سنيتا جلدي جلدي موڪلائي ٻاهر وڃي ٿي تہ رحمان بہ سيني جي اک وٺي ٻاهر نڪري وڃي ٿو، شمسہ نجمہ ۽ گل بانو اهو سمورو لڪاءِ ڏسي هڪ ٻئي ڏي معني خيز نگاهن سان ڏسن ٿيون.

سنيتا تيز قدمن سان گهر طرف وڃي رهي آهي تہ رحمان ان ڪان بہ تيز ٿي اچي سندس اڳ جهلي ٿو، رستو تقريبًا“ خالي آهي.

”سنيتا اهڙي بہ ڪهڙي تڪڙ آ جو نہ حال نہ احوال ڏنو ۽ جلدي ۾ هليا آيئو.“

”ڀائو پليز! منهنجي رستي ۾ نہ ايندا ڪيو. پاڙي جي ڪنهن ماڻهوءَ ڏسي ورتو تہ هرويرو خواري ٿيندي.“

اک جي پڪائي ڪندي سندس ويجهو وڃي نهايت رازداراڻي انداز ۾ پڇي ٿو ”سنڌيا جو ڪو حال احوال.“

اهو ٻڌي سنيتا کي سخت ڪاوڙ اچي ٿي،

”ڀڳوان جو احسان آ، سنڌيا خوش آ، پنهنجي پڙهائي ۾ مصروف آ. ٻيو ڪجهہ....؟ رب جي واسطي ڪيس سندس حال تي ڇڏي ڏيو..... هاڻي تہ توهان جي گهر گِرهستي آهي ان تي توجہ ڏيو.“

”توهان تہ هرويرو پيا ناراض ٿيو مون تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي ڪئي.“

”ڀائو ڏسو شڪر ڪيو جو رب سائين توهان کي پُٽ جو اولاد عطا ڪيو اگر ان جي جاءِ تي نياڻي هجي ها ۽ ان سان ڪو توهان وانگر بي واجبي ڪري ها تہ توهان جي دل تي ڇا گذري ها..... ڪڏهن ان باري ۾ بہ غور ڪجو.... هاڻي منهنجي واٽ ڇڏيو دير ٿي ٿئي،“

رحمان اهو سڀ ٻڌي چپ ٿي وڃي ٿو سنيتا تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي گهر رواني ٿي وڃي ٿي.

●

ڪجهہ ڏينهن ائين ئي گذري وڃن ٿا. هڪ ڏينهن رابعہ جي طبيعت ڪجهہ خراب ٿي وڃي ٿي تہ هوءَ سنڌيا کي پاڻ وٽ سڏائي وٺي ٿي احمد کيس پيڻ جي گهر ڇڏي وڃي ٿو.

سنڌيا کيس چوي ٿي،

”آپي هوءَ شمسہ آپا جي ڀاڀي مريم آ نہ، انجي فرسٽ ڊليوري هئي، توڙي جو ڳوٺ جي آ پوءِ بہ هوءَ مائٽن ڏي ڳوٺ هلي وئي. توهان بہ گهر هلو نہ.“

رابعہ کلي ڏئي ٿي،

”اتي هن جي ماءُ هوندي جنهن کي انهن معاملن جي ڄاڻ هوندي، اسان جي گهر تنهنجي ۽ ڪومل کانسواءِ ڪو وڏو آهي ڪونہ..... هتي

اميءَ وارن جو بہ اصرار آهي تہ هتي هجان.... خير، ڇڏ ان ڳالهہ کي، مونکي توسان ڳالهائڻو آهي.“

سنڌيا سمجهي وڃي ٿي تہ اڄ آپي وري کو پڇاڻو ڪرڻ واري آهي ان لاءِ تياري ڪري وٺجي. پر پوءِ بہ نتائڻ جي ڪوشش ڪندي،

”آپي پهرين توهان نيڪ ٿي وڃو پوءِ پيا ڳالهيون ڪنداسين، في الحال تہ توهان آرام ڪيو.“

”ڳالهہ کي نٽاءِ نہ، مونکي سچ سچ ٻڌاءِ تہ توکي ڪهڙو ڏک آهي، جنهن تنهنجي چهري جي معصوميت ۾ مرڪ ئي کسي ورتي آهي....... توکي ننڍ جون گوريون کائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي.“

”آپي چيم نہ تہ يونيورسٽي جي پڙهائي تمام ٽف آ، ڇئن اسٽوڊنٽس جو فرسٽ پوزيشن لاءِ ٽف ڪامپٽيشن آ، ۽ مونکي هر حال ۾ پوزيشن ڪٽڻي آ.“

رابعہ ڪيس پنهنجي ويجهو آڻي سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ڏاڍي پيار مان چويس ٿي،

”ڏس سنڌيا....! تون جڏهن بانبڙا ڏيندي هئينءَ نہ، مون تڏهن کان توکي پالڻ شروع ڪيو. تنهنجي لمحي لمحي کان مان واقف آهيان. تنهنجي نيچر جي مونکي خبر آهي، ننڍڙي هوندي بہ جڏهن تون ڪنهن شيءِ کان ڊڄندي هئينءَ نہ، تہ چادر يا سَوڙ ۾ منهن لڪائي ڏڪندي رهندي هئينءَ، ۽ مان پنهنجي ٻاراڻي ۽ اڻ ڄاڻائي ۾ تنهنجي ان حالت کي سمجهي نہ سگهندي هئس. اڄ بہ تون الائي ڪهڙي ڏک ۽ خوف ۾ مبتلا آهين. ڪجهہ تہ ٻڌاءِ منهنجي ننڍڙي ڀيڻ.... ڏس تون پنهنجو هر ڏک، هر ڊپ منهنجي هنج ۾ اوتي ڇڏ. مان آهيان نہ تنهنجي هر تڪليف کي پنهنجي سيني ۾ سانڍڻ واري، پوءِ خوف ڇا جو.... ٻڌاءِ شاباس. رابعہ بيڊ تي اٿي ويهي ٿي ۽ ڪيس پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ٿي، سنڌيا سندس هنج ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري روئيندي رهي ٿي، چپ چاپ، سڏڪندي رهي ٿي ڪجهہ چوڻ ڪجهہ ٻڌائڻ کان سواءِ،

”تيڪ آ روئي وٺ پنهنجي اندر جو اوبر ڪڍي وٺ، دل جو بار هلڪو ٿي پوندئي.“

رابعہ جي اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي پون ٿا، کيس سندس نندڙپڻ ياد اچي ٿو ڪيئن چادر ۾ منهن وجهي سڏڪندي ۽ ڏڪندي رهندي هئي، ياد ڪري سندس متي تي هٿ گهمائي ٿي، سنڌيا چپ چاپ سڏڪي سڏڪي خاموش ٿي وڃي ٿي ۽ پيڻ جي هنج مان مٿو ڪڍي پاڻ تي ڪنٽرول ڪندي شرمساري واري لهجي ۾ چوي ٿي،

”سوري آپي مون توهان کي بہ دکي ڪري ڇڏيو دراصل توهان جي گهر ۾ غير موجودگي مونکي صفا اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي..... ٻيو ڪوبہ اهڙو مسئلو ناهي جو توهان کي ٻڌايان. توهان بلڪل بہ پريشان نہ ٿيو بس پنهنجي صحت جو خيال رکندا ڪيو.“

رابعہ وڏيڪ زور نہ ٿي پري،

”ڇگو اٿي اندر باٿ روم ۾ وڃي منهن ڌوئي اچ، فريش ٿي ويندينءَ.“

•

زندگي ائين ئي روان دوان آهي، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ رابعہ کي پٽ ٿئي ٿو هوءَ بہ پنهنجي گهرداري ۽ ننڍڙي جي پالنا ۾ مصروف ٿي وڃي ٿي، رحمان جا بہ آئي ڏينهن ننڍڙي فواد جي سلسلي ۾ هر هفتي ڳوٺ جا چڪر آهن ان ڪري هن سنيتا جي سرزنش کان پوءِ في الحال وري سنڌيا کي پريشان ناهي ڪيو ۽ هوءَ بہ پنهنجي اسٽڊي ۾ مصروف ٿي زندگي جي تلخين کي وسارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي، اها جدا ڳالهہ آهي تہ چاهڻ جي باوجود بہ اهي خوفناڪ بلا وانگر هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ حملہ آور ٿيڻ لاءِ بهاني جي ڳولها ۾ آهن. ان ڪري يادن ۽ درد کي پڇاڙڻ لاءِ هوءَ زور شور سان پنهنجي آنرز جي تياري ۾ مشغول لڳي پئي آهي اج بہ هوءَ پنهنجي ڪجهہ ڪلاس فيلوز سان يونيورسٽي جي لان تي ويٺي آهي

سيني جي هٿن ۾ فائيل آهن ۽ اسٽڊيز تي بحث ڪري رهيا آهن. هڪ دوست رفيہ ڪيس چوي ٿي.

”سنڌيا لاسٽ سمسٽر ۾ تنهنجون سيني ڪان هائيسٽ مارڪون آيون هيون هن دفعي تياري ڪيئن آهي.“

”بس ڪوشش ڪيان پئي, گهر ۾ مصروفيت جي ڪري هن دفعي منهنجي پڙهائي ڏاڍي متاثر ٿي آهي, پوءِ بہ ڪوشش ڪندس.“

سندس ڪلاس فيلو ڪاشف اهو ٻڌي چوي ٿو.

”ڪوشش نہ هي سڄي گروپ جي عزت جو مسئلو آهي.“

سنڌيا مسڪرائيندي چوي ٿي.

”ها بابا چيم نہ تہ ڪوشش ڪنديس پر توقعات نہ رکڻ گهرجن, ڇو تہ پوريون نہ ٿيون تہ هرو ڀرو ماٺهو هرٽ ٿيندو آ“

ٻئي گروپ جون ٻيون اسٽوڊنٽس نازيہ ۽ سندس ڪجھ ساٿي پري ڪان اچن پيا.

”يار هنن کي ڏسو ڪهڙي نہ شانِ بي نيازيءَ سان اچن پيا ڄڻ ڪو وڏو معرڪو سرانجام ڏيڻ وارا هجن.“

”ڏسو فيلوز.....! ايڏو فخر ڪرڻ چڱو ناهي, مقابلو تمام سخت آهي....... نازيہ تمام ٽيلنٽيڊ اسٽوڊنٽ آهي, سندس پوري اسٽڊي ڪراچي جي نالي واري انگلش ميڊيم انسٽيٽيوٽ ۾ ٿي آهي ۽ اسان سرڪاري ادارن مان پڙهي نڪتا آهيون, مان مڃان ٿي تہ نازيہ مونکان وڌيڪ هوشيار آهي.“

ڪاشف شڪايتي انداز ۾ چويس ٿو.

”سنڌيا پليز اهڙيون ڳالهيون ڪري تون اسان کي مايوس تہ نہ ڪر...“

”مايوسي تہ ڪفر آهي, مان صرف نازيہ جي ٽيلينٽ جي ڳالھ ٿي ڪيان, ثابت ڪرڻو آهي تہ اگر سرڪاري ادارن جا اسٽوڊنٽس بہ دل لڳائي محنت ڪن تہ ڪنهن ڪان بہ پوئتي نہ ٿا رهي سگهن......... ان ۾ همت هارڻ جي بلڪل ضرورت ناهي, بس وڏيون توقعات وابسطہ ڪرڻ نہ گهرجن.“

رفيہ کلندي چوي ٿي،

”ٿي وئي تقرير، بهرحال اسان جون نيڪ تمنائون توسان گڏ آهن،

۽ ها ڪاشف...! سيڪنڊ يا ٿرڊ پوزيشن لاءِ توکي محنت ڪرڻي آهي.“

”اوڪي ميڊم، بس يا ڪو ٻيو بہ حڪم آهي.“

پارس ٻنهي کي ڇيڙيندي،

”ها سائين....! رفيہ بيگم جي خواهش جو ڪاشف احترام نہ ڪندو تہ مان ۽ سنڌيا ڪنداسين.“

رفيہ شرمائجي وڃي ٿي، سندس منهن تي لالاڻ اچي وڃي ٿي. ائين ڪل پوڳ ۾ وقت جو احساس ئي نہ ٿو رهي، وقت ڏسي سنڌيا اٿي ٿي تہ سندس پوائنٽ بس جو ٽائيم ٿي ويو آهي خوش خوش تڪڙا قدم کڻندي پارڪ جي گيٽ کان ٻاهر نڪري ٿي تہ سامهون هڪ ڪار کي ڏسي سندس چهري جو رنگ اڏامي وڃي ٿو، قدم سست ٿي وڃن ٿا پنڊ پهڻ بنجي وڃي ٿي سامهون رحمان گاڏيءَ کي ٽيڪ ڏيو ٻاهر سندس انتظار ڪري رهيو آهي، هن کي ڏسي سندس ويجهو هلندي هلندي اچي ٿو. غور سان سندس حالت ڏسي ٿو ۽ ساڻس گڏ هلڻ شروع ڪري ٿو.

آهستہ آواز ۾ چوي ٿو

”هيلو سنڌيا ڪهڙو حال آ.“

سنڌيا ڪوبہ جواب نہ ٿي ڏئي بس آهستہ قدمن سان هلندي رهي ٿي،

”مون توکان تنهنجو حال پڇيو آهي........ جواب نہ ڏنئي.“

سنڌيا ٿورو ڪاوڙ ۾ پر دٻيل لفظن ۾ چوي ٿي،

”ڏس رحمان هي يونيورسٽي آهي.... هتي توکي نہ اچڻ کپندو هو... جيڪڏهن منهنجي ڪنهن ڪلاس فيلو توکي ڏسي ورتو تہ خواه مخواه ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٿي پوندو.“

رحمان مڪارانہ انداز ۾ کلي ڏئي ٿو

”ڪائي ڳالهہ ناهي، مان تنهنجو فيانسي آهيان، ائين چئي تعارف ڪرائجانءِ، ائين چوڻ سان تون بہ گهٽين بي باڪ نظرن جو مرڪز بنجڻ کان بچي ويندينءَ.“

گاڏي تائين پهچي وڃن ٿا، گاڏي جو در کوليندي کيس ويهڻ جو اشارو ڪري ٿو.

”ويهہ گاڏي ۾ هرو ڀرو ڳالهہ نہ وڌاءِ.“

سنڌيا ڪنهن بہ حالت ۾ رحمان جي گاڏي ۾ ويهڻ لاءِ راضي ناهي، ۽ اڃان جواب ڏيڻ واري هئي تہ اسٽوڊنٽس جي هڪ گروپ کي ايندو ڏسي جلدي گاڏي ۾ ويهي رهي ٿي، رحمان گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو سنڌيا جو بي وسي ۽ ڪاوڙ ۾ منهن ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو اکيون آليون ٿي وڃن ٿيون.

”رحمان اهو توهان سٺو نہ ڀيا ڪيو، مون توهان سان شديد محبت ڪئي آهي توهان جو اهو انداز منهنجي تصور ۾ بہ نہ هو. منهنجو تہ محبتن تان اعتبار ئي کڄي ويو آهي.“

”بس سنڌيا بس....! مون بہ توسان بي انتها محبت ڪئي آهي، بلڪ جنون جي حد تائين محبت ڪئي آ، اهو منهنجو جنون ئي تہ آهي، جيڪو توتان دستبردار ٿيڻ ئي نہ ٿو ڏئي.“

”اها نہ تہ محبت آ نہ جنون بلڪ خودغرضي آهي، جنهن ۾ انسان صرف ۽ صرف پنهنجي مطلب جي باري ۾ سوچيندو آهي، مون کي تنهنجو اهو رويو ڏسي اڃان تائين اهو سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ محبت آهي ڇا؟ ڇا واقعي ان جو ڪو وجود هوندو آهي يا زندگي جي دلڪشيءَ کي وڌائڻ لاءِ توهان مرد حضرات، رنگين شيشن جي عينڪ طور ان کي استعمال ڪندا آهيو.“

سنڌيا جو لهجو انتهائي تلخ ٿي وڃي ٿو.

”نہ سنڌيا ائين نہ چئو مان ننڍي هوندي کان شين ۽ محبتن جي باري ۾ ڏاڍو پڙيسِوُ رهيو آهيان، جنهن شيءِ تي هڪ دفعو منهنجو نالو چڙهي ويو تہ انهي تان دستبردار ٿيڻ منهنجي فطرت ۾ ئي ناهي.“

”پر مان ڪا شيءِ ناهيان...... تون هاڻي شادي شده آهين هڪ ٻار جو پيءُ آهين. ان ڪري ما ن توکي التجا ٿي ڪريان، پليز.....! مونکي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي.“

”بس سنڌيا.....! ان معاملي ۾ وڌيڪ ڪنهن بحث جي گنجائش ڪونهي ، ۽ دئٽ از فائينل. اڄ کان پوءِ تون پنهنجي سيني ڄاڻ سڃاڻ وارن ۾ مونکي پنهنجو فيانسي متعارف ڪرائيندينءَ سمجهئي، ۽ اسان هميشه جيان ملندا رهنداسين، زندگي ڀر...... معنيٰ زندگي ڀر...! تون منهنجي لاءِ آهين صرف منهنجي لاءِ ۽ منهنجي لاءِ ئي رهندينءَ.“

بي وسيءَ وچان سنڌيا جي اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا. پر ڪجهه به نه ٿي چوي سنڌيا جي گهر وڃڻ وارو رستو اچي ٿو رحمان گاڏي روڪي ٿو سنڌيا چپ چاپ دروازو کولي لهي وڃي ٿي، رحمان جي چهري تي فاتحانه مرڪ اچي وڃي ٿي. ۽ گهرين نگاهن سان کيس ويندو ڏسندو رهي ٿو.

●

شمسه پريشان بار بار دروازي ڏانهن ۽ وري گهڙِي ڏانهن نهاري رهي آهي ۽ دل ئي دل ۾ چوي ٿي ته نجمه هينئر تائين گهر ناهي پهتي چيائين پئي ته اڄ مامي سان ايندي، هوندئن ته بس ۾ جلدي پهچي ويندي آهي، انهي وقت نجمه ٽڪل ٽڪل اندر داخل ٿئي ٿي، ۽ ٻڌائي ٿي ته ماما جي انتظار ۾ بس به نڪري وئي، ماما به وٺڻ ڪونه آيو هينئر رڪشه ڪري آئي آهي. اجان ڳالهه ڪري رهي هئي ته رحمان ڪجهه جهونگاريندو چابين جو ڇلو آڱر ۾ ڦيرائيندو خوش خوش اندر داخل ٿئي ٿو سندس چهري تي عجيب قسم جي فاتحانه مرڪ آهي، گل بانو جي پڇڻ تي ٻڌائي ٿو ته ڳالهه ذهن مان نڪري وئي ته ڪو نجمه کي وٺڻ لاءِ وڃڻو آهي، سيني کي سوري چئي کلندو پنهنجي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو. شمسه سندس کلڻ جو انداز ڏسي وائڙي ٿي وڃي ٿي ۽ سوچي ٿي ته آخر رحمان ايڏو خوش ڇو آهي ڄڻ ڪو وڏو معرڪو سر

ڪيو هجيس، آخر اهڙي ڪهڙي ڳالهہ تي سگهي ٿي، جو رحمان جو انداز ائين پيو لڳي. ٿوري دير ڪان پوءِ رحمان ٻاهر اچي ٿوتہ هوءَ پڇي وٺي ٿي،

”چو آفيس ۾ ڪو ڪم هيئي ڇا جو لنچ تي دير ٿي ويئي.“

”نہ آپا آفيس مان تہ سويل ئي اٿيو هوس، بس رستي ۾ هڪ پيارو دوست ملي ويو. ان سان ڪچهري ۾ دير ٿي وئي،“

شمسہ ٽوڪ ڪندي چويس ٿي،

”مان بہ چوان اڄ تنهنجي انداز ۾ عجيب نموني جي بي خودي آ، ڄڻ ڪا وڏي قيمتي شي هٿ آئي هجئي.“

رحمان ڀيڻ جو طنز محسوس ڪري وٺي ٿو، ٿورو شرمسار ٿي چوي ٿو،

”نہ آپا اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪونهي توهان بہ هرويرو............“

ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي موضوع مٽائيندي چوي ٿو تہ جلدي ماني لڳائن ڪيس واپس بہ وڃڻو آهي.

•

سنڌيا جي گهر سنيتا سندس انتظار ڪري رهي آهي ۽ ڪومل سان ڪنهن ڳالهہ تي سندس بحث پيو هلي، بار بار پڇي ٿي تہ سنڌيا اڄ دير ڪئي آهي، ڪومل ڪيس چوي ٿي تہ اچڻ واري هوندي ڪڏهن ڪڏهن ليٽ ٿي ويندي آهي. ڳالهين ڪندي سنڌيا اندر اچي ٿي سندس چهري تي پريشاني ۽ پشيماني جا گاڏڙ ساڏڙ تاثرات آهن، سنيتا ڪيس ڏسي تاڙي وٺي ٿي تہ پڪ هن سان ڪو مسئلو ٿيو آهي، ڪومل هن کي ايندو ڏسي سنيتا کي چوي ٿي تہ ڏس تنهنجي ياد ڪندي ئي سنڌيا اچي وئي، پر سنڌيا هنن جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي پنهنجي ڪمري ۾ ويندي پاڻي کي چوي ٿي تہ سندس طبيعت نيڪ ناهي ٿوري دير آرام ڪندي، اهو چئي هوءَ ڪمري ڏانهن هلي وڃي ٿي سنيتا بہ سندس پويان وڃي ٿي.

”چا ڳالهہ آ منهن جو پنوئي لهي ويو اٿئي.“

”نہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي، بس ٿڪجي پئي آهيان.“

”ڪجهہ ڏينهن پهرين رحمان مليو هو تنهنجو پڇيائين پئي اهڙي ڪري ٻڌائي مانس جو چپ ٿي ويو.“

سنڌيا بي دلي سان سندس ڳالهہ ٻڌي ٿي، ”اڇا..........“

”تون پريشان نہ ٿي مڙس هوندو تہ سمجهي ويندو. چڱو تون آرام ڪر مان هلان ٿي.“

سنيتا جي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌيا دل ۾ چوي ٿي تہ. ڪاش! اهڙو چڱو مڙس هجي ها. سنيتا بہ ڪيڏي سادي آهي ڪيس ڪهڙي خبر تہ مان ڪهڙي بلا کي منهن ڏئي رهي آهيان. بيوسي وچان روئي ڏئي ٿي.

ڪجهہ ڏينهن ائين ئي ڪنهن خاص واقعي ڪانسواءِ گذري وڃن ٿا. هڪ ڏيهن سنيتا نجمہ جي گهر وڃي ٿي ۽ ڳالهين ڪندي سنيتا نجمہ کان پڇي ٿي تہ هوءَ ڪڏهن پئي شادي ڪري، هوءَ کيس ٻڌائي ٿي تہ انٽر جي امتحان کان پوءِ شايد .....

”يلا مريم يڪو وڃي ڳوٺ رهي پئي آهي، توهان کي ننڊڙي جي سڪ ڪونہ ٿي لڳي هاڻي تہ ٽن مهينن جو ٿي ويو هوندو.“

نجمہ ڪاوڙ جي انداز ۾ چوي ٿي،

”سڪ لڳندي تہ چا ٿيندو. جڏهن مامي صاحبہ جا ساٿ سئوڻ ۽ علاج مالشون پوريون ٿين تہ پوءِ وڃي ڪٿ تان پير لاهيندي.“

سنيتا هن جي ڳالهہ تي کلي ڏئي ٿي، نجمہ سنڌيا جي باري ۾ پڇيس ٿي تہ نيڪ تہ آهي نہ،

سنيتا ڪاوڙ جي انداز ۾ چوي ٿي،

”تنهنجو ماما صاحب کيس پريشان ڪرڻ ڇڏي تہ نيڪ ٿئي نہ.“

”چو چا ڪيو آ ماما..........“

”ڪڏهن يونيورسٽي پهچي ٿو وڃي ڪڏهن کيس فون ڪري پريشان ٿو ڪري، اها ڪا سٺي ڳالهہ آهي.“

”نہ نہ اهو ڇا پئي چوين..... اهو ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي، ڀلا اهو تہ ٻڌاءِ ان ڏينهن منهنجي انگيجمينٽ ۾ سنڌيا جو اسان وٽ اچڻ مناسب هو.“

”اهو تہ تون پنهنجي مامي صاحب کان پڇ نہ..... ان سنڌيا کي ديڄاري ڏمڪائي مجبور ڪيو هو تہ اها ڪنهن بہ حالت ۾ فنڪشن ۾ اچي ۽ پوءِ هتي جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو......“

نجمہ پشيمان ٿي وڃي ٿي،

”نہ سنيتا ِاٽ از ناٽ فيئر ٿو هر“ ..... ماما کي ائين نہ ڪرڻ کپي، مان اميءَ کي ٻڌائيندس.“

انهي وقت شمسہ اندر اچي ٿي سنيتا اشاري سان نجمہ کي منع ڪري ٿي. شمسہ اشارو ڏسي وٺي ٿي ۽ سنيتا کان پڇي ٿي تہ هوءَ ڪهڙا پئي اشارا ڪري، ڪا خاص ڳالهہ آ جيڪا هن کان لڪائي پئي وڃي. سنيتا ٽارائي وڃي ٿي ۽ وڃڻ لاءِ اٿي ٿي، هن جي وڃڻ کانپوءِ هوءَ ڏيءَ کان بہ پڇي ٿي پر هوءَ بہ ٽاري ڇڏي ٿي.

هاڻي رحمان بي ڊپو ٿي وري سنڌيا سان ملڻ يونيورسٽي وڃي ٿو ۽ جيئن سنڌيا ٻاهر نڪري ٿي تہ گاڏي جو دروازو کولي ٿو سنڌيا چپ چاپ گاڏي ۾ ويهي رهي ٿي تہ هرويرو ضد ڪرڻ سان رحمان ڪو انتهائي قدم نہ کڻي ويهي، هوءَ گاڏي ۾ ويهي تہ ٿي پر رحمان جي ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪو جواب ڏيڻ بدران چپ چاپ سامهون ڏسندي رهي ٿي. رحمان هن کي خاموش ڏسي گاڏي ڊرائيو ڪندي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻيهر دهرائي ٿو.

”سنڌيا ڏس مان توسان تمام گهڻي محبت ڪيان ٿو ان ڪري ئي توتان دستبردار ٿيڻ نہ ٿو چاهيان، مريم سان شادي ڪرڻ باوجود منهنجي دل ۾ هن لاءِ جاءِ پيدا نہ ٿي سگهي آهي، بلڪ مان ڪيئن گذارو ڪيان پيو، اهو صرف مان ئي ڄاڻان ٿو. ڪاش! مان ڳوٺ نہ وڃان ها، ليڪن شايد قدرت جي اهائي مرضي هئي تہ هوءَ منهنجي ٻارن جي ماءُ بنجي.“

سنڌيا همت ڪندي چوي ٿي.

”تہ پوءِ هاڻي تہ هوءَ تنهنجي ٻارن جي ماءُ بنجي وئي آهي نہ، تہ پوءِ آخر تون منهنجي زندگي برباد ڪرڻ جي پويان ڇو پئجي ويو آهين، مونکي منهنجي حال تي ڇڏي ڇو ڪونہ ٿو ڏين، مون توسان ڪا شڪايت نہ ڪئي، توکي ڪو بليم نہ ڪيو، خاموشيءَ سان تنهنجي زندگي مان نڪري ويس. پليز رحمان! ائين نہ ڪر مونسان، مان واعدو ٿي ڪريان تہ ٻيو ڪوبہ ماڻهو منهنجي زندگي ۾ نہ ايندو........ مان اطمينان سان پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”سنڌيا...! ڇا تون مونسان محبت نہ ٿي ڪرين....؟ مون کي صرف ان جو جواب ڏي.. ها... يا.... نہ.“

”مون توسان بي انتها محبت ڪئي آ، پنهنجو پاڻ کان بہ وڌيڪ... پر هينئر...

رحمان ڪيس ڳالهہ مڪمل ڪرڻ نہ ٿو ڏئي،

”بس وڌيڪ ڪجهہ نہ.... مونکي اهوئي ٻڌڻو هئو... مان هاڻي بيحد خوش آهيان، اڳ ۾ ۽ هاڻي جي ڪا ڳالهہ ناهي، هاڻي دنيا جي ڪابہ طاقت توکي مونکان الڳ ڪري نہ ٿي سگهي، سمجهئي. هاڻي تون پلي گهر وڃ.. محبت ۾ ماضي حال ۽ مستقبل ناهي هوندو، اها تہ بس ٿي ويندي آهي ۽ هميشہ لاءِ رهندي آهي، مونکي ڪنهن جي بہ پرواهہ ناهي، تون منهنجي آهين صرف منهنجي.....“

سنڌيا جو چهرو اجهامي وڃي ٿو رحمان ڳالهہ جاري رکندي...

”مان صبحاڻي ڳوٺ پيو وڃان مريم کي وٺڻ، هڪ ڏينهن ۾ واپس ايندس، تون اچين ٿي نہ انکي ڏسڻ، فواد جيترو منهنجو آهي ايترو ئي تنهنجو بہ آ.... اوڪي.“

رحمان سنڌيا جي گهر واري رستي جي موڙ تي گاڏي روڪي ٿو هوءَ بنا ڪجهہ چوڻ جي لهي گهر واري گهٽيءَ طرف مڙي وڃي ٿي.

رحمان جيئن گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو تہ هڪ شخص ڪيس هٿ ڏئي ٿو، رحمان غور سان ان ڏي نهاري ٿو ۽ سڃاڻندي گاڏي بند ڪري هيٺ لهي اچي ساڻس گرم جوشي سان ملي ٿو

”امتياز تون....! يار ڪٿي آهين ورهيہ ٿيا توسان ملئي.“

”بس يار تون هليو وئين آمريڪا تہ پاڻ بہ دبئي هليا وياسين، هفتو کن ٿيو آ جو واپس آيو آهيان، اک هٽندي... ڏي خبر اها حسينہ ڪٿان ڦاسائي ٿئي.“

” نہ يار ڦاسائي ڪونہ اٿم تنهنجي ٿيڻ واري پاپي آهي.“

امتياز بئي پاسي گاڏي جو در کولي ويهي ٿو رحمان ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو امتياز خوشي جو اظهار ڪندي چويس ٿو.

”سچي.... پر مونکي ائين لڳو جڻ اسان واري پاپي ڪجهہ ناراض هئي.“

”نہ نہ اهڙي ڳالهہ ناهي.....“

”يار ايترن ڏينهن کان پوءِ ملاقات ٿي آهي، هل تہ ڪٿي هلي ٿڌو وڏو پيو ٿا.

رحمان گاڏي ڊرائيو ڪندي ڪانئس پڇي ٿو.

”ڏي خبر ڪا شادي وادي ڪيئي............“

”نہ يار توکي تہ خبر آ ٻاهرين ملڪن ۾ ڪمائڻ ڪيترو مشڪل ڪم آهي بئي ڪنهن طرف ڌيان ئي نہ ٿو وڃي........ تون ٻڌاءِ ناراض پاپي صاحبہ کي ڪڏهن ٿو راضي ڪرين.“

رحمان ڳالهہ کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

”يار ڇڏ ان ڳالهہ کي.......“

”ڇو..... ڇو ڇڏيان اهڙي خوبصورت ڇوڪري ۽ ان لاءِ انتظار ڪرڻ.... يار هڪڙي ڳالهہ آهي..... پاپي توکان گهٽي نندي ٿي لڳي. آهين خوش نصيب......“

رحمان امتياز جي ان ڳالهہ تي دل ئي دل ۾ خوش ٿئي ٿو مسڪرائيندي چوي ٿو

”فڪر نہ ڪر ڳولهيون ٿا تنهنجي لاءِ بہ اهڙي حسينہ مهہ جبين.....“

”واه يار...... ڏاڍو رومينٽڪ ٿي ويو آهين.....“

رحمان جهونگارڻ لڳي ٿو ”آءِ ايمِ اِن لو....“

●

وقت پنهنجي ازلي بي نيازي سان گذرندو ٿو وڃي. هڪ ڏينهن مجهند جي وقت، سنڌيا پگهر ۾ شَل يونيورسٽي جي پوائنٽ بس مان لهي پنهنجي گهر تائين پنڌ وڃي رهي آهي، خيالن ۾ گم. بار بار رحمان جو چهرو سندس تصور ۾ اچي ٿو جيڪو چٿي رهيو آهي،

”فواد جيترو منهنجو آهي اوتروئي تنهنجو بہ آهي، تہ پوءِ تون اچين ٿي نہ ان کي ڏسڻ..... فواد جيترو منهنجو آهي اوتروئي...... “

سندس خيالن جو سلسلو ان وقت ٽُٽي پوي ٿو جڏهن گهر جي گهٽي ڏانهن مڙندي هڪ اجنبي آواز کن تي پويس ٿو.....

”ڀاڀي....!“

ڇرڪ ڀري اوڏانهن نهاري ٿي، سندس آڏو رحمان جو هم عمر هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ شخص کيس ڏاڍي دلچسپيءَ سان نهاري رهيو آهي، هوءَ ذهن تي زور ڏئي ٿي پر هن کي سڃاڻي نہ ٿي سگهي، ان ڪري ڪترائي نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تہ هو شخص بہ ساڻس گڏ هلڻ شروع ڪري ٿو، سنڌيا تڪڙا قدم کڻندي گهر ڏانهن وڃڻ لڳي ٿي، سندس چهري تي خوف ڇانئجي وڃي ٿو. هو شخص ٻيهر مخاطب ٿئي ٿو،

”ڏسو مِس...! گهٻرايو نہ.... توهان مونکي نہ ٿا سڃاڻو مان رحمان جو دوست امتياز آهيان، ان ڏينهن مون توهان کي رحمان جي گاڏيءَ مان لهندي ڏٺو هو. اڄ اتفاق سان توهان ملي ويئو تہ سوچيم دعا سلام ڪري وٺان.“

سنڌيا بڌو اڻ بڌو ڪري اڳتي وڌي ٿي، پر امتياز وري ڳالهائي ٿو،

”رحمان توهان جي ڏاڍي تعريف پيو ڪري، ڪڏهن اسان جي چانهہ پيو نہ...“

سنڌيا وري بہ ڪو جواب نہ ٿي ڏئي تہ امتياز سمجهي وڃي ٿو تہ هو سنڌيا کي غلط سمجهي ويٺو آهي، هي پنهنجي ٽائيپ جي ڇوڪري نہ ٿي لڳي، هن هرويرو کيس غلط سمجهيو.....

دل ئي دل ۾ شرمسار ٿي کيس چوي ٿو:

سوري مِس توهان کي شايد منهنجو ائين سرِ عام مخاطب ڪندي سٺو نہ لڳو. در اصل رحمان منهنجو ڪاليج ٽائيم جو ڏاڍو سٺو دوست آهي، هن ٻڌايو تہ هو توهان سان.......

سنڌيا ڳالهہ اڌ مان ڪٽيندي چوي ٿي،

”ٺيڪ آ.... مسٽر مونکي دير پئي ٿئي.... او ڪي.“

هوءَ اڳتي وڌي وڃي ٿي، امتياز کيس ويندي حيرت سان ڏسي ٿو.

●

صبح جي وقت جڏهن ڪراچي اجان چڱي طرح سجاڳ بہ نہ ٿي آهي، گل بانو نماز وغيره کان فارغ ٿي مائي صغرا جو انتظار ڪري رهي آهي جيئن ئي هوءَ گهر ۾ داخل ٿئي ٿي تہ گل بانو کيس گهر جي صفائي سٿرائي لاءِ هدايتون ڏيڻ شروع ڪري ٿي، اڄ هوءَ خلافِ معمول گهڻي خوش پئي لڳي، صغرا....! رحمان صاحب جو ڪمرو چڱي طرح صاف ڪجانءِ، بيڊ تي نئين چادر وڇائجانءِ، ها نجمہ جي ڪمري ۾ رکيل بيبي ڪاٽ کڻي رحمان جي بيڊ جي پرسان رکڻ متان وسري وڃئي. ان قسم جون ڪيترين ئي هدايتون کيس ڏئي رهي آهي. صغرا کيس ايترو خوش ڏسي رهي نہ ٿي سگهي.

”آپا وڏي اڄ توهان ڏاڍا خوش پيا لڳو توهان جي ننهن توهان کي ننڍڙي ڪاڻ ڏاڍو سڪايو آهي. ننڍڙو خير سان اچي ٽن مهينن جو ٿيو آ“

”صغرا مان پنهنجي ننڍڙي فواد لاءِ سڀ ڪجهہ وسارڻ لاءِ تيار آهيان، ڪيتري عرصي کان پوءِ خوشيون هن در جي چائنٺ ٽپڻ لاءِ بيتاب آهن. اسان کان خوش ٿيڻ جڙ تہ وسري ويو هو ڪيترا ارمان

هئا تہ رحمان آمريڪا مان ايندو تہ ان جي شادي وڏي ڌوم ڌام سان ڪنديس ۽ ان جي اميد بہ پيدا ٿي هئي......"

ٿڌو ساهہ ڀري ٿي، اکين ۾ ڳوڙها تري اچنس ٿا. صغرا اهو ڏسي ڳالهہ مٽائيندي.

"آپا وڏي چڙيو پراڻين ڳالهين کي، انهن کي ياد ڪرڻ سان سواءِ دل کي ڏکائڻ جي ٻيو ڪجهہ ناهي ورڻو. ياد رکو تہ صرف ايندڙ وقت کي جيڪو توهان لاءِ ڪوڙ سارين خوشيون کنيو پيو اچي."

گل بانو حيران ٿي کيس ڏسي ٿي تہ صغرا اهڙيون سمجهداريءَ واريون ڳالهيون پئي ڪري ڪانئس رهيو نہ ٿو تہ ٿي پڇيس ٿي،

"صغرا تون تہ ڏاڍيون سمجهہ واريون ڳالهيون پئي ڪرين، ڇڻ ڪو پڙهيل ڳڙهيل ڪندو آهي."

صغرا اداسيءَ سان مرڪي ٿي،

"بس آپا سڀ مقدر جا کيل آهن، هو جيڪو مٿي ويٺو آ نہ آسمانن تي، اهو بہ پنهنجي بندن جون عجب ڪهاڻيون ترتيب ڏيندو آهي، مان بہ ڪنهن اهڙي ئي ڪهاڻي جو ڪردار آهيان."

"يلا گهڻو پڙهيل آهين......"

"يارهين جماعت پاس آهيان، اڳتي پڙهڻ جي خواهش هئي پر قسمت....."

"صغرا تنهنجي ڳالهين منهنجو تجسس وڌائي ڇڏيو آ، پر توکي بہ دير پئي ٿئي، وري ڪنهن ٻئي ڀيري، في الحال ڪمرو ٺيڪ ڪري آ."

" يلا صاحب وارا ڪيڏي مهل ايندا..."

"گهڻو ڪري شام تائين پهچي ويندا."

صغرا اٿي پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي وڃي ٿي تہ گل بانو وري سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿي،

"رحمان جڏهن پيدا ٿيو هو گهر ۾ خوشيون ئي خوشيون هيون، رحيم داد ننڍڙي رحمان کي ڪڏائي رهيو آهي تہ گل بانو کيس ڏسي چوي ٿي ، سائين سنڀاليو ڪري نہ پوي."

گل بانو جي اکين ۾ لڙڪ لڙي اچن ٿا.

شام جي وقت دروازو کڙڪي ٿو. صغرا ڊوڙي وڃي کولي ٿي سامهون مريم ننڍڙو کنيو بيٺي آهي. رحمان کان سامان وٺي ٿي ته ٻئي اندر اچن ٿا آواز تي گل بانو ۽ شمسه ڪمري کان ٻاهر اچن ٿيون. شمسه جلدي وڃي مريم کي ڀاڪر پائي ملي ٿي ۽ ننڍڙو سندس کان وٺي پيار ڪريس ٿي. مريم چاچي سان ملي ٿي ۽ شمسه ننڍڙو سندس هنج ۾ ڏئي ٿي. گل بانو ننڍڙي کي هنج ۾ پري سندس پيشاني چمي ٿي ۽ کوڙ سارو پيار ڪريس ٿي. رحمان ۽ شمسه اهو ڏسي لڙڪ لاڙي ويهن ٿا. رحمان ماءُ جي دل خوش ڪرڻ لاءِ کيس چوي ٿو.

”امان تياري ڪري وٺو فواد جي گهر اچڻ جي خوشي ۾ هڪ سٺو فنڪشن ٿا ڪيون. عقيقو به ٿي ويندو ۽ توهان به پنهنجا سڀ ارمان پورا ڪجو. مريم کي ڪنوار ناهي توهان پنهنجي هر خوشي پوري ڪجو. ٺيڪ آ نه.“

شمسه پاءُ جي پروگرام جي تائيد ڪندي چوي ٿي.

”ٺيڪ آ، سڀ تياري ڪري ٿا وٺون. نجمه به چيو پئي ته ماما کان وڏي پارٽي وٺنداسين.“

رحمان هيڏي هوڏي نهاري. نجمه جو پڇي ٿو ته شمسه ٻڌائيس ٿي ته سندس ڪاليج ۾ ساليانو فنڪشن آ دير سان ايندي. مريم فريش ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ٿي. هٿ منهن ڌوئي ٻاهر اچي ٿي ته سندس چهري تي خوشي بکي رهي آهي.

”رحمان....! ڪمري ۾ ته وڃي ڏس نه.... ننڍڙي لاءِ جدا پلنگ رکيو اٿن.... پر ننڍڙو ته مونسان سمهندو نه. اڪيلو ڊڄندو نه.“

”آهسته آهسته عادت پئجي ويندس. تون فڪر نه ڪر.“

رحمان کيس سمجهائي ٿو.

گهر ۾ عقيقي ۽ خوشي ملهائڻ جو تياريون زور شور سان ٿي رهيون آهن. شمسه گهڙي گهڙي ڪمري مان نڪري نجمه کي هدايتون ڏئي رهي آهي. کيس اسڪول وڃڻ لاءِ به دير پئي ٿئي. آخر کيس چوي ٿي ته سنيتا کي فون ڪري هيلپ لاءِ سڏي وٺي. گهر جي سيٽنگ کي

ٿورو بدلائي ويهن پنجويهن ماڻهن جي ويهڻ جو بندوبست ڪري ڇڏين. نجمہ ماءُ کي چوي ٿي تہ هوءَ بي فڪر ٿي اسڪول وڃي. سڀ ڪجهہ سندس مرضي موجب ٿي ويندو. ٻئي طرف مريم رحمان کان پڇي ٿي تہ هن سندس ماءُ ۽ مامي کي فون ڪري اچڻ لاءِ چيو هو ڪيس ٻڌائي ٿو تہ هن نياپو موڪلي ڇڏيو آهي، اهو چئي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

شام جي وقت سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ اسٽڊيءَ ۾ مصروف آهي تہ فون جي گهنٽي وڄي ٿي هوءَ ڌيان نہ ٿي ڏئي تہ ڪونہ ڪو ڪڻندو پر گهنٽي لڳيتو وڄندي رهي ٿي، هوءَ ڪاوڙ مان ڪتاب پاسي تي رکي اٿي ٿي، هوڏانهن شوڪت علي ڪمري مان فون کڻڻ لاءِ چوي ٿو. الائي سڀ ڪيڏانهن هليا ويا هينئر وري ڪنهن کي فون ڪرڻ جي پئي آهي هرويرو اسٽڊي جي وقت اچي ڊسٽرب ڪندا آهن، چوندي ٻاهر اچي فون کڻي ٿي،

”سنڌيا مان رحمان صبحاڻي شام جو فواد جي عقيقي جي خوشي ۾ هڪ ننڍڙو فنڪشن آهي ۽ تون اچين ٿي، نيڪ آهي نہ........“

”ليڪن رحمان ...............

”ليڪن ويڪن... ڪجهہ بہ نہ بس تون اچين ٿي، انڪار جي گنجائش ناهي، نجمہ توکي فون تي دعوت ڏيندي.“

سنڌيا هيلو هيلو ڪندي رهي ٿي ليڪن رحمان فون بند ڪري ڇڏي ٿو...... سنڌيا وري پريشان ٿي وڃي ٿي، رحمان جي گهر وڃڻ ۽ اهو بہ مريم جي موجودگي ۾، جيڪڏهن هن کي ٿورو بہ اسان جي تعلق جو احساس ٿي ويو تہ هوءَ تہ گهر ڪٽي مٿي تي کڻندي، آپا ۽ آنٽي منهنجي باري ۾ ڇا سوچينديون. وري ذهن ۾ رحمان جا لفظ گونجن ٿا، انڪار جي ڪا گنجائش ڪونهي.

”يا الله مان ڪهڙي مشڪل ۾ ڦاسي وئي آهيان.“ انهي وقت نجمه جي فون اچي ٿي جيڪا ڪيس دعوت ڏئي ٿي.

اڄ رحمان آفيس مان جلدي اٿي ٿو ته جيئن فنڪشن جي انتظامن ۾ هٿ ونڊرائي. ٻاهر اچي گاڏي جو در کولي ٿو ته پويان ڪير سندس ڪلهي تي هٿ رکي ٿو مڙي ڏسي ٿو ته امتياز بيٺو آهي. رحمان ڪيس ڏسي پڇي ٿو.

”اڙي يار ڪٿي آهين. ان ڏينهن تڪڙ ۾ فون نمبر به ڪونه ڏنئي. ائين هليو وئين.“

”ڪيڏانهن پيو وڃين..... گهر.....“

”ها يار گهر پيو وڃان.“

”ٿوري دير لاءِ ڪٿي هلي ڪچهري نه ڪيون.“

رحمان گهڙِي ڏسي چوي ٿو:

”نه يار گهر ۾ سڀ انتظار ڪندا هوندا. تون گاڏيءَ ۾ ويهه.“

ٻئي ويهن ٿا رحمان گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو.

”يار صبحاڻي گهر ۾ هڪ ننڍڙو فنڪشن آهي. ننڍڙو فواد ڳوٺ ۾ ڄائو هو ان ڪري امان ڏاڍي ناراض هئي. پر ڇا ڪجي.... ڳوٺاڻيون رسمون به نڀائڻيون آهن نه. شادي جو ڳوٺ مان ڪيم.“

رحمان بي ساختگي ۾ چئي وڃي ٿو. ڪيس ياد نه ٿو رهي ته ان ڏينهن هن سنڌيا کي سندس پاپيءَ جي حيثيت سان تعارف ڪرايو هو. هو بنا سوچي سمجهي سڀ ڪجهه چئي وڃي ٿو. امتياز حيرت مان ڪيس ڏسي ٿو رحمان ڳالهه پوري ڪري ٿو ته امتياز پنهنجي حيرت دور ڪرڻ لاءِ پڇيس ٿو.

”ڇا چيئي. شادي.. ننڍڙو.. ڳوٺ.... يار مون ڪجهه سمجهيو ڪونه. ان ڏينهن ته تو ٻڌايو هو ته هوءَ ڇوڪري تنهنجي فيانسي آهي. اڄ وري ڳالهه ئي ٻين پيو ڪرين. ڪهڙي شادي جي ڳالهه پيو ڪرين. ته پوءِ هوءَ ڇوڪري ڪير هئي. مون خواه مخواه ان جو رستو روڪي ڪانئس تنهنجو حال احوال پئي ورتو“

امتياز يڪ ساهي ڪوڙ سارا سوال ڪري ويو.

”يار تو تہ سوالن جي پر مار ڪري ڇڏي، در اصل ڳالهہ هي آهي، رحمان سربستي ڳالهہ ڪيس ٻڌائي ٿو امتياز جو سندس ڳالهيون ٻڌي وات ڦٽجي وڃي ٿو آخر جڏهن هو پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري ٿو تہ امتياز تنبيهي لهجي ۾ چويس ٿو

”واه جي اسٽوري آهي، محبت سنڌيا سان، شادي مريم سان... يار اها تہ ٻنهي سان زيادتي آهي، تون هڪ پڙهيل لکيل سلجهيل ذهن جو ماڻهو... نہ يار نہ... ڏس رحمان...! هوءَ ڇوڪري سنڌيا مون کي تہ ڏاڍي سمجهدار سلجهيل ۽ شريف پئي لڳي، تون هاڻي هن کي سندس حال تي ڇڏي ڇونہ ٿو ڏين...“

”نہ يار توکي تہ شروع کان منهنجي نيچر جي خبر آهي.... مان پنهنجي ڪابہ شيءِ، جيڪا مونکي پسند هجي، ان تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ناهيان هوندو.“

”ان جو مطلب تہ ٻي شادي ڪندين.“

”اهو في الحال ناهي سوچيو..... خير ڇڏ ان ڳالهہ کي، صبحاڻي اچين ٿونہ عقيقي جي پارٽي ۾، اتي سيني سان ملاقات بہ ٿي ويندئي.“

”نہ سوري يار... منهنجي هڪ بزنس ميٽنگ رکيل آ، مان نہ اچي سگهندس، مونکي سامهون ورڪ شاپ تي لاهي ڇڏ، مون کي پنهنجي گاڏي کڻڻي آهي.

رحمان کيس اتي لاهي اڳتي وڌي وڃي ٿو.

●

گل بانوءَ جو گهر رنگين بلبن ۽ روشنين سان سينگاريل آهي رنگ برنگي جهنڊيون ڦمڦمہ هر طرف روشنيون ئي روشنيون آهن، گهر ۾ مهمانن جي اچ وڃ لڳي پئي آهي، نجمہ ۽ رحمان لائونج ۾ مهمانن کي رسيو ڪري رهيا آهن، ڊرائينگ روم ۾ شمسہ گل بانو ۽ شهر بانو ۽ مردن ۾ مراد خان ۽ جاويد مصروف گفتگو آهن. هڪ طرف مريم صوفي تي ڪنوار وانگر سجيل سنواريل ويٺي آهي، سندس هنج

۾ ننڍڙو فواد آهي جنهن کي ڏسي خوش ٿي رهي آهي، هر طرف ٽهڪڙا ۽ خوش گپيون ٿي رهيون آهن. گل بانو به مريم کي ڏسي خوش ٿي رهي آهي، ٿوري دير کان پوءِ جاويد اٿي ٻاهر لائونج ۾ اچي ٿو نجمه کيس ايندو ڏسي شرمائجي وڃي ٿي، جاويد رحمان جي پرسان اچي ويهي ٿو ۽ نجمه کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته هوءَ هاڻي اندر مهمانن سان وڃي ويهي هو رحمان سان ڪمپني ڪري ٿو. رحمان کلندي کيس چوي ٿو ته کيس هينئر کان ئي پنهنجي فيانسي جو ايترو خيال آهي اسان کي ته ڪير پڇي ئي ڪونه ٿو. اهو ٻڌي نجمه شرمائجي وڃي ٿي، رحمان ٿورو پري هٽي سگريٽ دکائي ٿو ته جاويد موقعي جو فائدو وٺي نجمه جي تعريف ڪري ٿو. رحمان گهڙي ڏسي هنن جي ويجهو اچي ٿو نجمه مامي جي اندروني ڪيفيت کي پرکي وڃي ٿي، انڪري چوي ٿي ته سندس خيال ۾ سڀ مهمان اچي ويا آهن ان ڪري هاڻي اسان کي به اندر هلي انهن کي جوائن ڪرڻ کپي، انتي رحمان چوي ٿو

”ها، ها، توهان هلو مان سگريٽ ختم ڪري اچان ٿو. نجمه سمجهي وڃي ٿي ته هوڪنهن جو انتظار ڪري رهيو آهي، هوءَ نه ٿي چاهي ته رحمان جو سنڌيا سان ٽڪراءُ ٿئي، ڇو ته هن کي مريم ۽ شهربانو جي سياءُ جي خبر آهي، جي هنن کي ٿورو به شڪ پيو ته هرويرو پري محفل ۾ سنڌيا جي ڪانه ڪا گهتتائي ڪري وجهن. ان ڪري مامي کي چوي ٿي،

”ماما توهان سگريٽ ختم ڪيو ته گڏجي ٿا هلون. مامي دل ۾ ڪندي ته سندس اڄ جي گهوٽ ۽ هسبنڊ کي اڪيلو ڇڏي آيا آهيون،“

ڇيڙڻ جي انداز ۾ کلندي چويس ٿي، هونئن به توهان کي بطور گهوٽ جي مامي ءَ جي پرسان وڃي ويهڻ کپي.

”ته جيئن جاويد ۽ توکي روح رهاڻ ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي.“

انهي وقت مريم ننڍڙي کي کنيو اوڏانهن اچي ٿي،

”توهان به هلي اتي ويهو نه، هتي ڇا لاءِ بيٺا آهيو. سڀ مهمان توهان جو پڇن پيا.“

ٻانهن کان جهلي ڪيس اتان وٺي وڃي ٿي ته نجمه ۽ جاويد به سندن پويان اندر هليا وڃن ٿا. ان ئي وقت سنڌيا سنيتا سان گڏ اندر اچي ٿي، هو آهستگي سان شمسه ۽ گل بانو ڏي وڌي وڃن ٿيون ۽ سندن پرسان وڃي ويهن ٿيون. رحمان جي نظر پري کان مٿن پوي ٿي ته دل ۾ چوي ٿو ٿوري دير اڳ ۾ نه ٿي آيون ڪيتري دير کان انتظار پئي ڪيم.

پر ۾ وينل مريم ڪانئس پڇي ٿي ته سنيتا سان گڏ ٻي ڇوڪري ڪير آهي، اهو ٻڌي رحمان جو ڇرڪ نڪري وڃي ٿو ڄڻ ڪنهن سندس چوري پڪڙي هجي. پوءِ به ڪيس ڇوٽو پوي ٿو ته هوءَ نجمه جي سهيلي آهي.

انهيءَ وقت گل بانو صغرا جي هٿان هڪ وڏي ٿش ڪڻائي اچي ٿي، جنهن ۾ ننڍڙي جي رسمون ڪرڻ جو سامان آهي. ڪارا ڌاڳا موتي پوتل ڪيس هٿن پيرن ۾ پارائي نرڙ تي ڪارو ٽڪو لڳائيس ٿي، ڳچي ۾ سوني چين ۽ آڱر ۾ ويڙهه پارائيس ٿي. سڀ رسمون ڪرڻ ڪانپوءِ آڱر سان ماکي چٽرائيس ٿي ته سڀ مبارڪون ڏين ٿا. سهرن لاڏن واريون مايون ننڍڙي ۽ رحمان جا سهرا ڳائن ٿيون هر طرف کل خوشيءَ جو سماء آهي. رسمن کان پوءِ شمسه سيني کي مانيءَ جي ميز تي هلڻ لاءِ چوي ٿي، سڀ اٿن ٿا. مهمان جيئن ئي ميز ڏي وڌن ٿا ته ٿوري بي ترتيبي ٿي وڃي ٿي، انهي وقت لائيٽ هلي وڃي ٿي، ان موقعي جو فائدو وٺندي رحمان سنڌيا جي پرسان پهچي ڪيس هٿ کان جهلي خالي ڪنڊ ڏانهن وٺي وڃي ٿو سنڌيا جو نظرون سنيتا کي تلاش ڪن ٿيون پر گوڙ ۽ اونده ۾ سنيتا کي ڳولهڻ ۾ ناڪام ٿي زوري گهلجندي رحمان سان وڃي ٿي، هوءَ آهسته آواز ۾ احتجاج ڪري ٿي.

”هي ڇا پيا ڪيو، اگر ڪنهن ڏسي ورتو ته مفت ۾ خواري ٿيندي.“

”اونداهي ۾ ڪير ٿو اسان ڏي توجه ڏئي. مونکي هٿ لائي محسوس ڪرڻ ڏي، اڄ تون ڏاڍي خوبصورت پئي لڳين مان توکي ڇُهي ان احساس جي خوشبو محسوس ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”رحمان پليز پنهنجا هٿ پري ڪيو مون کي ڇڏيو مونکي ڊپ ٿو لڳي، جيڪڏهن اوچتو لائيٽ اچي وئي ته..........“

”ته پوءِ ڇا ٿي پيو. تون صرف منهنجي آهين. ڪنهن کي خبر پئي ته پرواهه ناهي.“

رحمان سنڌيا کي هڪ طرف وٺي ويجي ٿو ۽ سندس چهرو هٿن ۾ پري ڪيس پنهنجي قريب آڻي ٿو اڪين ۾ نهاري هن کي وڌيڪ قريب ڪري ٿو ته سنڌيا زوري سندس هٿ پري ڪري ٿوري هٽي بيهي ٿي،

”اهو ڇا پيو ڪرين.“

انهي وقت نجمه هڪ ٿالهي ۾ ڪجهه ميڻ بتيون ٻاري کڻي اچي ٿي بتين جي هلڪي روشني ۾ شهربانو جي نگاهه اچانڪ ڪنڊ ۾ بيٺل جوڙي تي پوي ٿي، حيران ٿي اوڏانهن نهاري ٿي ۽ چپن ۾ پٽڪندي چوي ٿي،

”اهو ته رحمان ٿو لڳي پر ساڻس گڏ بي ڪير آ، مريم ته اجها صوفي تي ويٺي آ، ڏسان ته سهي آخر چڪر ڪهڙو آ.“

شهربانو انهي طرف وڌي وڃي ٿي ويجهو پهچڻ تي سندس ڪنن تي ڪجهه ڳالهائڻ جو پڙ لاءِ پوي ٿو ڪنڌ لوڏي چوي ٿي،

”هون، ته اها ڳالهه آ............“

سندس چهري تي ڪئي رنگ اچن ٿا جن مان ڪاوڙ جو عنصر نمايان آهي، ڪجهه چوڻ لاءِ وات کولي ٿي، ليڪن ارد گرد جي ماحول کي ڏسندي چپ ٿي وڃي ٿي. رحمان سندس چوري پڪڙجڻ کان بي خبر عجب بيخوديءَ جي عالم ۾ سنڌيا کي پيار مان تڪي رهيو آهي، موم بتي جي روشني ٿيڻ شرط سنڌيا زوري هٿ ڇڏرائي مهمانن ڏانهن وڌي وڃي ٿي تڪڙ ۾ ميز ڏانهن وڃي خالي پليٽ کڻي ان ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه کڻي مهمانن ۾ شامل ٿي وڃي ٿي.

صبح جي وقت جڏهن مريم پنهنجي ڪمري ۾ دنيا مافيها کان بي خبر مزي جي ننڊ ۾ خوابن جي دنيا جا سير ڪري رهي آهي ته شهربانو ناشتو پاڻي ڪري سندس ڪمري ۾ اچي ٿي ڏيءَ کي ائين بي

خبر آرامي ڏسي سندس منهن تي ناگواري ۽ چڙ جا تاثرات پيدا ٿين ٿا. هوءَ پنهنجي منهن پٽڪي ٿي.

”جي نه ائين بي خبر پئي رهينءَ ته تنهنجو به گهر ٿيو. خدا توکي ساڃاهه ڏئي، گهر ۾ ته هونئن به ڪير پڇئي ڪونه ٿو. هڪ ڏينهن مڙس به وڃائي ويهندينءَ.“

ماءُ جي آواز تي مريم سجاڳ ٿي وڃي ٿي. ماءُ کي صبح ساڻ ڪمري ۾ ڏسي حيران ٿي سُستيءَ سان اٿي ويهي ٿي.

”امان تون..... ايڏو سويل اٿي آئي آهين.....!“

اهو ٻڌي شهربانو جو پارو چڙهي وڃي ٿو.

”سويل..... مائي خدا خدا ڪر. هيڏو سج چڙهي آيو آهي. گهر جا سڀ ماڻهو وڃي پنهنجي ڪمن ڪارين سان لڳا. تنهنجي لاءِ ته ڄڻ سج ئي ڪونه اڀريو آ.“

”امان.....! تون به هرويرو پئي ڪاوڙجين...... رات ايڏو دير سان سمهيا آهيون.... ۽ هتي شهرن ۾ سج اڀرڻ ۽ چڙهڻ جي ڪهڙي ٿي خبر پوي. هرويرو اڄي ننڊ ڦٽائي ٿئي. اڄهو ٿو فواد اٿي پوءِ ننڊ ٿوروئي ڪرڻ ڏيندو.“

”مائي مومل فواد کان سواءِ هن گهر ۾ رحمان به آهي، ان جو به خيال ڪندي ڪر. نه ته مڙس ويندئي هٿن مان“

”وري ڇا ٿيو. ڪيڏانهن ٿو وڃي رحمان. آفيس نه ويو ڇا.“

”اهو ته صبح ساڻ هليو ويو ۽ توکي خبر به ڪونه پئي، جي اهي حال رهيئي ته.“

شهر بانو رات جي واقعي جي باري ۾ سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي ٿي. مريم جو ڪاوڙ ۾ منهن ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو. ماءُ جي ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي چوي ٿي ته هن پهرين ته ڪڏهن به ان ڇوڪري کي هن گهر ۾ ايندي ويندي ناهي ڏٺو. رات به رحمان کان پڇيم پر هو نٽائي ويو ته نجمه جي سهيلي آهي.

”مائي هاڻي جيترو ٿي سگهي اوترو جلدي ساهرن کان جدا ٿيڻ جي ڪر.... نہ تہ مونکي ڊپ آهي تہ مڙس تي بہ تنهنجو ڪنٽرول نہ ٿي سگهندو.“

”پر امان رحمان تہ اصل نہ ٿو مڃي.“

”ڪيئن بہ ڪري مائٽن کان دل ڪٽي ڪرينس، ائين جو پاڻهي توکي وٺي جدا ٿي وڃي.“

کيس آهستہ آواز ۾ سڄي ڳالهہ سمجهائي ٿي، مريم ڪنڌ سان ها، ها ڪندي وڃي ٿي.

”ڇڱو هاڻي مان ٻاهر ٿي وڃان مامنهن پيو ڳولهيندو هوندو. منهنجي ڳالهہ کي دل سان هنڍائجانءِ، مائٽن کان دل ڦيرڻ جا سئو طريقا آهن.... هڪ دفعو جدا ٿيئن نہ تہ مڙس قابو ڪرڻ سئولو ٿي پوندئي...... مان بہ ڳوٺ پهچان تہ سائينءَ کان تعويذ ڪرائي موڪليندي سانءِ.“

شهربانو ڳالهہ پوري ڪري اٿي ٻاهر وڃي ٿي..... مريم جي اکين ۾ حاسدانہ چمڪ اچي وڃي ٿي.

”هون..... ن...... مريم جي هوندي هليو آ ٻي ڇوريءَ سان عشق لڙائڻ، مان بہ ڏسان تہ هاڻي ڪيئن ٿو ان سان ملي.“

ٻئي طرف رحمان آفيس ۾ وينو آهي تہ امتياز اندر اچي ٿو ٻئي ڏاڍي گرمجوشي سان ملن ٿا، امتياز جي ويهڻ کانپوءِ رحمان ڇانهہ گهرائي ٿو امتياز عقيقي ۾ نہ اچڻ لاءِ معذرت ڪري ٿو ڳالهين ڪندي امتياز کان رهيو نہ ٿو ٿئي تہ ڪانئس پڇي ٿو.

”يار....! ان ڏينهن توکي بہ تڪڙ هئي انڪري مان بہ هليو ويس، سڄي رات سوچيم تہ چڪر ڪهڙو آ، رحمان شادي ڪنهن سان ۽ محبت ڪنهن سان ، معاملو ڇاهي.“

رحمان کلندي چوي ٿو

”بس يار تون نہ سمجهندين اسان جي چڪرن کي، تون ٺئين بزنس مين، اسان غريب نوڪر پيشہ، پلا نوڪري مان پورت ڪٽي ٿي ٺئي، ان ڪري مستقبل کي محفوظ رکڻ لاءِ داءُ پيچ آزمائي هيراڦيري

ڪرڻي ٿي پوي، گهر ۾ دولت مند زال... تہ گهر ٻار محفوظ، ٻاهر ٿوري گهڻي ذهني عياشي اسان بہ تہ لهڻي نہ.“

”پر يار تنهنجي اها گرل فرينڊ مونکي تہ ڏاڍي شريف ۽ معصوم ٿي لڳي.... تنهنجي چنگل ۾ ڦاٿي ڪيئن.“

رحمان مڪاري جي ڪل ڪلندي،

”يار ائين نہ چئو..... مان واقعي سنڌيا سان محبت ڪيان ٿو ۽ اهو تعلق منهنجي مريم سان شاديءَ ڪان پهرين جو آهي، مان ڪيس هر حالت ۾ حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”خير اهو تنهنجو ذاتي معاملو آهي، پر يار.... اخلاقي طرح اهو مناسب نہ ٿو لڳي.“

چانهہ پئندي رحمان موضوع متائڻ خاطر پڇيس ٿو،

”تون پنهنجي خبر ڪر.... دبئي ۾ رهئين، ڪا تہ عياشي تو بہ ڪئي هوندي، عثمان پئي ٻڌايو تہ رميءَ جو ڏاڍو ماهر آهين، تہ پوءِ ٿي وڃي ڪنهن ڏينهن ڪا بازي.“

”عثمان بہ وڏو لاهہ آ، الائي ڪهڙيون خبرون پيو هلائي.... چڱو هاڻي مان اجازت وٺندس.“

موڪلائي هليو وڃي ٿو.

شام جي وقت سنيتا نجمہ سان ملڻ اچي ٿي ٻئي ڪمري ۾ وينيون آهن، نجمہ کي هڪ ڳالهہ ڪافي ڏينهن ڪان دل ۾ هُري پئي تہ سنيتا ڪان پڇي نہ پڇي، آخر اڄ موقعو ڪڍي ڪانئس پڇي ٿي،

”سنيتا، ان ڏينهن سنڌيا ڏاڍي چپ چپ هئي.“

سنيتا پهرين تہ ٽارائي وڃي ٿي پر نجمہ بہ اڄ پڪو ارادو ڪيو آهي تہ ضرور ڪانئس معلوم ڪندي،

”ٽارائين چو ٿي، مون جڏهن فون ڪئي مانس تہ پهرين تہ صاف انڪار ڪري ڇڏيائين، پوءِ اچانڪ چيائين ٺيڪ آ مان ڪوشش ڪنديس.“

”تون سمجهين ٿي تہ ڀائو رحمان جي شاديءَ جي خوشي ۾ ان جي پُٽ جي عقيقي ۾ هوءَ اچڻ چاهيندي هوندي.“

”تہ پوءِ صاف جواب ڏئي ڇڏي ها نہ.“

سنيتا هن کي سڄي صورتحال ٻڌائي ٿي تہ رحمان ڪهڙي نموني کيس پريشان ڪري ٿو،اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ نجمہ حيرت مان انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ٿي، سنيتا کي ان ڳالهہ تي ٿوري ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ چڙ مان چوي ٿي:

”هاڻي ڳالهہ وڌندي ٿي وڃي تون آپا کي سڀ ڪجهہ ٻڌاءِ تہ هوءَ کيس سمجهائي تہ سنڌيا جو پيڇو ڇڏي ڏئي ۽ پنهنجي گهر گِرهستي جو خيال ڪري.“

اتفاق سان آپا بہ ان وقت نجمہ جي ڪمري ۾ اچي ٿي ٻنهي کي سيريس ڏسي پڇي ٿي.

”ڪهڙي اهم ميٽنگ پئي هلي ينگ ليڊيز......“

نجمہ موقعو مناسب سمجهي ماءُ کي سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ٿي، هوءَ حيرت مان کين ڏسي ٿي، ڪاوڙ ۾ سندس چهرو ٽامڙي هڻي وڃي ٿو.

”توهان پهرين چونہ ٻڌايو. لڳي تہ نہ ٿو تہ رحمان اهڙِي نيچ حرڪت ڪندو. جڏهن هن پنهنجي مرضي سان شادي ڪئي تہ پوءِ سنڌيا کي تنگ ڪرڻ جو مقصد ڇاهي. نياڻي ويچاري ٻٽي عذاب ۾ ڦاسي وئي آهي. اچي رحمان...... مان ٿي ڳالهايانس.“

سنيتا کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چوي ٿي.

”آپا ٿورو ڌيرج سان، هرويرو مريم جي ڪن تي ڳالهہ پئجي وئي تہ معاملو خراب ٿي ويندو بہ ٿي ڏينهن ڏسوس متان پاڻهي سمجهي وڃي.“

”ائين نہ ٿئي جو ڳالهہ ايترو وڌي وڃي جو سنڀالڻ مشڪل ٿي وڃي، ۽ نياڻي جي زندگي تباهہ ٿي وڃي. مائي اسان پاڻ ڇاين وارا آهيون.............. نجمہ ٻڌ، آئينده جي توکي سنڌيا سان ملڻو هجي تہ

سنيتا سان گڏجي ان جي گهر هلي ويندي ڪر، ڪيس هيڏانهن اچڻ لاءِ زور نہ ڀريندي ڪر.“

اهو چئي شمسہ فڪرمندي مان اتان هلي وجي ٿي تہ سنيتا ۽ نجمہ ڳالهيون ڪرڻ لڳن ٿيون.

اڄ شهر ۾ ٽراسپورٽ جي هڙتال آهي روڊ رستا سنسان لڳا پيا آهن سنڌيا يونيورسٽي جي گيٽ تي پنهنجي گروپ جي ساٿين سان گڏ پوائنٽ بس جو انتظار ڪري رهي آهي تہ هڪ شاگرد اچي ٻڌائي ٿو تہ اڄ يونيورسٽي جون پوائنٽس ڪونہ هلنديون، شهر ۾ پٿراءُ پيو ٿئي، انڪري انتظار نہ ڪيو جنهن کي جيڪا سواري ملي وٺي گهرن ڏي وڃو.

”يار اهو تہ ڏاڍو خراب ٿيو اسان تہ جيئن تيئن ڪري ڏڪا کائي وڃي پهچنداسين، ڇوڪرين لاءِ مسئلو ٿيندو.“

ڪاشف پريشان ٿي چوي ٿو. ايتري ۾ هڪ اسٽوڊنٽ جي گاڏي اچي ٿي ڪاشف ان کي هٿ ڏئي روڪي ٿو.

”يار عدنان رفيہ ۽ پارس جا گهر تنهنجي رستي ۾ اچن ٿا تون هنن کي ڊراپ ڪندو وڃ.“

”ٺيڪ آ پر تون ۽ سنڌيا ڪيئن ٿا وڃو.“

”مان تہ محمد علي سان گڏ موٽر سائيڪل تي هليو ويندس، سنڌيا لاءِ بہ ڪو بندوبست ڪيون ٿا، ڇڱو گرلس توهان تہ روانيون ٿيو سنڌيا لاءِ بہ ڪو بندوبست ڪيان ٿو، سنڌيا توهان اتي ويهو مان وڃي ڏسان ٿو متان توهان جي روٽ جو ڪو ڇوڪرو ڪنهن ڊپارٽمنٽ مان ويندو هجي.“

ڪاشف وڃي ٿو تہ رحمان گاڏي ڪٽي اچي سنڌيا جي ڀرسان بريڪ هڻي ٿو.

”سنڌيا جلدي گاڏي ۾ ويهه. شهر ۾ ڏاڍا هنگاما ٿي ويا آهن. مونکي خبر هئي ته يونيورسٽي جون پوائنٽس نه هلنديون. ان ڪري توکي وٺڻ هليو آيس.“

”پر ڪاشف ويو آ منهنجي وڃڻ جو انتظام ڪرڻ انکي ٻڌائي ته هلان.“

”بس، بس، مان تنهنجي انهن فضول دوستن جو انتظار ڪري نه ٿو سگهان، جي هو موٽي آيو ته هروڀرو اخلاقًا ڪيس به لفٽ ڏيڻي پوندي.“

”پر.....“

”پر، ور ڪي ڇڏ. جلدي ڪر ويهه گاڏيءَ ۾.......“

اڳين سيٽ جو در کولي ٿو سنڌيا ويهي ٿي، گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو ٿورو اڳتي وڌي ٿو ته ڪاشف پويان هڪ دوست جي گاڏي ۾ اچي ٿو سنڌيا کي ويندو ڏسي،

”شايد سندس فيانسي ڪيس وٺڻ آيو هو. پر منهنجو به منٽ انتظار ته ڪن ها.“

”ٺيڪ آ. ٺيڪ آ. ائين ٿيندو آ. تون هروڀرو پريشان نه ٿي، هل مان توکي ڊراپ ڪندو ٿو وڃان.“ ٻئي طرف رحمان سنڌيا کي ٻڌائي ٿو ته هو ڪوشش ڪري سندس ڀاءُ احمد سان دوستي ڪندو جيئن سندس گهر اچڻ وڃڻ جو رستو ملي وڃي. سنڌيا ڪيس منع ڪري ٿي.

”نه رحمان پليز ائين نه ڪجانءِ، ائين اچڻ وڃڻ گهڻو وقت راز رهي نه سگهندو. جي احمد ۽ گهر وارن کي خبر پئجي وئي ته اهو منهنجي لاءِ تمام برو ٿيندو.“

”جانِ رحمان.....! ائين منع نه ڪر مان روزانو توسان ملڻ ٿو چاهيان، تنهنجي قريب رهڻ ٿو چاهيان، ان لاءِ مان پنهنجا رستا پاڻ تلاش ڪندس. تون فڪر نه ڪر، تون مونسان ملندي رهنديءَ ته تنهنجي لاءِ ڪابه پريشاني پيدا نه ٿيندي. پريشاني ته تڏهن پيدا ٿيندي جڏهن تون انڪار ڪنديءَ، ائين ڪندي هو سندس هٿ تي پنهنجو هٿ رکي ٿو. ڪيڏا نه نرم ۽ نازڪ آهن تنهنجا هٿ، مان

هميشہ اهي هٿ پنهنجي هٿن ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو. سنڌيا تون صرف ۽ صرف منهنجي آهين، منهنجي لاءِ ٺهي آهين. مان اهو ڪڏهن بہ برداشت نہ ٿو ڪري سگهان تہ ڪو ٻيو تنهنجي باري ۾ سوچي.“

سنڌيا خاموشي سان سندس ڳالهيون ٻڌندي رهي ٿي،

”ڪجهہ تہ ڳالهاءِ.... آخر تنهنجي اها ناراضگي ڪڏهن ختم ٿيندي.... هاڻي تہ مونکي معاف ڪر، ڏس مان هٿ ٿو جوڙيان.“

هٿ جوڙي ٿو تہ سامهون ايندي گاڏي سان ٽڪرائجندي بچي ٿو. سنڌيا خوف ۾ هيڊي ٿي وڃي ٿي،

”رحمان پليز.... توهان گاڏي ڊرائيو ۾ ڌيان ڏيو ذري گهٽ ايڪسيڊنٽ پئي ٿيو....“

ڪلندي،

”تون گڏ هوندينءَ تہ مونکي ٻيو ڪوبہ ڊپ ناهي.“

ان وقت سنڌيا جي گهر واري گهٽي اچي ٿي. رحمان گاڏي روڪي ٿو. هٿ پڪڙي ڪِس ڪريس ٿو. سنڌيا هٿ ڇڏائي جلدي جلدي گاڏيءَ مان لهي وڃي ٿي.

گهر جي رستي تي ويندي هوءَ سوچي ٿي، ڇا هوءَ اڄ تائين رحمان کي غلط سمجهندي رهي هئي، ڇا رحمان واقعي هن سان بي تهاشا محبت ڪري ٿو جو پنهنجي زال ۽ ٻار جي پرواهہ ڪئي بغير هن سان ملندو رهڻ ٿو چاهي، مون بہ تہ رحمان سان بي انتها پيار ڪيو آ، هو منهنجي زندگي جي پهرين محبت آهي ۽ هر ڇوڪري پنهنجي پهرين محبت کي ڪڏهن بہ وساري ناهي سگهندي....... هاڻي هو جڏهن بہ ساڻس مليو تہ هوءَ هن کان تقاضا ڪندي تہ جي هو واقعي هن سان محبت ڪري ٿو ۽ سندس بغير رهي نہ ٿو سگهي تہ پوءِ هن سان شادي ڪري. هوءَ هر حال ۾ ساڻس رهڻ لاءِ تيار آهي، بس هن سان جائز طريقي سان شادي ڪري. فيصلي تي پهچي پُر سڪون ٿي وڃي ٿي.

وقت پنهنجي رفتار سان گذري رهيو آهي ان ڏينهن کان پوءِ رحمان بہ پنهنجي نين دوستين يارين ۾ مصروف ٿي ويجي ٿو گهر ۾ ننيڙي فواد جي کلڪارين ۽ مٺن ٻولن ۾ مگن ٿي ويجي ٿو ان ڪري سنڌيا جي طرف سندس ڌيان ڪجهہ وقت لاءِ هٽي ويجي ٿو. سنڌيا بہ پنهنجي پڙهائي طرف ڀرپور ڌيان ڏئي رهي آهي، ان ڪري پنهنجي هر سيمسٽر ۾ سٺن نمبرن سان ڪواليفاءِ ڪري رهي آهي. اڄ بہ شوڪت ۽ ڪومل لائونج ۾ ويٺا آهن تہ سنڌيا يونيورسٽي مان واپس اچي ٿي منهن تي ٿڪاوٽ سان گڏ خوشي نمايان لڳي پئي، فائيل ۽ بيگ ميز تي رکي ٿي، شوڪت علي غور سان ڪيس ڏسي ٿو اڄ گهڻي عرصي کانپوءِ سندس چهري تي خوشي ڏسي اطمينان جو ساهہ کڻي ٿو.

”اڄ منهنجي ڌيءَ ڏاڍي خوش پئي لڳي، پڪ ڪا خاص ڳالهہ آ.“ ڪومل اندازو لڳائيندي چوي ٿي،

”پڪ لاسٽ سيمسٽر جي رزلٽ آئي هوندي ۽ منهنجي سنڌيا راڻيءَ ٽاپ ڪيو هوندو.“

”پا..... پپي.... توهان بہ اهڙا آهيو سڄو سرپرائيز ئي وڃائي ڇڏيو.“

”ان جو مطلب تہ مون سهي اندازو لڳايو.“

شوڪت علي اٿي سندس مٿي تي هٿ رکي ٿو

”ڇئبو اڄ منهنجي سنڌيا ميدان ماري آئي آهي.“

”۽ بابا اهو ثابت ڪري ڏيکاريائين تہ محنت ڪٿي بہ ڪجي، چاهي سرڪاري ادارن ۾ يا هاءِ ليول جي انگلش ميڊيم ۾، محنت ڪٿي بہ رائگان نہ ٿي وڃي.“ ڪومل فخر سان چوي ٿي.

”بابا اڄ مان ڏاڍي خوش آهيان، نہ صرف مون پر ڪاشف بہ ٻي پوزيشن کنئي آهي ۽ انگلش ميڊيم گروپ کي صرف ٽين پوزيشن ملي ائين اسان جو سرڪاري گروپ ٻہ پوزيشن ماري ويو.

”ٺيڪ آ صبحاڻي توهان ٻئي گروپ کي پارٽ ٽريٽ ڏجو.“

”اوڪي بابا، ڇڱو مان چينج ڪري آپي کي فون ڪري ٻڌايان ٿي.“

”ها، ها ضرور، ان خبر جي وڏ ۾ وڏ خوشي ان کي ئي ٿيندي، ها منهنجي پاران کيس شام گهر اچڻ لاءِ چئجانءِ، سنڌيا جي وڃڻ کان پوءِ، خدايا تنهنجو وڏو احسان آ.“

شام جي وقت سنڌيا جي پوزيشن جي خوشي ۾ فيملي گيدرنگ جو اهتمام آهي سيئي ان موقعي کي انجواءِ ڪري رهيا آهن تہ فون جي گهنٽي وڃي ٿي احمد اٿڻ جي ڪري ٿو تہ سنڌيا جيڪا فون جي پرسان ميز تي چانهہ مڪس ڪري رهي آهي فون کڻي وٺي ٿي آواز ٻڌي پريشان ٿي وڃي ٿي، ٿوري دير کان پوءِ چانهہ کڻي اندر اچي ٿي تہ سندس منهن لٿل آهي سنيتا جي نظر تاڙي وٺي ٿي ۽ اٿي چانهہ وٺي سيني کي ڏئي کيس بهاني سان ٻاهر وٺي وڃي ٿي.

ٻئي طرف رحمان امتياز سان گڏ لانگ ڊرائيو تي وڃي پيو هو اڄ ڪافي ڏينهن کان پوءِ مليا آهن، امتياز هڪ ڀيرو وري رحمان کي سنڌيا جي سلسلي ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، در اصل هن جي دل ۾ سنڌيا سان ملڻ ۽ رحمان جو ان جي باري ۾ موقف ٻڌڻ کان پوءِ هڪ سافٽ ڪارنر جڙي ويو آهي هو ڪيئن بہ ڪري هن معصوم ڇوڪريءَ کي پنهنجي هن حرفتي دوست کان بچائڻ چاهي ٿو ان ڪري هڪ آخري ڪوشش ڪندي چوي ٿو.

”رحمان مان توکي هڪ دفعو وري صلاح ڏيندس تہ تون اهو سهي نہ پيو ڪرين.“

اهو ٻڌي رحمان کيس گهوري نهاري ٿو ۽ ٺوڪ هڻندي کلي چوي ٿو.

”ڪافي ڏينهن کان ڏسان پيو سنڌيا سان تنهنجي همدردي وڌندي پئي وڃي، ڪاٿي ائين تہ ناهي تہ......“

امتياز هڪدم سندس ڳالهہ ڪٽيندي چوي ٿو

”يار اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، مان تہ پاپي ۽ ننڍڙي جي خيال سان چوان پيو. جي ان کي تنهنجي هن سائيڊ افيئر جي خبر پئجي وئي تہ هوءَ ڳوٺاڻي عورت آ، ان کان اهو برداشت نہ ٿيندو.“

”ڇڏ يار ان ڳالهہ کي، مان پاڻهي مينيج ڪري وٺندس. پوءِ ڇا پروگرام آ هلجي تنهنجي فليٽ تي، هڪ بہ بازي رمي جي ٿي وڃي.“

”واءِ ناٽ....! اڄ مان بہ بلڪل فارغ آهيان اڄ ڪجهہ دوست بہ اچڻا آهن واه جي محفل ڄمندي.“

”تہ پوءِ شام جي ڇانهہ هلي ٿا تنهنجي فليٽ تي پيون ۽ رات جي محفل جو اهتمام بہ ڪيون ٿا.“

رات جي گهري خاموشي، جڏهن سڄي ڪائنات جن و بشر، پکي پکڻ، جيت جڻيا، سڀ اگهور ننڊ ۾ آهن. سنڌيا پنهنجي بيڊ تي اداس ليٽي پئي آهي ننڊ ڄڻ تہ ڪائنس رسي وئي آهي، بيڊ تي پاسا ورائي پاڻ کي پر سڪون ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي ليڪن هڪ خيال سندس من اندر بار بار اچي کيس بي چين ڪري رهيو آهي،

”اڄ مان ڪيڏي نہ خوش هئس، منهنجي آنرز ۾ پوزيشن اچڻ جي خوشيءَ ۾ سڀ گهر ڀاتي انجواءِ ڪري رهيا هئا، رحمان فون ڪري مونکي زبردستي ملڻ لاءِ چئي منهنجي سڄي خوشي ڪافور ڪري ڇڏي، هو تہ منهنجي ڪا ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نہ هئو مس، مس وڃي مڃيو. مان ڪيڏي اپ سيٽ ٿي وئي هئس، اهو تہ سنيتا بروقت مونکي سنڀالي ورتو نہ تہ طارق ڀائو ۽ زهره خالہ ڇا سمجهن ها.“

ڪيس پنهنجي بزدلي تي سخت ڪاوڙ اچي رهي هئي،

”مان بہ ڪيڏي نہ بزدل ۽ بيوقوف آهيان. آخر رحمان کان ايترو ڇا لاءِ ٿي ڊڄان. آخر رحمان ڪندو ڇا، هرو ڀرو پيو ڊيڄاري ڌمڪائي. جي هاڻي مونکي پريشان ڪيائين تہ مان کيس صاف صاف چونديس

تہ توکي جيڪو وڻي وجي ڪر مونکي تنھنجي ڌمڪين جي پرواھہ ناھي، الائي سمجھي ڇا ٿو پاڻ کي.“

سوچيندي سوچيندي الائي ڪيڏي مھل نند جي ديوي کيس خوابن جي دنيا ۾ وٺي وجي ٿي.

صبح جي وقت شوڪت علي نماز وغيره کان فارغ ٿي، ٻاھرين دروازي وٽان وجي تازي اخبار کڻي ٿو ۽ اچي ڪرسي تي ويھي پڙھڻ لڳي ٿو ورق ورائيندو وڃي ٿو اچانڪ سندس نظر ھڪ تصوير تي پوي ٿي، ڇھري جو رنگ اڏامي وڃيس ٿو اکيون ڦاٽي وڃنس ٿيون، اخبار ھٿن مان ڪري پويس ٿي، دل تي ھٿ رکي ھيٺ جھڪي وڃي ٿو احمد پنھنجي ڪمري مان نڪري دستور موجب پيءُ کي سلام ڪرڻ لاءِ اچي ٿو ۽ کيس اھڙي حالت ۾ ڏسي سندس ھٿن مان اخبار وٺي ڏسي ٿو ۽ ڪومل کي سڏي ٿو ڪومل ڊوڙندي اچي ٿي، پيءَ کي سنڀالڻ جو چئي ڊاڪٽر کي فون ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو آوازن تي سنڌيا بہ ڊوڙي ٻاھر اچي ٿي، اخبار تي نظر پويس ٿي، اھا کڻي ھڪ پاسي رکي ٿي ۽ ٻئي شوڪت کي سنڀالڻ جي ڪن ٿيون، انھي وقت ايمبولنس اچي ٿي جنھن ۾ کيس سڀ کڻي اسپتال وڃن ٿا. اتي پھچي ھن کي آءِ سي يو ۾ رکيو وڃي ٿو سڀ سندس زندگي ۽ سلامتي لاءِ دعائون گھرن ٿا سنڌيا جي ڇھري تي ندامت، ڏک ۽ پيڙا جو احساس آھي، ھوءَ سوچي ٿي تہ اھو سڀ ھن جي ڪارڻ ئي ٿيو آھي پيءُ جي ان حالت جي ذميدار ھوءَ ئي آھي، ڪاش.......! مان ان وقت ئي مري وڃان ھا، جڏھن مون نند جون گوريون کاڌيون ھيون، ڪاش.....! مان رحمان سان ملڻ کان انڪار نہ ڪيان ھا تہ اڄ منھنجي بابا جو اھو حال نہ ٿئي ھا، دعا لاءِ ھٿ مٿي کڻي ٿي،

”رب منھنجا....! منھنجي خطائن جي سزا منھنجي بابا ۽ گھر وارن کي نہ ڏي، مالڪ....! نہ تہ مان ڪڏھن بہ پاڻ کي معاف ڪري نہ سگھنديس.“

سندس نظر گھر ڀاتين تي پوي ٿي جيڪي ھن کان پري بيٺا آھن ۽ نفرت ڀرين نگاھن سان کيس گھوري رھيا آھن، انھي وقت

ڊاڪٽر ٻاهر اچي ٿو سندس چهري تي مايوسي ڇانيل آهي، سڀ جلدي جلدي ڊاڪٽر ڏانهن اميد ڀرين نگاهن سان نهاري هن ڏي وڌن ٿا، پر سنڌيا سندن تيز نظرن جو تاب نہ سهندي اتي ئي ويهي رهي ٿي سندس ۾ اها همٿ ئي ناهي جو سندن ويجهو وڃي.

احمد ڊاڪٽر جي ڀرسان وڃي اميد ڀرين نگاهن سان ڏسي ٿو.

”آءِ ايم سوري احمد، اسان ڪوشش جي باوجود توهان جي والد صاحب کي بچائي نہ سگهياسين، اهو ٻڌي سڀ اوچنگارون ڏئي روئڻ ٿا. ڊاڪٽر احمد علي جو دوست آهي، سندس ڪلهي تي هٿ رکي دلداري ڏئيس ٿو. سڀ ماڻهو هن کان لا تعلق ٿيو بيٺا آهن، هوءَ روئندي چوي ٿي،

”هي مون کان ڇا ٿي ويو، مان بابا جي قاتل آهيان.... مون پنهنجي پيءُ جو خون ڪيو آهي، مون ڪيو آ پنهنجي پيءَ جو خون، مان پاڻ کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪنديس.... ڪڏهن بہ..... (هيجاني ڪيفيت ۾..... سڏڪا ڀريندي...) ڪڏهن بہ نہ....معاف ڪنديس.“

سنڌيا پنهنجي بستري تي گهري ننڊ ۾ سڏڪندي.... پڙڪي ٿي.... ڪڏهن بہ..... معاف... انهي وقت پنهنجن ئي آوازن تي سندس اک کلي وڃي ٿي سندس اکين مان وهندڙ لڙڪ سندس وهاڻي کي آلو ڪري رهيا آهن. ڇرڪ ڀري اٿي ٿي ۽ واٽزن جيان ڪمري ۾ ٻرندڙ زيرو جي بلب کي هڪ ٽڪ نهاري ٿي، ڪجهہ دير لاءِ ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هوءَ ڪٿي آهي آخر اٿي ويهي رهي ٿي، تڏهن ڪيس سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هوءَ خواب ڏسي رهي هئي... ڀيانڪ خواب..... هٿ مٿي کڻي خدا جوشڪر ادا ڪري ٿي، ”خدايا...! لک احسان تنهنجا، جو اهو سڀ هڪ دل دهلائيندڙ خواب هئو ۽ منهنجي لاءِ سبق بہ..... اگر مون رحمان سان ناتو جوڙي رکڻ کان انڪار ڪيو تہ رحمان ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو. منهنجون تصويرون ۽ خط دنيا وارن کي ڏيکاري مونکي بدنام ڪري سگهي ٿو. مان پنهنجي بيوقوفي ۽ غلطين جي قيمت پنهنجي والدين جي خواري ۽ رسوائي سان ڪڏهن بہ نہ چڪائينديس، قصور مون ڪيو آهي، جو رحمان جهڙي شخص سان

محبت ڪئي، ان ۾ منهنجي گهر وارن ڪهڙو ڏوهه ڪيو هاڻي مونکي پنهنجو پاڻ کي قسمت جي حوالي ڪرڻو ئي پوندو. جيڪو منهنجي نصيب ۾ لکيل هوندو. اهو مون اڪيلي کي ڀوڳڻو پوندو.“

اهو سوچيندي ننڊ کجي ويئيس ٿي.

امتياز جي فليٽ تي سندس ڪجهه دوست ۽ رحمان تاس جي بازي لڳائي ويٺا آهن سيني جي اڳيان ڪجهه رقم رکيل آهي ۽ ڊرنڪ جو دور هلي رهيو آهي، رات ڪافي گذري وئي آهي، رحمان گهڙي ۾ وقت ڏسي موڪلائڻ جي ڪري ٿو ته ڪجهه دوست چونس ٿا ته اجان ته هاڻي محفل متي آهي ۽ هو وڃڻ جي پيو ڪري، ان تي رحمان چوين ٿو ته سندس ماءُ انتظار ڪندي هوندي، سڀ ڪلي چونس ٿا ته امان نه پر ڪو بيبو اوسيئڙي ۾ هوندو. چڙ يار سنگت کي چو تو وچ ۾ رولين. ويهه هڪ بازي بي تي وجي پوءِ هليو وڃجانءِ. هو امتياز کي چوي ٿو ته سندس گلاس ختم ٿي ويو آهي، امتياز بوتل کڻي سندس گلاس ڀاهي ٿو ۽ چوي ٿو يار بک به لڳي آهي هو هيٺان ڪجهه وٺي ٿو اچي پر هڪ دوست ٻڌائيس ٿو ته هن اڳ ۾ ئي کائڻ پيڻ جو سجو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي جو خبر پئي ته رحمان تنهنجو پيارو دوست آهي، ان جي خاطرداري ته ڪرڻي آهي نه. هو اٿي پليٽن ۾ ڪجهه کائڻ جو سامان لاهي کڻي اچي سندن آڏو رکي ٿو سڀ کائڻ سان گڏ مشروب جون چسڪيون به وٺن ٿا ۽ تاس جي بازي به لڳائيندا وڃن ٿا. رات جا ٽي ٿين ٿا ته سڀ نشي ۾ چور اوٻاسيون ڏيندا اٿن ٿا ۽ موڪلائيندا پنهنجن گهرن ڏي روانه ٿي وڃن ٿا. رحمان جا قدم لڙڪڙائن ٿا اٿي وڃڻ جي ڪري ٿو.

”يار مان هاڻي گهر ٿو هلان ڏاڍي دير ٿي وئي آ.“

”نه رحمان تنهنجي حالت ٺيڪ ناهي ۽ هن حال ۾ تنهنجو گهر وڃڻ درست نه ٿو لڳي، رات جا ٻه ٿي ڪلاڪ وڃي بچيا آهن، هتي ئي سمهي رهه صبح جو هليو وڃجانءِ.“

رحمان جون اکيون بند ٿينديون وڃن ٿيون اتي ئي صوفي تي ليٽي پوي ٿو تہ گهري ننڊ ۾ ڪجي وڃيس ٿي.

ٻئي طرف گل بانو ۽ شمسہ گھر ۾ سخت پريشاني جي عالم ۾ ويٺيون آهن، گل بانو گهڙي گهڙي دروازي ڏانهن نهاري ٿي سندس نظرون سامهون ٽنگيل گھڙيال ڏي ڪڃي وڃن ٿيون وقت جون سيون پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌي رهيون آهن پر رحمان جو ڪو اتو پتو ڪونهي، شمسہ ماءُ جي بيچيني کي سمجهي رهي آهي،

”امان الائي ڪٿان فون ڪئي هئائين تہ دوست ڏي ٿو وڃان ٿوري دير ٿي ويندي پر ايتري دير.... فون بہ الائي ڪٿان ڪئي هئائين نمبر بہ ڪونهي جو پڇي وٺجي،“

”ڇوڪري کي الائي ڇا ٿي ويو آهي.“

شمسہ جي ڪنن ۾ نجمہ ۽ سنيتا جون ڳالهيون ٻُرڻ لڳن ٿيون تہ رحمان سنڌيا کي پريشان ٿو ڪري، ڇپن ۾ پٽڪندي،

”جهليوسينس تہ پنهنجي طبيعت جي خلاف نہ ڪر شادي، پر مڙيو ڪونہ، هاڻي نہ رهيو آ گھر جو نہ گهاٽ جو. پرائي نياڻي بہ ڦاسايائين ۽ هاڻي وتي ٿو ٻاهريان پاسا وٺندو.“

گل بانو حيرت سان شمسہ ڏي نهاري ٿي،

”ڇو شادي جي ان ۾ کهڙي ڳالھ آ. زال ۽ پُٽ سان تہ خوش آ.....“

”ها امان بظاهر تہ خوش آهي، پر سنڌيا مان بہ آسرو نہ ٿو پلجيس، ويچاري نياڻي کي اچي پريشان ڪيو اٿائين.“

”اهو وري تون ڪيئن پئي چوين؟“

شمسہ ڪيس سنيتا ۽ نجمہ جي ڪيل سڄي گفتگو اکر بہ اکر ٻڌائي ٿي، گل بانو کي ڏندين آڱريون اچي وڃڻ ٿيون،

”اهو تہ رحمان سنو نہ پيو ڪري... انهي وقت مريم بہ اکيون مهٽيندي ٻاهر اچي،“

”آپا رحمان اڃان گهر ناهي موٽيو الائي ڇو دير ڪئي اٿس.“

”اڇي ويندو. شام ڇيو هئائين ته ڪنهن دوست جي دعوت آهي، تون پريشان نه ٿي، وڃي فواد وٽ ليٽ. ڪيس اڪيلو نه ڇڏيندي ڪر.“

”امان توهان به هلي آرام ڪيو رحمان اچي ويندو.“

مريم منهن کي موڙو ڏئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي ته هو ٻئي به اندر هليون وڃن ٿيون.

صبح جي وقت رحمان جي جڏهن اک کلي ٿي ته حيراني سان هيڏانهن هوڏانهن نهاري گهڙي ۾ ٽائيم ڏسي ٿو.

”او.....و.... صبح جا اٺ پيا ٿين ۽ مان هتي، (ياد ڪندي)“

رات شايد گهڻو پيئڻ جي ڪري مون کي هوش ئي نه رهيو ۽ هتي ئي سمهي رهيس، گهر ۾ سڀ پريشان ٿيندا هوندا، امان جو ته الائي ڪهڙو حال ٿيو هوندو...... مريم جو ته فڪر ناهي، سمهي ته صبح جو پئي اٿندي، ڪير آيو ڪير ويو، ڪيس ڪا سڌ ئي نه هوندي.“

آرس پيچي اٿي ٿو انهي وقت امتياز ڪمري کان ٻاهر اچي ٿو.

”يار رحمان...! واه جي تنهنجي ننڊ، هيڏو سج چڙهي آيو آ، يڪو تنهنجي ننڊ ...“

شرمسار ٿي چوي ٿو ته باقي سنگت ڪاٿي آ.... امتياز ڪيس ٻڌائي ٿو ته اهي سڀ اوڏي مهل ئي هليا ويا تنهنجي حالت اهڙي نه هئي جو توکي وڃڻ ڏجي ها.

اٿندي شرمساري مان چوي ٿو.

”يار مان هلان ٿو گهر وارا، خاص ڪري امان سخت پريشان هوندي.“

”ترس چانهه جو ڪوپ پي وٺ فريش ٿي پوءِ وڃجانءِ.“

رحمان چانهه پي گهر لاءِ نڪري وڃي ٿو.

ٻئي طرف گل بانو بستري تي پاسا ورائي رهي آهي سڄي رات اوسئڙي ۽ دعائون گهرندي گذري وڃي ٿي پري کان مسجدن ۾ بانگن جا آواز اچن ٿا ته تپ ڏئي ڪلمو پڙهي اٿي ٿي، پرسان سهيل شمسه به ڪچي پڪي ننڊ مان سجاڳ ٿي اٿي ويهي ٿي، ماءُ ڏانهن نهاري ٿي،

جنهن جون اکيون اوجاڳي سبب ڳاڙهيون ۽ ننڊارکيون آهن. پريشاني سندس چهري تي صاف نظر اچي ٿي. نجمه به اوپاسيون ڏيندي ڪمري ۾ اچي ٿي.

”لڳي ٿو ته ناني اصل ناهي سمهي.“

شمسه کو جواب ڏئي، ان کان اڳ گل بانو پڇي ٿي.

”مريم اڃان ڪونه اٿي آ.“

”سمهڻ ڏيوس امان، هوئن به دير سان اٿندي آ. ڏينهن جو فواد سمهڻ نه ٿو ڏئيس.“

”رحمان جواڃان ڪو اتو پتو ناهي.“

شمسه دل تي پٿر رکي چوي ٿي.

”امان ڳڻتي نه ڪر اچي ويندو. دوستن جي دعوت هئي دير ٿي وئي هوندس ته اتي ئي ترسي پيو هوندو.“

سڀئي اٿي نماز پڙهن ٿيون ۽ نجمه. شمسه ناشتو ٺاهڻ ۾ لڳي وڃن ٿيون گل بانو به دور ڪري دعا گهري ٻاهر اچي ٿي. نجمه ناشتو ميز تي لڳائي ٿي ته ان وقت ڊور بيل وڄي ٿي. نجمه اهو چوندي در ڏي وڃي ٿي ته پڪ ماما هوندو. در کولي ٿي. رحمان ٽڪل ٽڪل اندر داخل ٿئي ٿو. راتوڪي نشي جو خمار اڃان اکين ۾ اٿس. جيئن اندر اچي ٿو ته گل بانو جنهن سڄي رات اکين ۾ ڪاٽي آهي. ڪاوڙ ۾ چويس ٿي.

”شابس ٻچا شابس. هن عمر ۾....... هن ماءُ کي اڃان الائي ڪهڙا صدما سهڻا آهن. توکي ذرو خيال نه آيو ته تنهنجي هيءَ ماءُ سڄي رات ۾ گهڻا دفعا مُئي هوندي. نه ٿي آئين ته هڪڙي فون ئي ڪرڪائي ڇڏين ها.“

رحمان شرمساري وچان ٻهانو ڪندي چوي ٿو.

”سوري امان......! دوستن جي ڪچهري ۾ وقت جو خيال ئي نه رهيو. تان جو صبح ٿي ويو جيئن ئي احساس ٿيو سڌو گهر پيو اچان.“

شمسه ڪاوڙ ۽ شڪايت ڀرئي لهجي ۾.

”رحمان ايڏي غير ذميداري جي تومان توقع نه هئي......... امان جي طبيعت جي خبر به اٿئي........ سڄي رات اک نه هئين اٿس.“

”امان توهان هاڻي هلي آرام ڪيو....... ڏسو توهان جو شهزادو سهي سلامت گهر موٽي آيو آ.“

گل بانو ڪاوڙمان رئي جي پلو سان ڳوڙها اگهندي،

”هاڻي ڪهڙو آرام ڪبو. تون نيرن پاڻي ڪري وڃي آرام ڪر.“

رحمان اوٻاسي ڏيندي چوي ٿو.

”نه امان مان هينئر ٿوري دير آرام ڪندس اڳو پوءِ لنچ ڪندس، مريم به اڃان ڪونه اٿي آ نه.“

ٿورو شرم پرچائڻ لاءِ ويندي ويندي چوي ٿو.

”ها شام سڀ تيار ٿيجو ڪٿي ٻاهر هلي ڊنر ڪنداسين.“

●

هڪ ڏينهن سنڌيا يونيورسٽي جي سيڻي دوستن جي گڏيل دعوت تان واپس اچي رهي هئي ته رستي ۾ رحمان اچي گاڏي روڪي کيس ويهڻ لاءِ چوي ٿو. سنڌيا جنهن ان ڏينهن جي خواب کان پوءِ سوچي ڇڏيو آ ته پنهنجو پاڻ کي تقدير جي حوالي ڪري ڇڏيندي، ان ڪري خاموشي سان گاڏي ۾ ويهي رهي ٿي، رحمان به ڪجهه ڳالهائڻ کان سواءِ گاڏي ڊرائيو ڪندو سمنڊ ڪناري ڪنهن تنها گوشي طرف اچي روڪي آسمان تي ڪارا گهاٽا ڪڪر ڇانيل هئا. سمنڊ جون لهرون هوا جي زور تي تمام بلندي تي وڃي رهيون هيون. هوا تمام تيز هئي جيڪا ٽڪرين سان ٽڪرائجي عجيب آواز پيدا ڪري رهي هئي، سنڌيا جيڪا هميشه تيز هوائن جي گهوگهٽ کان ڊڄندي آهي، ان جي من اندر خوف پيدا ٿي رهيو هو جنهن جا آثار سندس چهري تي صاف نظر اچي رهيا هئا. رحمان هن جي ڊڄڻي طبيعت کان واقف آهي سندس منهن ڏي نهاري کيس چوڻ لڳو.

”ڊڄ نه منهنجي هوندي، توکي ڀلا ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت آ.“

”رحمان توسان گڏ هوندي ئي تہ مون کي خوف ۽ وسوسا گهيري وٺن ٿا. پليز منهنجي حال تي رحم ڪيو.

”چڱو پريشان نہ ٿي، واپس ٿا هلون. بس نہ.“

●

نہ چاهڻ باوجود بہ سنڌيا هن سان ڪناري ڪناري ٿڌي واري تي پسار ڪندي رهي ٿي. تہ وقت جو احساس ئي نہ ٿو رهي آخر اٿندي چوي ٿي تہ هاڻي گهڻي دير ٿي وئي آهي هلڻ گهرجي گهر انتظار ڪندا هوندا. ٻئي اٿي گاڏي ڏانهن وڌن ٿا.

ڪجهہ ڏينهن ائين گذري وڃن ٿا تہ هڪ ڏينهن سنڌيا اخبار جي ورق گرداني ڪري رهي آهي تہ سندس نظر هڪ نيم خودمختيار اداري ۾ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر جي آسامي جي ايڊ تي پوي ٿي جنهن سان سندس ڪواليفڪيشنز ٺهڪي اچن ٿيون. خوش ٿي پيءُ ۽ احمد سان مشورو ڪري اپلاءِ ڪري ٿي ۽ ڪجهہ ئي ڏينهن ڪان پوءِ انٽرويو لاءِ ڪال اچي ٿي تہ سنڌيا خوش ٿي وڃي ٿي ۽ جنهن ڏينهن انٽرويو آهي ان ڏينهن صبح ساڻ تيار ٿي احمد کي چوي ٿي تہ هو کيس آفيس ويندي رستي ۾ ڊراپ ڪندو وڃي. پيءُ کان دعائون وٺي ٿي شوڪت علي کيس چوي ٿو تہ انشا الله هوءَ ضرور ڪامياب ٿيندي. ٻئي موڪلائي ٻاهر نڪري وڃن ٿا تہ ڪومل سُهري کي چوي ٿي تہ،

”بابا سنڌيا جي آنرز ۾ پوزيشن آئي هئي تہ مون کيس ماسٽرز ڪرڻ لاءِ چيو، سندس ارادو بہ هيو پر پوءِ الائي ڇا ٿيس، چيائين تہ هوءَ هاڻي جاب ڪندي، ماسٽرز لاءِ شام جا ڪلاس وٺندي.“

شوڪت علي ٿڌو ساهہ ڀريندي،

”مرضي جي مالڪ آ. کيس پريشان ڏسي اسان بہ مٿس زور وجهي نہ سگهياسين، ٿي سگهي ٿو تہ ان ۾ ئي سندس بهتري هجي، رب سٺائي ڪندو.“

ٻئي طرف سنڌيا هڪ شاندار آفيس ۾ داخل ٿئي ٿي، جتي ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي آهي، هڪ وڏي هال ۾ شاندار صوفه رکيل آهن، جن تي ڪيترائي مرد ۽ عورتون فائيل کنيو ويٺل آهن، ڀرسان رکيل ڪائونٽر تي هڪ اسسٽنٽ نما شخص سامهون رکيل لسٽ ۾ ڏسندي واري واري سان نالا پڪاري ۽ سامهون ايم ڊي جي آفيس ۾ وڃڻ لاءِ چوي ٿو. سنڌيا بيچيني سان پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهي آهي، ڪڏهن فائيل کولي ورق ورائي ٿي ته ڪڏهن دروازي مان نڪرندڙ اميدوارن جي چهرن کي ڏسي ٿي، ان وقت سندس ڪنن تي آواز اچي ٿو.

”مِس سنڌيا شوڪت علي.........“

سنڌيا جلدي اٿي ٿي فائيل کڻي اندر وڃي ٿي، سامهون هڪ شاندار ميز جي چوگرد ٽي با رعب شخص ويٺل آهن جيڪي هن کان اڳ ۾ آيل اميدوارن جي متعلق پاڻ ۾ ڊسڪس ڪري رهيا آهن. وچ واري ڪرسي تي ويٺل شخص سنڌيا کي اندر داخل ٿيندي سرسري نگاهه سان ڏسي ٿو. ٽيبل جي سائيڊ واري ڪرسي تي ويٺل شخص کي اشاري سان ڪجهه چوي ٿو. هو سنڌيا کي سامهون واري ڪرسي تي ويهڻ جو اشارو ڪري ٿو. ويهڻ ڪانپوءِ وچ وارو شخص جيڪو ايم ڊي آهي فائيل کولي ڪانئس پڇي ٿو.

”ها ته مِس سنڌيا شوڪت علي توهان انگلش ۾ آنرز فرسٽ ڪلاس فرسٽ آهيو.“

”يس سر....“

”هن کان پهرين به توهان جو شاندار اڪيڊمڪ ڪيريئر رهيو آهي، ته پوءِ توهان بجاءِ ماسٽرز ڪرڻ جي جاب ڇو پيا ڪيو ڪا گهريلو مجبوري، يا مالي پريشاني.“

”نو سر، ڪا خاص ريزن ڪونهي، مون سوچيو ته اگر سُٺي آفر آهي ته ڇو نه ٽراءِ ڪجي.“

”پِلا هن کان اڳ ۾ ڪو ڪم ڪرڻ جو تجربو.“

”نو سر. وقت وڏو تجربي گاهه آهي موقعو مليو ته ڪم به ڪبو ۽ تجربو ته ڪم ڪرڻ کان پوءِ حاصل ٿي ئي ويندو.“

ايم ڊي پاسي تي ويٺل شخص کي مخاطب ٿي،

”مظفر صاحب توهان کي ڪو سوال ڪرڻو هجي ته.......“

مظفر جيڪو دلچسپي سان سنڌيا جي سوالن جا جواب ٻڌي رهيو هو. زيرِ لب مسڪرائي چوي ٿو.

”نو..... نو سر..... ڪافي آ...... مِس سنڌيا جي خود اعتمادي ئي ٻڌائي پئي ته هوءَ مطمئن آهي ته جيڪڏهن دل نه چوي ته پوءِ ان ڳالهه کي ڇڏي ڏجي.“

”ٺيڪ آ مِس...... توهان هلو. اگر توهان هن جاب لاءِ سليڪٽ ٿي ويا ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ توهان کي آفر ليٽر ملي ويندو.“

”ٿينڪيو سر......“

سنڌيا اٿي ٻاهر وڃي ٿي ته هو ٽئي ڊسڪس ڪن ٿا،

”منهنجي خيال ۾ اها ڪينڊيڊيٽ هن پوسٽ لاءِ سوٽ ڪري ٿي.“

ان تي مظفر چوي ٿو ته:

”سر مون پهرين نظر ۾ ئي سمجهي ورتو هو ته توهان هن ڪينڊيڊيٽ کي ئي سليڪٽ ڪندا.“

”ته پوءِ نظام صاحب هن ڇوڪريءَ جو آفر ليٽر ٺهرائي وٺو.“

”جيڪو حڪم سر.....“

●

هوڏانهن نجمه جي شادي جون تياريون زور شور سان ٿي رهيون آهن. مريم به ماءُ جي ڏسيل راهه تي هلڻ جي پوري ڪوشش ۾ رڌل آهي ۽ مڙس کي پڙڪائڻ جو ڪو موقعو هٿان نه ٿي وڃائي. جنهن ڏينهن کان کيس خبر پئي آهي ته سندس مڙس جو سنڌيا سان واسطو آهي جنهن ۾ سندس گهر وارا به ان رشتي ۾ راضي هئا ان ڏينهن کان هن جو

گهر وارن سان جڙڻ تہ وير ٿي ويو آهي اندر ۾ اُلا پڙڪندا رهنس ٿا، وس نہ ٿو پڄيس تہ رحمان کي جلد کان جلد مائٽن کان دور وٺي وڃي جو وري هنن جو پاڇو بہ مٿس نہ پوي، ان لاءِ دل ئي دل ۾ پهہ پچائيندي ۽ منصوبہ سٽيندي رهي ٿي. هر وقت موقعي جي تلاش ۾ رهندي آهي اڄ بہ قدرت طرفان هڪ موقعو سندس هٿ چڙهي وڃي ٿو. منجهند جي مانيءَ کان پوءِ شمسہ ۽ نجمہ گل بانوءَ کان اجازت وٺي تيار ٿي شاپنگ لاءِ وڃڻ لاءِ پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪرن ٿيون تہ منهن ۾ مريم ملين ٿي جيڪا جڳ ڪنيو پاٽيءَ پرڻ لاءِ ٻاهر نڪتي آهي، هنن کي تيار ٿي ويندو ڏسي ٻاهہ وٺي وڃيس ٿي، مٿان وري شمسہ کيس چوي ٿي تہ امان جي طبيعت ٿوري سست آهي، هوءَ آرام پئي ڪري، سندس ٿورو خيال رکجانءِ، اهو ٻڌي ويتر چڙ وٺيس ٿي،

”آپا مان پاڻ ٿڪجي پئي آهيان فواد کي کير پياري آرام ڪنديس.“

”ٺيڪ آ تون ڀلي آرام ڪر، اسان امان جي اٿڻ کان پهرين واپس اچي ويندا سين.“

هنن جي وڃڻ کان پوءِ مريم منهن ئي منهن ۾ ڀڻڪندي،

”هونهن........! پاڻ وڃن شاپنگ تي ۽ مان ڪيان سندن ماءُ جو خيال، هونئن مونکي پڇن ڪونہ.“

ان وقت ماءُ جو سبق ياد اچيس ٿو تہ مڙس کي اهڙو پڙڪاءِ جو مجبور ٿي توکي جدا گهر وٺي ڏئي. اهو سوچيندي ذهن ۾ هڪ ترڪيب اچيس ٿي،

”هاڻ ڏس تہ مان رحمان کي ڪيئن ٿي هنن جي خلاف مجبور ڪيان.“

ڪمري ۾ وڃي تي وي کولي ٿي ننڍڙو فواد بيبي ڪاٽ ۾ سمهيو پيو آهي پرسان پلنگ تي ويهي ڊراءِ فروٽ چڱندي رحمان کي فون ڪري ٿي تہ هو ڪانئس پڇي ٿو تہ هينئر ڇو فون ڪئي اٿئي، نخريلي انداز ۾ ڪنجهندي چوي ٿي،

”منهنجي..... طبيعت خراب ٿي وئي آهي، بخار بہ ٿي ويو آ...... ڏاڍي ڪمزوري پئي محسوس ٿئي.“

”تہ پوءِ ڪا دوا وٺ نہ...... آپا کي چئو تہ ڪا بخار جي گوري ڏيئي ۽ نجمہ کي چئو تہ چانهہ ٺاهي ڏيئي .“

”تنهنجي آپا ۽ نجمہ گهر ۾ هونديون تڏهن نہ.“

”ڪيڏانهن ويون آهن..... تون چوين ها نہ تہ تنهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي.“

مريم روئندي چوي ٿي،

”منهنجي ڪنهن کي پرواهہ پئي آ تنهنجي گهر ۾...... مان مران يا جيان...... الٽو هدايت جاري ڪري ويون آهن تہ امان جو خيال رکجانءِ.“

”پر هينئر ويون ڪيڏانهن آهن.“

”ڪيڏانهن وري ڪيڏانهن..... نجمہ بيگم جي شاديءَ جي شاپنگ پئي ٿئي لاڳيتي..... ڪٿڙ جي ئي ناهي...... هونئن پئسو ناهي..... هيڏانهن لاڏلي بيگم لاءِ گهر پيو ڦرجي. خير منهنجو ڇا، (ڪنجهندي ڪڙڪندي) الا مان مري ويس، منهنجو ساهہ الائي ڪيئن ٿو ٿئي تڙڪڻيءَ اچي ورتو اٿم.“

●

”چڱو تو آرام ڪر مان ٿو اچان.“

اهو ٻڌي مريم پريشان ٿي وڃي ٿي، لڳن کي هٿ لائي ٿي تہ ٿڌا لڳا پيا آهن هاڻي ڇا ٿيندو رحمان آڏو سندس ڪوڙ ظاهر ٿي پوندو، هڪدم منع ڪريس ٿي،

”نہ نہ توکي آفيس ۾ ڪم هوندو.“

”ڪم ايڏو ضروري ناهي، اڄ آپا سان هڪ هڪاڻي ڪبي، منهنجي زال جو ڪنهن کي خيال ڪونهي.“

اهو ٻڌي مريم جو منهن خوشيءَ وچان ٻهڪي اٿي ٿو تہ آخر سندس تير نشاني تي لڳو مان رحمان کي ايڏو مجبور ڪنديس جو هو پاڻ جدا ٿي گهر ونندو. اچانڪ خيال اچيس ٿو تہ رحمان گهر اچي پيو ۽ ڪيس بخار تہ آهي ڪونهي، هاڻي ڇا ڪري نہ تہ رحمان اڳيان ڪوڙي ٿي پوندي،

”مريم ڪجهہ ڪر، (سوچيندي ماءُ جا اکر دل تي تري اچنس ٿا تہ ٿوري گهڙيءَ لاءِ لڱ ڪوسا ڪرڻا هجن تہ بصر ڪچ ۾ رکي ڇڏجي، تيز بخار واري حالت ٿي ويندي، هوءَ جلدي ڪچن ۾ وڃي بصر ڪٽي ڪڇ ۾ رکي ٿي رحمان جي اچڻ کان اول ئي سندس لڱ ڪوسا ٿي وڃن ٿا.

”واه جي ترڪيب آ، امان مجيم تون وڏي حرفتي آهين.“

گاڏي جو آواز ٻڌي جهٽ پلنگ تي ليٽي مٿان چادر وجهي ڪنجهڻ لڳي ٿي رحمان ڪمري ۾ اچي سندس ٻانهن ۽ پوءِ مٿي تي هٿ رکي ڏسي ٿو.

”ايڏو تيز بخار......... ۽ توکي اهڙي حالت ۾ ڇڏي پاڻ شاپنگ تي هليون ويون..... اڄ اچن تہ مان سڌو ٿو ڳالهايانِ.“

دوا کٽي مريم کي ڏئي ٿو جيڪا نظر بچائي پلنگ جي پويان ڦٽي ڪري ڇڏي ٿي، ٿوري دير کان پوءِ شمسہ ۽ نجمہ واپس اچن ٿيون، شمسہ شاپنگ بيگس کٽي ماءُ جي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي، نجمہ لائونج ۾ فرج مان پاڻي ڪڍي پيڻ لڳي ٿي تہ رحمان آواز ٻڌي ٻاهر اچي ٿو پويان مريم ٽپ ڏئي اٿي ويهي ٿي،

”واه جو لڳو نشاني تي هاڻي مچندو ممڻ ۽ ايندومزو......... جي مون رحمان کي مائٽن کان جدا نہ ڪيو تہ منهنجو نالو بہ مريم ناهي، هليو آ مريم جي هوندي هُن ڇوري سان عشق لڙائڻ، مان هن کي سيني کان ايڏو پري وٺي ويندس جو منهن ڏسڻ کان سڪنديون.“

نجمہ پاڻي پي گلاس ميز تي رکي ٿي تہ رحمان ڪاوڙ ۾ ٻاهر اچي ٿو.

”ڪيڏانهن وتو ٿيون سڄو ڏينهن گهمنديون. گهر ۾ ڪو ٽڪاءُ به اٿو يا نه.“

نجمه جنهن مامي کي اهڙي انداز ۾ ڳالهائيندي ڪڏهن به نه ڏٺو هو. حيران ٿي مامي کي ڏسي ٿي.

”ماما ڇا ڳالهه آ. ڪاوڙ ۾ پيا لڳو.“

”ڪاوڙ.......! توهان کي ايترو به خيال ناهي ته گهر ۾ ڪو بيمار آ. ڪنهن جي طبيعت خراب آ. شاپنگ پڳي پئي وئي جو اڄ ئي ڪرڻي هئي.“

”پر ماما ناني امان ته پاڻ اسان کي اجازت ڏني هئي. امي کيس دوا ڪارائي هئي.“

”نانهه امان جي ڪير ٿو ڳالهه ڪري. مريم جي طبيعت سخت خراب آ. ان کي تيز بخار آهي. فواد روئي روئي ساٽو ٿي پيو آهي. توهان کي ڇيائين پوءِ به هليون ويئو.“

رحمان جو تيز آواز ۾ ڳالهائڻ ٻڌي شمسه ٻاهر نڪري اچي ٿي.

”ڇا ڳالهه آ. جو ايڏو گرم پيو ٿين جڏهن اسان وياسين پئي ته مريم بلڪل ٺيڪ هئي ۽ آرام ڪرڻ پئي وئي. جڏهن مون کيس چيو ته امان جو خيال ڪجانءِ ته پاڻ چيائين ته مان پاڻ آرام ڪرڻ پئي وڃان.“

اهو ٻڌي هو ويتر تپي باهه ٿي وڃي ٿو.

”ان جو مطلب ته مريم ڪوڙ پئي ڳالهائي. توهان سڀني جو ته پهرين ڏينهن کان ساڻس وير آهي...... ڇاڇي کي به توهان جي رويي جي ڪري نه ٿو گهرايان جو هتي ڪو ساڻس سئين منهن ڳالهائي نه ٿو. سڌي طرح ڇئو ڇونه ٿيون ته توهان مريم سان گڏجي رهڻ نه ٿيون چاهيو.“

شمسه تي ڄڻ سڪتو طاري ٿي وڃي ٿو حيرت سان ياءُ جي منهن ڏانهن ڏسي ٿي رحمان هن کان اول ڪڏهن به حدون نه اوراگهيون هيون سندس سامهون اهڙي طرح نه ڳالهايو هيو. ڏڪاري ٿي چويس ٿي.

”تون اڄ وڏي ڀيڻ جي ڳالهه جو يقين نہ ٿو ڪرين..... چوان پئي تہ مريم اسان جي وچڻ وقت بلڪل ٺيڪ هئي......“

”بس آپا گهڻو ٿيو..........“

گوڙ ٿي گل بانو بہ سجاڳ ٿي ڪاوڙ مان ٻاهر اچي ٿي،

”توکي هاڻي ڪنهنجو بہ لحاظ ڪونهي رهيو. تنهنجي الائي ڪهڙي مرضي آ، جي توکي اسانجي ڳالهہ نہ ٿي وڻي تہ پوءِ بسم الله، جيئن توکي وڻي تيئن ڪر، رکي ڏي زال کي بہ ٿي نوڪرياڻيون خدمت چاڪريءَ لاءِ.“

ماءُ جي ڳالهہ ٻڌي رحمان آپي کان نڪري ويجي ٿو. لحاظ مروت عزت سڀ ڪجهہ وسري ويجيس ٿو.

”تہ پوءِ صاف صاف چئو نہ تہ توهان سڀني کي اسان مان وڏو ڏک آهي.“

شمسہ کي ماءُ جي طبيعت بگڙڻ جو انديشو ٿئي ٿو. هوءَ سمجهي ويجي ٿي تہ ڳالهہ وڌندي پئي ويجي ان ڪري معاملي کي ٿڌو ڪرڻ جي خيال کان،

”امان توهان جي طبيعت صبح کان ٺيڪ ناهي توهان هلي آرام ڪيو..... مان ڏسان ٿي تہ مريم کي ڇا ٿيو آ.....“

”رهڻ ڏيو... مريم کي توهان جي همدردي جي ڪا ضرورت ناهي، مون ڪيس چانهہ ۾ دوا ڏئي ڇڏي آ ۽ چاچيءَ کي بہ فون ڪري ڇڏي آ تہ اچي ساڻس رهي.“

اهو ٻڌي شمسہ کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو تہ اڄ رحمان اسان کان ايڏو بدظن ٿي ويو آ جو ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. سندس اکين ۾ لڙڪ اچي وڃن ٿا، ڏکاري آواز ۾ ڪيس چوي ٿي تہ:

”جيئن سندس مرضي.“

نجمہ کي اشارو ڪري ٿي، ٻئي گل بانو کي وٺي سندس ڪمري ڏانهن هليون وڃن ٿيون.

هڪڙي ڏينهن جڏهن سنڌيا ۽ سنيتا خوشگوار موڊ ۾ ڊرائينگ روم ۾ ميوزڪ ٻڌي رهيون هيون تہ ڪومل اچي کين ٻڌايو تہ احمد سان

گڏ سندس ڪجهہ دوست آيا آهن توهان ٻاهر اچي وڃو. هو ٻئي جيئن ڊرائينگ روم مان نڪرن ٿيون تہ سندن نگاهہ احمد ۽ سندس دوستن تي پوي ٿي، ٻئي حيران ٿي وڃن ٿيون. احمد سان گڏ پيو ڪير نہ پر رحمان ۽ سندس دوست امتياز پيا اچن، سنڌيا، سنيتا جي وهم و گمان ۾ بہ نہ هو تہ رحمان اهڙي حرڪت ڪري سگهي ٿو ٻئي طرف امتياز بہ هن کي ڏسي ششدر ٿي وڃي ٿو. ڪيس رحمان کان اهڙي گهٽيا پڻي جي توقع بہ نہ هئي تہ هو ان حد تائين وڃي سگهي ٿو سنڌيا رحمان کي شڪايتي انداز ۾ نهاري ٿي جڻ چوندي هجي رحمان تون ايترو ڪميڻو بہ ٿي سگهين ٿو؟

۽ رحمان هن جي نظرن جي پرواهہ ڪئي بغير شرارتي نظرن سان ڪيس ڏسي اکين ئي اکين ۾ جڻ چوندو هجي تہ ڏس، مان آخر تنهنجي گهر جي اندر پهچي ويس نہ. هاڻي تہ پڇي ڏيکار.

احمد پيڻ کي حيران ڏسي ٻڌائيس ٿو تہ هي سندس سهيلي جو مامو آهي ۽ هي سندس دوست امتياز. ان ڏينهن اتفاق سان هنن سان ملاقات ٿي وئي هئي ڪالهہ فون ڪري حال احوال ڪيائين تہ مون چانهہ تي مدعو ڪيو مانس، نہ چاهيندي بہ ٻنهي کين سلام ڪيو ۽ اندر هليون ويون. رحمان زيرِ لب مسڪرائيندو رهيو.

ٻئي ڪمري ۾ ڊوڙنديون آيون ۽ بيڊ تي اچي ڦهڪو ڪيائون، سنيتا فڪرمندي مان،

”هي تہ ڏاڍو خراب ٿيو هاڻي بهاني سان هتي ايندو رهندو ۽ هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور سيني کي خبر پئجي ويندي.“

”تہ پوءِ مان ڇا ڪيان هو تمام چالاڪ شخص آهي.“

”ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ڪرڻو پوندو. هاڻي جڏهن بہ هو توسان ڪانٽيڪٽ ڪري، تون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪر تہ هو اهڙو ڪوبہ قدم نہ کڻي، هو هونئن بہ توسان ٻاهر ملي ٿو تہ پوءِ گهر ۾ اچڻ جي ڪهڙي ضررت آهي،“

”ٺيڪ آ مان ڪوشش ڪنديس..........“

”چڱو هل تہ پاپي ڪومل جي ڪجهہ مدد ڪيون.“

•

انتر ڪرڻ ڪان پوءِ نجمہ جي شادي ٿئي ٿي اڄ سندس رخصتي آھي، ھال ۾ نجمہ ڪنوار جي روپ ۾ سينگاريل ويٺي آھي، ٻئي طرف جاويد ۽ سندس گھر وارا ۽ ٻيا مھمان، سنيتا، ڪومل، سنڌيا ۽ رابعہ سڀ شاديءَ ۾ شريڪ آھن، نجمہ آتشي گلابي شراري سوٽ ۽ جيولري پاتل تمام خوبصورت ۽ معصوم لڳي رھي آھي، ماءُ ڪان جدائي جو تصور ڪيس جھوري رھيو آھي، ان ڪري ھوءَ اداس پئي لڳي ۽ شمسہ ۽ گل بانو ڪي سندس نظرون تلاش ڪري رھيون آھن، سنيتا ۽ سنڌيا ڪيس بيوٽي پارلر تان تيار ڪرائي وٺي آيون آھن، جاويد گھوٽ جي روپ ۾ موڙ ٻڌيو ويٺو آھي ۽ اک بچائي ڪنوار ڪي پيار ڀرين نگاھن سان بار بار ڏسي خوش ٿي رھيو آھي، گھوٽ جي ماءُ ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسندي،

”ادي شمس ۽ امان الائي ڪيڏانھن ويون دير پئي ٿئي، اسان ڪي وڏو سفر ڪرڻو آھي.“

شمسہ قرآن شريف ھٿ ۾ کڻي اچي ٿي ۽ ان جي سائي ۾ ڏيءُ ڪي رخصت ڪري ٿي، نجمہ واري واري سيني سان موڪلائي ٿي، ماءُ ۽ ناني سان موڪلائڻ مھل سڏڪا ڀري روئي ٿي، شمسہ ۽ ناني بہ روئندي ساڻس موڪلائن ٿيون، ھڪ سينگاريل گاڏي ۾ گھوٽ ڪنوار ڪي ويھاريو وڃي ٿو، رحمان ۽ مريم بہ اداس ھڪ طرف بيٺا آھن.

رخصتي ڪان پوءِ رابعہ ڪومل ڪي چوي ٿي تہ احمد الائي ڪٿي آھي ڪافي دير ٿي وئي آ، ھاڻي ھلڻ گھرجي، ان وقت احمد بہ اچي وڃي ٿو ۽ سڀ موڪلائي ٻاھر اچي گاڏيءَ ۾ ويھن ٿا.

شام جو وقت آ رحمان آفيس مان واپس آيو تہ سندس موڊ سخت خراب ھو، ڪمري ۾ مريم ننڍڙي ڪي ڪنيو ڪير پياري رھي آھي تہ رحمان اندر اچي ٿو، مريم سندس موڊ جي پرواھہ ڪئي بغير ساڳيو راڳ آلاپڻ شروع ڪري ٿي،

”رحمان تو گهر جي باري ۾ ڪجهه ڪيو. ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن مان امان سان به ناهيان ملي.“

”گهر سان، امان جي ملڻ جو ڪهڙو واسطو آهي.“

”ڪاوڙجين ڇا لاءِ ٿو. تو ته چيو هو ته نجمه جي شادي کان پوءِ تون نئون گهر وٺي ڏيندين. نجمه جي شادي وقت امان پئسه به منهنجي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي وئي هئي. هوءَ به ڳوٺ ۾ اڪيلي رهي نه ٿي سگهي.“

”پوءِ گهرائي ونئينس هتي، هتي رهڻ ۾ ڪهڙي مصيبت آهي.“

”پر ٻيو گهر وٺڻ ۾ ڪهڙي مصيبت آهي.“ هوءَ به ساڳئي انداز ۾ نهه پهه جواب ڏئي ٿي.

”فرصت ملندي ته اهو به وٺنداسين......“

”آفيس مان تتو ٿو اچين ته ٻاهيون وري اچي هتي ٿو ڪڍين.“

زور زور سان ڳالهائڻ تي ننڍڙو فواد ڊڄي روئڻ لڳي ٿو ته رحمان ڪاوڙمان چويس ٿو.

”توکان رڳو ٻار سنڀاليو نه ٿو ٿئي......“

”مان نه ٿي سنڀاليان، ٻيو تنهنجون ماءُ پيڻ ٿيون سنڀالن.....“

”چڱو هاڻي بحث نه ڪر. وڃ وڃي ماسي صغرا کي چئو ته چانهه جوڪوپ ٺاهي کڻي اچي.“

مريم سٽ سٽ ڪندي ٻار سوڌي ٻاهر هلي وڃي ٿي ته رحمان پنهنجي منهن پڻڪندي،

”آفيس ۾ صاحبن جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. گهر اچ ته هتي هن جاهل عورت جو ٺيڪو لڳو پيو آهي. جيئڻ ئي جنجال ٿي ويو آهي. ڪهڙي ڪُتي ڪنيو جو وڃي ڳوٺ مان شادي ڪري جيءَ جو جنجال ڳچيءَ ۾ وڌم.“

رحمان آفيس ۾ ڪجهه فائيلن ۾ هيرا ڦيري ڪئي آهي جنهن جي سلسلي ۾ باس روز روز کانئس باز پرس ڪندو رهي ٿو جنهن کيس ڪافي پريشان ڪري وڌو آهي. ٻئي طرف گهر اچي ٿو ته مريم روز ڪونه ڪو ڦڏو ڦهلايو ويٺي آهي. انهن ڳالهين کيس فراريت

حاصل ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو سڪون جي تلاش ۾ غلط راهن جو راهي ٿيندو ٿو وڃي.

رات جي وقت امتياز جي فليٽ تي تاس جي محفل ڄمي پئي آهي ته هڪ دوست امتياز کان پڇي ٿو ته گهڻن ڏينهن کان سندس جگري يار ڪون ٿو ڏسجي. ان تي امتياز چوي ٿو ته اسان ته آهيون ڇڙا ڇانڊ. هو ٻچڙيوال آهي سوين ڪم ڪاريون هوندس انهن کي منهن ڏئي يا يارن دوستن کي.

”ها يار چوين سچ ٿو شادي به هڪ جنجال آهي. وقت ائين گذري پيو ته اهو ڏچو پالڻ جي کهڙي لوڙ پئي آهي.“

”تڏهن ته هيڏي عمر گذري وئي آ. اسان ان خفي ۾ ناهيو پيا.“

انهي وقت رحمان اندر اچي ٿو امتياز کيس ڏسي خوش ٿي هن ڏانهن وڌي ٿو.

”هو ڏسو شيطان کي ياد ڪيو ته شيطان حاضر.“

”اڇا ته مابدولت جو ذڪر خير پئي ٿيو.“

”يار اسان آهيون يارن جا يار. جي ڪو دوست گهڻو وقت غير حاضر رهي ته ان جي ياد ته ايندي نه.“

”زهي نصيب.... ڇا پيو ٿئي.....“

”بس. تنهنجي بغير محفل اڌوري هئي. امتياز يار تي وڃي هڪ جام تنهنجي دوست رحمان جي نانُ.......“

”ڇو ڪونه.....“

اتي ٿو ۽ مشروب جا گلاس پري سيني کي ڏئي ٿو. پيئندي تاس جا پتا ورهائن ٿا. ۽ رمي کيڏڻ شروع ڪن ٿا.

گل بانو ۽ شمسه اڄ وري پريشان ويٺيون آهن. سندن نظرون بار بار گهڙيال ڏانهن کڄن ٿيون. جنهن جي سُين سان گڏ سندن پريشاني ۾ به اضافو ٿيندو پيو وڃي ٻئي ڪجهه ڇئي بنا هڪ ٻئي کي معنيٰ خيز نظرن سان نهارن ٿيون. شمسه ڪڏهن اٿي پسارڻ لڳي ٿي ڪڏهن ڪٿي ويهي ٿي ته ڪڏهن ڪٿي. بيچيني کيس هڪ جاءِ تي ٽڪڻ نه

ٿي ڏئي، گل بانوءَ جو بہ ساڳيو حال آ. ڪنهن مهل صندل تي اٿي ويهي ٿي ڪڏهن ليٽي پوي ٿي، آخر ڪانئس رهيو نہ ٿو ٿئي.

”ڇوڪري کي الائي ڇا ٿي ويو آ، جيڪو آفيس کان موٽندو هو تہ هيٺ لهڻ جو نالو نہ وٺندو هو هاڻي آ جو اڌي اڌي رات تائين گهر کان غائب آ. نہ ننڊي نيٽي زال جو فڪر اٿس نہ ننڍڙي ٻار جي ڳڻتي.“

”تڏهن تہ جهليو هيوسينس تہ نہ ڪر اهڙي بي جوڙ شادي، جتي ذهني هم آهنگي نہ هجي، پر لالچ اکين تي انڌ جون پٽيون ٻڌي ڇڏيس، هاڻي سڄو ڏينهن گهر ۾ ڪِر ڪِر ٻُڌي ٻاهر پيو سڪون تلاش ڪري........ وينو هوندو ڪٿي يارن دوستن سان.“

”مائي مون کي تہ ڊپ ٿو ٿئي تہ ڪٿي غلط صحبت ۾ نہ ڦاسي وڃي.“

”نہ امان رحمان اهڙو بہ ناهي، پڙهيل لکيل آ، ٽي سال آمريڪا رهي آيو آ، اتي نہ ڦاٿو اچي هتي ڦاسندو، توهان فڪر نہ ڪيو.“

ڳالهين دوران وقت جون سُيون تيزيءَ سان گذرنديون وقت جو احساس ڏيارن ٿيون، ٽِڪ ٽِڪ، رات جا ٻہ پيا ٿين تہ ٻاهر دروازي جي لاڪ ۾ چاٻي گهمڻ جو آواز اچي ٿو جڻ ڪير چاٻي گهمائي رهيو هجي پر در نہ کلندو هجيس، شمسہ جون اکيون در ۾ کُتل آهن ۽ در کلڻ جو انتظار پيون ڪن آخر ڪجهہ دير کان پوءِ دروازو کلي ٿو تہ اندر داخل ٿيندڙ رحمان کي ڏسي ٽِپ ڏئي اٿن ٿيون، رحمان لڙڪڙايل قدمن سان اندر داخل ٿئي ٿو سندس قميص جا بٽڻ کليل، قميص، پينٽ کان ٻاهر نڪتل، اکيون ڳاڙهيون، شمسہ جلدي وڃي پاءُ کي ٻانهہ ۾ هٿ وجهي ٿي ۽ لائونج تائين وٺي اچڻ ۾ مدد ڪري ٿي. گل بانو جيڪا پهرين حيران ۽ پريشان هئي سندس اهڙي حالت ڏسي سمجهي وڃي ٿي تہ سندس پيارو پُٽ شراب جي نشي ۾ ڌُت آ. سندس چهرو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو، پنهنجي پرورش ۽ تربيت تي شرمسار ٿي وڃي ٿي. اٿي پُٽ جي پرسان اچي ٿي ۽ ٺڪاءُ ڪري چماٽ وهائي ڪڍيس ٿي،

”تون شراب پي گهر آيو آهين، توکي ذرو بہ لحاظ نہ ٿيو تو تہ اڄ مونکي پنهنجن ئي نظرن ۾ ذليل ڪري ڇڏيو آ....... مون جهُد ڪري

توهان کي پالي وڏو ڪيو ڪڏهن احساس ٿيڻ نہ ڏنو تہ توهان يتيم آهيو توهان جي تربيت ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو ڪهڙي ڪمي رهجي وئي هئي توهان جي پرورش ۾ جو اڄ مونکي هي ڏينهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. ذرو شرم نہ آيو توکي تہ تون هي ڇا پيو ڪرين. ابا، اهڙو اخلاقي طور ڪمزور ثابت ٿيندين مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو.“

رحمان چپ چاپ ماءُ جان نصيحتون ٻڌندو رهي ٿو ۽ اوٻاسيون ڏيندو رهي ٿو. ”ننڍي نيٺي ٻن جيئڻ سان زال جو بہ خيال نہ ٿيئي، ڪهڙي گهٽتائي هئي گهر ۾، جو وڃي غلط صحبت ۾ ڦاٿو آهين.“

آوازن تي مريم ڪمري مان نڪري اچي ٿي، مڙس کي اهڙي حالت ۾ ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿي ۽ چاچيءَ کي ساڻس ڪاوڙ ڪندي ڏسي پاڻ بہ ڪاوڙ ۾ اچي وڃي ٿي، سندس ڳالهہ ڪٽيندي،

”بس چاچي بس گهڻو ٿيو. ڏسين نہ ٿي تہ رحمان جي ڪهڙي حالت آ. توکي هينئر اچي ليڪچر ڏيڻ جي پئي آ. رحمان جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، هل ڪمري ۾، ڇا حالت ڪئي اٿئي پنهنجي.“

پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃيس ٿي.

”ڏٺوَ نہ...... زال جو غلام بنجي ويو آ. ذرو بہ توهان جي پريشانيءَ جو خيال نہ ٿيس. توهان هرويرو پيا ڪاوڙ ڪري پنهنجو بلڊ پريشر هاءِ ڪيو ڇڏي ڏيوِ سندن حال تي.“

گل بانو اهو ٻڌي روئي ڏئي ٿي،

”ننڍڙو هوندو هو تہ جي مان ڪنهن غلطي تي ماريندي هئي مانس تہ وري اچي منهنجي هنج ۾ لڪندو هئو ۽ اڄ......... رئي جي پلو سان اکيون اگهي ٿي.

”چڱو اٿو هاڻي هلي آرام ڪيو...... رحمان في الحال پنهنجي هوش ۾ ناهي صبح جو سڀ نيڪ ٿي ويندو.“

ڪيس ڪمري ۾ وٺي وڃي ٿي.

اڄ موڪل جو ڏينهن آ صبح جو حسبِ معمول اڌ ڪراچي سڄي هفتي جو ٿڪ لاهڻ لاءِ آرامي هوندي آهي، باقي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ سويل ساجهر اٿي الله جو نالو وٺي ڪمين ڪارئين نڪري ويندو آهي،

رحمان جي به رات جي واقعي ڪانپوءِ دير سان اک کلي ٿي سستي وچان پاسو ورائي ڏسي ٿو مريم بي سڌ سمهي پئي آهي، پرسان بيبي ڪاٽ ۾ فواد به سمهيو پيو آهي، پاڻ ڪاهليءَ مان پاسو ورائي ٿو. کيس آهسته آهسته رات جو منظر ياد اچي ٿو.

نشي جي حالت ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ، ماءُ جي زوردار چماٽ وهائي ڪيڻ، روئڻ دڙڪا ڏيڻ اسڪرين تي هلندڙ فلم جيان کيس هڪ هڪ واقعو ياد اچي ٿو. ماءُ جي حالت شمسه جي پريشاني هڪ هڪ منظر سندس آڏو اچي ٿو شرمسار ۽ پشيمان ٿي وڃي ٿو. پڙڪي ٿو.

"امان ڇا سوچيندي هوندي، مون اڳئين پيري پاڻ سان واعدو ڪيو هو ته اڳتي امتياز وارن جي اهڙي محفل ۾ نه ويندس ۽ ڪيترن ڏينهن تائين ويس به ڪونه، خبر ناهي وري ڪيئن منهنجا قدم اوڏانهن کڄي ويا، مان امان کي هن عمر ۾ ڪوبه ڏک ڏيڻ نه ٿو چاهيان، جڏهن مان ننڍڙو هوندو هئس ۽ امان غلطي تي ماريندي هئي ته......"

سڀ ڪجهه ياد اچي وڃيس ٿو ٽپ ڏئي اٿي ٿو ۽ سڌو ماءُ جي ڪمري ۾ وڃي ٿو جنهن سڄي رات ننڊ نه ڪئي آهي ۽ روئندي رهي آهي، پاڻ وڃي ماءُ جي پيرن ۾ ويهي ٿو گل بانو پير سوڙها ڪرڻ جي ڪري ٿي ته هو سندس پير پڪڙي وٺي ٿو.

"امان مان ڏاڍو خراب آهيان، اٿي مون کي مار، ايترو مار.... ايترو...."

ماڻس جيڪا کيس چماٽ هڻڻ کان پوءِ سڄي رات روئندي ۽ پڇتائيندي رهي هئي...... اٿي کيس پنهنجي سيني سان لائي ٿي، جيئن ننڍي هوندي ڪندي هئي، ڇو ڪندو آهين پنهنجي ماءُ کي ائين پريشان، توکي خبر به آهي ته مان رات جو نوين بجي کان پوءِ تنهنجو ٻاهر رهڻ پسند ناهيان ڪندي، پوءِ به تون...."

رحمان ڪن پڪڙي،

"بس امان هي دفعو معاف ڪريو آئينده شڪايت نه ٿيندي."

ان دوران مريم الائي ڪيڏي مهل پنهنجي ڪمري ڪان نڪري ايڏانهن آئي هئي، ماءُ پُٽ کي ائين کير کنڊ ڏسي، ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي پنهنجي منهن ڳالهائيندي واپس پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي،

”رات هيڏي ٿي اٿس پوءِ ٻه ماءُ جي پيرن ۾ پيو آهي... هي ڪاٽي تو جدا ٿئي.“

”مونکي ڪا ٻي چال هلڻي پوندي نه ته پنهنجو جدا رهڻ جو خواب ڪڏهن به پورو ڪونه ٿيندو.“

•

شام جي وقت رابعه پنهنجي ننڍڙي ٻارڙي سميت مائٽن وٽ آيل آهي اتفاق سان سنڌيا سنيتا سان گڏ نجمه سان ملڻ ويل آهن جيڪا لاڙڪاڻي مان ڪافي ڏينهن کان پوءِ واپس موٽي آهي، رابعه موقعو ڏسي پيءُ کي چوي ٿي، ”بابا سائين سنڌيا لاءِ ڏاڍو سٺو رشتو آيو آهي، چوڪرو لنڊن مان ايم بي اي ڪري آيو اهي ۽ هتي اچڻ سان ڪيس هڪ سٺي ڪمپني ۾ جاب ملي آهي، طارق جي دوست جو ننڍو ڀاءُ آ، بلڪه هو هڪ ٻئي جا فيملي فرينڊس آهن.“

”ٺيڪ آ پٽ، جي سنڌيا ان رشتي لاءِ راضي هجي ته مونکي ڀلا ڪهڙو اعتراض آ، فيملي به ڏسي وٺنداسين.“

”بابا سائين، انهن جي فيملي جو اسان سان ڪافي عرصي کان اچڻ وڃڻ آ، چوڪرو تمام سٺو آهي.“

”ٺيڪ آ پوءِ ڪومل کي چئون ٿا ته سندس مرضي پڇي وٺي، انهي وقت ڪومل اچي ٿي،

”ڇا ٿيو منهنجو نالو ڇو پئي ورتوَ.“

”ڇو تنهنجو نالو وٺڻ لاءِ توکان اجازت وٺڻي پوندي ڇا، احمد کيس ڇيڙيندي چوي ٿو:

”آپا ڏسو ٿا.... هر وقت شرارت جي موڊ ۾ هوندو آ.“

پڻس کلندي احمد کي چوي ٿو.

”تو نہ سڏرندين، پُٽ ڪومل سيني کي چانھ ڏيو تڏي ٿي ٿئي.
ڪومل سيني کي چانھ ڏئي ٿي ان دوران رابعہ ڪيس سڄي ڳالھ سمجھائي ٿي، هوءَ حامي ڀري ٿي تہ ضرور سنڌيا کي ان رشتي لاءِ راضي ڪري وٺندي.“

•

ٻئي طرف سنڌيا ۽ سنيتا نجمہ جي ڪمري ۾ ويٺيون آهن ۽ ڪيس ڇيڙي رهيون آهن سنيتا ڇيڙيندي.

”ها تہ بنو راڻي جي دل لاڙ ڪاڻي وارن سان ايڏي لڳي وئي جو سڀ دوست، مٽ مائٽ ئي وساري ويٺينءَ.“

نجمہ بہ شادي کان پوءِ کُلي پئي هئي.

”ڪري ڏس نہ شادي، ڏس تہ ڪھڙا ٿا لاڏ ٿين جو وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ ٿو رهي.“

”۽ بنو راڻي جو راجا صاحب ڪٿي آ ڪونہ ٿو ڏسجي.“

”لاڳيتو موڪل تي هئو. آياسين تہ آفيس جوائن ڪرڻ ويو آهي.“

انهي وقت جاويد ڪمري ۾ اچي ٿو سلام ڪري صوفي تي اچي وهي ٿو.

”جيجا جي توهان اسان جي نجمہ راڻي کي اسان کان ايڏو پري ڪٺي هليا ويو. جي هڪ بہ ڏينهن پيا نہ اچو ها تہ اغوا جي رپورٽ ڪترائڻ پئي وياسين.“

سنيتا ڪيس ڇيڙي ٿي.

”اڇا....! پوءِ تہ شڪر آ جو گرفتاريءَ کان بچاءُ ٿي ويو.“

سنڌيا بہ حصو وٺندي.

”گرفتار تہ توهان ٿي ئي ويا آهيو.“

” اهو وري ڪيئن.....“

”نجمہ جي محبت ۾......“

جاويد ڪلندي، ”توهان تہ ڏيڄاري ڇڏيو هو.... مون سمجهو تہ سچ پچ پوليس اچي وئي ڇا.“

ان وقت آواز ٻڌي رحمان اندر اچي ٿو.

”پوليس تہ اچي وئي آهي پر، ڪنهن ٻئي جي گرفتاريءَ لاءِ........“

سنڌيا ۽ سنيتا رحمان کي ڏسي گهٻرائجي وڃن ٿيون. نجمہ کي بہ مامي جو ائين اچڻ مناسب نہ ٿو لڳي، هوءَ سوچي ٿي تہ جيڪڏهن جاويد کي ڪنهن ڳالهہ جي ڪٽڪ پئجي وئي تہ اهو سٺو نہ ٿيندو پر رحمان ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ ڪئي بغير،

”ڇو ڇا ٿيو خواتين جي بولتي ڇو بند ٿي وئي، هونءَ تہ ڏاڍو ڇهڪيون پئي جاويد کي اڪيلو ڏسي، هاڻي ٿي وڃي مقابلو....“

هوڏانهن مريم رحمان کي نجمہ جي ڪمري ۾ ويندو ڏسي ٿي تہ ٻاهر نڪري اچي ٿي ۽ سڌو نجمہ جي ڪمري ۾ اچي ٿي، اتي سنڌيا، سنيتا کي ڏسي سندس چهري جو رنگ ئي بدلجي وڃي ٿو. رحمان مريم جي تاثرات کان بي خبر ڪيس ڏسي،

”اچ، اچ، مريم تون خواتين جي طرف آهين يا..... “

مريم ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري رحمان جي ٻانهہ ۾ هٿ وجهي تقريباً گهليندي،

”توهان ٻاهر اچو مون کي توهان سان ضروري ڳالهائڻو آهي،“

ٻاهر وٺي وڃي ٿي. رحمان جي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ مريم کهڙي ڳالهہ تي موڊ خراب ڪيو آهي، هن سان گڏ هليو وڃي ٿو. نجمہ، سنڌيا سنيتا اطمينان جو ساهہ کڻن ٿيون.

مريم، رحمان کي ذري گهٽ گهليندي ڪمري ۾ وٺي اچي ٿي، رحمان سندس اهڙي رويي تي حيران ٿي وڃي ٿو تہ هن کي ڇا ٿي ويو آ جو ائين پئي ري ايڪٽ ڪري. آخر ڪانئس پڇي وٺي ٿو.

”ڇا ٿيو آ، مهمانن جي سامهون ائين ڪبو آ ڇا، هو سڀ ڇا سوچيندا هوندا تہ هنن ۾ ٿورو بہ ايٽيڪيٽ ڪونهي، جاويد هن گهر جو نياڻو آ، هو ڇا سوچيندو هوندو.“

مريم کي بہ احساس ٿي وڃي ٿو تہ هن اهو سڀ غلط ڪيو ڪيس ماءُ جي سمجهاڻي دل تي تري اچي ٿي، تہ رحمان کي ايسيتائين خبر نہ پوي تہ اسان سندس راز کان واقف آهيون جيسيتائين هو توکي جدا گهر وٺي ڏئي، جي ڪيس اها خبر پئجي وئي تہ پوءِ روائتي مردن واري هوڏ تي لهي ايندو. جيستائين مرد اهو سمجهندو آ تہ سندس زال کي سندس راز جي خبر ناهي ايسيتائين لڪائيندو رهندو ۽ زال جي هر ڳالهہ مڃيندو رهندو. پر جي هڪ دفعو شرم لٿس تہ پوءِ هو پنهنجي مردانہ فطرت تي لهي ايندو. اهو سوچي مريم پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ٿي ۽ ڳالهہ نبيرڻ جي ڪوشش ڪريٿي، ۽ روئندي نخريلي انداز ۾،

”صبح کان اڪيلي ويٺي بور پئي ٿيندي آهيان. اڄ صبح کان امان وارن جي ياد پئي اچي، ويتر تو ن آهين جو آفيس مان ايندي ئي سڌو نجمہ جي ڪمري ۾ هليو وئين. (لاڏ مان) مونکي امان وارن کي گهرائي ڏي، بس هينئر فون ڪرين.“

رحمان اطنينان جو ساهہ کڻي ٿو، هو تہ صفا ڏڄي ويو هو تہ اجهو ٿو روائتي جهيڙو مچي، پر شڪر ٿيو جو ڳالهہ ڪا بي هئي.

مريم موقعو ڏسي،

”تو گهر لاءِ ڪنهن کي چيو مان ٻيو ٻار پيدا ٿيڻ کان پهرين پنهنجي نئين گهر وڃڻ ٿي چاهيان.“

رحمان جو سڄو ذهن سنڌيا ۾ آهي پوءِ بہ زال کي ٻهلائيندي،

”ها بابا چيو اٿم، ۽ هاڻ خوش ٿي وڃ هڪ تمام سٺو گهر ڏسي آيو آهيان، آهي ننڍو پر بنگلو نما آهي.... پر.....“

”پر ڇا.“

”قيمت ڏاڍي وڏي پيا ٻڌائن........“

”قيمت جي تون ڳڻتي نہ ڪر. امان کوڙ سارا پئسا منهنجي نالي رکرائي وئي آهي.“

رحمان جي لالچي ذهن ۾ وري لالچ ابري ٿي، ان لالچ ۾ سنڌيا بہ وسري وڃيس ٿي جيڪا چند قدمن جي مفاصلي تي ويٺي آهي ۽ ٿوري

دير اڳ ۾ ان لاءِ بيتاب پئي ٿيو. اتي خوشيءَ وچان مريم کي ڀاڪر ۾ ڀري، خوشامد واري انداز ۾ چويس ٿو.

”منهنجي مريم آخر آهي نہ لينڊ ليڊي، تہ پوءِ مون کي هروڀرو فڪر ڪرڻ جي کهڙي ضرورت پئي آهي. پوءِ هلون ٿا سنڌي تي گهر ڏسڻ، پر گهر ۾ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي.“

اهو ٻڌي مريم خوش ٿي وڃي ٿي،

”نيڪ آ پوءِ سنڌي تي پڪ سان هلندي نہ.“

”ها بابا پڪ“، ڀاڪر ۾ ڀري پيار ڪريس ٿو.

●

انٽرويو جي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سنڌيا کي ان ڪمپنيءَ طرفان اسسٽنٽ ڊئريڪٽر جي جاب آفر ٿئي ٿي، گهر ۾ سڀ خوش آهن، خاص طور تي سنڌيا تہ تمام گهڻي خوش آهي تہ نہ صرف هن جي زندگي کي هڪ نئين نهج ملي ويندي، بلڪ بابا جي رٽائر مينٽ کان پوءِ هوءَ بہ گهر ۾ فنانشل هيلپ جو ڪارڻ بڻجي ويندي.

آفيس ۾ سنڌيا کي مظفر صاحب جي انڊر ٽريننگ رکيو وڃي ٿو مظفر هڪ انتهائي پڙهيو لکيو مهذب ۽ ڪوآپريٽو انسان آهي، هو سنڌيا کي دوستانہ ماحول ۾ جاب جي متعلق ننڍين ننڍين باريڪين جي واقفيت ڏئي ٿو سندس سمجهائڻ جو انداز ايڏو تہ دلچسپ ۽ نرم هوندو هو جو سنڌيا بغير ڪنهن هٻڪ جي ڪائنس هر طرح سان سوال ڪري ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ڪافي ڪم سکي وڃي ٿي، کيس مظفر جي ڪمپني ۾ ڪم ڪرڻ ۾ لطف ايندو آهي، کيس اها ڳالهہ جلد سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿي تہ اسٽڊي ۽ پريڪٽيڪل لائيف ۾ تمام گهڻو فرق آهي، هتي هر ڳالهہ نهايت ذميداريءَ سان ڪرڻي پوي ٿي ڇو تہ هر ڪم جي نظرداري ۽ نگراني ٿيندي رهي ٿي، ان ڪري هميشہ احساس ذميداري رهي ٿو. سنڌيا جي تہ هميشہ عادت رهي آهي تہ جيڪو ڪم کيس سونپيو ويندو آهي اهو پرفيڪٽلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي

آهي ۽ ان کي پوري توجهہ ۽ شوق سان نباهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي انڪري مظفر کي بہ هن سان ڪم ڪندي خوشي محسوس ٿئي ٿي.

وقت گذرندي دير ئي نہ ٿي ٿئي، سنڌيا پنهنجي ٽريننگ مڪمل ڪري هاڻي پنهنجي سيٽ باقاعده سنڀالي ورتي ٿي. ان ڪري ڪافي هشاش بشاش رهڻ لڳي آهي.

ڪيترن ڏينهن کان ڪراچي جي موسم ٺيڪ نہ هئي، گهُٽ ٻوسٽ ۽ لوساڙيندڙ گرمي ڪانپوءِ ڪجهہ ڏينهن تائين بادل کُلي وسندا رهيا. هر طرف پاڻي ئي پاڻي ٿي ويو. اڄ صبح ساڻ آسمان صاف ٿي ويو سج جا ڪرڻا ڪڪرن جي اوڍر مان جهاتي پائي فضا کي روشن ڪري رهيا آهن. هر شيءِ ڄڻ تہ ڌوپجي صاف ٿي وئي آهي. فضا عجب جهڙي هٻڪار سان معطر ٿي وئي آهي. وڻ ٽڻ ڌوپي ساوا ڇهڇ ٿي پيا آهن ڄڻ ڪين ڪنهن نئون سبز ويس اوڍيو هجي. ٿڌڙي هوا گهلڻ لڳي ۽ الائي ڪٿان ڪيهہ جهڙا اچا ڪڪر هوا سان رانديون ڪندا سڄي آسمان ۾ ڊوڙڻ لڳا. منظر ڏاڍو خوبصورت بڻجي ويو. موسم خوشگوار ٿي وئي. سنڌيا جيڪا برسات جي ڪري هڪ ٻن ڏينهن کان آفيس نہ وئي هئي. فليٽ جي بالڪوني ۾ موسم جو مزو وٺي رهي هئي ۽ بادلن کي هڪ ٻئي پويان ڊوڙندو ڏسي سندس دل ۾ انهن کي پڪڙڻ جي شديد خواهش جاڳي پئي هئي. تہ ان وقت ڪومل اچي سندس پرسان ويٺي. انجي هٿ ۾ چانهہ جو ڪوپ هئو.

”ڇا پئي ڏسين.....“

”ڏس پاپي هي بادل ڪيئن هڪ ٻئي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ۾ ڪيڏو تيزيءَ سان ڊوڙن پيا. واقعي ڪيڏو نہ من موهيندڙ نظارو آ. قدرت جا بہ عجب رنگ آهن. ڪالهہ تائين ڪيڏا ڪارا گهاٽا بادل هئا جو خوف پئي ٿيو ۽ اڄ.“

”ها چانهہ ٺاهيم سوچيم تو لاءِ بہ کڻي اچان. (ڪوپ ڏيندي) موسم تي تبصرو ڪندي، آخر مطلب جي ڳالهہ تي اچي ٿي.

”ڏي خبر هاڻي اڳتي ڇا ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو اٿئي.“

سنڌيا ڪلندي چوي ٿي،
”پاپي اڃان تہ جاب ملي آهي، جوائن ڪئي ڪجهہ ٽائيم ٿيو آ، وري ڪهڙو پروگرام ٺاهيندس.“
”پر آپا رابعہ ۽ اسان سڀني جو خيال آ تہ تون نئين گهر وڃڻ جي تياري ڪر.“
حيران ٿيندي،
”ڇو احمد کي نئون گهر مليو آ ڇا، ڏاڏا ڏنڻ اٿو پهرين گاڏي ۽ هاڻي نئون گهر.“
ڪومل ڪلندي،
”ڏس ڳالهہ کي نٽاءِ نہ، تون چڱي طرح سمجهين ٿي تہ مان ڪهڙي نئين گهر جي ڳالهہ پئي ڪيان.... منهنجو مطلب آ.... پيا گهر وڃڻ جي تياري ڪر.“
اهو ٻڌي سنڌيا ڊڄي وڃي ٿي،
”نہ نہ پاپي مون کي في الحال ڪا شادي وادي ناهي ڪرڻي.“
”پر آپا تہ تنهنجي لاءِ هڪ تمام سٺو رشتو ڪڍي آئي آهي، ادا طارق جي فيملي فرينڊس جو ڇوڪرو آ، ڪجهہ مهينا پهرين لنڊن مان ايم بي اي ڪري هتي ڪنهن ڪمپني ۾ جاب ٿو ڪري.“
ڪاوڙ مان چوي ٿي،
”نہ نہ مونکي ڪابہ شادي وادي ناهي ڪرڻي، اڃان ماسٽرز ڪرڻي آ، تعليم پوري ٿي ناهي تہ سڀني کي شادي جي ڳڻتي اچي ورايو آ.“
ڪومل حيران ٿي سنڌس منهن ڏي ڏسي ٿي، هن کي سنڌيا جي ائين ري ايڪٽ ڪرڻ جي قطعي اميد نہ هئي، هوءَ سوچي ٿي، سنڌيا شادي جي نالي تي ائين هڪدم ڇو ڀڙڪي اٿي آ، ايڏي ڪاوڙ ڇو.......
سنڌيا کي خود پنهنجي اهڙي رويي تي پشيماني ٿئي ٿي، پر اها سنڌس مجبوري آ، هوءَ سوچي ٿي تہ هوءَ ڇا ڪري، گهر وارا هاڻي روز روز فورس ڪندا ۽ رحمان مونکي شادي ڪرڻ نہ ڏيندو هوءَ ڇا ڪري هنن کي ڪيئن منع ڪري، ڇانهہ اتي ئي ڇڏي پاڻ پنهنجي ڪمري ۾

هلي وڃي ٿي، ڪومل حيران ٿي ڪڏهن چانهه ڏي ڪڏهن ويندڙ سنڌيا ڏي نهاري ٿي، هن کي الائي ڇا ٿي ويو؟ پاڻ به پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌي وڃي ٿي.

سنڌيا ڪمري ۾ اچي ڌڙام ڪري پاڻ کي بيڊ تي سٽي ٿي ۽ انتهائي بي وسيءَ مان سوچي ٿي، مان ڇا ڪيان، ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي، رحمان به ڪافي ڏينهن کان اڪيلي ۾ مليو ناهي، جو هن کي دل جي ڳالهه چوان ته جي هو واقعي مونسان محبت ڪري ٿو ته پوءِ مون سان شادي ڪري وٺي، آپيءَ کي به اوچتو منهنجي شاديءَ جو ڪهڙو اچي شوق جاڳيو آهي. اجهان ته مان پڙهندس، مونکي موقعو ڪڏي رحمان سان ڳالهائڻو پوندو. جي رحمان مڃي ورتو ته ان کان وڌيڪ منهنجي لاءِ خوشي جي ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي، مون هميشه رحمان سان محبت ڪئي آ. دل سان چاهيو آ. هوئي منهنجي پهرين ۽ شايد آخري محبت آ.... ڇوڪري زندگيءَ ۾ صرف هڪ دفعو محبت ڪندي آ ۽ اها مون به ڪئي آ... پر.... رحمان ته مون سان دوکو ڪيو. هن لالچ ۾ اچي منهنجي محبت جي پرواهه ڪئي بغير هڪ اهڙي ڇوڪري سان شادي ڪئي جيڪا ڪنهن به طرح ساڻس ميچ نه ٿي ڪري..... پوءِ مان سندس باري ۾ ڇو پئي سوچيان..... پر مان ٻيو ڇا ڪيان، ان کان سواءِ ڪو ٻيو چارو به ته ڪونهي. هن ڌمڪي ڏئي ڇڏي آ ته هو مونکي ڪنهن ٻئي جو ٿيڻ ڪڏهن به نه ڏيندو جي مان ڪنهن ٻئي سان شادي لاءِ ها به ڪيان ته به رحمان......

انهي وقت شوڪت علي ڪومل کان سندس باري ۾ پڇي ٿو ته آواز تي سندس خيالن جو سلسلو ٽُٽي وڃي ٿو. جلدي جلدي اٿي ٿي رئي جي پلاند سان منهن اگهي ٻاهر نڪري اچي ٿي.

شام جي وقت مريم تيار ٿي ننڍڙي فواد کي کڻي ٻاهر اچي ٿي ۽ ماسي صغرا کي ڏيندي چويس ٿي،

”صغرا تون فواد کي سنڀال. مان ڊاڪٽرياڻيءَ کان چيڪ اپ ڪرائڻ صاحب سان گڏ وڃان پئي.“

ماسي هن کان ننڍڙو وني ٿي، تہ رحمان گاڏي جي چابي ڦيرائيندو ٻاهر اچي ٿو ۽ ٻئي ٻاهر نڪري وڃن ٿا. ٿوري دير کان پوءِ رحمان هڪ ننڍي بنگلو نما ڪاٽيج جي اڳيان اچي گاڏي روڪي ٿو لائين ۾ هڪ جهڙا گهر ٺهيل آهن. ٻئي گاڏيءَ مان لهي گهر جي گيٽ ۾ داخل ٿين ٿا جيڪو اڳ ۾ ئي کليل آهي. اندر هڪ شخص موجود آهي، جيڪو اسٽيٽ ايجنٽ آهي، سلام ڪري کين گهر ڏيکاري ٿو. مريم حيران ٿئي ٿي تہ ايترو ننڍڙو گهر ۽ ايڏي وڏي قيمت،

”هي تہ تمام ننڍو گهر آهي....“

”ڪراچي ۾ عام طرح ايترائي گهر هوندا آهن.“

”پر ڪلفٽن هلندا آهيون تہ ان پاسي تہ وڏا وڏا گهر هوندا آهن،“

ڪلندي،”اهي ڪروڙن جا هوندا آهن اسان ڪٿي ٿا وني سگهون.“

سوچي ٿي تہ آهي تہ ننڍو پر جي انڪار ڪيم تہ پوءِ رحمان کي بهانو ملي ويندو ۽ منهنجو جدا رهڻ جو سپنو ڪڏهن بہ ساڀيان نہ ٿيندو.

”چا پئي سوچين پسند نہ اٿئي تہ ٻيو ڏسنداسين.“

”نہ نہ نيڪ آهي، ٽي ڪمرا اٿس، لائونج اٿس، وڏي ڳالهہ تہ ٿورو آڳند بہ اٿس، امان فليٽ ۾ تہ منجهي پوندي آهي. نيڪ آ الله ڏنو تہ پوءِ وري وڏو وٺنداسين.“

ايجنٽ چابيون ڏيندي چوي ٿو ميڊم توهان هڪ دفعو چڱي طرح ڏسي وٺو هوءَ خوش ٿي ٻيهر هڪ هڪ ڪمرو گهمي ٿي، تہ رحمان ايجنٽ سان آهستہ ڪجهہ ڳالهائي ٿو. مريم ٻاهر اچي ٿي تہ کيس چوي ٿو.

”في الحال پنجويهہ هزارن جو چيڪ ڏي تہ بيانو ڏيون، باقي جڏهن لک پڙهہ ٿي تہ پوءِ ڏينداسين.“

مريم چيڪ ڏيندي چوي ٿي:

”جلدي لک پڙهہ ڪرائجانءِ نہ.....“

”ها، ها هاڻي هل تہ هلون،“

پئي ٻاهر اچي گاڏي ۾ ويهن ٿا.

ٿوري دير کان پوءِ گهر واپس اچن ٿا ته گل بانو لائونج ۾ ننڊڙي کي کنيو ويٺي آهي، مريم ڏاڍي خوش پئي لڳي ايندي ئي سڌي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وڃي ٿي، رحمان وڏي ماءُ ڏي وڃي ٿو

”اڄ توهان جلدي ٻاهر اچي ويٺا آهيو.“

”ها، بس آرام ئي نه پئي آيو. طبيعت ۾ ڏاڍي آنڌ مانڌ ۽ بيقراري هئي، ائين پئي لڳو ڄڻ منهنجي اندر جو ڪو حصو مونکان الڳ پيو ٿئي.“

رحمان حيران ٿي سوچي ٿو ته انجو مطلب ته امان کي اهو ادراڪ ٿي ويو ته اسان ڪائنس جدا ٿيڻ جا سانباها پيا ڪيون. ڪيس ائين سوچ ۾ ٻڏل ڏسي گل بانو آٿت ڏئيس ٿي،

”ڪهڙي سوچ ۾ پئجي وئين، مان بلڪل ٺيڪ آهيان، بس ڪنهن وقت ننڊ نه ايندي آهي ته هرويرو پئي بيقراري محسوس ٿيندي آهي.“

ان وقت شمسه اچي ٿي:

”هلي چانهه پيو، نجمه ۽ جاويد ته ڪنهن دوست جي دعوت ۾ ويا آهن.“

”ڏاڍيون دعوتون پيا اڏائن اڪيلا اڪيلا،“ رحمان کلندي چوي ٿو.

●

اڄ سنڌيا جي گهر نجمه ۽ جاويد جي دعوت آهي، گهوٽ ڪنوار سان گڏ رابعه، طارق سنيتا ۽ خاله زهره به موجود آهن، ٿوري دير ۾ احمد به اچي وڃي ٿو ڪافي دير تائين ڪچهري ۽ خوش گپيون ٿينديون رهن ٿيون آخر ڪومل سنڌيا ۽ سنيتا ماني لڳائن ٿيون، سڀ کل خوشي ۾ ماني ختم ڪن ٿا ته جاويد ۽ نجمه موڪلائن ٿا، نجمه سنيتا کي به پاڻ سان وٺي وڃي ٿي ته رستي ۾ ڊراپ ڪندا ويندا، انهن جي

وڃڻ ڪانپوءِ طارق رابعہ بہ وڃڻ جي ڪن ٿا تہ سنڌيا کين رات رهڻ لاءِ چوي ٿي پر رابعہ معذرت ڪندي چوي ٿي تہ ننيڙو اميءَ وٽ ڇڏي آئي آهيان، پريشان ٿيندو هوندو، وري ڪنهن ٻئي موقعي تي اچي رهنديس، احمد کان پڇي ٿي،

”ڪومل جو هن مهيني چيڪ اپ ڪرايو اٿئي.“

”ها آپا، ڪومل جا گهر وارا چون ٿا تہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ کيس اوڏانهن ڇڏي وڃو.“

”پوءِ ڇڏي اچينس نہ.“

”ها چيو ٿمانس تياري ڪري ڇڏي ڏينهن ٻن ۾ ڇڏي ايندومانس.“

”چڱو بابا هلون ٿا، سنڌيا سان رشتي جي ڳالهہ ٻولهہ ٿي؟“

”ڪومل چيو هوس، پر چئي ٿي في الحال نئين جاب آ ان ڪري مان ان تي ڪنسنٽريٽ ڪرڻ چاهيان پئي.“

”ٺيڪ آ مان پاڻهي ساڻس ڳالهائنديس، چڱو اسان هلون ٿا، بابا دعا ڪجو.“

”الله سڻائي ڪندو.“

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪومل تيار ٿي مائٽن جي گهر وڃڻ لاءِ ٻاهر اچي ٿي،

ٻاهر شوڪت علي بہ تيار وينو آهي،

”بابا توهان تيار ٿي ويا،“

”ها پُٽ، هرويرو احمد جو اچي خيال ٿيو آ تہ توهان کي ڇڏيندو، مونکي بہ ڊاڪٽر کي ڏيکاريندو اچي.“

”ها بابا اڄ وقت بہ اٿس، روز آفيس مان ايندي دير ٿي وڃيس ٿي تہ اهو ڪم رهندو ٿو وڃي، ان ۾ سستي ڪرڻ نہ گهرجي.“

احمد اڳ ۾ ئي ٻاهر هليو وڃي ٿو. هوبہ سنڌيا کان موڪلائي ٻاهر نڪري وڃن ٿا. ٻاهر اچي جيئن گاڏي ۾ ويهن ٿا، ان وقت رحمان بہ اتان گذري ٿو. گاڏي بيهاري لهي عليڪ سليڪ ڪري ٿو، احمد ٻڌائيس ٿو تہ هو ڪومل جي گهر پيا وڃن، هڪ ٻئي سان موڪلائن ٿا،

احمد گاڏي اسٽارٽ ڪري اڳتي وڌي ويو ته رحمان گاڏي ٿورو پرڀرو پارڪ ڪري لهي اچي ٿو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري شوڪت علي جي فليٽ طرف وڌي وڃي ٿو. ٻئي طرف سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هڪ رسالو کڻي ورق گرداني ڪري ٿي ۽ سوچي ٿي ته دعوت کان پوءِ سنيتا الائي ڇو ڪونه آئي آ اچي ها ته. ماسي ڪم واري به اڄ ڇٽي ڪئي آهي، اٿي سنيتا کي فون ڪري سڏي وٺانس پوءِ ٿي ڪچن ۾ وڃان. جيئن فون ڏي وڌي ٿي ته ٻور بيل وڄي ٿي، اهو چوندي در ڏي وڌي ٿي ته پڪ سنيتا هوندي، در کولي ڪجهه چوڻ واري آ ته سامهون رحمان کي ڏسي حيران ٿي وڃي ٿي هن کي قطعي اها توقع نه هئي ته رحمان سندس گهر تائين پهچي ويندو. هوءَ حيراني سان گڏ پريشان به ٿي وڃي ٿي، صرف هڪ لفظ چئي سگهي ٿي،

"توهان......!"

"ها سنڌيا مان تنهنجو رحمان...... اندر اچڻ لاءِ نه چوندينءَ"

سنڌيا ٻهانو ڪندي،

"گهر ۾ پاپي آ، بابا اندر آ، توهان ڪيئن ٿا اچي سگهو. احمد به ڪونهي."

مڪارانه کل کلندي،

"سنڌيا بيگم...! مونکي خبر آ ته هن وقت گهر ۾ ڪير به ڪونهي. ڏس مان صرف توسان ملڻ آيو آهيان، هاڻي پري هٽ، مونکي اچڻ ڏي، مٿان ڪو مٿان لهي. سنڌيا مجبوراً در کولي اندر اچڻ ڏئيس ٿي ۽ فوراً در بند ڪري ٿي، رحمان اتي ئي سندس هٿ جهلي ويجهو ڪريس ٿو، سنڌيا هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي،

"ڇڏيو پليز...! ڪو ڏسي نه وٺي."

"في الحال ته هتي تون ۽ مان آهيون، ڪير ڪونه ٿو ڏسي، اڄ مونکي نه روڪ، مان ورهين کا توسان اڪيلي ملڻ جو انتظار ڪيو آ."

"پليز... نه....."

رحمان ڪيس ائين ٻنل سهميل ڏسي سندس هٿ ڇڏي ٿو ڏئي،

”ٺيڪ آ..... هن ڀيري معاف ٿو ڪيانءِ، پر ٻئي دفعي منع نه ڪجانءِ“

سنڌيا اطمينان جو ساهه کڻي ٿي، ۽ موقعو ڏسي ڪيس چوي ٿي:

”رحمان توهان واقعي مونسان محبت ڪيو ٿا.....؟“

”اڃان به ڪو شڪ اٿئي.... زال ۽ ٻار هوندي به توکان سواءِ رهي نه ٿو سگهان....“

”ته پوءِ مونسان شادي ڪيو.. ائين ڪيستائين لڪ چوري ملندا رهنداسين؟“

رحمان هن غير متوقع سوال لاءِ تيار نه هئو سندس چهرو فق ٿي ويجي ٿو.

”شادي..! ها، ها... شادي به ٿي ويندي، شادي ڪاڏي ٿي ڀڄي وڃي.... ڪري وٺنداسين شادي به ڪڏهن نه ڪڏهن ٿي ويندي. في الحال محبت ته ڪرڻ ڏي....“

”نه رحمان، ڪيتري عرصي کان اسان ائين ملندا پيا اچون، هاڻي توهان کي شاديءَ لاءِ سنجيده ٿيڻو پوندو.“

”ڏس سنڌيا، ائين سمجهه اسان جي شادي ٿي پئي آهي، توکي ڪنهن ٻئي جو ٿيڻ مان ڏيندس ڪونه. اهو منهنجو فيصلو آ. ته پوءِ جلدي ڇا جي آهي.“

انهي وقت ٻاهر دروازو کڙڪي ٿو سنڌيا ڏڪي وڃي ٿي منهن لهي وڃيس ٿو سامهون گهڙيال ۾ ڏسندي،

”شايد بابا وارا موٽي آيا آهن هاڻي ڇا ڪيان رحمان هاڻي تون ڪيئن ويندين رحمان به پريشان ٿي وڃي ٿو. سنڌيا ڪجهه سوچي،

”توهان جلدي ڪري ڊرائينگ روم ۾ هليا وڃو مان ڪين در کولي اندر وٺي ٿي وڃان، توهان ٻاهر نڪري وڃجو.

در ٻيهر کڙڪي ٿو ته رحمان تڪڙو تڪڙو ڊرائينگ روم ڏي هليو ٿو وڃي، ته سنڌيا در کولي ٿي. سامهون سنيتا بيٺي آهي، سنڌيا اطمينان جو ساهه کڻي ٿي.

”اڙي ڇا ٿيو در کولڻ ۾ ايڏي دير.....“

”باٿ روم ۾ هئس..... چڱو ڪمري ۾ هل، گهر ۾ ڪير ڪونهي.“

”بس هتي ئي لائونج ۾ ٿا ويهون نه.....“

”نه سنيتا، مونکي مٿي ۾ سور آ مان ليٽنديس هلي،“

ٻئي اندر ڪمري ۾ وڃن ٿيون ته رحمان وجهه وٺي ٻاهر نڪري ويجي ٿو.

رحمان جي صبح جو جيئن اک کلي ٿي ته اهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويجي ٿو ته اڄ خلاف عادت مريم چانهه جي ٽري کيون ڪمري ۾ ويٺي آهي، چانهه ميز تي رکي ڏاڍي اڪير ۽ لاڏ مان پيشانيءَ تي هٿ رکي ڪيس اٿاري پئي ٿي.

”سائين...! اڄ ايتري دير تائين سمهيا پيا آهيو آفيس نه ويندئو ڇا...؟

رحمان پيار مان ڪيس ڏسي ٿو ۽ سرشاريءَ مان سندس هٿ جهلي لبن تي آڻي چمندي،

”ڇا ڳالهه آهي اڄ مريم بيگم ايترو جلدي اٿي وئي آ. پڪ ڪا خاص ڳالهه آهي.“

”توهان آفيس نه ويندئو ڇا.“

”آرس پنجندي، نه اڄ موڪل ڪئي اٿم. پر تون اڄ ڏاڍي خوش پئي لڳين، ڪجهه ته خاص آهي.“

”توهان کي ياد ناهي، صبحاڻي منهنجي سالگرهه آهي ۽ توهان چيو هو نه ته هن دفعي مان ڳوٺ امان وارن وٽ هلي ملهائيندس.“

”اوهو...! ته اها ڳالهه آ. مون ته موڪل ورتي هئي ته صبح جو ريسٽ ڪبي ۽ شام جو ڪيڏانهن آئوٽنگ تي هلبو پر.... خير.... نيڪ آ تون تيار ٿي وٺ ته توکي ڳوٺ ڇڏي ٿو اچان، گهڻن ڏينهن جو پروگرام آ.

”ڪجهه ڏينهن ته رهنديس.“

رحمان ڪجهه دير سوچي ٿو.

”ٺيڪ آ. پوءِ هيئن ڪر، مونکي ڪجهہ پئسن جو چيڪ ڏئي وڃجانءِ. شايد جاءِ وارن کي فائينل پيمينٽ ڪرڻي پوي.“

”مان ڪجهہ پئسہ رکي باقي سمورا توهان کي لکي ٿي ڏيان. جاءِ وارن کي ڏئي باقي جيڪي بچن تہ گهر لاءِ سامان وٺي ڏجو.

رحمان جي تہ اڄ دلي مراد پوري ٿي وئي آهي اندر ئي اندر ۾ خوش ٿي جهونگاريندو باٿ روم ڏي وڃي ٿو ويندي ويندي.

”مائي صغرا کي چئيس تہ جلدي ناشتو لڳائي تہ جيئن سويل ئي نڪري هلجي.“

مريم ٻاهر اچي صغرا کي ناشتو لڳائڻ لاءِ چوي ٿي تہ شمسہ ٻڌائيس ٿي تہ ناشتو تيار آ هن. پاڻ ئي اٿڻ ۾ دير ڪئي آ مريم ٻڌائيس ٿي تہ هن موڪل ڪئي آ. ان وقت رحمان بہ اچي ٿو ۽ دعا سلام بعد ڪرسي سرڪائي ويهي ٿو صغرا سندن ناشتو اڳيان رکي ٿي. ماءُ کي ڏسي،

”امان مريم ڪيترن ڏينهن کان چيو پئي تہ ڳوٺ وڃان، مون بہ موڪل ڪئي آ سوچيم تہ ڪيس ڇڏي اچان.

گل بانو جو منهن ڪجهہ خراب ٿي وڃي ٿو پر شمسہ ڳالهہ نبيريندي،

”ها، ها، ڇڏي اچيس. گهڻا ڏينهن گذري ويا اٿس ڳوٺ وئي، وري مٿان ڊليوري بہ اٿس، وڃي چڪر هڻي اچي.“

اهو ٻڌي نيٺ گل بانو بہ چويس ٿي،

”پر گهڻا ڏينهن نہ رهي پئجانءِ ننڍڙي کان سواءِ اباڻڪائي ٿي پوندي.“

مريم دل ۾ چوي ٿي، ”اباڻڪائي تہ هاڻي يڪي ٿيندو.

پر مٿاچري دل سان،“

”ها چاچي جلدي اينديس، مامو بہ ٺيڪ ناهي ان کي بہ ڏسي اچان

”ٿوري دير کانپوءِ تيار ٿي نڪري وڃن ٿا.“

●

سنڌيا آفيس جي ڪيبن ۾ ڪجهه ڪم ڪري رهي آهي ته پٽيوالو اچي چويس ٿو ته توهان کي ڊپٽي صاحب ياد پيا ڪن، هوءَ اٿي پير واري ڪيبن ۾ وڃي ٿي، مظفر ڪيس ڏسي،

”اچو اچو مس سنڌيا....!“

”سر توهان ياد ڪيو.“

”هي فائيل ڊئريڪٽر صاحب موڪليو آهي، سوچيم توهان سان ڊسڪس ڪجي.“

بيل وڄائي پٽيوالي کي،

”ٻه ڪافي....“

”جي صاحب.....“

ٻئي فائيل ڊسڪس ڪن ٿا، سنڌيا فائيل ڪٽي غور سان ان جي انٽريز کي ڏسي ٿي پڙهندي مظفر سان ان جي جزيات تي پنهنجي راءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ هو غور ۽ دلچسپي سان سندس ڏنل راءِ تي ڪنڌ لوڏي ٿو.

اڄ گهڻن ڏينهن کانپوءِ رابعه گهر آئي هئي لائونج ۾ شوڪت علي ويڳاڻو لڳو وينو آهي، ڪيس ائين ڏسي چويس ٿي ته رٽائرمينٽ کان پوءِ سڄو ڏينهن گهر ۾ واندا ويهي بور ٿي ويا آهيو. پٽس ٻڌائيس ٿو ته ڪومل به ڊليوري لاءِ ماٽن ڏي هلي وئي آهي سنڌيا ۽ احمد صبح کان آفيسن لاءِ نڪرن ٿا ته شام جو ٿا موٽن. سڄو ڏينهن اخبار ۽ ڪتاب پڙهندي گذارڻو ٿو پوي. رابعه کلندي چويس ٿي،

”بس بابا ڪجهه ڏينهن جي ڳالهه آ، ڪومل اچي ويندي ۽ ان سان گڏ توهان لاءِ رانديڪو به، پوءِ وقت جي خبر به نه پوندو.“

شوڪت علي خوش ٿيندي،

”بس بابا دعا ڪيوس، الله ڪري خير خيريت سان سڀ ڪجهه ٿي وڃي.“

”بابا سنڌيا جي باري ۾ ڇا سوچيو.
”پُٽ هوءَ اڇي ته تون پاڻ پڇي ونجانئس... ڏس...! نالو ورتئيس ته هوءَ اڇي وئي.“
سنڌيا پيڻ کي ڏسي خوش ٿي وڃي ٿي ساڻس پاڪر پائي ملي ٿي.
”ڇا ڳالهه آ، منهنجي پرپٽ ڪهڙا منصوبه پيا جڙن.“
رابعه کلي ٿي.
”منصوبه ته ٺاهبا نه. آخر ته توکي به هاڻي پيا گهر رخصت ڪرڻ جو وقت اچي ويو آ نه.“
سندن کي ڳالهائيندو ڏسي شوڪت علي اٿي اندر هليو وڃي ٿو.
سنڌيا اهو ٻڌي پريشان ٿي وئي ته رابعه سندس منهن ڏانهن ڏسندي سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي انتهائي پيار پرئي انداز ۾ سمجهائيندي چوي ٿي،
”ايترو ڇو ٿي ڊڄين، رشتن ۽ انسانن تي اعتبار ڪر، ڪرڻ به گهرجي. ان اعتبار جي بغير زندگي گذاري نه ٿي سگهجي، پهرين کان خوفزده ٿيڻ بيوقوفي آهي، ائين ڊڄبو رهبو ته مقابلو ڪيئن ڪبو اهو به ياد رکجانءِ ته ڪوبه ڏک انسان جي برداشت کان وڌيڪ ناهي هوندو. ڏک ۽ سک انسانن کي انهن جي حوصلي ۽ ظرف جي مطابق ملندا آهن.“
پيڻ جون ڳالهيون ٻڌي سندس دل ۾ به حسرتون جاڳن ٿيون، پر وري رحمان جا چيل لفظ سندس ڪنن ۾ گونجڻ لڳن ٿا.
”ڏس سنڌيا ائين سمجهه. اسان جي شادي ٿي پئي آهي توکي مان ڪنهن ٻئي جو ٿيڻ ڏيندس ڪون، اهو منهنجو فيصلو آ.... توکي ڪنهن ٻئي جو ٿيڻ....“
”ڇا ٿيو ڪهڙي سوچ ۾ پئجي وئينءَ. هاڻي ڪو بهانو به ڪونهي، تنهنجي ايجوڪيشن ڪمپليٽ ٿي، جاب تون ڪرين پئي، سڀ کان وڌي ڳالهه ته تمام سنو رشتو آ ڇوڪرو لنڊن مان ايم بي اي

ڪري آيو آ. ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ سٺي پوسٽ تي آهي، فيملي سٺي آ. ڏٺل وائٺل آهن خوش و خورم زندگي لاءِ ان کان علاوه ٻيو ڇا کپي.“

”نہ آپا نہ، في الحال منهنجو شادي ڪرڻ جو ڪو پروگرام ڪونهي مان سي ايس ايس ڪرڻ ٿي چاهيان، هي جاب مون عارضي طور ڪئي آهي، مان فارين سروس جوائن ڪرڻ ٿي چاهيان.“

رابعہ اهڙي ڪتي جواب تي چپ ٿي وڃي ٿي پر هار نہ مڃيندي وري ڪيس چوي ٿي تہ جيئن سندس مرضي، پر وري بہ ٿڌي دماغ سان سندس پروپوزل تي ضرور غور ڪري. عمر گذرڻ کان پوءِ سٺا رشتا ملڻ ڪجهہ ڏکيا هوندا آهن.

سنڌيا کي ڀيڻ جي ڳالهہ ۾ وزن تہ محسوس ٿئي ٿو پر.... ٿڏو ساهہ ڀري چپ ٿي وڃي ٿي. انهي وقت احمد بہ آفيس مان اچي ٿو تہ سڀ ڀيءُ جي ڪمري ڏانهن وڃن ٿا.

رحمان کي ڳوٺ وئي بہ ڏينهن گذري وڃن ٿا، تہ شام جي وقت فون جي گهنٽي وڄڻ تي نجمہ اٿي فون کڻي ٿي ٻئي ظرف رحمان ڪيس ٻڌائي ٿو تہ مامو مراد خان اسان سان ناهي رهيو. اهو ٻڌي نجمہ جي اکين مان ڳوڙها وهي اچن ٿا، گل بانو ۽ شمسہ ڪيس روئندو ڏسي پريشان ٿي وڃن ٿيون. ماڻس جي پڇڻ تي کين ٻڌائي ٿي تہ گل بانو روئندي چوي ٿي تہ مراد خان سڄي حياتي ڀين جي لاءِ گهاري ڇڏي، هن ڪڏهن بہ پنهنجي باري ۾ نہ سوچيو ۽ ڪريم داد جي وفات کان پوءِ شهربانوءَ جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. شمسہ ڏکاري آواز ۾ چوي ٿي،

”بس امان....! انسان پنهنجي قسمت جي هٿان مجبور هوندو آهي، مامي جي قسمت ائين هئي.“

نجمہ ٻڌائي ٿي تہ هن مامي کي اوڏانهن اچڻ لاءِ چيو پر هن منع ڪري ڇڏيو تہ هو اتي آهي سڀ پاڻ سنڀالي وٺندو. هن انهيءَ مهل جاويد کي فون ڪري ٻڌايو ۽ ڪيس ڳوٺ وڃڻ لاءِ تاڪيد ڪيو.

●

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ احمد کي ڪومل جي ڀاءُ جي فون اچي ٿي ته ڪومل کي هاسپيٽل ايڊمٽ ڪرايو اٿئون. احمد آفيس مان سڌو اوڏنهن وڃي ٿو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ هو گهر فون ڪري ٿو ۽ سنڌيا کي چوي ٿو ته:

”بابا کي ٻڌاءِ ته هڪ ننڍڙو شيطان توهان کي پريشان ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ اچي ويو آ. اهو ٻڌي سنڌيا تمام گهڻي خوش ٿي وڃي ٿي، فون رکي ڊوڙي اچي پيءُ کي ٻاڪر پائي ٿي،

”بابا اٿو جلدي تيار ٿي وٺو احمد اسان کي وٺڻ پيو اچي، ۽ هاڻي توهان جي سستي ختم، ڪير به توهان کي هاڻي اندر ايسٽيميٽ نه ڪندو ۽ توهان جو لاڏلو سڄو ڏينهن توهان کي ڊوڙائيندو وتندو دادا، هي وٺي ڏيو دادا هو............“

شوڪت علي ڪلندي،

”بس بس اسٽاپ منهنجي ڏيءَ. اسٽاپ، يڪ ساهي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيئي. مان روز ان خبر ٻڌڻ لاءِ آتو هئس، تيار ٿي ته اسپتال هلون،“

سنڌيا چينج ڪرڻ لاءِ ڪمري ۾ وڃي ٿي ته شوڪت علي، ٻه رڪعتون نفل ادا ڪرڻ ويهي رهي ٿو.

●

ٽي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ رحمان شهربانو کان موڪلائي ٿو. ته مريم پڇيس ٿي ته وري ڪڏهن ايندو. انتي شهر بانو ڏڪاري آواز ۾ چويس ٿي ته ڪجهه ڏينهن مريم کي هتي ڇڏي وڃ ماڻهو چيٺهو پيا ٿا اچن. رحمان مريم کي فواد جو خيال رکڻ جو چوي ٿو. مريم کيس چوي ٿي ته:

”گھر جو جلدي بندوبست ڪري ونجانءِ... مان امان کي هتي اڪيلو ڇڏي ڪون وينديس.“

”ها، ها گھر جا مالڪ ٻاهر ويل آهن لڪا پڙهي ۾ ڪجھ دير لڳي ويندي“

ان وقت شهربانو اندران وڃي هڪ فائيل کڻي اچي ٿي،

”ابا هي زمينن جا ڪاگذ (ڪاغذ) آهن، مامهن جي نالي مختار نامو هو، هاڻي تون پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏجانءِ، مون اسٽام تي صحيح ڪري ڇڏي آهي ۽ مريم به ڪئي آهي.“

رحمان فائيل وٺي ڏسي ٿو ته ٻنهي هڪ ڪوري دستاويز پيپر تي صحيحون ڪري ڏنيون آهن دل ۾ ڏاڍو خوش ٿئي ٿو پر مٿاڇري دل سان،

”پر چاچي اهو دستاويز آيو ڪٿان.“

”مامهن وٺي آيو هئو ۽ حياتي ۾ ئي تنهنجي نالي ڪاڳر ٺهرايائين پئيي ته مريم ۽ رحمان ايندا ته مان هن ذميداري کان پاڻ آجو ڪندس، پر هو اڳ ۾ئي حياتي مان آجو ٿي ويو.“

شهربانو روئي ٿي.

جاويد ڪنهن رسالي جي ورق گرداني ڪري رهيو آهي سندس پرسان سندس بريف ڪيس رکيو آهي، نجمه اچي بريف ڪيس کڻي ڪمري ۾ ڏي وڃي ٿي، ته گل بانو ڪانئس پڇي ٿي ته رحمان هن سان گڏ نه آيو ڇا. ان تي جاويد چئي ٿو ته هو ته ڳوٺان تعذيت ڪرڻ کان پوءِ ان ڏينهن ئي واپس لاڙڪاڻي هليو ويو هو ماما چيو پئي ته ٽيو ڪري پوءِ ڪراچي ايندو. ان وقت دروازو کڙڪي ٿو ته جاويد اٿي وڃي کولي ٿو ته رحمان اندر اچي ٿو. جاويد ڪيس ٻڌائي ٿو ته ناني امان هينئر هينئر توهان کي ياد ڪيو پئي. رحمان اچي ماءُ سان ملي ٿو ۽ ڪرسي سرڪائي ويهي ٿو ته گل بانو پڇيس ٿي،

”اوچتو ڇا ٿيو مراد خان کي.“

”مامي جي طبيعت تہ ڪافي ڏينهن کان خراب هئي اسان پهتاسين تہ رات جو وڏيڪ خراب ٿي وئي، ڳوٺ جو ڊاڪٽر گهرايوسين پر.....“

گل بانو اداس ٿي وڃي ٿي رحمان اٿندي چوي ٿو تہ هو ٿڪجي پيو آهي ان ڪري ٿوري دير آرام ڪرڻ ٿو چاهي ائين چئي پنهنجي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو تہ جاويد بہ اٿي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ٿو. تہ گل بانو شمسہ کان پڇي ٿي تہ سوبل جاويد ڇا پئي چيو. شمسہ ٻڌائي ٿي تہ چيائين پئي تہ امان وارن جو خيال آهي تہ هو الڳ گهر وٺي رهن ايترو وقت ساهرن سان گڏ رهڻ مناسب نہ ٿو لڳي.

”اهو تہ ٺيڪ آهي پر نجمہ اڪيلي گهر ۾ ڪيئن رهندي جاويد سڄو ڏينهن آفيس جي ٻلي، هوءَ اڄان ٻار آهي، نہ مائي ڇوڪريءَ کي اڪيلو ڪونہ رهڻ ڏيندا سين، تو جاويد کي سمجهائجانءِ.“

”امان توهان ڳڻتي نہ ڪيو هاڻي پنهنجي ڪمري ۾ هلي آرام ڪيو.“

رحمان پنهنجي ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽيو چاچيءَ پاران ڏنل فائيل کي غورسان هڪ هڪ ڪاغذ پڙهي رهيو آهي ۽ منهن ۾ پڻڪندي چوي ٿو تہ.

”هي زمين اسان جي هئي جنهن تي زوري چاچي ڪريم داد قبضو ڪيو ۽ اڄ قدرت سڀ ڪجهہ پاڻهي منهنجي جهوليءَ ۾ آڻي وڌو.“

هڪ دستاويز ڪڍي ٿو جيڪو بلڪل سادو آهي صرف مريم ۽ شهربانو جون صحيحون ٿيل آهن. انهن کي ڏسي خوش ٿيو ٿو ٿئي ۽ پڻڪندي چوي ٿو.

”هي آهي قدرت جي مهرباني آخر ڪار اسان جي خاندان سان ٿيل نا انصافي جو حساب ڪتاب قدرت طرفان ٿي رهيو آهي. هاڻي مان سڀ زمينون پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيندس ۽ پوءِ مونکي اهو سڀ ڪجهہ ملي ويندو جنهن لاءِ زندگي پر سڪندا رهياسين، اها تہ امان هئي جنهن نوڪري ڪري اسان کي پڙهايو ۽ مامو مراد خان لڪ

چوريءِ اسان جي مدد ڪندو رهندو هئو تڏهن وڃي پنهنجي پيرن تي بيٺا سين.“

ڪاغذ فائيل ۾ رکي اٿي ٿو

”هل رحمان اڄوڪي هن خوشيءَ کي ڪٿي هلي سيليبريٽ ڪر.“

تيار ٿي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

ٻن ڏينهن جي سوچ ويچارڪان پوءِ رحمان هڪ ڄاڻ سڃاڻ واري وڪيل سان ملڻ ۽ صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ ان جي آفيس وڃي ٿو ۽ ڪيس ڳوٺان آندل فائيل ۾ دستاويز ڏيکاري ٿو. وڪيل سيئي ڪاغذ غور سان پڙهي ٿو ۽ ڪافي غور ويچار ڪان پوءِ ڪيس ٻڌائي ٿو.

”مسٽر رحمان...! جائداد ٽرانسفر ٿي ويندي، گهٽي زمين محترمه مريم ۽ ڪجھ حصو محترمه شهربانو جي نالي تي آهي، انهن توهان کي دستاويز صحيح ڪري ڏنو آهي، ان ڪري ڪو به قانوني مسئلو ناهي، مان ڪاغذ تيار ڪرايان ٿو. توهان ڪنهن ڏينهن ٻنهي خواتين کي وٺي اچجو ته ايگريمينٽ سائن ڪري ڏين.“

رحمان ٿورو پريشان ٿي وڃي ٿو ڪجھ سوچي،

”ڪاظم صاحب...! هي دستاويز ٻنهي جي طرفان سائن ٿيل آهي ۽ ان تي شاهدن طرفان به صحيح ٿيل آ. توهان ايگريمينٽ لاءِ اهوئي استعمال ڪري سگهو ٿا. پوءِ خواتين جي ٻيهر اچي سائن ڪرڻ جي ڪهڙي ضررت آهي.

”توهان درست ٿا چئو پر جڏهن ملڪيت ٽرانسفر ٿي ويندي ته فائينل پيپرز تي انهن جي سائن ضرور ٿيندي.“

”ٺيڪ آ توهان ڪاغذ تيار ڪيو. پوءِ توهان کي ڳوٺ وٺي هلندس توهان روبرو سائن ڪرائي وٺجو.“

”اهو ٺيڪ ٿيندو مان ڪاغذ تيار ڪيان ٿو پوءِ هلنداسين.“

رحمان اوريجنل فائيل کڻي ان مان سچا نقل ڪڍي وڪيل کي ڏئي ٿو ۽ فائيل پاڻ سان کڻي موڪلائي ٿو.

اهو مرحلو اهڙي آساني سان طيءِ ٿي ويڻ تي رحمان خوش خوش گهر اچي ٿو. گل بانو سندس موڊ ڏسي ڪجهه ڏينهن کان اندر ۾ سانديل ڳالهه چوڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

”رحمان ڇا ڳالهه آ اڄ ڪلهه رات جو دير سان اچڻ لڳو آهين. اڳ ۾ ته ائين نه ڪندو هئين.“

رحمان جيڪو اچانڪ وافر پئسه ملڻ کان پوءِ ياري دوستي ۾ عياشين جو عادي ٿيندو پيو وڃي اهو ٻڌي ماءُ سان بحث ڪرڻ بغير نتائڻ جي ڪندي.

”نه امان اهڙي ڳالهه ناهي. آفيس ۾ ڪجهه ٽيمون رڪارڊ جي چيڪنگ لاءِ آيل آهن. ان ڪري دير سوير ٿي وڃي ٿي. ٻيو ته گهر ۾ ٻار به ڪونهن ان ڪري پوئتي جو انتظار به نه هوندو آ.“

اهو ٻڌي شمسه شڪايتي انداز ۾.

”ته پوءِ انتظار ڪرڻ وارن کي وڃي وٺي آ نه. امان به فواد لاءِ اباڻڪي ٿي پئي آهي.“

”ٺيڪ آ پوءِ ڇنڇر جي موڪل ڪري ويندس ۽ آچر تي انشا الله فواد امان سان ڪيڏندو هوندو. بس يا ٻي به ڪاشڪايت آهي.“

”نه نه مونکي بس پنهنجو ٻچڙو آڻي ڏي.“

●

سنڌيا آفيس ۾ ڪنهن فائيل تي جهڪي ڪم پئي ڪيو ته آواز ٻڌي ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ ڪرسي تان اٿي بيهي رهي سندس سامهون مظفر بيٺو هو. ”هيلو مِس سنڌيا...! هائو آر يو؟“

”فائن سر....! توهان هتي....!“

”ڊئريڪٽر صاحب سان ميٽنگ هئي اتان نڪتس ته سوچيم توهان وٽ هڪ ڪپ ڪافي پئندو وڃان. توهان جي ڪاتي ۾.......“

مسڪرائيندي....”چونه سر....“ بيل وڄائي ٿي پٽيوالو اچي ٿو ته سنڌيا کان پهرين ئي چوي ٿو.

”ڪينٽين تان ڪجهہ سينڊوچ ۽ بہ ڪافي ميڊم جي حساب ۾.....“

”جي صاحب.......“

پٽيوالو وڃي ٿو تہ هو سنڌيا سان مخاطب ٿي،

”مِس سنڌيا....! آفيس ڪان علاوه توهان جون ٻيون ڪهڙيون مصروفيتون آهن....“

”سر ڪجهہ خاص نہ.... في الحال تہ نئين جاب آهي، ان کي سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪيان.“

پٽيوالو سيڊوچ وغيره کڻي اچي ٿو ۽ ٻنهي جي آڏو سرو ڪري ٿو تہ وقت گذاريءَ لاءِ سنڌيا پڇيس ٿي،

”سر توهان هن آفيس کي ڪڏهن جوائن ڪيو.“

”توهان جي اچڻ کان ڪجهہ مهينا پهرين. در اصل مان ايم بي اي جي سلسلي ۾ لنڊن ويس اتان آيس تہ هتي جاب آفر ٿي ۽ اڄ توهان سان گڏ ڪم پيو ڪيان.“

اهڙيون ئي ڳالهيون ڪندي ڪافي ختم ڪن ٿا تہ مظفر اٿندي،

”زبردستيءَ جي ڪافيءَ لاءِ ٿينڪس.“

سنڌيا مسڪرائيندي،

”نو سر.... مونکي خوشي ٿي، آفيس ۾ پنهنجائپ واري ماحول ۾ ڪم ڪرڻ خوشگوار محسوس ٿيندو آهي.“

”اوڪي مان هلان ٿو.“

شام جو سنڌيا آفيس مان اچي ٿي تہ شوڪت علي ٻڌائيس ٿو تہ احمد آفيس مان موٽندي ڪومل کي وٺيو ايندو. سنڌيا خوش ٿي وڃي ٿي ۽ فريش ٿي ڪومل ۽ نندڙي جي استقبال جون تياريون ڪري ٿي، خالہ زهره کي بہ ٻڌائي ٿي.

”مائي عالمہ ڪچن ۾ وڃي ڪجهہ کائڻ پيڻ جو بندوبست ڪري وٺ، مان پاپي جي ڪمري کي ٺورو سيٽ ڪري ٿي اچان. پوءِ اچي آپا رابعہ کي فون ڪري ٻڌايان ٿي.“

ڪجھ ئي دير ۾ ڪومل ۽ احمد گھر اچن ٿا ته انھن سان گڏ رابعه، طارق ۽ خاله زھره اندر اچن ٿا سڀني جا چھرا خوشين سان ٻھڪي رھيا آھن سڀئي واري واري سان ننڍڙي کي کڻي پيار ڪن ٿا. خاله زھره ڪيس ھنج ۾ کڻي چوي ٿي،

”توھان سڀني کي مبارڪ ھجي اڄ ٻيھر ننڍڙو احمد علي ھن اڱڻ تي آيو آ ته ھي اڱڻ خوشين سان ٻھڪي پيو آ.“

”توھان کي به مبارڪ ھجي، احمد کي توھان ئي نپائي وڏو ڪيو. اڄ جيتري خوشي توھان کي ٿيندي ھوندي ان جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو.“

”ڀاءُ سچ ٿا چئو. رابعه جي ماءُ جي گذارڻ کان پوءِ احمد ۽ سنڌيا تمام ننڍڙا ھئا ۽ ڀاڙيسري ھجڻ جي ناتي اھو منھنجو فرض ھو ته سندن خيال رکان ۽ توھان کي ته خبر آ ته پيدائش کان پرورش وڏيڪ مٺي ھوندي آ. ان ڪري مونکي به توھان جيتري خوشي پئي ٿئي.“

خاله ننڍڙي کي پيار ڪندي موتين جا زيور ڪيس پارائي ٿي ۽ سنڌيا کي چوي ٿي ته ھي مٺائي کڻي سڀني جو وات مٺو ڪرائي، ان کان پوءِ سنيتا ۽ عالم چانھه سان گڏ ڪجھ فرائيز کڻي اچن ٿيون.

شام جو گل بانو ۽ شمسه ٻاھر ويٺيون ڪچھري پيون ڪن، شمسه آھسته لھجي ۾ ماءُ کي چوي ٿي ته ڪالھه رحمان ڳوٺان ٽڪل ٽُٽل آيو چيائين ته آرام ٿو ڪري پوءِ الائي ڪاڏي ٻاھر نڪري ويو ته ٻارھين بجي تائين ته ڪونه موٽيو ھو.۽ وري صبح ساڻ ناشتو ڪئي بغير ٻاھر ھليو ويو.

ان تي گل بانو چويس ٿي ته:

”نه اھڙي ڳالھه ناھي ٻارھين بجي ڌاري موٽي آيو ھو مان باٿ روم مان نڪتس ته پنھنجي ڪمري ۾ پئي ويو. ماني پڇي مانس ته چيائين ته ٻاھران کائي آيو آھي.“

”پر امان مونکي رحمان جو رويو ڪجھ نيڪ نه ٿو لڳي، الائي ڇو ڪھڙي ڪِرت سان وڃي لڳو آھي.“

”هاڻي تہ شراب جي بہ عادت ٿي وئي اٿس، رات بہ مونکي پيتل ٿي لڳو.“

”بس امان الله سمجهہ ڏيندس، اهڙو هئو تہ ڪونہ.“

”پلا سنڌيا جي ڪا خبر چار، اڄ ڪلهہ ڇا پئي ڪري.“

”سنيتا ٻڌايو پئي تہ ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ نوڪري پئي ڪري.“

”اهو چڱو ٿيو.... رحمان تہ هاڻي تنگ ڪونہ ٿو ڪريس نہ.......“

ڳالهہ ڪي نٽائيندي.

”الائي امان مونکي خبر ناهي. ان وقت نجمہ ۽ جاويد ٻاهر اچن ٿا ۽ سڀ گڏجي چانهہ پين ٿا.

رحمان آفيس مان جيئن ئي اٿي ٿو تہ سوچي ٿو تہ صبحاڻي تہ ڳوٺ وڃڻو آهي، ڇونہ اڄوڪي رات سنگت سان گذارجي گهر ويندس تہ وري امان جي ساڳي گهپي پئي پوندي.ان ڪري رستي مان ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ جو سامان وٺي سڌو امتياز جي فليٽ تي وڃي ٿو جتي ٽئي دوست اڳ ۾ ئي ويٺا آهن، امتياز کيس سامان سان گڏ ايندو ڏسي کلندي چوي ٿو تہ:

”خير تہ آهي لڏي پلاڻي پيو اچين.“

انهن مان هڪ دوست جيڪو هاڻي رحمان سان گهڻو هجائتو ٿي ويو آهي، کيس ڏسي امتياز کي اک هڻندي چوي ٿو.

”يار امتياز تنهنجو هي رحمان آهي خوش نصيب، دولت مند گهراڻي مان شادي ڪيائين ۽ اهوبہ اهڙو جن جو اڳيان پويان ڪير بہ ڪونهي. سموري اچي ڪاري جو پاڻ مالڪ بنجي ويو آهي.“

ٻيو دوست لاڳ وٺرائيندي چوي ٿو:

”پر رحمان آهي ڏاڍو ڪنجوس، ڪڏهن الله جي ڏني مان سنگت کي بہ صلاح ڪبي آهي.“

رحمان کلندي چئي ٿو

”يارن سان ڪهڙي ڪنجوسي، اٿي شڪيل کائڻ پيئڻ جو سامان کولي ڪڍي آ، ٻيو بہ ڪجهہ گهرائڻو هجي تہ تڪلف جي ڪا ڳالهہ ناهي، يارن سان ڪهڙي ڪنجوسي. اڄ دل کولي خرچ ڪبو.“

امتياز رحمان جي ڳالهه ٻڌي فخر سان چوي ٿو ته:

”هن جي دوست جي دل وڏي آ توهان حڪم ڪيوس.“

شڪيل اهو ٻڌي خوش ٿيندي چوي ٿو ته:

”جي اها ڳالهه آ ته پوءِ اج اسان جي فرمائش آ ته ڪائجي پيئجي ته روز ٿو اج نائيٽ ڪلب هلجي، اها دنيا به ڏسجي.“

پرسان ويٺل نذر تاڙو ملائيندي چوي ٿو.

”شڪيل، واه جي ڳالهه ڪئي اٿئي، رحمان جهڙو امير ۽ سخي دوست هجي ۽ اسان هتي رمي ۽ ڊرنڪ ۾ پيا ٽائيم پاس ڪيون. يار ڪا ته وڏن ماڻهن واري عياشي ڪرڻ کپي.“

رحمان جيڪو زمينن جا ڪاغذ نهرائڻ لاءِ ڏئي، ان وقت کان پاڻ کي زميندار سمجهڻ لڳو آهي اهو ٻڌي ڦونڊجي وڃي ٿو.

”ته پوءِ زميندار بنجڻ جي خوشي ۾ اج جي سڄي عياشي منهنجي کاتي ۾ جيڪو چوندئو ائين ٿيندو يارن سان کهڙا ليکا.“

امتياز کي سنگت مان اها اميد نه هئي ته هو اهڙي ڳالهه تي لهي ايندا ۽ رحمان به نه سمجهندي هنن جي ڳالهين ۾ اچي ويندو کيس فهمائشي انداز ۾:

”بس يار بس تون به هنن جي چوڻ تي.....!“

رحمان ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي،

”نه يار اج سنگت کي نه ٽوڪ نه روڪ. اهو جهان به ڏسڻ گهرجي. هوندن به گهر جي مرغي دال برابر هوندي آهي.“

شڪيل لاڳ وٺرائيندي،

”۽ اسان جهڙن مسڪين ڇڙن ڇاندبن وٽ ته اها به ڪونهي.“

”ته پوءِ هلو اج دل کولي عياشي ڪبي، صبحاڻي مون کي وڃڻو آ ڳوٺ گهر جي مرغي کي وٺڻ . پوءِ اهڙي آزادي ڪٿي ملندي“

امتياز انڪار ڪندي چوي ٿو ته اهو سڀ هن کان نه ٿيندو. ان تي ٽئي ڄڻا کلن ٿا رحمان کيس چوي ٿو ته:

”اهو نيڪ نه ٿو لڳي سنگت کان ائين منهن ناهي مٽائبو.“

هو صفا انڪار ڪندي کيس چوي ٿو:

”رحمان تون بہ نہ وڃ، ان ديڻ ۾ جيڪو ڦاٿو ان جو نڪرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي.“

”ڇڏ يار اڄ نہ روڪ. ڏسڻ ڏي اها دنيا ۽ تون بہ موقعو هٿان نہ وڃاءِ.“

”تنهنجي مرضي...... پر..... آءِ ايم سوري يار! مان توهان جو ان ڳالهہ ۾ ساٿ نہ ٿو ڏئي سگهان.“

ٿئي ٻاهر نڪري وڃن ٿا امتياز کين ويندو ڏسي ڏڪارو ٿي وڃي ٿو. آهستہ آواز ۾ پنهنجي منهن ڳالهائي ٿو.

”رحمان کي بگاڙڻ ۾ منهنجو هٿ آ پر مون کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ هو ان حد تائين هليو ويندو.“

رحمان گاڏي ڊرائيو ڪري ٿو ۽ هو ٻئي واري واري کيس رستا سمجهائن ٿا آخر گاڏي هڪ انڌيري گهٽيءَ ۾ داخل ٿئي ٿي تہ رحمان حيران ٿي هنن کان پڇي ٿو تہ هو ڪٿي اچي نڪتا اهن. ڪاٿي غلط رستو تہ وني نہ آيا آهيون. هتي تہ پري پري ڪا نائيٽ ڪلب نظر ڪونہ ٿي اچي. ٻئي هڪ ٻئي ڏي معنيٰ خيز نگاهن سان ڏسن ٿا ۽ شڪيل ڪلندي چوي ٿو

”اسان جي حساب ۾ اهو علائقو نائيٽ ڪلب چورائيندو آهي، هتي راتيون جاڳنديون آهن ۽ ڏينهن سمهندا آهن. ٿي نہ نائيٽ ڪلب.“

رحمان پس و پيش ڪندي چوي ٿو.

”پر يار.... توهان تہ چيو هو....“

انهي وقت گهنگرن جا آواز ڪنن ۾ گوجڻ لڳن ٿا تہ تنهي جا قدم اوڏانهن وڌڻ لڳن ٿا.

•

شام جي وقت گل بانو ٻاهر ويني آهي. شمسہ انهيءَ وقت اسڪول مان واپس اچي ٿي ۽ هيڏي هوڏي نهاريندي ماءُ کان پڇي ٿي

تہ رحمان وارا اجان ناهن پهتا. سج لهڻ وارو آهي، ماءُ جو آواز ٻڌي نجمہ بہ ڪمري مان ٻاهر اچي ٿي ۽ گهڙيال ۾ وقت ڏسي،

”ساڍا پنج پيا ٿين جاويد الائي ڇو دير ڪئي آهي، هونئن تہ پنجين بجي تائين اچي ويندو آهي.“

ماڻس چوڻ ٿي تہ ٽريفڪ جي ڪري ڪٿي ڦاسي ويو هوندو. اجان اهي ڳالهيون پئي ڪين تہ گهنٽي وڄي ٿي نجمہ جلدي وڃي در کولي ٿي، جاويد اندر اچي ٿو سندس هڪ هٿ ۾ وڏي بئگ آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ شاپرن ۾ ڪجهہ سامان اٿس سندس پويان رحمان بہ سامان کنيو اندر اچي ٿو نجمہ شمسہ ۽ گل بانو اچرج مان کين ڏسن ٿيون اجان اها حيرت دور ئي نہ ٿي ٿئي تہ پويان مريم فواد کي کنيو پئي اچي ۽ ان سان گڏ شهربانو اندر داخل ٿئي ٿي گل بانو ڪاوڙ ۽ ڏک مان پُٽ کي ڏسي ٿي، شهربانو کي ڏسندي کيس اهي ڏينهن ياد اچي وڃن ٿا جڏهن شهربانو کين گهر مان تڙي ڪڍيو هو هڪ هڪ منظر فلم جيان سندس ذهن جي پردي تي منعڪس ٿيڻ لڳي ٿو.

”تنهنجو ۽ تنهنجي ٻارن جو اسان ٺيڪو ناهي کنيو مڙس ڇا مئو اٿس مائيءَ سڄو وزن ڪٽي اسان تي رکيو آهي، اها ڏيڏين انگريزي پڙهي ڇا ڪندي، کهڙي ماسترياڻي ٿيڻو اٿس. روز روز اچ ڪتاب وٺي ڏيو اچ فيهون ڏيو. آهن ناهن بس هنن کي کپن. ناهن اسان وٽ توهان جا لاڏ سهڻ لاءِ پئسہ. مڙسنهن مري ويو تہ هڪ ٽڪوبہ نہ ڇڏي ويو....“

”خدا خدا ڪر شهرو، شمسہ جي پيءُ کي اها خبر نہ هئي تہ سئوٽس سندس مُئي کان پوءِ زمينن جا ڪاتا ائين پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيندو. نہ مختارنامو ڏئيس ها نہ هو ائين ڪري ها. هاڻي ملڪيت بہ اسان جي ۽ اکيون بہ اسان کي ٿي ڏيکارين.“

ٻئي ٻار ڊنل سهميل پري ڪٽ تي ويٺا هجن. رحمان تہ وڏن آوازن تي ڊڄي روئڻ لڳو ۽ شمسہ کيس ڀاڪر ۾ لڪائي پرچائڻ لڳي. شهربانو تہ بہ نہ مُڙي اجان زور سان ڳالهائيندي،

”بس، هاڻي بس، وڏي آئي آ ملڪيت واري، الائي ادي رحيم داد ڪي ڪهڙي ڪُٺي ڪنيو جو توسان لائون لڏائين، ٻه اکر ڇا پڙهي آ، پاڻ کي وڏي معتبر ٿي سمجهي، نڪرو هاڻي هتان، وڃي پنهنجي لاٽ صاحبن کي ٻئي هنڌ پڙهاءِ.“

گل بانو جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳن ٿا، روئندي سامان پيڪ ڪري ٿي ۽ ڪيس چوي ٿي.

”چڱو، چڱو. تون به ڏسجانءِ قدرت جو کيل، يتيمن جي ملڪيت هڙپ ڪئي اٿو. خدا پاڻهي ان جو حساب ڪندو، مان اڄ کان پوءِ ڪڏهن به هن در جي چائنٺ نه ٽپنديس.“

”چڱو ٻڌوسين، منهنجو به فيصلو آ، مان تنهنجي مُئي کان پوءِ به تنهنجو منهن نه ڏسان، ڪڏهن به تنهنجي در جو پاڻي نه پيئنديس.“

مراد خان جيڪو هي سڄو جهيڙو ٻڌي رهيو هو آخر ان کان رهيو نه ٿيو پيڻ کي ڇيڀيندي، چوڻ لڳو.

”بس ادي بس...! ايڏو وڏو ٻول نه ٻول، رب الائي ڪهڙي ڳالهه تي ناراض ٿي پوي...“

”تون چپ ڪر اهڙي همدردي ٿئي ته تون به ڪڻ ٽپڙ ۽ گڏجي پئو وڏي پيڻ سان.....“

اهو سڀ سوچي گل بانو اڄ به ايتري ئي ڏکاري ٿي وئي.

”قدرت جا به پنهنجا فيصلا آهن، اڄ شهر بانو بي وس ٿي منهنجي اڳڻ تي آئي آهي.... پر هيءَ وري به اسان جي ٺهيل ٺڪيل زندگي ۾ زلزلو آڻي ڇڏيندي، رحمان توائين ڇو ڪيو.“

ڪاوڙ ۾ منهن ٻئي طرف ڪري پنهنجي ڪمري ڏي هلي وڃي ٿي، شمسه مجبوراً، اٿي هنن سان ملي ٿي ۽ هن کي لائونج ۾ اچي ويهاري ٿي، رحمان ماءُ جو خراب موڊ ڏسي سندس پويان ڪمري ۾ وڃي ٿو مريم سڄي صورت حال کي سمجهندي ڪاوڙ مان ننڍڙي کي ڪٽي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وڃي ٿي.

رحمان ماءُ جي ڪمري ۾ وڃي ٿو ته هوءَ ڏکاري پلنگ تي ويٺي آهي پُٽ کي ڏسي ڪيس شڪايتي لهجي ۾ چوي ٿي.

”شهربانو کي هيڏي وني اچڻ کان پهرين تو مونسان وات ٽڪاڻي ڪرڻ بہ ضروري نہ سمجهو.“

”امان مامي مراد خان جي وڃڻ کان پوءِ چاچي بلڪل اڪيلي ٿي وئي هئي، هن ڏک جي گهڙي ۾ مون وٽ ان کان سواءِ ڪوبہ چارو ڪونہ هو.“

ڪاوڙمان چويس ٿي،

”تنهنجي پيءُ کان پوءِ اسان بہ اڪيلا ٿي ويا هئاسين. اسان جو بہ ڪير ڪونہ هئو هن جو تہ وري بہ ڳوٺ راج هئو نوڪر چاڪر هئا پنهنجو گهر گهاٽ هئو. هن مائيءَ مونسان کهڙيون جنيون ڪيون، شمسہ ۽ توکي وارن کان جهلي جڏهن ماريندي هئي تہ ڪيس ذرو بہ قياس نہ ايندو هو تہ منهنجي دل تي ڇا گذرندي هوندي، ڪير هو اسان جو جنهن جي آسري تي اسانکي اسانجي پنهنجي گهر مان لوڏي ڪڍيائين.“

رحمان شرمسار ٿي وڃي ٿو.

”امان مونکي سڀ ياد آهي، مان سمجهہ سان هوَس پر..... جي اسان بہ اهڙو ورتاءُ ڪيو تہ پوءِ اسان ۾ ۽ هن ۾ ڪهڙو فرق رهندو.“

”ڪجهہ بہ ٿي پوي مان هن کي پنهنجي نهيل نڪيل زندگي ۾ ڏار وجهڻ لاءِ پنهنجي گهر ۾ برداشت نہ ٿي ڪري سگهان، هن جو نانگڻ وارو سڀاءُ بدلجي نہ ٿو سگهي، جتي ڏسندي زهر هارڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندي.“

”ٺيڪ آ امان، مان جلد هنن جو ٻئي ڪنهن هنڌ انتظام ڪندس.“

”ڇا مطلب آ تنهنجو....؟.... هون.... هاڻي سمجهيم تہ اهو سڄو منصوبو ڇا لاءِ ٺهيو آهي.... توکي اسان کان ڌار ڪرڻ لاءِ.... شهربانو ۽ ان جي اولاد مان ٻي اميد بہ ڪهڙي ڪري پئي سگهجي، آخر وڏئون نہ منهنجي آنڊن ۾ هٿ..... منهنجي جگر جي ٽڪري کي مونکان ڌار ڪرڻ جو منصوبو نيٺ ڪامياب ٿين، باقي اها ڪسر رهيل هئن، اها بہ پوري ڪين.“

رحمان ٿورو تيز ٿي ويجي ٿو.

”توهان به کهڙو منهنجي زال سان سهي هليا آهيو. پهرين ڏينهن کان هن سان گهر وارن جو رويو مان چڱي طرح سمجهندو رهيو آهيان.“

”تنهنجو ڏوهه ناهي پُٽ....! اج تون شهربانو جي زبان پيو ڳالهائين.“

ٻنهي جا تيز آواز ٻڌي شمسه اندر اچي ٿي.

”رحمان، تون ئي کٽي ماٺ ڪر. ڇو ٿو امان جي زخمن تي لوڻ ٻرڪين.... امان توهان به ٿورو صبر کان ڪم وٺو. هنن جي گهر ۾ تازو قضيو ٿيل آهي. اهي ڳالهيون پوءِ به ٿي سگهن ٿيون“

رحمان ڪاوڙ ۾ خاموشيءَ سان ٻاهر نڪري ويجي ٿو. گل بانو ليٽي ڪجهه ڳالهائڻ بنا ٻئي طرف منهن ڪري ڇڏي ٿي ته شمسه به رحمان جي پويان ٻاهر نڪري ويجي ٿي.

●

هوڏانهن مريم جي ڪمري ۾ شهربانو اداس ويٺي آهي، هن کي گل بانو جي رويي ڏاڍو رنج رسايو آهي، ويتر مريم سندس ڦٽن کي ڇيڙيندي چويس ٿي،

”ڏنئي نه امان چاچيءَ جو نمونو رڳو ڏک سور به نه ونڊيائين.“

”انصاف آ، سالن جا ڦٽ اجان نه ڇٽا اٿس، مان به ٽي دفعا اڳ ۾ به آئي آهيان، تڏهن ته ائين نه ڪيائين.“

”تڏهن ته تون ايندي هئينءَ مهمان ٿي، پڪ هوندي هئس ته ڏينهن ٻن ۾ موٽي ويندينءَ پر هاڻي سمجهندي هوندي ته ٽپڙ ٽاڙي جو کڻي آئي آهي ته موٽي ٿوروئي ويندي. تڏهن ٻاهه وٺي ويس.“

”پر اسان ڪهڙو ساڻس سان رهڻ آيا آهيون.“

”اها ته اجان ڪيس خبر ڪانهي نه..... جي نه خبر پيس ته رحمان کي هن کان جدا پيا ڪيون ته الائي ڇا ڪندي، آسمان ڪٽي مٽي تي ڪٽندي.“

”پر تو ته چيو هو ته رحمان گهر وٺي ڇڏيو هوندو.....“

”مون ته ائين سمجهو هو پر.....“

”چڱو چڱو.... مان به هتي ٿوڪي تي ڪونه رهنديس، رحمان ٻاهران موٽي اچي ته چوينس ته جلد گهر جو قبضو وٺي.“

”چڱو امان ڳڻتي نه ڪر، هيڏانهن منهنجي پاسي ۾ اچي آرام ڪر...“

”نه مان هتي صوفي تي ئي سمهي ٿي رهان.“

دروازو کڙڪي ٿو ۽ شمسه اندر اچي،

”چاچي اٿو توهان هلي منهنجي ڪمري ۾ آرام ڪيو هتي ڏکيا وينا آهيو.“

”نه امان.... مان هتي صوفي تي ئي ليٽي ٿي پوان.“

شمسه ٻانهه کان جهلي اٿاريس ٿي،

”نه چاچي توهان سدائين منهنجي ڪمري ۾ رهندا آهيو، اٿو اوڏانهن هلو. امان جي ڳالهه دل ۾ نه ڪيو اٿو....“

اٿاري ٻاهر وٺي وڃيس ٿي ته پويان منهن گهنجائي مريم پڙڪي ٿي،

”ماءُ لوڻ ٻرڪي، ته ڌيءَ پها رکڻ پهچي وئي آ، الائي ڪهڙي سياست وڙهنديون رهنديون آهن.“

آفيس مان فارغ ٿي رحمان پراپرٽي ايجنٽ وٽ وڃي ٿو جيڪو ڪيس اها خوش خبري ڏئي ٿو ته هن گهر جا ڪاغذ تيار ڪرائي ڇڏيا آهن توهان باقي پيمينٽ ڏيو ته توهان کي گهر جو قبضو وٺي ڏيون، رحمان باقي پيمينٽ ڏئي ٿو ۽ ڏهن لکن جي بجاءِ ڪيس پندرهن لکن جي رسيد لاءِ چوي ٿو ايجنٽ پهرين ته ڪجهه پس و پيش ڪري ٿو پر ڪجهه وڌيڪ ڪميشن ملڻ تي راضي ٿي وڃي ٿو. هو ڪيس چوي ٿو ته

صبحاڻي رجسٽري لاءِ ڪاغذ جمع ڪرائيندو ۽ پوءِ توهان کي چابي وٺي ڏيندو. اتان ٿي هو باقي رهيل ڪم بہ مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو ڇو تہ سندس من ۾ آهي تہ نئين گهر ۾ شفٽ ٿيڻ کان پهرين زمينن جو معاملو بہ پنهنجي هٿ وس ڪري، ان چنتا کي بہ دور ڪري، نئين گهر ۾ نئين انداز جي زندگي جي شروعات ڪجي، سڌو وڪيل سان ملڻ لاءِ وڃي ٿو جيڪو ڪيس ڪاغذ تيار ٿي وڃڻ جي نويد ڏئي ٿو ۽ ڪيس چوي ٿو تہ قانوني فارملٽيز کي پورو ڪرڻ کان پوءِ خواتين کي وٺي اچي تہ جيئن هو ٽرانسفر جي ڪاغذن تي صحيحون ڪن. هو ڪائنس پڇي ٿو تہ ڪاغذ درست تہ نهرايا آهن نہ اڳتي هلي ڪو مونجهارو تہ نہ ٿيندو. وڪيل اهو چئي ڪيس اطمينان ڏياري ٿو تہ فائيل اسٽڊي ڪان پوءِ خبر پوي ٿي تہ اصل ۾ سموريون زمينون سندس والد صاحب جون آهن جيڪي انتهائي چالاڪي سان هنن پنهنجي نالي ڪري ورتيون هيون، ۽ جي ساڳئي نموني جي چالاڪي سان واپس توهان جي نالي ٿين ٿيون تہ ان ۾ ڏوهہ ڪهڙو آهي. بس توهان اسان جي في اسان جي حساب سان ڏيندئو باقي اسان تي ڇڏي ڏيو حقدار کي حق ڏيارڻ اسان جو ڪم آهي، توهان هاڻي بي فڪر ٿي گهر وڃو ايندڙ هفتي انشاالله خواتين کي وٺي اچجو توهان زمينن جا مالڪ ٿي ويندئو. اتان اٿي هو سڌو گهر لاءِ روانو ٿئي ٿو.

●

سنڌيا ۽ مظفر سندس آفيس ۾ ڪجهہ فائيلز تي ڪم ڪري فارغ ٿين ٿا تہ سنڌيا اٿڻ جي ڪري ٿي تہ مظفر ڪيس چوي ٿو تہ ترسي چانهہ پي پوءِ وڃي هنن فائلن جي ڪم جي بوريت دور ڪرڻ لاءِ ٿوري دير رليڪس ڪرڻ گهرجي، سنڌيا اهو ٻڌي چوي ٿي،

”سر....! مان تہ بور ناهيان ٿي، بلڪ ڪم سکندي مزو پيو اچي.“

”اها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي، مون تہ توهان جي خيال سان ڇيو پئي.“

”نو سر....! ريئلي آءِ ايم انجوائنگ.“
مظفر دلچسپيءَ سان سندس ڳالهہ ٻڌي چوي ٿو.
”اگر توهان محسوس نہ ڪيو تہ هڪ ذاتي سوال ڪيان.“
سنڌيا اچانڪ اهڙي سوال لاءِ تيار نہ هئي سندس منهن لهي ويو پوءِ بہ پاڻ تي ڪنٽرول ڪندي چيائين.
”سر اگر ويري پرسنل نہ هجي تہ......“
”او نو نو مان اهڙو ڪوبہ سوال ڪرڻ جي جرئت پلا ڪيئن ٿو ڪري سگهان.“
سنڌيا اطمينان جو ساهہ کڻندي.
”تہ پوءِ پڇو ڇا ٿا پڇڻ چاهيو.“
”توهان هي جاب فائينل ڪيريئر جي طور چوائس ڪئي آ يا.... في الحال ڪيو پيا.“
”سر ڏسو قسمت ڪيڏانهن ٿي وٺي وڃي، هونئن تہ سي ايس ايس ڪرڻ جو ارادو آهي.“
”سنو ارادو آهي... پر پاڻ کي قسمت جي حوالي ڪري ڇڏڻ بلڪل سنو ناهي.“
”سر هاڻي مون کي هلڻ گهرجي.“
”اوڪي.... توهان پلي هلي وائيند اپ ڪيو آفيس ختم ٿيڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي.“
آفيس ختم ٿيڻ کان پوءِ سنڌيا پرس ۾ ڊائري کڻي ٻاهر اچي ٿي، ٽيڪسيءَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهائي ٿي تہ سامهون مظفر کي ايندو ڏسي ٿي، هوءَ تڪڙا قدم کڻندي اڳتي وڌي ٿي جيئن مظفر جي نگاهہ مٿس نہ پوي، هڪ دڪان جي اوٽ ۾ وڃي بيهي ٿي، دڪان مان رحمان نڪري ٿو ڪيس اتي بيٺل ڏسي اچي پويان سندس ڪلهي تي هٿ رکي ٿو ڇرڪ ڀري پويان نهاري ٿي رحمان جي هٿن ۾ ڪافي شاپر آهن. سنڌيا پريشان ٿي ان طرف ڏسي ٿي جيڏانهن مظفر گاڏي ڪيڻ ويو آهي، هوءَ سوچي ٿي تہ جيڪڏهن مظفر جي نگاهہ رحمان تي پئجي وئي يا هن اچي مونسان ڳالهائڻ جي ڪئي تہ رحمان الائي ڪيئن ري

ايڪٽ ڪري. رحمان کيس پريشان ڏسي پڇيس ٿو تہ ڇا ڳالهہ آ. هوءَ کيس ڏسي پريشان ڇو ٿي وئي آهي، ڇا هوءَ ڪنهن جو انتظار ڪري رهي آهي.

”انتظار...! نہ نہ ڀلا مان ڪنهن جو انتظار ڪنديس....“

”تہ پوءِ اتي ڇو بيٺي آهين.“

”آفيس جي سامهون ڪا رڪشہ ٽيڪسي ڪونہ ملي ان ڪري ڏسندي ڏسندي هيستائين هلي آيس.“

”ڇڱو... اچ مان ٿو ڊراپ ڪندو وڃانءِ.“

هوءَ سوچڻ لڳي ٿي تہ جي مظفر کيس ائين رحمان سان ويندي ڏسي ورتو تہ هو منهنجي لاءِ ڇا راءِ قائم ڪندو. پر منهنجو هن جي راءِ سان ڀلا ڪهڙو واسطو مان ان جي باري ۾ ڇو پئي سوچيان.“

”ڪهڙن خيالن ۾ گم ٿي وئينءَ، هل مونکي دير پئي ٿئي.“

”تہ پوءِ توهان وڃو پليز... مان رڪشہ ڪري هلي وينديس.“

رحمان سوچي ٿو تہ ضرور ڪا ڳالهہ آ جو هيءَ مونکي ڏسي پريشان ٿي وئي آهي، اهو خيال ڪندي ڪاوڙ وچان سندس منهن ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو

”ڳالهہ ڇا هي اهڙي اکڙيل اکڙيل ڇو پئي لڳين، وڌيڪ پريشان نہ ڪر چپ چاپ هل، توکي ڇڏي پوءِ مان گهر ٿو وڃان.“

”پر مون چيو نہ تہ مان پاڻهي هلي وينديس تہ پوءِ ضد ڇا جو آ توهان کي هونئن بہ دير پئي ٿئي.“

”ڇڱو هاڻي گهڻا نخرا نہ ڪر، آرام سان هلي گاڏيءَ ۾ ويهہ.“

سنڌيا هيڏانهن هوڏانهن نهاري خاموشي سان رحمان سان گڏ هلي وڃي گاڏيءَ ۾ ويهي ٿي، وري سوچ ۾ پئجي وڃي ٿي، تہ هي کيس ڇا ٿي ويو آهي هن کي مظفر جي ايتري پرواهہ ڇو پئي ٿئي، جي هن رحمان کي ڏسي بہ ورتو تہ ڪهڙو فرق ٿو پوي. رحمان وري کيس ائين گم سم ڏسي پڇيس ٿو :

”ڪجهہ تہ آهي جنهن جي پرده داري پئي ٿئي.“

هوءَ ڳالهہ ٽاهيندي،

”رحمان آپي ۽ بابا جن مونکي شاديءَ لاءِ سخت پريشرائيز ڪري رهيا آهن. هاڻي مون وٽ ڪين ٽارڻ لاءِ ڪو بہ جواز ڪونهي.“

اهو ٻڌي رحمان جو موڊ خراب ٿي ويو هو سنڌيا کان ڪنهن بہ حالت ۾ دستبردار ٿيڻ نہ ٿو چاهي.

”مان توکي بار بار چئي چڪو آهيان تہ تون منهنجي آهين مان توکي ڪنهن بہ جو ڪڏهن بہ ٿيڻ نہ ڏيندس.“

”پر.... مان گهر وارن کي ڇا چوان..... يا تہ توهان ڪائن منهنجي رشتي جي ڳالهہ ڪيو....“

”اهو بہ في الحال ممڪن ناهي.“

اهو ٻڌي سنڌيا کي بہ ڪاوڙ وٺي وئي ٿي،

”تہ پوءِ جڏهن ممڪن ٿئي تڏهن مونسان ملجو.

اهو ٻڌي هو تپي باهہ ٿي ويو ٿو.

”اهو بہ ممڪن ناهي... لڳي ٿو تہ تون پاڻ جان ڇڏائڻ جا بهانا پئي ڳولهين.“

”نہ مان صرف چاهيان ٿي تہ جلد از جلد اسان جي شادي ٿي وڃي مان وڌيڪ گهر وارن جي تقاضائن کي نٽائي نہ ٿي سگهان.“

رحمان هار مڃيندي،

”ٺيڪ آهي، مان ڪجهہ ڏينهن ڪجهہ پرابلمز جي ڪري مصروف آهيان، پوءِ ان موضوع تي ڳالهائينداسين.“

”ضد ڪندي، ”نہ مونکي ڏينهن ٻن ۾ جواب کپي، نہ تہ پوءِ.......“

هو وري تيز ٿي ويو ٿو.

”پوءِ ڇا....؟

سنڌيا ڪجهہ سوچي خاموش ٿي وئي ٿي،

”ٺيڪ آهي... توهان مون کي هتي ڊراپ ڪيو مان اڳتي هلي وينديس.“ رحمان گاڏي روڪي ٿو تہ هوءَ ڪجهہ چئي بغير لهي هڪ گهٽي ۾ داخل ٿي وئي ٿي تہ هو گاڏي اسٽارٽ ڪري سوچي ٿو

”اڄ سنڌيا جي رويي ۾ عجيب بيگانگي هئي، ڇا واقعي سندس ڪو رشتو آيو آهي، جي ائين هجي تہ پوءِ.... نہ نہ مان هن کي ڪنهن

ٻئي جو ٽيڻ نہ ڏيندس، پر ڪيس ڪيئن روڪجي...“ ڪجھ سوچي ڪنڌ لوڏي ٿو.

سنڌيا گھر پهچي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرڻ لاءِ هلي وڃي ٿي. بيڊ تي ليٽندي ئي رحمان جو خيال ۽ اڄ جي صورت حال ذهن ۾ اچيس ٿي. هي هن کي ڇا ٿي ويو هئو مظفر کي ڏسي ڪترائي نڪري وڃڻ جي ڪوشش، هُن تہ ڪڏهن بہ اهڙي ڪا ڳالھ. ڪو رويو مونسان ناهي رکيو پوءِ هن ڪان ڪترائڻ جو ڪهڙو جواز هو ۽ رحمان کي اتي ڏسي مون کي ڇاڻي ويو هو خواه مخواه هن جي ذهن ۾ شڪ پيدا ٿيو هاڻي هو هر وقت پيڇو ڪندو. آخر مون ڇو نہ ٿي چاهيو تہ مظفر مون کي رحمان سان ڏسي، منهنجي پنهنجي زندگي آ. مان ڪنهن سان ملان نہ ملان مان ڇو ڪنهن ٻئي جي مداخلت برداشت ڪيان. پر اهو سڀ ڇو پئي سوچيان، ڪنهن منهنجي زندگيءَ ۾ مداخلت ڪئي.... لڳي ٿو تہ منهنجو دماغ خراب ٿي ويو آ، اهو سڀ منهنجي ذهن جو فطور آهي، هرويرو رحمان کي شڪ ڪرڻ جو موقعو ڏنم. ان وقت ٻاهران ڪومل جو آواز اچي ٿو تہ اٿي ڪمري مان ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

●

رحمان رات جو گھر اچي ٿو تہ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو ۽ فريش ٿي ٻاهر اچي ٿو تہ مريم دل ئي دل ۾ چوي ٿي تہ اڄ وري پي آيو آ، هو سڌو مريم جي پرسان اچي ويهي ٿو ۽ ڪيس پيار پرين نظرن سان ڏسندي،

”اڄ مريم بيگم لاءِ خوشي جي خبر آهي.“

اهو ٻڌي مريم خوشيءَ وچان.

”واقعي....“

”بلڪل هي وٺ پئسن جي رسيد.....“

”سموري پيمينٽ ڪري آيا.....“

”ها.... تڏهن تہ رسيد ڏيان پيو سنڀالي رکجانءِ.....“

رسيد تي هڪ نظر وجهندي حيران ٿي پڇي ٿي،

”پندرهن لک...! ايڏو مهانگو گهر.... توهان ته چيو هو ته ڏهن تائين ڪم ٿي ويندو.... هاڻي فرنيچر ڪٿان وٺبو.“

”مڙئي ٿي ويندو.... فصل لهڻ وارو آ ڪجهه پگهار ملندي....“

اهو ٻڌي ڪيس ڪجهه اطمينان ٿئي ٿو رحمان کي خوشي مان ياڪر پائيندي.

”منهنجو اڄ خواب پورو ٿيو منهنجو پنهنجو گهر هوندو ڪوبه روڪڻ ٽوڪڻ وارو نه هوندو.“

”چڱو هاڻي آرام ڪر.....“

”پر چابي ڪڏهن ملندي....“

”ملي ويندي ڏينهن ٻن ۾، پر امان وارن کي ايستائين نه ٻڌائجانءِ.“

”ڇو نه ٻڌايان، چاچيءَ امان کي جڏهن کان ڏٺو آ سنئين منهن ڳالهائي نه ٿي. منهنجي ماءُ کان مٿي ڪو ٻيو آهي ڇا....؟ منهنجي ماءُ جي دل آزاري ٿئي ته ڀلي پئي ٿئي باقي....“

”بس هاڻي بس، ماٺ ڪري سمهي پئو....“

هوءَ ڪاوڙ مان منهن ڦيرائي سمهي رهي ٿي.

ڪجهه ڏينهن ائين گذري وڃن ٿا ته هڪ ڏينهن سنيتا ۽ نجمه لائونج ۾ ويٺيون آهن ته شمسه به ٻاهر اچي ويهي ٿي ۽ سنيتا کان سنڌيا وغيره جو حال احوال وٺي ٿي ان وقت فون جي گهنٽي وڄي ٿي ته نجمه اٿي فون کڻي ٿي.

”امي ڪو اسٽيٽ ايجنٽ هو چيائين ته رحمان صاحب جيڪو بنگلو خريد ڪيو هو ان جي چابي ملي وئي آهي اچي کڻي وڃي.“

ماڻس ڪجهه سمجهي وڃي ٿي،

”مان به چوان ته چاچي شهرو لڏي پلاٽي هتي ڪيئن پهتي آهي، اسان سان گڏ رهڻ لاءِ ته ڪونه آئي هوندي، پر اندر ئي اندر اها کچڙي پئي پڪي....“

شمسہ اندر هلي وڃي ٿي تہ سنيتا بہ موڪلائي هلي وڃي ٿي انهيءَ وقت رحمان بہ ٻاهران اچي ٿو ۽ سڌو ماءُ جي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو جيڪا شهربانو جي اچڻ ڪري اڃان پُٽ سان ناراض آهي، رحمان ڪيس ناراض ڏسي سندس پير ۾ اچي ويهي ٿو.

”امان توهان چاچيءَ جي اچڻ تي اڃان تائين ناراض آهيو نہ. مون توهان جي ناراضگي جي خيال کان ڪين هتان کان بہ گهٽيون ڇڏي ننڍڙو گهر وٺي ڏنو آهي..... بس ڏينهن ٻن ۾ هو هتان شفٽ ڪري وينديون.....“

گل بانو سندس ڳالهہ تي ڪو بحث ڪئي بغير مختصراً.“

”ٺيڪ آ....“

”پر..... پر.....“

گل بانو حيرت مان ڪيس ڏسي ٿي....“

”پر مان توهان کان اجازت وٺڻ آيو آهيان.“

ايتري ۾ شمسہ ۽ نجمہ اندر اچن ٿيون انهن کي ڏسي رحمان چپ ٿي وڃي ٿو. تہ شمسہ ڪانئس پڇي ٿي تہ هو ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري ايڏو گهبرايل پيو لڳي.

”نہ آپا اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي، در اصل امان کي ٻڌائڻ پئي چاهيم تہ....“

نجمہ ڳالهہ ڪٽيندي،

”تہ ماميءَ وارن لاءِ نئون بنگلو خريد ڪيو آهي، توهان جي اچڻ کان ڪجهہ پهرين ايجنٽ فون ڪري ٻڌايو هو تہ چاٻي ڪٺي وڃو.“

اهو ٻڌي رحمان خاموش ٿي ماءُ ڏي ڏسي ٿو جنهن جو منهن ڏک ۽ ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو.

”ڇا جي اجازت وٺڻ آيو آهين. اندر ئي اندر اهو ٿيندو رهيو ۽ اسان تائين ٻاڦ بہ نہ پهتي،... مون کي تہ اهو ان ڏينهن ئي انديشو ٿي ويو هئو جڏهن مريم گهر ۾ پهريون قدم رکيو هو تہ اها شهربانو جي طرفان منهنجي جگر ۾ آخري ڇري هڻڻ جي تياري آهي.... آخر منهنجي جگر جو ٽڪر مون کان ڌار ڪين....“

اهو ٻڌي شمسہ کي بہ ڪاوڙ وني وجي ٿي،

”پر هينئر ٻڏائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، گهر وٺڻ مهل تہ اجازت جي ضرورت ڪونہ محسوس ڪيئي،...... پوءِ هاڻي ماءُ جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ چو آيو آهين.... توکي جيڪو وڻي اهو ڪر..... ايترو تہ سوچين ها تہ امان ۽ اسان تنهنجي بغير اڪيلا هتي ڪيئن رهنداسين.“

رحمان خاموشي سان هنن جو ڳالهيون ٻڌي ٿو.

”امان جي ئي تہ مرضي هئي نہ تہ چاچي هتي هڪ ڏينهن بہ نہ رهي، هاڻي هوءَ اڪيلي تہ ٻئي گهر ۾ نہ رهندي نہ.....“

”ها باقي تنهنجي ماءُ پلي هتي اڪيلي رهي، واه ٻچا واه.....“

”امان ان ڪري تہ مون بہ گهٽيون ڇڏي ويجهو گهر ورتو آهي جيئن ٻنهي گهرن ۾ ايندو رهان.“

هو وڏيڪ بحث نہ ٿيون ڪن رحمان بہ هتان وڃڻ ۾ ئي عافيت سمجهي ٿو. هن جي وڃڻ کان پوءِ گل بانوءَ جي ضبط جو مادو ختم ٿي وڃي ٿو روئندي چوي ٿي تہ هوءَ فواد جي بغير ڪيئن رهندي. ان تي شمسہ ڪاوڙ مان چويس ٿي تہ.

”بس امان هروپرو پنهنجي طبيعت خراب نہ ڪيو پنهنجو اولاد تہ پنهنجو نہ ٿيو ان جو اولاد ڪهڙو اچي تاج پارائيندو.“

اهو چوندي پاڻ بہ روئي ڏئي ٿي،

●

سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ ڪنهن فائيل تي ڪم ڪري رهي هئي تہ سنيتا پنهنجي مخصوص انداز سان سندس ڪمري ۾ وارد ٿئي ٿي،

”ڪهڙا حال ڪهڙا چال، چا پيو ٿئي.“

سنڌيا ڪيس ڏسي ڪم ڇڏي ڪرسي سرڪائي اٿي اچي بيڊ تي ويهي ٿي ۽ ڪيس ويهڻ لاءِ چوندي پڇيس ٿي،

”سپ خير پر تون ڪيترن ڏينهن کان پوءِ پئي نظر اچين، لڳي ٿوتہ مصروفيت وڌي وئي آهي.“

”نہ اهڙي ڳالهہ ناهي، تون بہ هاڻي آفيس مان دير سان اچين ٿي، ان ڪري مناسب نہ ٿو لڳي تہ تون ٿڪل ٽُٽل اچين ۽ مان اچي توکي تنگ ڪيان.“

”نہ اهڙي ڳالهہ ناهي..... خير ڪا نئين خبر چار.....“

”نئين تازي خبر اها آهي تہ مريم نئون گهر ورتو آهي ۽ ڏينهن ٻن ۾ اوڏانهن شفٽ ڪري ويندا.“

سنڌيا سوچ ۾ پئجي وڃي ٿي،

”تڏهن رحمان ان ڏينهن ايڏي شاپنگ ڪيو پئي ويو.“

سنيتا کيس سوچ ۾ ٻڏل ڏسي،

”ڇو، ڇا ٿيو.....“

”نہ ڪا خاص ڳالهہ ناهي.....“

هوءَ نتائڻ جي ڪري ٿي.

”رحمان توسان ضرور مليو هوندو، توکي نہ ٻڌايائين ڇا......“

”مليو تہ ڪونہ هو پر ان ڏينهن آفيس مان موٽيس پئي تہ ڪوڙ سارا شاپر کنيو گاڏي ۾ پئي رکرايائين، شايد نئين گهر لاءِ شاپنگ ڪئي هوندائين.“

”واه سنڌيا واه..... هاڻي تون مونکان بہ لڪائڻ لڳي آهين، نجمہ ٻڌائي پئي تہ ماما کي الائي ڇا ٿي ويو آهي راتين جو بہ دير سان گهر اچي ٿو.....“ توسان تہ ڪٿي نہ ٿو ملي، خيال ڪجانءِ.....“

”نہ نہ.... مان ڀلا رات جو ساڻس ڪيئن ملي سگهان ٿي..... “

” ناني ۽ رحمان جو ان ڏينهن جهيڙو ٿي پيو.... نانيءَ تہ روئي روئي حال وڃائي ڇڏيا آهن.“

سنيتا کيس تفصيل سان حال احوال ڏئي ٿي، سنڌيا غور سان سندس ڳالهيون ٻڌي ٿي سندس چهرو غمگين ٿي وڃي ٿو دل اداس ٿي وڃي ٿي، جنهن گهر ۾ مستقبل ۾ وڃڻ جا هن خواب ڏٺا هئا اهي پورا پورا ٿي ويا هئا ۽ هوءَ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهي هئي.

ڪجھ وقت ائين بغير ڪنهن خاص واقعي جي گذري ويو. هڪ ڏينهن سنڌيا آفيس ۾ فون تي پيڻ سان ڳالهائي رهي هئي تہ پٽيوالي ڪيس اچي چيو تہ مظفر صاحب ڪيس ياد پيا ڪن. هوءَ پيڻ کي چوي ٿي تہ ڊپٽي صاحب سڏايو آهي پوءِ تي ساڻس ڳالهائي، رابعہ ڪيس چوي ٿي تہ هوءَ ساڻس ناراض آهي، هن سندس دل ڏکائي آهي، سنڌيا پيڻ کي راضي ڪرڻ لاءِ چوي ٿي تہ هوءَ جلد ڪيس پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪندي. في الحال اجازت ڏيو اهو چئي فون بند ڪري اٿي مظفر جي ڪيبن ڏانهن وڃي ٿي.

•

رحمان شهربانو ۽ مريم سان گڏ نئين گھر ۾ شفٽ ٿي وڃي ٿو. شهر بانو کي اهو گھر جيڪو مهانگي اگھہ ۾ خريد ڪيو ويو آهي ڏسي سخت مايوسي ٿئي ٿي، ٿڌو ساهہ ڀريندي چوي ٿي،

”هائي ڙي قسمت.....! هيڏي وڏي حاويلي ڇڏي اچي هن ڪُڏڙيءَ جھڙي گھر ۾ رهڻو پوندو..... ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هوم..... پر ابا رحمان....! هيڏا سارا پندرهن لک ڀريا اٿئون ۽ رڳو ٽن ڪمرن جو گھر، آڳند بہ ايترو ننڍڙو جو ٻن ڪتون بہ مس پون..... ڪيئن ٿيندو گذارو....“

رحمان اهو ٻڌي ناگوار لهجي ۾،

”چاچي مون مريم کي پهرين ئي هي گھر ڏيکاريو هيو. ڪراچي ۾ ايترن پئسن ۾ ايترو ئي گھر ملندو. هي ڳوٺ ناهي جتي زمين مفت جي، جيترو وڻي ڪوٺ ڪٽي ڪٽايو. هوندئن بہ هتان جي آبهوا اهڙي آ جو ماڻهو ٻاهر ناهن سمهندا. آڳند صرف گاڏي بيهارڻ لاءِ هوندو آهي.“

”شاباس ٿئي پُٽ...! سڄو ڏينهن ڪمرن ۾ ويهي تہ ساهہ ئي ٻوساتجي ويندو.“

مريم ڪان رهيو نہ ٿو ٿئي هوءَ نہ ٿي چاهي تہ رحمان ماڻس جي ڳالهين تي چڙي پوي ماءُ کي سمجهائي ٿي،

”امان ڳڻتي نہ ڪر، الله ڏنو تہ وڏو گهر بہ وٺي وٺنداسين. هاڻي ڇڏيو ان ڳالهہ کي، اچو تہ سامان سهي ڪيون،“ مڙس کي چوي ٿي، ”سائين توهان مائي صغرا کي هيڏي وٺي اچو نہ، فواد بہ ان سان هريل آهي.“

”نہ نہ، صغرا امان جي خدمت لاءِ رکيل آهي ان کي هيڏي ڪيئن آڻيو.... تون هتي ئي ڪنهن ماسي جو بندوبست ڪري وٺجانءِ.“

رحمان وارن جي گهر مان شفٽ ٿيڻ تي گهر جو ماحول ڏاڍو سوگوار ٿي ويو ٿو گل بانو روئي روئي پنهنجو حال وڃائي ڇڏيو آهي شمسہ پنهنجي ڏک کي لڪائيندي ماءُ کي آٿت ڏيندي رهي ٿي هن ڪائڻ پيئڻ ئي وساري ڇڏيو آهي هر وقت فواد جي لوري لڳي پئي اٿس، شمسہ ڪڏهن ڪيس دلداري ڏئي ٿي تہ ڪنهن مهل چڙي بہ پوي ٿي. هوءَ بار بار اها ڳالهہ ٻڌي تہ ٿي ڏينهن ٿي ويا آهن نہ پاڻ آيو نہ ننڍڙي کي آندائين، چويس ٿي تہ هو نوان نوان گهر شفٽ ڪري ويا آهن ڪجهہ ڏينهن سيٽنگ ۾ لڳي ويندن. واندو ٿي اچي ويندو هنن سان ملڻ، ٻئي ڪين ساري رهيون آهن تہ گهنٽي وڄي ٿي شمسہ اٿي در کولي ٿي تہ شايد رحمان آيو هوندو پر اهو ڏسي سندس چهرو حيرت گاڏڙ خوشيءَ سان ٻهڪي پوي ٿو در تي سنڌيا ۽ سنيتا آهن ڪين ڪيڪاري اندر اچڻ لاءِ چوي ٿي. هو ٻئي اندر اچن ٿيون تہ سنڌيا کي ڀاڪر پائي ملي ٿي. سنڌيا سامهون ويٺل گل بانوءَ کي ڏسي ٿي تہ وڏي ادب سان ساڻس ملي ٿي. گل بانو بہ وقتي طور تي پنهنجو ڏک وساري ڪيس ڏسي خوشيءَ مان ڀراتڙي پائي ملي ٿي، ۽ ڏوراپو ڏيندي چويس ٿي،

”منهنجي ڌيءُ تہ عيد جو چنڊ ٿي وئي آهي، ماءُ کي ائين وساري ڇڏيئي تہ امان جئري آهي يا مري وئي.....“

”نہ نہ ناني امان.....! اهڙي ڳالهہ ناهي جاب جي ڪري شام تائين آفيس جي بلي، پوءِ ٿڪ ۾ ڪيڏانهن نڪرڻ جو موڊ ئي نہ ٿو ٿئي.“

شڪايتي انداز ۾، ”ها امڙ ماءُ سان ملڻ لاءِ بہ موڊ جي ضرورت پوندي آهي.....“

”نہ نہ منهنجو اهو مطلب نہ هو. ڏسو نہ جيئن ئي سنيتا ٻڌايو تہ مريم وارا توهان کان الڳ ٿي ويا آهن ۽ توهان پريشان آهيو تہ رهيو نہ ٿيو ۽ ملڻ هلي آيس.“

”ڏاڍو سٺو ڪيئي، امان تہ ٻن ڏينهن کان نہ تہ ڪجهہ کائي ٿي نہ پئي ٿي رڳو پئي ٿي روئي.... هاڻي تون امان سان ويهہ تہ مان ڪجهہ ناهي ٿي اچان، ڏسان تہ امان جي هيءَ ڏيءُ ڪيئن ٿي ماءُ کي کارائي.“

شمسہ اٿي ڪچن ڏي وڃي ٿي. تہ سنڌيا گل بانوءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چوي ٿي،

”ڏسو ناني امان....! مريم هتي هونئن بہ سيٽ ڪونہ هئي، ذميداري پونديس تہ گهر سنڀالڻ جو شعور پيدا ٿيندس، روز روز جي ڪِر ڪِر کان بهتر آهي تہ هوءَ پري رهي محسوس ڪري تہ بزرگن جي دعائن جي ماڻهوءَ کي ڪيتري ضرورت هوندي آهي. توهان دل نہ لاهيو اجهو ٿي لاڙڪاڻي مان نجمہ توهان کي خوشخبري ٻڌائي، الله ڪندو تہ توهان جو گهر بہ ڀرجي ويندو.“

ڳالهين ڪندي شمسہ ٽري ۾ ڪجهہ کائڻ پيئڻ جو سامان کڻي اچي ٿي تہ سنيتا سندس مدد لاءِ اٿي ٿي. سنڌيا پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چويس ٿي،

”ڏسو آپا، ڪيتريون شيون کڻي آئي آهي.... آپا توهان ايڏي تڪليف چو ڪئي ڀلا مان ايترو ڪجهہ ڪيئن کائيندس.“

”ڪيتري عرصي کان پوءِ آئي آ منهنجي ڏيءُ ۽ چوي ٿي تہ ڪيئن کائيندس.“

سنڌيا چالاڪيءَ سان،

”شاباس ناني امان شاباس، ماءُ ڪائي نہ ۽ ڏيءُ ڪي چوي تہ تون ڪاءُ.“

اهو ٻڌي گل بانو سنڌيا جي هن پيار ڀري چالاڪيءَ ڪي سمجهندي مسڪرائي ٿي.

”نوڪري ڪري ڏاڍي سياڻي ٿي وئي آهين. اڳ ۾ تہ ائين ڳالهيون نہ ڪندي هئينءَ. چڱو هاڻي ڪاءُ.“

سنڌيا پليٽ ۾ ڪجهہ شيون وجهي ٿي ۽ ڪيڪ جو هڪ ٽڪرو سندس ڏانهن وڌائيندي.

”اوڪي ناني امان... پهرين توهان ڪائو پوءِ مان ڪائيندس.“

زوري ڪيڪ سندس وات ۾ وجهي ٿي، تہ گل بانو ڪائنس پليٽ وٺي ڪائڻ شروع ڪري ٿي تہ سڀ پنهنجي پنهنجي پليٽن ۾ ڪجهہ ڪڻن ٿيون. شمسہ خوش ٿي وجي ٿي ۽ دل ئي دل ۾ چوي ٿي. ڪاش! اج سنڌيا رحمان جي ڪنوار بنجي اسان وٽ هجي ها تہ اسان جو گهر پيو ٻهڪي ها.

ڪجهہ دير ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ هو موڪلائن ٿيون.

”چڱو ناني اسان هلون ٿيون. بابا انتظار ڪندو هوندو.“

گل بانو حسرت مان.

”ايندي ڪر... هاڻي هتي توکي پريشان ڪرڻ وارو ڪير ڪونهي.“

”ڪوشش ڪنديس... توهان هاڻي رليڪس ٿيو سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

سنيتا ۽ سنڌيا موڪلائي ٻاهر نڪرن ٿيون. جيئن ڏاڪڻيون لهي ٻئي طرف مڙن ٿيون تہ ان وقت رحمان فواد کي کنيو ڏاڪڻيون چڙهي ٿو. هوڏانهن سنڌيا جي وڃڻ کان پوءِ گل بانو کين حسرت سان ڏسندي ٿي ۽ ٿڌو شوڪارو ڀريندي.

”ڪيڏي نہ سُلڇڻي ۽ سڀاجهي ڇوڪري آهي. ورهين جي دردن، سورن تي ڦها رکڻ واري. هڪ مريم آهي جيڪا چڱي ڀلي روح کي ئي

زخمي ڪيو ڇڏي. ڪاش! سنڌيا ننهن بنجي هن اڱڻ تي اچي ها تہ گهر جنت بنجي پوي ها.“

”بس امان، اهي سڀ لکئي جا ليک آهن. مريم جو رحمان سان لکيو هو تڏهن تہ ورهين کان پوءِ وچي ڳوٺ نڪتو.“

ڳالهين ڪندي رحمان مٿي چڙهي اچي ٿو. ماءُ ۽ شمسہ کي هشاش بشاش ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو سوچي ٿو تہ اسان جي وڃڻ جو هنن تي تہ ڪو اثر ئي ڪونهي. ڪانئس رهيو نہ ٿو ٿئي،

”ڇا ڳالهہ آ، امان اسان جي وڃڻ کان پوءِ اڄ ڏاڍي فريش پئي لڳي ۽ شام جي چانهہ تي اڄ تہ ڏاڍو اهتمام ڪيو اٿو. (ڪيڪ جو ٽڪرو ڪٽي فواد جي هٿ ۾ ڏئي ٿو ۽ ٽوڪ ڀرئي لهجي ۾ چوي ٿو) ڪو خاص مهمان آيو هو ڇا جو امان ايڏي خوش پئي لڳي.“

شمسہ بہ هن جي ٽوڪ کي سمجهندي ساڳئي انداز سان چويس ٿي،

”ها واقعي....! امان جي لاڏلي ڌيءُ آئي هئي گهٽي وقت کانپوءِ........“

”لاڏلي ڌيءُ....!

گل بانو فواد کي وٺندي، ”ها، سنڌيا آئي هئي.....“

”سنڌيا...!“

”ها سنيتا، سنڌيا کي ٻڌايو تہ توهان جي وڃڻ ڪري امان سخت ڏکاري ٿي وئي آهي، اهو ٻڌي هن کان رهيو نہ ٿيو ۽ امان سان ملڻ هلي آئي. توهان جي وڃڻ ڪري امان ٽن ڏينهن کان ڪجهہ بہ نہ کاڌو هو سنڌيا زوري امان کي کارايو آهي.“

رحمان دل ۾ سوچي ٿو تہ سنڌيا ڪيڏي نہ چالاڪ ڇوڪري آهي امان جي دل ۾ جاءِ ناهڻ جي لاءِ جهد پئي ڪري، جيئن هوءَ مون تائين پهچڻ جو رستو ناهي وٺي.“

”ڇا پيو سوچين ٽن ڏينهن کان آيو ناهين، امان جو ذرو بہ خيال نہ ٿيئي.“

”وڪيل ڏانهن چڪر پئي هيم، اٽارني پاور مامي مراد خان جي نالي کان پنهنجي نالي منتقل ڪرائڻا هئا.“

گل بانو سوچي ٿي تہ انهن زمينن جي چڪر ۾ تہ تو اسان کي ڇڏي ڏنو پنهنجي محبت کان منهن موڙي وئين، الله توکي ساڃاهہ ڏيندو، مونکي تہ هي جهان ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي.

شمسہ ماءُ جي دل جي ڳالهہ نيٺ چئي ڏئي ٿي،

”خيال ڪجانءِ اٿارني پاور بہ هڪ امانت وانگر هوندو آهي، ان ۾ خيانت جو سوچجانءِ بہ نہ.“

هوءَ اٿي سندس لاءِ چانهہ ٺاهڻ وڃي ٿي تہ رحمان دل ئي دل ۾ پيڻ جي سادگيءَ تي کلي ٿو تہ هن جو انهن زمينن لاءِ ايڏا پاپڙ ويليا آهن سو ان لاءِ تہ اٿارني پاور امانت جي طور ڳچي سان ٻڌي گهمندو وتندو، ڪيڏي نہ سادي آ منهنجي پيڻ بہ.“

●

ٻئي طرف مريم ضد ۾ اچي گهر تہ جدا ڪري ورتو پر ٻنهي ماءُ ڌيءَ جن ڪڏهن بہ ڪک پيچي ٻيٺو نہ ڪيو هو اهي ٽن ڏينهن کان ڪم ڪري ڪري اچي بيزار ٿيون هيون. شهر بانو سهڪندي ٿان ڪري اچي پلنگ تي پاڻ سٽيو.

”مائي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم واريءَ جو بندوبست ڪري وٺ، هن عمر ۾ مونکان ڪم ڪونہ ٿيندو.“

”امان رحمان کي چيو اٿم تہ صغرا کي چوي تہ ڪا مائي ڪري ڏئي.“

”هاڻي پنهنجي مڙد کي ٻڌڻ جي ڪر، نہ تہ روز ماءُ جي گهر جا چڪر هڻندو تہ هُن ڇوري سنڌيا سان ملڻ جا موقعا پيا ملندس ۽ مڙس هٿن مان هليو ويندئي.“

”امان چوين تہ سچ ٿي، اڳي تہ اسان جي ڪري هُن گهر اچڻ ڇڏي ڏنو هو، هاڻي تہ ڪا روڪ ٽوڪ اٿس ڪانہ، وڃهہ ڳولهي پئي رحمان سان ملندي.“

”ڳوٺان جيڪي تعويذ آندا هئاسين اهي ته هاڻي استعمال ڪر نه.“

”ها امان، بس ٿورو سيٽ ٿي ويهون پوءِ انهن کي به ڪري وٺنداسين.“

رحمان ان وقت اندر اچي ٿو، فواد مريم جي حوالي ڪري پاڻ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو ۽ بيڊ تي ليٽي پوي ٿو. سوچڻ لڳي ٿو ته زمين ته سندس نالي ٿي وئي پر ڪيس انهن کي سنڀالڻ جو ته ڪو تجربو ڪونهي ۽ نه ئي هن اهي زمينون سنڀالڻ لاءِ پنهنجي نالي ڪرايون آهن ڪيس انهن جو ڪونه ڪو بندوبست ڪرڻو پوندو ۽ ان لاءِ ڳوٺ جو چڪر هڻي ڪمدار سان صلاح ڪرڻي پوندي جيئن ان جو پورو پورو لاڀ ڪيس ملي سگهي اهو سوچي هن جي چهري تي مرڪ اچي وڃي ٿي.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مريم ۽ رحمان پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪري رهيا هئا، رحمان جي اک کلي ته گھڙي ۾ ٽائيم ڏسي اٿي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ اوٻاسيون ڏيندو ٻاهر نڪري اچي ٿو، شهربانو ڪم ڪار ۾ مصروف آهي ڪيس ڏسي شڪايتي انداز ۾ چوِيس ٿي،

”ابا..! توکي ته خبر آ ته مونکي ڪم ڪار جي عادت ڪونهي، گھر ۾ نوڪر چاڪر هوندا هئا، مريم ۽ مون ڪڏهن ڪک پڇي ٻيڻو نه ڪيو سچ پڇين ته مونکان هن عمر ۾ گھر جو ڪم ٿئي ڪونه ٿو، تو به مائي جو بندوبست ڪونه ڪيو، هاڻي هيئن ڪر جو ڪمدار کي ڳوٺ فون ڪري چئو ته مائي خانيءَ کي هتي وٺي ڇڏي وڃي.“

”چاچي فون ڪونه ٿو ڪيان، سوچيان ٿو ته توهان به هاڻي هتي ڪافي سيٽ ٿي ويا آهيو، هفتي ڪن ۾ ڳوٺ وڃي زمينن جو ڪو بلو ڪري اچان.“

اهو ٻڌي شهر بانو جنهن جو زمانو ڏٺل آ، هن جي من ۾ شڪ پيدا ٿئي ٿو ته ڪاٿي هي اسان جون زمينون تين وال ڪرڻ جي چڪر ۾ ته ناهي.“

سس کي خاموش ڏسي سمجهي وجي ٿو تہ متان ڪاٿي چاچي شڪ ۾ تہ نہ پئجي وئي آهي. هڪدم ڳالهہ کي سنڀاليندي،

”چاچي ڳالهہ هي آ تہ جڏهن اتان آيا هئاسين تہ فصل تيار بيٺو هو، اسان کي آئي مهينو ڏيڍ ٿي ويو آهي، مامو هو تہ سيڪو ان ڪان ڪن ڪندو هو، ڪمدار ڪٽي ڪيترو بہ گهڻ گهرو ڇونہ هجي، پوءِ بہ اسان مان ڪنهن جو اتي هجڻ ضروري آهي نہ...... يا تہ توهان ئي وجي چڪر هڻي بٽئي ڪرائي اچو.“

شهربانو دل ۾ چوي ٿي تہ ڳالهہ تہ سهي ٿو ڪري مون هرو ڀرو مٿس شڪ ڪيو سندس دل رکڻ لاءِ،

”نہ ابا، مان ڀلا ڪاٿي وتنديس ٻنين تي رُلندي، هيڏانهن مريم بہ پري ويٺي آهي، اڄ يا صبحاڻي تي آهي، سندس خير سان ڊليوري ٿي وجي تہ پوءِ وجي چڪر هڻي اچجانءِ ۽ موٽندي مائي خاني کي بہ ضرور وٺيو اچجانءِ.“

”جيئن توهان جي مرضي..........“

”چڱو تون ونهنجي سهنجي وٺ، مان تو لاءِ نيرن ٺاهي ٿي وٺان، مريم کي نہ اٿارجانءِ، رات بہ چيائين پئي تہ تڪليف اٿم.“

اهو ٻڌي هو اطمينان جو ساهہ کڻي ٿو تہ بچاءُ ٿي ويو ۽ ڪمري ڏانهن هليو وجي ٿو.

صبح جي وقت مائي عالما ناشتو تيار ڪري ميز تي لڳائي ٿي، احمد تيار ٿي ڪمري مان ٻاهر اچي ٿو تہ سنڌيا کيس ٻڌائي ٿي تہ رات بابا جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي سڄي رات ننڊ نہ ڪئي اٿس، احمد کيس چوي ٿو تہ کيس ڇونہ اٿاريائين تہ ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچانس ها. سنڌيا چويس ٿي تہ بابا منع ڪيو تہ صبحاڻي احمد جي موڪل آهي ان ڪري صبح جو ڏيکاري ايندو. ان وقت ڪومل بہ اچي ٿي تہ احمد چوين ٿو تہ هو هلي ناشتو ڪن، مان بابا کي ڏسي اچان ٿو. اهو چئي احمد پيءَ جي ڪمري ۾ اچي ٿو جيڪو بيڊ تي ليٽيو پيو آهي هو

ڪانئس طبيعت جو پڇي ٿو. شوڪت علي چوي ٿو تہ الله جو شڪر آ هاڻي هو ڪافي بهتر محسوس ڪري رهيو آهي.

”بابا اٿي تيار ٿيو ناشتو پاڻي ڪري ڊاڪٽر ڏي ٿا هلون. هن عمر ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪرڻ درست ناهي.“

”نہ بابا هينئر مان بلڪل نيڪ آهيان ڊاڪٽر ڏي وڃبو تہ خواه مخواه پريشان ڪندا تہ هي ٽيسٽ ڪرائي اچو هوءَ ڪرائي اچو.“

”بابا اولڊ ايج ۾ چيڪ اپ ڪرائيندو رهڻ صحت لاءِ ضروري آهي.“

”نيڪ آ تون چوين ٿو تہ چيڪ اپ بہ ڪرائبو. بس اڄ شام جو ڪٿي آئوٽنگ جو پروگرام رکو. سنڌيا ۽ ڪومل بہ ڪافي عرصي کان ڪيڏانهن ٻاهر ناهن ويون. پيٽين کي بہ فون ڪري چڏجو تہ اهي بہ وانداڪي هجين تہ اچي وڃن.“

”نيڪ آهي. بابا توهان آرام ڪيو مان توهان جو ناشتو هيڏانهن ڪٺي ٿو اچان.“

”اڙي نہ. نہ مان بہ توهان سان اچي ٿو ڪمپني ڪيان. ٻئي ٻاهر نڪري اچن ٿا.

شام جي وقت سنڌيا، ڪومل رابعہ، طارق، سيئي ڪلفٽن تي انجواءِ ڪري رهيا آهن. شوڪت، طارق ۽ احمد واڪ ڪندا ليڊيز کان پري نڪري وڃن ٿا تہ ليڊيز ڏاڪڻين تان لهي هيٺ سمنڊ جي طرف هليون وڃن ٿيون. ٻئي طرف مظفر ۽ سندس ڪجهہ فيملي ميمبرز بہ اتي اچي پهچن ٿا. مظفر سامهون طارق کي ڏسي هن ڏانهن وڏي اچي ٿو. ٻئي هڪ ٻئي سان ملي خوش خير عافيت ڪن ٿا. طارق خواتين کي سلام ڪري ٿو تہ مظفر ڪانئس پڇي ٿو اڄ پيلا موڪل انجواءِ ڪرڻ آيا آهيو ڇا؟“

”ها ڪجهہ اهڙو ئي پروگرام هو. احمد ۽ شوڪت سان تعارف ڪرائيندي، هي منهنجا فادر اِن لا ۽ هي بردر اِن لا احمد آهن. چاچا هي منهنجا فيملي فرينڊس آهن. هي منهنجي دوست مزمل جو ننڍو ڀاءُ مظفر آهي ۽ هي سندس فيملي.“

سيئي هڪ ٻئي سان دعا سلام ڪن ٿا.

”ڏاڏو سنو ٿيو جو ملاقات ٿي وئي، ڀلا ڀاڀي رابعہ وارا ڪٿي آهن تہ ڀاڀي ۽ ڇوڪريون بہ ساڻن ملن ۽ گڏجي انجواءِ ڪن.

”تون هتي بابا وارن سان ڪچهري ڪر تہ مان ڀاڀي وارن کي رابعہ وارن سان ملائي اتي ڇڏي ٿو اچان.“

سيئي خواتين طارق سان گڏ اڳتي وڌي وڃن ٿيون.

رابعہ هنن سان ملي ڏاڍي خوش ٿئي ٿي ۽ ڪومل ۽ سنڌيا سان سندن تعارف ڪرائي ٿي سيئي گڏجي گھمن ڦرن ٿيون ڪجھ دير کان پوءِ احمد اچي ڪومل ۽ سنڌيا کي هلڻ لاءِ چوي ٿو رابعہ کيس چوي ٿي تہ توهان ڀلي گھر هلو بابا جي طبيعت بہ سهي نہ هئي ٿڪجي پيا هوندا. اسان هنن سان گڏ ڪنهن ٻئي طرف وينداسين.“

ٻئي ڏينهن سنڌيا آفيس ۾ ڪجھ ڪم ڪري پئي تہ رابعہ کيس فون ڪري ٿي ۽ کيس ٻڌائي ٿي تہ رات جيڪي ڇوڪريون اسان سان مليون هيون اهي ان ڇوڪري جون ڀينرون ۽ ڀاڀي هيون جن سندس سنگ ڇڪرايو آهي، ڇوڪرو بہ بابا ۽ احمد سان مليو هو ۽ بابا چيو تہ ڇوڪرو کين ڏاڍو پسند آيو پر جيسيتائين سنڌيا راضي نہ ٿي ٿئي مان ڪجھ نہ ٿو ڪري سگھان. سنڌيا ڀيڻ جي ڳالھ ٻڌي خاموش ٿي وڃي ٿي تہ رابعہ ٻيهر پڇيس ٿي توکي اهي ماڻهو ڪيئن لڳا. سنڌيا جي سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڀيڻ کي ڪيئن سمجھائي تہ سندس آندل ڪو رشتو ڪيترو بہ سٺو هجي، هوءَ ان معاملي ۾ ڪجھ نہ ٿي ڪري سگھي. رابعہ وري پڇيس ٿي تہ مان تنهنجي خاموشي کي انڪار سمجھان. هوءَ ڀيڻ کي سوري چوي ٿي تہ رابعہ فون بند ڪري ڇڏي ٿي، سنڌيا کي ڌڪ تہ ڏاڍو ٿئي ٿو پر........... ان گھڙيءَ مظفر سندس ڪمري ۾ اچي ٿو ۽ ٻئي هڪ فائيل ڊسڪس ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا.

شام جو گھر اچي ٿي تڏهن بہ ڀيڻ جي ناراضگي جي خيال کان هوءَ اداس اداس آهي ۽ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي، هوءَ ڀيڻ کي يا ڪنهن کي بہ اهو نہ ٿي ٻڌائي سگھي تہ رحمان هن کي ڪڏهن بہ

شادي ڪرڻ نہ ڏيندو. هن کي ائين خاموشي سان ڪمري ۾ ويندو ڏسي ڪومل سندس پويان ڪمري ۾ اچي ٿي ۽ سندس پير ۾ ويهندي،

”سنڌيا....! توکي ڇا ٿي ويو آهي، هر وقت اداس پريشان، کلڻ تہ ڇڏ توکان رُسي الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو آهي. ڏس، مان تنهنجي تمام ويجهي دوست تہ نہ رهي آهيان، مونکي پاپي نہ پنهنجي ڀيڻ سمجهہ، مونکي ٻڌاءِ اهڙو ڪهڙو ڏک آهي جيڪو اندر ئي اندر توکي اُڏيهي جيان کائي رهيو آهي. ڪالهہ ڪلفٽن جو پروگرام بہ بابا صرف توکي خوش ڏسڻ لاءِ احمد سان ٺاهيو هو. تون اتي بہ وساٽيل وساٽيل هلندي پئي وتين ڏس هو شيرين پاپي، ساجده زاهده ڪيڏيون نہ محبت ڪرڻ واريون ڇوڪريون هيون. انهن کي ڏسي تہ تنهجو موڊ ويتر خراب ٿي ويو. سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي انتهائي پاٻوهہ مان، ڏس سنڌيا....! ڪنهن سان تہ پنهنجي اندر جو حال اورِ بار هلڪو ٿي پوندئي.“

سنڌيا اداس اداس ڪومل جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، سندس همدردانہ ٻول ٻڌي سندس دل ڀرجي اچي ٿي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي ٿي. ۽ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳي ٿي تہ هي ڪيس ڇا ٿي ويو آ. اگر رحمان جي باري ۾ پاپيءَ کي خبر پئجي وئي تہ گهر ۾ سڀني کي معلوم ٿي ويندو ۽ سندس سجو اميج خراب ٿي ويندو. پاڻ تي ضبط ڪندي چوي ٿي،

”نہ پاپي ڪجهہ بہ ناهي، بس ائين دل ڀرجي آئي. توهان ئي آپيءَ کي سمجهايو تہ مونکي شادي ناهي ڪرڻي...... هوءَ هروڀرو ٿي ناراض ٿئي.“

”ٺيڪ آ تون پريشان نہ ٿي آئينده ڪير بہ توسان ان موضوع تي نہ ڳالهائيندو. جيسين تون پاڻ نہ چوندينءَ. چڱو هاڻي توپلي آرام ڪر مان آپيءَ کي سمجهايان ٿي تہ هوءَ توسان ڪاوڙ نہ ڪري.“

●

شمسه ۽ گل بانو رحمان جي وڃڻ کان پوءِ اڇي ڪمري ۾ ويهن ٿيون ته فون جي گھنٽي وڄي ٿي. فون کڻي ٿي ته جاويد پيو ڳالھائي، مبارڪ ڏيندي چويس ٿو امي توهان هاڻي ناني بڻجي ويون آهيو اسان کي پيارو پيارو علي پيدا ٿيو آهي اهو ٻڌي شمسه خوشي ۾ ديواني ٿي وڃي ٿي ۽ مائوٿ پيس تي هٿ رکي ماءُ کي ٻڌائي ٿي ته هوءَ پڻ ناني بڻجي وئي آهي. گل بانو رب جو شڪر بجا آڻي ٿي، نجمه کي ۽ ننڍڙي کي منهنجو ۽ امان جو گھڻو گھڻو پيار چئجانءِ. گھر وارن کي مبارڪون چئجانءِ.

”چڱو امي مان ڏينهن ٻن ۾ ايندس، الله حافظ.“ فون رکي ماءُ کي اچي ڀاڪر پائي ٿي سندس اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا. ماڻس به کيس ڀاڪر پائي روئي ڏئي ٿي.

”اڄ تنهنجي ورهين جي آس پوري ٿي ته توکي پُٽ جو اولاد ڪونهي، ڏس رب وٽ دير آهي پر انڌير ڪونهي، نجمه جو ئي سهي پر تنهنجي اڱڻ ۾ تنهنجو پنهنجو رت پنڌڙو ڪندو.“

”بس امان دعا ڪيو......... سنڌيا به ان ڏينهن چئي وئي هئي نه ته نجمه جو ٻار توهان جي اڱڻ جون رونقون موٽائي آڻيندو.“

ٻئي رئي جي پلوَن سان ڳوڙها اُگھي مسڪرائن ٿيون.

●

رات جو هڪ پيو ٿئي رحمان اڃان تائين گھر نه موٽيو آهي، مريم ۽ شهربانو پريشان لڳيون ويٺيون آهن شهربانو ڪاوڙ مان ڏيءُ کي چوي ٿي ته:

”رحمان ته هتي اچڻ کان پوءِ رات جو دير سان اچڻ جو ڄڻ ته دستور ئاهي ڇڏيو آهي، ان کان ته پنهنجي گھر ۾ ماءُ جو ٿورو گھڻو لهاذ ٿيندو هوس، ڇوري توکي ڪيترو چيو اٿم ته تعويذ ڪائڻ پيئڻ جي شين ۾ ڏينس ته ڪجھه اثر ٿئيس.“

”امان ڏيانس ٿي پئي، پر چون ٿا تہ شهر جي ماڻهن کي تعويذ اثر ئي ڪونہ ڪن ۽ جيڪي مرد شراب پيندا آهن انهن تي تہ صفا نہ..... تڏهن تہ ڪجهہ فائدو نہ ٿو ٿئيس.“

”اج اچڻ ڏينس، مان ٿي نڪي نوڪي ڳالهايانس، اسان سڄي سڄي رات ويهي انتظار ڪنديون سين ڇا.....“

ماڻس اجان ڳالهہ ئي پوري ڪونہ ڪئي تہ مريم پيٽ کي هٿ ڏئي رڙ ونئي ڪئي.

”امان مونکي ڏاڍو سور ٿو ٿئي.“

”ائي منيس هينئر توکي ڪٿان اچي تڪليف ٿي، گهر ۾ ڪير بہ ڪونهي، مان صفا جڏي، جنهن شهر پورو ڏٺوئي ڪونهي، هاڻي ڇا ڪيان، ٿورو برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪر.“

ان وقت در کلڻ جو آواز ٿو اچي، رحمان نشي ۾ اندر اچي ٿو.ڪيس نشي ۾ ڏسي شهربانو ڪاوڙمان مٿو پٽيندي.

”هي مئو تہ اج بہ نشي ۾ آهي، هاڻي مريم کي اسپتال ڪيئن ٿو وٺي وڃي.“

مريم کي تڪليف ۾ ڏسي رحمان پڇڻ لڳو.

”ڇو... ڇا ٿيو آ توکي......“

”لڳي ٿو ويم جي تڪليف اٿس، اسپتال هلڻو پوندو....“

”ٺيڪ آ... پوءِ هلو....“

”پر تون.... هلڻ جهڙو.....“

”ڇيم نہ تہ هلو.....“

پاڻ ڇاپي کڻي ٻاهر نڪري وڃي ٿو. شهربانو ننڍڙي کي کڻي مريم کي ساڻ ڪري سندس پويان وڃن ٿيون.

صبح جو شمسہ نماز پڙهي اٿي ٿي تہ فون جي گهنٽي وڃي ٿي.

”يا الله خير....! صبح ساڻ ڪنهن فون ڪئي آهي.“

فون کڻي ٿي ٻئي طرف رحمان کيس ٻڌائي ٿو تہ مريم کي ٿوري دير پهرين ننڍڙي پيدا ٿي آهي، اسان اسپتال آهيون شمسہ اسپتال جو پڇي اچڻ لاءِ چويس ٿي تہ هو کيس منع ڪري ٿو تہ نارمل ڊليوري ٿي

آهي ان ڪري ٿوري دير ۾ ڊسچارج ٿي گهر ايندا. شمسہ ماءُ ڪي ٻڌائي ٿي تہ رحمان ڪي ڌيءُ ڄائي آهي. ماڻس اهو ٻڌي چوي ٿي.

”چڱو ٿيو جو ڌيءُ پيدا ٿيس. من ان جي لڇ ۾ ڪجهہ سڌري پوي..... مائي مان تہ شهربانوءَ جي گهر ڪونہ وينديس.“

”چڱو امان.... مان ئي گهڙي ڪن سنيتا سان گڏجي هلي وينديس.“

رحمان جو نئون گهر شهربانو مريم جي ڪمري ۾ ويٺي آهي پرسان ننيڙڙو فواد راندڪن سان کيڏي پيو مريم ڪي ٻهراڙي جي عورتن وانگي مٽي ڪي رئو ٻڌو پيو آهي پاڻ بيڊ تي ٽيڪ ڏيو ويٺي آهي ننيڙڙي ٻارڙي کاٽ ۾ سمهي پئي آهي تہ رحمان ڪمري ۾ اچي ٿو ۽ مريم کان سندس طبيعت جي باري ۾ پڇي ٿو مريم جهيڻي آواز ۾ چويس ٿي تہ ٺيڪ آهيان.

شهربانو اچرج واري نموني چويس ٿي.

”ابا هتان جون اسپتالون تہ واہ جون آهن. اسان وٽ ڳوٺن ۾ مائي جو ويم ٿئي تہ چاليهي تائين کٽ تان اٿڻ نہ ڏينس. هتي تہ ٻار ڄائو مس آ تہ اٿو بابا هاڻي گهر وڃو. ٻار نہ ڄائو ڄڻ جادو ٿي ويو.“

اهو ٻڌي رحمان کلڻ لڳي ٿو.

”چاچي ڳوٺن ۾ عورتن ويچارين کي آرام ڪرڻ جو هونئن تہ موقعو ملي ڪونہ ٿو. نہ سنو کائڻ لاءِ نہ ناٽ نخرا سهڻ لاءِ. ان ڪري ويچاريون ڪجهہ تہ ان بهاني آرام ڪن. کائن پيئن. من ان بهاني کو سندن نخرا سهي. نہ تہ ٻي ڪا تڪليف ڪانہ هوندي اٿن.“

شهربانو بہ سندس ڳالهہ ٻڌي کلي ڏئي ٿي.

”واہ ابا واہ. واہ جي ٻڌايئي. معنيٰ تہ ڳوٺن ۾ مايون نڪرا (نخرا) ڪيون چاليهہ ڏينهن کٽ وٺيو پيون هونديون آهن. تڪليف ڪونہ هوندي اٿن.“

”مان جي غلط پيو چوان تہ مريم کان ئي پڇ ڪٽي تہ کهڙي تڪليف اٿس.“

مريم چپ ڪيو سندن ڳالهيون ٻڌي ٿي، ان وچ ۾ شمسه سنيتا سان گڏ اندر اچي ٿي. ٻئي ساڻن ملن ٿيون شاپر ۾ ڪجھ منائي آندي اٿن اها پرسان پيل ميز تي رکن ٿيون. شمسه مريم کان طبيعت پڇي ٿي، شهربانو مبارڪ ڏئي چوي ٿي ته رحمان ٻڌايو پئي ته نجمه کي ڪِڪو ڄائو آ. شمسه چوي ٿي ته ها الله جو شڪر آ اوڏانهن به ڏاڍو اونو هيم، رب سٺائي ڪئي، شهربانو دعا ڏيندي چوي ٿي ته رب وڏائيندي ٻچن مان گنج ٿيندئي. شمسه آمين چوي ٿي.

رحمان مهمانداري ڪندي ڪجھ سنيڪس ۽ ڪولڊ ڊرنڪس کڻي اچي ٿو.

رات جي وقت امتياز وٽ سڀ دوست گڏ آهن ۽ خلاف معمول چانهه سان دل وندرائي رهيا آهن، شڪيل امتياز کان پڇي ٿو.

”يار تو وارو دوست رحمان خان نظر نه ٿو اچي،“

”مون کان وڌيڪ ته هو اڄ ڪلهه توهان سان گهٽ نظر ايندو آهي، هن کي اها بازار ڏيکاري توهان سنو نه ڪيو. توهان ته آهيو ڇڙا ڇانڊ، هر ويرو ڪنهن جو گهر خراب ڪرڻ سٺو ناهي.“

ٻيو دوست نذر ان ڳالهه تي چڙندي چوي ٿو

”يار نهيو هاڻي تو وارو يار به ڪو کير جو ڌوتل ڪونهي نه ئي ايڏو معصوم جو ڪير ٻيو ڪيس خراب ڪندو، هڪ به دفعا اوڏانهن وئي ويا سين هاڻي هُن بازار جي نيلم نالي ڇوڪري آ. ان سان ياري ٿي وئي اٿس، اسان کي ته هاڻي گاهه ئي ڪونه ٿو وجهي.“

شڪيل تعريف ڪندي،

”يار مجبو نيلم آهي زبردست ڊانسر، پر جيستائين اسان جي پهچ اوستائين ٿئي تو وارو رحمان ان تي قبضو ڪري ويو. هاڻي ته هر وقت اتي ديرو ڄمايو ويٺو آ.“

نذر حسد واري انداز ۾،

”پيو ته ٺهيو پر راند ٻه ڪيسينو ڪانسواءِ نه ٿو ڪري. وڏا وڏا داوَ ٿا لڳن.
امتياز کي اهو ٻڌي افسوس ٿئي ٿو.
”بس يار مت ڪسي اٿس. ڪندو گهر گهاٽ تين وال.“

●

اڄ رابعه مائٽن وٽ آيل آهي. سنڌيا ڪومل سڀ پاڻ ۾ ڳالهيون پيون ڪن ته سنيتا اچي ٿي رابعه کي ڏسي.
”واه واه..... ! اڄ ته گهڻن ڏينهن کان پوءِ رابعه آپي آئي آهي.“
رابعه سندس ڳالهه تي کلي پوي ٿي.
”تنهنجون ٻه نراليون خبرون آهن. اسان جي ته روز اسڪول ۾ ملاقات ٿئي ٿي.“
”سنڌيا. ڪومل ٻڌايو ڪهڙا حال ڪهڙا چال....“
”سڀ خير.... تون ٻڌاءِ. حالن چالن جي ته توکي خبر هوندي. سڄو ڏينهن چڪر جو هڻين ٿي. ڪا نئين تازي خبر.“
”پهرين خبر ته نجمه کي پُٽ ڄائو آ. ٻي خبر ته ويا هئاسين مريم وارن جي نئين گهر....“
رابعه تعجب مان.
”ويا هئاسين جو مطلب..... ڪير... ڪير.... نئون گهر....!“
”ڇو توهان کي خبر ناهي. نجمه لاڙڪاڻي ڊليوري تي وئي هئي. ان کي اتي علي ڄائو آ. ان جي لاڙڪاڻي وڃڻ کانپوءِ چاچي شهربانو آ نه. رحمان جي سس. اها ۽ مريم ناني وارن کان جدا ٿي ويون آهن. نئون گهر ورتو اٿن. هتان کان ٻه ٽي گهٽيون ڇڏي.
”واقعي....! ويري بيڊ.... ويچاري آنٽي گل بانو اڳي ئي رڙيون ڪندي هئي ته اهي ضرور منهنجو پُٽ جدا ڪنديون.“
اهو ٻڌي ڪومل خار مان چوِيس ٿي.
”ته پوءِ تون ڇو وئينءَ اوڏانهن تنهنجو انهن سان ڇا وڃي.“

سنڌيا هنن جي سڄي گفتگو خاموشيءَ سان ٻڌي پئي. سنيتا ڪومل جي ڪاوڙ ڪي ڏسي چوي ٿي،

”منهنجو ته ڪجهه ڪونه وڃي، مان آپا شمسه سان ڳڻجي وئي هئس.“

رابعه حيران ٿي، ”آپا شمسه....! پر اها ڇو وئي انهن ڏي.. گهر ڏسڻ....؟“

”نه نه، هو رحمان.... منهنجو مطلب آ، مريم کي اڄ صبح جو نماز ويل ڏيءَ جو ڄائي آ، آپا ان کي ڏسڻ هلي هئي.“

اهو ٻڌي سنڌيا جي چهري تي عجيب قسم جا ايڪسپريشنز (تاثرات) اچي ويڻ ٿا سنيتا سنڌيا کي گم سم ڏسي چوي ٿي،

”تون ڪيڏانهن وڃائجي وئينءَ، آپا هن کي ته سمجهايو اسان کي لفٽ ئي نه ٿي ڪرائي وڏو آفيسر جو ٿي وئي آ.“

سنڌيا بغير ڪو جواب ڏيڻ جي اتان اٿي ڪمري ڏانهن هلي وڃي ٿي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سنڌيا پنهنجي آفيس ڪيبن ۾ ڪنهن ڪم ۾ مصروف آ ته مظفر سندس ڪيبن جو دروازو ناڪ ڪري اندر اچي ٿو هوءَ سندس آڌرڀاءُ ۾ اٿي ٿي، مظفر جي پويان پٽيوالو ڪجهه فائيل ۽ لنچ باڪس کڻي اندر اچي ٿو ۽ سائيڊ ٽيبل تي رکي ٿو. مظفر سامهون واري ڪرسي سرڪائي ويهي ٿو ته سنڌيا به ويهي رهي ٿي ۽ سواليه نگاهن سان ڪيس نهاري ٿي.

”ميڊم لنچ ٽائيم آ، توهان کي منهنجو ائين ڪيبن ۾ اچڻ تي اعتراض آهي ڇا.“

”نو نو سر...! مون کي ڀلا اعتراض ڇو ٿيندو. آفيس به توهان جي، توهان ڪٿي به ڪنهن به ڪيبن ۾ وڃي سگهو ٿا.“

مظفر مسڪرائي ٿو

”ان ڪري ته لنچ ٽائيم تي بِن بلايو (ري سڏيو) مهمان جو بڻجي آيو آهيان. هڪڙي ڳالهه چوان، مس سنڌيا...! توهان آهيو ڏاڍا ڪنجوس.... ڀئي مان توهان جو ڪُليگ آهيان، سالن کان پوءِ توهان

جي شهر ۾ پڙاريو آهيان. ڪڏهن ته صلاح ڪبي آ ته اڄو سر! اڄ اسان وٽ اچي لنچ ڪيو... بس لِڪي لِڪي سنيون ڊشز پاڻ تائين ئي...."

سنڌيا سندس ڳالهه ڪٽيندي.

"سر.....! اهڙي ڳالهه ناهي. مان پنهنجي ۽ پنهنجي سينئرز جي وچ جي فاصلن کي اورانگهڻ مناسب ناهيان سمجهندي..... خير اڄ اچي ئي ويا آهيو ته ويل ڪم. جيڪو حال آ اهو حاضر آهي. پر توهان پنهنجو ٽفن ڇو کڻي آيا آهيو."

"جسٽ فار ڪمپني......، اڪيلو لنچ ڪرڻ ۾ ماڻهو بيوقوف لڳندو آهي. ڇڻ ته اسان ڌرتي تي صرف کائڻ پيئڻ لاءِ آيا آهيون ٻيو ڪو مقصد ڪونهي."

سنڌيا مسڪرائي ٿي.

"ڳالهه ته منهنجي دل وٽان ڪئي اٿو سر.....! مهنجي نيچر به عجيب آهي. مان اڪيلي چانهه به پي ناهيان سگهندي. ان ڪري اگر گهر ۾ ڪير نه هوندو آهي نه. ته سڄو سڄو ڏينهن گذري ويندو آهي پر ڪجهه ناهيان کائيندي."

مظفر هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڏسي ٿو.

"تڏهن هتي توهان جو لنچ باڪس نظر نه ٿو اچي."

" جي....! مان ماني گهر وچي کائيندي آهيان."

"ته پوءِ ميڊم....! اڄ توهان جي لنچ منهنجي طرفان. ۽ صبحاڻي کان لنچ توهان جي ڪيبن ۾. کڻي اچڻ نه وسارجو."

"سر ڪجهه ٻاهران گهرائي ٿا وٺون نه."

"نو... نو ميم. بلڪل نه. اڄ ته هن مان ئي گذارو ڪرڻو پوندو. ائين چئي پٽيوالي کي سڏي ٿو.

"ميڊم پليٽس ته ضرور ملنديون توهان جي ڪيبن ۾."

پٽيوالو پليٽون ۽ ٽفن کڻي ميز تي لڳائي ٿو.

سنڌيا سوچي ٿي، ڪيڏو نہ پنهنجائپ وارو رويو آ مظفر جو ڪو چاهڻ جي باوجود انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. ڪيڏانهن گم ٿي ويو محترمہ لنچ توهان جو انتظار پئي ڪري.“

ٻئي پُر تڪلف ماحول ۾ لنچ ڪن ٿا..... مظفر ٽيشو پيپر سان هٿ صاف ڪري اٿي ٿو.

”صبحاڻي توهان جي طرفان ڪا سٺي ڊش اچڻ گهرجي.“

اوڪي سر.!“

اٿي فائيل کڻي واپس پنهنجي ڪيبن ۾ هليو وڃي ٿو.

●

اڄ سنڌيا جو آفيس ۾ مصروف ڏينهن گذريو آهي پاڻ کي ڪافي ٿڪل پئي محسوس ڪري، ڪيترن ڏينهن کان مظفر سان هن جي لنچ ڪمپني، آفيس جي ماحول کي فرينڊلي ڪري ڇڏيو آهي، هو ڪافي سلجهيل ۽ مهذب ساٿي جيان هن جو خيال ڪرڻ لڳو آهي، سنڌيا جو رک رکائو مظفر کي گهڻو پسند آهي جيڪا هرويرو ڪنهن سان بي تڪلف ٿيڻ ناهي چاهيندي. اڄ بہ هنن پر تڪلف ماحول ۾ لنچ پئي ڪئي تہ سنڌيا کي بار بار ائين محسوس ٿيو تہ مظفر ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو پر شايد مناسب موقعي جي انتظار ۾ آهي، يا ٿي سگهي ٿو اهو سندس وهم هجي. آفيس ٽائيم ختم ٿيڻ کان پوءِ هوءَ سامان سهيڙي آفيس کان ٻاهر اچي ٿي تہ سامهون رحمان تي سندس نظر پوي ٿي تہ ڪترائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر رحمان سندس سامهون اچي بيهي ٿو.

”سنڌيا...! اڄ مان توکي گهر ڊراپ ڪندو ٿو وڃان.“

سنڌيا جنهن گهڻن ڏينهن کان رحمان سان ڳالهائڻ جو موقعو پئي چاهيو چپ چاپ اچي ساڻس گاڏي ۾ ويهي ٿي. تہ رحمان گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو. هو حيران آهي تہ اڄ سنڌيا بغير بحث ڪرڻ جي ڪيئن هن سان هلي آئي،

”اج تو مونسان گڏ هلڻ تي اعتراض نه ڪيو.“

”رحمان مونکي توهان سان ڳالهائڻو آ. مونکي گهر ۾ اج ڪلهه سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو ٿو پوي.“

موڊ خراب ڪندي، ”وري ساڳيو رينگٽ هوندو. ڪو رشتو آيو هوندو.“

سنڌيا چپ ٿي وڃي ٿي، ڪاوڙمان.

”توکي جڏهن منهنجي فيصلي جي خبر به آهي ته پوءِ صاف انڪار ڇو نه ٿي ڪري ڇڏين.“

”رحمان مون توهان کي اڳ ۾ به چيو هو ته توهان منهنجي مائٽن کان منهنجو رشتو گهرو. پر توهان ٽاري ڇڏيو هاڻي ته توهان به هڪ ڏيءُ جا پيءُ ٿي ويا آهيو ڪنهن ٻئي جي نياڻي کي ايڏو پريشان.......
“

رحمان سندس ڳالهه ڪٽيندي ڪاوڙمان،

”تنهنجي منهنجي تعلق ۾ منهنجي ڏيءُ ڪٿان آئي، جڏهن تو مونسان دوستي رکي هئي ته ان وقت منهنجي ڏيءَ ته ڪونه هئي نه. پوءِ ان کي وچ ۾ آڻڻ جو مقصد.“

سنڌيا روئڻهارڪي ٿي وڃي ٿي،

”مان توهان جي ڏيءُ کي وچ ۾ ڪونه پئي آڻيان. ته پوءِ توهان مونسان شادي ڇو نه ٿا ڪيو. مان گهر وارن کي وڌيڪ ناراض ڪري نه ٿي سگهان.“

رحمان هڪ دفعو وري ڳالهه ٽارڻ جي انداز ۾ چويس ٿو:

”ڏس سنڌيا....! مان في الحال ان پوزيشن ۾ ناهيان ته کلئي عام توسان شادي ڪيان يا تنهنجو رشتو باقائده تنهنجي مائٽن کان گهران. ها اگر توکي مونتي اعتبار ناهي ته تون پنهنجي اطمينان لاءِ سيڪريٽ ميريج ڪرڻ لاءِ تيار هجين ته مان اهو ڪري سگهان ٿو.“

”سيڪريٽ ميريج.....! يعني گهر وارن ۽ پاڻ سان دوکو... نه رحمان اهو مونکان نه ٿيندو.“

رحمان جيڪو ڪيئن به ڪري سنڌيا کي ماڻڻ چاهي ٿو هڪ دفعو ٻيهر داءُ پيچ آزمائيندي،

” سوچي وٺ، مريم جيڪا منهنجي ٻارن جي ماءُ آهي ان کي مان في الحال ڪنهن به اهڙي صورت حال ۾ الجهائڻ نه ٿو چاهيان، ڪجهه سالن کان پوءِ آهسته آهسته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

سنڌيا سوچ ۾ پئجي وڃي ٿي ته اهو قدم کڻڻ هن لاءِ مناسب ٿيندو. پر ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو به ته ڪونهي، گهر وارن کي بار بار انڪار به ته نه ٿي ڪري سگهان، ڪجهه وقت کان پوءِ آپا کي يا پاپي کي اعتماد ۾ وٺي سڀ ڪجهه ٻڌائيندي.“

”جيڪڏهن توکي اهو فيصلو درست لڳي ته مان صبحاڻي آفيس ۾ توکي فون ڪندس، جيڪو تنهنجو فيصلو هجي ٻڌائجانءِ جيئن مان بندوبست ڪري وٺان.“

سنڌيا مدِّل آواز ۾ چوي ٿي ٺيڪ آ. سندس گهٽي اچي ٿي ته رحمان گاڏي بيهاري ٿو سنڌيا جيئن پنهنجي گهٽيءَ ۾ مڙي ٿي ته ان مهل شهربانو هٿ ۾ ڪجهه شاپر کنيو سهڪندي سامهون اچي ٿي اتفاق سان هن جي نظر سنڌيا تي نه ٿي پوي، رحمان کي ويندو ڏسي هٿ ڏئيس ٿي، رحمان کيس ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿو ته اجهو ٿو جهيڙو مچي، هو هٿ پوئتي ڪري گاڏيءَ جو پوئون در کولي ٿو. ته شهربانو نارمل انداز ۾ گاڏي ۾ ويهي در بند ڪري ٿي،

”ابا چڱو ٿيو جو تون اچي وئين، منهنجو ته ساهه ٿي ويو. صفا سهڪي پئي هئس.“

رحمان اطمينان جو ساهه کڻي ٿو.

”پر چاچي توهان کي ڪنهن چيو ته گهر کان ٻاهر نڪرو. جيڪڏهن گهٽي پلجي هيڏي هوڏي ٿي وڃو ته.....“

”بس ابا فواد اچي متو ماٿ ئي نه پيو ڪري مريم چيو ته ٻاهر نڪري ڪنهن ويجهي دڪان تان ڪا شيءِ ملي ته وٺي اچان، ڳولهيندي ڳولهيندي هيستائين اچي ويس تڏهن هي شيون مليون آهن.“

”چاچي آئينده خيال ڪندا ڪيو.“

”ابا چوين سچ ٿو مُئي هن شهر جي تہ هر گهٽي هڪ جهڙِي آ. ماڻهو مُنجهي تہ سڄو ڏينهن پيو گهٽيون ڦري.“

ڳالهائيندي گهر اچي ويجي ٿو.

●

رات جي گهري اونداهي هر طرف ڇانيل آهي سڄي دنيا اگهور ننڊ ۾ آرامي آهي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪمين ڪارئين يا غمن جا ماريل سڄاڳ آهن. سنڌيا بہ اڄ وري ننڊ ڪي ڪاوڙائي ڇڏيو آهي ۽ بيڊ تي ليٽي ڇت ۾ نهاري خبر ناهي ڇا تلاش ڪرڻ جي ناڪام سعي ڪري رهي آهي.

”مان ڪهڙي ڪُن ۾ اچي ڦاٿي آهيان جو نہ ”جائي ماندن نہ پائي رفتن“ جي مصداق نہ هيڏا نهن جي نہ هوڏانهن جي رهي آهيان. هوڏانهن رابي آپا منهنجي ڳالهہ سمجهڻ لاءِ تيار ناهي تہ ٻئي پاسي رحمان پنهنجي ڳالهہ کي ڳنڍ ڏيو ويٺو آهي، وڃان تہ وڃان ڪاڏي ،..... ٻئي طرف مظفر صاحب جي وڌندڙ بي تڪلفي ڪجه ٻيو سمجهائي رهي آهي . هو هڪ سلجهيل صاف سٺرو انسان آهي. ان جي بي تڪلفيءَ ۾ بہ هڪ احترام ۽ ادب جو انگ صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر هو هڪ آفيس ڪليگ ڪان ڪجهہ وڌيڪ محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ٿي سگهي ٿو منهنجو وهم هجي، مان غلط هجان .....ڪاش ....!رحمان ڪان پهرين مظفر سان ملي هجان ها. نہ، نہ مان اهو ڇا پئي سوچيان مظفر جي باري ۾. هن جو مونسان ڇا وڃي..... مون کي تہ صرف رحمان جي فيصلي جي باري ۾ سوچڻ گهرجي . سوچيندي سوچيندي اک لڳي وڃيس ٿي.

●

ٻئي طرف مريم صبح جو سويل اٿي ويهي ٿي ته رحمان ڪانئس پڇي ٿو ته هوءَ ايترو جلدي ڇو اٿي آهي، هوءَ چويس ٿي ته سندس ناشتو ناهڻ لاءِ اٿي آهي ان تي حيران ٿي کلندي چويس ٿو،

”منهنجي لاڏلي بيگم ڪي اڄ منهنجي ناشتي جو فڪر ڪيئن ٿيو، تون آرام ڪر ڇاڇي ناهي ڇڏيو هوندو.“

”نه، امان جي طبيعت رات کان ٺيڪ ناهي، اڄ تون آفيس نه وڃ، ڳوٺ وڃي مائي خانيءَ کي وٺي اچ ۽ زمينن جو چڪر به هنيو اچ، مان هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان.“

رحمان دل ئي دل ۾ خوش ٿي وڃي ٿو ته مريم پاڻ موقعو ڏنو آ پر مٿاڇري دل سان،

”تون چوين ٿي ته پوءِ جيئن تنهنجي مرضي، ناشتي کان پوءِ منهنجو بريف ڪيس تيار ڪر، مان آفيس فون ڪري اچان. مونکي اتي ڏينهن به لڳي ويندا.“

رحمان فون ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري وڃي ٿو ته مريم به اٿي ڪچن ڏانهن هلي وڃي ٿي.

رحمان پنهنجي ڪمدار سان زمينن تي پهچي ٿو ته ڪمدار پنهنجي نئين مالڪ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ لٿل فصل ڏيکاري، ٿو هن کان پهرين به مراد خان سان هو ڪئي دفعا زمينون ڏسڻ آيو هو ليڪن اڄ هن جي چهري تي عجيب قسم جي چمڪ آهي،

”رئيس هن دفعي فصل تمام پلو ٿيو آهي، ٻنئي توهان پاڻ ڪرائيندا يا سائڻ...“

”نه ڪمدار ٻنئي توهان پاڻ ڪرائجو اسان وٽ ايترو وقت ڪٿي آهي. جيڪو اسان جي حصي ۾ اچي اهو وڪرو ڪري رقم ڪراچي اچي ڏئي وڃجانءِ. مان اصل ۾ هڪ ٻئي ڪم جي ڪري آيو آهيان، ايندڙ فصل مان پاڻ ڪرڻ نه ٿو چاهيان.“

”سائين ڳڻتي نہ ڪيو جيئن توهان چوندئو مان ائين ڪري وٺندس.“

”ڪمدار تو منهنجي ڳالهہ ڪونہ سمجهي شايد. مان ٽن سالن لاءِ زمينون مقاطعي تي ڏيڻ چاهيان ٿو.“

اهو ٻڌي ڪمدار کي حيرت وٺي وڃي ٿي، هن کان پهرين تہ ائين ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو هو. گهٽ يا وڌ مالڪ فصل پاڻ ڪندا هئا. نيٺ ڪائنس رهيو نہ ٿو ٿئي،

”رئيس مقاطعي تي ڇو. توهان منهنجو اعتبار ڪيو. فصل مقاطعي کان وڌيڪ لهندو.“

اهو ٻڌي رحمان ٿورو تيز ٿي چوي ٿو

”ڪمدار چاچيءَ شهر ۾ نئون بنگلو ورتو آ. منهنجي گاڏي بہ پراڻي ٿي وئي آهي اها بہ مٽائڻي آ، گهر جا خرچ وڌي ويا آهن ان ڪري مونکي هڪ ئي وقت گهڻي رقم جي ضرورت آهي.“

اهو ٻڌي هو مايوس ٿي وڃي ٿو. هنن سڀني جي روزي روٽي انهن زمينن سان ئي سلهاڙيل آهي نوان مالڪ الائي هنن کي هلائن يا پنهنجا ماڻهو آڻين. پر مالڪ جي آڏو هو ڪجهہ ڪُڇي بہ نہ ٿو سگهي،

”جيئن توهان جي مرضي..... منهنجي نظر ۾ هڪ پارٽي آهي، مان اڄ ئي نياپو ڪيان ٿو.“

”ها اڄ ئي چورائين تہ مون سان اچي ملن. تون منشي کي چئي ضروري ڪاغذ پٽ تيار ڪرائي وٺجانءِ..... هاڻي گهر هلجي، ڏينهن تپي ويو آهي.“

ٻئي ڏينهن اوطاق تي رحمان مقعاطيدارن جو اوطاق تي انتظار پيو ڪري ساڻس گڏ ڪمدار ۽ ٻاهر وارو ملازم مولڻ موجود آهن تہ بہ اڌ وهي شهري نموني جا ماڻهو اندر اچن ٿا. رحمان اٿي کين هٿ ڏئي ڪرسين تي ويهڻ لاءِ چوي ٿو. ڪمدار هنن سان تعارف ڪرائي ٿو

”رئيس...! هي سيٺ امام بخش ۽ رحيم بخش آهن. رئيس مراد خان جي وقت ۾ بہ آيا هئا زمين جي سلسلي ۾ پر رئيس چيو تہ اسان پاڻ ڪنداسين. پر رب جي ڪرڻي فصل ۾ لابارو ئي ڪونہ پيو تہ

رئيس اٿي هليو. توهان خيال ڏيکاريو تہ مون کين نياپو اماڻيو وڏيڪ پاڻ مالڪ آهيو.“

”ڪمدار اسان ٿياسين شهري ماڻهو مونکي خاص تجربو آهي ڪونہ. سڄي قصي جي توهان کي ڄاڻ آهي تہ پوءِ توهان ئي معاملا طيءِ ڪيو.........“

ڪجهہ ئي دير ۾ سڀ معاملا طيءِ ٿي وڃن ٿا. سيٺيون رقم ادا ڪري ڪمدار کي پهرين وانگر زمينن جي سنڀال جو چئي روانا ٿي وڃن ٿا. تہ رحمان اطمينان جو ساهہ کڻي ٿو تہ اهو مرحلو بہ خير خوبي سان پورو ٿي ويو. هن جي چهري تي هڪ پراسرار مرڪ اچي وڃي ٿي.

•

ٻئي ڏينهن مائي خاني سامان تيار ڪيو ويٺي آهي، ڍولڻ اداس اداس مائي خاني سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي. ”رئيس مراد خان ڇا ويو. حويليءَ کي ڄڻ تالو اچي ويو. رئيس بہ ٻنئي ڪرايو فصل سيٺين کي وڪڻيو پيو ٿو وڃي.“

”بس ڍولڻ ڪنهن کي خبر هئي تہ حويلي جو در ائين بند ٿي ويندو.“

”هاڻي اسان جو الائي ڇا ٿيندو. مان ۽ مولڻ هن عمر ۾ کهڙو ڪم ڪار ڪري سگهنداسين سڄي عمر هن گهر سان آندي سين. اسان جي وڏڙن بہ هن گهر جي خدمت ڪندي حياتيون ڏنيون.“

”الله وڏو آ. اهوئي سڀني جو آسرو آهي، دل نہ لاهہ مڙئي توهان ٻائرن جو ڀلو ڪندو....“

انهي وقت رحمان ڪمري مان بريف ڪيس کڻي ٻاهر اچي ٿو تہ ڍولڻ ڊوڙي وڃي بريف ڪيس ڪائنس وٺي ٿو. رحمان خاني کي هلڻ لاءِ چوي ٿو ۽ ڍولڻ کي چوي ٿو تہ سامان گاڏي ۾ رکرائي. ڍولڻ وڃڻ لڳي ٿو تہ رحمان کيس چوي ٿو تہ هو ۽ مولڻ حويلي ۽ اوطاق جي صفائي

سترائي جو خيال رکن جيسيتائين چاچي اچي ان جو فيصلو ڪري، اهو ٻڌي ڊولڻ جيڪو ڪجھ دير پهرين پنهنجي مستقبل کان مايوس هو، ان جي اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا جيڪي پوٽڙي جي پلاند سان اگهي ٿو ۽ اهو سوچيندو ٻاهر وڃي ٿو ته مائي خاني سچ چيو هو ته الله وڏو آ، اهوئي سڀني جو آسرو آهي.

شهربانو مائي خاني جي اچڻ تي ڏاڍي خوش آهي مائي خاني اچڻ ساڻ گھر جي ذميداري سنڀالڻ سان گڏوگڏ ماءُ ڏيءَ جي خدمت چاڪري ۾ جنبي وڃڻ ڪري ٻنهي جي مٿي جو وزن ئي گھٽجي ويو آهي. مائي خاني ٻه هنن جي خدمت ڪندي ڏاڍي خوش آهي پر ڪيس هڪ شڪايت ضرور آهي، جيڪا شهربانو سان ڪندي چويس ٿي،

”جيجي..... هيڏي وڏي حاويلي ڇڏي هيتري ننڍڙي گھر ۾ ڪيئن ٿو گذارو ٿيئي، ساهه نه ٿو ٻوساٽجئي.“

”هي ته وري ٻه وڏو آ ٿورو ڪي گھٽو اڳڻ ٻه اٿس، جنهن گھر ۾ مريم وارا پهرين رهندا هئا اهو چار ماڙ هو ۽ ڏاڪڻون چڙهي چڙهي ايساهي وني ويندي هئي تڏهن وڃي ٻي ماڙ تي پهچبو هو هر ماڙ تي هڪڙو گھر.“

خاني اهو ٻڌي وائڙي ٿي وڃي ٿي، شهربانو کيس ننڍڙيءَ کي ونهجارڻ لاءِ چوي ٿي.

●

شام جي وقت سنڌيا سامان سهيڙي پرس کڻي آفيس مان ٻاهر نڪري روڊ تي رڪشه ٽيڪسي جو انتظار پئي ڪري، ڏهه پندرهن منٽ گذرڻ باوجود ڪا خالي سواري نه ٿي مليس، سندس منهن تي ٿڪاوٽ صاف نظر اچي ٿي، هڪ گذرندڙ ٽيڪسي کي هٿ ڏئي ٿي پر اها ٻه بيهڻ جي بجاءِ سڌي هلي وڃي ٿي، ٻئي طرف مظفر آفيس مان نڪري پارڪنگ ۾ وڃي گاڏي ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ تيزي سان روڊ طرف

اچي سنڌيا جي پرسان گذري ٿو. سنڌيا جي مٿس نظر نہ ٿي پوي، ليڪن مظفر سائيڊ شيشي مان ڪيس ڏسي ورتي ٿو ۽ گاڏي کي ٿورو بيڪ ڪري سندس سامهون اچي بريڪ هڻي ٿو بي ڌياني ۾ سنڌيا جو هٿ اوڏانهن کڄي وڃي ٿو پر مظفر تي نظر پوندي شرمسار ٿي وڃي ٿي.

”ميڊم ٽيڪسي حاضر آهي.“

”سوري سر.... مون بي ڌياني ۾ هٿ ڏنو.“

”تڪلف بلڪل نہ اچو.... مان توهان کي ڊراپ ڪندو ٿو وڃان.“

”نو سر....! ڪا نہ ڪا ٽيڪسي، رڪشہ ملي ويندي، مان هلي ويندس.“

”ميڊم...! يقين ڪريو مون کي ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي، مان خود ان طرف ڪنهن ڪم سانگي پيو وڃان، توهان کي ڊراپ ڪندو اڳتي نڪري ويندس.“

سوچ ۾ پئجي وڃي ٿي هرويرو ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ مناسب ناهي، اچانڪ کيس اهو منظر ياد اچي وڃي ٿو جڏهن رحمان سان پهرين ملاقات بہ اهڙي سچوئيشن ۾ ٿي هئي.

”ڪهڙي سوچ ۾ گم ٿي ويوَ. يقين ڪيو مون کي توهان کي اغوا ڪرڻ جو ڪو پروگرام ناهي، هينئر تائين پهچي بہ ويو ها.“

سنڌيا مجبوراً دروازو کولي گاڏي ۾ ويهي ٿي تہ هو اڳتي وڌي وڃي ٿو. سنڌيا کي هن سان ائين سفر ڪندي عجيب لڳي رهيو آهي ان ڪري هوءَ چپ چاپ سامهون نهاري پئي، اهو ڏسي مظفر ڪان رهيو نہ ٿو ٿئي،

”ميڊم...! توهان واقعي منهنجي گاڏيءَ کي ٽيڪسي سمجهي ويٺا آهيو ڇا..... ڪجهہ تہ ڳالهايو.“

”سوري سر....!“ ايتري ۾ سگنل اچي وڃي ٿو مظفر گاڏي کي بريڪ هڻي ٿو لائين ۾ ڪوڙساريون گاڏيون هڪ ٻئي جي پويان اچي بيهن ٿيون، سنڌيا جي نظر پري واري سائيڊ مرر مان هڪ گاڏيءَ تي پوي

ٿي ته سندس منهن جو پنو ئي لهي ويجي ٿو سگنل جو خيال ڪئي بغير، پهريون دفعو نالي سان مخاطب ٿيندي ابهرائيپ واري لهجي ۾، ”مظفر صاحب پليز......! جلدي هلو مونکي دير پئي ٿئي، گهر ۾ سڀ انتظار ڪندا هوندا.“

سنڌيا جي حالت ڏسي مظفر حيران ٿي ويجي ٿو ڪيس سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اچانڪ هن کي ڇا ٿي ويو آهي،

”ليڪن مِس.... سگنل بند آهي......“

سنڌيا شرمسار ٿي وڃي ٿي،

”اوه آءِ ايم سوري سر..... مونکي خيال ئي نه رهيو.“

مظفر هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي،

”اٽ از اوڪي... پر توهان اچانڪ ڇا ياد ڪري ايڏو پريشان ٿي ويا آهيو.“

”سر ڪجهه نه.... ڪجهه به ته ناهي.“

پر سنڌيا جون نظرون خوف وچان ٻاهر گهوري رهيون آهن ڀر ۾ بيٺل گاڏي جي ٻئي طرف رحمان گاڏي ۾ ويٺو آهي مظفر بار بار سنڌيا ڏي نهاري ٿو پر هوءَ الائي ڪهڙين سوچن ۾ گم پريشان حال ويٺي آهي. هن جي اهڙي ڪيفيت ته هن کان اڳ مظفر ڪڏهن به نه ڏٺي هئي، اهو ڏسي مظفر به حيران ٿيڻ سان گڏ پريشان به ٿي وڃي ٿو ته هن کي اوچتو ڇا ٿي ويو آ. هو سگنل کلڻ جو شدت سان انتظار ڪري رهيو آهي جيئن هو هتان نڪري سنڌيا کي هن ذهني ڪيفيت کان آزاد ڪرائي سگهي، ان وقت سگنل به کلي وڃي ٿو ته هو اطمينان جو ساهه کڻندي،

”بس ميڊم هي ڏسو...! سگنل کلي ويو هاڻي اجهو ٿا پهچون.“

اهو چئي گاڏي اڳتي وڌائي ٿو.

سنڌيا مظفر جي ڪيفيتن کان بيخبر بس صرف اهو سوچي رهي آهي ته جيڪڏهن رحمان هن کي مظفر سان گڏ ڏسي ورتو ته هو وڃي مظفر کي منهنجي ۽ پنهنجي نام نهاد فيانسي واري تعلق متعلق سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيندو ۽ هوءَ آفيس ۾ ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهندي، هن کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هوءَ ڇا ڪري، مظفر

سندس اندروني ڪيفيت کان بيخبر گاڏي ڊرائيو ڪري رهيو آهي ته جيئن جلد کان جلد هن کي سندس گهر پهچائي. آخر هڪ اندر ويندڙ گهٽي جي سامهون گاڏي روڪي،

”سنڌيا ميڊم...! شايد توهان جي گهر وڃڻ واري گهٽي هي ئي آهي.“ سنڌيا خيالن جي دنيا مان ٻاهر اچي شرمسار ٿي وڃي ٿي، گاڏي مان لهندي،

”ٿينڪس سر...! مون توهان کي تڪليف ڏني.“

سندس ان رويي تي مظفر کلي ڏئي ٿو،

”نو... نو ٿينڪس... پر آئينده مونکي ٽيڪسي ڊرائيور نه سمجهجو... احتياط رهي، اوڪي...“

”اوڪي“ چئي سنڌيا گليءَ ۾ مڙي وڃي ٿي مظفر گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو ته ان وقت رحمان به گاڏي سندس پرسان اچي گليءَ ۾ موڙي ٿو فرق صرف ايترو ٿئي ٿو ته هو سنڌيا کي مظفر جي گاڏي مان لهندي نه ٿو ڏسي پر جيئن هو گهٽي ۾ داخل ٿئي ٿو سندس نظر سنڌيا تي پوي ٿي جيڪا تيز تيز قدم کڻندي پنهنجي فليٽ ڏانهن وڃي پئي، هو هارن ڏئي کيس متوجه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر هوءَ هارن جو آواز سمجهڻ باوجود ته سندس پويان رحمان جي گاڏي پئي اچي، خوف وچان پنهنجي فليٽ وٽ پهچي جلدي ۾ فليٽ جون ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳي ٿي. رحمان جي چهري تي عجيب قسم جا تاثرات ڦهلجي وڃن ٿا، کيس سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته سنڌيا هن کي ائين نظر انداز ڪري تڪڙي ڇو مٿي هلي وئي جو مڙي به نه ڏٺائين. هو سوچڻ لڳي ٿو ته سنڌيا کي اڄ الائي ڇا ٿي ويو آهي يا ته شادي لاءِ ضد پئي ڪيائين يا وري ائين نظر انداز ڪري هلي وئي. خير ڇڱو ٿيو به ته ڏينهن اها بلا ته ٽري. سندس چهري تي مڪارانه مرڪ اچي وڃي ٿي.

سنڌيا گهر پهچي ٿي ته سندس منهن لٿل آهي پيءَ کي سلام ڪري تڪڙا قدم کڻندي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌي وڃي ٿي ڪومل ۽ شوڪت علي حيراني سان هڪ ٻئي ڏي ڏسن ٿا ۽ شوڪت ڪومل کي اشاري سان هن جي پويان وڃڻ لاءِ چوي ٿو. پر ڪومل کيس چوي

ٿي تہ بابا ٿوري دير رليڪس ڪرڻ ڏيوس. شوڪت کيس وري چوي ٿو تہ هوءَ کيس ڏسي ڪٿي طبيعت تہ خراب نہ اٿس. ڪومل مجبوراً اٿي هن جي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي، اتي وڃي سندس پريشاني وڌي وڃي ٿي، سنڌيا اونڌي منهن ليٽي پئي آهي، سندس سڄو جسم لرزي رهيو آهي ۽ زارو قطار روئي رهي آهي. ڪومل کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هوءَ ان سچوئيشن کي ڪيئن هينڊل ڪري متان هوءَ پنهنجي ذاتي زندگي ۾ هن جو دخل انداز ٿيڻ پسند نہ ڪري، پوءِ بہ همت ڪري سندس پر ۾ ويهي هن جي وارن ۾ هٿ ڦيري ٿي. سنڌيا وارن تي هٿ جو لمس (ڇهاءُ) محسوس ڪري سڏڪندي سڏڪندي سڌي ٿي وڃي ٿي، ڪومل سندس مٿو پنهنجي هنج ۾ رکي ٻارن جيان سندس وارن کي سنواري ٿي ۽ ٿوري دير لاءِ کيس روئڻ ڏئي ٿي.

”ڇا ڳالهہ آ سنڌيا تون اڄ وري ايڏو پريشان ٿي وئي آهين، پنهنجي اندر جو اوٻر ٻاهر نہ ڪيندينءَ تہ مان ڪيئن سمجهنديس تہ توکي ڪهڙو ڏک آهي، جنهن توکي ائين نهوڙي وڌو آ.... منهنجي پيڻ ڪجهہ تہ چئو.“

اهو ٻڌي سنڌيا پاڻ تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي،

”ڪجهہ ناهي، اصل ۾ رستي تي هڪ درد ناڪ واقعو ڏسي بس دل ڀرجي آئي. توهان هرويرو پيا پريشان ٿيو.“

ڪومل سوچي ٿي تہ عجيب ڇوڪري آ اندر ئي اندر ڪڙهي رهي آ پر ٻڙڪ ئي ٻاهر نہ ٿي ڪڍي ائين پنهنجي درد کي اندر ئي اندر سانڍي هيءَ تہ مري ويندي، وري بہ کيس آٿت ڏيندي،

”چڱو هاڻي رليڪس ٿي. هيءَ ڌرتي درد ناڪ واقعن سان ڀري پئي آهي ڪنهن کي روئي ڪنهن کي روئنداسين. اٿي منهن ڌوئي ٻاهر اچ بابا سائين پريشان ٿي ويا آهن.“

ڪومل کيس اڪيلو ڇڏي ٻاهر نڪري وڃي ٿي، هوءَ سوچي ٿي تہ رکي رکي کيس اهو ڇا ٿو ٿي وڃي، ائين تہ هوءَ سڄي گهر وارن کي پريشان ۽ بيزار ڪري وجهندي. جيڪڏهن رحمان کيس مظفر سان ڏسي بہ ورتو تہ پلا ان ۾ ڏجڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي هو سندس

ڪليگ آهي آفيس ۾ گڏجي ڪم ڪن ٿا. ميل ملاقات تہ ٿيندي رهندي، جيڪو ٿيندو ان کي ڏسي وٺبو. اٿي منهن ڌوئي ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

هوڏانهن مظفر اڄ جي سڄي صورت حال تي پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو سوچي رهيو آهي، ”سنڌيا ڪيڏي نہ سوبر ۽ رک رکاو واري ڇوڪري آهي هن ۾ اڄ جي ماڊرن، فيشن ايبل ۽ پڙهيل ڇوڪرين واري ڪابہ ڳالهہ ناهي، هر ڪنهن سان مدلل، سنجيده ۽ ضرورت آهر گفتگو ڪندي ماڻهوءَ جي دل موهي وٺندي آهي... ڪاش....! هوءَ منهنجي جيون ۾ شامل ٿي سگهي، مان هن سان پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪري سگهان ٿو؟ ڇو ڪونہ جي هن کي ڳالهہ پسند نہ آئي تہ....؟ پوءِ ڇا ٿي پيو مونکي افسوس تہ نہ رهندو تہ مون هن سان دل جي ڳالهہ نہ ڪئي.... مان صبحاڻي بهاني سان پنهنجي دل جي ڳالهہ ساڻس شيئر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، لڳي ٿو تہ منهنجي دل ۾ هن لاءِ سافٽ ڪارنر جڙندو پيو وڃي.... ڀلا هن کي منهنجي زندگيءَ ۾ شامل ٿيڻ ۾ ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو.“ اهو سوچي اطمينان سان اٿي ٿو ۽ ڪمري ڪان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

●

اڄ رحمان جا ڪيسا نوٽن سان ڀريل آهن تازو زمينون مقاطعي تي ڏئي آيو آهي ۽ جي ڪيسا وزني هجن تہ انهن جو بار ڪٿي تہ هلڪو ڪرڻو ئي پوندو آهي. هن جا قدم سنگت سميت هن بازار ڏانهن کڄي وڃن ٿا ۽ جڏهن ڪيسن جو بار ڪجهہ هلڪو ٿئي ٿو تہ سيئي مدهوشي جي حالت ۾ ٻاهر اچن ٿا. رحمان گاڏي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر سندس گاڏي ڪٿي بہ پارڪ ٿيل ڪونهي.

”اڙي يار گاڏي ڪاڏي وئي هتي جو پارڪ ڪري ويا هئاسين.“

اهو ٻڏي نذر کلندي چويس ٿو.

”يار ايترو جلدي وسري ويئي، گاڏي تہ تو نيلم بيگم کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏي.“

شڪيل ٽوڪ هڻندي.

”يار رحمان هنن عورتن کي ايڏا وڏا تحفا ڏبا آهن ڇا.“

شڪيل جي اهڙن رمارڪس تي رحمان ڀڙڪي اٿي ٿو.

”ڪهڙين عورتن.... ڇا ڇيئي..... نيلم تہ منهنجي جان آهي، منهنجي دل جي راڻي آهي، هن لاءِ تہ مان سڀ ڪجهہ قربان ڪري سگهان ٿو.“

اهو ٻڌي ٻئي دوست پنهنجي ڪاوڙ ضبط ڪندي.

”تہ پوءِ گاڏي ڇو پيو ڳولهين، چابي جو ڪيس ڏنئي.... ڪڻائي ڇڏي هوندائين. هاڻي هلو تہ ڪا ٽيڪسي تلاش ڪيون.“

●

صبح جو سوير شهربانو اٿي خاني کي نيرن ٻاهر آڻڻ جو چئي پاڻ هوا خوري جي ارادي سان بنگلي جي پارڪنگ ۾ اچي ٿي تہ اتي گاڏي نہ ڏسي خاني کي سڏي پڇي ٿي تہ رحمان اڄ سويل ئي ٻاهر نڪري ويو آهي ڇا؟ خاني حيران ٿي چوي ٿي تہ سائڻ رئيس تہ اڃان اٿيو ئي ڪونهي، رات بہ دير سان آيو هو. اهو ٻڌي شهربانو جو منهن خراب ٿي وڃي ٿو.

”اهو تہ سندس روز جو دستور آ.... پر گاڏي ڪانهي ان ڪري پئي پڇيم.“

”الائي سائڻ... مان تہ اڃان تارا ٻينا هئا جو اٿي آهيان مون تہ گاڏي جو آواز ڪونہ ٻڌو.“

هنن جي ڳالهائڻ تي رحمان اوٻاسيون ڏيندو ڪمري ڪان ٻاهر اچي ٿو ۽ چاچي ڪان پڇي ٿو تہ ڪهڙي ڳالهہ پئي خاني ڪان پڇي. شهربانو چويس ٿي تہ هوءَ ٻاهر نڪتي تہ گاڏي نہ ڏسي خاني ڪان پئي پڇيائين تہ تون سوير ئي ڪاڏي هليو ويو آهين ڇا.“

رحمان جو راتوڪو نشي جو خمار اڃان ذهن تي آهي پهرين ته ڪيس سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته گاڏي ڪيڏانهن وئي پر پوءِ ذهن ڪي سجاڳ ڪري ٿو ته رات جون سموريون ڳالهيون ذهن تي تري اچنس ٿيون.

”گاڏي....! ها چاچي.... گاڏي صفا پراڻي ٿي وئي هئي روز روز رستي ۾ تنگ پئي ڪري, سوچيم ته ڏئي نئين وٺان, ان ڪري شو روم تي ڏئي آيس.“

شهر بانو اهو نالو پهريون دفعو ٻڌو هو تعجب مان, ”شو روم...!“

”چاچي گاڏين جي دڪان کي شو روم چئبو آهي.“

”پوءِ آفيس ڪيئن ويندين.“

”ٽيڪسي ۾ هليو ويندس, ڏينهن ٻن ۾ نئين گاڏي اچي ويندي.“

شهربانو جو منهن لهي ويجي ٿو سوچي ٿي ته هن ته ڏاڍي ٻڌائي, فصل لٿو ناهي سمورا پئسه نشن پٽه ۽ عياشين ۾ وڃائي ڇڏيندو ته پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو, هوڏانهن هوءَ ڇپڙي سنڌيا جان نه ٿي ڇڏيس روز ان وٺان نشه پٽه ڪيو اچي ٿو. هتي زال کي ته هاڻي ڪا سنوت نه ٿو ڏئي...... هن جو ڪو نه ڪو بلو ته ڪرڻو پوندو.

رحمان سڀ کي گم سم ڏسي سمجهي وڃي ٿو ته هن کي نئين گاڏي جو ٻڌي سنو ناهي لڳو انڪري سندس دل جي ڳالهه سمجهڻ لاءِ,

”چاچي جي توهان کي نئين گاڏي جي ڳالهه نه ٿي وڻي ته گاڏي ڪٽي موٽائي ٿو اچان مرمت سرمت ڪرائي پيو هلائيندس.“

”نه ابا جيئن تنهنجي مرضي. اهو چئي هوءَ منهن پيلو ڪيو اندر هلي وڃي ٿي.“

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جاويد نجمه کي وٺي گهر اچي ٿو ته شمسه ۽ گل بانو جي خوشين جو ٽڪاڻو ئي نه ٿو رهي ورهين جا ڏکڙا هڪ لهڏي ۾ لهي وڃن ٿا اڄ هن جي اڱڻ تي ٻه بهار پنهنجا قدم گهمايا آهن. ٻئي ڄڻيون ننيڙي علي کي سنڀالڻ ۾ لڳي وڃن ٿيون. هنن جو گهر ٻه هاڻي ننيڙي علي جي هونگڙين سان ٻهڪي اٿي ٿو.

●

صبح جي ٽڏڙي هير گهلي رهي آهي، عالما سوير ئي لائونج ڌي ڪلڻ واريون دريون کولي ڇڏيون آهن ته جيئن تازي هوا اچي. شوڪت علي نماز وغيره کان فارغ ٿي ٻاهر لائونج ۾ اچي اخبار پڙهڻ وينو آهي ان کان پوءِ سڀ گهر ڀاتي به تيار ٿي ناشتي جي ميز تي اچي وينا آهن. شوڪت علي اخبار جي اوڍر مان سنڌيا کي ڏسي رهيو آهي. احمد ڪالهوڪي صورتحال کان بي خبر جلدي جلدي ناشتو ڪري رهيو آهي. سنڌيا دل ۾ چوي ٿي ته اج ڪيس احمد سان آفيس وڃڻ کپي، ڪاٿي رحمان سندس واٽ وٺيو نه بيٺو هجي. احمد هن کي خاموش ڏسي چوي ٿو ته هوءَ ڪهڙي سوچ ۾ آهي، سنڌيا بهانو ٺاهيندي چوي ٿي،

”سوچيان پئي ته ٽيڪسي لڳائي ڇڏيان، صبح جي وقت ڏاڍي مشڪل سان سواري ٿي ملي.“

”اڄتي جي ته پوءِ ٿا سوچيون، پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، هل ته مان توکي ڊراپ ڪندو ٿو وڃان.“

اهو ٻڌي سنڌيا اٿي ٿي ۽ ڀاءُ سان گڏ ٻاهر نڪري وڃي ٿي. هنن جي وڃڻ کانپوءِ شوڪت علي ڪومل کي چوي ٿو.

”ڪومل پُٽ، سنڌيا کي الائي ڇا پيو ٿيندو وڃي، ننڍپڻ کان وٺي اسان ڪيس نظر انداز ڪندا رهياسين، مان نوڪريءَ جي بلي، گهر ۾ ڪير وڏو هئو ڪونه. ويچاري ڪڏهن به پنهنجي تڪليف ڪنهن سان شيئر ڪري نه سگهي، اهڙي ته ڊڄڻي ٿي وئي جو هر شيءِ کان خوف کائيندي هئي.“

”۽ بابا اج به هوءَ ڪنهن خوف ۾ ورتل آهي، ڪهڙي خوف ۾.......؟ اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي.“

”ڪجهه ته چوندي هوندي.“

”گهڻئي ڪوشش ڪيم ته اندر جي ڳالهه اوري، پر بابا ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍيائين.“

”مان سمجهان ٿو تہ اڄ بہ ڪنهن ڏپ جي ڪري پاڻ سان گڏجي وئي آهي نہ تہ هوءَ ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ واري ناهي،“ مٿي نهاريندي.

”رب سائين........! مونکي معاف ڪر مون سنڌيا جو ڌيان نہ ڪري وڏو گناهہ ڪيو آهي، هن جي سڄي شخصيت پورا پورا ٿي وئي آهي، ان ۾ فقط منهنجو قصور آهي.“

ڪومل سُهري جي اهڙي حالت ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿي،

”بابا توهان هرويرو پاڻ کي بليم پيا ڪيو. سنڌيا نيڪ ٿي ويندي شام اچي تہ مان ساڻس ڳالهايان ٿي. توهان هلي ٿوري دير آرام ڪيو.“

•

گهر مان سسُ سان منهن ماري ڪرڻ کان پوءِ رحمان آفيس مان سڌو شو روم تي وڃي ٿو ۽ چيڪ ڏئي نئين گاڏي وٺي ٻاهر نڪري ٿو. هو اڄ ڏاڍو خوش آهي ورهين کان نئين گاڏي خريد ڪرڻ جي آرزو اڄ پوري ٿي اٿس، هو سوچي ٿو تہ سڀ کان پهرين مريم ۽ ٻارن کي نئين گاڏي جو سير ڪرائيندو. پوءِ سنگت ۾ رات جو نيلم کي ڪنهن سٺي هوٽل ۾ ڊنر تي وٺي ويندو ۽ پوري رات هن سان گذاريندو. اهو سڀ سوچيندي ڪيس سنڌيا جو خيال اچي ٿو جنهن سان هن ڪجهہ ڏينهن پهرين فون تي سندس فيصلو ٻڌائڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ پوءِ اچانڪ ڳوٺ هليو ويو هو ۽ اتان اچڻ کانپوءِ ڪمن ڪارين ۾ مصروف ٿي ويو. اڄ گهر وڃڻ کان پهرين چونہ سنڌيا کي سرپرائيز ڏيندو وڃي، اهو سوچي هو گاڏي کي يو ٽرن ڏئي گاڏي سنڌيا جي آفيس طرف موڙي ٿو.

سنڌيا ۽ مظفر سنڌيا جي ڪيبن ۾ حسب معمول لنچ ڪرڻ ۾ مصروف آهن تہ مظفر جي ذهن ۾ ڪا ڳالهہ اچي ٿيءِ سنڌيا کان پڇي ٿو.

”واقعي چڪن جلفريزي زبردست نهيل آهي“
اهو ٻڌي سنڌيا مسڪرائي چپ ٿي وڃي ٿي، وري چويس ٿو.
”پلا هي ڪُڪنگ ڪيڏي مهل ڪنديون آهيو؟“ سنڌيا ڪلندي،
”پلا اڄ توهان ڪُڪنگ تي انٽرويو ڪرڻ پيا چاهيو ٿا.“
”نه ميڊم جيڪا ڳالهه در اصل مونکي ڪرڻي آهي، ان لاءِ راه هموار ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪيان.“
”چو وري ڪا نئين ڊش فرمائش ڪرڻي اٿوَ ڇا.“
”ڳالهه دراصل اِها آهي سنڌيا مِسِ....! ته مان هاڻي ڪنهن هڪ ڊش تي اڪتفا ڪرڻ نه ٿو چاهيان.“
”لڳي ٿو اڄ پورو مينيو تيار ڪري آيا آهيو.“
”نه صرف مينيو پر ان جي تيار ڪرڻ وارو به.... گهربل آهي.“
سنڌيا گهبرائجي وڃي ٿي،
”مون سمجهيو نه......، گهر ۾ ڪا دعوت آهي ڇا؟“
مظفر منهن ۾ پڻ پڻ ڪندي،
”قربان وڃجي اهڙي سادگيءَ تي.“
”الائي ڇا پيا چئو....“
”ميڊم توهان جي هٿ جا ڊشز کائڻ جي اهڙي عادت ٿيندي پئي وڃي جو سوچيان ٿو ته ان لاءِ مستقل انتظام ڪري وٺجي.“
سنڌيا گهڻو ڪجهه سمجهي وڃي ٿي پر ڳالهه ٽارڻ لاءِ،
”ڏسو مظفر صاحب اهو ته مشڪل آهي.“
”ڇو ان ۾ مشڪل هجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي..... جي قدردان موجود هجي ته پوءِ.... مس سنڌيا مان سئولي زبان ۾ چوڻ ٿو چاهيان ته منهنجي باري ۾ توهان جي ڇا راءِ آهي.“
سنڌيا پريشان ٿي وڃي ٿي، سوچي ٿي ته جنهن ڳالهه جو ڊپ هو اها اڄ حقيقت بڻجي سامهون اچي وئي.....
”ڪيڏانهن گم ٿي ويو سنڌيا ميڊم.....“

ان وقت پٽيوالو اندر اچي چوي ٿو ميڊم ڪو رحمان صاحب توهان سان ملڻ ٿو چاهي.

سنڌيا اهو ٻڌي پريشان ٿي وڃي ٿي،

”رحمان.... صاحب...!

مظفر سنڌيا ڏي ڏسي ٿو جيڪا ڪجهه دير پهرين هشاش بشاش هئي هڪدم سندس چهرو هيڊو ٿي وڃي ٿو خوف ۽ پريشاني سندس منهن تي صاف نظر اچي ٿي هو حيران ٿي وڃي ٿو. سوچي ٿو ان ڏينهن به گاڏي ۾ سنڌيا اچانڪ ائين ئي خوفزده ٿي وئي هئي.

خبر ناهي ڪيس ڪهڙي ڳالهه ائين پريشان ڪري وجهي ٿي.

پٽيوالو اڃان اتي ئي جواب جو منتظر آهي ته رحمان اندر داخل ٿئي ٿو سنڌيا انهي دوران پنهنجي حواسن کي مجتمع ڪري وٺي ٿي، ۽ رحمان جو تعارف ڪرائڻ جو سوچي ئي ٿي ته رحمان هن کي موقعو ڏيڻ کان پهرين ئي مظفر کي غور سان ڏسندي تڪڙ ۾ پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائي ٿو.

”مان سنڌيا جو فيانسي رحمان آهيان سنڌيا ضرور توهان سان ذڪر ڪيو هوندو. عنقريب اسان شادي ڪري رهيا آهيون.“

مظفر جي چهري تي اهو ٻڌي ڪئي رنگ اچي وڃن ٿا. سمجهه ۾ نه ٿو اچيس ته هو اهو ٻڌي هو حيران ٿئي يا پريشان. پر سنڌيا جو پريشان ۽ خوفزده چهرو ذهن ۾ ايندي ئي پنهنجي ڪيفيت تي ڪنٽرول ڪندي ڳالهه ٽاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

”اوهو سوري مسٽر.... اصل ۾ اسان جي هڪ ٻئي سان ذاتي حوالي سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ناهي ٿيندي.“

لنچ جي سامان کي ڏسندي،

”حالانڪ لڳي ٿو ته اوهان جي وچ ۾ آفيشل رليشنز کان وڌي ڪري رشتو آهي.“

”بلڪل...! اسان جي ڪمپني جو مينيفيسٽو به اهوئي آهي ته ڪليگس فرينڊلي ماحول ۾ ڪم ڪن جيئن ڪارڪردگي بهتر ٿي سگهي.“

اٿندي.

”مسٽر رحمان توهان پنهنجي فيانسي سان ڳالهيون ڪيو مان هاڻي اجازت وٺندس.“ رحمان اٿي ساڻس هٿ ملائي ٿو.

سنڌيا ڪي اهي ڳالهيون ٻڌي ڪاوڙ اچي وڃي ٿي، رحمان هن جي منهن ۾ نهاريندي چڙ ڏياريندڙ کل کلندي.

”ڇو.... رنگ ۾ ڀنگ پئجي وئي ڇا.“

سنڌيا ٿورو برهميءَ سان.

”ڇا مطلب آ توهان جو..........“

”مون توکي بار بار سمجهايو آهي ته مون کي تنهنجو ڪنهن سان ائين بي تڪلف ٿيڻ قطعي پسند ناهي ۽ تون آهين جو ماڻهن سان ويٺي لنچ ڪرين.“

اهو ٻڌي سنڌيا ذري گهٽ روئڻهارڪي ٿي وڃي ٿي.

”جيڪڏهن ايتروئي خيال اٿوَ ته پوءِ شادي ڇو نه ٿا ڪيو.“

هو ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو.

”ٺيڪ آ تنهنجو اهو شوق به جلد پورو ڪبو.“

”پر توهان اڄ اچانڪ منهنجي آفيس ۾ ڪيئن اچي ويا.“

”ان جو هڪ سبب ته اهو هو ته ڏسان ته هتي تنهنجو ڪنهن ڪنهن سان ميل جول آهي، ڇو ته اڄ ڪلهه تنهنجا گهٽائي رشته اچڻ لڳا آهن، ٻه رشتا ته مون انهن ماڻهن سان وڃي ملي پنهنجو تعارف ڪرائي ختم ڪرايا. ۽ هاڻي جي آفيس ۾ ڪنهن جي من ۾ ڪا ڳالهه هجي ته اڄ کان پوءِ اهي سوچن به نه...... تون صرف منهنجي لاءِ آهين، اها ڳالهه بار بار توکي ياد ڏيارڻ جي ضرورت ناهي. ٻيو ته نئين گاڏي ورتي اٿم، سوچيم ته توکي ڏيکاريندو وڃان.“ سنڌيا جو موڊ رحمان جون ڳالهيون ٻڌي خراب ٿي وڃي ٿو پر ڪجهه ڳالهائي نه ٿي.

”پوءِ هلين ٿي ڊرائيو تي.“

” نه في الحال مون کي آفيس ۾ ڪم آهي ٻئي دفعي....“

”چڱو ته پوءِ مان هلان ٿو نڪاح جو انتظام ڪري توکي ٻڌائيندس، اوڪي، ٽيڪ ڪيئر.“

گهر ۾ مريم ٻارن سان ويٺي آهي تہ رحمان گهر اچي ٿو هارن تي مائي خاني گيٽ کولي ٿي تہ رحمان نئين گاڏي اندر ڪڍي اچي ٿو. خاني ڊوڙي وڃي مريم کي ٻڌائي ٿي، مريم ٻاهر نڪري اچي ٿي ڪيس ايندو ڏسي رحمان گاڏي مان لهي اچي ٿو ۽ مريم کي هٿ کان جهلي گاڏي ڏانهن وٺي اچيس ٿو.

”ڏس تنهنجي نينا لاءِ نئين گاڏي آندي اٿم.“

”ها هاڻي هر شي نينا لاءِ ايندي اسان تہ ڪنهن ڪاتي ۾ ئي ڪونہ آهيون.“

رحمان ڪيس وڏيڪ چيڙائيندي چوي ٿو

”سڙي وئينءَ نہ..... هلي اچ ويهہ ٻڌاءِ ڪيئن ٿي لڳي.“

”تمام خوبصورت..... ڪلر بہ ڏاڍو سهڻو اٿس، ڀلا ڪڏهن نئين گاڏي ۾ گهمائڻ وٺي هلندين.“

”هينئر ئي هلو، رات جو ڪجهہ دوستن سان پروگرام آ.“

”هينئر... پر امان جي طبيعت ٺيڪ ناهي.“

”تنهنجي مرضي....“

”ٺيڪ آ تون فريش ٿي وٺ ٿوري دير آرام ڪر، مان ٻارن کي تيار ڪري وٺان پوءِ هلون ٿا.“

●

رات جو سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ صبح واري صورت حال تي پشيمان ويٺي آهي، مظفر منهنجي باري ۾ ڇا سوچيندو هوندو. رحمان جو ائين آفيس اچڻ جو مقصد ڇا هو ضرور ان ڏينهن هن مونکي مظفر سان گاڏي ۾ ويندي ڏٺو هوندو، پر هو ڇو آيو هو... ڇا واقعي هو مونسان شادي ڪرڻ لاءِ سنجيده آهي، مان هن سان خفيہ نڪاح ڪيان؟ پر جيڪڏهن بابا وارن کي خبر پئجي وئي تہ هنن جو پنهنجي پرورش تان اعتبار ئي کڄي ويندو. پر آخر مان ڇا ڪيان، ان کان سواءِ ٻيو ڪو

چارو بہ تہ ڪونهي، رحمان مونکي ٻئي ڪنهن هنڌ شادي ڪرڻ بہ تہ ڪونہ ڏيندو ۽ باقائده شادي ڪرڻ لاءِ هو تيار ڪونهي، مونکي اها رِسڪ ڪٽڻي پوندي. اڳتي هلي مان ڪومل يا آپي ڪي اعتماد ۾ وٺي بابا تائين ڳالهہ پهچرائيندس اهو سوچي هوءَ رليڪس ٿي وڃي ٿي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ رحمان امتياز جي فليٽ تي وڃي ٿو تہ شڪيل ۽ نذر ڪيس ٻڌائن ٿا تہ امتياز ڪاروبار جي سلسلي ۾ دبئي ويل آهي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ واپس ايندو. اهو ٻڌي رحمان موقعو غنيمت سمجهي سنگت سان صلاح ڪري ٿو.

”يار توهان ڪان هڪ مدد ڪپي، چڱو ٿيو جو امتياز ڪونهي.“

”چو خير تہ آهي نہ، اهڙو ڪهڙو معاملو آهي جو ان ۾ امتياز جو نہ هجڻ چڱو ٿيندو.“

”ها يار ڪڏهن ڪڏهن امتياز هرويرو خدائي فوجدار بنجي ويندو آهي، ان ڪري انجي غير موجودگي ۾ هي ڪم ٿي وڃي تہ بهتر ٿيندو.“

”يار اسان تہ يارن جا يار آهيون تنهنجو بس حڪم ڪپي ڇا ڪرڻو آهي، نيلم ڪي ڪٽڻو آهي ڇا؟“

”پر يار اهي عورتون ڪٽڻ ڪان ڳوريون آهن.“

رحمان هنن جا انومان ٻڌي چوي ٿو:

”نہ يار نيلم جو معاملو ناهي، غور سان ٻڌجو ۽ پاڻ تائين محدود رڪجو سڄو انتظام توهان ڪي ڪرڻو آهي.....“

ٻئي دوست حيران ٿي ڪيس ڏسن ٿا، رحمان ڪين سڄي ڳالهہ سمجهائي ٿو هو هاڪار ڪن ٿا رحمان ڪين چوي ٿو تہ سڄو انتظام ٻن ڏينهن ۾ ڪري وٺن جيئن امتياز جي واپس اچڻ ڪان پهرين سڀ ڪم ٿي وڃي. هو ساٿس واعدو ڪن ٿا تہ هو بي فڪر رهي سڀ ڪم سندس مرضي مطابق ٿي ويندو. اهو ٻڌي رحمان خوش ٿي ڪين چوي ٿو:

”تہ پوءِ هلو اڄ ان خوشيءَ ۾ توهان ڪي ڪا عياشي ڪرائجي.“

”پوءِ اسان ڪي نائيٽ ڪلب وٺي هل من ڪو نيلم جهڙو ناياب دُر اڄ اسان ڪي بہ نصيب ٿي وڃي.“

”اوڪي اڄ سڀ ڪجهہ منهنجي حساب ۾.“
ٿئي ڏِرِ ناياب جي ڳولها ۾ نڪري پون ٿا.

لنچ بريڪ ۾ مظفر حسبِ معمول سنڌيا جي ڪيبن ۾ ڪيبن ڊور ناڪ ڪري اندر اچي ٿو تہ سندس منهن لٿل آهي، انداز ۾ عجب بيگانگي ۽ معمول جي مرڪ چهري تان غائب ٿي وئي اٿس، سنڌيا ڪيس اهڙي اجنبي موڊ ۾ ڏسي شرمسار ٿي وڃي ٿي، ۽ پاڻ کي نارمل رکندي چويس ٿي،

”اچو نہ سر اتي ڇو بيهي رهيا آهيو.....“
”مون توهان کي ڊسٽرب تہ نہ ڪيو.....“
”نو... نوسر! لنچ ٽائيم آ مان ڪم کان فارغ ٿي وئي هئس....“
”در اصل... مون کي الائي ائين بي تڪلف توهان جي ڪيبن ۾ اچڻ گهرجي الائي نہ.“
”ڇو سر....! اهڙي ڪهڙي ڳالهہ ٿي وئي، اسان تہ روز لنچ ڪندا آهيون.“
”الائي مون کي ائين لڳو ڄڻ ان ڏينهن توهان جي فيانسي کي اسان جو گڏ لنچ ڪرڻ سٺو نہ لڳو.“
”اوهو تہ اها ڳالهہ آ.... آءِ ايم سوري سر... ان ڏينهن توهان شايد ان ڪري ئي جلدي اٿي هليا ويا هئا.“
”مون کي توهان سان هڪ ننڍڙي شڪايت ضرور آهي، توهان ڪڏهن بہ ان ڳالهہ جو ذڪر نہ ڪيو تہ توهان جي انگيجمينٽ ٿيل آهي ورنہ شايد مان ائين جاڳندي جا خواب تہ نہ لهان ها.... انتهائي اداس لهجي ۾. خير اچو لنچ ٿا ڪيون.“
سنڌيا اهو ٻڌي ندامت کان ڪنڌ هيٺ ڪري چپ چاپ لنچ ڪرڻ لڳي ٿي.

•

نذر ۾ شڪيل امتياز جي فليٽ تي حيران پريشان پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن ته امتياز جي غير موجودگي ۾ هنن رحمان جو ساٿ ڏئي ڪاٿي غلطي ته نه ڪئي آهي، پر هاڻي سوچڻ سمجهڻ جو وقت گذري ويو. واعدو ڪيو آهي ته نڀائڻو ته ضرور پوندو نه ته اهي عياشيون ڪين ڪير ڪرائيندو. اٿي انتظام ڪرڻ هليا وڃن ٿا.

ٻئي ڏينهن منجهند جي وقت رحمان پاڻ به لنچ بريڪ ۾ آفيس کان موڪل ڪري سنڌيا کي به موڪل ڪرائي امتياز جي فليٽ تي وٺي اچي ٿو. سنڌيا سخت پريشان ٿي وڃي ٿي هن جي چهري تي ڏک گاڏڙ خوف چانيل آهي هوءَ اهو قدم کڻندي تمام گهڻي پشيمان آهي، هن ڪڏهن به اهو ڪونه سوچيو هو ته هوءَ بنا گهر وارن جي مرضي جي ايڏو وڏو قدم کڻندي، هڪ دل ته چويس پئي ته انجام جي پرواهه ڪئي بغير سڀ ڪجهه ڇڏي هتان ڀڄي وڃي، رحمان اندر ئي اندر ۾ شيطاني منصوبه جوڙي رهيو هو غلط سنگت ۾ اچي ورهين جي مليل اخلاقي تربيت وغيره سڀ ڪجهه وساري ويٺو هو. وري به مٿاڇري نموني ڪانئس پڇڻ لڳو

”سوچي وٺ پوءِ نه چئجانءِ ته تو غلط فيصلو ڪيو آهي منهنجا دوست مولوي صاحب کي وٺي اچڻ وارا هوندا.“

سنڌيا چپ چاپ ويٺي هئي ڪجهه چوڻ لاءِ چپ ڏڪنس ٿا پر ڪجهه چئي نه ٿي سگهي، انهي وقت ٻاهر واري ڪمري ۾ ماڻهن جا آواز ٻڌي رحمان اٿي ٿو ته سنڌيا به ڊپ وچان اٿي بيهي ٿي، رحمان حيراني مان ڪيس ڏسي،

”ڇو... ڇا ٿيو.... ڏس مان توکي زور زبردستي نه ٿو ڪيان، مان هي نڪاح صرف تنهنجي تسلي لاءِ پيو ڪيان، جي توکي ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته وقت جو انتظار ڪر....“

سنڌيا سوچي ٿي ته جي هوءَ هينئر نڪاح نه به ڪري تڏهن به رحمان ڪيس ٻئي هنڌ شادي ڪرڻ ڪونه ڏيندو. هر جاءِ تي پهچي منهنجي خواري ڪندو رهندو ۽ گهر وارا به شادي لاءِ زور ڀريندا رهندا، اگر اج اهو قدم وڌايو آهي ته ڪيس پوئتي هٽڻ لاءِ ٻي ڪا واٽ ڪانهي.

اهو سوچي ٿڌو ساهه ڀري خاموشي سان واپس صوفي تي ويهي رهي ٿي. رحمان ڪيس هار مڃندي ڏسي ڪجهه چئي بغير ٻاهر نڪري ويو ٿو.

ٿوري دير ڪانپوءِ شڪيل، نذر رحمان سان گڏ اندر اچن ٿا ۽ ڪجهه فارمن تي هن کان صحيح ڪرائن ٿا ۽ پوءِ ٻاهر نڪري وڃن ٿا.

ڪجهه دير کان پوءِ رحمان ڪمري ۾ اچي ٿو سندس لبن تي فاتحانه مرڪ آهي ته اڄ ڪيس هن ٻهاني سان سنڌيا کي پوري طرح ماڻڻ جو موقعو خود سنڌيا پنهنجي معصوميت ۽ بيوقوفي سبب فراهم ڪيو آهي، هو اچي سنڌيا جي پير ۾ ويهي ٿو ۽ هن جو هٿ جهلي ڪيس صوفي تان اٿاري ڪمري ۾ پيل بيڊ تي وٺي اچي ويهاري ٿو.

”هاڻي ته تنهنجي منهنجي درميان ڪو حجاب ڪو پردو باقي رهڻ نه گهرجي اڄ کان تون منهنجي وائيف آهين ۽ توکي حق سان مان پنهنجي قريب آڻي سگهان ٿو.“

اهو ٻڌي سنڌيا وسامجي وڃي ٿي، منهن لهي وڃيس ٿو ان مرحلي لاءِ ته هن سوچيو به نه هو. هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ليڪن رحمان ڪيس اڃان به پنهنجي ويجهو ڪري ٿو.

”نه رحمان نه..... في الحال اسان جو صرف نڪاح ٿيو آهي ۽ اهو به مون مجبور ٿي ڪيو آهي جيئن توهان کي به ڪنهن شڪ جي گنجائش نه رهي ۽ گهر وارن جي دٻاءُ کان به جان ڇڏايان.“

”ليڪن مون تنهنجو تمام گهڻو انتظار ڪيو آهي جانِ رحمان، ۽ اڄ مان جڏهن حق سان توکي پنهنجي قريب آڻڻ چاهيان ٿو توکي پوري طرح ماڻڻ چاهيان ٿو ته تون انڪار ڪيئن ٿي ڪري سگهين. مان هاڻي هڪ پل به توکي پاڻ کان دور رکي نه ٿو سگهان اسان جي وچ جا سڀ حجاب سڀ پردا اڄ ختم ٿي ويندا، اڄ کان تون پوري طرح منهنجي اندر سمائجي ويندينءَ منهنجي ورهين جون آرزوئون ۽ جستجو پوري ٿي ويندي، ڏس منهنجي جان، ان هڪ پل کي ماڻڻ لاءِ مون ورهين تائين انتظار ڪيو آهي.“

هو هن کي پنهنجي پاڪر ۾ پرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو سنڌيا هٿ ڇڏائي اٿڻ جي ڪري ٿي،

”نہ رحمان... تون ائين ڪيئن ٿو ڪري سگهين.“

رحمان ڪلندي وري سندس هٿ پڪڙي ڪيس قريب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري بيڊ تي ليٽائي ڇڏي ٿو سنڌيا روئڻهارڪي ٿي وڃي ٿي ۽ دل ئي دل ۾ چوي ٿي تہ يا الله مان ڇا ڪيان، اهو تہ مون سوچيو بہ ڪونہ هو تہ اهڙو بہ ڪو مرحلو ايندو.... مالڪ ڪي سڏيندي، مالڪ تون ئي منهنجي عزت بچائجانءِ.

رحمان هن جي احساسن کان بيخبر هن کي وڌيڪ قريب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو سنڌيا دور هٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ان وقت ڪمري جو دروازو زور سان کلڻ جو آواز اچي ٿو ۽ امتياز ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو اهو منظر ڏسي سندس چهري تي پهرين حيرت ۽ پوءِ ناگواري جا تاثرات اڀرن ٿا، رحمان بہ ائين اچانڪ امتياز کي ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو. هو سنڌيا کي ڇڏي امتياز ڏي نهاريندي سوچي ٿو تہ هن کي تہ ٻئي ڏينهن اچڻو هو هي اچانڪ ڪٿان اچي نڪتو، هرويرو رنگ ۾ ڀنگ وجهي ڇڏيائين، اٿي امتياز ڏي وڌندي اک جي پڪائي سان،

”يار امتياز تون اڄ ڪيئن اچي نڪتين، دوستن ٻڌايو پئي تہ توکي دبئي ۾ ڪجهہ ڏينهن لڳي ويندا.“

امتياز ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي برهم انداز سان،

”پر توهان هتي...! ۽ هي تہ ڀاڀي سنڌيا.... منهنجو مطلب آ تہ، تنهنجي دوست سنڌيا آهي نہ..... يار توکي ائين سنڌيا کي هتي منهنجي گهر نہ وٺي اچڻ کپندو هو. اسان هونئن ڪٽي کهڙا بہ برا آهيون پر عورت جي عزت ڪرڻ ڄاڻو ٿا.“

اهو ٻڌي سنڌيا جو منهن شرم کان پيلو هيڊ ٿي وڃي ٿو هوءَ هڪدم بيڊ تان اٿي بيهي ٿي.... اکين ۾ لڙڪ لڙي اچنس ٿا، اهڙي ذلت جو هن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو ائين بي عزت ٿيڻو هو امتياز منهنجي باري ۾ ڇا سوچيندو هوندو، ڪهڙي راءِ جڙي هوندي منهنجي باري ۾،

سچو مانُ مريادا خاڪ ۾ ملي ويا. روئڻهارڪي لهجي ۾ رحمان کي چوي ٿي،

”رحمان پليز مون کي ٽيڪسي ڪري ڏيو مان گهر ويندس.“

”مان توکي گاڏي ۾ ڇڏي ٿو اچان.....“

”نه مان ٽيڪسي ۾ ئي ويندس.“

امتياز سنڌيا کي ائين پريشان ۽ شرمسار ڏسي،

”نه سنڌيا پيڻ توهان ويهو پهريون دفعو منهنجي گهر آيا آهيو، چانهه پاڻي جي بغير مان توهان کي وڃڻ نه ڏيندس.“

سنڌيا ٻاهر وڃندي،

”نه مونکي دير پئي ٿئي گهر ۾ سڀ انتظار ڪندا هوندا.“

رحمان سنڌيا سان گڏ ٻاهر نڪري وڃي ٿو ته امتياز عجيب نظرن سان ڪيس نهاري ٿو.

۽ دل ۾ چوي ٿو، رحمان کي ڪنهن شريف ڇوڪري کي ائين برباد ڪرڻ جو ڪوبه حق ناهي، هوڏانهن نيلم سان سندس ناتو جڙيو پيو آهي ته پوءِ هِن ڇوڪريءَ جي پويان هٿ ڌوئي ڇو پئجي ويو آهي، مون کي ڪڏهن موقعو مليو ته مان ضرور سنڌيا کي رحمان جا سڀ ڪرتوت ٻڌائيندس.

اڄ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ رابعه مائٽن ۾ آئي هئي، پر سنڌيا اڃان گهر واپس نه آئي هئي، هوءَ ڪيتري دير کان سندس انتظار پئي ڪري، ڪومل کان پڇي ٿي ته ڇو دير ڪئي اٿس، هوءَ ڪيس ٻڌائي ٿي ته ڪڏهن ڪڏهن آفيس ۾ ڪم زياده هوندو اٿس ته دير ٿي ويندي اٿس، بس اچڻ واري هوندي. هوءَ رابعه کان پڇي ٿي ته سندس پٽ ڪاشان خير سان پنجن سالن جو ٿي ويو هوندو، ڪي جي کان پوءِ ساڳئي اسڪول ۾ ئي پڙهائيندي يا ڪنهن ٻئي اسڪول ۾ داخل ڪندي، رابعه چوبس ٿي ته گهڻو ڪري ڪنهن ٻئي اسڪول ۾ ڪوشش ڪندي. ان وقت سنڌيا اندر اچي ٿي پيڻ کي گهڻن ڏينهن

ڪان پوءِ ڏسي دل پرجي اچيس ٿي ڪيس ڀاڪر پائي روئي ڏئي ٿي. رابعہ پيءُ کي ڏڪارو ڏسي ڪيس پيار ڪندي چوبس ٿي،

”تون نہ سڌرنديئن. ڏس تہ پنهنجي ڇا حالت ڪري ڇڏي اٿئي، منهن جو رنگ تہ ڏس پيلو هيڊ لڳو پيو اٿئي.“

ڪومل بہ ٽٽاڻ جو ساٿ ڏيندي،

”آپي نہ تہ صبح جو نيڪ طرح ناشتو ٿي ڪري، اڳي تہ لنچ ٿاهي آفيس ڪٽي ويندي هئي هاڻي تہ اها بہ ڇڏي ڏني اٿس.“

پاپي جي شڪايت ٻڌي پنهنجو بچاءُ ڪندي،

”آپي آفيس ۾ ايترو ڪم هوندو آهي جو ڪاٿڻ پيئڻ جو هوش ئي ناهي رهندو.“ سوچي ٿي، رحمان سان نڪاح ڪانپوءِ هن سختي سان منع ڪيو هو تہ مظفر سان زياده بي تڪلف ٿيڻ هن کي پسند ناهي، ان ڪان پوءِ هن بهانو ڪري لنچ ڪرڻ ئي ڇڏي ڏني هئي.

رابعہ ڪيس ڳوڙهي سوچ ۾ گم ڏسي،

”وري ڪهڙو ڪنڊ جو جهاز ٻڏي ويئي. هي ڏس مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ شيون ٿاهي ڪٽي آئي آهيان، سڀ تنهنجي پسند جون آهن، تون جلدي هٿ منهن ڌوئي فريش ٿي وٺ. ايستائين عالما چانهہ ٿاهي وٺندي. ان ئي وقت احمد ۽ شوڪت بہ اچن ٿا احمد ڪلندي پيءُ کي چوي ٿو تہ سڀ ڪجهہ پنهنجي لاڏلي پيءُ لاءِ، باقي اسان تہ ڄڻ سندس ماٽيجا آهيون.

رابعہ بہ ڪلندي چوبس ٿي تہ هن جي پسند جون شيون ٿاهڻ لاءِ ڪومل جو وينٽي آهي، سنڌيا کي ڪير ٿاهي ڏيندو. ان تي احمد سنڌيا کي ڇيڙڻ خاطر چوي ٿو تہ:

”پوءِ ڪرايوس نہ ڪنهن ٿاهڻ واري سان..........“

سنڌيا موڊ کي خوشگوار بنائيندي سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي،

”بس، بس، ويچاري عورت ئي خيال رکندي آ پنهنجي بيٽر هاف جو وتندي آ جتن ڪندي سندس دل تائين پهچڻ جا...... مرد حضرات ڪن ڪجهہ بہ نہ، سهائيندا ائين ڄڻ وڏا ڪوٽ ڪيرائي آيا آهن.“

احمد ڪيس وڏيڪ ستائيندي،

”اڇا......! تہ اڄ مُردو بہ ڪفن ڦاڙي نڪتو.“
عالما چانهہ کڻي اچي ٿي تہ شوڪت علي چوين ٿو.
”هاڻي گهڻي مذاق ٿي وئي، چانهہ ٿي ٿڌي ٿئي.

●

رحمان آفيس ۾ فائيلن ۾ مصروف آهي تہ اچانڪ ڪيس ڪجهہ ياد اچي ٿو تہ فون کڻي نذر سان ڳالهائي ٿو ۽ پڇيس ٿو تہ امتياز تہ ڪجهہ ڏينهن ڪانپورِ اڇڻو هو. هو اچانڪ واپس ڪيئن اچي ويو. اهو ٻڌي نذر وائڙو ٿي چويس ٿو ڪڏهن آيو هن کي تہ اجان هفتو ڪن اتي رهڻو هو ۽ اسان بہ ان ڪري اوڏانهن نہ وياسين تہ ان نڪاح جي بهاني توهان ڪجهہ ڏينهن پلي انجواءِ ڪيو. رحمان کيس تاڪيد ٿو ڪري تہ هو شڪيل کي بہ سمجهائي ڇڏي تہ هن باري ۾ امتياز کي ڪا بہ خبر نہ پوڻ ڪپي.

ٻئي ڏينهن شام جو سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پئي آهي، هوءَ سوچي پئي تہ الله جو احسان ٿيو جو عين وقت تي رحمان جو دوست اچي ويو. ورنہ مان تہ پنهنجي نظرن ۾ ئي رسوا ٿي وڃان ها. مون کي ايڏو وڏو قدم کڻڻ کان پهرين اهي سڀ ڳالهيون سوچڻ کپنديون هيون. رحمان تہ هونئن ئي قريب اچڻ جا موقعا ڳولهيندو رهندو آهي ۽ هاڻي تہ هو پنهنجو حق جتائيندو. مون کي هاڻي ڪوشش ڪرڻي پوندي تہ هن کي اهڙو موقعو نہ ڏيان جيستائين هو هن شاديءَ کي پبلڪ لي ڊڪليئر نہ ٿو ڪري، مون کي حت المقدور هن کان دور رهڻو پوندو. ان دوران سنيتا سندس ڪمري ۾ اچي ٿي ۽ ايندي ئي پنهنجي مخصوص انداز ۾، ڪهڙا حال ڪهڙا چال، ڪهڙا سال.

سنڌيا کي سوچ ۾ غرق ڏسي کلندي.
”اڇا تہ چوري پڪڙجي پئي......“
اهو ٻڌي سنڌيا پريشان ٿيندي.
”ڪهڙي چوري......! ڇا جي چوري!“

سنيتا هن جي اها ڪيفيت ڏسي وائڙي ٿي،

”توکي ڇا ٿي ويو جو اهڙي پريشان ٿي وئينءَ. رحمان جي باري ۾ پئي سوچيئي نہ.... نجمہ ٻڌايو تہ مريم ۽ شهربانو جو رحمان سان جهيڙو ٿي پيو آهي.“

”ڇو جهيڙو ٿيو آ.....“

”نجمہ پئي چيو تہ رحمان زمينن تان جيڪي پئسا آندا هئا اهي سڀ ڪپائي ڇڏيا اٿس، ڪين شڪ آ تہ هو اهي توتي ٿو خرچ ڪري.“

اهو ٻڌي سنڌيا حيران ٿي وجي ٿي،

”مونتي.... ! ڀلا مونتي ڇا لاءِ خرچ ڪندو....“

”هو تہ اهو بہ چون پيون تہ رحمان روز دير سان گهر ايندو آهي پڪ هو توسان وقت گذاريندو هوندو.“

اهو ٻڌي سنڌيا سخت ڪاوڙ ۾ اچي چوي ٿي،

”دماغ خراب ٿيو اٿن، مونسان ڪيئن رهندو ايتري دير تائين، هوندو پنهنجي يارن دوستن سان، پر... هنن کي ڪيئن خبر پئي تہ رحمان جو مونسان ڪو واسطو آهي؟“

”اها تہ مون کي خبر ناهي پر لڳي ٿو تہ هنن کي گهٽي وقت کان اها خبر هئي تڏهن ئي هنن جدا گهر ورتو.“

”پيو نجمہ ڇا پئي چيو. انهن کي اهو سڀ ڪنهن ٻڌايو.“

”مائي صغرا وئي هئي اوڏانهن اتي اهو سڄو جهڳڙو ٻڌي آئي هئي.“

اهو ٻڌي سنڌيا فڪرمند ٿي وئي تہ ڏينهون ڏينهن هن جو اميج خراب ٿيندو پيو وڃي، پر هن وٽ ان جو ڪو حل بہ نہ هو.

●

ٻئي طرف مظفر پنهنجي آفيس جي ڪيبن ۾ ڪنهن گهري سوچ ۾ گم آهي هو مسلسل سنڌيا جي باري ۾ سوچي رهيو آهي تہ سنڌيا پنهنجي ۽ رحمان جي باري ۾ ڪڏهن اشارتًا بہ هن کي نہ ٻڌايو

هو. بار بار ڪيس ڪُريد ڪندو رهيو پر هن هميشه اهوئي چيو ته هوءَ مزيد تعليم حاصل ڪرڻ ٿي چاهي، ۽ مونکي ته خبر ئي نه پئي ته ڪڏهن هن لاءِ منهنجي دل ۾ سافٽ ڪارنر جڙيو ۽ ڪيئن اهو محبت ۾ تبديل ٿي ويو. مان ته ان موقعي جي تلاش ۾ هئس ته ڪڏهن ڪيس آئوٽنگ تي وٺي وڃان ۽ اتي موقعو ڏسي سندس آڏو پنهنجي دل کولي رکي ڇڏيان. پر ان ڏينهن سندس مڱيندي اچانڪ آفيس ۾ اچي منهنجا خواب پورا پورا ڪري ڇڏيا ۽ منهنجون محبتون حسرتن ۾ بدلجي ويون ، ڪاش! مان سنڌيا سان نه مليو هجان ها. ڪاش! پهرين ڏينهن ئي مون کي هنجي ڪنهن سان انگيجمينٽ جي خبر هجي ها.

سنڌيا اڄ منهنجي زندگي ۾ ايتري اهميت اختيار ڪري وئي آهي جو مان هن کي ڪنهن ٻئي سان وابسته ڏسي برداشت نه ٿو ڪري سگهان، پر......... ان ۾ سنڌيا جو ڪهڙو قصور، هن ته ڪڏهن به منهنجي حوصلا افزائي نه ڪئي مان هن کي ڪو به الزام ڏئي نه ٿو سگهان، هن جي پنهنجي زندگي آهي جيئن ۽ جنهن سان وڻيس گذاري، مونکي هن جي زندگي ۾ دخل ڏيڻ نه گهرجي اسان صرف آفيس ڪليگس آهيون. اچانڪ ڪيس ڪجهه ياد اچي وڃي ٿو. پر مونکي ان ڏينهن ائين ڇو لڳو ته رحمان جو نالو ٻڌي سنڌيا خوفزده ٿي وئي هئي هو ته سندس فيانس آهي هن جي اچڻ جو ٻڌي ته ڪيس خوش ٿيڻ کپي ها. ڪجهه نه ڪجهه ته راز آهي. خير منهنجو ڇا؟ هوندو ڪجهه....

شهربانو سخت ڪاوڙ ۾ مريم جي ڪمري ۾ اچي ٿي ۽ ڪيس چوي ٿي ته رحمان سڄو فصل ڪنيو آ پر گهر ۾ ٽڪو به نه ڏنو اٿس جڏهن به هن سان پئسن جي باري ۾ پڇجي ٿو ته نتائي ٿو وڃي اهو ڪهڙو طريقو آهي، ان تي مريم مڙس جو پاسو ڪٽندي ڪيس تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ٿي ڪري ته اهڙي ڳالهه ناهي، رحمان ڪنهن کي اڌارا ڏنا آهن ڪجهه ڏينهن ۾ اتان ملندس ته توکي ڏيندو. ان تي شهربانو صفا چڙي پوي ٿي،

”امان شابس هجئي، ائين ٿي چوين جڻ مان اهي پئسا قبر ۾ کڻي ويندس. تنهنجي لاءِ ٿي ڪيان! ٻار اڄ ننڍا صبحاڻي وڏا سندن پڙهايون آهن. مگهڻا پرڻا آهن انهن سڀني ڳالهين جي سوچ ڪرڻي آهي، مڙسهن جا حال ته سجهني ٿا هن کي ته نه گهر گهاٽ جي ڳڻتي آهي نه ٻارن ٻچن جو اوسيئڙو بس ڄڻي ڇڏيا اٿس. پرائي ملڪيت مفت ۾ هٿ اچي وئي اٿس، پيو ٿو اڏائي ۽ عيش ڪري، آڌي آڌي رات جو نشا پتا ڪري گهرٿو موٽي، جي نه هن نياڻي سنڌيا سان ٻي شادي ڪري ويهي رهيو ته پوءِ تنهنجو ته الله واهي.“

اهو ٻڌي مريم به فڪرمند ٿي وڃي ٿي ماءُ کي شڪايتي انداز ۾ چوي ٿي ته هن کي ته ڇيو هو ته رحمان سان ان باري ۾ ناهي ڳالهائڻو متان هو لا غرض نه ٿي وڃي، ته پوءِ تو ڇا لاءِ کڻي ڇيس ۽ هاڻي ته کيس ڪو ٻپ ئي ناهي ڪلم ڪلا دير ڪري اچي ٿو.

”بس مائي ڪُتِي ڪيم جو ڪاوڙ ۾ چئي وينس.“

”امان تون ڳڻتي نه ڪر رات اچي ته ڳالهايانس ٿي.“

●

ڪجھ وقت ائين ئي گذري وڃي ٿو. ان ڏينهن کان پوءِ مظفر ۽ سنڌيا جي وچ ۾ فاصلا پيدا ٿي ويا. هنن جي وچ ۾ اها بي تڪلفي نه رهي بلڪ هنن جي درميان هڪ جهجڪ پيدا ٿي وئي. ڪافي ڏينهن کان پوءِ مظفر سنڌيا جي ڪيبن جو در ناڪ ڪري اندر اچي ٿو سنڌيا کيس ڏسي احترامًا“ اٿي بيهي ٿي ۽ حيراني مان کيس چوي ٿي،

”سر توهان.....!“

مظفر زبردستي مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر هن جي اکين ۾ عجيب قسم جي ياسيت ۽ اداسي نظر اچي رهي آهي جنهن کي سنڌيا بخوبي محسوس ڪري ٿي ۽ ان جي حالت لاءِ پاڻ کي ذميدار سمجهي ٿي، مظفر پنهنجي ڪيفيت تي قابو پائيندي،

”ڇو مون کي توهان جي ڪيبن ۾ نه اچڻ کپندو هو ڇا.“

اهو ٻڌي سنڌيا شرمسار ٿي وڃي ٿي،

”نو سر....! اهڙي ڳالهہ ناهي توهان منهنجا سينئر آهيو توهان جنهن وقت چاهيو اچي سگهو ٿا...... ٿورو ترسي، سر ويهو نہ......“

ٿورو پس و پيش ڪندي....

”نہ مس سنڌيا....! اسان جي فيملي ۾ صبحاڻي هڪ ننڍڙي تقريب آهي. مان توهان کي انوائيٽ ڪرڻ آيو آهيان، توهان پنهنجي فيملي سان گڏ ضرور اچجو.“

”سر اسان کي توهان جي ائڊريس معلوم ناهي.... ڪا خاص گيدرنگ آهي ڇا...؟“

”اهو تہ سرپرائيز آهي، توهان ايندا تہ خبر پوندي.“

ڪارڊ وڌائيندي، هي ايڊريس آهي جي گهر ۾ توهان جو پاءُ هجي تہ آساني سان سمجهي ويندو. ها جيڪڏهن توهان پنهنجي فيانس کي وٺي اچو تہ مون کي خوشي ٿيندي.“

”سر مان ڪوشش ڪنديس....“

مظفر ڪجهہ وڌيڪ بحث ڪئي بغير ڪيبن کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ سنڌيا ڪيس ائين ويندو ڏسي سوچي ٿي،

”مظفر جو رويو تہ هميشہ پنهنجائپ وارو هوندو هو اڄ هو ڪيترو نہ اوپرو اوپرو پئي لڳو... لنچ تي بہ پاڻ ئي اچڻ ڇڏي ڏنائين، ڇا اسان کي سنڌن پارٽي ۾ وڃڻ گهرجي،“ ڪارڊ تي هڪ نظر وجهي ٿي، پڙهندي، هي تہ رابعہ آپيءَ وارن جو علائقو آهي، خير احمد ۽ پاپي سان ذڪر ڪنديس جي تيار ٿيا تہ هليا ويندا سين، اتان ٿي آپيءَ سان ملندا ايندا سين.“

گهر اچي ڪومل سان ذڪر ڪري ٿي، هوءَ حاميڀري ٿي تہ احمد اچي تہ پوءِ ضرور هلنداسين. ڪيترن ڏينهن کان ڪيڏانهن نڪتا ناهيون. شام جو سڀئي تيار ٿي ٻڌايل ائڊريس تي وڃن ٿا.

مظفر جو هڪ شاندار بنگلو آهي جنهن جي هڪ خوبصورت ۽ شاهي هال ۾ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو آهي، هر طرف ڪافي ڇهل پهل آهي اتي ڪيترين ئي مهمان عورتون ڏاڍي اهتمام سان تيار ٿيل

ويٺيون آهن هر طرف خوشي جو ماحول آهي، سنڌيا، احمد ۽ ڪومل پهچن ٿا ته گيٽ تي چوڪيدار گيٽ کولي ٿو ۽ سندن رهنمائي ڪري ٿو اندر مظفر سندن استقبال ڪري ٿو ۽ کين وٺي اچي هڪ صوفي تي ويهڻ جي آڇ ڪري ٿو، ان وقت ڪجهه عورتون اندر اچن ٿيون جن کي ڏسي هو سڀ حيران ٿي وڃن ٿا، يڪ آواز ٿي، هي هتي ڪيئن، انهي دوران اهي اچي سنڌيا ۽ ڪومل سان ملن ٿيون، هنن سان ملي هو اڳتي وڌي ٻين مهمانن سان ملن ٿيون ته سامهون رابعه طارق ۽ رابعه جي ٽڻان صوبيه اندر اچن ٿا سنڌيا جي مٿن نظر پوي ٿي ته وڏيڪ حيران ٿي وڃي ٿي، سنڌيا سوچي ٿي،

”ان جو مطلب ته رابعه آپي وارا به انوائيٽ آهن.“ رابعه به کين ڏسي حيران ٿي سندن ڏي وڌي ٿي،

”توهان.... هتي....! ها ها پڪ مظفر، احمد کي انوائيٽ ڪيو هوندو.“

ڪومل اهو ٻڌي چوي ٿي، نه آپي اسان کي ته سنڌيا جي ڊپٽي ڊئريڪٽر هتي سڏيو آهي.“

سنڌيا ٿورو حيران ٿي،

”پاپي... اسان جي ڊي ڊي جو نالو مظفر ئي ته آهي پر اهو احمد کي ڪيئن سڃاڻي.“

رابعه ڪجهه ٻڌائڻ واري ئي آهي ته اهي خواتين رابعه کي سڏي وٺن ٿيون طارق سامهون ويٺل مردن ڏانهن وڌي وڃي ٿو. ته سنڌيا ڪومل کان پڇي ٿي ”پاپي... هي ته اهي ساڳيون عورتون آهن نه، جيڪي ڪلفٽن تي اسان سان مليون هيون.“

”ها اهي ئي آهن جن پنهنجي ڀاءُ لاءِ توکي پسند ڪيو هو. پر تو شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته رابعه آپي کين منع ڪري ڇڏيو.“

سنڌيا حيران ٿيندي،

”ڀاءُ لاءِ...! ڪهڙي ڀاءُ لاءِ، تجسس وچان، اهو هتي آيو آ ڇا، توهان هن سان پهرين مليا آهيو ڇا.“

اجان هو ڳالهه پوري ڪن تہ اندران ٿورو شور جو آواز اچي ٿو ۽ هڪ سجيل سنوريل ڇوڪري ڪي ڪجهه خواتين هال ۾ وٺي اچن ٿيون ۽ سامهون رکيل خالي صوفي تي کيس اچي ويهارن ٿيون. ڪومل ۽ سنڌيا حيراني سان اوڏانهن نهارن ٿيون سنڌيا زيرِ لب ڀڻڪندي،

”تہ اها هئي مظفر جي سرپرائيز گيدرنگ.....!“

ان وقت طارق هڪ ٻہ ٻيا دوست ۽ ساڳيون عورتون مظفر کي وٺي اچي سجيل سنوريل ڇوڪريءَ جي پر ۾ ويهارن ٿيون. اهو ڏسي سنڌيا جي عجيب ڪيفيت ٿي وڃي ٿي اندر ۾ ڄڻ ڪجهه ڀُري پوي ٿو اکين ۾ پاڻي تري اچيس ٿو ان وقت مظفر جون نظرون سندس نظرن سان ملن ٿيون جن ۾ عجيب اداسي ۽ بيڪسي آهي ڄڻ هو اهو سڀ ڪجهه مجبوراً ڪري رهيو هجي، ان وقت سندس پاپي کيس منڊي ڏئي ٿي جيڪا بي دلي سان وٺي ڇوڪري کي پارائي ٿو پر سندس نظرون سنڌيا جو طواف ڪري رهيون آهن جيڪا تقريب جي حساب سان تيار ٿي آئي آهي هوءَ ڊارڪ بلو رنگ جي جوڙي ۽ ميچنگ آرٽيفيشل جيولري ۾ تمام گهڻي خوبصورت لڳي رهي آهي ۽ مظفر جون نگاهون سندس خوبصورت وجود کي پنهنجي اندر ۾ اوتڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. ان وقت ڇوڪريءَ جي طرفان بہ منڊي هن ڏي وڌائي وڃي ٿي جيڪا بي خيالي ۾ جلدي ڪائنس وٺي پاڻ ئي پائي ڇڏي ٿو. سنڌيا جي اکين ۾ آلاڻ اچي وڃي ٿي جنهن کي هوءَ مشڪل سان پيئڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، ڪومل سندس حالت ڏسي حيران ٿي رهي آهي ۽ سندس احساسن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، رابعہ سندس ويجهو اچي ٿي ۽ اداس لهجي ۾ کيس چوي ٿي،

”بس هاڻي تہ خوش، تنهنجي رابعہ آپي توکي هاڻي فورس نہ ڪندي، ڪيڏو نہ سٺو ڇوڪرو هو ۽ سٺي فيملي.....“

اهو ٻڌي سنڌيا وڌيڪ حيران ٿئي ٿي تہ ڪومل پڇي ٿي:

”آپي ڪهڙي ڇوڪري جي پيا ڳالهہ ڪيو.“

”مظفر جي.... ڪيڏو شوق هوَن سنڌيا کي وٺڻ جو.... جڏهن اسان جي شادي جي البم ۾ سنڌيا جون تصويرون ڏٺائون تہ سنڌيا

سڄي گهر وارن کي ۽ خود مظفر کي تمام گهڻي پسند آئي ۽ اسان تي ڏاڍو زور ڀرين تہ اهو رشتو ڪرايون.“

اهو ٻڌي ڪومل حيران ٿي وئي ٿي ۽ سنڌيا تہ خوفزده بہ ٿي وئي ٿي تہ ڪاٿي مظفر آپي ۽ پائو کي رحمان جي نام نهاد رشتي جي متعلق نہ ٻڌائي.

رحمان کي گهر وارن کان الڳ ٿئي ڪافي وقت گذري ويو هو. سندس ٻار فواد ۽ نينا مريم ۽ شهربانو جي زير تربيت پرورش حاصل ڪري رهيا آهن. پيءُ جي عدم دلچسپي جي ڪري هو ڏينهون ڏينهن بگڙندا پيا وڃن نہ ماءُ جي ٻڌن ٿا نہ ناني جي، هر وقت راند روند ۾ مشغول رهن ٿا. رحمان جو گهڻو ڪهاڻي ساڳيو آهي رات جو دير سان گهر اچڻ، راڳ رنگ جي محفلن ۾ دولت لٽائڻ جي ڪري آئي ڏينهن زمينون وڪرو ٿي رهيون آهن ان ڪري گهر جا حالات بہ خراب ٿيندا پيا وڃن. شهربانو پيرن فقيرن ۽ تعويذن ڦيٽڻ کان ڪونہ گهٽايو پر رحمان جي چال ڍال ۾ ڪو فرق نہ آيو. راتين جو نشي جي حالت ۾ اچي گهر ۾ جهڳڙو ڪرڻ ۽ پوءِ سمهي پئجي رهڻ هن جي زندگي جو جڻ تہ معمول بنجي ويو هو ان ڪري گهر جو ماحول بد کان بدتر ٿيندو پيو وڃي. آهستہ آهستہ جڏهن سموريون زمينون وڪرو ٿي وڃن ٿيون تہ هو آفيس ۾ بہ ڪرپشن ڪرڻ شروع ڪري ٿو ۽ ڪڏهن تہ ضررت ايتري تہ وڌي ويئي ٿي جو حيلي بهاني سنڌيا کان بہ وڏين وڏين رقمن جو مطالبو ڪرڻ کان بہ نہ ٿو مڙي. هڪ ڏينهن جڏهن هو دوستن سان گڏ نشي ۾ ڌت گاڏي ڊرائيو ڪندي پنهنجي نائيٽ ڪلب ڏانهن وڃي رهيا آهن تہ نذر ڳالهيون ڪندي پڇيس ٿو.

”يار رحمان ڏي خبر تنهنجي هوءَ شادي ڪيئن پئي هلي.“

رحمان وائڙو ٿي ويو ٿو.

”شادي.....! ڪهڙي شادي.....!“

پيو دوست شڪيل کيس ياد ڏياريندي چوي ٿو.

”اڙي يار.. اهائي.. نام نهاد شادي جيڪا امتياز جي فليٽ تي ٿي هئي.

”اڇا اڇا.... اها شادي.... يار امتياز ڪي الائي ڇا ٿي ويو هو ان ڏينهن ڪان پوءِ نہ تہ مون سان ڳالهائي ٿو نہ وري مليو آهي، ڪلندي، لڳي ٿو جڻ سندس ڪنهن ماءُ پيءُ سان ائين ٿيو هجي.“

نذر ڳالهہ کي اڌ مان ڪٽيندي، خير ڇڏ ان قصي کي، شاپر گاڏي ۾ رکيل هٿ ۾ کڻي، ”وري نيلم بيگم جي ڪهڙي فرمائش پوري ڪئي اٿئي،

”يار اڄ هن جي سالگرهہ آهي چيائين تہ زمرد جو هار کپي.“

اهو ٻڌي شڪيل ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي ٿو، ڪلندي،

”سالگرهہ..... انهن جي بہ سالگرهہ ٿيندي آهي ڇا... انهن کي پلا ڪهڙِي خبر تہ ڪڏهن ڄاوون........“

نذر لاڳ وٺرائيندي،

”سچ ٿو چوين اسان وارو دوست تہ صفا پورڙو آهي جيئن ٿي نيلم چويس تيئن ٿو ڪري. اڙي يار اهي عورتون بس پئسي ۽ دولت جون آهن جيستائين لٽائيندو رهہ توهان تي واري صدقي پيون ٿينديون اڄ توهان جو هٿ تنگ ٿيو ائين منهن موڙي وينديون جڻ ڪڏهن توهان سان ڪو واسطو ئي نہ هون.“

اهو ٻڌي رحمان ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو،

”بس بس منهنجي نيلما جي لاءِ اهڙي گستاخي مان برداشت نہ ٿو ڪري سگهان.“

ٻئي هڪ آواز ٿي چون ٿا،

”اوڪي اوڪي يار.... توبہ ڪئي سين. هو ڏس تنهنجي نيلم جي گلي اچي وئي. سيئي گاڏي پارڪ ڪري گهٽي ۾ داخل ٿي وڃن ٿا.

●

ڪجهہ عرصي کان پوءِ مظفر جي شادي ٿي وڃي ٿي، هڪ ڏينهن سنڌيا سنيتا ۽ ڪومل لائونج ۾ ويٺيون آهن. سنڌيا گلابي جوڙي ۾ ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي آهي، ان وقت رابعہ اچي ٿي پيڻ ڪي خلاف معمول خوش ڏسي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري پيار ڪري ٿي، شڪر آهي اڄ منهنجي نندڙي ڀيڻ خوشگوار موڊ ۾ آهي.

ڪومل ڪلندي،

”بس آپي اڄ احمد اسان کي ڏاڍو کلايو آ. سنڌيا جي تہ کلي کلي حالت خراب ٿي وئي تڏهن وڃي بس ڪيائين، هاڻي هاڻي ٻاهر نڪري ويو آهي.

رابعہ موضوع مٽائيندي،

”ڇو سنڌيا مظفر توهان کي شادي تي انوائيٽ نہ ڪيو ڇا....؟“

”آپي ڇيو تہ هئائين پر.....“

”پر تون ان ڪري نہ وئينءَ جو توکي خبر پئجي وئي تہ اهو مظفر ئي هئو جنهن تنهنجو رشتو گهريو هو.“

اهو ٻڌي هوءَ اداس ٿي وئي پر جلد ئي پنهنجي اداسي تي قابو پائيندي،

”نہ آپي اهڙي ڳالهہ ناهي.... پر مان ان ڪري ساڻس ناراض آهيان تہ هو مونکي سڃاڻڻ باوجود ايتري عرصي تائين ائين اڻڄاڻ ظاهر ڪندو رهيو.“

ڪومل شڪايتي انداز ۾ چويس ٿي،

”ڀلا جي هو توکي ٻڌائي بہ ها تہ تون ڪهڙو مڃي وڃي ها، تو تہ سڄا سارا ٿي رشتا ان کان بہ وڏيڪ سنا موٽائي ڇڏيا.“

سنڌيا دل ئي دل ۾،

”مان هنن کي ڪيئن ٻڌايان تہ اهو منهنجي وس ۾ ناهي رابعہ کيس وري اداس ٿيندو ڏسي ڳالهہ مٽائيندي ڪلندي سنيتا کي چوي ٿي، هيترا ڏينهن ٿي ويا پر تون بہ نہ سڌرينءَ، يا پنهنجي سهيلي جي اِڊ ورتي اٿئي، تون تہ شادي ڪر..،تنهنجي سهيلي تہ قسم کڻي ڇڏيو آهي.“

”وڏي پيڻ هوندي اهو بہ مان سوچيان... سنڌيا لاءِ تہ سوچيو ٿا باقي...“

”تہ پوءِ ڳولهيون نہ.... اجازت آهي نہ....“

ڪومل کلندي چيو هو:

رابعہ موقعو غنيمت سمجهندي،

”سمجهائين نہ ٿي پنهنجي سهيلي کي عمر وڃيس ٿي ڳرندي.“

اهو ٻڌي سنيتا اداس ٿي وڃي ٿي هوءَ سنڌيا جي مجبوري ڄاڻي ٿي ان ڪري رابعہ جي تسلي لاءِ چوي ٿي،

”آپي اهو سڀ ڀڳوان تي ڇڏي ڏيو. جڏهن نصيب ۾ هوندس تہ پاڻهي راضي ٿي ويندي.“

انهي وقت ماسي چانهہ کڻي اچي ٿي تہ سنڌيا سڪ جو ساهہ کڻي ٿي.

●

هڪ ڏينهن جڏهن رحمان گهر ۾ موجود نہ هو تہ ڳوٺ مان ڪمدار فون ڪري شهربانو کي ٻڌايو تہ رحمان سيٺين کان ايترو قرض ورتو جو ٺيڪي تي ڏنل زمينون ڪيس سيٺين کي وڪرو ڪرڻيون پئجي ويون. اهو ٻڌي شهربانو جون تہ وايون ئي بتال ٿي ويون. فون رکي اچي مريم تي باهہ ڪڍيائين مريم گهڻئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيس پر هن جي ڪاوڙ ۽ ڏک گهٽ نہ ٿيو تہ اچي پلنگ تي ليٽي پئي ۽ خاني کي زور ڏيڻ لاءِ چيائين. خاني پر ۾ ويهي زور ڏيڻ لڳي تہ سڄي ڪاوڙ مٿس ڪيندي، اهو چا پئي ٿڌڙا ڪيين چڱي طرح زور ڏي ڪراچي ۾ اچي تون بہ هڏ حرام ٿي وئي آهين. خاني تکڙا تکڙا زور ڏيندي چويس ٿي، سائڻ هروڀرو چو پئي ڪاوڙ ڪرين سائين رحمان جون ڪٺرون جيجي مريم ۽ ٻارن مان ڇوٽي ڪيين. مريم اهو ٻڌي چويس ٿي،

”امان ڪمدار توکي غلط ٻڌايو هوندو رحمان کي اڄڻ تہ ڏي هرويرو پاڻي کان اڳي ڪپڙا ڪنيو بيٺي آهين.“

”بس ڪر هاڻي.... ڳالهہ چٽي ڪير لڳي پئي آهي تہ رحمان پهرين زمينون ٺيڪي تي سيٺين کي ڏنيون تڏهن بہ اسان کي نہ ٻڌايائين انهن ٽن سالن ۾ سيٺين کان ويو پئسا وٺندو ۽ هن ڏائڻ رَن سنڌيا جا ٻول پريندو. ايڏو قرض ورتائين جو گذريل سال سموري زمين قطعي وڪرو ڪري ڏئي آيو سيٺين کي. ۽ اها بہ ڪنيل قرض جي عيوضي ۾. هڻ حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيس.... هاڻي ٻڌاءِ تہ هن گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو.“

مريم اهو ٻڌي چڙي وجي ٿي،

”امان ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ آهي جو مونتي پئي گرم ٿين، ڏس خاني رشتو بہ رحمان سان پاڻ ئي جوڙيائين مون تہ ڪونہ چيو هو مانس.“

”ها منهنجو ئي نانگ تي وجي پير پيو هو.... ان جو تہ لوڙيان پئي.... نہ تہ مُئي تي ڪو تعويذ ٿو اثر ڪري نہ پيار محبت مان ٿو ڄاڻي.... اهي سڀ گل بانوءَ جون پٽون پاراتا آهن، اسان جي تہ هڻ وئي.....“

اکين مان لڙڪ لڙي اچنس ٿا. مريم ۽ خاني بہ ڏکاريون ٿي وڃن ٿيون.

هوڏانهن رحمان جون تقاضائون روز روز وڌنديون ٿيون وڃن جن سنڌيا کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، پڳهارن مان بچايل رقم آهستي آهستي ختم ٿيندي پئي وڃي آخر نہ چاهڻ جي باوجود هڪ ڏينهن جڏهن سنيتا ۽ پاڻ ڪمري ۾ ويٺيون آهن. هوءَ سنيتا سان دل ۾ پيدا ٿيل انديشا شيئر ڪري ٿي،

”سنيتا مونکي الائي ڇو ائين لڳي رهيو آهي تہ رحمان مونکي بليڪ ميل پيو ڪري.“

”ڇا پئي چوين بليڪ ميل.... اهو وري ڪيئن سمجهيئي.“

”آئي ڏينهن هو مونکان قرض جي نالي تي پئسا وٺندو رهندو آهي ۽ اج تہ حد ٿي وئي، آفيس فون ڪري ڏهہ هزار ارينج ڪرڻ لاءِ چيائين ۽ ٿوري دير کان پوءِ آفيس اچي چيڪ وٺي ويو.“

اهو ٻڌي سنيتا جون تہ ڄڻ ڏنديون آڱريون اچي ويون.

”ڏهہ.... هزار.... پر ڇو.... تو ايڏي وڏي رقم ڇو ڏنس..... “

”بس اهڙي انداز ۾ گهريائين جو مون کي ڏيڻا پيا.“

”ڏس سنڌيا...! اڳتي ڪا گهُر ڪري تہ صاف جواب ڏجانئس ڏسان تہ ڇا ٿو ڪري، مان اج ئي وڃي آپا شمسہ کي ٻڌايان ٿي تہ هوءَ کيس سمجهائي.“

”نہ سنيتا هو هرو ڀرو پريشان ٿينديون.... چيائين پئي تہ اڌارا ٿو گهران.“

”تو تہ اهو چئي ديجاري ڇڏيو تہ هو توکي بليڪ ميل پيو ڪري.... تو اهو ڪيئن سمجهيو....“

سنڌيا کيس سڄي ڳالهہ پيرائتي ٻڌائي ٿي. سنيتا کيس تسلي ڏيندي چويس ٿي تہ:

”ڇڏ انهن ڳالهين کي، هل تہ ٿوري دير لاءِ آپا وارن ڏي ٿا هلون، من هلڪو ٿي ويندئي.“

ٻئي تيار ٿي شمسہ وارن سان ملڻ وڃن ٿيون. اتي پهچن ٿيون تہ رحمان بہ اتي آيل آهي هنن کي ايندو ڏسي رحمان ڀهرين تہ حيران ٿئي ٿو سنڌيا هلڪي نيري رنگ جي لباس ۾ ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي آهي کيس ڏسي رحمان کي شرارت سجهي ٿي.

”امان هاڻي تہ خوش توهان جي ننهن بہ......“

جملو اڌ ۾ ڇڏي پراسرار انداز ۾ سنڌيا ڏي نهاري ٿو سنڌيا پريشان ٿي وڃي ٿي، گل بانو شمسہ ۽ سنيتا حيران ٿي عجب ۽ حيرت مان رحمان ڏي نهارن ٿيون. رحمان سنڌيا جي ڪيفيت کي تاڙيندي ڳالهہ ناهي ٿو.

”منهنجو مطلب آ تہ توهان جي ننهن خير سان توهانجي ٽئين پوٽي جي تياري ۾ آ ۽ جلد اها خوش خبري پهچڻ واري آهي.“

نجمہ سنڌيا جي حالت کي محسوس ڪندي اشاري سان ڪين پنهنجي ڪمري ۾ هلڻ لاءِ چوي ٿي، هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ شمسہ ٽوڪ جي انداز ۾ ڪيس چوي ٿي تہ.

”اڄ ڪيئن پلجي ماءُ پيڻ جي ياد آيئي... يا سنڌيا جي اچڻ جي خبر پئجي ويئي هيئي.“

گل بانو اهو ٻڌي تنبيهي انداز ۾ چويس ٿي،

”هاڻي تہ ٽيون ڀار بہ خير سان اچڻ وارو اٿئي، هاڻي تہ هن نياڻي کي بخش ڪر ڪٽي.... ها اهو مان ڇا پئي ٻڌان تہ ڳوٺ واريون زمينون وڪڻي ڇڏيون اٿئي.“

”هون..... تہ توهان تائين بہ اهي خبرون پهچي ويون..........“

”ابي ڏاڏي جون ڇڏيل نشانيون توکي ڇا مليون.... واهہ جو سنڀالي رکيون اٿئي...“

”بس امان ڪير پوي روز روز جي جهنجهٽ ۾... هاري ناري سهي حصو پتي ڏين ڪونہ پيا.“

”تڏهن ڪيئي تين وال سيني کي....... واهہ ٻچا واهہ..... ۽ سمورا پئسا بہ اُڏائي ڇڏيئي...... پنهنجي ٻچن جي بہ ڳڻتي نہ ٿيئي......“

اهو ٻڌي رحمان چڙي پوي ٿو.

”هاڻي شروع ٿي ويو ليڪچر...... تڏهن تہ ناهيان ايندو. جتي وڃو ڪِر ڪِر لڳي پئي آهي، ڇڱو مان هلان ٿو. وڃون ڪٿي ٻاهر وڃي سڪون ڳولهيون.“

ڪاوڙ ۾ اٿي ٻاهر نڪري وڃي ٿو تہ شمسہ ماءُ کي چوي ٿي تہ هوءَ ڇو ويٺي پنهنجو رت ساڙي، اسان جو ڇا وڃي پنهنجا مسئلا وڃي پاڻ نبيرن. ماءُ کي اٿاري نجمہ جي ڪمري ڏانهن وٺي وڃي ٿي جتي سنڌيا ۽ سنيتا ويٺيون آهن.

●

شام جي وقت مريم مائي خانيءَ کان مٽي ۾ تيل لڳرائي رهي آهي ته شهربانو پنهنجي ڪمري مان اچي ٿي ۽ مريم جو مرجهايل چهرو ڏسي ڪيس چوي ٿي.

”مريم تون پنهنجو اصل خيال نه ٿي ڪرين پري وينٽي آهين اڄ صبحاڻي تي تنڌهن به توکي پنهنجو خيال ڪونهي رات جو دير تائين ٻارن سان مٿو وينٽي هٽين.“

”امان.... ڇا ڪيان پيءُ کي ته پرواهه آهي ڪونه. آڌي رات ڪري گهر ۾ ٿو داخل ٿئي، ٻار انتظار ڪندي ڪندي نيٺ ته ڪجهه حرڪتون ڪندا نه.“

”هٽين به ٽِي چٽوڙا سويل ئي سمهاري ڇڏيندي ڪرين، پيءُ کي ڳڻتي ناهي، راتين جون راتيون وتي عياشيون ڪندو ۽ ٻارن ويچارن انتظار ڪري ماءُ جو رت ئي سڪائي ڇڏيو آهي، چونه ٿي موچڙو ڪٽين مڙس تي، ته سنڀالي پنهنجي جاون کي.... تو ئيڪو ناهي ڪنيو ڪريل نسل جو ڪڏهن ڏاڏس اچي ڪو آسيس جو هٿ ڦيريو ٽن....“

”امان ڪهڙي ٿي ڳالهه ڪرين ڏاڏس کي ڪهڙو لاچار آ، شرابي ڪبابي پُٽ مان سولائي سان جان ڇڏائي، اسان جي مٿي ۾ هٽي ڇڏيائين ته ويهي لوڙيو.“

اجان اهي قصا ڪُٽي ئي رهيون هيون ته رحمان اچي وجي ٿو ۽ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ اهو چئي وڃڻ جي ڪري ٿو ته هو ڏاڍو ٿڪل آهي آرام ڪندو ڪير به ڪيس ڊسترب نه ڪري اهو ٻڌي شهربانو کي چڙ ته باهه وٺي وجي ٿي پر ڏيرج سان ڪيس چوي ٿي.

”ابا ڪجهه گهڙيون گهر وارن سان به گهاريندو ڪر، سڄو ڏينهن تنهنجي اوسيئڙي ۾ گهڙيون ڳڻيندي گذرن ٿيون.“

”چاچي ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان آفيس ۾ ڪم وڌي ويو آهي، ٿوري دير آرام ڪيان پوءِ گڏجي چانهه ٿا پيون.“

اهو چئي ڪمري ۾ هليو وجي ٿو.

شهربانو نڪ کي موڙو ڏيندي چوي ٿي،

”گهر وارن سان ڄڻ تہ ٺانڊو اٿس، هتي ايندو تہ ٽڪو ٽُٽو ايندو ڄڻ وڏي ڪوڏر هٽي آيو آهي.“

مريم ڏڪاري آواز ۾.

”امان هاٽي ڪٽي بس ڪر اسان جي نصيب ۾ اهوئي لکيل آهي تہ ٻار ڄڻيون، ٻار ٺاتيون نپايون، وڏا ٿين تہ ليڪين بہ ڪونہ، مڙس تہ هونئن بہ اسان جا نہ ٿيا.“

اکين مان ڳوڙها ڳڙي اڇنس ٿا ڏيءَ کي ڏڪارو ڏسي شهربانو ۾ خاني بہ رون جي پلون سان پنهنجا ڳوڙها اگهڻ لڳن ٿيون.

●

رحمان جون عياشيون ڏينهون ڏينهن وڌنديون پئي ويون، نيلما ۽ سندس بائي جي ڪيس ڀنهي هٿن سان ڦري رهيون هيون ۽ رحمان نيلما جي ادائن جو اسير بنجي هن جي هر جائز ناجائز فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ هر اهو طريقو اختيار ڪري رهيو هو جيڪو عام حالتن ۾ شايد هو نہ ڪري سگهي ها، ماءُ جي ورهين جي تربيت نيلما جي ادائن ۾ لڙهي وئي هئي. هن آفيس ۾ بہ ننڍيون ننڍيون گهوٻيون هڻڻ شروع ڪري ڏنيون هيون، جنهن تي سندس باس جي طرفان ڪئي دفعا باز پرس ٿي هئي ليڪن هو هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني معاملي کي ٺاهي وٺندو هو. ٻئي طرف سنڌيا کان بہ مهيني ۾ هڪ بہ دفعا سندس اڌ کان وڌيڪ پگهار گهري وٺندو هو اهو چئي تہ هوءَ سندس گهر واري آهي ۽ ان جي ڪمائي تي سندس پورو پورو حق آهي ۽ سنڌيا مجبور ٿي سندس مطالبا پورا ڪندي رهندي هئي ان ڊپ ۾ تہ هو ان خفيہ شادي جو ڦاٽ نہ ڦاڙي وجهي.

●

مظفر جي شاديءَ کي ڪافي ڏينهن گذري ويا هئا. هو ٻئي ڄاڻي واڻي هڪ ٻئي سان ملڻ کان ڪترائي رهيا هئا هڪ ڏينهن شام جا چار ٿي رهيا هئا تہ سنڌيا آفيس جو ڪم سهيڙي ڪنهن خيال تحت مظفر جي ڪمري ڏانهن وئي. ڪيبن جو در هلڪو ناڪ ڪري اندر اچي ٿي، مظفر جيڪو ڪنهن خيال ۾ گم آهي ڪيس ائين پنهنجي ڪيبن ۾ ايندو ڏسي تعجب مان چوي ٿو.

”اوهو ميڊم سنڌيا..! اچو اچو... گهڻن ڏينهن کان پوءِ وڏا پير ڪيا اٿو.“

”سر..... اهڙي ڳالهہ ناهي مان تہ روز آفيس ايندي آهيان توهان ئي يڪو موڪل تي هئا... ڪرسي تي ويهندي ، لِڪي لِڪي شادي ڪيوَ اسان کي ٻڌايوَ بہ ڪونہ....“

مظفر شڪايتي انداز ۾ چوي ٿو.

”توهان ڪهڙو اچو ها.... خير جلد آفيس وارن کي ڊنر ڪرائبي.... ڏيو خبر توهان جو فيانس تہ ٺيڪ آهي نہ.... ڪڏهن ٿا خوشخبري ٻڌايو.“

اهو ٻڌي سنڌيا جو منهن لهي وڃي ٿو پر جلدي پاڻ تي قابو ڪندي.

”سر في الحال تہ پروگرام ناهي، مون هڪ سٺي جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو آهي ان جي انٽرويو جي تياري ۾ مصروف لڳي پئي آهيان، خدا ڪري تہ سليڪشن ٿي وڃي.“

اهو ٻڌي مظفر اداس ٿي وڃي ٿو اداس لهجي ۾ چويس ٿو.

”اچا تہ توهان هاڻي باقائده اسان کان دور ٿيڻ جي تياري پيا ڪيو، ڇو هتي پلا ڪهڙي ڪمي آهي.“

”سر هتي بہ مان خوش آهيان پر ايڊ آئي تہ سوچيم ٽراءِ ڪرڻ ۾ ڪهڙي قباحت آهي.“

مظفر ڏڪارو ٿي،

”ٺيڪ آ ٺيڪ آ پلي ٽراءِ ڪيو اسان تہ هونئن بہ هار مڃيو ويٺا آهيون.“

سنڌيا سمجهي وجي ٿي ته مظفر ڇا ٿو پيو چوي. ڳالهه بدلائيندي.

”في الحال ته توهان کان مٺائي کائڻ جو موڊ آهي.“

”ته پوءِ هلو سامهون واري ريسٽورانٽ ۾ سٺي چانهه ٿا پيون.“

ٻئي اٿي ٻاهر نڪري وڃن ٿا. آفيس جي سامهون روڊ ڪراس ڪري هڪ پُرسڪون ريسٽورنٽ ۾ اچي هڪ الڳ ٿلڳ ڪارنر ٽيبل تي اچي ويهن ٿا. ويٽر اچي ٿو ته ڪجهه سنيڪس ۽ آئسڪريم آرڊر ڪن ٿا. ٿوري دير ۾ سندن آرڊر سرو ٿئي ٿو هو خوشگوار موڊ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهين ۾ مشغول آهن ته ان وقت رحمان آفيس جي ڪجهه ماڻهن سان گڏ ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ هيڏانهن هوڏانهن خالي ۽ مناسب ٽيبل ڳولهڻ لاءِ نهاري ٿو ۽ هڪ ٽيبل چوائس ڪري ان طرف وڌن ٿا اتي ويهي آرڊر ڪن ٿا. اچانڪ سنڌيا جي نظر رحمان تي پوي ٿي، سنڌيا جو منهن لهي وڃي ٿو جلدي آئيسڪريم ختم ڪري مظفر کي آهسته آواز ۾ هلڻ لاءِ چوي ٿي مظفر سنڌيا جو خوفزده لهجو ٻڌي وائڙو ٿي وڃي ٿو ته هينئر ته هوءَ سٺي موڊ ۾ هئي اچانڪ کيس ڇا ٿي ويو.... سنڌيا چور نگاهن سان رحمان کي ڏسي رهي آهي مظفر جون نگاهون سندس نظرن جو تعاقب ڪنديون اتي پهچن ٿيون ۽ اتي ويٺل رحمان تي سندس نظر پوي ٿي ته وڏيڪ حيران ٿي وڃي ٿو هو سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو ته آخر ڇا ڳالهه آهي سنڌيا جڏهن به پنهنجي فيانس کي ڏسي ٿي ته خوفزده ٿي وڃي ٿي. سنڌيا هن کي سوچ ۾ گم ڏسي ٻيهر هلڻ لاءِ چوي ٿي مظفر به هن جي ڪيفيت جو اندازو ڪندي اٿي ٿو ۽ کيس پنهنجي اوڍر ۾ ڪندي اتان نڪرڻ جي ڪري ٿو. ٻئي طرف رحمان هٿ ڌوئڻ لاءِ سامهون لڳل واش بيسن ڏانهن وڌي ٿو ته سنڌيا ۽ مظفر کي گيٽ کان ٻاهر ويندي ڏسي وٺي ٿو ته سندس منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو پر موقعي جي نزاڪت کي سمجهندي پاڻ تي ڪنٽرول ڪري واپس ميز طرف وڌي وڃي ٿو جتي پاڻ سان گڏ آيل آفيسرن سان ماني کائڻ ۽ ڪا خاص گفتگو ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو.

سنڌيا شام جو جڏهن گهر پهچي ٿي ته ڪومل احمد ۽ ٻارن سان گڏ مائٽن ڏي ويل آهي ۽ شوڪت علي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪري رهيو آهي. هوءَ ماسي کي چانهه ٺاهڻ جو چئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي فريش ٿي اچي بيڊ تي ليٽي ٿي، سوچي ٿي ته خدا جو شڪر آ جو رحمان جي نظر پوڻ کان پهرين هو اتان نڪري آيا نه ته هروڀرو ڪيس هن جون ڳالهيون ٻڌڻيون پون ها پر ڪيس ڏسي مونکي چا ٿي ويو هاڻي ته مظفر به شادي ڪري ڇڏي آ ۽ رحمان ۽ منهنجي به شادي ٿي وئي آهي ته پوءِ رحمان کي ڇاجي ڳڻتي ٿيندي جي هن ڪنهن سان چانهه پي ورتي. ان وقت سنڌيا جي ڪمري ۾ رکيل ڪارڊليس جي گهنٽي وڄڻ لڳي ٿي سنڌيا کان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري وڃي ٿو ٽپ ڏئي اٿي فون کڻي ٿي ٻئي طرف خلاف توقع رحمان فون تي آهي، سنڌيا سندس آواز ٻڌي وسامجي وڃي ٿي مئل انداز ۾ پڇيس ٿي،

”هينئر ڪيئن فون ڪيوَ.“

”سويل اسان کي چانهه جي صلاح ڪئي بغير اٿي ويوَ.“

سنڌيا جي منهن جو پنو ئي لهي وڃي ٿو.

”مون سمجهيو ڪونه.“

”توهان چڱي طرح سمجهو پيا ته مان ڪهڙي چانهه جي ڳالهه پيو ڪيان..... خير ڇڏيو لائيف انجواءِ ڪيو هاڻي تون مونکان دور وڃي نه ٿي سگهين، رشتو جو مضبوط جُڙي ويو آهي ۽ ان ناتي مونکي تنهنجي مدد جي سخت ضرورت آهي، در اصل آڊٽ وارا ڪجهه پريشان پيا ڪن ريسٽورانٽ ۾ اهيئي مونسان گڏ هئا ان ڪري مون کي ٻن ڏينهن اندر ڏهن هزارن جي سخت ضرورت آهي.

”ڏهه هزار...! رحمان مان روز روز ايترا پئسه ڪٿان ارينج ڪري ٿي سگهان.“

”ڏس سنڌيا اها ته مونکي خبر ناهي پر توکي ڪٿان نه ڪٿان ارينج ڪرڻا ئي پوندا وڌيڪ تون بهتر سمجهين ٿي، چڱو مان فون رکان ٿو. هو فون بند ڪري ڇڏي ٿو. ته سنڌيا رسيور ڪن تي جهليو حيران پريشان ويهي رهي ٿي ۽ پنهنجي منهن پٽڪي ٿي،

”هي مان ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسي وئي آهيان، رحمان جون روز روز جون فرمائشون مان ڪٿان پوريون ڪيان. منهنجي پگهار ڪا ايڏي وڏي ته ڪونهي، اها به تقريبًا“ سموري ڪنهن نه ڪنهن بهاني رحمان گهري وٺي ٿو گذريل مهيني ۾ به چيائين ته ضرري ڪم سان اسلام آباد ٿو وڃان ڏهه هزار ڪپن ته مون چوڙيون سيل ڪري ڪيس پئسه ڪري ڏنا، مان آخر ڪٿان آڻيان ايترا پئسه.“انهن ئي سوچن ۾ گم ويٺي هئي ته سنيتا ڪمري ۾ اچي ٿي سندس هٿ ۾ فون ڪنيل ائين گم سم ويٺل ڏسي سمجهي وڃي ٿي ته ڪنهنجي فون آئي هوندي ، سندس هٿ مان فون وٺي ميز تي رکندي چويس ٿي،

”پڪ رحمان جي فون هوندي اهڙو ڇا چئي منهنجي پياري سنڌيا کي پريشان ڪري ڇڏيو اٿائين.“

همدردانه ٻول ٻڌي سنڌيا جي نيڻن جا بند ٽُٽي پون ٿا ۽ ٿم ٿم مينهن وسڻ شروع ٿي وڃي ٿو. سنيتا ڪيس ائين روئيندو ڏسي سمجهي وڃي ٿي ته پڪ ڪا وڏي ڳالهه ٿي آهي اچي سندس پر ۾ ويهي ٿي ۽ ايڏي پريشاني جو سبب پڇي ٿي سنڌيا سڀ ڪجهه پيرائتي انداز ۾ ڪيس ٻڌائي ٿي، اهو ٻڌي سنيتا جون ته وايون ئي بتال ٿي وڃن ٿيون ڪاوڙ ۾ منهن تامڙي هڻي وجيس ٿو.

”واه جو توکي سڄاتو اٿس، روز روز جون فرمائشون. گهر وارن کي ڦري لُٽي ٻنيون ٻارا تين وال ڪري، توکي به پنڻ جهڙو ڪري ڇڏيو اٿس.“

”پر مان روز روز ڪٿان پورت ڪيان، مون وٽ جيڪي زيور هئا اهي ته مون هڪ هڪ ڪري وڪڻي ڪيس ڏئي ڇڏيا، هاڻي ته مون وٽ ڪجهه به ناهي.“

”صاف جواب ڇونه ٿي ڏينس.....“

سنڌيا روئيندي،

”ڪاش.....! اهو منهنجي وس ۾ هجي ها.“

”اهڙي ڪهڙي تنهنجي ڪمزوري هن جي هٿ اچي وئي آهي جو هو توکي ائين بليڪ ميل پيو ڪري،“

اهو ٻڌي سنڌيا چپ ٿي وڃي ٿي سوچڻ لڳي ٿي ته سنيتا کي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ مناسب ٿيندو يا نه. هوءَ الائي ڇا سوچي، سنيتا کيس ائين سوچن ۾ گم ڏسي اصرار ڪريس ٿي ته کيس اهو سڀ ڪجهه ٻڌائي جيڪو هينئر تائين ڪائنس به پوشيده رکندي پئي اچي، من گڏجي ان جو ڪو حل ڳولهي ڪڍجي. اهو ٻڌي سنڌيا نه چاهڻ جي باوجود شادي جي متعلق سڀ ڪجهه کيس ٻڌائي ڇڏي ٿي اهو ٻڌي سنيتا حيران ۽ شڪايتي نگاهن سان کيس ڏسندي رهجي وڃي ٿي.

جڏهن سنڌيا پنهنجي ڳالهه پوري ڪري ٿي ته سنيتا تنبيهي انداز ۾ کيس چوي ٿي،

”اهو تو ڇا ڪري ڇڏيو سنڌيا. ايڏي پڙهيل لکيل سمجهدار ٿي ڪري تون ايڏي خوفناڪ غلطي ڪيئن ٿي ڪري سگهين. ڪنهن کان ته صلاح وٺين ها. هاڻي ته رحمان کان جان ڇڏائڻ مشڪل ٿي ويندو. هاڻي هو جڏهن به اهڙي ڪا تقاضا ڪري تون واضع لفظن ۾ چوينس ته هو ان شادي کي پبلڪلي ڊڪليئر ڪري.“

”اهوئي ته نه ٿو ڪري جڏهن به چوانس ٿي ته ٽاري ٿو وڃي. ڪيترو عرصو گذري ويو آهي ان ڳالهه کي. مان ته نه هيڏانهن جي رهي آهيان نه هوڏانهن جي.“

سنيتا پنهنجي سهيلي کي وڌيڪ پريشان نه ٿي ڏسڻ چاهي ۽ کيس چوي ٿي ته هن دفعي ته هوءَ کيس پئسه ارينج ڪري ڏئي ٿي ليڪن ان کان پوءِ کيس همٿ ڪري ان سڄي معاملي کي هينڊل ڪرڻو پوندو. يا ته هو ان شاديءَ کي سڀني جي سامهون ظاهر ڪري توکي عزت سان پنهنجي گهر وٺي وڃي يا توکي آزاد ڪري ڇڏي. اهو چئي هوءَ ڪائنس موڪلائي هلي وڃي ٿي.

●

ٻئي ڏينهن سنيتا سنڌيا وٽ اچي ٿي ۽ کيس پئسن جو لفافو ڏيندي چويس ٿي ته هي ان بليڪ ميلنگ جي آخري قسط هوندي هن کان پوءِ توکي هن جو ڪو مطالبو ناهي مڃڻو.

”مان ڪڏهن ٿي چاهيان تہ هو مونکي پريشان ڪري، اُن وقت الائي مونکي ڪهڙي ڪُتي ڪنيو جو مان هن سان سيڪريٽ ميريج لاءِ تيار ٿي ويس، مونکي اها خبر نہ هئي تہ اها منهنجي تباهي جو ڪارڻ بنجي ويندي.“

هو رحمان مان جان ڇڏائڻ جا طريقا سوچي رهيون هيون تہ فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي، سنڌيا کي اشارو ڪري سنيتا پاڻ فون کڻي ٿي ٻئي طرف اجنبي آواز ٻڌي حيران ٿي وڃي ٿي ۽ فون سنڌيا ڏي وڌائي ٿي، سنڌيا حيراني سان فون وٺي ٻڌي ٿي تہ پاڻ بہ حيران ٿي وڃي ٿي،

”توهان......! توهان ڪيئن فون ڪيو....؟ نمبر ڪٿان آندو هڪ ساهي ڪوڙ سارا سوال ڪري وٺي ٿي.“

ٻئي طرف امتياز آهي، هو ارجنٽلي هن سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري ٿو.

”پيڻ مون ڪافي عرصي کان توهان سان ملڻ پئي چاهيو.“

”پر ايتري طويل وقت کان پوءِ توهان کي اچانڪ مون ۾ ڪهڙو ڪم پئجي ويو“

”اهو مان فون تي نہ ٿو ٻڌائي سگهان، توهان مونسان ڪٿي ملو پر اڄ ئي.“

”پر.....“

”پر ور ڪجهہ بہ نہ..... توهان جي ئي فائدي جي ڳالهہ آهي....“

”ٺيڪ آ تہ پوءِ ڪٿي ملندا.....“

”پبلڪ پارڪ ۾.“

”ٺيڪ آهي اسان اچون ٿا... ٽائيم ڏسي، ڪلاڪ کن ۾ پهچي ويندا سين.“

انهي دوران سنيتا وائڙن وانگر سنڌيا کي ڏسندي رهي ٿي، سنڌيا فون بند ڪري ٿي. سندس چهري تي پريشاني صاف ظاهر آهي، سنيتا پڇيس ٿي تہ فون تي ڪير هو ۽ ڪلاڪ ۾ ڪٿي پهچڻو آهي، هوءَ ٻڌائيس ٿي تہ رحمان جو دوست امتياز هيو جنهن جي فليٽ تي هنن

جي اها شادي ٿي هئي، سڄي ڳالهہ کيس ٻڌائي ٿي ۽ کيس پارڪ هلڻ لاءِ تيار ڪري ٿي ٻئي ماسي کي ٻڌائي ٻاهر نڪري وڃن ٿيون.

پن ڇڻ جي موسم جي ڪري تيز هوائن وڻن جا سڪل ۽ زرد پن ڇاڻي ڇڏيا آهن، سڄي پارڪ ۾ ڄڻ تہ زرد چادر وڇائي پئي آهي، سنڌيا ۽ سنيتا اتي پهچن ٿيون ۽ پارڪ جي ننڍڙن پيچرن تان گذرندي سنڌيا جي پيرن هيٺان ايندڙ سڪل پنن جي چُر مُر جا آواز سندس ڪنن ۾ ڄڻ تہ واڄٽ ڪري وڄي رهيا آهن، هن جي دماغ جي عجيب ڪيفيت آهي.

امتياز هڪ بينچ تي هنن جو انتظار ڪري رهيو آهي ٿوري دير ۾ هو ٻئي اتي پهچن ٿيون. سنڌيا پري کان امتياز کي هڪ تقريبًا نوبڪلي بينچ تي وينل ڏسي سنيتا سان گڏ اوڏانهن وڌي وڃي ٿي. پرسان پهچي سلام ڪري سنيتا جو تعارف ڪرائي ٿي، امتياز بينچ تان سرڪي پري ٿي ويهي ٿو ۽ کين ويهڻ لاءِ چوي ٿو.

”معاف ڪجو مون توهان کي هتي اچڻ لاءِ تڪليف ڏني ان لاءِ معافي طلبگار آهيان. هو سنيتا ڏي نهاري ٿو تہ سنڌيا کيس ٻڌائي ٿي تہ هوءَ سندس پياري سهيلي آهي ۽ ڪابہ ڳالهہ هن کان ڳجهي ناهي، ان تي امتياز چوي ٿو تہ ٺيڪ آهي.... در اصل مون توهان کي رحمان جي اصليت کان واقف ڪرڻ پئي چاهيو.“

سنڌيا ۽ سنيتا حيران ٿي پڇنس ٿيون،

”اصليت....! ڪهڙي اصليت رحمان تہ توهان جو پيارو دوست آهي نہ...“

”پر مان هن جي اهڙن ڪرتوتن کي سخت ناپسند ڪيان ٿو.“

”ڪهڙا ڪرتوت ڪُلي ڳالهہ ڪيو نہ .....“

امتياز شروع کان رحمان جي متعلق اهي سڀ ڳالهيون کين ٻڌائي ٿو سنڌيا ۽ سنيتا سخت ڪاوڙ ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌي رهيون آهن. آخر سنيتا کان رهيو نہ ٿو ٿئي،

”ايڏو وڏو دوکو.... رحمان اهڙو گندو انسان آهي..... جيڪو راتين جو بازارن ۾ سڀ ڪجهہ لٽائي ٿو ۽ سندس گهر وارا سڄو الزام

سنڌيا تي لڳائن ٿا. هو ڪيترن سالن کان سنڌيا کي خفيہ نڪاح جي ڪري بليڪ ميل ڪري هن کان بہ پئسہ وٺندو رهيو آهي.“

هاڻي حيران ٿيڻ جو وارو امتياز جو هو.

”اهو وري ڇا پيا چئو سنڌيا پيڻ توهان هن جي بليڪ ميلنگ ۾ ڇو آيا. مون ڪيترا دفعہ سوچيو تہ توهان کي اهو سڀ ڪجھ ٻڌايان پر همت نہ ٿِي. هاڻي توهان جيڪو فيصلو ڪيو..... مون پنهنجو فرض پورو ڪيو....“

سنڌيا ڪجھ جواب ڏيڻ بجاءِ هارايل جواري جيان بينچ تان اٿي ٿي، جنهن پنهنجو سڀ ڪجھ داءُ تي لڳائي ڇڏيو هجي. امتياز ۽ سنيتا چپ چاپ هن سان گڏ اٿي پارڪ مان نڪري وڃن ٿا.

●

گهر پهچي سنڌيا ۽ سنيتا سڌو ڪمري ۾ هليون وڃن ٿيون. سنڌيا جون اڄ رهيون کهيون اميدون بہ لڙهي ويون هيون. ان ڪري هوءَ بلڪل خاموش هئي، سنيتا بہ پوري رستي هن کي ڇيڙڻ کان سواءِ خاموشي اختيار ڪرڻ ۾ بهتري سمجهي ليڪن جيئن هو ڪمري ۾ پهتيون، سنيتا کان رهيو نہ ٿيو.

”مون کي تنهنجو اهو رحمان شروع کان نا پسند هو. تون الائي ڪيئن هن کي پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏئي ويٺينءَ.“

سنڌيا انتهائي غمگين لهجي ۾ چوي ٿي،

”تڏهن تہ وڏا چوندا آهن تہ ٽين ايجز ۾ وڌايل قدم هميشہ جذباتي هوندا آهن ۽ جذبات ۾ ڪيل فيصلا ڪڏهن ڪڏهن زندگي جو روڳ بنجي بربادي ڏانهن گهلي وٺي ويندا آهن. اهڙو روڳ جنهن مان سواءِ موت جي آساني سان جان ڇڏائي ناهي سگهبي. پر اسان پنهنجي ڪچي عمر ۾ بزرگن جي هدايتن کي سندن دشمني سمجهندا آهيون ۽ ائين زندگي برباد ڪري ويهندا آهيون. اهو چئي سڏڪا پري روئڻ لڳي ٿي. سڏڪندي چوي ٿي، منهنجي تہ زندگي برباد ٿي وئي پر

منهنجي ان خفيہ نڪاح جي جيڪڏهن گهر وارن کي خبر پئجي وئي تہ بابا تہ زنده درگور ٿي ويندو ۽ رابعہ آپي ۽ احمد جيڪي مونتي اڻ ٽُٽ وشواس ۽ ڀروسو ڪندا آهن انهن جو جيڪو ڀرم ٽٽندو تہ الائي ڇا ٿيندو.... يا خدا! مان ڪهڙي ڪُن ۾ ڦاسي وئي آهيان.“

سنيتا هن جي اهڙي حالت ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿي پر پوءِ بہ هن کي تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چوي ٿي.

”توکي همٿ ڪري هن مان جان ڇڏائڻي پوندي تون هن کي صاف صاف چئو تہ يا تہ هو ان شادي کي پبلڪ ڪري يا توکي آزاد ڪري ۽ ڪوشش ڪري توکي ڪجهہ وقت لاءِ ڪراچي ڇڏڻو پوندو. تڏهن ئي هن جي چنگل مان جان ڇڏائي سگهندين.“

سنڌيا ڳوڙها اگهندي.

”تڏهن ئي مون بئي هنڌ اپلاءِ ڪيو آهي..... دعا ڪر تہ اتي منهنجي سليڪشن ٿي وڃي مان ڪنهن کي ٻڌائي بغير هتان هلي ويندس جيئن هن کي منهنجو اتو پتو معلوم نہ ٿي سگهي.“

اهي ڳالهيون ڪندي ڪافي دير گذري وڃي ٿي جڏهن سنڌيا ڪجهہ بهتر محسوس ڪري ٿي تہ سنيتا ڪانئس موڪلائي گهر هلي وڃي ٿي.

•

ڪجهہ ڏينهن ائين بنا ڪنهن پريشاني جي گذري وڃن ٿا انهي وچ ۾ رحمان جي گهر ۾ ٽئين ڀار جي ولادت ٿئي ٿي. ان ڪري هو ان طرف مصروف ٿي وڃي ٿو. ليڪن سنڌيا جي زندگي ۾ سڪون ۽ اطمينان ڪٿي. هڪ ڏينهن هو جيئن شام جو آفيس مان نڪري ٿي تہ رحمان ٻاهر گاڏي ۾ سندس انتظار ۾ ويٺو آهي سنڌيا جي جيئن مٿس نظر پوي ٿي تہ ڪاوڙ ۾ سندس چهري جا تاثرات ئي بدلجي وڃن ٿا. ڪترائي نڪرڻ جي ڪري ٿي. سامهون ايندڙ ٽيڪسي کي روڪڻ جي لاءِ هٿ ڏئي ٿي تہ رحمان جلدي سندس آڏو اچي بيهي ٿو.

”ايڏو جلدي ۾ ڪيڏانهن پئي وڃي، اڄ مان توکي ڊراپ ڪندو ٿو وڃان.“

هوءَ جان ڇڏائيندي،

”ڏسو مونکي جلدي گهر پهچڻو آهي، گهر ۾ ڪجهه مهمان اچڻا آهن، بابا جلدي گهر اچڻ لاءِ چيو هو.“

”ليڪن مونکي توسان هينئر ڳالهائڻو آهي ضد نه ڪر اچ گاڏي ۾ ويهه.“

”رحمان هي منهنجي آفيس آهي خواه مخواه تماشو نه ڪيو ڪنهن ڏسي ورتو ته هرويرو منهنجي لاءِ غلط راءِ قائم ڪندا.“

”ته پوءِ چپ چاپ گاڏي ۾ ويهه.“

سنڌيا مجبور ٿي گاڏي ۾ ويهي ٿي ته هو گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو سنڌيا چپ چاپ ويٺي آهي، امتياز جي گفتگو سندس ڪنن ۾ ٻُري رهي آهي ته رحمان توسان دوکو ڪري رهيو آهي هو هڪ بري ڪردار جو عادي جواري ۽ شرابي شخص آهي بازارون هن جي عياشي جا اڏا آهن، هو انهن خيالن ۾ گم آهي ته گاڏي جي بيهڻ تي هوءَ خيالن جي دنيا مان واپس اچي ٿي. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿي هڪ سنسان جڳهه تي گاڏي بيٺي آهي جتي پري پري تائين ڪو ماڻهو موجود نه آهي سنڌيا ان وقت وڏيڪ پريشان ٿي وڃي ٿي.

جڏهن رحمان ڊيش بورڊ مان شراب جي بوتل ڪڍي ٿو اڄ شايد هو پنهنجا سڀ روپ سنڌيا جي آڏو عيان ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري آيو آهي.

سنڌيا همٿ ڪري سخت ڪاوڙ جو انداز اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي،

”هي تون مونکي ڪٿي وٺي آيو آهين.“

انتهائي مڪاري سان بوتل مان ڍڪ پيري،

”مون توکان ڏهه هزار روپيه گهريا هئا ان جو انتظام ٿيو.“

”رحمان مون توکي اڳ ۾ به چيو هو ته مان تنهنجا روز روز جا مطالبا پورا نه ٿي ڪري سگهان، جيئن مون نوڪري ڪئي آهي، آئي

ڏينهن تنهنجي ڪا نہ ڪا فرمائش لڳي پئي آهي، مون پنهنجا سڀ زيور بہ وڪرو ڪري تنهنجون ضرورتون پوريون ڪيون.“

”ڏس سنڌيا ڪٿان بہ انتظام ڪري مونکي ڏي ورنہ......“

سنڌيا ٿورو تيز ٿيندي،

”ورنہ ڇا......؟ مان تنهنجي روز روز جي بليڪ ميلنگ کان تنگ اچي وئي آهيان، هاڻي گهڻو ٿي ويو آخر تون مونکي آزاد ڇو نہ ٿو ڪرين.“

انهي دوران هو مسلسل شراب پي رهيو آهي ۽ نشي جي حالت ۾ هن کان سڀ ڪجهہ وسري وڃي ٿو مڪاري سان ڪلندي،

”مون توکي ڪڏهن بہ پڃري ۾ قيد ناهي ڪيو جو آزاد ڪيان، ڪهڙي اسان شادي ڪري ڇڏي آهي.“

”شادي نہ ڪئي آهي تہ باقي ڪئي سال پهرين جي نڪاح جو ڇا ٿيو.“

زور زور سان ڪلندي،

”نڪاح..... ڪهڙو نڪاح.... ڇري تہ ناهين ٿي....“

”هو ڪئي سال اڳ امتياز جي فليٽ ۾ دوستن جي موجودگي ۾ تو مونسان نڪاح ڪيو هو ۽ هاڻي ڇوين ٿو ڪهڙو نڪاح.......“

مڪاري سان،

”مون توسان ڪوبہ نڪاح ناهي ڪيو مان ڀلا اهڙي دولت مند زال ۽ ٻارن جي هوندي تو جهڙي نوڪري ڪرڻ واري عورت سان نڪاح ڪيئن ٿو ڪري سگهان، اهو تہ سڄو ڊرامو هو توکي پنهنجي چنگل ۾ ڦاسائي رکڻ لاءِ....“

اهو ٻڌي سنڌيا جو منهن ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ پيلو زرد ٿي وڃي ٿو. ڄڻ تہ ڪنهن هيڊ هاري ڇڏي هُجيس. سڪتي ۾ اچي وڃي ٿي رحمان جو چيل هڪ هڪ لفظ هٿوڙي جيان سندس دماغ ۾ لڳي رهيو آهي،

”ڪهڙو نڪاح.... مون تہ توسان ڪوبہ نڪاح ناهي ڪيو اهو تہ سمورو هڪ ڊرامو هيو توکي پنهنجي چنگل ۾ ڦاسائي رکڻ لاءِ.“

هن کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ ٿي آيو تہ اهڙي حالت ۾ هوءَ ڇا ڪري شهر کان دور سنسان هنڌ تي، هوءَ ڪيڏانهن وڃي پري پري تائين ڪا سواري نظر نہ ٿي آيس. رحمان جو آواز نشي ۾ ٻڏل سندس ڪنن جي پردن سان ٻيهر ٽڪرائجي ٿو.

”ان ڏينهن وري ريسٽورانٽ ۾ هن آفيسر سان گڏ وئي هئينءَ ڇو.... مون توکي منع ڪيو هو نہ....“

اهو ٻڌي سنڌيا ڪاوڙ جي شدت ڪري پنهنجي حواسن ۾ نہ ٿي رهي.

”بس گهڻو ٿيو.... ڪنهن سان بہ وڃان ڪاڏي بہ وڃان. ان ۾ تنهنجو ڇا.... اهو سڀ ڪهڙي حق سان ٿو پڇين. ڪهڙو رشتو آ تنهنجي منهنجي وچ ۾ جو تون مونکي منع ڪندين......“

ٻانهہ کان جهلي پاڻ ڏي ڇڪيندي نهايت بي حيائي واري انداز سان.

”تون منهنجي لاءِ هڪ سوني جهرڪي آهين..... مريم جي هٿ آيل دولت تہ هنن ستن اٺن سالن ۾ ختم ٿي وئي، توتان بہ هٿ ڪڻان تہ پوءِ منهنجو گذارو ڪيئن ٿيندو جانِ رحمان....!

سنڌيا ڪنن تي هٿ رکي زار و قطار روئي ٿي.

”بس رحمان بس......“

رحمان کيس ٻانهن ۾ جهلي پنهنجي قريب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ليڪن ان لمحي الائي ڪٿان سنڌيا ۾ همٿ اچي وڃي ٿي کيس پري ڌڪو ڏئي گاڏي جو در کولي ڊوڙندي هڪ طرف هلي وڃي ٿي تہ رحمان کيس جهلڻ جي ڪوشش ۾ در کولي سندس پويان ڊوڙي ٿو پر نشي جي ڪري هو کيس پهچي نہ ٿو سگهي، هوءَ تيز تيز قدمن سان هڪ طرف ڊوڙندي وڃي ٿي ان فڪر کان بيخبر تہ هتي ڪنهن سواري جو ملڻ مشڪل آهي، هوءَ تہ بس ڪنهن بہ طرح رحمان جي پاڇي کان دور وڃڻ چاهي ٿي ڊوڙندي اچانڪ هڪ گاڏي کي ايندو ڏسي بي خيالي ۾ ٽيڪسي سمجهي هٿ ڏئي ٿي، گاڏي سندس پرسان اچي بيهي ٿي پويون در کولي ڌڙام سان پاڻ کي سيٽ تي ڇڏي ڏئي ٿي

۽ ڊرائيور کي پنهنجي ائڊريس ٻڌائي اکيون بند ڪري ڏگها ساهه کڻي ٿي. جڏهن هوءَ پنهنجي ڪيفيت تي قابو حاصل ڪري وٺي ٿي ته اکيون کولي ارد گرد جو جائزو وٺي ٿي بيڪ ويو مرر تي نظر پوڻ ٿي ته پهرين ته ڇرڪجي وڃي ٿي پر پوءِ شرمسار ٿي وڃي ٿي ڊرائيونگ سيٽ تي امتياز ويٺو آهي، امتياز به هن جي حالت سمجهي وڃي ٿو ۽ کيس مخاطب ٿئي ٿو.

”پيڻ پريشان نه ٿيو. اتفاق سان مون توهان سان گڏ رحمان کي هن طرف ايندي ڏٺو ته سمجهي ويس ته رحمان جي نيت نيڪ ناهي ان ڪري سندس گاڏي جو پيڇو ڪيم. خدا جو شڪر آهي هن ڪا غلط حرڪت نه ڪئي. منهنجي ڀيڻ... هڪ انسان جو ٻئي انسان کي سمجهڻ، سڃاڻڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي ۽ خاص ڪري محبت ۾، اهو سڃاڻڻ اڃان به مشڪل ٿي پوندو آهي، اکين آڏو اهڙا رنگين پردا هوندا آهن جو هر شئي دلڪش ۽ دل لڀائيندڙ لڳندي آهي. خواب ۽ حقيقت ۾ ڪو به فرق ناهي محسوس ٿيندو. بند اکين پويان ايتريون روشنيون هونديون آهن جو اکيون کولڻ جي ضرورت ئي ناهي پوندي، ۽ جڏهن ايترو سوجهرو هجي ته اونداهيون ڪٿي ٿيون نظر اچن. تڏهن ته جڏهن به اهي ڏيئا هڪدم اجهامندا آهن ته پوءِ ڪجهه به نظر نه ايندو آهي، سموريون اونداهيون اکين رستي روح ۾ سمائجي وينديون آهن دم گهٽجڻ لڳندو آهي، هميشه روشنين تي ائين يقين نه ڪجي اکيون کولي ان چهري کي غور سان ڏسجي، محبت جو چهرو ڏسڻ لاءِ ڪنهن روشنيءَ جي ضرورت ناهي هوندي. جيسيتائين دل سچائي جو خود بخود يقين ڪري تڏهن اعتبار ڪجي، ورنه واپس مڙي وڃجي، منهنجي ادي.... دل نه لاهيو اڃان توهان وٽ واپسيءَ جو وقت به آهي ۽ رستو به آهي. هن کان اڳتي هلي نه وقت هوندو نه رستو. تڏهن اگر واپس ورڻ به چاهيندئو ته پنڌ پهڻ بنجي ويندئو. توهان مونکي هميشه پنهنجو وڏو ڀاءُ سمجهجو مون دنيا ڏٺي آهي، ڪيترن ئي نازڪ لمحن مان گذري جيون جي سهي راهه کي پرکيو آهي ان ڪري جڏهن به هن ڀاءُ جي مدد جي ضرورت محسوس ڪيو بي حجاب ٿي ڇئجو.“

سنڌيا رئي سان اکيون اگهندي،

”پائو... مان توهان جو هي احسان عمر ڀر نہ وساريندس... چڱو ٿيو جو توهان وقت تي منهنجون اکيون کولي ڇڏيون نہ تہ مان الائي ڪيسيتائين هن جي دوکي ۾ پاڻ ڦرائيندي رهان ها.“

امتياز هن جي ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو ڏئي،

”پيڻ شايد توهان جي گهر جي گهٽي اچي وئي آهي هاڻي سڀ ڪجهہ وساري توهان بي فڪر ٿي گهر وڃو خدا بهتر ڪندو.“

هوءَ ڪيس ٿينڪس چئي گاڏي مان لهي پنهنجي گهر جي گلي طرف مڙي وڃي ٿي تہ امتياز گاڏي اسٽارٽ ڪندي سوچي ٿو تہ شڪر آ جو هن جي نظر رحمان جي گاڏي تي پئجي وئي ورنہ....

سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ آئيني جي آڏو اچي پاڻ کي نفرت جي نگاهن سان ڏسي رهي آهي هن جي هر انداز مان چريائپ بکي رهي آهي، هوءَ چرين وانگر پاڻ سان ڳالهائي ٿي،

”مان هڪ قابلِ نفرت وجود آهيان. اچو اچو سڀ اچو مونسان نفرت ڪيو. مون کي سزا ڏيو. مون کي پٿر هڻو سنگسار ڪيو. مان گنهگار آهيان. مون دوکو ڪيو آهي سيني گهر وارن سان دوستن سان پنهنجو پاڻ سان. مون ايترو عرصو هڪ غليظ ماڻهو جي اشارن تي ڪٺ پُتلي وانگر پاڻ کي نچايو آهي. هو شخص منهنجي احساسات جي پرواهہ ڪئي بغير منهنجي جذبات سان ڪيڏندو رهيو. ايڏو وڏو دوکو ايڏي ويساهہ گهاتي، رحمان تون ايڏو ڪميڻو ايڏو گهٽيا انسان هوندين. مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو. تون مونسان اهڙو ڪريل، ايڏو گندو کيل ڪيڏندين..... ڪاش...! اهو سڀ ڪجهہ ٻڌڻ کان پهرين مونکي موت اچي ها..... رحمان تو مون کي ڪيڏانهن جو بہ نہ رکيو. منهنجي سڄي زندگي تباهہ و برباد ڪري ڇڏي، مون کي منهنجي پنهنجي نظرن ۾ بي توقير ڪري ڇڏيو.“

آئيني کان هٽي اچي بيڊ تي پاڻ کي سٽي ٿي ۽ ليٽي پوي ٿي. آنڌ مانڌ سبب بيڊ تي پاسا ورائي سوچي ٿي. پنهنجي روين جي

بدصورتي جو رحمان کي شايد احساس بہ نہ هو. هن خاموشي سان هر ڳالهہ جو اقرار ڪري ورتو هو. ۽ سنڌيا پنهنجي هن توهين لاءِ هن کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪري سگهندي، ۽ هن سان هر تعلق ختم ڪري ڇڏيندي، محبت خداوند ڪريم جو حساس روحن لاءِ هڪ خوبصورت تحفو آهي ۽ سنڌيا ان تحفي جي ۽ خدا جي ناشڪري ڪرڻ نہ ٿي چاهي، ان ڪري هن رحمان جي محبت کي وڏي احترام سان پنهنجي دل جي گهراين ۾ اهڙي طرح دفن ڪري ڇڏيو جو ان جو نالو نشان بہ باقي نہ رهي.

هوءَ پاڻ سان ڳالهائيندي رهي، ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هن جي اندر جو آتش فشان ڦاٽي پيو هجي ۽ لاوا تيزيءَ سان وهي رهيو هجي جنهن کي دنيا جي ڪابہ طاقت روڪي نہ ٿي سگهي. ان ڏينهن هن کي محبت کان ڏاڍو خوف لڳو هو. محبت ديڻ جيان لڳي جيڪا انسان کي بي وسي ۾ ماري ٿي، وڻ ويڙهيءَ وانگيان لڳي جيڪا آهستي آهستي ڪنهن ٻوٽي جي گرد ويڙهبي ويندي آهي ۽ ٻوٽي کي چوسي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، هوءَ سڏڪا ڀريندي سوچي ٿي، ڇا محبت موت جو ٻيو خوشنما نالو آهي. ذهن جي پردي تي هر اهو سين فلم جيان نظر اچي رهيو هو. هر اهو پل جيڪو هن رحمان جي محبت ۾ گهاريو هو.

رحمان جي نئين ڄاول ٻار کي ڏسڻ لاءِ اڄ گل بانو ۽ شمسہ سندن گهر اچن ٿيون، ڪين گيٽ ۾ داخل ٿيندو ڏسي شهر بانو مريم کي چوي ٿي،

”چوندا آهن تہ رت دانگي تي بہ وري پوندو آهي، پوٽاڻ هوندئن بہ نسل آ.“

سيئي اندر وڃن ٿا، صغرا سندن پويان ڪيترائي شاپر کنيو اندر آڻي هڪ طرف رکي ٿي، شهر بانو اٿي گل بانوءَ سان ڀاڪر پائي ملي ٿي تہ هن جي اکين ۾ لڙڪ لڙي اچن ٿا.

”ادي مان تنهنجي ڏوهارڻ آهيان.... مونکي معاف ڪر، پنهنجو ڪيتو پئي لوڙيان،“

گل بانو ڪوبہ جواب ڏيڻ بنا ڪيس ٻُڌي ٿي، اها ڳالھہ مريم کي خراب لڳي ٿي،

”امان اسان ڪهڙو گناھہ ڪيو آ، سڀ ڪجھہ تہ هنن جي اولاد اسان سان ڪيو آ ۽ تون وري معافي پئي گهرين.“

شمسہ ڳالھہ کي ٽاريندي.

”ڇڏيو انهن ڳالهين کي، نئين آيل مهمان کي پنهنجي دادي امان سان تہ ملايو.“

ڪجھہ دير اتي ترسي رحمان جو انتظار ڪن ٿيون پر هنجي نہ اچڻ ڪري موڪلائي هليون وڃن ٿيون. ڪافي دير گذرڻ جي باوجود بہ رحمان جو اتو پتو ڪونهي. مريم جون نظرون بار بار گهڙيال ڏي کڄن ٿيون پريشاني ۽ ڪاوڙ سندس چهري تي صاف بکي رهي آهي. فواد ماءُ کي پريشان ڏسي،

”امي هڪ پيو ٿئي دادي امان وارا بہ انتظار ڪري هليا ويا، ابو اجان آفيس مان ناهي آيو.“

مريم جو پارو هاءِ ٿي وڃي ٿو.

”توهان هلي سمهو صبح جو اسڪول بہ وڃڻو اٿو... توهان جو ابو ڪڏهن سويل ايندو بہ آهي ڇا، جو يڪو پيو انتظار ڪرين.“

نينا چوبس ٿي تہ امي تون بہ هل اسان کي اڪيلي ۾ ڊچ ٿو لڳي، مريم ٽي وي بند ڪري، خانيءَ کي نومي کي اندر ڪٺي هلڻ جو چئي ڪيس ٻارن سان گڏ موڪلي ٿي ۽ پنهنجي منهن ٻڙ ٻڙ ڪندي،

”الائي هينئر تائين ڪٿي هوندو، سنڌيا ڏي تہ وڃڻ ڪان رهيو. خانيءَ پئي ٻڌايو تہ سنيتا آپا کي ٻڌايو پئي تہ هو سنڌيا سان هاڻي ناهي ملندو تہ پوءِ ڪهڙو ٿاڪ وڃي ڳولهيو اٿس. اوٻاسيون ڏيندي ڪمري ڏي هلي وڃي ٿي.“

•

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سنڌيا جي انٽرويو جي لاءِ ليٽر اچي ٿو تہ هوءَ احمد کي چوي ٿي تہ هو ڪيس ان ايڊريس تي ڊراپ ڪندو وڃي. اهو ٻڌي شوڪت ڪائنس پڇي ٿو تہ ڪيڏانهن پئي وڃي، سنڌيا ٻڌائي ٿي تہ هن هڪ جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو هو ان جو انٽرويو آهي، اسلام آباد مان هڪ ٽيم انٽرويو وٺڻ لاءِ آئي آهي.

شوڪت حيران ٿي چوي ٿو.

”وري ڪهڙي جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو اٿئي.“

”بابا هڪ ايٽانامس باڊي آهي، حڪومت نئين ڪميشن قائم ڪئي آهي ان ۾ سڄو نئون اسٽاف ڀرتي پيا ڪن، سنڌ جي ڪوٽا ۾ مون ڊپٽي ڊائريڪٽر جي پوسٽ لاءِ اپلاءِ ڪيو آهي.

”پوءِ تہ اسلام آباد وڃڻو پوندو“

”اهو تہ سليڪشن کان پوءِ خبر پوندي، بس دعا ڪيو تہ سليڪشن ٿي وڃي،“

”الله سٺائي ڪندو، جنهن ۾ بهتري هوندي،“

احمد ۽ سنڌيا گڏجي ٻاهر نڪري وڃن ٿا.

ڪومل چوي ٿي:

”بابا ڪجهہ ڏينهن کان سنڌيا وري اداس ۽ پريشان پئي لڳي.“

”ها پُٽ هن کي رکي الائي ڇا ٿو ٿي وڃي، ڇوڪري سڄي ڪومائجي وئي آهي.“

”بس بابا الله ڪري تہ هن جو اسلام آباد وارو ڪم ٿي وڃي ماحول تبديل ٿيندس تہ ٺيڪ ٿي ويندي،“

لنچ بريڪ ۾ پٽيوالي کي مظفر سڏي چوي ٿو تہ سنڌيا ميڊم کي سڏي اچ، ان تي پٽيوالو هڪ ليٽر ڪيس ڏيندي چوي ٿو تہ صاحب هي سنڌيا ميڊم ڏئي وئي هئي، هو لفافو وٺي کولي ڏسي ٿو تہ شارٽ ليو لاءِ لکيل آهي، بس تون وڃ جيئن ميڊم اچي تہ هيڏانهن وٺي اچينس، پٽيوالو وڃي ٿو ٿوري دير ۾ سنڌيا اچي ٿي،

”خير تہ آهي سر.... توهان سڏيو.“

”ها ها خير آهي دل چيو گڏجي چانهہ پيئجي، پر توهان شارٽ ليو ڪري ڪيڏانهن ويا هئا.“

”سر منهنجو انٽرويو هو ان لاءِ وئي هئس......“

”اوهو.... تہ اها ڳالهہ هئي.... ڀلا ڪيئن ٿيو انٽرويو.“

سنڌيا تمام خوش لڳي رهي آهي، ”سر...... تمام سٺو.... انٽرويو وٺڻ وارا ڏاڍا پڙهيل لکيل آفيسر هئا دل خوش ٿي وئي اهڙو انٽرويو ڏيندي.“

”ان جو مطلب تہ توهان ڏاڍا خوش آهيو.“

”بس دعا ڪيو تہ سليڪشن ٿي وڃي.... مان اسلام آباد وڃڻ ٿي چاهيان سر..... ها سر مون کي توهان جي هڪ فيور کپي......“

”ها ها..... چئو مون کي توهان جي ڪم اچي خوشي ٿيندي.“

”جي منهنجي سليڪشن ٿي وڃي تہ اها ڳالهہ اسٽاف وغيره مان ڪنهن کي بہ نہ پوي تہ مان ڪيڏانهن وئي آهيان، ۽ اگر ڪو ٻاهريون ماڻهو پڇندو اچي تہ ان کي بہ نہ..... سر منهنجو مطلب آهي ڪنهن کي بہ نہ.... پليز سر.....!

اهو ٻڌي مظفر حيران ٿي وڃي ٿو......

”ڪو سيڪريٽ مِشن آهي ڇا.“

”بس ائين ئي سمجهو.“

مظفر سڀ ڪجهہ سمجهي وڃي ٿو هن جو پنهنجي فيانس کي ڏسي هميشہ خوف ۾ مبتلا ٿي وڃڻ ۽ هاڻي ڪنهن کي نہ ٻڌائڻ واري ڳالهہ يقينًا“ ڪا خوفائتي ڳالهہ آهي جيڪا سنڌيا کي هتان فرار حاصل ڪرڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. هو چاهي ٿو تہ هن کان معلوم ڪري پر اخلاقي تقاضائون هن کي روڪن ٿيون، ڳالهہ کي نارمل انداز ۾ وٺندي.

”پر مونکي تہ ٻڌائي ويندا نہ.“

سنڌيا کي اهڙي مخلص انسان جي دل آزاري ڪرڻ تي ۽ پنهنجي بدقسمتي تي گهڻو ڏک ٿئي ٿو. اکين ۾ پاڻي اچي وڃينس ٿو. لڙڪن کي اکين ۾ پيئندي،

”سر... ڇو ٿا شرمسار ڪيو توهان کي ته مون هميشه پنهنجي دل جي قريب سمجهيو پنهنجو مخلص دوست سمجهو تڏهن ته صرف توهان کان اها فيور پئي گهران.... ڪاش...! اداس ٿي وڃي ٿي. ان وقت پٽيوالو ڪولڊ ڊرنڪس ۽ ڪجهه سنيڪس وغيره کڻي اچي ٿو ته مظفر موضوع مٽائيندي،

”ڇڏيو ان ڳالهه کي جڏهن اهو وقت آيو ته سڀ ڪجهه توهان جي مرضي مطابق ٿيندو، هاڻي سڀ ڪجهه وساري خوش خوش لنچ ڪم برنچ ڪيو.“

سنڌيا جي پنهنجي ڪيبن ۾ وڃڻ کان پوءِ مظفر دل ۾ پڪو پهه ڪري ٿو ته ڪجهه به ٿي پوي هو ان راز جي تهه تائين ضرور پهچڻ جي ڪوشش ڪندو ته سنڌيا جو آخر مسئلو ڇا آهي، هوءَ پنهنجي مڱيندي کان خوفزده ڇو آهي.

جڏهن هن گهر وارن جي ذريعي رابعه آپا کي رشتي لاءِ چيو ته هُن ته اهڙي ڪنهن مڱڻي جو ذڪر به نه ڪيو هو. پڪ ڪجهه ٻيو معاملو آهي، تڏهن ئي سنڌيا خوفزده آهي. ڪا بليڪ ميلنگ..... هن کي پنهنجي حساب سان ڏسڻو پوندو. ڪجهه فيصلو ڪري اطمينان جو ساهه کڻي ٿو.

•

وقت بنا ڪنهن غير معمولي واقعي جي گذرندو رهي ٿو سنيتا به ڪافي ڏينهن کان پوءِ سنڌيا وٽ آئي آهي ان دوران هن جي زندگي ۾ ڇا ڪجهه وهيو واپريو ان جي ڪيس ڪا خبر ناهي، ڳالهين ڪندي پڇيس ٿي ته رحمان پئسا وٺڻ آيو هو؟. سنڌيا ڏکاري ٿي چويس ٿي ته ها آيو هو هن جي ۽ رحمان جي رشتي ۾ پئسن ڪانسواءِ ٻيو رهيو ئي

چاهي. هو حيران ٿي پڇيس ٿي تہ هن هن دفعي بہ ڪيس ان شاديءَ کي ليگل ڪرڻ لاءِ نہ چيو.

سنڌيا جي اکين ۾ پاڻي اچي ويجي ٿو

”شادي.... ڪهڙي شادي.....؟“

سنيتا کي هن جي دماغي حالت تي شڪ ٿئي ٿو.

”الائي چا پئي ڳالهائين اها شادي جيڪا تو لڪي ڪئي هئي.“

اهو ٻڌي سنڌيا سڏڪا ڀريندي.

”رحمان مونسان ڪابہ شادي ڪونہ ڪئي هئي. اهو تہ مونکي سوني جهرڪي سمجهي ڦاسائي رکڻ لاءِ دوستن سان گڏجي ڊرامو ڪيو هئائين. زال جي دولت هن نائيٽ ڳرل نيلما تي لٽائي، هاڻي مونکي ڪيريئر بنايو وينو هئو ۽ سندس گهر وارن جي سڄي ڪاوڙ مون تي پئي وسي.“

اهو ٻڌي سنيتا حيران پريشان هن جو منهن تڪيندي رهجي ويجي ٿي ۽ سنڌيا روئندي رهي ٿي. ان وقت ڪومل شربت جا گلاس ٿاهي ڪٽي اندر اچي ٿي، سنڌيا کي روئندو ڏسي پاڻ بہ ڏکاري ٿي ويجي ٿي، پر ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ احمد جهڙي مذاقيہ انداز ۾

”جيڪڏهن غمگين شاٽ اوڪي ٿي ويو هجي تہ فريش ٿيڻ لاءِ ٺنڍا نار شربت جو هڪ هڪ گلاس ٿي وڃي.“

سنڌيا شرمسار ٿي هٿ سان اکيون اگهي ٿي سنيتا بہ ڳوڙها اگهي ٿي ڪومل ٻنهي کي شربت ڏئي هڪ گلاس پاڻ بہ ڪٽي پرسان رکيل ڪرسي تي ويهي ٿي. ۽ ڳالهہ کي مٽائيندي پڇڻ لڳي،

”ڏي خبر انٽرويو ڪيئن ٿيو.“

”اي ون، بس دعا ڪيو تہ سليڪشن ٿي وڃي.“

ڪومل پيار ڀري لهجي ۾

”مان پاڻ چاهيان ٿي تہ هتي ڪراچي توکي ڏاڍا ڏک ڏنا آهن. ان ڪري ڪجهہ وقت لاءِ هن بيوفا شهر کان ڪيڏانهن دور هلي وڃ.... نہ تہ هتي تنهنجو جيئڻ مشڪل بنجي ويندو.“

سنڌيا ۽ سنيتا وائڙيون ٿي کيس ڏسنديون رهن ٿيون ڪومل پنهنجي ڳالهه جاري رکندي.

”سنڌيا....! مون تنهنجي هر ڪيفيت کي تنهنجي ڪجهه نه ٻڌائڻ جي باوجود محسوس ڪيو آهي، ضرور توسان ڪا وڏي ٽريجڊي ٿي گذري آهي جنهن کي تو صرف پنهنجي اندر ۾ سانڍي رکيو آ ۽ اسان کي هوا به لڳڻ نه ڏني اٿئي. ۽ اهو هڪ ڳالهه ۾ سنو به آهي ٽٽان ڀاڄائي جو رشتو ئي اهڙو هوندو آ. يا ته ڀينرن وانگر يا هڪ ٻئي جون دشمن. ڪيڏي مهل کهڙي ڳالهه تي ڀيڻ مان دشمن بنجي وڃن ۽ بجاءِ ڏک ۾ ڀائيواري جي زخمن تي نشتر زني ڪرڻ لڳن. پر سنڌيا، مون توکي هميشه پنهنجي قريب محسوس ڪيو آهي ان ڪري تنهنجي لاءِ دعاگو آهيان ته جيترو جلد ٿئي. هن شهر کان دور هلي وڃ، جتي هن شهر جي ڪا پرڇائين به تنهنجو پيڇو ڪري نه سگهي.“

ڪومل جا همدردانه ٻول ٻڌي سنڌيا وري روئڻ لڳي ٿي ته سنيتا کيس دلداري ڏئي ٿي.

ڪجهه ڏينهن ائين ئي بغير ڪنهن اهم واقعي جي گذري وڃن ٿا. رحمان سان ٿيل جهڙپ ۽ امتياز جي دوستانه انداز ۾ سمجهائڻ کان پوءِ سنڌيا به ڪجهه ڪجهه نارمل زندگي جي طرف اچڻ لڳي ٿي، هوءَ آفيس ۽ گهر جي عام رواجي ڪمن ڪارين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي ٿي، هڪ ڏينهن هوءَ آفيس ۾ فائيلن ۾ مصروف آهي ته پٽيوالو اچي چوي ٿو ته کيس ايم ڊي صاحب سڏيو آهي، اهو ٻڌي هوءَ پريشان ٿي وڃي ٿي، سڄي سروس پيريڊ دوران ايم ڊي صاحب هڪ دفعو ئي ڪنهن ميٽنگ ۾ کيس طلب ڪيو هيو اهو به اڳواٽ سرڪيولر ذريعي، ۽ اڄ ائين ارجنٽ طلب ڪرڻ، ايم ڊي صاحب ۽ اهو به پنهنجي آفيس ۾..... پر ڇو.....“

”ميڊم اها ته مونکي خبر ناهي، پر مظفر صاحب کي به سڏيو اٿن.“

اهو ٻڌي سنڌيا وڌيڪ پريشان ٿي وڃي ٿي دل ۾ چوي ٿي.

”حيرت آ مونسان گڏ مظفر جي بہ پيشي.... ڪٿي رحمان تہ ڪا ڳالھہ ناھي ڪئي.“

ھوءَ پٽيوالي کي وچڻ جو چئي فائيل سانڍي اھو سوچيندي اٿي ٿي تہ الائي ايم ڊي صاحب ڇا چوندو. تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي آفيس اچي ٿي ٻاهر پي اي، کيس ڏسي اندر وڃڻ جو اشارو ڪري ٿو. ھوءَ در کولي اجازت گھري اندر وڃي ٿي. سامھون ايم ڊي ويٺو آھي. ھن جي اندر داخل ٿيڻ تي غور سان کيس نهاري ٿو تہ اي سي روم ۾ بہ سنڌيا جا پگھر نڪري اچن ٿا.

آفيس ۾ سائيڊ چيئرز تي مظفر ۽ ڊئريڪٽر ايڊمن ويٺا آھن. سنڌيا جو چھرو وسامي وڃي ٿو پڪ ڪا غلط ڳالھہ ٿي آھي. اڃان سوچي ئي پئي تہ ايم ڊي جو آواز ڪنن سان ٽڪرائجيس ٿو. جيڪو کيس لرزائي ڇڏي ٿو.

”مس سنڌيا شوڪت علي.... (ويھڻ لاءِ چوندي) ھا تہ مس سنڌيا شوڪت علي....! توھان ڪمپني کي انفارم ڪئي بغير ڪنھن ٻئي ھنڌ اپلاءِ ڪيو....“

سنڌيا اطمينان جو ساھہ کڻي ٿي تہ جيڪو ھن سوچيو پئي ائين ناھي.

”سر....! جنھن وقت مون اپلاءِ ڏني تہ ان ۾ ايترو ٽائيم نہ ھو جو مان ٿرو پراپر چينل اپلاءِ ڪيان.... انکان علاوه مون کي جڏھن ھي جاب ملي ھئي تہ ان ۾ اھڙي ڪابہ ڪنڊيشن نہ ھئي.“

ان دوران پٽيوالو چانھہ بسڪيٽ کڻي سڀني کي سرو ڪري ٿو. ايم ڊي سنڌيا کي غور سان ڏسندي.

”مس سنڌيا. توھان کي مبارڪ ھجي توھان جي سليڪشن ٿي وئي آھي ۽ اسان جي ڪمپني کان ڪميشن وارن توھان جي باري ۾ انفرميشن گھري آھي تڏھن ئي اسان کي خبر پئي.“

اھو ٻڌي سنڌيا خوش ٿي وڃي ٿي.

”ٿينڪيو سو مچ سر....! مان تہ ڊڄي وئي ھئس تہ الائي ڪھڙي سلسلي ۾ پيشي ٿي آھي.“

”مس سنڌيا، مونکي ۽ ڪمپنيءَ کي توهان جي ڪم مان ڪابہ شڪايت ناهي، توهان جا ڪنسرن آفيسر بہ توهان جي ايفرٽس مان ڪافي مطمئن آهن، خاص ڪري مظفر صاحب تہ توهان جي ڏاڍي تعريف ڪندو آهي.“

سنڌيا اهو ٻڌي خوش ٿئي ٿي،

”ٿينڪس اي لاٽ سر.....“

”بهرحال، زندگي اهائي آهي تہ انسان اڳتي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي، مون توهان کي ان ڪري گهرايو تہ اها خبر مون خود توهان کي ڏيڻ ٿي چاهي. هاڻي اسان جي مئنائي توهان ڏي ٿي.“

اهو ٻڌي ڊئريڪٽر بہ صاحب جي ها ۾ ها ملائيندي،

”مئنائي نہ سر.... مس سنڌيا ڪان سٽي لنچ وٺبي.“

اهو ٻڌي مظفر جيڪو ايم ڊي کي گهڻو قريب آهي، چوي ٿو،

”سر.... اهو بهتر نہ ٿيندو تہ نئين روايت قائم ڪندي مس سنڌيا جي هن ڪاميابي جي خوشي ۾ اسان سندس دعوت ڪيون.“

”واءِ ناٽ ....، تہ پوءِ مس سنڌيا جي ڪاميابي جي خوشي ۾ اها دعوت ڪمپني جي طرفان ٿيندي ۽ وينيو جو انتخاب سنڌيا پاڻ ڪندي.“

سنڌيا جي اکين ۾ خوشيءَ مان ڳوڙها اچي وڃن ٿا.

”ڊئريڪٽر صاحب....! تہ پوءِ جنهن ڏينهن سنڌيا کي رليو ڪيو ان ڏينهن دعوت بہ رکجو.“

”او ڪي سر....“ اهو چئي سڀ اٿن ٿا.

●

شام جي وقت سڀ گهر وارا چانهہ تي سنڌيا جو انتظار پيا ڪن، ڇو تہ ٽي سي ايس ۾ هن لاءِ اسلا آباد مان هڪ ليٽر آيل آهي، احمد کولي ڏسڻ چاهيو پئي تہ پڙس منع ڪيس تہ سنڌيا اچڻ واري آهي پاڻ اچي کوليندي. ان وقت سنڌيا خوش خوش اندر داخل ٿئي ٿي تہ احمد

پري ڪان ڪيس لفافو ڏيکاري ٿو هوءَ پرس پري ڦٽو ڪري لفافو وٺڻ جي ڪري ٿي تہ احمد پري ڪندي چويس ٿو.

”پهرين مٺائي....“

”بابا ڏسو ٿا احمد کي.....“

ڪومل اٿي مڙس ڪان لفافو وٺي سنڌيا کي ڏئي ٿي سنڌيا کولي پڙهي ٿي ۽ خوش ٿي پيءَ کي ڀاڪر پائيندي،

”بابا منهنجي ٽيرف ڪميشن جي سليڪشن ٿي وئي هي ڏسو منهنجو اپائنٽمينٽ آرڊر.....“

”پٽ مونکي ڏيو مان ڏسان....“

احمد ليٽر کسيندي،

”پهرين مان ڏسندس....“

ڪومل سندس هٿ مان ليٽر وٺي بابا کي ڏئي ٿي،

”پهرين بابا کي ڏسڻ ڏيو“

شوڪت ليٽر پڙهي خوش ٿي سنڌيا کي اٿي مٿي تي چمي ڏئي ٿو تہ سندس اکين ۾ خوشي ۾ ڳوڙها اچي وڃن ٿا.

”منهنجي ڌيءَ جي محنت ساپيان وئي، الله وڌيڪ ترقي ڏيندئي منهنجي صابر ڌيءُ.“

”بابا آفيس ۾ ايم ڊي صاحب ۽ سڀ آفيسر ڏاڍو خوش ٿيا منهنجي دعوت بہ ڪن پيا.“

”اهو تہ سڀ سنو ٿيو اڄ پيڻ زهره اتي هجي ها تہ ڪيڏي نہ خوش ٿئي ها، پر اهي سڀ يڪو وڃي سکر رهي پيا آهن، اڄ منهنجي طرفان توهان سڀئي جي ڊنر آهي توهان جي پسند جي ريسٽورانٽ ۾، هاڻي جلدي وڃي رابعہ کي فون ڪري اچو تہ اهي بہ اچن. سنيتا کي بہ سڏي وٺجو.“

شوڪت خوشي مان چوي ٿو:

”واهہ پئي واهہ وڏا ڀاڳ آهن، ٻاهر ڊنرون پيون ٿين.“

احمد سنڌيا کي چيڙائي ٿو.

”چڱو هاڻي اٿو وڃي تياري ڪيو.“

سڀ اٿي پنهنجي پنهنجي ڪمرن ۾ وڃن ٿا.

رات جي وقت سڀئي هڪ چائنيز ريسٽورانٽ ۾ اچن ٿا. سنڌيا گهڻي عرصي کان پوءِ ڪافي خوش آهي. ان ڪري هوءَ ڏاڍي اهتمام سان تيار ٿي آهي هلڪي گلابي رنگ جي سلڪ جي جوڙي هن جي سونهن ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. سندس گوري رنگ تي گلابي جوڙي جو عڪس ائين لڳي پيو ڄڻ گلاب جو گل تازو ٽڙيو هجي. سڀ اندر اچي هڪ وڏي ميز سليڪٽ ڪري اتي ويهن ٿا ته ان وقت مظفر به پنهنجي فيملي سان گڏ اتي اچي ٿو هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائيندي هن جي سنڌيا فيملي تي پوي ٿي انهي وقت احمد به ڪين ڏسي وٺي ٿو ته هو طارق کي ٻڌائي ٿو طارق اشاري سان ڪين ان طرف اچڻ لاءِ چوي ٿو. هو ان طرف وڌي وڃن ٿا هڪ ٻئي سان عليڪ سليڪ کان پوءِ سنڌيا پيءُ کي ٻڌائي ٿي "بابا هي منهنجي آفيس جا ڊي ڊي صاحب آهن."

"اڇا؟... پر هي ته اسان سان ڪلفٽن تي مليا هئا. طارق جا فيملي فرينڊ آهن ان وقت مون کي خبر نه هئي ته هي تنهنجو باس آهي."

مظفر ڳالهه مٽائيندي،

"ڇڏيو سائين ماضي کي ياد ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو."

شوڪت سمجهي ويجي ٿو ته مظفر ان ٽاپڪ تي ڳالهائڻ نه ٿو چاهي. انڪري ڳالهه کي مٽائيندي،

"توهان سان اڄ سٺي موقعي تي ملاقات ٿي آهي، سنڌيا جو اپائنٽمينٽ آرڊر اچي ويو آ. ان خوشي ۾ اڄ منهنجي طرفان توهان سڀني جي ڊنر آهي،"

"ليڪن سائين، اها ته زيادتي ٿيندي، اسان پنهنجي پروگرام سان آيا آهيون. هيئن ٿا ڪيون اڄ جي ڊنر منهنجي کاتي ۾."

احمد اهو ٻڌي خوشدلي سان،

"واهه سائين واهه...... مس مس بابا سائين جا کيسا خالي ڪرڻ جو موقعو مليو آ. ان ڪري هر تڪلف برطرف..... توهان هاڻي ويهو."

اهو چئي ويٽر کي سڏي ٿو ته پر واري ٽيبل ملائي جيئن سڀ گڏ ويهي سگهن.

•

ٻئي ڏينهن شام جو سنڌيا اداس پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي آهي رحمان سان گهاريل هڪ هڪ گهڙي، هڪ هڪ پل خوبصورت يادون هن جي دل ۾ گهاوَ وجهي رهيون آهن. هن هميشه رحمان سان گڏ ۽ رحمان جي محبتن ۾ زندگي جيئڻ چاهي هئي. هن رحمان سان بي تهاشا محبت ڪئي هئي، هن جي بغير هن آڌو زندگي جو ڪو تصور نه هو ان ڪري ئي ايترا سال هن جي سپني زيادتين، بيوفاين جي باجود هن جي سنڀلجڻ جو انتظار ڪيو هو ته ڪڏهن نه ڪڏهن هن کي پنهنجي ۽ هن جي محبتن جو احساس ٿيندو. هو واپس محبتن جي دنيا ۾ موٽي ايندو ۽ پوءِ هو هڪ ڀرپور زندگي جيئندا پر اهو سڀ هن جي خام خيالي هئي، هو ته ان راهه تي هلي پيو هو جتان هن جي واپسي نه پر بربادي ئي بربادي هئي. چڱو ٿيو جو امتياز هن جون اکيون کولي ڇڏيون ته رحمان ته هن جي راهه جو راهي ئي ناهي رهيو. ۽ اج هن کي پنهنجي جنم ڀومي کي ائين لڪ چوري ڇڏڻو پئجي رهيو آهي، رحمان جي سايي کان دور. ڪاش! هوءَ رحمان سان ڪڏهن به نه ملي هجي ها ته زندگي ايتري بي وقعت بي معنيٰ نه لڳي ها. هوءَ انهن ئي سوچن ۾ گم اکيون بند ڪيو ويٺي هئي ته ڪومل ڪمري ۾ اچي ٿي ۽ ڪيس ائين گم سم ڏسي سمجهي وڃي ٿي ته پراڻيون يادون هن کي پريشان ڪري رهيون آهن ۽ گهر ڇڏڻ جي فيصلي هن کي اداس ڪري ڇڏيو آهي. ڪومل چپ چاپ واپس مڙي ٿي ته سنڌيا ڪيس سڏي ٿي.

”پاپي هيڏانهن اچجو مونکي توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.“

ڪومل واپس اچي سندس ڀرسان ويهي ٿي ۽ سندس هٿ پڪڙي چوي ٿي،

”اداس ٿو ٿي ٿين. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سيٽ ٿي وينديون. اسان به ايندا رهنداسين.“

”ڪومل پاپي هڪ ڳالهه چوان واعدو ڪر پوري ڪندينءَ.“

”ها ها چئو... واعدو.....“

”منهنجي اسلام آباد جي پوسٽنگ جي ٻاهر ڪنهن کي به نه ٻڌائجو. چئجو ته ڪمپني جي طرفان ڪٿي ٻاهر ٽريننگ تي ويل آهي.“

ڪومل حيران ٿي وڃي ٿي.

”پر ڇو.....؟“

”اهو مان نه ٿي ٻڌائي سگهان، بس ائين سمجهو ته ڪجهه عرصو مان ڪراچي جي يادن، ۽ ماڻهن کان دور رهڻ چاهيان ٿي، بابا ۽ احمد رابعه آپي وغيره کي توهان ڪنهن نموني مينيج ڪري وٺجو.“

”ٺيڪ آ، وعدو ٿي ڪريان.“

انهيءَ وقت سنيتا اچي ٿي. هوءَ سنيتا کي به ساڳي ڳالهه چوي ٿي، ته سنيتا اهو ٻڌي ڪيس چوي ٿي،

”مون پاڻ چاهيو پئي ته تون ڪجهه عرصي جي لاءِ ڪيڏانهن ٻاهر هلي وڃ.“

اهو چئي سنيتا اٿي ٿي.

●

سنڌيا جي اسلام آباد پوسٽنگ ته ٿي وئي پر هن جي وڃڻ جي تصور کان ئي گهر جا سڀ فرد اداس ٿي ويا هئا. خود سنڌيا به ڏکاري رهڻ لڳي هئي. هوءَ ماءُ جي وفات کان پوءِ ڪڏهن به پيءَ کان جدا نه ٿي هئي، شوڪت علي به سندس ڪيفيت کي محسوس ڪري رهيو هو. سنيتا جي وڃڻ کان پوءِ هو سندس ڪمري ۾ اچي ٿو ۽ سندس پرسان ويهي هن جي مٿي تي هٿ ڦيري ٿو هن جي هٿن جو لمس سنڌيا جو

جيءُ جهوري رهيو هو. پر هوءَ ضبط ڪيو ويٺي رهي. شوڪت علي سندس مٿو پنهنجي ڪلهي تي رکي نهايت ڏکاري لهجي ۾ چوڻ لڳو.

”پُٽ....! هي جيڪا زندگي آهي نہ، اها گلن جي سيج ناهي، هتي قدم قدم تي ڏک بہ ملندا آهن تہ سُک بہ، ڪلبو بہ آهي تہ روئبو بہ آهي، ڏک بہ لڳندا آهن، تہ درد بہ ٿيندو آهي، اهو سڀ نہ هجي ها تہ انسان، انسان نہ سڏجي ها صرف جاندار سڏجي ها. سنڌيا ڌيءُ هي دُک بہ ڏاڍي عجيب شيءِ هوندا آهن، جيترو هنن کان ڀڄبو انهن جي باري ۾ سوچبو، انهن جي شدت محسوس ڪبي، اهي وڌندا ويندا، عذاب بنجي ويندا آهن، ماري وجهندا آهن. جي انهن جي پرواهہ ڪرڻ ڇڏي ڏبي انهن جي پڪڙ کان پاڻ کي ڪڍي ڇڏبو تہ اهي ڀڄي ڀڄي ويندا، ڳالهہ صرف هڪ دفعو همٿ ڪرڻ جي هوندي آهي. تون جيڪڏهن هتان وڃڻ نہ ٿي چاهين تہ اهو سڀ تنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي اسان ڪنهن بہ حالت ۾ توکي اداس ڏسڻ نہ ٿا چاهيون.“

اهو ٻڌي سنڌيا پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ورتي ٿي. هوءَ پيءُ کي ڪيئن ٻڌائي تہ هنن کان الڳ ٿيڻ هن لاءِ ڪيڏو دل جهوريندڙ آهي پر هن کي ويڇٽو آهي چو تہ ان ۾ ئي سينِي جي بهتري ۽ نجات آهي.

”بابا مان بلڪل خوش آهيان اڳتي وڌڻ، ترقي ڪرڻ منهنجو خواب آهي. بس توهان سيني کي ڇڏڻ ڏکيو پيو لڳي جيڪا هڪ فطري ڳالهہ آهي توهان بلڪل بہ پريشان نہ ٿيو مان اتي وڃي سيٽ ٿي ويندس. هاڻي ٻاهر هلو تہ هلي چانهہ ٿا پيون ٻئي اٿي ڪمري مان نڪري اچن ٿا.

رحمان ۽ مريم جي وچ ۾ ڏينهون ڏينهن ويڇا وڌندا پئي ويا. آئي ڏينهن تي ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي ڪو وڏو فساد شروع ٿي ويندو هو. مريم ۽ شهربانو ڳوٺ ۾ شاهاڻا زندگي گذاري هئي. ڪئي نوڪر هر وقت سندن چاڪري ۾ هوندا هئا، ڪئي ڀيرا شهربانو جي دل ۾ خيال آيو تہ سڀ ڪجهہ ڇڏي ڳوٺ هلي وڃي پر رحمان اتي هنن جي لاءِ حويلي کان علاوه ٻيو ڪو آسرو نہ ڇڏيو هو ٻيو تہ هن جي ڌيءَ جيڪا

هينئر ٽن ٻارن جي ماءُ هئي، ان کي هن اوڙاهه ۾ اڪيلو نبرڻ لاءِ ڪيئن ڇڏي وڃي. پوريان سندس الائي ڪهڙو حال ٿئي، اهو سڀ سوچي مجبوري ۾ رهي پئي هئي. روز روز جي جهيڳڙن جو ٻارن تي به اثر پئجي رهيو هو، هو ضدي، بي ڇيا ٿيندا پئي ويا پڙهڻ لکڻ سان هنن جي ڪا به دلچسپي نه رهي هئي ۽ ان جي نه پيءُ کي ڳڻتي هئي ۽ نه ماءُ جي چوڻ ۾ هئا. ائين زندگي گذري رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن رحمان خلاف معمول گهر ۾ هوندو هو ته اهو ڏينهن ٻارن لاءِ عيد جو ڏينهن هوندو هو. ابو اسان کي ڪيپي هيڏانهن گهمائڻ وٺي هلو پوءِ ڪڏهن رحمان جي ڪيسي اجازت ڏني ته هو سندن ننڍڙيون فرمائشون پوريون ڪري وٺندو هو جي نه ته ٽاري ڇڏيندو هو.

•

سنڌيا آرڊر ملڻ کان پوءِ آفيس جون فارملٽيز پوريون ڪرڻ کان پوءِ آخر اتان رليو ٿي وئي، هو جيئن پيڪنگ ڪري رهي هئي تيئن گهر ۾ عجيب اداسي ڇانئجندي پئي وئي. خاص طرح سان شوڪت علي ته ڏاڍو اداس رهڻ لڳو هو. ماءُ جي گذرڻ کان پوءِ هن پنهنجي ٻارن کي ڪڏهن به پاڻ کان پري نه ڪيو هو رابعه به شادي کان پوءِ به ٻئي چوٿين گهر وينئي هوندي هئي، احمد هن جي بڪنگ ڪرائي ڇڏي هئي. ٽن ڏينهن کان پوءِ هن کي اسلام آباد وڃڻو هو. احمد ڪيس پيڪنگ ۾ مدد ڪري رهيو هو ته ڪومل ڪمري ۾ اچي ٿي،

"بابا ڏاڍو اداس ۽ پريشان آهي هلو ته بابا وٽ هلي ويهون ٿا."

"تون رابعه آپي کي فون ڪر ته بابا کي ڪٿي آئوٽنگ تي وٺي ٿا هلون من دل بهلجي وڃيس."

ڪومل اتان ئي ڪارڊليس تان رابعه کي فون ڪري ٿي. اچانڪ احمد جي ذهن ۾ هڪ خيال اچي ٿو.

"هينئن ڇو نه ڪجي ته مان به هفتي کن جي موڪل ٿو وٺان سيئي گڏجي هلون ٿا سنڌيا کي جوائن ڪرائي هن جي رهائش وغيره

جو اطمينان ڪري پوءِ موٽي اچون. ڪومل بہ شادي کان پوءِ ڪيڏانهن گھمڻ نہ وئي هئي ان بهاني هوءَ بہ گھمي ايندي ۽ بابا بہ اتي رهي ڪري اطمينان ڪندو تہ سنڌيا کي ڪو پرابلم تہ ڪون ٿيندو اڪيلو رهڻ ۾."

اهو ٻڌي سنڌيا خوش ٿي وڃي ٿي ۽ ڪيس چوي ٿي،

"تہ پوءِ جلدي سيٽي جون ٽڪيٽون ڪرائي وٺ. پر بابا کي بڪنگ کان پوءِ ٻڌائجانءِ."

احمد ان وقت ئي فون ڪري هڪ سليپر بڪ ڪرائي وٺي ٿو.

●

اڄ شام جو سنڌيا وارن جي راولپنڊي اسلام آباد لاءِ تياري آهي احمد ٽيڪسي ڪرائڻ وڃي ٿو، رابعہ هنن سان موڪلائڻ آيل آهي شوڪت اداس ويٺو آهي تہ رابعہ ڪانئس پڇي ٿي،

"بابا توهان وري اداس ٿي ويا آهيو. سنڌيا سان گڏ تہ وڃو پيا، اتي رهڻ جو انتظام ٿي وڃي تہ توهان بہ اتي ئي رهي پئجو."

"نہ نہ.... مان پلا اتي ڪيئن ٿو رهي سگھان. گذارڻ ڏيوس پنهنجي زندگي، مان پنهنجي گھر کان سواءِ ڪنهن ٻئي هنڌ رهي نہ ٿو سگھان. احمد جي ضد جي ڪري ٻئي ڏينهن لاءِ وڃان پيو جوائن ڪرائي ٻي اُلڪا ٿي هليا ايندا سين. وري جڏهن توهان جي ٻارن جون موڪلون ٿينديون تہ گڏجي هلي چڪر هڻي ايندا سين."

"ٺيڪ آ بابا.... پلي سنڌيا بہ اتي سيٽ ٿي وڃي.... هاڻي وڌيڪ اداس نہ ٿيو. مان هاڻي گھر هلان ٿي اسڪول مان سڏو هيڏي هلي آئي آهيان ٻار پريشان ٿيندا هوندا. بس خير سان وڃو خير سان اچو.. خدا وند ڪريم سنڌيا کي اتي وڃي هر پريشاني کان محفوظ رکندو."

سنڌيا بہ پيءُ سان موڪلائي ٿي سندس اکيون پرجي اچن ٿيون پر اندر ئي اندر پي وڃي ٿي. هوءَ ويندي ويندي پيءُ کي دکي ڪرڻ نہ ٿي چاهي، رابعہ بہ هن جي حالت کان واقف آهي ان ڪري بغير ڪنهن

جذباتي تاثر ڏيڻ جي مقاچرو موڪلائي تڪڙي ٻاهر نڪري وڃي ٿي، هيٺ لهندي ڪيس لڳي ٿو ڄڻ هن جي دل ڦاٽي پوندي وڏي مشڪل سان پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ٿي ۽ ٻاهر اچي ٽيڪسي ڪري گهر هلي وڃي ٿي.

ٿوري دير ۾ احمد بہ ٽيڪسي ڪرائي اچي ٿو ۽ سامان کڻي ٽيڪسي ۾ رکرائي رهيو آهي شوڪت بہ ٻاهر وڃڻ لاءِ لائونج ۾ اچي ٿو. سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ هر شيءِ کي ڏڪارين نظرن سان ڏسي رهي آهي، هن گهر ۽ ڪمري سان هن جي ننڍپڻ جون ڪئي يادون وابسطہ آهن اڪين ئي اڪين ۾ هر شي کي الوداع ڪري ٿي، وري الائي ملڻ ٿئي الائي نہ، ان وقت سندس ڪمري ۾ فون جي گهنٽي وڄي ٿي،

”هينئر وري ويندي ويندي ڪنهن کي فون ڪرڻ جي پئي آهي وڏي فون کڻي ٿي ٻئي طرف لائونج ۾ ڪومل بہ فون کڻي ٿي،

”پڪ آپا گهر پهچي فون ڪئي هوندي.“

ٻئي طرف مردانہ آواز ٻڌي ڪومل جي چهري تي ناگوار ۽ سنڌيا جي چهري تي خوف ۽ نفرت وارا تاثرات پيدا ٿين ٿا، ٻئي طرف رحمان آهي سنڌيا سندس آواز ٻڌي ناگوار لهجي ۾ چوي ٿي،

”توهان هتي ڇو فون ڪئي آهي.“

رحمان مڪارانہ انداز ۾،

”جانِ رحمان ان ڏينهن منهنجو پورو حساب ڪتاب ڪئي بغير تون هلي آئينءَ، توکي خبر آ نہ تہ مان حساب ڪتاب چڪتو ڪئي بغير ڪنهن کي بخش ناهيان ڪندو.“

ڪومل ٻئي طرف اها گفتگو ٻڌي حيران پريشان چپ چاپ رسيور ڪنيو سڪتي جي حالت ۾ بيٺي آهي.

”پليز....! توهان فون رکو مون توهان جي ڊمانڊ پوري ڪري ڇڏي آهي، آئينده مونکي پريشان نہ ڪجو سمجهيو.“

ٻئي طرف هو زوردار ٽهڪ ڏئي ٿو

”اجان تہ هاڻي شروعات ٿي آهي...“

”في الحال فون رکو. صبحاڻي ڳالهائجو...“ ائين چئي سنڌيا فون بند ڪري اچي بيڊ تي ويهي ٿي، وڏا وڏا ساهه کڻي ٿي،

”مان يادن کان پيڇو ڇڏائڻ لاءِ پرديس جهاڳڻ جي تياري ۾ آهيان ۽ هي ويندي ويندي به منهنجي جان عذاب ۾ ڪرڻ کان نه ٿو مڙي.“

ٻئي طرف ڪومل اهي ڳالهيون ٻڌي جڻ ته سڪتي ۾ اچي وئي آهي رسيور رکڻ ئي وسري ويڃينس ٿو.

”ته سنڌيا جي پريشانين جو اهو سبب هو. ڪو شخص هن کي ائين بليڪ ميل ڪري رهيو هو ۽ اسان کي ڪا خبر نه هئي اسان ان کي معمول جو محبت ۾ ناڪامي جو واقعو سمجهندا رهياسين. ۽ هوءَ اڪيلي سِر هن سڄي معاملي کي منهن ڏيندي رهي... تڏهن ئي هوءَ ڪنهن کي پنهنجي نئين ائڊريس ڏيڻ کان لنوائي رهي هئي. سندس منهن تي عجيب قسم جا تاثرات هئا ڏک همدردي، پريشاني پشيماني الائي ڇا ڇا محسوس ڪري رهي هئي.“ انهي وقت احمد مٿي اچي کين ٻڌايو ته ٽيڪسي ۾ سامان رکي ڇڏيو آهي، هن جي منهن کي ڏسي،

”ڇا ٿيو.....! ايڏي پريشان ڇو پئي لڳين.“

”ڪجهه نه..... توهان فهميد کي کڻو ۽ بابا کي وٺي هيٺ هلو.....“

”ڪا ته ڳالهه ٿي آهي ٻڌائين ڇو ڪونه ٿي.“

هوءَ نٽائي وڃي ٿي، ۽ سنڌيا جي ڪمري ڏانهن ويندي،

”هي ڇوڪري الائي ڇا پئي ڪري ترين اچڻ ۾ ٽائيم ڪونهي مان سنڌيا کي وٺي اچان ٿي.“

سنڌيا ڪمري ۾ هن سڄي صورتحال تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ جلدي جلدي پرس ۽ بيگ کڻي ٿي ۽ ٻاهر اچي ٿي ته ڪومل سندس چهري کي غور سان ڏسي ٿي، جيڪو هر قسم جي احساسات کان خالي آهي. سندس منهن تان اها خوشي غائب آهي جيڪا چند ڏينهن کان هر وقت محسوس ٿيندي هئي. سنڌيا کيس ائين گهوريندي ڏسي چوي ٿي،

”پاپي ڪنهن جو انتظار پئي ڪرين، هل نه دير پئي ٿئي.“

ڪومل دل ۾ چوي ٿي،

”منهنجي پيڻ اڳي تہ مان صرف تنهنجي درد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي هئس پر اڄ مونکي تنهنجي دک جي ڪارڻ جي خبر پئجي وئي آهي، خدا ان شخص تي مار وجهندو جنهن توکان نہ صرف تنهنجون خوشيون کسي ورتيون آهن پر هن توکي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.“

احمد جو آواز ٻڌي ٻئي تڪڙيون تڪڙيون ٻاهر نڪري وڃن ٿيون.

•

سنڌيا وارن جي وڃڻ کان پوءِ سنيتا اپاٽڪي ٿي پوي ٿي. هوءَ آئي ڏينهن سنڌيا وٽ ويندي هئي، اڄ هن کي سنڌيا تمام گهڻو ياد اچي رهي هئي. ان ڪري هن رابعہ جي گهر وڃڻ جو سوچيو ۽ رڪشا ڪري اوڏانهن هلي وئي رابعہ بہ کيس ڏسي خوش ٿي وئي، هوءَ بہ بور ٿي رهي هئي. سنيتا رابعہ سان ڳالهيون ڪندي چويس ٿي،

”آپا سنڌيا منهنجي ننڍپڻ جي سهيلي آهي اسان ڪڏهن بہ ائين هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿياسين. اڄ حالتن سنڌيا کي پنهنجي جنم ڀومي ائين ڇڏڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. سچ پڇو تہ سندن گهر بند ڏسي مونکي روئڻ اچي ويو.“

اهو ٻڌي رابعہ حيران ٿي کيس ڏسڻ لڳي،

”اهو ڇا پئي چوين، ڪهڙين حالتن سنڌيا کي هتان وڃڻ تي مجبور ڪيو آهي ڪجهہ مون کي بہ تہ ٻڌايو مان هن جي ڀيڻ آهيان.“

سنيتا کي هڪدم پنهنجي غلطي جو احساس ٿي وڃي ٿو تہ هن اڻ ڄاڻائي ۾ هي ڇا چئي ڇڏيو. ان ڪري پنهنجي ڳالهہ کي نيائيندي مٿي تي هٿ هڻندي چوي ٿي،

”آپا مون کي بہ الائي ڇا ٿي ويو آهي، سنڌيا جي جدائي جي ڪري دماغ ٺي جاياٺتو ڪونهي، ڪهڙيون وري ڪهڙيون حالتون، وڏي نوڪري جي چڪر ۾، ٻيو ڇا لاءِ.“

رابعہ سمجهي وجي ٿي تہ هوءَ نتائي پئي،

”ڪا تہ ڳالهہ تنهنجي اندر ۾ آهي جيڪا مونکان لڪائين پئي.“

”آپا... توهان بہ.... شل نہ ڪا ڳالهہ هٿ اچيو.... سچ پئي چوان، اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي جو توهان کان لڪائجي. (ڳالهہ مٽائيندي) ٻيو ٻڌايو توهان اسلام آباد نہ ويوَ.“

”ٻارن جا اگزيم هئا ان ڪري، ٻيو سوچيم تہ سنڌيا پلي اتي سيٽ ٿي وني تہ پوءِ چڪر هڻنداسين، تون بہ هلجانءِ نہ.“

”آپا مان ڪٿي ٿي هلي سگهان.....“

”چڱو پلا... اهو ٻڌاءِ تہ تون ڪڏهن ٿي شادي ڪرين.“

اهو ٻڌي سنيتا کلي ڏئي ٿي،

”اهو تہ توهان تي ڇڏيل آهي نہ.... مان ڇو ڳڻتي ڪيان.“

”تہ پوءِ مان چوان ٿي طارق کي تہ ڳولهي تنهنجي لاءِ.. باقي اسان واري پيرڻ تہ دل ڪونہ ناري.“

”آپا فڪر نہ ڪيو رشتہ آسمانن تي طئي ٿيل هوندا آهن. وقت بہ ڏٺي سائين جي طرفان مقرر هوندو آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اوڏانهن وجڻ ٺي ان جو سبب بڻجي وجي.“

”الله ڪندو ائين ٿيندو، عمر وجيس ٿي نڪرندي، توکي تہ خبر آهي نہ تہ عمر گذرڻ سان سٺا رشتا اچڻ بند ٿي ويندا آهن.“

”رب سٺائي ڪندو.....“

انهي وقت ماسي چانهہ کڻي اچي ٿي، چانهہ پي سنيتا اٿي ٿي،

”چڱو آپا مان هلان .....“

”ايندي ڪر، جيسين ڪومل وارا اچن.“

”ڪوشش ڪنديس.“

سنيتا جي وڃڻ کان پوءِ رابعہ سوچي ٿي تہ ڪا تہ ڳالهہ آهي جنهن کان سنيتا لنوائي وئي. هن کي سڀ خبرون آهن، مون کي ضرور ان ڳالهہ جي تهہ تائين وڃڻو پوندو.

سنيتا گهر پهچي سک جو ساهہ کنيو. هي هن کان ڇا ٿي ويو سنڌيا ڪيترا واعدا ورتا هئا، تہ هن جو راز ڪڏهن بہ گهر وارن تائين نہ پهچي، اڄ غير ارادي طور هوءَ ڪيڏي غلطي ڪري ويٺي، رابعہ کي وقتي طور تي تہ ٽاري ڇڏيو پر هن بہ دنيا ڏٺي آهي هوءَ ضرور ڳالهہ جي تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي. بهرحال اڄ تہ خير ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن هوءَ نجمہ سان ملڻ سندس گهر وڃي ٿي. نجمہ کيس ڏسي خوش ٿي بيڊ تان اٿي ساٽس پاڪر پائي ملي ٿي، سنيتا سندس پرسان ويهندي شڪايت ڪندي چويس ٿي،

”يڪو وڃي ساهرن ۾ رهي پئينءَ، پوئتي جي ڳڻتي بہ ڪونہ ٿيئي.“

نجمہ ڪلندي،

”توهان جو هتي ويٺيون هيئوَ مونکي ڳڻتي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ڏي خبر، سنڌيا جا ڪهڙا حال آهن. هاڻي تہ ماما تنگ ڪونہ ٿو ڪريس نہ.“

اهو ٻڌي سنيتا کي باهہ وٺي وڃي ٿي،

”ماما.....! تنهنجي ماما ۾ ڪا شناس تہ آهي ڪونہ. گذريل ڪجهہ عرصي ۾ هن کي ايڏو پريشان ڪيو اٿس جو... بس توکي ڇا ٻڌايان،“

هوءَ هر اها ڳالهہ کيس ٻڌائي ٿي جيڪا سنڌيا سان ٿي گذري آهي. سواءِ ان نام نهاد شادي ۽ اسلام آباد وڃڻ جي.“

نجمہ حيرت سان اهو سڀ ٻڌي ٿي، کين خبر ئي نہ ٿي پوي تہ شمسہ ڪيڏي مهل اتي آئي. ۽ سندن هر ڳالهہ لفظ بہ لفظ ٻڌي ورتائين، سنيتا جيئن ڳالهہ پوري ڪري ٿي تہ شمسہ جي اکين ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ لڙڪ اچي وڃن ٿا، وڌيڪ برداشت نہ ٿي ڪري سگهي،

”بي غيرت.....!“

بئي حيران ٿي دروازي ڏانهن نهارڻ ٿيون ۽ شمسه کي ان حالت ۾ ڏسي پريشان ٿي وڃن ٿيون. شمسه اندر اچي ڌڙام ڪري هڪ صوفي تي پاڻ ڇڏي ٿي.

”بي غيرتيءَ جي ته حد ٿي وئي. هن نياڻي سان سڄي عمر ويساهه گهاتيون ڪندو رهيو. هن جي عزت، عزتِ نفس جو جنازو ڪڍي ڇڏيائين ۽ هاڻي بي حيائيءَ جون سڀ حدون اورانگهي ويو آهي، رقمون ڦرڻ ڇا ڪنهن غيرت مند مرد کي سونهي ٿو پر هن ته ابي ڏاڏي جون زمينون نيلام ڪري ڇڏيون، هن مان ٻي ڪهڙي توقع ڪري سگهجي ٿي.“

سنيتا ڌڪاري انداز ۾ چوي ٿي.

”اهو ته اهو پر هو نائيٽ گرلن ۽ ڪيسينو ۾ وڃي جوا ڪرڻ جي چڪرن ۾ سڄي دولت لٽائي رهيو آهي، توهان کي شايد ان جي خبر ناهي.“

اهو ٻڌي ته هو ٻئي وڌيڪ پريشان ٿي وڃن ٿيون...

” اهو وري ڇا پئي چوين ، ڇري ته نه ٿي آهين . “

”آپا سچ پئي چوان پاڻو رحمان روز اڌ اڌ رات تائين اوڏانهن ويندو آهي. ڪا نيلما نالي نائيٽ گرل آهي، اج ڪلهه ان جي زلفن جو اسير آهي صاحبِ موصوف، ۽ ان تي سڄي دولت نڇاور ڪري رهيو آهي.“

”ناممڪن.....! پر اهي خبرون توکي ڪٿان پيون ملن.“

”بس آهي ڪو سورس، جي يقين نه اچي ته جاويد ڀاءُ کي چئي ڪنهن نه ڪنهن نموني ان جي تصديق ڪري وٺجو، مان هاڻي هلان ٿي.“

اهو چئي سنيتا ته هلي وڃي ٿي پر سوين سوال هنن جي ذهنن ۾ ڇڏي وڃي ٿي.

هوڏانهن رحمان راتين جو دير سان گهر اچڻ جڻ ته معمول بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اهو ڏينهن خالي ناهي جڏهن هو نشي ۾ ڌُت گهر نه پهتو هجي، مريم ۽ شهربانو کان علاوه هاڻي ته گهر جي ملازمه خاني به رات

جو در کولڻ لاءِ انتظار ڪندي بيزار ٿي پئي آهي. ان رات بہ هڪ بجي ڌاري رحمان دستور موجب نشي ۾ ڌت گهر جي گيٽ تي پهتو اڄ شايد هن معمول کان ڪجهہ وڌيڪ پيتو هو جو گيٽ تي اچي هارن جي مٿان هارن ڏئي رهيو هو. خاني ڀوڙندي ٿاٻڙندي در ڏانهن ويندي دل ئي دل ۾ گاريون ڏيندي.

”ڪٿان اچي هن شرابي ڪبابي صاحب مان ڦاٿا آهيون. راتين جي ننڊ ئي حرام ڪري ڇڏي اٿس.“

دروازو کولي ٿي تہ رحمان زون ڪري گاڏي اندر ڪڍي اچي ٿو. ذري گهٽ پٽ سان ٽڪرائجي ٿو تہ زور سان بريڪ هڻي گاڏي مان لهي ڌم سان دروازو بند ڪري ٿڙندو ٿاٻڙندو اندر اچي ٿو. آواز ٻڌي مريم ٻاهر اچي ٿي هوڏانهن شهربانو بہ پنهنجي ڪمري جي در کان ڏسي ٿي تہ اڄ وري ڪهڙو زلزلو اچي ويو آهي. مريم ڪاوڙمان.

”ڇو... سويل ئي گهر جي يادگيري اچي ويئي. شرم ڪر ڏيءُ وڏي پئي ٿئي اها توکي اهڙي حال ۾ ڏسندي تہ ڪهڙو اثر وٺندي.“

رحمان اهو ٻڌي ڪاوڙمان زور زور سان ڳالهائي ٿو.

”بس ڪر. جهڙي تون تهڙي هوءَ سنڌيا آهي سڄو وقت ليڪچر. بڪواس .صرف هوءَ نيلما. منهنجي نيلم ئي آهي جيڪا منهنجي درد کي سمجهي ٿي جيڪا منهنجي هڏ ڏوکي. ... منهنجي دردن جي..... ساٿياڻي آهي.... ڏک.... سک... ۾ ڀاڱي.... پائيوار آهي... هوءَ.... سنڌيا.... هلي آ مونسان شادي... ڪرڻ... جا.....خواب.... ڏسڻ.... مون..... بہ ڊرامو..... ڪري... ساڻس ڪو... ڙي.. شادي ... ڪٿي جڏهن.... جڏهن..... پئسا...... گهرينس.... تہ سئو بهانا.... نوڪري.... ڪري ٿي تہ... تہ منهنجو بہ تہ ان ۾ شيئر آ نہ..... ايتري عرصي ۾ ڏنو ڇا ٿس...... پنجاهہ.... سٺ.... هزار ڏنا هوندائين.... يا... ڪٺي ستر اسي هزار..... ان تي بہ ناراض پئي ٿئي... تہ تون مونکي بليڪ...... ميل ٿو.. ڪرين.... هاڻي ڏس نہ مريم بيگم. زمينون... تہ ويون ختم ٿي... آخر... مان... نيلما...جو خرچ ڪٿان پورو ڪيان.... جنهن منهنجو.... هر....هر... ڏک ونڊيو..... آهي.....

اهو سڀ ٻڌي مريم ۽ شهربانو جا ته تاڪ لڳي وڃن ٿا.... ٻئي هڪ ٻئي کي حيراني مان ڏسن ٿيون.... رحمان ٽڙندو ٽاپڙندو ڪمري ۾ اچي بيٺ تي ڦهڪو ڪري ٿو شهر بانو ٻاهران اشاري سان ڏيءُ کي ڪجهه سمجهائي ٿي ته مريم به اچي رحمان جي پرسان ويهي ٿي، رحمان سمجهي ٿو ته هوءَ سندس دک درد ونڊڻ لاءِ اچي ويٺي آهي، هٿ پڪڙي چويس ٿو

”ڏس نه..... مريم بيگم.... ان ڏينهن آڏٿ وارن ڏهه هزار گهريا... اهي ڇا گهريا.... مانس ڪاوڙ لڳي ويس.... منهن تي ڦٽا ڪري هلي وئي.... ۽.... هاڻي..... ته فون به نه ٿي کڻي.... آفيس ويو مانس... ته ٻڌاين.... ته ڪجهه ڏينهن کان آفيس..... ئي ڪون ٿي اچي،

هاڻي تون ئي ٻڌاءِ صبحاڻي نيلم جي سالگره آهي..... مان هن کي ڪٿان تحفو..... وٺي ڏيان......“

”پر زمينن جا پئسا.... انهن جو ڇا ڪيو.....“

”اڙي... تون به ڪا صفا ڇري آهين.... ڇيم نه ته.... زمينون.... ته.... ڪڏهن جو وڪرو ٿي.... ويون.... ۽.... هاڻي.... مون وٽ.... ڪجهه.... به.... ناهي سڀ ڪجهه ختم ٿي.... ويو.... “

”پر تو ته چيو هو ته ڪمدار ڪوڙتو هٽي.....“

جواب ڏيڻ کان پهرين ئي هن کي ننڊ کڄي وڃي ٿي..... شهربانو ڪمري جي در تي اچي ڪيس اشاري سان سڏي ٿي، مريم ڪاوڙ ۽ نفرت سان سندس منهن تڪيندي ٻاهر هلي وڃي ٿي. ٻاهر ماڻس جو به موڊ سخت خراب آهي،

”ڏٺئي نه ان ڏينهن ته رحمان صفا الي ويو هو ته ڪمدار ڪوڙتو هٽي.... اسان هرويرو هن نياڻي سنڌيا کي پئي گار گند ڪيو وڃان وڃي ڪوٺن تي اسان جي ابن ڏاڏن جون نشانيون نيلام ڪيائين.“

مريم جيڪا ڪاوڙ سان گڏ ڏک ۾ وسامجي وئي هئي،

”شرم ڪونه آيس اسان کي ته لُٽيائين پر هن سنڌيا کي به نه ڇڏيائين.“

”مئو ماريو خدا غرق ڪريس... هاڻي اسان جو ڇا ٿيندو... اهي سڀ گل بانو ۽ سنڌيا جون پٽون آهن..... مان به چوان تعويذ اثر ڇو ڪونه ٿا ڪنس حرام ڪارن ڪي پلا اهڙيون شيون ڪٿان اثر ڪنديون.....“

”بس امان ڦاٿي کان پوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو.... هاڻي ته ڳوٺ به نه ٿا هلي سگهون، نه ئي هتي رهڻ لاءِ ڪجهه بچيو آهي.... سڀ الله تي رکي ماٺ ڪري ويهه، اجايو سوچي سوچي بيمار ٿي پونديئه. هاڻي هلي آرام ڪر، خاني امان جو خيال ڪجانءِ..... مان هلان ٿي ڪمري ۾ متان نومي نه اٿي پوي.“

مريم ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي ته شهربانو به مٿو ٻڌي پاسو ورائي سمهي پوي ٿي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شوڪت علي وارا سنڌيا کي اسلام آباد ۾ جوائن ڪرائي ۽ کيس ڪميشن پاران مليل رهائشي فليٽ ۾ سيٽ ڪري واپس اچن ٿا.

هڪ ڏينهن شام جو هو سنڌيا کي ڏاڍو ياد ڪندي اداس ٿي ويا آهن ڪومل پيءُ کي ڪوڙي آٿت ڏئي ٿي، جڏهن ته هوءَ پاڻ اندر ئي اندر جهُري رهي آهي، ان وقت دروازو کڙڪي ٿو ڪومل وڃي ڏسي ٿي ته در تي خاله زهره بيٺي آهي ان کي ڏسي سندس دل ڀرجي اچي ٿي اتي ئي خاله کي ڀاڪر پائي روئي ڏئي ٿي، خاله کيس مٿي تي هٿ رکي دلداري ڏئي ٿي،

”ڀلو وڃي رهي پيئڙَ مان سکر مان موٽي آيس ته گهر کي تالو ڏسي ڀهرين ته پريشان ٿي ويس. پوءِ رابعه کي فون ڪيم جنهن ٻڌايو ته توهان اسلام آباد ويا آهيو.“

”بس خاله اسان به اوڏانهن ڀهريون دفعو ويا هئاسين. سوچيوسين ته سنڌيا به پلي سيٽ ٿي وڃي ۽ اسان به گهمي ڦري وٺون. روز ته وڃڻ

ڪونہ ٿيندو نہ..... انڪري احمد بہ ٽيليگرام ڪري هفتو موڪل وڌرائي ورتي.“

”چڱو ٿيو جو گهمي ڦري آيئوَ. تون بہ شادي ڪان پوءِ ڪاڏي ڪونہ وئي هئينءَ.“

هنن ڳالهيون پئي ڪيون تہ سنيتا بہ اچي نڪتي،

”اڙي پاپي ڪهڙا حال ڪهڙا چال. ڀڪو پيا گهمو پوئتي وارن جي بہ ڪا يادگيري ڪونہ ڪيو.“

”ڏي خبر سنيتا تون تہ ٺيڪ آهين نہ.“

”مان ٺيڪ آهيان. ڏيو خبر سنڌيا جي ٽريننگ شروع ٿي....“

”ٽريننگ....! ها ٽريننگ شروع ٿي وئي.“

”چڱو مان هلان ٿي. هيڏانهن مائٽن ڏانهن وئي هئس. سوچيم ڏسندي وڃان تہ توهان آيا آهيو يا نہ... سنيتا وڃي ٿي تہ خالہ ڪلندي چوي ٿي.

”هي ڇوڪري بہ عجب جهڙو ڪردار آهي. گهڙي ڪن بہ ڪٿي ٽڪاءِ ڪونهيس پنج منٽ هتي پنج منٽ هُتي.“

”خالہ اها بہ شابس اٿس جو ڪٿي بہ پيرو ناهي ڀڄندي. هر ڪنهن جي ڏک سک ۾ پاڳي پائيوار لڳي پئي هوندي آهي.“

سنيتا جيئن ٻاهر نڪري ٿي تہ کيس احساس ٿئي ٿو تہ اوندهہ پئي ٿئي. تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي گهر ڏانهن وڃڻ لڳي ٿي تہ کيس محسوس ٿئي ٿو تہ ڪو ماڻهو سندس پويان پيو اچي. هوءَ ڊپ ۾ وڌيڪ تيز قدمن سان هلڻ لڳي ٿي. جيئن گهر واري گهٽي ۾ داخل ٿئي ٿي تہ اهو ڏسي ڊپ ورائي وڃينس ٿو. گهٽي سنسان لڳي پئي آهي ڪو وانگي بہ ڏسڻ ۾ نہ پيو اچي. سوچي ٿي.

”الائي ڪير آ. ڪاٿي ڪو ڦورو نہ هجي.“

رئي جي پلو سان ٻانهن ۾ پيل چوڙيون لڪائي ٿي.

”هئي ڀڳوان تون لڄ رکجانءِ. مان بہ نما شام جو اڪيلي نڪري ٿي پوان.“ وس نہ ٿو پڄيس تہ وني ڊوڙ پائي. اڳتي وڌي ٿي تہ پيڇو ڪندڙ سندس ڪان بہ تيز قدمن سان وڌي سندس آڏو اچي هن ڏي هٿ

وڏائي ٿو تہ سنيتا کان ذري گهٽ رڙ نڪرندي رهجي وڃي ٿي، سامهون بيٺل شخص تي نگاهہ پوِيس ٿي تہ اکيون ڦاٽي وڃنس ٿيون چهري تي عجيب تاثرات اڀري اچنس ٿا. ذري گهٽ رڙ ڪندي،
”ڀائو رحمان توهان....!
”ها سنيتا ڀيڻ مان آهيان.... ڪيترن ڏينهن کان توهان سان ملڻ پئي چاهيم.“
سنيتا جيڪا هاڻي رحمان جي ڪرتوتن کا چڱي طرح واقف ٿي وئي هئي، ڪاوڙ مان پڇيس ٿي،
”پر ڀائو ائين پيڇو ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، ڪو ماڻهو ڏسندو تہ ڇا سوچيندو.“
اهو ٻڌي رحمان شرمسار ٿيڻ جي بجاءِ کلي چوي ٿو،
”سنيتا ڀيڻ پراڻا پاڙيسري آهيون ڪنهن کي ڪجهہ سوچڻ جي ڪهڙي ضررت پئي آهي.“
اهو ٻڌي ويتر چڙي پوي ٿي،
”پر بہ.... اهو ڪهڙو طريقو آ.... نيڪ آ، جلدي ٻڌايو ڇو پيا ملڻ چاهيو. مونکي دير پئي ٿئي،“
رحمان رازدارانہ انداز ۾ چويس ٿو
”در اصل ڪافي ڏينهن کان توهان جي سهيلي نظر نہ پئي اچي.“
خار مان چوي ٿي،
”ڪير سنڌيا....! ڇو وري ڪا ضرورت پئي اٿو ڇا.“
”ڇا جي ضرورت....؟ اهڙي تہ ڳالهہ ناهي، اصل ۾ هوءَ ڪافي ڏينهن کان ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آئي. آفيس ۾ بہ ڪونہ ٿي وڃي گهر فون ٿو ڪيان تہ ڪير اٽينڊ ڪونہ ٿو ڪري.“
”مونکي خبر ناهي مان ڪافي ڏينهن کان اوڏانهن ڪونہ وئي آهيان. ڳالهہ کي ٽاريندي، ناني ڏک پئي ڪري تہ رحمان مهينن جا مهينا گذري ٿا وڃن تہ اچي نٿو.“
”امان بہ هرويرو پئي پريشان ٿيندي آهي، ڇڏيو ان ڳالهہ کي توهان سنڌيا لاءِ ڪونہ ٻڌايو.“

هاڻي مجبور ٿي سنيتا کي جان ڇڏائڻي پئي،
”گهڻا ڏينهن ٿيا وئي هئس ته پاڇائس ٻڌايو پئي ته ڪٿي ٻاهر ٽريننگ لڳي اٿس اوڏانهن وئي آهي.“
حيرت مان، ”ٽريننگ تي...؟ ڇا جي ٽريننگ... ڪٿي....؟“
”پائو اهو ته مون به ڪونه پڇيو... بس هاڻي مان هلان ٿي.... ۽ ها... اڳتي ائين منهنجو پيڇو نه ڪندا ڪيو. هر ڪنهن جي عزت هوندي آهي.“
اهو چئي تڪڙا قدم کڻندي اڳتي وڌي وڃي ٿي.

رحمان اڄ گهڻي عرصي کان پوءِ جلدي گهر موٽي آيو هو مريم سان گڏ ٻار به حيران هئا، آخر فواد جيڪو ڪافي سمجهدار ٿي ويو آهي پيءُ کان پڇي ٿو، ”ابو چو... خير ته آهي نه....“
”ائين ڇو پيو پڇين......“
نينا جيڪا پيءَ جي ڳالهه ٻڌي حيران ٿئي ٿي ته ابو فواد جو چرچو به نه سمجهو کلي چويس ٿي، ”ابو توهان به صفا نه ٿا سمجهو فواد چوي ٿو ته توهان اڄ جلدي گهر ڪيئن اچي ويا آهيو.“
مريم ڪاوڙ مان چوي ٿي،
”بس ڪونه مليو هوندس ڪو دل پسند دوست.“
رحمان سندس ٺوڪ وارو لهجو ٻڌي،
”ڇڱو ڇڱو... هاڻي بس ڪيو.... آهي ڪو چانهه جو ڪوپ.“
مريم نينا کي چوي ٿي ته وڃي خاني کي چانهه لاءِ چئي اچي . ٿوري دير ۾ خاني چانهه کڻي اچي ٿي، رحمان چانهه پئندي پيار پرين نگاهن سان مريم کي ڏسندو رهي ٿو ويچاري عورت، مرد ڪيترا به ڏک ڏئي ڪيڏا به پروسا توڙي، بس جي هڪ نظر پيار جي وڌائين نه، ته سڀ ڪجهه وسري ويندس، مريم به عرصي کان پوءِ مڙس کي ائين نهاريندي ڏٺو ته شرمائجي وئي رحمان سندس هٿ جهلي پاڻ ڏي ڇڪيس ٿو ته شرمائجي چوي ٿي،
”ڇڏ... ٻارن جو ته خيال ڪر....“

فواد ڪلنديءَ،
”ابو اڄ توهان ڏاڍو خوش پيا لڳو.....“
”اڄ ابو اسان کي ٻاهر وٺي ويندو آئسڪريم کارائڻ.....“
نينا لاڏ مان چوي ٿي:
فواد چيڙائيندي،
”تون بہ ڏاڍي چٽوري آهين، چپ ڪري نہ ٿي ويهين.“
مريم موقعي جو فائدو وٺندي،
”ٻارن کي چڪر ڏياري اچ نہ......“
”يار.... صفا مولائي لڳو پيو آهيان.....“
”مان ٿي پئسا ڏيانءِ اڄ ٻارن کي ڪٿي هلي ماني کارائي اچ.“
”ها اهو نيڪ آهي.“
مريم اٿي الماري مان ڪجھ پئسہ ڪڍي رحمان کي ڏئي ٿي،
”يار ايتري مان گذارو ڪونہ ٿيندو، پنج تہ ڪري ڏي.“
مريم عام عورت جيان مڙس جي ٿوري توجہ ڏسي هرڪجي پوي ٿي ۽ وڌيڪ پئسہ ڪڍي کيس ڏئي ٿي. پئسا کيسي ۾ وجهي رحمان چويس ٿو تہ هو وڃي تياري ڪن پاڻ ٿوري دير آرام ڪري وٺي. ۽ ٻئي طرف منهن ڪري سمهي پوي ٿو تہ مريم ٻئي ڪمري ۾ وڃي ٻارن کي تيار ڪري ٿي، رات جا نوَ ٿين ٿا تہ مريم ڪمري ۾ وڃي ڏسي ٿي رحمان گهري ننڊ ۾ پيو آهي، کيس جاڳائيندي مناسب نہ ٿي سمجهي، ٻاهر نڪري وڃي ٿي.
شهربانو کيس موٽندو ڏسي پڇي ٿي،
” اڃان نہ ويئو ڇا..... “
مريم پيار پرئي لهجي ۾،
”امان رحمان الائي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اٿين گهري ننڊ ۾ سمهيو آهي اٿارڻ تي دل نہ ٿي چوي..... پاڻهي اٿندو....“
ٻار مايوس ٿي وڃن ٿا وقت تيزي سان گذرندو وڃي ٿو تہ مريم خاني کي چوي ٿي تہ هوءَ ۽ فواد وڃي سامهون واري بيڪري تان آئسڪريم ۽ ٻار ٻيو جيڪو چون وٺي اچي، خاني ۽ ٻار ٻاهر وڃن ٿا ۽

شيون وٺي واپس اچن ٿا. پر رحمان سجاڳ نه ٿو ٿئي ته مريم به آسرو پلي ماني کائي سمهي پوي ٿي. صبح جو رحمان الارم جي آواز تي ڇرڪ ڀري اٿي ٿو ۽ گهڙي ۾ ٽائيم ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو ۽ سوچي ٿو ته اڄ پيا ٽين ٻار انتظار ڪندا هوندا مان به لاڳيتو سمهي پيو آهيان. پاسو ورائي ڏسي ٿو مريم پاسي ۾ گهري ننڊ سمهي پئي آهي، ايتري قدر جو الارم تي به نه جاڳي آهي، پڇڪندي،

”هي ڇو سويل ئي سمهي پئي آهي ۽ اها به ايڏي گهري ننڊ.“

پرسان بيبي ڪاٽ ۾ نومي جي روئڻ جو آواز اچي ٿو

”هي نومي به اڄ جلدي سمهي پيو.“

سندس نظر سامهون دري جي شيشي تي پوي ٿي ٻاهر سج جي روشني ڏسي وڏيڪ حيران ٿئي ٿو.

”اڇا ته صبح جا اٺ پيا ٿين ۽ مان سڄي رات سمهيو پيو هوس.“

ٽپ ڏئي اٿي ٿو ته مريم به سستيءَ مان اٿي بيڊ تي ويهي ٿي، ٽوڪ واري انداز ۾،

”ننڊ پوري ٿيئي.... اسان وٽ رڳو ننڊ ڪرڻ ايندو آهين. باقي جاڳين ته الائي ڪٿي ٿو. ٻار ويچارا ٻارهين بجي تائين انتظار ڪري ڪري آخر سمهي پيا.“

”ريئلي آءِ ايم سوري، مون کي اٿاريو ڇونه......“

”تون اهڙي نموني سمهيو پيو هئين دنيا کان بيخبر. جو دل نه پئي چاهيو ته توکي جاڳايان. شڪايتي انداز ۾ ڏڪاري ٿي،ننڊ ۾ ئي سهي گهٽ ۾ گهٽ تون گهر ۾ ته هئين، نه ته الائي ڪٿي هوندو آهين.“

”چڱو ڇڏ ان بحث کي اٿي ڏس خاني ناشتو تيار ڪيو آهي، ٻار اسڪول ڪونه ٿا وڃن ڇا؟“

”ويا هوندا خانيءَ موڪليو هوندن.“

اهو چئي مريم ٻاهر نڪري وڃي ٿي ته رحمان اٿي باٿ روم هليو وڃي ٿو.

ان واقعي کي ڪافي ڏينهن گذري وڃن ٿا ته رحمان کي وري پئسن جي ضرورت پئي ٿي. اڌ مهيني جي گذرڻ کان پوءِ جڏهن هن جي

پگهار ختم ٿيندي آهي تہ هو وري هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳندو هو. ڪڏهن آفيس جي رجسٽرن ۽ رڪارڊ ۾ هيرا ڦيري ڪري ڪجھ انتظام ڪري وٺندو هو تہ ڪڏهن ڪنهن دوست يار کان ڪجھ بندوبست ٿي ويندو اٿس. زندگي بس انهن راهن تي گهلبي پئي وئي. ٻار بہ تيزي سان وڏي رهيا هئا تہ انهن جون تقاضائون بہ ڏينهون ڏينهن وڌنديون پئي ويون. پيءُ جي عدم توجهي جي ڪري ٻنهي وڏن ٻارن جي لکڻ پڙهڻ سان دلچسپي گهٽ ٻين غلط سلط ايڪٽوٽيز ۾ وڌندي پئي وڃي، هو ماءُ ۽ ناني جي چئي ۾ بلڪل ناهن. ائين وقت پنهنجي اڏنگي چال سان گذرندو پيو وڃي، رحمان کي اجان بہ سنڌيا جي ملڻ جو آسرو آهي تہ هوءَ ضرور ٽريننگ پوري ڪري واپس ايندي. هڪ ڏينهن آفيس ۾ ويٺو آهي تہ اچانڪ ذهن ۾ اچيس ٿو تہ هڪ ڀيرو وري آفيس جو چڪر لڳائڻ گهرجي متان سنڌيا آئي هجي، اهو سوچي گهڙي ڏسي اٿي ٿو ۽ گاڏي ڪڍي سڌو سنڌيا جي آفيس اچي ٿو گاڏي پارڪ ڪري آفيس ۾ وڃي ٿو. مظفر آفيس ۾ فائيلن ۾ گم آهي تہ پٽيوالو اچي ٻڌائي ٿو تہ ڪو رحمان صاحب توهان سان ملڻ لاءِ آيو آهي. اهو ٻڌي مظفر سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو تہ هو تہ ڪنهن رحمان کي ڪونہ ٿو سڃاڻي پر اهو نالو ڪجھ ٻڌل ٿو لڳي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر ڪجھ سمجھ ۾ نہ ٿو اچيس تہ پٽيوالي کي ڪيس اندر وٺي اچڻ جو چوي ٿو، رحمان جيئن اندر اچي ٿو تہ کيس ڏسي هن کي سڀ ڪجھ هڪ پل ۾ ياد اچي وڃي ٿو اخلاقًا اٿي ساڻس ملي ٿو ۽ ڪرسي آفر ڪري ٿو، رحمان ويهي ٿو تہ هو ساڻس حالي احوالي ٿيندي ، خوش اخلاقي سان،

”ڏيو خبر اڄ هيڏانهن خير ۾ اچڻ ٿيو.“

”ڪافي عرصي کان سنڌيا سان ملڻ نہ ٿيو هو سوچيم اڄ آفيس وڃي ساڻس ملي اچجي، پر سندس آفيس خالي ڏٺم تہ هيڏانهن هليو آيس تہ توهان کان پڇي وٺجي.“

اهو ٻڌي پهرين تہ مظفر وائڙو ٿي وڃي ٿو تہ هي تہ سنڌيا جي بقول هن جو فيانسي آهي. تہ پوءِ هن کي سنڌيا جي باري ۾ ڇو معلوم

ناهي، اوچتو هن کي اهي منظر ياد اچي وڃن ٿا جڏهن سنڌيا ڪيس ڏسي خوفزده ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ ڪيس سنڌيا جو اهو واعدو ياد اچي ٿو ته ان جي باري ۾ ڪنهن کي به ناهي ٻڌائڻو. اهو سوچي مظفر پاڻ تي ڪنٽرول ڪري وٺي ٿو ۽ عام رواجي انداز ۾ ڪيس چوي ٿو

”توهان کي خبر ناهي ڇا..... ميڊم سنڌيا ڪنهن فارين ٽريننگ جي سلسلي ۾ ٻاهر ويل آهي.“

”ٻاهر...!“ هن جي چهري جا تاثرات هڪدم بدلجي وڃن ٿا، ته سوني جهرڪي اڏامي وئي.

بيدلي سان موڪلائي اٿي ٿو. مظفر هن جي بدلجندڙ موڊ کي ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو. ڇڙ هن جي هٿن مان ڪو قيمتي طوطو اڏامي ويو هجي.... هو هڪ جهانديده شخص آهي سڄي ڳالهه کي سمجهي وڃي ٿو ۽ سنڌيا جي پريشانين کي ياد ڪندي اداس ٿي وڃي ٿو.

●

شوڪت علي اسلام آباد مان واپس ته اچي ويو پر هو هر وقت سنڌيا جي سلسلي ۾ فڪرمند رهڻ لڳو. هوءَ ڪڏهن به ائين گهر وارن کان ايترو پري نه رهي هئي، ڪومل ۽ احمد هر وقت سندس دلجوئي ۾ لڳا پيا هوندا هئا، هفتي ۾ هڪ به دفعا ڪڏهن احمد ته ڪڏهن خود سنڌيا هن سان فون تي حال احوال ڪندا هئا پر شوڪت علي کي هر وقت اوڏانهن جي تانگهه ۽ اونو بيچين ڪندو رهندو هو هڪ ڏينهن احمد صبح جو ڪيس ٻڌايو ته سنڌيا رات فون ڪئي هئي ٻڌايائين پئي ته ڪيس اتي ڪميشن جي طرفان هڪ ننڍڙو گهر سيپريٽ الاٽ ٿيو آهي ڪمپائونڊ جي اندر آهي ۽ ڪافي سيف آهي اهو ٻڌي پهرين ته شوڪت علي پريشان ٿي وڃي ٿو ته هاڻي هوءَ اڪيلي ٿي وئي هوندي، اڳ ۾ ته هن سان گڏ ان فليٽ ۾ به ٽي ٻيون به ڇوڪريون رهنديون هيون. ته اسان کي به الڪو ڪونه هو. ان تي احمد دلداري ڏيندي چويس ٿو ته انهن ئي ڇوڪرين مان هڪ سان هن جي ڪافي

اندراستينڊنگ ٿي وئي آهي اها رات جي وقت ساڻس اچي رهندي، اهو ٻڌي ڪيس اطمينان ٿئي ٿو. ۽ چوي ٿو ته اهو ته ڏاڍو سنو ٿيو رابعه جون ٻه ويڪيشنس ٿيڻ واريون آهن، چيائين پئي ته ٻارن کي وٺي وڃي گهمي ڦري ايندي.

اهو ٻڌي ڪومل چويس ٿي ته ڇو نه هو ٻه ساڻس گڏ هليو وڃي، اهو ٻڌي هو سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو.

”بابا ڇا پيا سوچيو.“

”سوچيان پيو ته چوين ته ٺيڪ ٿي پر تون هتي اڪيلي ٿي پوندينءَ.“

”بابا منهنجو فڪر نه ڪيو مان مينيج ڪري وٺنديس.“

●

ائين وقت پنهنجي عام رفتار سان گذرندو رهيو. ڪڏهن رابعه وارا موڪلن ۾ اوڏانهن هليا وڃن ٿا ته ڪڏهن ڪومل ۽ احمد اوڏانهن گهمي ڦري اچن ٿا سنڌيا ٻه آهسته آهسته پنهنجي ماضي جي تلخ ۽ خوفناڪ يادن جي ڀنور مان پاڻ آجو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کي آفيس جي ڪم ڪارين ۾ مصروف رکي ٿي هوءَ هميشه جيان دل لائي ڪم ڪري ٿي ان ڪري بالا آفيسر هن جي ڪم مان ڪافي خوش آهن.

هڪ ڏينهن رابعه مائٽن وٽ آيل آهي پيءُ کي ڇيڙيندي چوي ٿي:

”بابا اڄ فون ڪري سڏايو خير ته آهي نه. مس مس اسان جي ياد آئي اٿوَ نه ته يا ته اسلام آباد ياترا تي هوندا آهيو يا سنڌيا جي يادن ۾، اسان کي ته ڪو پڇندو ٻه ناهي.“

احمد لاڳ وٺرائيندي،

”سنڌيا بيگم ته اسان سيني جا نمبر ڪٽي وئي آهي.“

شوڪت اهو ٻڌي چوي ٿو:

”ننيڙي هوندي توهان ٻئي وڏا هئڻ جي ناتي هر ڳالهہ ۾ هن جو حصو هڙپ ڪري ويندا هيئوَ ۽ هوءَ ويچاري پئي اکيون ٽمڪائيندي هئي.“

اهو ٻڌي ڪومل اداس لهجي ۾ چوي ٿي.

”بابا هوءَ ويچاري تہ اڄ بہ پنهنجي حصي لاءِ پنهنجي حق لاءِ فائيٽ ڪري رهي آهي. ڪاش! ان جي زندگي ۾ بہ ڪا بهار اچي.“

اهو ٻڌي رابعہ پريشان ٿيندي.

”اهو ڇا پئي چوين ڪومل. مونکي تنهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.“

ڪومل ڳالهہ ٽٽائيندي.

”ڪجهہ بہ نہ مون تہ ائين ئي پئي چيو.“

”اهڙيون ڏيڄارڻ واريون ڳالهيون تہ نہ ڪر...... بابا طارق موڪل منظور ڪرائي ورتي آهي توهان بہ تياري ڪري وٺو هلڻ جي.“

ان وقت مائي عالما چانهہ کڻي اچي ٿي تہ ڳالهين جو سلسلو موقوف ٿي وڃي ٿو.

وقت جو ڦيٿو ڦري ٿو. جيڪي ٻار هئا اهي وڏا جوان ٿي وڃن ٿا جيڪي وڏا هئا انهن جي وارن ۾ چاندي جهلڪڻ لڳي ٿي زندگي بس روان دوان آهي. گل بانو ضعيف ٿي وئي آهي. هلڻ ڦرڻ کان لاچار. شمسہ رٽائر ٿي هر وقت سندس خدمت ۾ مصروف رهي ٿي. هوڏانهن رحمان سنڌيا کان آسرو پلي پنهنجي عياشي لاءِ نيون راهون تلاش ڪري ورتيون آهن. جڏهن کان هن جو پروموشن ٿيو آهي ۽ ڪيس خود مختيار سيٽ سنڀالڻ جو موقعو مليو آهي تہ هن وڏا وڏا داءُ کيڏڻ شروع ڪيا آهن ۽ رڪارڊ ۾ هيرا ڦيري ڪرڻ ۾ ڪيس ڪا جهل پل ڪانهي رهي. اگر ڪڏهن ڪنهن ماڻهو مٿي ڪا شڪايت ڪئي تہ هو انهن آفيسرن سان ڏيتي ليتي ڪري پنهنجو پلَوُ صاف ڪندو رهندو آهي. ان ڪري هن ننيڙو گهر وڪرو ڪري پوش علائقي ۾ هڪ سٺو بنگلو خريد ڪري ٻارن کي اتي شفٽ ڪري ڇڏيو آهي. گهر ۾ پئسي جي ريل پيل جي ڪري ٻار بہ انهي ڏگر تي هلڻ شروع ٿي ويا آهن.

ان ڏينهن بہ شام جي وقت گلبانو جي طبيعت ڪجهہ بهتر هئي ۽ گهڻن ڏينهن کان پوءِ ٻاهر لائونج ۾ اچي ويٺي هئي، جاويد بہ آفيس مان موٽي آيو هو ۽ سيني سان گڏ چانهہ پئي پيتائين تہ نجمہ ماءُ کي ٻڌايو.

”امي جاويد پئي ٻڌايو تہ سندس آفيس جي هڪ جونيئر آفيسر کيس ٻڌايو تہ نينا سندس هڪ دوست سان اڪثر گهمندي رهندي آهي.“

اهو ٻڌي شمسہ کي اعتبار نہ آيو.

”اهو ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي، نينا ڪيترو بہ لاڏ پيار ۾ پلجي وڏي ٿي هجي پر مريم ڪجهہ تہ سندس تربيت ڪئي هوندي“

جاويد چانهہ جو ڪوپ رکندي،

”امي...! جنهن آفيسر ڳالهہ ڪئي پئي، اهو ماما رحمان وارن جي نئين گهر جي بلڪل سامهون واري گهر ۾ رهندو آهي ۽ کين ڪافي وقت کان سڃاڻي.“

اهو ٻڌي گل بانوءَ کان رهيو نہ ٿو ٿئي،

”هتي پاڙي ۾ رهندا هئا تہ ڪڏهن سندن خبر چار پئي پوندي هئي. جڏهن کان نئين گهر ۾ ويا آهن تڏهن کان اسان وٽ تہ اچڻ ئي ڇڏي ڏنن... ابا جاويد جي ڇوڪرو سنو آهي تہ پوءِ رحمان وارا ڪٽي سگ ڪن.“

”ناني امان....! اها ئي تہ پريشاني آهي، آفيسر ٻڌايو پئي تہ ڇوڪرو چال چلت جو سنو ناهي ۽ هن جي فيملي بہ ڏاڍي لالچي آهي....“

اهو ٻڌي گل بانو وڌيڪ پريشان ٿي شمسہ کي چوي ٿي تہ هوءَ رحمان کي فون ڪري گهرائي ڏئي، هوءَ کيس ٻڌائيندي تہ ڇوڪري هٿن مان ٿي وڃي. ان جو جلد ڪو بلو ڪري. شمسہ طنزيہ انداز ۾ ماءُ کي چوي ٿي تہ نينا تمام گهڻي ضدي، خودسر ۽ آزاد خيال ٿي وئي آهي گهر ۾ ڪنهن جي بہ نہ ٿي ٻڌي، پيءَ جي تہ اصل نہ. ان کي گهرائڻ مان ڪو فائدو ڪونهي.

اهو ٻڌي گل بانو جا ته مٿي تي هٿ اچي وڃن ٿا.

”هاڻي ڇا ٿيندو، رحمان مريم وارن کي لُٽيو پنهنجي ڪرٽي تي سامهون اچيس، خدا خير ڪري.“

”امان توهان پريشان نه ٿيو چاچي شهربانو زماني جي عورت آهي. الله ڪندو ته سڀ ڪجهه سنڀالي وٺندي، ڪنهن ڏينهن ان کي سڏي ڀڳالهه ڪن تي وجهي ڇڏيندس، هاڻي هلي آرام ڪيو.“

●

ٻئي طرف نينا جيڪا سورهن سترهن سالن جي الهڙ ۽ خوبصورت ٿي وئي آهي. لاڏ پيار سڀني ٻارن سان گڏ هن جون به عادتون بگاڙي ڇڏيون آهن. حد درجي جي ضدي ۽ خودسر بنجي وئي آهي، پيءُ جي عدم توجهي سبب هن جي دل مان پيءُ جو روائتي نموني وارو خوف جيڪو هميشه ٻارن کي ٿيندو آهي، ختم ٿي ويو آهي ماءُ ۽ ناني کي ته هوءَ ڪنهن به کاتي ۾ نه ٿي آڻي، اڄ به بليڪ جينز ۽ پرنٽيڊ ريڊ شرٽ ۾ هوءَ تمام خوبصورت لڳي رهي آهي. تيار ٿي ٻاهر نڪري ٿي ته ماڻس پڇيس ٿي ته هينئر نهي نڪي ڪيڏانهن پئي وڃين، اهو ٻڌي سندس موڊ خراب ٿي وڃي ٿو ۽ هڪدم ڪاوڙ مان جواب ڏئي ٿي.

”امي توکي هزار دفعه چيو اٿم ته وڃڻ مهل ٽوڪيندي نه ڪر پر توکي ته عادت آ روائتي ماءُ بنجڻ جي. اهو زمانو ويو جڏهن ڇوڪرين جي ٻاهر نڪرڻ تي پابندي هئي، هاڻي اسان ۽ پائرن ۾ ڪو فرق ناهي ڪڏهن فواد کان پڇيو اٿو ته ڪاڏي ٿو وڃي، ٻاهر ڪهڙيون ايڪٽوٽيز اٿس، نه، ان کان ناهي پڇڻو اهو توهان جو پُٽ آهي نه.......“

”پر مون ڇا چيو جو شروع ٿي وئي آهين، وڃي ڏوڙ پايو پيءُ ڪهڙي عزت ڪئي آ جو توهان مان اميد رکان، اڄ اچي ته سڀني جا ڪرتوت ٿي ٻڌايانس.“

اهو ٻڌي ڪاوڙ مان ٻاهر نڪري وڃي ٿي، انهي وقت موبائيل تي رنگ ٿئي ٿي ٻئي طرف سندس دوست وقاص آهي جيڪو ٻڌائيس ٿو

تہ هو ريسٽورنٽ ۾ ان جو انتظار پيو ڪري. هوءَ جلدي پهچڻ جو چئي ٽيڪسي ۾ ويهي هلي وڃي ٿي. ريسٽورنٽ ۾ پهچي ٿي تہ وقاص هڪ ٽيبل تي سندس انتظار ڪري رهيو آهي. هوءَ سڌي اوڏانهن وڌي وڃي ٿي ۽ ڪرسي سرڪائي ويهي ٿي تہ وقاص سندس هٿ پڪڙي چوي ٿو:

”ڏاڍي دير ڪيئي. هتي بک ۾ پيٽ ۾ ڪئا پيا ڊوڙن.“

”بس يار توکي تہ خبر آهي بزرگن جي. نڪرڻ تي جيستائين پچاڻو نہ ٿئي سمجهندا هنن ماءُ پيءُ جو فرض ادا نہ ڪيو.“

وقاص اهو ٻڌي کلندي چوي ٿو:

”وڏن سان ايڏو ناراض بہ نہ ٿجي. خير ڇڏ ان ڳالهہ کي. ڊنر آرڊر ڪيون..... پينٽ جي کيسي ۾ هٿ وجهي....، اوهو مان والِٽ ڪڻڻ وسري ويس. نينا ڊيئر اڄ جي ڊنر تنهنجي حساب ۾.....“

اهو ٻڌي نينا کلي ڏئي ٿي.

”ڊونٽ وري يار.... اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي تون جڏهن بہ مونکي ڊنر تي وٺي ايندو آهين. پرس وساري ايندوآهين پر دوستي ۾ سڀ ڪجهہ جائز آ.... تو خرچ ڪيو يا مون. ساڳي ڳالهہ آ.....“

ويٽر کي اشارو ڪندي. ”تنهنجو اهوئي انداز تہ منهنجي لاءِ محبوبيت جو باعث آهي.... ڪنهن بہ ڳالهہ کي مائينڊ ناهين ڪندي....“

ويٽر آرڊر سرو ڪري ٿو... ”ڇڱو پنّاءِ نہ.... ڊنر انجواءِ ڪر.“

ٻئي ڊنر ڪرڻ لڳن ٿا.

مريم جيڪا هينئر پختہ عمر جي هڪ سنجيده عورت ٿي وئي آهي ۽ شهربانو جيتوڻيڪ عمر رسيده ٿي وئي آهي پر ڳوٺ ۾ رهي ڪري سٺي خوراڪ ۽ اتان جي رهڻي ڪهڻي جي اثر ڪري هوءَ اڄ بہ چاڪ وچوبند لڳي پئي آهي. نينا جي رويي جي ڪري مريم ڪجهہ فڪر مند آهي شهربانو ڪيس ائين ڏسي ٿي تہ ڪانئس رهيو نہ ٿو ٿئي.

”مائي تون بہ اچي مٿي سان اچي ٿي آهين. نہ مڙس توکان سنڀاليو ٿيو نہ اولاد تي ڪنٽرول ڪري سگهينءَ. ۽ هاڻي پڇتائڻ کان

سواءِ تو وٽ بچيو ڇا هي، ڇوڪري آ ته ڪنهن جي غرض نه ٿي ڪيڏي، رات رات تائين گهر کان ٻاهر الائي ڪٿي گهمندي ٿي رهي، ڪڏهن فلاڻي سهيلي جي پارٽي آ، فلاڻي جي شادي ۾ وئي هئس، ڇوڪرو آ ته نِس پِس پيءُ وارا پير کنيا اٿس. سڄو سڄو ڏينهن رولو ڇوڪرن جي سنگت ۾ پڙهڻ کان ته صفا جواب ڏئي ڇڏيو اٿس ننڍي ۾ ڪجهه آسرو هو پڙهڻ جو شوق هوس پر هاڻي ڏسو ته اهو به سڄو ڏينهن انهي ڪمپيوٽر تي راند جي بلي آ.

اهو ٻڌي مريم جيڪا ڏيءَ جا ٻلتار ٻڌڻ کانپوءِ پري ويٺي هئي روئڻ لڳي، روئندي،

”امان توکي مامي مراد خان ڪيڏو سمجهايو ته ادي اڻ ڏٺي مٽي نه ڪر، اسان ڳوناڻا شهر وارن سان نه پڄي سگهنداسين، پر توکي رحمان ۾ الائي ڇا نظر اچي ويو جهٽ ڪٽي مون کي ڦاسايئي.“

”امڙ مونکي الائي کهڙي نانگ کاڌو، کهڙي خبر هئي ته شهر ۾ رحمان ڪنهن ٻيءَ جي چڪر ۾ آهي، مون ڳالهه ڪئي مانس ته جهٽ راضي ٿي ويو. ماءُ جي ڪاوڙ جي به پرواهه نه ڪيائين. مون به سوچيو ته هڪڙي سڪيلڌي ڏيءَ اٿم شهر ۾ پرڻجي ويندي ته عيش ڪندي.“

”هن سنڌيا جون پِٽون اهڙيون لڳيون جو مڙس ته سُک ڪونه ڏنو پر اولاد به جيءَ جو جنجال بنجي ويو آهي.“

”ڇا ڪجي هنن شهري ماڻهن تي ته دعا تعويذ به اثر ڪونه ٿو ڪري، ڪهڙا جهد پِنيا ٿئون. انهي پِنيءَ سنڌيا مان رحمان جي جند ڇڏائڻ لاءِ.“

”امان سنڌيا ويچاري جو ڪهڙو ڏوهه. رحمان ته پاڻ سندس جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو.“

اهو ٻڌي شهربانو نڪ کي موڙو ڏئي چوي ٿي،....

”بس مائي بس توکي وري ان نياڳي سنڌيا سان اچي همدردي ٿي آهي.

”امان.....! ان ۾ سنڌيا جو ڪهڙو قصور، رحمان ته سڀ ڪجهه جوا ۽ شراب ۾ برباد ڪري ڇڏيو..... اهو ته سڀ وڃي ڊنڊ ۾ پوي مون کي ته نينا جي ڳڻتي اچي ورايو آهي، الائي ڪهڙا پير کنيا اٿس.“

”رات رحمان اچي ته ان کي سندس اولاد جي افالن جي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائينس، نه ته موچڙا وري تون کائيندينءَ.“

”رحمان ڇا ڪندو..... ان کي شراب ۽ بدمعاشين مان فرصت ملي ته گهر کي به ڏسي. هينئر رات جا ٻارنهن پيا ٿين، آهي ڪو هڪڙو به گهر ۾ پيدا.“

ان وقت نينا ٺڪ ٺڪ ڪندي اندر اچي ٿي ۽ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي.

گلبانو جنهن کي سڪيلڊي پُٽ جي پاڻ کان جدا ٿيڻ اڳ ۾ ئي جهوري وڌو هو ۽ وقت کان اڳي ئي ضعيفي اچي ورايو هوس، ويتر جو پوٽاڻ خاص ڪري نينا جي ائين بگڙجڻ جون خبرون ڪن تي پيس، ان ته صفا ڪٽ ونرائي ڇڏيس. مريم وارا جڏهن کان گهر مٿائي پوش علائقي ۾ وڃي رهيا هئا مهينن ۾ به مشڪل سان ڪڏهن چڪر هڻندا هئا نه ته ڪين ياد به ڪونه هوندو هو ته سندن ڪا ماءُ پيڻ به آهي جيڪا هر دم سندن اوسيئڙي ۾ هوندي. ان ڏينهن به اچانڪ گل بانو جي طبيعت گهڻي خراب ٿي وئي ته چند گهڙين لاءِ ڏارين جيان اچي ڪيس ڏسي هليا ويا.

فواد ۽ نينا ڏينهون ڏينهن گهر کان لاتعلق ۽ پنهنجي اوباش ۽ بيڪار قسم جي سنگت ۾ وقت گذارڻ لڳن ٿا. گهر ۾ ڪنهن جي به ڪا ڳالهه مٿن ڪو اثر نه ٿي ڪري .ان ڏينهن به نينا حسبِ دستور گهران تيار ٿي نڪري ٿي ته ماڻس جي ٽوڪڻ تي هن سان جهڙپ ٿي وڃي ٿي. مريم اولاد هٿان روز روز جي بيعزتي سهي سهي همٿ هاري ويٺي آهي.

”وقاص مان امي ۽ ناني جي روز روز جي ڪِر ڪِر کان بيزار ٿي وئي آهيان، هوڏانهن ابو آ تہ ان کي پنهنجي عياشين مان ئي فرصت ناهي جو اولاد جي ضرورتن کي بہ ڏسي.“

”سچ ٿي چوين نينا..... انڪل تہ پنهنجي ئي عياشين کان واندو ناهي، فواد کي پنهنجي اوباش سنگت مان فرصت ناهي.“

”ان ڪري اڄ مان فيصلو ڪري آئي آهيان تہ اسان کي ڪورٽ ميريج ڪرڻ کپي. مان هاڻي هن عذاب گهر ۾ مزيد هڪ گهڙي بہ گذارڻ جي روادار ناهيان وقاص ڪنهن طرح سان ڪيس ان آڌي تان ڏيان هٽائي ٿو.

شهربانو نينا جي وڃڻ کان پوءِ ٻاهر لائونج ۾ اچي ويهي ٿي مريم جي ڏيءَ سان جهڙپ کان پوءِ موڊ سخت خراب آهي، شهر بانو کي بہ الائي ڪهڙي ڪُتي ڪٽي ٿي جو پڇيس ٿي،

”مريم هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ، رحمان سڀ زمينون وڪڻي پئسا اڏائي ڇڏيا، وري ڪيتري وقت تائين هو سنڌيا کي پٽيندو رهيو. هوءَ بہ جان ڇڏائي الائي ڪهڙي ٻاهرين ملڪ هلي وئي..... پوءِ اچانڪ ڪٿان ايڏي دولت هٿ اچي ويس جو ننڍو گهر وڪڻي هي وڏو گهر وٺي ڏنائين، اهو بہ اديءَ وارن کان پري.....“

”امان تون بہ..... چيائين پئي تہ بئنڪون ايڊوانس پگهارون منهنجو مطلب آهي تہ قرض پيون ڏين اهي ورتا اٿائين.“

”الائي مائي...... مون کي تہ تنهنجي مڙس تي ڪو اعتبار ڪونهي، الائي ڪڏهن ڪنهن کي لُٽي ڦُري وٺي.“

اهو ٻڌي مريم جيڪا اڳ ۾ ئي تتي ويٺي هئي سڄي ٻاڦ ماءُ مان ڪڍندي،

”بس امان بس... تون تہ رحمان جي پويان هٿ ڌوئي پئجي وئي آهين. جڏهن چيائين تہ بئنڪ مان قرض ورتو اٿم تہ ورتو هوندائين.“

”پر رحمان تہ چيو پئي تہ بہ سال وڃي رهيا آهن رٽائري ۾.... پوءِ هي ايڏو وڏو قرض لاهيندو ڪيئن، هتي تہ گهر لڪن ۾ ٿا ملن.....“

اهو ٻڌي مريم کي چڙ وٺي وڃي ٿي،

”امان ورتو اٿس تہ لاهيندو بہ پاڻ اسان ڇا لاءِ ويٺا پريشان ٿيون.“

”الائي مائي ائين نہ ٿئي تہ اها مٽي ڇانو وري بئنڪ وارا ليلام (نيلام) ڪري اسان کي آٽي رستي تي ڇڏين.....“

”امان تون بہ پاڻي ڪان اڳي......“

اهو ٻڌي شهربانو ڪاوڙمان اٿي اندر هلي وڃي ٿي.

●

وقت جو چرخو پنهنجي رفتار سان ڦري رهيو هو. هڪ ڏينهن رحمان پنهنجي شاندار آفيس ۾ ويٺو معمول جا فائيل صحيح ڪري رهيو هو تہ فون جي گهنٽي وڃي ٿي. فون کڻي ٿو تہ ٻئي طرف اينٽي ڪرپشن جو سرڪل آفيسر سرفراز ڳالهائي پيو.

”سرفراز صاحب توهان جو ڪم ڪري ڇڏيو آهي ۽ توهان لاءِ لفافو بہ موڪلي ڇڏيو آهي.“

”اهو تہ ٺيڪ آهي پر.... توهان کي هڪ اطلاع ڏيڻو هو....“

”ڪهڙو اطلاع....!“

”سوري رحمان صاحب توهان لاءِ ڪا سٺي خبر ناهي.... پر مان ان سلسلي ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهان.... منهنجو مطلب آهي تہ.... مان توهان جي ڪابہ مدد نہ ٿو ڪري سگهان، هيڊ آفيس مان هڪ ٽيم نڪتي آهي......“

”ٽيم....! ڪهڙي ٽيم.....“

”توهان جي خلاف هيڊ آفيس ۾ ڪافي شڪايتون پهتل هيون، ٽاريندا پئي آياسين ليڪن ڪنهن ماڻهوءَ اهڙا پڪا ثبوت پيش ڪيا جن کي... نظر انداز ڪرڻ ممڪن نہ هو....“

”ليڪن اسان تہ هميشہ توهان جو پورو پورو خيال پئي رکيو پوءِ بہ توهان..“

”بس مان توهان لاءِ ايترو ڪري سگهان ٿو جو توهان کي بروقت اطلاع ڏنو ٽيم رواني ٿي چڪي آهي. وارنٽ سميت، توهان جي گرفتاري لاءِ، توهان جيترو ٿي سگهي جلد روپوش ٿي وڃو.“

سرفراز اجان ڳالهايو پئي ته دروازو کليو ٿو ته اهو ڏسي رحمان جي چهري جو رنگ اڏامي وڃي ٿو. اڪيون ڦاٽي وڃنس ٿيون، دروازي ۾ اينٽي ڪرپشن ٽيم داخل ٿئي ٿي.....

هڪ آفيسر رعبدار آواز ۾،

”مسٽر رحمان..... توهان آهيو.....؟“

رحمان پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي،

”جي..... جناب..... مان ئي رحمان آهيان .... حڪم.“

”توهان جي خلاف اسان وٽ گرفتاري جا وارنٽ آهن.....“

”ليڪن سائين....“

”ڏسو رحمان صاحب اسان توهان کي بغير هٿڪڙي جي وٺي وڃي رهيا آهيون. توهان کي صفائي جو پورو پورو موقعو ڏنو ويندو....“

”پر.... سائين منهنجي به ته ٻڌو....“

”ڏسو توهان اسان کي سختي ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو پليز....! توهان جي خلاف اسان وٽ مضبوط ڪيس ٺهيل آهي. توهان کي جيڪو ڪجهه چوڻو آهي ڪورٽ ۾ چئجو.“

رحمان خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ هنن سان گڏجي ٻاهر هليو وڃي ٿو.

فون جي گهنٽي وڃي ٿي ته مريم وڃي فون کڻي ٿي، فون تي جيڪو ڪجهه ٻڌي ٿي ته هن جون وايون بتال ٿي وڃن ٿيون، منهن جو پنو لهي وڃينس ٿو. شهربانو سندس حالت ڏسي تڪڙي تڪڙي سندس ويجهو اچي ٿي.

”ڇا ٿيو آ رحمان کي.....؟“

سڄي ڳالهه ٻڌائيس ٿي:

”هئي منيس مان بہ چوان هن وٽ ايترو قارون جو خزانو ڪٿان اچي ويو جو ائين ڇپر ڦاڙي پيو خرچ ڪري.. ادي گل بانو ٻڌندي تہ ان جو تہ هيانو ڦاٽي پوندو.“

”امان اسان کي پنهنجي، توکي وري ادي جي ڳڻتي اچي ورايو آهي“

”مائي تون بہ ڪا صفا ڇري آهين.... هن گهڙي ۾ اسان جو ڪير آهي جو پيج ڏک ڪندو. هو پڙهيون لکيون آهن، ڇوڪرو جاويد آهي.... ڪو نہ ڪو هٿ پير هڻي وٺندا....؟“

”ها واقعي اهو تہ آهي، پوءِ فون ڪيان.....؟“

”نہ... هلون ٿا اوڏانهن پوءِ جيڪا صلاح بيٺي.“

نومي کي ساڻ ڪري رڪشا ڪري شمس وارن ڏي وڃن ٿيون.

اڄ صبح کان گل بانو جي طبيعت گهڻي بيقرار هئي نہ نيرن ڪيائين بس زوري هڪ بسڪيٽ ۽ چانهہ جا بہ ڍڪ پي سگهي، شمسہ کيس دوا پياري سمهاري ٻاهر نڪري آئي تہ گهر جي بيل زور سان وڄي ٿي، شمسہ اتان ئي رڙ ڪري... آهستہ... اچان پئي...“

دروازو کولي ٿي تہ مريم ۽ شهربانو نومي اندر اچن ٿا. هو سڀ سخت پريشان نظر اچي رهيون آهن... کين اهڙي حالت ۾ ڏسي شمسہ بہ پريشان ٿي وڃي ٿي.

”ڇو....؟ ڇا ٿيو آ... رحمان تہ ٺيڪ آ نہ، نينا فواد تہ خير سان هِن نہ..... ايڏي ٺاڪ منجهند جو پنڌ پيا آهيو.....“ يڪ ساهي ڪوڙ سارا سوال ڪري وٺي ٿي.

”ها.... امان ڀرين تہ فون پئي ڪيائين پر مون ڇيومانس تہ فون تي ڳالهہ ڪرڻ جي ناهي، اتي هلي ٿا صلاح ڪيون.“

”ڇاڇي خير تہ آهي نہ.....“

مريم روئڻهارڪي ٿي، ”آپا، آپا.... هو رحمان کي....“

”ڇا ٿيو آ رحمان کي.... مريم پليز ٿورو آهستہ ڳالهايو.. امان کي هينئر هينئر ننڊ جي گوري کارائي سمهاري آئي آهيان.“

”پڦو ابو جي آفيس مان فون آئي هئي تہ.....“

شمسہ ڳالھ ڪٽيندي.....

”ڇا ٿيو آ رحمان کي ٻڌايو ڇو نہ ٿيون.....“

”آپا رحمان کي اينٽي ڪرپشن پوليس گرفتار ڪري وٺي وئي آ.....“

شمسہ حيران ٿي.....

”گرفتار.....؟ پر ڇو... ڇا ڪيو اٿس..... مائي اسان کي تہ ڪنهن ڳالھ جي خبر بہ ڪونہ ٿي پوي... وڏيڪ ڪجھ ٻڌاين تہ هن کي ڪھڙي ڏوھہ ۾ وٺي ويا آهن.“

آفيس وارن ٻڌايو تہ پنجاھہ لک روپين جو غبن ٿيو آهي جنهن جو سڄو الزام رحمان تي آيو آهي.“

”مون کي پهرين ئي ڊپ هو... رحمان جيڪي پير ڪنيا هئا.... ان جو انجام اهوئي ٿيڻو هيو. پهرين ابي ڏاڏي جون زمينون هڙپ ڪيائين، پوءِ اڇي سنڌيا کي لڳو ان جا زيور پگھارون بليڪ ميل ڪري هڙپ ڪندو ويو. هوءَ ڪنهن نموني جان ڇڏائي الائي ڪيڏانهن منهن ڏئي هلي وئي تہ آخر آفيس کي بہ نہ ڇڏيائين جتان روزي روٽي جو آسرو هو.“

آواز تي نجمہ بہ ڪمري مان نڪري آئي ۽ اهي ڳالهيون ٻڌي وائڙي ٿي وئي، مريم چپ چاپ سڀ ڪجھ ٻڌندي رهي ٿي،

”ٺيڪ آ تون فڪر نہ ڪر مان جاويد کي فون ڪيان ٿي تہ ڪنهن وڪيل سان ڳالهائي.“

هنن اهي ڳالهيون پئي ڪيون تہ آوازن تي گل بانوءَ جي اک کلي وڃي ٿي ۽ سڀ ڳالهيون ٻڌي وٺي ٿي. هن کي دل ۾ بيھر تڪليف ٿئي ٿي، نجمہ جيڪا فون ڪرڻ لاءِ سندس ڪمري جي پرسان گذري ٿي تہ زور زور سان سهڪڻ جا آواز ٻڌي اندر وڃي ٿي ۽ ماءُ کي رڙ ڪري ٿي تہ هيڏانهن اچو ناني امان کي الائي ڇا ٿي ويو آهي، سڀئي ڊوڙنديون اندر اچن ٿيون، نجمہ پهرين جاويد کي فون ڪري ٿي ۽ پوءِ ايمبولنس سروس کي، ايمبولنس اچڻ تي کيس اسپتال وٺي وڃن ٿا. اتي ايمرجنسي ۾ ڊاڪٽر کيس اٽينڊ ڪن ٿا.

شمسه زارو قطار روئي رهي آهي، دعا لاءِ هٿ کڻي،

”يا رب....! منهنجي امڙ منهنجي اڪيلاين جي واحد ساٿياڻي، ڪيس وڏي ڄمار عطا ڪر، منهنجا مولا...! هوءَ پنهنجي اڪيلي پٽ جي ڏک ۽ بيعزتي ڪي برداشت ڪري نه سگهي، رحم ڪر منهنجا مالڪ رحم ڪر...“

ان ئي وقت ڊاڪٽر ٻاهر اچي ٿو سندس چهري تي مايوسي ڇانيل آهي، سيئي هن ڏي وڌن ٿا ۽ سواليه نگاهن سان ڪيس نهارن ٿا.

”آءِ ايم سوري مسٽر..... امان ٻيو اٽيڪ برداشت ڪري نه سگهي.“

اهو ٻڌي سيئي روئڻ ٿيون.

گل بانو جي انتقال تي جاويد وڏي جدوجهد ڪان پوءِ وڪيل جي معرفت رحمان جي ضمانت ڪرائي ٿو ڪفن دفن ڪان پوءِ رحمان ڪرائي تي ڏنل پراڻي گهر ۾ شفٽ ڪري اچي ٿو سندس بنگلو سرڪار سيل ڪري ڇڏي ٿي ۽ سندس گاڏي ۽ گڏ ڪيل اثاثا سڀ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي ٿي. هو شرمسار ۽ پشيمان ڪمري ۾ ويٺو آهي، مريم ٽري ۾ چانهه کڻي اچي پرسان رکيل ميز تي رکي ٿي، ڪيس ائين اداس ويٺل ڏسي دلداري ڏيندي چويس ٿي،

”رحمان ڏس خدا جي اها مرضي هئي، تون پاڻ کي انجو ذميدار ڇو ٿو سمجهين.“

”مريم مان ڪيڏو نه بدنصيب آهيان. اهڙي شفيق ماءُ جنهن بابا ڪان پوءِ اسان کي پيءُ بنجي پاليو جڏهن اسان کي پنهنجي ئي گهر مان لوڏي ڪڍيو ويو ته ڪراچي اچي ننڍي وڏي نوڪري ڪري اسان کي پڙهايو ۽ مان ئي سندس موت جو ڪارڻ بنجي ويس... لعنت هجي اهڙي اولاد تي....“

”ڏس رحمان...! چاچيءَ جي روح کي خوش ڪرڻ لاءِ تون به هاڻي سهي راهه تي اچ ته تنهنجي سيني زيادتين جي تلافي ٿي ويندي. هاڻي وڌيڪ سوچي پاڻ کي هلاڪ نه ڪر، اچي هي چانهه پي... ته ڪجهه دماغ تان بار گهٽ ٿيئي.“

رحمان ڪانئس چانهہ جو ڪوپ وٺي ٿو.

هر طرف اداسي ڇانيل هئي شمسہ ماءُ جي يادگيرين ۾ گم پنهنجي ڪمري ۾ سندس تصويرون ڪنيو ويٺي آهي، سندس پرسان نجمہ ۽ شهربانو اداس ويٺيون آهن شمسہ هڪ فوٽو کڻي اکين سان لائي چمي ڏئيس ٿي ۽ روئڻ لڳي ٿي، شهربانو سندس ڪي ڳراٽڙي پائي پرچائيندي،

”اهو سڀ منهنجي ڪري ٿيو، مريم تہ چيو تہ فون ڪري توهان کي ٻڌائي، پر مون اياڻڪ بي عقل چيس تہ اوڏانهن ٿا هلي صلاح سباب ڪيون، نہ اچون ها نہ ادي ڪجهہ ٻڌي ها نہ ائين اسان کان جدا ٿئي ها.....“

”ناني بس قدرت کي بهاني جي ضرورت هوندي آهي ۽ اهو نهي ايندو آ....“

نجمہ نير وهائيندي چوي ٿي.

شمسہ روئيندي،

”پڇاڙي ۾ امان رحمان ۽ ان جي اولاد جو صدمو سهي نہ سگهي، نينا ۽ فواد جون ڳالهيون ٻڌي وڃي کٽ ورتائين، رهي سهي ڪسر رحمان جي گرفتاري پوري ڪيس.“

”جيڪا رب منهنجي جي رضا، انسان ويچارو ان جي حڪمن آڏو بي وس آ... قسمتون ٺاهي بہ پاڻ تہ ڊاهي بہ پاڻ..... جيئن اسان جي ڪرمن ۾ لکيائين اهو اوس لوڙڻو آ.......“

●

سنڌيا کي اسلام آباد آئي ڪئي ورهيہ گذري ويا آهن هن ڪراچي کان هتي ايندي سوچيو هو تہ هو ماضي جي هر ياد کي هر واقعي کي هڪ ڀيانڪ خواب سمجهي وساري ڇڏيندي، پر اها سندس خام خيالي هئي، ماضي جون خوفناڪ ۽ المناڪ يادون هر وقت زهريلا نانگ بنجي کيس ڏنگينديون رهنديون هيون، هوءَ جيون جي راهن تي هڪ سزا بنجي هلندي رهي، ائين ياد ماضي هن لاءِ هڪ مسلسل عذاب بنجي وئي هئي، اداسيون هن جي اکين ۾ واهيرو ڪري ويهي رهيون هيون، بس هلندي پئي وئي انهن راهن جي اداسين ۾ تنها تنها. جنهن ڏينهن ڪا موڪل هوندي هئي ان ڏينهن وقت ڪاٽڻ هن لاءِ هڪ امتحان بنجي ويندو هيو، الهڙ پڻي جي هڪ غلطي جنهن کي هوءَ غلطي نہ پر گناهہ سمجهندي هئي. ان جي سزا جي طور هن پاڻ کي هر خوشي، هر تفريح .کان دور ڪري ڇڏيو هو.

اڄ بہ موڪل جو ڏينهن هو. هن سان گڏ رات جو رهڻ واري ڇوڪري تانيہ صبح جو پنهنجي هاسٽل هلي وئي هئي، سنڌيا ناشتي کان پوءِ وري اچي ليٽي پئي، ناشتو دير سان ڪرڻ جي ڪري هن بورچي کي شام تائين جي ڇٽي ڏئي ڇڏي هئي، پاسا ورائيندي سخت بيزار ٿي وڃي ٿي تہ ڪمري مان نڪري ٻاهر ورانڊي جي ڏاڪڻين جي پرسان ڪرسي تي اچي ويهي ٿي، مجهند کان ئي آسمان تي ڪڪر ڇانيل هئا ۽ هينئر شام ٿيندي ئي جڻ تہ انڌيرو ڇانئجي ويو رکي رکي کنوڻ چمڪات ڪري رهي هئي، لڳي پيو تہ تيز برسات پوندي ۽ پوءِ رات ٿيندي ئي هڪدم ڏاڍي زوردار برسات وسڻ لڳي، پهاڙي علائقن جي برسات ڏاڍي خوبصورت هوندي آهي تيز هوائن سان اچانڪ ڏاڍي ڀرپور انداز ۾ ايندي آهي ۽ گهڙي پل ۾ جل ٿل ( ) ڪري هڪدم بند ٿي ويندي آهي ۽ خاموشي ڇانئجي ويندي آهي جيئن ڪو اچانڪ بي اختيار ٿي زور زور سان کلندي شرمسار ٿي چپ ٿي وڃي. شام جو منظر ڏاڍو وڻندڙ ۽ دل لڀائيندڙ هو. ڪيتري عرصي کان پوءِ هوءَ آرام

ڪرسيءَ ۾ ويهي مسحور ڪُن انداز ۾ برسات کي وسندو ڏسي رهي هئي، سامهون واري عمارت جي جهڪي جهڪي پوندڙ روشني ۾ مينهن جا ڦڙا انڊلٺي رنگن جيان چمڪي رهيا هئا. هوا جي جهوٽن سان گڏ ڦوهار دروازي جي اندر اچي رهي هئي ۽ سندس چهرو وار ۽ ڪپڙا پسجي رهيا هئا. ليڪن هوءَ دنيا و مافيها کان بي خبر خيالن ۾ گم ويٺي رهي، ڪيس اها بہ ڄاڻ نہ پئي تہ ڪيڏي مهل ڪُڪ آيو ڪيڏي مهل رات جي ماني تيار ڪيائين، هوش تڏهن آيس جڏهن تانيہ واپس موٽي آئي ۽ ڪيس ائين بيخبر ڏسي ڪيس چيائين تہ:

”سنڌيا ميڊم اتي ئي ويهي ويا آهيو سچ پڇو تہ اڄ توهان هن عالم ۾ ڏاڍا پيارا پيا لڳو مون عرصي کان پوءِ توهان کي ائين ڏٺو آهي ڄڻ ڪنهن سحر وڪوڙي ورتو هجيو.“

تانيہ جو آواز ٻڌي هوءَ خيالن جي دنيا مان واپس اچي وڃي ٿي ۽ هڪ بي اختيار مرڪ سندس پروقار چهري تي ڇانئجي وڃي ٿي. هوءَ سست قدمن سان اٿي تانيہ سان گڏ اندر اچي ٿي، ان وقت موبائيل جي گهنٽي وڄي ٿي کڻي ٿي تہ احمد ڪيس ٻڌائي ٿو تہ هنن جي بڪنگ ٿي وئي آهي ٻن ٽن ڏينهن ۾ پهچي ويندا سين. اهو ٻڌي ٿوري وقت لاءِ اطمينان جي جهلڪ سندس چهري تي ڇانئجي وڃي ٿي.

رابعہ ڪومل، شوڪت علي ۽ احمد وارن سان گڏ معمول موجب وئڪيشن گذارڻ اسلام آباد آيل آهي، هو سڀ شام جي چانهہ تي سنڌيا جو انتظار ڪري رهيا آهن، تہ سنڌيا آفيس کان موٽي ٿي، هوءَ اڄ ڪافي ٿڪل لڳي رهي آهي اچڻ سان پيءُ کان پڇي ٿي،

”بابا توهان سڀ ڪيڏانهن گهمڻ نہ ويا آهيو مونکي تہ ڪمن مان فرصت ملندي ڪونہ.....“

احمد ڪيس ايترو ٿڪل ڏسي دکي ٿي وڃي ٿو تہ اسان جي نازڪ نفيس ننڍڙي پيڙ پنهنجو پاڻ کي ائين وڃائي رهي آهي ڏسندي ڏسندي هوءَ پنهنجي عمر جي اها سرحد پار ڪري وئي آهي جنهن ۾ سوين ارمان هوندا آهن. پرپور زندگي گذارڻ جي تمنا هوندي آهي، هن ڇوڪري کي الائي ڇا ٿي ويو هر خوشي هر امنگ ۽ آرزوئن کان ائين

منهن موڙي ڇڏيائين جڻ اهي هن جي حصي جا هئا ئي ڪون. ڏڪاري انداز ۾ چويس ٿو.

”ويا هئاسين.... صبح جو ناشتو ڪري سپ نڪري ويا هئاسين. بس هميشه جيان توکي ڏاڍو مِس ڪيوسين. پار هن دفعي ان ڪري نه آيا جو اڄڻ مهل گهڙي گهڙي چون پيا پڦو اسان سان ڪڏهن به ڪمپئي ناهي ڪندي. اڳ ۾ ته ننڍا هوندا هئا هاڻي ته ذري گهٽ تو جيڏا اچي ٿيا آهن ان ڪري فيل ٿا ڪن.“

”بس ڪجهه وقت لڳندو نئون نئون پروموشن ٿيو آهي ٿورو ڪم ڪي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿئي، پوءِ ڪجهه ڏينهن جي ڇٽي ڪري سيني کي ڪمپني ڏبي ته شڪايت نه رهندي.“

”ها توهان سان هڪڙي ڳالهه ڪرڻي آهي، اسان جي آفيس ۾ هڪ ڊپٽي ڊئريڪٽر سليڪٽ ٿي آيو آ مسٽر حنان.... منهنجي پروموشن کان پوءِ هن جي منهنجي سيٽ تي سليڪشن ٿي هئي..... ڳالهين ڪندي توهان جو ذڪر نڪتو ته بضد ٿي ويو ته اڄ رات هن جي طرفان توهان سيني جي ڊنر آهي، گهڻو ئي منع ڪيومانس پر اهڙو ضد ڪري وينو جو.....“

اهو ٻڌي رابعه اڌ ۾ ڳالهه ڪٽيندي چويس ٿي ته هن ته ڪُڪ کي رات جي ماني ٺاهڻ لاءِ چئي ڇڏيو آهي ۽ هن ٺاهڻ شروع به ڪري ڇڏي آ.

اهو ٻڌي شوڪت چويس ٿو ته هيئن ڪر کيس فون ڪري منهنجي طرفان چئو ته اڄ هو اسان سان هتي اچي ڊنر ۾ شامل ٿئي. اسان اڃان هتي آهيون ڪجهه ڏينهن لاءِ، پوءِ سندس دعوت به کائي وٺنداسين.“

انهي وقت سنڌيا جو موبائيل وڄي ٿو.... ٻئي طرف حنان آهي،

”ميڊم پوءِ اڄ جو پروگرام پڪو آهي نه. مان ٽيبل بڪ ڪرائي ڇڏيان.“

”نه مسٽر حنان..... اڄ ته بلڪل به نه..... هيئن ڪيو..... بابا جن جو حڪم آ ته اڄ توهان اسان وٽ ڊنر ڪري رهيا آهيو.“

”ميڊم اهو وري ڪيئن ٿيندو....“

احمد سنڌيا ڪان موبائيل وٺي،

”مسٽر حنان مان احمد، سنڌيا جو پياءُ پيو ڳالهايان..... توهان خود هتي پرديس ۾ آهيو... ان ڪري اڄ رات اسان سان ڊنر پيا ڪيو... اوڪي....“

”ٺيڪ آ..... توهان جنهن پنهنجائپ واري انداز سان سڏيو آ ته انڪار جي گنجائش ڪٿي ٿي رهي.“

”ته پوءِ ملون ٿا ڊنر تي.... ائڊريس ته توهان کي معلوم هوندي.....“

”جي.... جي ها.“

فون بند ٿيڻ کان پوءِ شوڪت علي سنڌيا کان پڇي ٿو. ”هي حنان ڪٿان آيو آهي.“

”بابا ڇهه مهينا کن ٿيندا، جيئن منهنجو پروموشن ٿيو ته ڊي ڊي جي جاءِ خالي ٿي ۽ هي سنڌ جي ڪوٽا تي ڪراچي کان ويجهو ڪنهن ڳوٺ مان هتي آيو آهي.“

اهو ٻڌي احمد ٻڌائي ٿو ته هو گفتگو مان ته ڪافي مهذب پئي لڳو... خير ڊنر تي ملون ٿا.

شام جي وقت حنان سنڌيا وارن سان ملڻ اچي ٿو ته چوڪيدار اچي ٻڌائي ٿو. شوڪت علي ڪيس اندر وٺي اچڻ لاءِ چوي ٿو ڪجهه دير ڪانپوءِ هن سان گڏ هڪ پنجٽيهن ڇٽيهن ورهين جي لڳ ڀڳ هينڊسم مردانه وجاهت سان ڀرپور پينٽ شرٽ پهريل شخص اندر اچي ٿو. هن جي شخصيت ڪافي متاثر ڪندڙ آهي، ڪومل کي ته پهرين نظر ۾ ئي ڪافي پسند اچي ٿو. سيئي سندس آڏرياءُ لاءِ اٿي ساٿس ملن ٿا، شوڪت علي ملندي ڏاڍي اڪير مان چويس ٿو

”پرديس ۾ جي پنهنجي علائقي جو ڪو ماڻهو ملي وڃي نه ته ان سان ملي دل کي عجيب سڪون ۽ فرحت محسوس ٿيندي آهي“

احمد ساڻس ملندي پيءَ جي ڳالهه کي مڪمل ڪندي،

”ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ڪو پنهنجو ملي ويو هجي.“

هنن جو پر خلوص انداز ڏسي حنان تمام گھڻو متاثر ٿئي ٿو.
”۽ سائين منهنجي ڪيفيت بہ بلڪل اهڙي ئي آهي..... مئڊم سنڌيا سان تہ گڏريل ڇهن مهينن کان ملڻ ٿيندو رهندو آهي، پر توهان سان فون تي ڳالهائڻ ڪانپوءِ دل چوي پئي تہ ان وقت ئي هليو اچان، پر حجاب مانع هو.“
شوڪت علي سندس دل رکندي،
”هليو اچين ها پُٽ ڇا جو حجاب.....“
انهي وقت سنڌيا فريش ٿي پنهنجي ڪمري کان لائونج ۾ اچي ٿي 43_44 ورهين جي سنڌيا جيڪا پنهنجي خوبصورت جسماني ساخت ۽ چهري تي متانت ۽ بردباري جي گڏيل امتزاج جي ڪري پنهنجي عمر کان ڪئي سال ننڍي لڳندي آهي، آف وائيٽ سلڪي لباس ۾ بغير ڪنهن سجاوٽ سينگار جي هوءَ ايتري تہ پروقار لڳي رهي هئي جو حنان مٿائنس نگاهہ هٽائڻ وسري وڃي ٿو ڪومل چور نظرن سان سندس چهري جي تاثرات جو جائزو وٺي زير لب مسڪرائي رهي آهي. آخر هن کان رهيو نہ ٿو ٿئي شرارتي لهجي ۾،
”هيلو مسٽر حنان هن سان ملو... مس سنڌيا شوڪت علي... توهان جي آفيس باس.....“
حنان اهو ٻڌي شرمسار ٿي وڃي ٿو تہ سنڌيا حيرت سان پاپي کي ڏسي خوشدلي سان،
”لڳي ٿو تہ پاپي بہ پائو احمد جي رنگ ۾ رنگجندي پئي وڃي، هو چوندا آهن نہ.....“
ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏئي ٿي حنان اٿي کيس سلام ڪري ٿو.
سنڌيا کيس ويهڻ جو چئي پاڻ بہ سامهون واري صوفي تي ويهندي،
”مسٽر حنان گهر ڳولهڻ ۾ تڪليف تہ ڪون ٿي....“
”نہ مئڊم آساني سان پهچي ويس.“
ان وقت ملازم اچي ٻڌائي ٿو تہ ماني لڳي وئي آهي.
احمد بي تڪلفانہ انداز ۾،

”حنان صاحب.... مهمان فرسٽ.....“

اهو ٻڌي حنان سمجهي ويجي ٿو ته وائيف هسبينڊ ڪافي دلچسپ شخصيتون آهن. ان ڪري پاڻ به حجاب ڪي ڇڏيندي...

”منهنجي خيال ۾ محاوروا ئين ڪونهي.....“

رابعه کلندي ماحول کي وڏيڪ بي تڪلف بنائيندي،

”محاوري کي ڇڏيو حنان صاحب.... اهو ته ليڊيز کي ڪامپليڪس ۾ وجهڻ لاءِ مردن جو اختراع ٿيل آهي.“

بس آپي بس.... شروع نه ٿي وڃجو حقوق نسوان تي ليڪچر ڏيڻ... شل نه ڪو استاد ٿئي.... هر هنڌ پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ تيار.....“

”۽ تون سدائين جو نڪمو شاگرد. پڙهڻ پڙهائڻ کان لنوائڻ وارو......“

هنن جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي حنان کان رهيو نه ٿو ٿئي،

”انٽريسٽنگ.... ويري انٽريسٽنگ..... احمد سر.....! توهان سان ملي واقعي ڏاڍي خوشي ٿي.....“

”بس ڀائو.... پري پري کان ئي خوش ٿيجو..... مون وارو صاحب ڪنهن کي به......“

شوڪت علي ڪافي دير تائين هنن جون خوش گپيون ٻڌي پاڻ به حظ وٺي رهيو آهي اٿندي چوين ٿو

”چڱو هلو.. کهڙي بحث ۾ پئجي ويا آهيو ماني ٿڌي ٿي ويندي..“

”سر اها ته زيادتي آهي..... اڄ مهمان توهان منهنجا ٿيڻا هئا ۽ مهمان زوري مونکي بنائي ڇڏيو.....“

سنڌيا جيڪا هن سڄي عرصي ۾ خاموش سيني کي ڏسي رهي هئي ان کي حنان مخاطب ٿي چوي ٿو.....”ميڊم سنڌيا.....! اها زيادتي آ..... خير ڏنڊ ڀربو......“

سڀئي ڊائننگ ٽيبل تي اچن ٿا ۽ خوش گپين ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا.

●

سنڌيا ويل ڊيڪوريٽيڊ آفيس ۾ فائيلن ۾ مصروف آهي هن ڪجهه دير پهرين حنان کي ڪنهن ڪم سانگي سڏيو هو. هو انتظار ڪري رهيو آهي. ليڪن سنڌيا هن جي موجودگي جي احساس کان بيخبر ڪا اسائنمينٽ غور سان ڏسي رهي آهي ۽ سامهون ڪرسي تي حنان هن کي ڪم ڪندي پُر تجسس ۽ دلچسپ نظرن سان ڏسي رهيو آهي ۽ سوچي رهيو آهي ته هي سامهون ويٺل ميڊم سنڌيا، جنهن جي عمر ڪا ايڏي وڏي به ڪونه ٿي لڳي.... ليڪن هوءَ ڪيڏي نه باوقار ۽ بردبار لڳندي آهي.... هن جي اکين ۾ الائي ڪيتريون اداسيون اچي واهيرو ڪري ويهي رهيون آهن... مسڪرائيندي به ائين آهي ڄڻ هاڻي سندس اکين جا پيمانا ڇُلڪي پوندا.... مئڊم سنڌيا جي شخصيت ۾ عجيب طرح جي اُداسي ۽ ويراني آ، عام عورتن وانگي نه زيور پائڻ جو شوق نه فيشن ڪرڻ جي تات، بس هڪ سوبرنيس ۽ سنجيدگي هر وقت پنهنجي مٿان طاري ڪيو وتي. ڪو ته راز آ، ڪجهه ته ٿيو آ سندس زندگي ۾... نه ته پنهنجن کان ايڏو دور هتي اڪيلي ڇو رهي پئي آهي. ڀلا ڪراچي جهڙي شهر ۾ سنڌيا مئڊم جهڙين ٽيلنٽيڊ عورتن لاءِ هزارين هن کان به سٺيون جابس انتظار ڪري رهيون هونديون ته پوءِ هتي اچڻ.... ضرور ڪو اهڙو راز آ..... مان سندس فيملي سان ويجهو ٿي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندس.....

سنڌيا ڪم ختم ڪري ڪافي دير کان حنان کي ائين ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ گم ڏسندي رهي ٿي. آخر جڏهن هن کي اچان به سوچن ۾ غلطان ڏسي ٿي ته ڪال بيل وڄائي ٿي.... پٽيوالو اچي ٿو ته حنان به هوش جي دنيا ۾ واپس اچي ٿو. ۽ سنڌيا کي پاڻ ڏانهن متوجه ڏسي شرمسار ٿي وڃي ٿو.

”حنان صاحب جي لاءِ ٿڌو پاڻي کڻي اچ.....“

”اوهه.... نو ميم“

سنڌيا هن جي ائين چوڻ تي مسڪرائي ٿي،

”لڳي ٿو تہ جاڳندي خواب ڏسڻ جا عادي آهيو.“

”نہ مئڊم اهڙي ڳالهہ ناهي، بس عجيب قسم جي پراسرار شخصيتن جي باري ۾ سوچڻ جي عادت اٿم.....“

”پر ٿوري دير پهرين تہ توهان خود عجيب قسم جي پراسرار سوچ ۾ گم هئا. پهرين تہ مون سمجهو تہ مونکي پيا گهوريو. پر پوءِ غور ڪيم تہ توهان جي نظر دور ڪنهن خاص نقطي تي مرڪوز هئي. ايڏو ڳوڙهو ڇا پئي سوچيوَ...“

حنان جي زبان مان بي ساختہ نڪري ويو.....

”توهان جي باري ۾.... سوري.... منهنجو مطلب هو تہ توهان ڪم ڪري رهيا هئا ۽ مان فري..... ڪونہ ڪو ڪم تہ ڪرڻو ئي هو نہ.......“

”ٺيڪ آ، احمد ڀائو ياد پيو ڪريوَ شايد توهان سان ملي ڪيڏانهن وڃڻ جو پروگرام ٺاهيندو.“

”ٺيڪ آ، تہ پوءِ آفيس کان پوءِ ملڻ ويندس.....“ اهو چئي اٿي پنهنجي ڪيبن ڏانهن هليو ويو ٿو.

هن جي وڃڻ کان پوءِ سنڌيا سوچي ٿي تہ، هي حنان بہ عجيب شخص آهي، هر ڪنهن سان ايترو جلدي بي تڪلف ٿي وڃي ٿو جو هڪ لمحہ بہ احساس نہ ٿو ٿئي تہ هن سان ڪجهہ ئي ڏينهن جي ملاقات آهي. گهر وارن سان تہ ائين رُلي ملي ويو جو لڳو ئي نہ پئي تہ پهريون دفعو مليو آ. گهر وارا بہ سڀ سندس تعريف ڪري رهيا هئا، خاص ڪري احمد ۽ ڪومل تہ هن جا گِرويده ٿي ويا آهن.... هوءَ سوچن جي اٿاهہ ساگر ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

”هو جڏهن بہ منهنجي آفيس ۾ هوندو آهي، ائين لڳندو آهي جڻ منهنجي هن سان صدين جي شناسائي آهي. دل ۾ عجيب قسم جي سرسراهٽ ۽ بيچيني ٿيڻ لڳندي آهي بلڪل ائين جڻ هو منهنجي وجود جو ڪو حصو هجي، منهنجي رڳن ۾ خون بنجي ڊوڙي رهيو هجي، مان هن احساس کي ڪهڙو نالو ڏيان. يا خدا هي مان ڇا پئي سوچيان.“

ڇرڪ پري خيالن جي دنيا مان نڪري اچي ٿي، ڦڪي مرڪ سندس لبن تي ڇانئجي وڃي ٿي ۽ وري فائيلن ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

●

حنان سنڌيا جي ڪيبن مان اٿي پنهنجي ڪيبن ڏانهن اچي ٿو ته ٻاهر پٽيوالو کيس ٻڌائي ٿو ته سندس ڪيبن ۾ ڪو مهمان سندس انتظار پيو ڪري، هو سوچيندو اندر وڃي ٿو ته ڪير ٿي سگهي ٿو. اندر اچي هن جي نگاهه جڏهن ان شخص تي پوي ٿي ته خوشي ۾ ذري گهٽ رڙ ڪندي،

”سرپرائيز....! جميل تون....! هتي ٻه سرپرائيز ڏيڻ کان نه مڙئين..... فون ته ڪرين ها.“

”ائين ملڻ جو جيڪو مزو آ اهو فون ڪري اچڻ سان ٿوروئي ملي ها......“

ڀاڪر پائي ملن ٿا، ڪرسي تي ويهي پڇيس ٿو،

”ڏي خبر ائين اچانڪ...... تون هتي......“

”منهنجي هتي پوسٽنگ ٿي آهي...... فيڊرل سيڪريٽريٽ ۾..... فيڊرل سروس جي اها ته مصيبت آهي جيڏي مهل وٽين گهر کان بي گهر ڪريو ڇڏين...... سنو ٿيو تنهنجي هوندي هاڻي مزو ايندو هتي نوڪري ڪرڻ جو. پر يار ڏي ته خبر اها سنڌيا مئڊم ڪير آهي؟“

حنان حيران ٿي کيس ڏسڻ لڳو.....“

”توکي ڪيئن خبر پئي....!“

”ڇا جي خبر....؟ ڪا خاص ڳالهه آهي ڇا......“

”ڪهڙي خاص ڳالهه....؟ مون پڇيو ٿي ته سنڌيا مئڊم جي نالي جي خبر..“

”الائي يار... تو ته ڊيجاري ڇڏيو هو.. آيس ته پٽيوالي ٻڌايو ته صاحب سنڌيا مئڊم جي ڪيبن ۾ ويٺو آهي. تڏهن پڇي ورتم.“

ان وقت پٽيوالو چانهه کڻي اچي ٿو.... ٻئي چانهه پين ٿا.

”ڏي خبر جوائن ڪيئي... ڪيتري عرصي لاءِ پوسٽنگ ٿي اٿئي..... “

”بس ڇهن مهينن کان پوءِ ڪوشش ڪبي واپسي جي.... “

●

شام جي وقت احمد ڪمپني جيڪا ٿوري دير پهرين ئي دامن ڪوهه تان گهمي واپس آيا آهن ۽ فريش ٿي اچي لائونج ۾ ويٺا آهن ته احمد هيڏي هوڏي ڏسندي چوي ٿو.

”لڳي ٿو ته سنڌيا مئڊم جي اچڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي تڏهن ته اهتمام به ٺيڪ لڳو آهي.... ڪلندي... هو اڳي نه چوندا هئا ته بادشاهه جي اچڻ کان پهرين ڇڻڪار ٿيندا هئا، پوءِ موڙا وڇائبا هئا ته سمجهبو هو ته بادشاهه سلامت جي سواري جي آمد آمد آهي.... “

اهو ٻڌي رابعه ۽ ڪومل کلڻ لڳن ٿيون ته سنڌيا اندر اچي ٿي.....

”ڇا ڳالهه آ.... ڏاڍي کل مسخري لڳي پئي آهي. “

”احمد هجي ۽ کل ڀوڳ نه ٿئي.... بس مڙئي....... “

”مون چيو پئي ته بادشاهه سلامت جي تشريف آوريءَ جون تياريون پيون ٿين. “

اهو ٻڌي سنڌيا به کلي ڏئي ٿي....

”ليڪن هي تياري ته توهان مهمانن جي چانهه لاءِ آهي نه ته ڪُڪ کي خبر آهي ته مان سادي چانهه پئندي آهيان. ها ياد آيو.... هو حنان صاحب به شايد ٿوري دير ۾ اچڻ وارو آهي، مان ايستائين فريش ٿي اچان.

سنڌيا اندر هلي وڃي ٿي ان وقت حنان چوڪيدار سان گڏ اندر اچي ٿو، احمد اٿي مليس ٿو.

حنان ملندي چوي ٿو

”سوري احمد سر.... “مان جلدي ۾ آهيان. ميڊم سان واعدو ڪيو هوم تڏهن هليو آيس... در اصل منهنجو هڪ دوست اڄ ئي هتي پوسٽنگ تي آيو آ. اهو ٻاهر ويٺو آهي ان سان پئي ويس.“

اهو ٻڌي شوڪت علي ڪيس چوي ٿو ته.

”پُٽ هينئر ڪيڏانهن ويندئو. پنهنجي دوست کي به وٺي اچو چانهه تي ڪمپني ٿي ويندي.“

احمد ۽ حنان ٻاهر وڃن ٿا ۽ جميل کي پاڻ سان وٺي اندر اچن ٿا ٿوري دير کان پوءِ سنڌيا به فريش ٿي ٻاهر اچي ٿي، حنان جميل سان سڀني جو تعارف ڪرائي ٿو ٿوري دير ۾ ئي سڀئي هڪ ٻئي سان رُلي ملي وڃن ٿا ۽ پُر تڪلف ماحول ۾ چانهه پيئن ٿا.

ڳالهين ۾ وقت جي خبر ئي ڪونه پئي، گهڙي ڏسي ٻئي اٿي موڪلائي حنان جي اپارٽمينٽ تي اچن ٿا جميل ڪمري ۾ اچي اطمينان سان ويهندي،

”مان به ڪيڏو نه خوش نصيب آهيان جو اچڻ شرط رهائش جي فڪر ۾ پوڻ کان سواءِ گهر وارو ٿي ويس.“

”يار هي ننڍڙو اپارٽمينٽ به ڏاڍي مشڪل سان، اهو به ڪميشن وارن ارينج ڪري ڏنو آهي. مان اڪيلو بور پيو ٿيندو هوس. ڪجهه ئي ڏينهن ٿيا جو مئڊم سنڌيا جي فيملي هتي گهمڻ لاءِ آئي ته هنن سان ملاقات ٿي وئي.“

”واقعي حنان ڏاڍي شاندار فيملي آهي، سڀ پڙهيل ڳڙهيل، انتهائي بلند خيال فيملي آهي. ۽ هوءَ تنهنجي مئڊم سنڌيا..... سچ ته ان سان ملي دل خوش ٿي وئي، خوش شڪل هئڻ سان گڏ ڪيڏي نه سنجيده، بردبار ۽ باوقار خاتون آهي. پر يار مون هڪ ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي.“

”ڪهڙي ڳالهه.....“

”مئڊم سنڌيا جي اکين ۾ هڪ عجيب قسم جي اداسي ۽ مايوسي هن جي شخصيت سان اصل ميچ نه ٿي ڪري.“

”ها يار تون سهي ٿو چوين. ڪڏهن مونکي بہ ائين لڳندو آهي تہ هوءَ ڪو وڏو درد سيني ۾ سانديو پئي گهمي.“

”ورنہ سندس وڏي ڀيڻ، پاءُ پاپي ايستائين جو والد صاحب سڀ خاصا زندهہ دل انسان آهن.“

”هر وقت کل ڀوڳ، جو اجنبيت جو احساس ئي باقي نہ ٿو رهي، انهن ۾ مئڊم سنڌيا اوپري اوپري پئي لڳي.“

”خير اسان جو ڇا... هوندو ڪو مسئلو. اسان کي عزت ڏين ٿا اهوئي ڪافي آ. اسان ڇو انهن جي اندر ۾ گهڙي انهن جا ڳجهہ ڳولهڻ جي ڪيون. ڊنر ۾ ڇا پروگرام آهي.“

”نہ يار... ڇڏ ڊنر ونر کي، ڇانهہ تي ايترو ڪجهہ ٿي ويو جو هاڻي گنجائش ئي ناهي رهي، بس مان هاڻي آرام ڪندس ڏاڍو ٿڪل آهيان.“

”ٺيڪ آ تہ پوءِ گڊ نائيٽ اڄ تہ خوبصورت خوابن جو سير ڪيون.

•

صبح جو سنڌيا پنهنجي آفيس ڪيبن ۾ ڪنهن ڪم ۾ مصروف آ تہ حنان اجازت وٺي اندر اچي ٿو ۽ سامهون پيل ڪرسي تي ويهي حسبِ معمول سنڌيا کي ڪم ڪندو ڏسي ٿو ۽ سوچي ٿو تہ اڄ ميڊم صاحبہ کان ٿورو انٽرويو ڪرڻ گهرجي، هاڻي تہ گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن ايتري تہ انڊر اسٽينڊنگ ٿي ئي وئي هوندي جو مئڊم کي مائينڊ ڪرڻ نہ گهرجي. هو ائين سوچ ۾ گم هو سنڌيا بہ هن جي موجودگي ۾ پنهنجي اندر عجيب بيچيني محسوس ڪري رهي هئي، نيٽ فائيل مان واندي ٿي پرتجسس نگاهن سان حنان کي ڏسڻ لڳي، سندس نظرن جي تپش جي احساس کان حنان سوچن مان ٻاهر نڪري اچي ٿو.

”ڇا ڳالهہ آهي مسٽر حنان... ڪو ڪم هو ڇا...؟ يا وري پنهنجي پسنديده مشغلي موجب ويٺي جا خواب پيا لهو.“

”نہ نہ مئڊم ڪجهہ سوچيان پيو... اگر توهان فري هجو تہ ڪجهہ ڳالهہ ٻولهہ ٿئي....“

”ڇئو ڇئو مان ڪجهہ دير لاءِ بلڪل فري آهيان......“

”در اصل توهان جي فيملي خاصي خوش مزاج ۽ زنده دل آهي، خاص ڪري احمد صاحب. واقعي مان هنن کان ڏاڍو متاثر آهيان ۽ منهنجو دوست جميل بہ ڏاڍي تعريف پيو ڪري.. پر....“

”پر.... ڇا.“

ٿورو مزاقيہ انداز ۾.

”جميل جي راءِ توهان لاءِ ڏاڍي عجيب آ.....“

”ڇو.... ڇا ٿيو آ مونکي.....“

”جميل چيو پئي تہ تنهنجي مئڊم سنڌيا پڪ رابعہ آپي ۽ احمد صاحب جي سڳي ڀيڻ ناهي.“

”اهو وري ڪيئن سمجهيائين.... اڃان تہ اسان کي ملئي بہ ٽي ڪلاڪ مس ٿيا هوندا.“

ٿورو بي تڪلفانہ انداز اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

”اهو ئي تہ..... مان جيڪو سوال گذريل ڇهن مهينن کان پنهنجو پاڻ کان پڇندو پئي وتيس اهو هن گهڙيءَ ۾ پڇي ورتو.....“

اهو ٻڌي سنڌيا ڪجهہ ڪجهہ اندازو لڳائي وٺي ٿي تہ هي ايڏي تمهيد ڇا لاءِ ٻڌي پئي وڃي، هوءَ ايتري عرصي کان اهڙي هر سوال کان پنهنجو پاڻ کي بہ بچائيندي رهي هئي، هوءَ ڀلا ڪيئن ڪنهن ٻئي کي پنهنجي اندر ۾ نهارڻ جي اجازت ڏئي پئي سگهي، هڪدم سنجيدگي اختيار ڪندي.

”خبر ناهي ڇا پيا چئو.. مونکي تہ توهان جي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي اچي...“

”سوري ميم...! مونکي ذاتيات ۾ الجهڻ نہ کپندو هيو... بس جميل بيوقوف اهڙو منجهايو جو پڇڻ کان سواءِ نہ رهي سگهيس. مان هلان ٿو.“

ائين چئي اٿڻ لڳي ٿو تہ سنڌيا چويس ٿي.

”سوال جو جواب نہ وٺندئو ڇا..... مان بلڪل هنن جي سڳي، آءِ مين ريئل سسٽر آهيان پر توهان کي ائين ڇو لڳو؟“

حنان اٿندي وري ويهي رهي ٿو ۽ همٿ ڪندي چوي ٿو.

”توهان سيني کان ننڍا هجڻ باوجود انتهائي سنجيده بلڪ پُر اسرار حد تائين بردبار ۽ سوبر لڳندا آهيو. ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ پنهنجي نرم و نازڪ وجود مٿان ڪو سخت قسم جو خول چاڙهيو پيا وتو“

اهو ٻڌي سنڌيا جي چپن تي هلڪي مرڪ اچي وڃي ٿي. ڪيس ائين مسڪرائيندو ڏسي حنان جي دل ۾ عجيب هلچل مچي وڃي ٿي.

”ان ۾ پُر اسراريت ڪٿان اچي وئي.... پنهنجي سيٽ جي حوالي سان ائين رهڻو پوي ٿو.“

حنان اهو ٻڌي سمجهي وڃي ٿو تہ هن خاتون پنهنجو پاڻ مٿان الائي ڪيترا پرت چاڙهي رکيا آهن جن کي هٽائڻ لاءِ دل گردو کپي، اٿندي چوي ٿو.

”اوڪي ميم مون توهان جو ڪافي ٽائيم خراب ڪيو. بي تڪلفانہ گفتگو لاءِ معافي طلبگار آهيان.“

سنڌيا جي لبن تي گهڙي پل لاءِ هڪ بيساختہ مرڪ اچي وڃي ٿي ليڪن ٻئي لمحہ غائب ٿي وڃي ٿي.

”اٽس اوڪي.... نو پرابلم.... ماڻهو ڪابہ ڳالهہ دل ۾ نہ رکي، چئي ڏئي سني عادت آهي، بس گهڻو پرسنل نہ ٿي وڃجي.“

حنان ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري وڃي ٿو تہ سنڌيا زير لب چوي ٿي، خاصو دلچسپ شخص آ. ايترن ڏينهن جو سوال آخر سندس لبن تي اچي ئي ويو ڀلانو ڪيائين دوست جو.

وري ڪم ۾ مصروف ٿي وڃي ٿي.

•

شام جي وقت ڪليل دريءَ مان ٿڌي هوا اچي رهي هئي جميل سنڌ جي گرمي جو سڙيل ڏاڍي فرحت محسوس ڪري رهيو هو جيتوڻيڪ ڪراچي جي موسم گهڻو تڻو خوشگوار رهندي آهي پر ڪاٺي سمنڊ جي گهميل هوا ڪاٺي پهاڙي علائقن جي سبزي ۾ ٻڏل گلن ڦلن جي هٻڪار سان مهڪيل هوا. هو گهرا گهرا ساهه کڻي انهي مهڪ کي اندر ۾ اوتڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته حنان واش روم مان ٽوال ڪلهي تي رکي جهونگاريندو آلن وارن ۾ آڱريون ڦيريندو ٻاهر اچي ٿو جميل سندس اهڙو خوشگوار موڊ ڏسي ڪيس ڇيڙيندي،

”ڇا ڳالهه آ ڏاڍو رومانٽڪ موڊ پيو لڳي، ڀاڀي ثمينه جو فون آيو آ ڇا.“

”اڙي يار.... ڪڏهن زال جي فون تي به ماڻهو رومانٽڪ ٿيندو آهي.... سال گذري ويا ٻچڙي وال ٿي وياسين.... هاڻي ته رڳو گهر جي سنڀالڻ جي سوچ ذهن ۾ اچي ٿي.“

”ان جو مطلب ته اسلام آباد جون هوائون اهڙيون رومانٽڪ آهن جو دل هر وقت رومانس ڪرڻ لاءِ ماندي پئي ٿئي.“

”بس بس، ٻن ڪان وڏيڪ توهان وٽ اچا رومانس جي گنجائش باقي رهي آهي ڇا.... پاڻ ته يار..... هڪ ئي اهڙا ڏجها ڏنا آهن جو.....“

”ڪمال آ يار.... اهڙو ڪهڙو مسئلو ٿي ويو هونئن ته چوندو هئين ته تنهنجي لو ميريج آ.“

”مان ڪڏهن ٿو انڪار ڪيان ته لو ميريج ناهي، پر يار ميريج کان پوءِ لو ته هليو ويندو آ الائي ڪيڏانهن. باقي رهجي ويندا آهن صرف ڏجها...“

”الائي ڪهڙو فلسفو پيو ڳالهائين..... يار حنان هڪڙي ڳالهه چوانءِ مائينڊ نه ڪجانءِ، توکي ميريج لائيف ڪڏهن به مينيج ڪرڻ

نہ آئي. رومانس ۾ جو ايڏو اڳتي نڪري وئين.... ۽ پاپي ثمينہ الائي ڇو تنهنجي دل ۾ پنهنجي لاءِ محبت گهٽ خوف زياده پيدا ڪري ڇڏيو.“

اهو ٻڌي حنان ڳالهہ کي مذاق ۾ اڏائڻ خاطر.

”بس يار بس.... تون تہ ڏاڍو پرسنل پيو ٿين.“

اهو ٻڌندي ئي جميل کلڻ لڳو.

”واهہ..... پرسنل.... اهو لفظ تہ تنهنجي لغت ۾ نئون پيو لڳي..... ڪٿان هٿ ڪيئي.... پڪ ڪنهن جي ذاتي زندگي ۾ عادت موجب گهڙڻ چاهيو هوندئي ۽ ملي هوندئي تڙي.....“

اهو ٻڌي حنان واڻڙو ٿي کيس ڏسڻ لڳي ٿو جڻ ڪنهن هن جي اندر جي ڳالهہ پڪڙي ورتي هجي.

●

هڪ ڏينهن حنان آفيس ۾ ويٺو هو ۽ آفيس ورڪ کي تيزي سان سهيڙي رهيو هو تہ سنڌيا ميڊم انٽر ڪام تي کيس رڪئيسٽ ڪندي چيو تہ بورڊ جي ميٽنگ ۾ پئي وڃي سندس موبائيل فون گهر رهجي وئي آهي ۽ گهر جي فون رات کان هيلڊ اپ پئي وڃي، ان ڪري سندس گهر کان گذرندي ميسيج ڇڏيندا ويندا تہ مان ليٽ ٿي ويندس پريشان نہ ٿين.

حنان کيس اطمينان ڏياري ٿو تہ هو ويندي ويندي ٻڌائيندو ويندو.

●

حنان آفيس مان اٿي ٻاهر اچي گاڏي ۾ ويهي ٿو ۽ ڊرائيور کي سنڌيا ميم جي اپارٽمينٽ هلڻ جو چوي ٿو. ٿوري دير ۾ اتي پهچي چوڪيدار کي ٻڌائي ٿو پر ان وقت ڪومل ڪنهن ڪم سان گيٽ وٽان گذري ٿي تہ هن کي ڏسي وٺي ٿي ۽ کيس اندر اچڻ لاءِ چوي ٿي، پر

حنان معذرت ڪري ٿو ته هو صرف ميسيج ڏيڻ آيو هو ۽ ڪيس دير ٿي ويندي.

پر ڪومل ڪيس ٻڌائي ٿي ته احمد ۽ بابا ڪنهن ملڻ واري جي طرف ويا آهن ۽ آپا جي طبيعت ٺيڪ نه آهي اها آرام پئي ڪري، چانهه تيار آهي ۽ توهان جي پسند جا پڪوڙا به ٺهيا آهن چانهه پي وڃو.

حنان اهو ڏاڍي موقعو غنيمت سمجهي ٿو ته ڳالهين ڪندي هو پاپي ڪان سنڌيا ميم جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو.

اندر اچي ٿو. بورچي چانهه وغيره اچي لڳائي ٿو. چانهه پئندي ڳالهين ڪندي هو ڪومل ڪان پڇي وٺي ٿو.

”پاپي توهان ڪان هڪ ڳالهه پڇڻي هئي اگر توهان مناسب سمجهو ته...“

”پڇو ڪا خاص ڳالهه آهي ڇا.... مان سمجهان ٿي ته پڪ اهو پڇندئو ته اسان سڀ گهر ڀاتي ٻئي مزاج جا آهيون ۽ سنڌيا ايتري سنجيده ڇو آهي.“

حنان سندس ڳالهه ٻڌي حيران ٿي وڃي ٿو.

”پر توهان ڪيئن سمجهو ته مان توهان ڪان ڪو اهڙي قسم جو سوال ڪندس.“

ڪومل کلي ڏئي ٿي ۽ ڪيس ٻڌائي ٿي ته ڪالهه ئي سنڌيا ٻڌايو پئي ته توهان ڪانئس اهڙي قسم جي آڏي پڇا پئي ڪئي.

”اڇا ته مئڊم اهڙي غير اهم ڳالهه به گهر اچي توهان سان شيئر ڪئي....“

”توهان جهڙي دلچسپ انداز ۾ ڪانئس سوال ڪيو ته هن کي به سٺو لڳو ۽ اچي مونکي ٻڌايائين. دراصل سنڌيا جڏهن پيدا ٿي ته سندس مدر جي ڊيٿ ٿي وئي ۽ بابا سائين ۽ رابعه آپي سندس پرورش ڪئي. انهي دوران ڪا ڪمي رهجي وئي جو هوءَ حد ڪان وڌيڪ حساس ۽ ڄڻي ۽ ڪم گو بنجي وئي.“

”ميڊم جي عمر هينئر 44 _ 45 سال تہ ٿي وئي هوندي پوءِ هينئر تائين شادي ڇو ڪونہ ڪئي اٿس يا اڃان تائين آئڊيل جي انتظار ۾ آهي.“

ڪومل کي حنان طرفان اهڙي سوال جي بلڪل توقع نہ هئي. اهو ٻڌي هوءَ عجيب شش و پنج ۾ پئجي وئي تہ ڪهڙو جواب ڏئي آخر ڳالهہ ٽارڻ لاءِ.

”اهو تہ سندس انتهائي پرسنل معاملو آهي، اسان بہ هن سان اهڙي ڪنهن موضوع تي ناهيون ڳالهائيندا. ڪئي رشتا آيا پر هن هر دفعہ اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ هن ڏرتي تي شاديءَ کان علاوه بہ ڪوڙ سارا اهم معاملا آهن. اگر ڪنهن شادي نہ ڪئي تہ ڏرتي جو ڪار ونهوار رڪجي تہ نہ ويندو. هوءَ لائيف کي پنهنجي اسٽائيل سان گذارڻ ۾ يقين رکي ٿي. ان ڪري ڪنهن بہ ان تي زور نہ ڀريو.“

”ڪمال آ ايڏي پڙهيل لکيل، خوبصورت ۽ سلجهيل ذهن جي مالڪ ۽ اهڙي خوبصورت بندڻ کان انڪاري... يقين نہ ٿو اچي. ضرور ڪانہ ڪا ڳالهہ هوندي ڪا تہ ٽريجڊي ٿي هوندي هن جي زندگيءَ ۾ تڏهن تہ هوءَ سيني سان ايتري خوفناڪ حد تائين سنجيده انداز روا رکندي آهي.“

انهيءَ وقت رابعہ بہ ٻاهر نڪري اچي ٿي ۽ هنن کي ائين بحث ۾ الجهيل ڏسي ڪلندي چوي ٿي.

”يقيناً حنان سنڌيا مئڊم جي شخصيت جي باري ۾ پنهنجي تجسس جو اظهار ڪندو هوندو، حنان ٻڌاءِ تہ ڪهڙو اسٽار آ تنهنجو.“

”آپي اڪئائرس، منهنجو مطلب آ دلوُ. پر اهو ڇو پيا پڇو توهان کي اسٽارس جي ڄاڻ آهي ڇا؟“

”تڏهن تہ.... ايترو تجسس آ تنهنجي طبيعت ۾.... جيڪڏهن تون ان جي راز کي پروڙي وٺين تہ مان ضرور توکي انعام ڏينديس.“

”چئي تہ نہ ٿو سگهان پر ڪوشش ضرور ڪندس.“

اهو چئي اٿي ٿو تہ رابعہ کيس چوي ٿي تہ ڪجھ دير بابا وارن جي اچڻ تائين ويهي پر هو معذرت ڪري هليو وڃي ٿو.

•

جميل ڪافي دير کان آفيس مان موٽي آيو هو ۽ حنان جو انتظار ڪري رهيو هو. هو بوريت کي دور ڪرڻ لاءِ ميگزين جي ورق گرداني ڪري رهيو هو. سندس ذهن ۾ حنان جي متعلق ڪئي خيال اچي رهيا هئا. حنان پڪ مئڊم سنڌيا جي طرف هليو ويو هوندو. سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته هو ان جي شخصيت ۾ ايڏو انٽريسٽيڊ ڇو آهي. هر وقت مئڊم سنڌيا هيئن ڪيو مئڊم سنڌيا هوئن ڪيو. اڻ ڄاڻائي ۾ ڪا ٿي هو سنڌيا جي قريب ته نه پيو ٿيندو وڃي. نه پلا اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، هن پنهنجي ڪزن ثمينه سان پنهنجي پسند ۽ مرضي سان شادي ڪئي هئي ۽ هينئر ٽن ٻارن جو پيءُ آهي.

اچانڪ ڪيس ڪجھ ياد اچي وڃي ٿو ۽ پنهنجي منهن پڻڪندي، اڙي يار جميل تو به ته سعيده سان گھر وارن جي مرضي جي خلاف پنهنجي پسند سان شادي ڪئي هئي، ٻار به هئا، پر پوءِ شائسته سان ملئين ته سڀ ڪجھ وساري ان جا راڳ آلاپڻ لڳين ۽ جيسيتائين ان کي پنهنجي جيون ۾ شامل نه ڪيئي سک نه سمهئين...... اسان مردن لاءِ سڀ ڪجھ ممڪن آ ۽ سنڌيا ته هڪ سحر انگيز شخصيت جي مالڪ عورت آهي هر ڪو هن طرف ڇڪجندو وڃي ٿو توڙي جو هوءَ اسان کان عمر ۾ ڪافي وڏي آهي، خدا حنان جو خير ڪري ۽ هن جي سحر کان کيس محفوظ رکي، ورنه هن ويچاري درويش جو الائي ڇا ٿيندو.

وقت ائين پنهنجي اڏنگي چال سان گذري رهيو هو. هڪ ڏينهن رابعه ۽ ڪومل ڪمري ۾ بيڊ تي پلٽي هنيو ويٺيون هيون ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري رهيون هيون ته الائي ڪيئن سندن ڳالهين جو موضوع حنان ڏانهن مُڙي ويو. حنان الائي ڇو ڪومل کي پهرين ڏينهن کان ڪافي پسند آيو هو ۽ هوءَ الائي ڪهڙيون اميدون

هن سان وابستہ ڪيو ويٺي هئي، اڄ پنهنجي دل جي ڳالهہ رابعہ سان شيئر ڪرڻ خاطر حنان جو موضوع ڇيڙي ويٺي،

”آپي..! حنان ڪافي دلچسپ نوجوان آ. توهان نوٽيس ڪيو تہ هو سنڌيا ۾ غير معمولي دلچسپي پيو وٺي.“

”اهو تہ سهي آ پر اسان کي هن جي متعلق ڄاڻ ئي ڪيتري آهي، ڪير آ، پويان هن جي فيملي ڪيئن آهي، سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هو سنڌيا کان گهٽ ۾ گهٽ اٺ، نو سال تہ ضرور ننڍو هوندو. توکي تہ خبر آ تہ هن ڪهڙا ڪهڙا رشتہ موٽائي ڇڏيا. مونکي مظفر اڄ بہ ياد آ. هو هن سان ڪيتري محبت ڪندو هو. اعليٰ تعليم يافتہ بهترين خاندان، مان اڄ بہ هن کي وساري ناهيان سگهي، سنڌيا جي اسلام آباد اچڻ کان جلد ئي پوءِ هو ٻاهر هليو ويو.

”بس آپي اهي سڀ لڪئي جا ليک آهن. انسان ويچارو ڇا ٿو ڪري سگهي. آپي مان هڪ ڳالهہ وڏي عرصي کان اندر ۾ سانديو پئي اچان هڪ امانت وانگر جيڪا اڄ ڄاڻائي ۾ مونکي ملي وئي، ڪئي دفعہ ارادو ڪيم تہ توهان کي ان ۾ شامل ڪيان پر اخلاقي تقاضائون مانع رهيون پيو تہ همت بہ نہ پئي ساري سگهيس.“

”اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آ جنهن لاءِ ايڏي تمهيد جي ضرورت پئي، ٻڌاءِ نہ. گهڻو وقت پهرين سنيتا بہ ڪجهہ ٻڌائيندي نٽائي وئي هئي، اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آ جيڪا ايڏي طويل عرصي کان مونکان لڪائينديون پيون اچو.“

”بس آپا هڪ اهڙو راز جيڪو اتفاقيہ منهنجي هٿ لڳي ويو، پليز واعدو ڪيو توهان ڪنهن کي بہ ان جي باري ۾ نہ ٻڌائيندئو. جڏهن پهريون دفعو اسان سنڌيا سان گڏ اسلام آباد پئي آياسين تہ ڪجهہ گهڙيون اڳ ۾ هڪ فون ڪال آئي.... ڪمري مان سنڌيا ءِ لائونج مان، مان ڪٽي وينس. فون ڇا هئي هڪ ڌماڪو هو هڪ بم بلاسٽ ٿيو هو منهنجي دماغ تي.“

رابعہ جو منہ لهي ويجي ٿو. ”جلدي ٻڌاءِ نہ. ڇو پئي ڳجهارتن ۾ ڳالهائين..ڪنهن جي فون هئي.“

”فون تي شايد آپا شمسہ جو ياءُ رحمان هو.“

هوءَ سڄي ڳالهہ جيڪا هن ٻڌي هئي رابعہ کي ٻڌائي ٿي اهو ٻڌي پهرين تہ رابعہ جو منهن ڪارا ٿجي ويجي ٿو شرم ۾ ڏک وچان روئي ڏئي ٿي،

”ايڏي وڏي ٽريجڊي ٿي وئي منهنجي پيڻ سان ۽ مان ائين بيخبر رهيس، آخر اهڙو کهڙو راز سنڌيا جو هن ڪميٽي رحمان کي هٿ اچي ويو هو جو هو ائين کيس بليڪ ميل پيو ڪري.“

”آپا تڏهن منهنجي سمجهہ ۾ ڳالهہ آئي تہ سنڌيا ڪراچي ڇو پئي ڇڏڻ چاهي....“

”خدا غارت ڪري ان ڪمينہ انسان کي، جنهن منهنجي پيڻ جي زندگي نرڳ بنائي هئي.“

انهي وقت احمد ڪمري ۾ اچي چوي ٿو تہ جي سندن ڪچهري ختم ٿي هجي تہ ٻاهر اچي ڪا پيٽ پوڄا جي تياري ڪن. ٻئي نہ چاهڻ جي باوجود اٿي ٻاهر نڪري اچن ٿيون.

●

هڪ ڏينهن شام جي وقت حنان ۽ جميل چانهہ پي رهيا هئا تہ حنان جي موبائيل جي گهنٽي وڄڻ لڳي، حنان فون کنئي تہ ٻئي طرف سندس پيارو دوست آصف هو.

”يار آصف ڪٿي آهين، ورهيہ ٿي ويا توسان ملئي.“

”بس جي سوچين تہ تنهنجي دل جي قريب نہ تہ اوڏو ئي دُور.“

”سني شاعري آ ڪڏهن کان طبع آزمائي پئي ٿئي.“

”واهہ يار دل جي ڳالهہ توکي شاعري پئي لڳي.... چڱو ائڊريس ٻڌاءِ پوءِ ڏس تہ آهيان نہ تنهنجي دل جي نزديڪ.“

حنان کيس ائڊريس سمجهائي ٿو. فون رکي جميل کي ٻڌائي ٿو اهو ٻڌي جميل بہ خوش ٿي چوي ٿو تہ خوب نڀجندي جڏهن ملندا ديوانہ

ٿي. اجان بہ منٽ ئي مس گذرن ٿا تہ ٻور بيل وڄي ٿي، حنان پاڻ پوئتي ٿي جميل کي اشاري سان در کولڻ لاءِ چوي ٿو جميل در کولي ٿو.

”واهہ يار اڄ تہ هڪ ٻئي کي خوب سرپرائيز ڏنا اٿئون. جميل جي تہ بلڪل خبر نہ هئي، پلا صاحب بهادر کي نوڪري ۽ بيگمات مان فرصت ملي تہ يارن جي بہ يادگيري اچيس.“

حنان کيس ٻڌائي ٿو تہ جميل جي ٻن هفتن کان هتي پوسٽنگ ٿي آهي، آصف ٻڌائي ٿو تہ هو ڪنهن ڪم سان ڪجهہ ڏينهن لاءِ هتي آيو آهي تنهن هڪ ٻئي سان ائين اوچتو ملي ڏاڍا خوش آهن.

آصف چانهہ پيئندي حنان کان پڇي ٿو.

”حنان يار ڏي خبر هتي اسلام آباد کي يڪو اچي وسائي وينو آهين، ڪيئن پئي گذري.“

”بس يار گذري پئي.....“

جميل حسبِ عادت مذاق ڪندي،

”نہ نہ گذري ڪونہ پئي پر واهہ جو گذري پئي. هتي اچڻ سان صاحبِ موصوف کي هڪ ليڊي باس ملي آهي ۽ جناب ان جي سيڪريٽس چاڻڻ جي چڪر ۾ جيمز بانڊ لڳو پيو آهي.“

”يار اهو جاسوسي واسوسي جو ڪم ڪڏهن کان شروع ڪيو اٿئي.“

اهو ٻڌي حنان کلي ڏئي ٿو ۽ جميل ڏي هٿ اُلاريندي،

”بس يار هن جميل کي تہ الله پڇي اسان جي جاءِ ناهي.“

ٻئي ڏينهن موڪل جي ڪري سڀ دير سان اٿن ٿا ۽ سڏو لنچ جي تياري ڪن ٿا، ان وقت حنان کي احمد فون تي چوي ٿو تہ اسان ڏاڍا بور پيا ٿيون اڄ شام جو اسان سان چانهہ ۾ شامل ٿيو آپا جميل صاحب لاءِ اسپيشلي دعوت ڏني آهي. ان تي حنان کيس بي تڪلفي سان چوي ٿو تہ جي ائين آهي تہ پوءِ هڪ مهمان سرپرائيز ۾ منهنجي طرفان بہ شامل ڪري ڇڏجو. احمد خوش ٿي چوي ٿو تہ اسان کي خوشي ٿيندي هتي پرديس ۾ پنهنجن سان ملي، ويڳاڻپ جو احساس ئي مٽجي وڃي ٿو.

فون بند ڪري ٿو ته آصف چويس ٿو ته هن ائين ڇو چيو اها ته زوري جي دعوت ونڻي ٿي. پر جميل ڪيس ٻڌائي ٿو ته هوءَ خاصي ڊيسينٽ فيملي آهي. ڀهرين دفعي ئي ملڻ سان ائين لڳي ٿو ڄڻ ورهين جي شناسائي آ. تون فڪر نه ڪر انشا الله شام ڏاڍي خوشگوار گذرندي اسانجي به ۽ خاص ڪري حنان جي، ڏسجانءِ ته ڪهڙي اهتمام سان تياري ٿو ڪري. ٻئي ٽهڪ ڏئي کلن ٿا.

●

شام جي وقت سنڌيا پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪري رهي آهي، ڪچن ۾ سويل ڪان رابعه ۽ ڪومل ڪُڪ سان گڏجي ڪجھ ڪاهڻ ۾ مصروف آهن. ان وقت احمد جهاتي پائي ٿو ته رابعه چويٽي،

”مالڪياڻي ليپي ڪونه ۽ اسان آهيون جو مجھند ڪان مهمانداري ۾ لڳا پيا آهيون.“

”پر توهان کي پنهنجي هنرمندي جا جوهر ڏيکارڻ جي ڪهڙي ضررت اچي پئي آ شل نه ڪو موقعو مليو.“

رابعه اتان کي تقڻي اُلاريندي، سڏيو به پاڻ اٿئي، چڱائي چٽي جو تنهنجي ئي نانءُ نيڪي لاءِ پيا پاڻ پتوڙيون.

”ڪُڪ جو آهي پاڻ ئي هڪ به شيون ناهي وني ها.“

ان وقت سنڌيا به اُتي اچي ٿي،

”اڄ ته زبردست خوشبوءِ پئي اچي، پڪ آپي هوندي ڪچن ۾.“

ڪومل اتان ئي شڪايتي لهجي ۾،

”۽ هيءَ ويچاري پاپي ته بس گهر جي مرغي آهي نه. هن جي ته ڪو ڳالهه کي ڪونه ٿو ڪري.“

”پر اهو ايڏو اهتمام ڪنهن لاءِ پيو ٿئي.“

ڪومل مزاقيه انداز ۾ چوي ٿي،

”هو تنهنجي حنان.... منهنجو مطلب آ، حنان جو ڪو دوست آيل آ ڪراچي مان، احمد ان کي انوائيٽ ڪيو آ، بس ان ڪري لڳا پيا آهيون.“

سنڌيا اهو ٻڌي چوي ٿي،

”ڪُڪ آهي نہ، ڪري وٺي ها.... چڱو هاڻي ٻاهر اچو فريش ٿي وٺو مان بہ فريش ٿي اچان ٿي.“

هو سيئي پنهنجي پنهنجي ڪمرن ۾ فريش ٿيڻ لاءِ وڃن ٿيون.

ٿوري دير ڪانپوءِ چوڪيدار سان گڏ حنان پنهنجي دوستن سان گڏ اندر اچي ٿو شوڪت ۽ احمد ڏاڍي قرب ۽ اُڪير سان ساڻن ملن ٿا ۽ لائونج ۾ پيل صوفن تي ويهن ٿا، سنڌيا ۽ ڪومل تيار ٿي ٻاهر اچن ٿيون ٿئي احترامًا اٿي کين سلام ڪن ٿا. سندن پويان رابعہ بہ ٻاهر اچي ٿي، تہ جميل ۽ حنان کان پوءِ سندس نگاهہ آصف تي پوي ٿي تہ ذري گهٽ رڙ نڪري وڃيس ٿي،

”اڙي آصف تون......!“

سڀ حيران ٿي رابعہ ۽ آصف کي نهارن ٿا آصف تعجب مان،

” رابعہ آپي توهان..... هتي....!“

رابعہ هنن جي حيراني ۽ تجسس کي ختم ڪندي کين ٻڌائي ٿي تہ پريشان نہ ٿيو آصف مظفر جو ننڍو ڀاءُ آهي ۽ ان حوالي سان اسان جو بہ ننڍو ڀاءُ ٿيو.

اهو ٻڌي سنڌيا حيران ٿي وڃي ٿي، ان سان گڏ پشيماني سندس چهري تي ظاهر ٿئي ٿي.

رابعہ آصف جو سيني سان تعارف ڪرائي ٿي تہ ڪومل حنان کان پڇي ٿي تہ هو ڪيس ڪيئن ٿو سڃاڻي ان تي حنان ٻڌائي ٿو تہ جميل آصف ۽ هو ٽئي نہ صرف يونيورسٽي ۾ هڪ ئي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندا هئا پر هو ٽئي ڪئي سالن تائين هڪ ئي روم ۾ گڏجي رهيا. يونيورسٽي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نوڪرين سانگي ٽڙي پکڙي ويا پر هنن جو رابطو هميشہ قائم رهيو موقعو ملندي ئي هنن پنهنجي دوستي نڀائڻ جو هر طرح خيال جاري رکيو.

اهو ٻڌي شوڪت علي خوش ٿي ڪين چوي ٿو ته اها ته تمام سٺي ڳالهه آهي نه ته هن زماني ۾ هر شخص ايترو گوناگون مسئلن جي ور چڙهي ويو آهي جو پنهنجو پاڻ ئي وساريو وتي.

ان وقت بورچي ٻڌائي ٿو ته چانهه لڳي وئي آهي، سيئي نهايت پُر تڪلف ماحول ۾ چانهه پين ٿا. آصف سڀني سان جلدي گهلي ملي وڃي ٿو. چانهه کان پوءِ سنڌيا اهو چئي موڪلائي ٿي ته کيس ڪجهه ضروري فائيلن تي ڪم ڪرڻو آهي. هن جي وڃڻ کان پوءِ حنان ائين محسوس ڪري ٿو جڻ ڪا شيءِ هن جي اندر مان نڪري ڪيڏانهن هلي وئي آهي سڄو ماحول کيس ويڳاڻو لڳي ٿو. ڪنهن ڳالهه ۾ دل نه ٿي لڳيس. جميل کي اشارو ڪري چوي ٿو ته هاڻي هلڻ گهرجي، احمد کيس چوي ٿو ته ترسي اڳو پوءِ رات جي ماني کائي پوءِ وڃن پر حنان ۽ جميل معذرت ڪن ٿا ٿئي اٿن ٿا ته رابعه زوري آصف کي روڪي وٺي ٿي ته اجان ته هن حال احوال ئي ڪونه ڪيا آهن ڪجهه دير ترسي پوءِ وڃي.

اهو ٻڌي هو ٻئي اٿن ٿا ۽ آصف کين چوي ٿو ته هو پيلي هلي آرام ڪن. ٻئي موڪلائي هليا وڃن ٿا.

رات جا يارهن ٿي رهيا آهن آصف اجان واپس ناهي آيو ته جميل ٽائيم ڏسي چوي ٿو.

”هي آصف يڪو اتي ويهي رهيو. الائي اتي ترسڻ جو پروگرام اٿس.“

”اچي ويندو... پر يار آصف پهرين ته ڪڏهن نه ٻڌايو ته هن جي احمد فيملي سان ڪا ڄاڻ سڃاڻ آهي.“

جميل ٽوڪ ڪندي.

”هُن کي پلا ڪهڙي خبر هئي ته ان فيملي سان تون پنهنجي سڃاڻ پيدا ڪري ويٺو آهين.“

”يار ڪڏهن ته سنجيده ٿيندو ڪر، توکي ته هر ڳالهه ۾ مذاق جو پهلو ملي ٿو وڃي.“

جميل هڪدم سيريس شڪل ٺاهيندي،

”اوڪي بابا مان بلڪل سنجيده آهيان، هاڻي تون ٻڌاءِ ته تون سنڌيا مئڊم جي معاملي ۾ ايڏو پزيسوِ ڇو ٿي وڃو آهين جو ٻئي ڪنهن جو ناتو توکي کُٽڪڻ لڳي ٿو.“

”ڏس...! مون هينئر سنڌيا ميڊم جي ڳالهه ڪئي، مون ته احمد پائو وارن جي لاءِ پئي چيو.“

”اهو به دل جي چور کي لڪائڻ جو هڪ انداز آهي.“

هنن جو اهو بحث اڃان جاري هو ته آصف ٽڪل ٽڪل اندر اچي بيڊ تي ڍهي پوي ٿو.

حنان تجسس ڀرئي انداز ۾،

”ڇا ٿيو يڪو وڃي ويهي رهئين، رات رهڻ جو ارادو هو ڇا؟“

”نه يار آپي رابعه سان عرصي کان پوءِ ملڻ ٿيو، پراڻا قصا کولي ويٺي ته وقت جو احساس ئي نه رهيو. چڱو مان هاڻي آرام ڪندس باقي ڪچهري صبحاڻي. چادر کڻي صوفي تي وڃي سمهي رهي ٿو. جميل اشاري سان حنان کي ڇيڙڻ جي ڪري ٿو پر هو به ڪجهه چئي بنا پاسو ورائي سائيڊ لائيٽ آف ڪري سمهي پوي ٿو.

صبح جو سنڌيا تيار ٿي آفيس وڃڻ لڳي ٿي ته ان وقت ڪومل به ڪمري کان ٻاهر اچي ٿي،

”ڇو پاپي اڄ اسان سان ناشتو به نه ڪيو طبيعت ٺيڪ ناهي ڇا.“

”رات هڪ ته اگزم شگزم ڪائي ويناسين پيو آصف سان ڪچهري ۾ گهڻي دير ٿي وئي ان ڪري صبح جو اٿڻ تي دل ئي نه ٿي.“

”ٺيڪ آ مان آفيس لاءِ نڪران پئي. بابا آرام ۾ آهي رات ان جي ننڊ به ڊسٽرب ٿي آهي انجو خيال ڪندا.“

”اوڪي مئڊم توھان بي فڪر ٿي وڃو.“

سنڌيا نڪري وڃي ٿي تہ ڪومل، رابعہ ڪان پڇي ٿي تہ آصف حنان جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو.

اھو ٻڌي احمد شرارتي انداز ۾ ڪيس چوي ٿو.

”خير تہ آھي نہ تون حنان ۾ ڪجھ وڌيڪ انٽريسٽيڊ نہ پئي ٿيندي وڃن، مونکي تہ ھاڻي ساڙ ٿيڻ لڳو آھي.“

پھرين تہ ھوءَ مڙس کي چيڙائڻ خاطر چوي ٿي،

”واقعي.....“

پوءِ سنجيده ٿيندي رابعہ ۽ ڪيس چوي ٿي،

”حنان واقعي ھڪ سنو نوجوان آھي. سلجھيل سمارٽ ۽ مردانہ وجاھت سان ڀرپور، ھو جڏھن بہ ھتي آيو آھي مونکي لڳندو آھي تہ ھو سنڌيا ۾ انٽريسٽيڊ آھي، مون نوٽ ڪيو آھي تہ ھو وڌ ڪان وڌ وقت ھن جي قريب گذارڻ چاھيندو آھي. رات جي ئي ڳالھ آھي، جيسيتائين سنڌيا ويٺي ھئي ھو بہ ويٺو رھيو. ھوءَ اٿي وئي تہ ڄڻ تہ چراغن ۾ ھن لاءِ روشني ئي نہ رھي سندس دل ئي نہ پئي لڳي. بھانو ڪري جميل کي ساڻ ڪري ھليو ويو.“

رابعہ بہ ان ڳالھ کي تسليم ڪري ٿي پر ھوءَ پنھنجو خدشو ظاھر ڪندي چوي ٿي،

”اھو سڀ تہ ٺيڪ ڪٺي ھجي پر حقيقت اھا آھي تہ ھو ۽ آصف گڏ پڙھيا آھن. ان حساب سان ھو سنڌيا کان اٺ نو سال ننڍو ھوندو.“

ڪومل ان جي باوجود پنھنجي ڳالھ تي بضد رھي ٿي تہ ڪجھ بہ آھي پر ان سڀ جي باوجود ھو سنڌيا کي پسند ڪري ٿو تہ پوءِ عمر جو فرق ثانوي حيثيت رکي ٿو. ھنن جون ڳالھيون ٻڌي احمد چڙي پوي ٿو.

”صبح ساڻ کھڙو فضول ٽاپڪ کڻي ڊسڪس ڪرڻ ويٺيون آھيو. سنڌيا جا ايڏا رشتہ آيا، مظفر تہ ڪيس ڪيترو چاھيندو ھو. ھن ان کي ئي گاھہ نہ وڌو، ۽ ھيئنر جڏھن ھوءَ پنھنجي لائيف ۾ سيٽ آھي تہ توھان اڄي فضول بحث ۾ پيون آھيو.“

رابعہ ياءُ کي ائين سنجيده ٿيندي ڏسي ٿي تہ کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي،

”ڏس احمد ناراض نہ ٿي، سنڌيا آخر هن شهر ۾ اڪيلي ڪيترو وقت گذاريندي، حقيقت پسند ٿي، هر ماڻهو جا پنهنجا مسئلا آهن ۽ وقت گذرڻ سان گڏ حالات بہ ساڳيا ناهن رهندا اڄ تہ اسان پنهنجي مسئلن مان وقت ڪڍي هن سان ڪجهہ ڏينهن گذارڻ اچي وڃون ٿا صبحاڻي شايد اهو بہ نہ ٿي سگهي. هن کي نيٺ پنهنجو گهر وسائڻو ئي آهي..... عمر وچينس ٿي ڳرندي..... ۽ جي حنان هن کي پسند ڪري ٿو ۽ ڪو پروپوزل هن جي طرفان اچي ٿو تہ اسان کي ان لاءِ نہ صرف پنهنجو ذهن ناهڻو پوندو بلڪہ سنڌيا کي بہ آماده ڪرڻو پوندو تہ هن سان ماضي ۾ ڪو شادي نہ ڪرڻ جو جواز هو تہ بہ ان کي ايڏو طويل عرصو گذري چڪو آهي جو ان جواز جا بہ نشان ڊهي ويا هوندا.

احمد پيڻ جا دليل ٻڌي پنهنجي هار مڃيندي چوي ٿو تہ ٺيڪ آهي جيڪڏهن ٻئي پاسي کان ڪا چر پر ٿي تہ پوءِ ڏسي وٺنداسين.

ٻئي طرف ٽئي دوست ڪچن ۾ ناشتو ٺاهي رهيا آهن تہ جميل آصف کان پڇي ٿو تہ هنن جي احمد فيملي سان ڪيئن ڄاڻ سڃاڻ آهي.

آصف کين ٻڌائي ٿو،

”رابعہ آپي جو هسبيڊ ۽ سندس ساهرا اسان جا فيملي فرينڊس آهن اسان جو سيني کان وڏو ڀاءُ ۽ ادا طارق يعنيٰ آپا جو گهر وارو ننڍي هوندي کان گڏ پڙهيا هڪ ئي پاڙي ۾ رهياسين، ۽ سڀ کان دلچسپ ڳالهہ اها تہ ڀائو مظفر مونکان وڏو ڀاءُ سنڌيا ميڊم کي تمام گهڻو چاهيندو هو. سنڌيا مئڊم ۽ هو هڪ ئي ڪمپني ۾ جاب ڪندا هئا. رابعہ آپي جي ذريعي هنن ڏانهن رشتو بہ موڪليو ويو. گهر ۾ سڀ راضي هئا پر....“

حنان کان اهو ٻڌي صبر نہ ٿيو ڳالهہ وچ مان ڪٽيندي،

”پر ڇا....“

جميل ٿو ڪيندي،

”صبر يار صبر..... هن کي ڳالهه پوري ڪرڻ ڏي.“

اهو ڏسي آصف حيران ٿي پڇي ٿو.....

”ڇا ڳالهه آ..... توهان ائين ڇو پيا ٻهيو ڪيو.“

”يار توکي ته خبر آ اسان وارو حنان صاحب اڄ ڪلهه جيمز بانڊ 007 لڳو پيو آهي. ميڊم صاحبه تي ڪا اسٽوري ڪرڻ جو پروگرام اٿس.... تون اڳتي ٻڌاءِ پوءِ ڇا ٿيو.“

”ڳالهه پڪي ڪرڻ ويا ته سنڌيا ميڊم صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پائو مظفر. بس ڪجهه نه پڇو ايڏو هرٽ ٿيو جو ضد ۾ اچي پري جي ڪزن سان ڇٽ مڱڻو پٽ شادي ڪري ويهي رهيو.“

حنان کي اچي اڻ تڻ ٿي پڇڻ کان رهي نه سگهيو.

”سنڌيا انڪار جو ڪو سبب ته ٻڌايو هوندو.“

”پهرين ته خبر ڪونه پئي پر مظفر پائو به هار مڃڻ وارو ڪونه هو هڪ ٺي ڪمپني ۾ جاب ڪرڻ جي ناتي هنن جي پاڻ ۾ ڪافي ايفيلئيشن هئي، ۽ ائين بنا سبب پاڻ کي ٺڪرائجڻ هن کان سَنو نه پئي ٿيو ان ڪري اندرين نموني هو ان جو سبب تلاش ڪندو رهيو. انهي دوران سنڌيا به اسلام آباد هلي وئي ان کان پوءِ پائوءَ کي جيڪا ڪهاڻي خبر پئي ان ته هن کان جيئڻ جو حوصلو ئي کسي ورتو ۽ پوءِ هو واپس لنڊن هليو ويو.“

جميل کان اهو ٻڌي رهيو نه ٿيو ۽ پڇڻ لڳو ته:

”اهڙي ڪهڙي ڪهاڻي ان انڪار ۾ لڪل هئي توکي خبر پئي.“

”ها انهن ڏينهن ۾ مان يونيورسٽي ۾ هوس ۽ اوچانڪ هن جي لنڊن لاءِ تياري مونکي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو. اسان ٻئي پائر عمر جي وڇوٽي باوجود هڪ ٻئي سان خاصا فرينڊلي آهيون جڏهن مون گهڻو اصرار ڪيو ته هن پيرائتي ڳالهه مونکي ڪري ٻڌائي.“

حنان اهو ٻڌي ضد ڪري ويٺو ته جي تون سمجهين ته اسان تنهنجا اهڙا دوست آهيون جيڪي هڪ جان ٽن قالبن وانگر آهيون، ته پوءِ اها ڪهاڻي تون اُن يقين سان اسان سان شيئر ڪري سگهين ٿو.

چوتہ اسان کي بہ گھڻو تجسس ٿي پيو آهي. ٿوري پس و پيش ڪرڻ کان پوءِ آصف سڄي ڳالھ سربستي ڪري کين ٻڌائي، هو ٻئي بغير اک ڇنڀڻ جي ڏک ۽ حيراني مان کيس ٻڌندا رهيا. جيئن ئي هن ڳالھ پوري ڪئي حنان تہ وائڙو ٿي هڪ ٽڪ کيس تڪيندو رهيو ليڪن جميل جي وات مان بي ساختہ نڪري ويو.

”اسٽرينج، ويري اسٽرينج.... ڪنهن ماڻهو جو ڪو اهڙو دردناڪ پهلو بہ ٿي سگهي ٿو بظاهر ايتري نازڪ اندام عورت پنهنجي اندر اهڙو خوفناڪ طوفان سانڍي دنيا آڏو ائين پُر سڪون انداز ۾ ڪيئن ٿي هلندي وتي وڏي همٿ جي ڳالھ آ. سنڌيا اهو درد سيني ۾ سانڍي هتي پنهنجن کان دور پنهنجي جواني جا خوبصورت ڏينهن تنها رهي گذاري ڇڏيا. تڏهن تہ سندس اکين ۾ نهاربو تہ هڪ گهري سانت ۽ مايوسي ڇوليون هڻندي نظر ايندي.“ اهڙو تبصرو ٻڌي آصف چيس ٿو.

”بس يار تون تہ ان کان بہ وڌيڪ درديلي انداز ۾ ان ڪهاڻي کي بيان پيو ڪرين.“

هنن کي ان نموني بحث ڪندي ٻڌي حنان آپي کان نڪري وڃي ٿو ڪاوڙ ڪندي،

”هاڻي بس بہ ڪيو... ڪنهن جي ذات کي ائين پرپٽ ڊسڪس ڪرڻ ضروري آهي ڇا. هر ماڻهوءَ سان پنهنجا مسئلا هوندا آهن، اها انهن جي ذاتي زندگي آهي ان کي ائين ڊسڪس ڪرڻ مناسب آهي ڇا.....“

هو ٻئي حيران نظرن سان کيس ڏسن ٿا ۽ ناشتو ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا. حنان بي دليو اڌو گابرو ناشتو ڪري اٿي آفيس لاءِ تيار ٿيڻ ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو تہ آصف جميل کي چوي ٿو.

”هي حنان کي ڇا ٿي ويو آهي، ايترو ناراض ڇو ٿي ويو.... لڳي ٿو تہ هو سنڌيا ۾ اِنوالو ٿيندو پيو وڃي. پر هن جي شادي شده زندگي يار.....“

”اهائي ڳالهہ مون بہ کيس سمجهائي پئي تہ ثمينہ پاپيءَ سان هن پنهنجي پسند سان شادي ڪئي هئي ان جو ڇا ٿيندو.“

”ٺيڪ آ ان موضوع تي هن سان رات کُلي ڳالهائيبو. مان اهو ڪڏهن بہ نہ چاهيندس تہ سنڌيا کي وري ڪڏهن ڪنهن نئين عذاب کي منهن ڏيڻو پئجي وڃي. في الحال مان بہ پنهنجي ڪم سان وڃان پيو.“

ٻئي چانهہ پي تيار ٿيڻ لاءِ اٿي وڃن ٿا. حنان تيار ٿي آفيس تہ وڃي ٿو پر اتي بہ ڪم ۾ سندس دل نہ ٿي لڳي عجيب قسم جي بيچيني آ جنهن هن کي بيقرار ڪري وڌو آهي آصف جي ٻڌايل ڪهاڻي هن کان ڪنهن بہ نموني هضم نہ پئي ٿئي دماغ تي ڄڻ تہ ڪو هٿوڙا هڻي رهيو هجي، مٿو هٿن ۾ ڏئي ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪري ڇڏي ٿو هو هر خيال کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر خيال در خيال سندس دماغ جي پردي تي ڊوڙي رهيا آهن.

”ڪنهن اهڙي سنجيده ۽ بظاهر خوش باش رهڻ وري انسان جي پويان اهڙي درد انگيز ڪهاڻي پوشيده ٿي سگهي ٿي، اهو تہ ڪڏهن هن جي سوچ ۾ بہ نہ آيو هو ۽ هو هرويرو ڪنهن ڪهاڻي جي کُريد ۾ سنڌيا کي ڇيڙيندو رهيو. هو سوچي شرمسار ٿي وڃي ٿو تہ اسان بہ ڪهڙي سطحي سوچ رکندڙ انسان آهيون شل نہ ڪو موقعو ملي ٻئي جي ڪمزور پهلوئن کي تلاش ڪرڻ جي آرزو اسان انسانن کي ڪيڏو نہ گهٽيا ۽ غليظ بنائي ڇڏي ٿي، ڪو ماڻهو اندر جي اونهاين ۾ الائي ڪهڙا درد سانديو جيئڻ جا وس ڪري رهيو هوندو آهي اسان ان جي ڪڏهن بہ پرواهہ ناهيون ڪندا بس ان جستجو ۾ لڳا پيا هوندا آهيون تہ ڪير ڇا هي، ڇو آهي ۽ ڪيئن هئڻ کپي. مون بہ سنڌيا لاءِ الائي ڪهڙا غلط اندازا لڳايا، دل ۾ هن لاءِ ڇا ڇا نہ سوچيو. ڪاش..... ڪاش!

انهي وقت سنڌيا انٽر ڪام تي کيس پنهنجي ڪيبن ۾ اچڻ لاءِ چوي ٿي، هو شرمساري وچان سندس سامهون وڃڻ تہ نہ ٿو چاهي پر

آفيشل تقاضائن جي ڪري مجبوراً ڪيس وِچڙو پوي ٿو اتي ئي فائيل ڏسڪس ڪندي هن جا خيال منتشر رهن ٿا سنڌيا سندس چهري جو بغور معائنو ڪري ٿي ۽ ڪيس محسوس ٿئي ٿو ته حنان ڪافي ڏسٽرب آهي،

”خير ته آهي مسٽر حنان....! طبيعت درست ناهي ڇا.“

”نو ميم مان بلڪل ٺيڪ آهيان.“

”خاصا ڏسٽرب پيا لڳو... ڇڏيو فائيل کي پوءِ ٿا ڏسون پهرين ڪافي ٿا پيون،“ پٽيوالو ڪافي ڪٽي اچي ٿو سنڌيا ماحول کي نارمل ڪرڻ لاءِ،

”عجيب اتفاق آهي، توهان جو دوست آصف آپي وارن جو عزيز نڪتو.“

”ها ان جي مونکي به حيرت آهي جيڪڏهن مونکي اڳ ۾ خبر هجي ها ته توهان تائين پهچڻ جو آسان رستو هو.“

سنڌيا به حنان جي پاڻ ۾ دلچسپي کي ڪافي ڏينهن کان محسوس ڪري رهي هئي، بلڪ هڪ عرصي کان پوءِ هن جي دل ۾ به لطيف احساس جاڳيا هئا، هر گذرندڙ ڏينهن کان پوءِ هن لاءِ پنهنجي دل ۾ نرم گوشو پيدا ڪري رهي هئي ۽ هن ڪيفيت کان هوءَ اندر ئي اندر خوفزده به هئي، هن کي ڏسي ائين محسوس ٿيڻ لڳندو هو ڄڻ هو سندس ئي وجود جو ڪو لڪل انگ آهي پر هميشه جيان هن پنهنجي انهن جذبن کي پاڻ کان به لڪائي ڇڏيو هو. هن جي ڳالهه ٻڌي ڪيس حيرت نه ٿي ۽ تجسس وچان پڇي ٿي،

”مون تائين......! پر مونسان ته توهان روزانو ملندا آهيو پوءِ ان لاءِ ڪنهن کي ڪيريئر بنائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.“

هو سمجهي وڃي ٿو ته نادانستگي ۾ هو غلط ڳالهه ڪري وينو آهي، ان کي سنڀالڻ خاطر چوي ٿو.

”اوهو منهنجو اهو مطلب نه هو. ٿورو توقف ڪري پنهنجي ڳالهه کي جاري رکي ٿو. ميم هڪڙي ڳالهه پڇان اگر اجازت هجي....“

”ويري پرسنل نه هجي ته......“

”ميم اخبارن ۾ ڪهاڻين ۾ پڙهبو آهي تہ هڪ ننڍي ڇوڪريءَ جي وڏي عمر جي مرد سان شادي ڪرائي پئي وئي يا هڪ گهٽ پڙهيل يا ننڍي عهدي واري ڇوڪريءَ سان تمام گهڻو پڙهيل يا تمام وڏي عهدي واري مرد سان شادي ٿي وئي.“

سنڌيا هن جي تمهيد کي ڪي قدر سمجهي تہ ويجي ٿي پر عام رواجي انداز ۾ ڪيس جواب ڏئي ٿي،

”اهي تہ اسانجي معاشري جا عام رواجي واقعا آهن ان ۾ پريشاني جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.“

”پريشاني اها آهي مئڊم تہ جيڪڏهن ان جي ابتڙ صورت حال هجي يعنيٰ عورت وڏي ۽ مرد ننڍو يا ڪو ننڍي عهدي وارو مرد وڏي عهدي واري عورت کي پسند ڪرڻ لڳي تہ اهو جوڙ توهان جي نظرن ۾ ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي. ڇا اهو ممڪن ۽ مناسب ٿي سگهي ٿو.“

اهڙو سڌو حملو ٿيندو ڏسي سنڌيا جي چهري تي مرڪ اچي وڃي ٿي پر ان حملي جو دفاع ڪندي چئي ٿي،

”اها بہ عام رواجي ڳالهہ آهي، ڪٿي زبردستي تہ ڪٿي مرضيءَ سان اهڙا جوڙ ٿيندا رهندا آهن..... پر توهان آخر اڄ انهن جوڙن ناهڻ جي چڪر ۾ ڇو اچي پيا آهيو. ڇڏيو ان فلسفي کي ڪافي پيو.“

حنان اڄ موقعو هٿان وڃائڻ جي بلڪل موڊ ۾ نہ ٿو لڳي،

”ميم جي ڪڏهن اهڙو ڪو جوڙ توهان کي جوڙڻ لاءِ چيو وڃي تہ....“

”مسٽر حنان، ڇڏيو ان ڳالهہ کي ڇو اچي پيا آهيو فضول فلسفي ۾...... مان بہ هن معاشري جو حصو آهيان ۽ ننڍ وڏائي واري فلسفي کي ڪا اهميت نہ ٿي ڏيان. ڪڏهن ڪا ڇوڪري پنهنجي عمر کان گهٽي وڏي مرد سان محبت ڪرڻ لڳندي آهي ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ ان تي نڇاور ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ڪڏهن وري عمر جي ان فرق کي وڏي مصيبت سمجهي گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويندي آهي..... سو حنان صاحب پنهنجي پنهنجي سوچ آهي.“

”اوڪي اڄ لاءِ ايترو ڊوز ڪافي آهي ۽ مان هاڻي بهتر پيو محسوس ڪيان اڃو تہ فائيل ڊسڪس ڪيون.“

سنڌيا هن جي بدليل موڊ کي سمجهڻ کا قاصر ٿي وجي ٿي.

●

آصف پنهنجي ڪم مان فارغ ٿي سوچي ٿو تہ جميل ۽ حنان تہ شام جو موٽندا اڪيلو وڃي اپارٽمينٽ تي بور ٿيڻ کان بهتر آهي تہ رابعہ آپي وارن وٽ گپ شپ ڪجي، اهو سوچي سڌو اوڏانهن هليو وڃي ٿو اتي وڃي خبر پويس ٿي تہ احمد ۽ شوڪت علي ڪنهن ملڻ وارن جي لنچ تي انوائيٽ آهن ۽ اوڏانهن ويل آهن، هو ڪائنئ معذرت ڪري ٿو تہ هنن کي هرو ڀرو ڊسٽرب ڪيائين پر ڪومل ڪيس واپس وڃڻ نہ ٿي ڏئي،

”اڙي نہ نہ اسان توهانجي اچڻ سان ڊسٽرب ناهيون ٿيا بلڪ حقيقت تہ اها آهي تہ احمد ۽ بابا بہ ڪونهن اسان ٻئي بہ بور پئي ٿياسين.“

رابعہ سمجهي وڃي ٿي تہ ڪومل جي دماغ ۾ ڇا پيو هلي. مسڪرائي چپ ٿي وڃي ٿي، آصف جي ويهڻ کان پوءِ ڪومل ڪنهن بهاني اٿي اندر هلي وڃي ٿي. موقعو غنيمت سمجهي آصف رابعہ کان پڇي ٿو

”آپي آخر سنڌيا ميم هينئر تائين شادي ڇوڪون نہ ڪئي، هاڻي تہ ڪراچي کان گهڻو دور اچي وئي آ، پوءِ ڪهڙو خوف اٿس.“

رابعہ اهو ٻڌي حيران ٿي آصف جو منهن تڪي ٿي،

”ڪهڙو خوف، اهو ڇا پيو چوين.“

ٿڌو ساهہ ڀريندي........

”پاڳو بہ عجيب انسان آهي، هن ايتري وڏي ڳالهہ ساهہ سان سانڍي رکي ۽ ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍيائين ايتري قدر جو توهان کي بہ نہ

ٻڌايائين... حيرت ٿي ٿئي. هن سنڌيا ميم سان ڪيل واعدو خوب نڀايو."

رابعہ جو منهن لهي ويجي ٿو ان جو مطلب تہ مظفر ۽ آصف کي سنڌيا جي متعلق سڄي خبر هئي ، اهو تہ ڏاڍو برو ٿيو...

آصف ڪيس سوچ ۾ ٻڏل ڏسي،

"آپي دل ۾ رکجو. منهنجو خيال آ صرف خيال. مان يقين سان ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهان تہ حنان سنڌيا ميم ۾ غير معمولي دلچسپي رکي ٿو. جيڪڏهن منهنجو خيال سهي نڪتو تہ..... توهان جي حنان جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آ."

"هونئن تہ سنو ڇوڪرو آهي پر..... عمر ۾ سنڌيا کان گهڻو ننڍو آ.... ٻي ڳالهہ تہ سنڌيا متعلق تہ توهان کي چڱي طرح ڄاڻ آهي. مظفر بہ ڪيس ڪيترو چاهيندو هو. هنن جي هڪ ٻئي سان انڊر اسٽينڊنگ بہ هئي پوءِ بہ......"

"ان ڳالهہ کي ڇڏيو. تڏهن تہ هوءَ هُن بليڪ ميلر کان خوفزده هئي، جي پائوءَ کي پهرين خبر پئجي وڃي ها تہ شايد اڄ حالات مختلف هجن ها. هوءَ ائين اڪيلائي جو عذاب نہ پوڳي رهي هجي ها. سچ پڇو تہ مونکي هن جي اهڙي زندگي تي افسوس ٿو ٿئي."

"بس پاءُ.....! هن پاگل ڇوڪريءَ اهو سڀ ڪجهہ اسان کان بہ لڪائي رکيو ڪا ڀاڦ بہ ٻاهر نہ ڪڍي. اهو تہ هيڏانهن اچڻ وقت ڪومل نادانستگي ۾ هن جو فون ٻڌي ورتو ۽ ان بہ هاڻي مونکي ٻڌايو. تڏهن مونکي خبر پئي ورنہ اسان هن ماڻهو کي پڇي پئون ها."

"ڇڏيو ماضي جي ڳالهين کي، هڪ دفعو ڪوشش ڪري ڏسو.... هڪ ڳالهہ ٻي تہ حنان شادي شده ۽ ٻچڙي وال آ. هر شي مائينڊ ۾ ڪليئر هجي."

"پوءِ تہ اهو مناسب ناهي..... انجي باوجود هو سنڌيا ۾ انٽريسٽيڊ آهي. نہ پائو نہ.... سنڌيا ڇا بابا بہ ڪڏهن راضي نہ ٿيندو."

انهي مهل ڪومل ڪولڊ ڊرنڪس کڻي اندر اچي ٿي هنن جي ڳالهہ ٻڌي هوءَ وچ ۾ ڳالهائي ٿي،

”آپي حنان سنڌيا کي اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته هن کي ٽي ٻار به آهن. سچ پڇو ته ان جي باوجود حنان مونکي پسند آهي، ڏسو نه آپي.....! سنڌيا جي عمر هينئر ڪافي وڏي ٿي وئي آهي ڪو غير شادي شده رشتو ته ملڻ کان رهيو. پوءِ ڇونه اتي ڪوشش ڪجي جيڪو هن کي دل سان پسند ڪري.“

”ياپي درست ٿي چوي پر في الحال ته جڏهن حنان کُلي ڳالهه ڪري ان کان پوءِ سوچبو ته ڇا ڪرڻو آهي. مون ته صرف جيڪو محسوس ڪيو توهان سان شيئر ڪرڻ ضروري سمجهيو.“

هو موڪلائڻ لڳي ٿو ته ڪومل زوري ماني لاءِ کيس روڪي ٿي.

شام جي وقت حنان ۽ جميل آفيس کان واپس اچن ٿا ته چانهه پئندي حنان جميل کي ٻڌائي ٿو ته هن جي سنڌيا سان ڪافي ڪڇهري ٿي. هو کيس سموري ڳالهه ٻڌائي ٿو ان تي جميل کيس دوستانه پر تنبيهي لهجي ۾ سمجهائي ٿو ته هو هڪ آل عيال پويان ڇڏي آيو آهي، ان کان علاوه سنڌيا اڳ ۾ ئي هڪ وڏو ڌڪ کائي چڪي آهي، هو کيس چوي ٿو

”ڏس حنان مونکي تنهنجي نيچر معلوم آهي، تون بنيادي طور هڪ ڀڄڻو انسان آهين، سنڌيا جي من ۾ پيهر جيئڻ جي آس جاڳائي کيس نراسائي جي آڙاهه ۾ نه وجهي ڇڏجانءِ..... تو سدائين زندگي کي هڪ جذباتي انداز ۾ ورتو آهي.

”تون پنهنجي جاءِ تي بلڪل درست آهين پر مان ڇا ڪيان، منهنجي دل ۾ هُن لاءِ ڪوڙ سارو درد پرجي ويو آهي مان هن کي خوش ڏسڻ چاهيان ٿو هن جي ڇهري تي زندگي ڏسڻ جو خواهشمند آهيان، ان لاءِ سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي.“

”حنان....! مان تنهنجو دوست آهيان، اسان زندگي جا ڪئي سال گڏ گذاريا آهن، ياپي ثمينه ڏاڍي پرزيسوِ خاتون آهي. هوءَ اهو

ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندي تہ تون ڪنهن ٻئي طرف مائل گهائل ٿين.“

حنان هن جي ڳالهہ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي پنهنجي گفتگو جاري رکي ٿو.

”سنڌيا کي جڏهن بہ مون قريب کان ڄاڻڻ جي ڪئي آهي تہ ائين لڳو آهي تہ جڻ هوءَ سيني ۾ ڪئي درد سانديو پنهنجي مٿان خوش باشي سنجيدگي ۽ بردباري جو مصنوعي خول چاڙهيو جيئندي پئي وتي ڇا هن کي هن جيون ۾ پرپور زندگي گهارڻ جو ڪو حق ناهي، ٻئي طرف اسان جهڙا سطحي سوچ رکندڙ انسان بجائي هنن جي زخمن تي مرهم رکڻ جي انهن جي ڦٽن تي نمڪ پاشي ڪرڻ لاءِ هر گهڙي آتا هوندا آهيون.“

جميل حيران ٿي هن جي بي سروپا ڳالهين تي ڪنڌ ڌوڻي خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ دل ۾ چوي ٿو تہ هي شخص تہ ويو ڪم کان، آصف کي ڪنهن چيو تہ سنڌيا جو دکڙو هن جي آڏو روئي.... مونکي تہ هي اڄ بلڪل ديوانو پيو لڳي. هو مزيد ڪجهہ تبصرو ڪرڻ جي اوٻاسي ڏئي اٿي ٿو.

”يار مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان ٿوري دير آرام ڪندس، تون ويهي سنڌيا ميم جي زخمن جو علاج ڳولهہ...... پوءِ ملون ٿا رات جي مانيءَ تي.“ اهو چئي وڃي بيڊ تي ليٽي پوي ٿو ۽ حنان ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي اکيون پوري خيالن ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ آصف واپس اچي ٿو تہ حنان جي ڪرسي تي ويٺي ويٺي اک لڳي وئي هئي ۽ جميل هن جي آواز تي اٿي کيس ڏسي اشاري سان خاموش رهڻ لاءِ چوي ٿو. هو آهستہ قدمن سان اچي جميل جي پير ۾ ويهي ٿو. جميل ڌيمي لهجي ۾ کيس چوي ٿو تہ اڄ اسان هلي ٿا ڊنر جي تياري ڪيون مون کي توسان ڪا ڳالهہ ڪرڻي آهي. ٻئي اٿي ڪچن ڏانهن هليا وڃن ٿا اتي وڃي آصف جميل کان حنان جي متعلق پڇي ٿو جميل کيس ٻڌائي ٿو تہ سنڌيا کي وٺي ڪري حنان ڪافي ڊسٽرب آهي عجيب گٿيون ڳالهيون پئي ڪيائين، سڄي ڳالهہ کيس

ٻڌائي چوي ٿو تہ اسان کي جلدي ڪجهہ ڪرڻو پوندو. بهتر ٿيندو تہ هنن کي ڪو اهڙو موقعو فراهم ڪجي جتي هو آفيس کان ٻاهر هٽي ڪري آزادي سان هڪ ٻئي کي پنهنجو موقف ٻڌائي ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهن.“

آصف اهو ٻڌي ڪيس ٻڌائي ٿو تہ مجهند جو رابعہ سان هن جي دلچسپي متعلق تفصيل سان ڳالهائي آيو آهيان، انهن جو بہ اهوئي اصرار هو تہ ڪين وقت ڏيڻ ڪپي ممڪن آهي تہ حنان جي دل ۾ هن لاءِ صرف همدردي هجي ۽ هو ايڏو وڏو قدم کڻڻ لاءِ تيار نہ هجي، اهو بہ ممڪن آهي تہ سنڌيا هڪ اهڙي شخص سان ڪو ناتو جوڙڻ نہ چاهي جيڪو هڪ مڪمل زندگي گذاري رهيو هجي. انڪري اهو وڌيڪ بهتر ٿيندو تہ هنن کي اهڙو ماحول مهيا ڪري ڏجي جو هو هڪ ٻئي جي مسئلن کي نڪي نوڪي ڏسن.

اهو ٻڌي جميل ڪجهہ دير سوچ ۾ پئجي ويجي ٿو. ڪجهہ توقف کان پوءِ هو چويس ٿو تہ هن جي ذهن ۾ هڪ آئيڊيا آهي ٻن ڏينهن کان پوءِ سنڌي سان گڏ هڪ موڪل آهي هڪ ڏينهن وڌيڪ موڪل ڪري ڪنهن هل اسٽيشن جو پروگرام ٺاهجي.

اهو ٻڌي آصف خوش ٿي ويجي ٿو

”مان هينئر ئي آپي سان ڳالهايان ٿو ڪوهہ مري ۾ منهنجي هڪ دوست جو ڪاٽيج آهي جتي هو گرمين ۾ ايندا آهن اتي هنن جو چوڪيدار سنڀاليندو آهي، جي پروگرام ٿي ويجي ٿو تہ پوءِ ٻئي ڏينهن ڪوهہ مري هلون ٿا ۽ موقعي جي مناسبت سان ڪجهہ سوچي وٺبو.“

پروگرام ٺاهي ٻئي ماني تيار ڪرڻ لڳن ٿا.

ٻئي ڏينهن آصف ڪم کان فارغ ٿي سڌو احمد وارن ڏانهن ويجي ٿو اتي ڪين هالي ڊيز مري گذارڻ لاءِ آماده ڪري ٿو رابعہ سان تہ هن فون تي تفصيل سان ڳالهائي ڇڏيو هو شوڪت علي پهرين تہ نٽائي ٿو پر پوءِ ڪومل ۽ رابعہ جي زور پرڻ تي آماده ٿي ويجي ٿو. سيئي ڪل خوشي سان پروگرام ٺاهن ٿا. ٿوري دير کان پوءِ آصف موڪلائي اپارٽمينٽ تي اچي ٿو جتي حنان ۽ جميل آفيس کان واپس اچي ويا

آهن هو هنن کي ٻڌائي ٿو تہ اسان هالي ڏيز لاءِ مري پيا هلون، هن اتي رهڻ جو بندوبست بہ ڪري ڇڏيو آهي، اهو ٻڌي حنان جي چهري تي رونق اچي وڃي ٿي ۽ سڀ گڏجي پروگرام فائينل ڪن ٿا.

●

گل بانو جي گذرڻ کان پوءِ رحمان جيڪو هن جي موت جو پاڻ کي ذميدار سمجهي ٿو، ٻئي طرف اچانڪ نوڪري تان بہ ڊسمس ڪيو وڃي ٿو. ان تڪليف کيس بيحال ڪري وڌو آهي هر وقت گهر ۾ رهڻ، گهر جي بگڙيل ماحول اولاد جي نافرماني هن کان برداشت نہ ٿي ٿئي هو ڏينهون ڏينهن چڙچڙو ٿيندو پيو وڃي. هر وقت سندس بلڊ پريشر هاءِ رهڻ لڳو آهي ان ڪري هو پاڻ کي دنيا مافيها کان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ هر وقت شراب ۾ پاڻ کي گم رکي ٿو سندس وڏو پُٽ فواد جيڪو پهرين ئي خراب سنگت جي ڪري ڪيترين ئي براين جي ور چڙهي ويو آهي گهر کان راتين جون راتيون غائب رهي ٿو ڪڏهن ڪڏهن سندس دوست نشي ۾ ڌت حالت ۾ کيس گيٽ تي ڇڏي هليا وڃن ٿا تہ ويچاري مريم خانيءَ سان گڏجي گهلي سهلي کيس اندر وٺي اينديون آهن، مريم لاءِ تہ زندگي زهر بنجي وئي آهي، مڙس ۽ پٽ جا ڏجها ئي هن لاءِ گهٽ ڪونہ هئا ويتر نينا هن جي لاءِ روز بروز شرمندگي ۽ ندامت جو باعث بنجندي پئي وڃي. پيءَ ڀاءُ کان تہ هن کي ڪو پئو پولو آهي ڪونہ، ماءُ جي تنبيهن کي بڪواس سمجهي هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏي ٿي، راتين جو دير سان اچڻ هن معمول بنائي ڇڏيو آهي. اج بہ رات جا ٻہ پيا ٿين پر سندس ڪو اتو پتو ڪونهي . مريم پريشان ٿي ڪمري ۾ اچي ٿي، رحمان جيڪو اج ڪي قدر هوش وحواس ۾ آهي هن کي ائين پريشان ڏسي پڇي ٿو

”ڇو پئي پريشان ٿين...“

مريم ڪاوڙ مان چويس ٿي،

”اهو تہ منهنجي مقدر ۾ لکيل آ. شڪر آهي جو اج توکي خبر پئي آهي، هي مهل اچي ٿي آهي ڇوڪري پيدا ناهي.“

”پهرين تہ رڳو فواد جي ڳڻتي هئي تہ هن پنهنجي جواني غلط صحبت ۾ برباد ڪري ڇڏي.ليڪن..... نينا ائين ڪندي سوچيو بہ ڪونہ هو.“

ان وقت شهربانو بہ ڪمري ۾ اچي ٿي هن کي اڳ ۾ ئي سيني تي ڪاوڙ آهي،

”ابا اهو اسان سڀ تنهنجي ڪرمن جو پيا لوڙيون، تو بہ پراين ڄاين سان جيڪو ظلم ڪيو آهي اهو تہ ڄڻ ڪنهن ليکي ۾ ئي ڪونهي، نيٺ تہ پنهنجو ڪيو سامهون اچڻو آهي نہ.“

اهو ٻڌي رحمان آپي ۾ نہ ٿو رهي،

”بس چاچي بس.....! توهان ئي منهنجي زندگي عذاب بنائي ڇڏي.“

”اسان عذاب بڻائي آ تنهنجي زندگي، اسان تہ تنهنجي ڪري پنهنجو الهہ تلهہ چٽ ڪري، پنهنجو جهُڳو جهڻ ڪري تنهنجي لاري لڳيون سين اجان بہ اسان مان توکي ڪس لڳي، شاباس ٿئي ٻچا..... واهہ جا ڳُڻ پيو ڳڻين.“

مريم کي پريشاني ۾ ماءُ جي ڳالهہ نہ ٿي وڻي ڪيس خاموش ٿيڻ لاءِ ٻانهون ٿي ٻڌي، ان وقت فون جي گهنٽي وڄي ٿي، مريم ڊوڙي وڃي فون کڻي ٿي، ڪو ماڻهو ڳالهائي ٿو هن جي ڳالهہ ٻڌي مريم جو منهن اڇو جهڙو هرڪ ٿي وڃي ٿو.....

”ڇا پيو چوين... نينا..... ها نينا کي ڇا ٿيو آهي ڪٿي آهي.....“

رحمان اٿي مريم کان رسيور وٺي ٿو ٻئي طرف نينا جو دوست وقاص ڳالهائي ٿو

”انڪل مان وقاص نينا جو فرينڊ..... اڄ نينا ۽ مون ڪورٽ ميريج ڪري ڇڏي آ.. هوءَ گهر ڪونہ ايندي، توهان سندس انتظار نہ ڪجو.“

”ڇا.....“

رحمان جي هٿ مان رسيور ڇڏائجي هيٺ ڪري ٿو. پاڻ ڪرڻ لڳي ٿو ته نومي ۽ مريم ڪيس جهلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ گهليندا اچي بيڊ تي ليٽائن ٿا ته رحمان بيهوش ٿي وڃي ٿو مريم نومي کي شمسه وارن کي فون ڪرڻ لاءِ چوي ٿي، ٿوري دير ۾ جاويد ۽ شمسه گاڏي کڻي اچن ٿا ۽ رحمان کي اسپتال کڻي وڃن ٿا. رحمان کي فورًا آءِ سي يو ۾ شفٽ ڪيو وڃي ٿو ٿوري دير کان پوءِ ڊاڪٽر ٻاهر اچي کين ٻڌائي ٿو ته مريض تي فالج جو اٽيڪ ٿيو آهي سندس هڪ پاسو بري طرح متاثر ٿيو آهي.

اهو ٻڌي مريم روئڻ لڳي ٿي، سڀ گهر ڀاتي ڏڪارا ٿي وڃن ٿا.

جاويد ڊاڪٽر کان پڇي ٿو ته پوءِ ڇا ڪرڻو آهي.

”في الحال ته ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي، علاج هلندو آهسته آهسته امپروئمينٽ ايندي، هڪ ٻه ڏينهن آبزرويشن هيٺ رکون ٿا.“

اهو چئي ڊاڪٽر هليو وڃي ٿو ته شمسه روئندي چوي ٿي،

”هيءَ ٻه ليٽي پيو قدرت اجان الائي ڪهڙا امتحان اسان جي نصيب ۾ ونڻ لکي ڇڏيا آهن.“

نجمه مريم کي دلداري ڏئي ٿي، نومي پيءُ جي حالت جو ٻڌي اداس ٿينو آهي. شهربانو کي سمجهو ته رت جو ڦڙو به منهن ۾ ناهي. رئي جي پلوسان اکيون اگهندي،

”ڏيءَ جي سک لاءِ ايڏو پري سيڻ ڪيم، اڄ منهنجي ڏيءَ جو گهر مڪمل اجڙي ويو الائي ڪنهن جي هاءِ لڳي منهنجي نياڻي کي.“

ٻن ڏينهن کان پوءِ رحمان کي ڊسچارج ڪرائي گهر وٺي اچن ٿا.

هاڻي ته رحمان لاچار ۽ بي وس ٻنجي ٻين جي رحم وڪرم تي زندگي گهاري رهيو آهي. مريم ڪيس ائين ڏسي ٿي ته هن جو جيءُ جهُري پوي ٿو هر وقت هن جي سيوا ۾ لڳي رهي ٿي ماڻس گهٽئي خارون کائي ٿي پر هوءَ ڪيس سمجهائي ٿي ته ڪرئي کي وڏيڪ ڪيرائڻ نه ٿو جڳائي. اڄ ٻه سوپ ناهي خاني کڻي اچي ٿي ته مريم رحمان کي اٿاري پويان وهاڻا رکي ڪيس سڌو ڪري ويهاري ٿي، پر هو

هڪ پاسي اهلجي ويجي ٿو ته هوءَ سندس وهاڻو ڪڍي ليٽائيس ٿي ۽ ڏڪاري انداز ۾ چويس ٿي،

”ڪهڙي مصيبت ۾ پاڻ کي به ڦاسائيءَ ۽ ٻين کي به. چڱو ڀلو هئين ته به اسان جي ڳڻتي ڪونه هيئي، هاڻي ته هر ڳڻتي کان پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيئي، ٻڍاپڻ ته هن گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو. عزت سان رٽائر ڪرين ها ته پينشن ته پئي ملئي ها، امان جي جمع پونجي ڪيترو وقت سهارو ڏيندي. ٻچاڙي ۾ عزت به وئي ته جيئڻ جو ٿورو گهڻو آسرو به ڇتو، هاڻي وينا مٽي نهاريون.“

رحمان چپ چاپ مريم جون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي، ٻي وسيءَ مان اکين مان ڳوڙها وهي اچنس ٿا، مريم ٽوال کڻي ڳوڙها اگهيس ٿي ۽ چمچي سان سوپ پياريس ٿي.

●

سنڌيا کي جڏهن رابعه آصف ۽ پنهنجي ڪوهه مري جي پروگرام متعلق ٻڌائي ٿي ته سنڌيا پهرين ته صاف لفظن ۾ انڪار ڪري ٿي ته هوءَ هن پروگرام ۾ شامل نه ٿي ٿي سگهي، پر پوءِ شوڪت علي کيس سمجهائي ٿو ته آصف نهايت خلوص سان اسان کي مدعو ڪيو آهي ان ڪري انڪار ڪرڻ مناسب نه ٿو لڳي، ۽ جي هوءَ نه ويندي ته هو به نه ويندو، پيءَ جي ناراضگي ڏسي هوءَ طوها ”فرها“ تيار ٿي ويجي ٿي ۽ ٻئي ڏينهن هو سڀ هڪ وين ڪري ڪوه مري لاءِ روانا ٿين ٿا. اتي پهچن ٿا ته آصف اڳ ۾ ئي ڪاٽيج ۾ انتظام ڪرائي ڇڏيو آهي، ٿوري دير آرام ڪري هو گهمڻ لاءِ نڪرن ٿا. هو پهاڙي علائقن جون چاڙهيون لهندا چڙهندا گهمڻ لڳن ٿا، ڪومل احمد کي وٺي لفٽ چيئرز جي طرف هلي ويجي ٿي اهڙي طرح جيئن ڪنهن کي محسوس نه ٿئي، ٿوري دير ڪانپوءِ جميل ۽ آصف به ڪنهن بهاني هنن

کان الڳ ٿي وڃن ٿا ته رابعه هڪ جاءِ تي پيل بينچ ڏسي ٿڪجي پوڻ جو بهانو ڪري ويهي رهي ٿي. پيڻ ڪي وينل ڏسي سنڌيا وڏي اچي ٿي.

”آپي هو ڏسو نه ڪهڙو نه خوبصورت منظر آهي آسمان هن پهاڙي چوٽي سان ڇڻ ته ملي ويو آهي، اٿو نه ٿورو اڳيرو هلي ڏسون ٿا.“

”نه سنڌيا مونکي رات کان ٿڪ ۾ سور آهي. مان متي چڙهي نه سگهنديس. ڪومل کيڏانهن وئي تون ان سان هلي وڃ.“

”آپي ڪومل پاپي ۽ پائو ته چيئر لفٽ جو سير ڪرڻ ويا هليا جميل ۽ آصف به ڪوه پيمائي ڪرڻ لاءِ نڪري ويا. توهان هتي اچي ٿڪجي ويهي رهيو. ته پوءِ مان واپس بابا ڏي پئي وڃان.“

رابعه حنان کي سڏي ٿي جيڪو ٿورو پريرو هڪ لان تي وڃي ويهي رهيو آهي، رابعه جي اشاري تي اٿي اچي پرسان بيهي ٿو ”آپا توهان سڏيو ڪو ڪم آهي؟“

رابعه چويس ٿي.

”حنان سنڌيا سامهون واري پهاڙي تي وڃڻ پئي چاهي. پليز تون هن کي ڪمپني ڏي نه.“

اهو ٻڌي سنڌيا هڪدم چوي ٿي:

”نه آپي مان به توهان سان ويهان ٿي.“

حنان جيڪو ڪيتري دير کان موقعي جي تلاش ۾ هو ته سنڌيا سان اڪيلائي ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪري، ائين موقعو ويندي ڏسي جهٽ سان چوي ٿو:

”ميم هلو نه. منهنجي ڪمپني ايڏي به بورنگ ناهي.“

سنڌيا مجبور ٿي اٿي ٿي ۽ هو پهاڙي طرف وڌي وڃن ٿا. چڙهايون چڙهڻ جو سنڌيا جو ڪو تجربو ناهي هڪ هنڌ ٿڪجي ويهي رهي ٿي، ۽ دور خلائن ۾ ڪجهه ڳولهڻ لڳي ٿي. حنان هن جي اها ڪيفيت ڏسي همٿ ڪري چوي ٿو.

”سنڌيا ميم...! ائين خلائن ۾ ڇا پيا ڳولهيو.“ سنڌيا ائين چوري پڪڙجندي ڏسي سوچن مان ٻاهر نڪري اچي ٿي.

”ڪجهه به ته نه..... مان ڀلا ڇا تلاش ڪندس.

حنان وري همٿ ڪندي چوڻ لڳو.

”سڄي آسمان ۾ صرف هڪ ئي تارو تہ ناهي هوندو نہ. روشني ٻي بہ گھڻي هوندي آهي. توهان الائي ڇو اونداهين ۾ رهڻ ٿيون چاهيو اڃان تہ زندگي جو طويل رستو باقي آهي ۽ بقول رابعہ آپا جي. توهان کي اونداهين کان ڊپ بہ لڳندو آهي.“ ٿوري دير ساهي پٽي هن جو ردِ عمل جاچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

سنڌيا جواب ۾ جيڪو ڪجھ چوڻ چاهيو ٿي پر چپ نٿي سگھي. سمورا لفظ جيڪي طوفانن جيان اڀريا هئا لهرن جيان دل جي سمونڊ جي گهراين ۾ واپس هليا ويا ۽ هوءَ حيرت ۽ بيوسيءَ سان ڪيس ڏسندي رهجي وئي. اهو ڏسي حنان جو حوصلو اڃان پختو ٿئي ٿو. هو وري چوڻ لڳو.

”توهان خبر ناهي ڇو روشنين کي پٺي ڏئي ويهي رهيا آهيو ان ڪري تہ سدائين توهان کي پنهنجي سامهون اونداهي نظر پئي ايندي. جيڪڏهن توهان پنهنجو رخ ڪجھ گھڙين لاءِ مٿائي ڇڏيو تہ سمورا اجالا توهان جي اکين کان وٺي توهان جي قدمن تائين پکڙجي ويندا..... ڪجھ دير جي توقف کان پوءِ حنان وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. غم جڏهن حد کان گذري ويندو آهي تہ اتان ئي خوشين جي حد شروع ٿيندي آهي. سنڌيا مئڊم توهان پنهنجي حصي جا ڏک گھڻو ڏسي ورتا آهن. هاڻي خوشين جو وارو آهي..... هي جيڪو درد هوندو آهي نہ اهو صرف گهڙي پل لاءِ هوندو آ..... ۽ جي تمام گھڻو هجي. انتها تي پهچي وڃي تہ سمجهو تہ هاڻي ختم ٿيڻ وارو آ خوشين جي شروعات ٿيڻ واري آهي. تڏهن تہ چوندا آهن نہ تہ ڏکن پويان سک ضرور اچڻا آهن. توهان ڳڻتي نہ ڪيو توهان جو هر دک منهنجو آهي. منهنجو اعتبار ڪيو. بس آهستہ آهستہ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

حنان جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي سنڌيا حيران ٿي سوچي ٿي تہ اڄ حنان عجيب ڳالهيون پيو ڪري. هي مونسان همدردي جتائي رهيو آهي يا واقعي مون کي پنهنجو دوست سمجهي اهڙيون ڳالهيون پيو ڪري. دوستي ۽ همدردي ۾ پلا ڪيترو فرق هوندو آهي. ضرور ڪونہ

ڪو فرق هوندو آهي ڇو ته دوستي جو احسان ڳاٽ اوچو ڪري ڪنيو ويندو آهي پر همدردي جو احسان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندو آهي، هوءَ سڄي عمر ڪنڌ جهڪائي هلندي رهي هئي، ليڪن هاڻي نه ڄاڻ ڇو ڳاٽ اوچو ڪري هلڻ تي چاهيائين. اهو سوچي هن کي پنهنجو پاڻ تي فخر محسوس ٿيڻ لڳو.

هن کي ائين خاموش ڏسي حنان جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، سنڌيا کي هن جي حالت ڏسي بيچيني ٿيڻ لڳي، زندگي ۾ پهريون ڀيرو ڪو انسان ۽ اهو به مرد روئندي ڪيس ايترو خوبصورت لڳو هو. هو پٿر جيان ساڪت ويٺي هئي ۽ لڙڪ سندس اکين مان لڳاتار وهندي سندس هٿن ۽ جهولي ۾ ڪري رهيا هئا ڪيس ائين لڳو ڄڻ سڄي ڪائنات بي حرڪت آهي زمين آسمان وڻ ٽڻ سڀ هن جي غم ۾ خاموش آهن سنڌيا چپ چاپ نير وهائيندي رهي.

حنان هن کي ائين روئيندو ڏسي وري ڪانئس هڪ سوال ڪيو، ڄڻ ڪنهن بار ڪان سوال ڪبو آهي،

”توهان ايترو ڏکايل ڇو آهيو. هونئن ته بظاهر پنهنجي چوگرد ڏاڍو خوبصورت باغ سجائي رکيو اٿوَ ائين ڇو نه ٿيون ڪيو ته پنهنجي اکين تي به ڪي رنگين پردا وجهي ڇڏيو ڇو ته ائين ٿيندو آ ته ماڻهو گلن جي روشِن تان گذرندي ڪڏهن ڪڏهن پتڪي هڪدم ويراني ۾ پهچي ويندو آهي ته حيرت به ٿيندي آهي ته ڏک به......“

هو اجان به ڪجهه چوي ها پر اچانڪ هوءَ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي. ضبط جو بند هڪدم ائين ٽُٽو جو هوءَ پاڻ به حيران ٿي وئي. کهڙي نه حيرت جي ڳالهه هئي جو اهي ڳوڙها جيڪي ڪئي سالن کان ڪڏهن ڪنهن پنهنجي آڏو به نه وهيا هئا، ائين سرِ راهه ڪنهن اجنبي جي سامهون وهي نڪتا. سندس دل چاهيو ته زمين ڦاٽي پوي ۽ هوءَ ان ۾ سمائجي وڃي، ڪٿي لڪي وڃي ۽ پوءِ وري ڪڏهن به ان شخص جي شڪل نه ڏسي، پر ٿيو ائين ته حنان پنهنجي شولڊر فلاسڪ جو ڍڪ کوليو ۽ ان ۾ پاڻي اوتيو ۽ سندس هٿ جهلي ڍڪ ان ۾ پڪڙائي ڇڏيو ۽ نهايت ڳنڀيرتا سان ڪيس پاڻي پيئڻ لاءِ چيو ۽

تعجب ان ڳالهه جو تہ هن پاڻي بہ پيتو ۽ سندس ڏنل رومال سان اکيون بہ اُگهيون، ڪيڏي نہ شديد نفرت ٿي رهي هئي. ان وقت پنهنجو پاڻ سان ۽ ان شخص سان. هن جي انا زخمي ٿي پئي هئي سندس هستيءَ جو غرور پورا پورا ٿي ويو هو. هن جي اندر جي سموري پيڙا ۽ درد سندس چهري تي صاف بکي رهيو هو. حنان هن جي اندر جي ڪيفيتن کي محسوس ڪري رهيو هو پر پوءِ بہ هن جو موڊ خوشگوار ڪرڻ لاءِ هن جي ويجهو اچي ويٺو ۽ جرئت ڪندي هن جو خوبصورت گلابي هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي. حنان مسڪرائي کيس ڏنو ۽ چيو

”توهان کي برسات جي موسم ناهي وڻندي، پر مونکي تہ اچانڪ وَسي پوڻ وارا بادل ڏاڍا وڻندا آهن.“

هن سندس ڳالهه جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ نہ ئي پنهنجو هٿ ڇڏايو هو. ان وقت اچانڪ برف باري ٿيڻ لڳي تہ هوءَ ٽپ ڏئي اٿي ڪڙڪي ٿي نرمي سان پنهنجو هٿ ڇڏائي تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي واپس وڃڻ لڳي تہ حنان بہ سندس پٺيان وڃڻ لڳو.

سنڌيا ۽ حنان ڪاٽيج پهتا تہ باقي سڀ اجان ڪونہ موٽيا هئا، سنڌيا سڌو پنهنجي لاءِ مخصوص ڪيل ڪمري ۾ هلي وئي ۽ حنان شوڪت علي جي ڪمري ڏانهن وڌي ويو. شوڪت علي آرام ۾ هو، ان ڪري ان کي ڏسي حنان مردن لاءِ مخصوص ڪيل ڪمري ۾ وڃي وڇايل ميٽريس تي ليٽي پيو. سنڌيا بيڊ تي ليٽي تہ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ هن کي پرسڪون ننڊ کڻي وئي ايستائين جو کيس خبر بہ نہ پئي تہ ڪير ڪيڏي مهل آيو لنچ ڪئي ۽ وڃي آرامي ٿيو. سڀئي ٿڪل هئا ان ڪري آرام ڪرڻ لڳا هئا. سنڌيا جي اک کلي تہ رابعہ ۽ ڪومل بيخبر سمهيون پيون هيون، هن اٿي هٿ منهن ڌوتو ۽ ٻاهر وراندي ۾ نڪري آئي. آسمان ۾ بادل پرجي آيا هئا. سفيد چمڪدار ۽ سرمائي بادل دونهي جيان پهاڙن ۽ ڊگهن چيل ۽ ديال جي وڻن جي وچان تيزي سان پکڙجي ويا ائين لڳي رهيو هو جڻ آسمان جو پيالو ٿورڙي ئي بي احتياتي سان ڇُلڪي پيو هجي ۽ سمورا ڪڪر

ڪسڪي زمين تي اچي ويا هجن. ڏگها ڏگها وڻ ۽ ٽڪريون ڪنهن ڌُنڌلي تصوير وانگر نظر اچي رهيا هئا. وراندي جي ڏاڪڻين تي وينل سنڌيا کي ائين لڳو ڄڻ هي ڌنڌ جو هيبتناڪ گهاٽو سمنڊ سندس ارد گرد ڦهلجندو پيو وڃي ۽ هاڻي ٿوري دير ۾ هوءَ چئني طرفن کان ان ۾ گهيرجي چڪي هوندي. رڪي رڪي حنان جون ڳالهيون هن جي ڪنن ۾ ٻُري رهيون هيون. هن جي دل چاهيو ته اکيون بند ڪري ڇڏي ۽ انهيءَ دونهي ۾ ويڙهجي گهڻو دور هلي وڃي ۽ بارش جي قطرن سان گڏ سمنڊ جي تر ۾ وڃي پوي. واهه..! ڪيڏو نه شاندار، رومانوي خاتمو هوندو. جيئن آڪاس ۾ ٿوري دير لاءِ اندلٺ نڪري ۽ وري شام جي لالاڻ ۾ غائب ٿي وڃي. موت جيڪڏهن ايترو آسان ۽ خوبصورت هجي ها ته ڪوبه ان جي تصور کان خوفزده نه ٿئي ها. هوءَ به نه ٿئي ها ۽ وڏي اطمينان سان اکيون بند ڪري يخ ٿڌن پاڻين ۾ لهي وڃي ها.

ڪنوڻ جي چمڪاٽ سان گهٻرائجي اکيون کولي ڇڏيائين ۽ تلخ مسڪراهٽ سندس لبن تي ڦهلجي وئي. ڪهڙي واهيات سوچ آهي. اهڙي پُر فضا مقام تي ايتري خوبصورت موسم ۾ اهڙيون خوفناڪ ۽ المناڪ ڳالهيون سوچڻ جي پلا ڪهڙي تُڪ آهي حنان زندگي جي سڀني خوبصورتين جو خاڪو منهنجي آڏو پيش ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان الائي ڪهڙيون فضول سوچون ذهن ۾ ڪٽي پاڻ کي ٿڪايان پئي. شايد تمام گهڻو حسين ماحول به انسان کي قنوطي ۽ افسرده بنائي ڇڏيندو آهي. انهن سوچن مان نڪتي ته سندس پويان ڪومل الائي ڪيڏي مهل کان هن کي ائين گم ڏسي مسڪرائي رهي هئي.

”جي منهنجي پيڻ خوابن مان سجاڳ ٿي هجي ته سڀ چانهه تي انتظار پيا ڪن.“

اهو ٻڌي هوءَ شرمسار ٿي اٿي کڙي ٿئي ٿي ۽ هن سان گڏجي اندر هلي وڃي ٿي.

اندر سڀ موجود آهن. برسات جي ڪري ٿڌ ۾ اضافو ٿي ويو آهي ان جي مناسبت سان سڀ ڊراءِ فروٽس ۽ ڪافي سان شغل ڪري

رهيا آهن، ڪومل ۽ سنڌيا بہ اچي شامل ٿين ٿيون، ڪين ايندو ڏسي حنان چور نگاهن سان سنڌيا جو جائزو وٺي ٿو پر هن جي چهري تي ڪوبہ تاثر ناهي، البتہ هن جو موڊ خلاف معمول ڪافي خوشگوار لڳي رهيو آهي جڏهن ڪجھ وقت پهرين هن سان ڪوبہ ڏکوئيندڙ ۽ غيرمعمولي واقعو نہ ٿيو هجي. اهو محسوس ڪري حنان کي اطمينان ٿئي ٿو. ڪافي دير تائين هو ڳالهيون ڪندا رهن ٿا ۽ شوڪت علي کي ٻڌائن ٿا تہ صبح کان هنن ڪٿي ڪٿي سير ڪيو. البتہ ان دوران سنڌيا ۽ حنان خاموش پنهنجن سوچن ۾ گم آهن . رات جي وقت ڌنر کان پوءِ برسات بہ رڪجي وڃي ٿي تہ سڀئي مال روڊ تي واڪ جو پروگرام ٺاهن ٿا، پهاڙي علائقن جي برسات جو اهوئي تہ مزو هوندو آهي. ڪيترو بہ مينهن وسي روڊ رستا ڌوپجي وڏيڪ اجرا ۽ صاف ٿي ويندا آهن ۽ انهن تي واڪ ڪرڻ جو مزو ئي پنهنجو هوندو آهي.

ائين بہ ڏينهن پلڪ جهپڪندي گذري ويا. گهمندي ڦرندي اشارن ڪناين ۾ حنان سنڌيا سان پنهنجي دلچسپي جو اظهار ڪندو رهيو، جتي موقعو مليو ڪومل آصف ۽ جميل هنن جي حوصلا افضائي ڪندا رهيا، ڪومل جي هر ممڪن ڪوشش هئي تہ هوءَ پنهنجي هن ڏکايل نڻان جي زندگي ۾ بهارون آڻي، البتہ احمد ۽ رابعہ ڪافي محتاط هئا. هنن پنهنجي هن ننڍڙي ڌيءُ کي سڏڪندي سسڪندي ڏٺو هو ۽ هوءَ مس مس وڃي ڪجھ سيٽل ٿي هئي، هنن کي اها بہ خبر هئي تہ حنان پوڀان ڳوٺ ۾ هڪ زال ۽ ٻار ڇڏي آيو آهي. انهن کان دور رهي هو هڪ دکياري عورت جا ڳوڙها اگهڻ جي سعي تہ ڪري رهيو هو ليڪن اهو حالات ۽ موقعي جي لحاظ کان وقتي اوبر ثابت ٿيو ۽ جيئن هو پنهنجي فيملي وٽ پهچي ۽ انهن جي محبتن ۽ ذميدارين جو طوق سنڌيا جي لاءِ مزيد اذيتن جو سبب بنجي ويو تہ اهو ڏک هوءَ سهي نہ سگهندي ۽ هن جي زندگي جهنم بنجي ويندي. ان ڪري هو ڪنهن بہ طرح جو زور مٿس وجهي جلد بازي ۾ ڪو قدم کڻڻ کان لنوائي رهيا هئا، ها البتہ هنن جي شديد خواهش هئي تہ جي هو ٻئي هڪ ٻئي کي سمجهي سگهيا ۽ پوءِ هنن گڏجي جيون گهارڻ جو ڪو فيصلو ڪيو تہ پوءِ هو بہ پيءُ کي راضي ڪري وٺندا.

•

سنڌيا ان دوران ڪئي دفعہ اهو محسوس ڪيو ۽ هاڻي هن کي يقين اچڻ لڳو تہ حنان هن ۾ غير معمولي دلچسپي وٺي رهيو آهي. هن ڪئي ڀيرا ڊبيل لفظن ۾ پنهنجي محبت جو اقرار بہ ڪيو ۽ شروع ۾ تہ هوءَ انهن ڳالهين تان چڙي هن کي ڪٺو جواب ڏئي ويهندي هئي پر آهستہ آهستہ برف پگهرجهڻ لڳي، هن جون اهڙيون پنهنجائپ ڀريون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ هن جا ڪن آتا رهندا هئا، ليڪن هن کي پنهنجي طرفان اڳتي هٺ وڌائڻ کان خوف ٿيندو هو.

محبت سنڌيا لاءِ چانڊوڪي جو خواب هو جيڪا هڪ پل لاءِ پنهنجي انتهائي خوبصورتي سان نظرن ۾ سمائجي سڄي هستي کي روشن ڪري ڇڏي ۽ ٻئي لمحي ۾ ڏنڌ جي ميٽائين چادر ۾ هميشہ لاءِ گم ٿي وڃي ۽ پوءِ ابد تا ابد انڌيارا رهجي وڃن. هن زندگيءَ ۾ محبت جا وڏا تڪليف ده ۽ ڪل جوڳا درد ڏٺا هئا. هن نہ ٿي چاهيو تہ حنان پنهنجي همدردانہ طبيعت جي ڪري هن سان گڏ تہ هلڻ چاهي پر همراه نہ هجي.

ڪوهہ مري کان واپسي تي هو سڀ معمولات زندگي ۾ مصروف ٿي ويا، البتہ آصف جميل ۽ ڪومل جي اها ڪوشش رهي تہ هنن کي هڪ ٻئي جي قريب آڻڻ جا جتن ڪندا رهن. ان ڏينهن بہ شوڪت علي احمد ۽ رابعہ ڪيڏانهن ويل هئا تہ حنان سنڌيا جي گهر آيو گهر ۾ سانت لڳي پئي هئي، ڪومل ڪيس اندر لائونج ۾ وٺي آئي جتي سنڌيا هڪ ميگزين جو مطالعو ڪري رهي هئي، حنان کي ايندو ڏسي سندس چپن تي هڪ خوشگوار مرڪ ڦهلجي وئي، ڪيس ويهڻ جي آڇ ڪيائين. ڪومل هنن کي ڇڏي پاڻ ڪنهن ڪم سانگي اندر هلي وئي. موقعو مناسب سمجهي حنان هڪدم فيصلو ڪيو تہ اڄ ڪنهن بہ نموني صاف لفظن ۾ پنهنجي دل جي ڳالهہ سنڌيا سان ڪرڻ گهرجي،

”سنڌيا ميم...! توهان ناراض نہ ٿيو تہ مان توهان سان هڪ ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿو.“

سنڌيا ڪجهہ ڪجهہ سمجهي وئي تہ هو ڇا چوڻ وارو آهي، اهو ٻڌي پهرين وانگر نتائڻ جي بجاءِ هن جي دل چاهيو تہ هو اهو سڀ ڪجهہ چئي ڏئي جيئن ڪنهن ٻڏتر ۾ پوڻ بجاءِ هوءَ بہ ڪو حتمي فيصلو ڪري سگهي. هوءَ تجسس مان هن ڏي نهارڻ لڳي.

حنان عجيب انداز ۾ جهٽ هن کي پروپوز ڪندي چيو. ”مان توهان جي زندگي ۾ پاڻ کي شامل ٿيڻ لاءِ پنهنجو پاڻ سونپيان ٿو.“

اهو چئي چپ ٿي ويو ٿو.

سنڌيا کي اهڙي انداز جي قطعي اميد نہ هئي هوءَ واٽڙي ٿي ٿوري دير لاءِ کيس ڏسندي رهي،

”هي ڇا پيا چئو، اهو ڀلا ڪيئن ممڪن آهي، ڇا اسان هميشہ جيان سنا دوست رهي نہ ٿي سگهون.“

جڏهن هن کيس منع ڪيو تہ هو ٻارن وانگيان رُسي ويو. اکين ۾ لڙڪ تري آيس.

سنڌيا کيس چيو تہ مونکي سوچڻ جو موقعو ڏيو ڪجهہ وقت انتظار ڪيو ممڪن آ تہ توهان کي اڳتي هلي پنهنجي فيصلي تي ڪو پڇتاءِ ٿئي.

پر هو اڄ ڪجهہ بہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هو.

”ڏسو سنڌيا ميم...! توهان مونکي سنا ٿا لڳو مان بہ شايد توهان کي ناپسند ناهيان، تہ پوءِ انتظار ڇا لاءِ، ڇو ڪيون انتظار.“

هن جا دليل ڏاڍا دلچسپ هئا جو هوءَ نہ اقرار ڪري سگهي نہ انڪار، پر خاموش رهجي وئي. هن جي خاموشي کي آمادگي سمجهي هو خوش ٿي ويو. انهي وقت ڪومل چانهہ سان گڏ پڪوڙا کڻي اندر آئي. حنان جو ٻهڪندڙ چهرو ۽ سنڌيا جون شرمايل نگاهون هن کي گهڻو ڪجهہ سمجهائي ويون تہ هن جي ڪوشش نيٺ رنگ لاتو ۽ هوءَ پنهنجي هن سدائين دکي رهندڙ ڀاڻان جي لاءِ خوشيون حاصل ڪرڻ ۾

ڪامياب ٿي وئي. سيني انتهائي خوشگوار ماحول ۾ چانهه پيتي ۽ پوءِ نہ چاهيندي بہ حنان موڪلائي هليو ويو.

●

هڪ ڏينهن آفيس ۾ ڪو خاص ڪم نہ هو ان ڪري حنان پنهنجي ڪئبن ۾ ڪرسي جي پٺي کي ٽيڪ ڏئي سوچڻ لڳو.

”مان سنڌيا کي ڪليل لفظن ۾ زندگيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي پيشڪش تہ ڪري ويٺو آهيان پر ڪاٿي منهنجو هي ڪنيل قدم هن لاءِ وڏيڪ عذاب جو باعث نہ بنجي وڃي. ثمينہ هڪ انتهائي پزيسوِ ضدي عورت آهي، اگر هن کي هن رشتي جي پٽڪ پئجي وئي تہ هوءَ الائي ڇا ڪري ويهي.... پر هاڻي تہ منهنجي احساسن جي خبر سيني کي پئجي وئي آهي ۽ مان سنڌيا کي واضع انداز ۾ پروپوز ڪري ويٺو آهيان. آصف وڏي مشڪل سان آپي ۽ احمد کي آماده ڪيو آهي، سنڌيا تہ هن زندگي لاءِ وڏي مشڪل سان پاڻ کي تيار ڪري سگهي آهي، ورنہ هوءَ تہ ڪنهن بہ مرد تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ هئي. سورهن، سترهن سالن جي ننيڙڙي عمر ۾ هن ايڏو وڏو دوکو کاڌو ۽ سالن جا سال لاڳيتو جنهن ڪرب ۽ اذيت مان گذري. رابعہ آپا تہ ٻڌايو پئي تہ بہ دفعہ خودڪشي جي ڪوشش بہ ڪيائين ۽ هاڻي مان هن کي زندگي ڏانهن وڌڻ جي آس ڏياري پوئتي هٽي نہ ٿو سگهان. ڏسو قسمت ڪيڏانهن ٿي وٺي وڃي، ها البتہ ان سلسلي ۾ سنڌيا جي راءِ وٺڻ ضروري آهي.“ اهو سوچي هو سنڌيا جي ڪئبن ۾ اچي ٿو ۽ ويهندي بي تڪلف انداز ۾ ڪافي جي فرمائش ڪري ٿو. سنڌيا سوچي ٿي تہ:

”هي حنان کي آخر ڇا ٿي ويو آهي هن جي هڪ فيملي آهي پوءِ بہ آخر هن کي مونسان ڪهڙي همدردي آهي جو هو ايڏي رسڪ کڻڻ لاءِ بضد آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ مان هڪ عذاب کي پوڳي مس ڪجهہ سيٽل ٿي آهيان تہ ڪو نئون عذاب منهنجي استقبال لاءِ بيٺو هجي.“

حنان هن کي ائين سوچيندي ڏسي پڇي ٿو ”ميڊم توهان ٺيڪ ته آهيو نه.“

”ها، ها، ڇو خير ته آهي نه.“

”بلڪل..... سوچيم توهان سان هڪ ڪپ ڪافي ٿي وڃي ۽ اڳتي لاءِ به ڪجهه سوچجي.“

ٻئي ڪافي دير تائين ان موضوع تي ڳالهائن ٿا هڪ ٻئي کي پنهنجي انديشن کان آگاهه ڪن ٿا ۽ آخر ٻنهي جي چهرن تي اطمينان جي جهلڪ اچي وڃي ٿي.

حنان سنڌيا کي مطمئن ڪرڻ کان پوءِ دل جي ڳالهه ڇوي ٿو

”ته پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، مان اڄ شام جو جميل ۽ آصف کي توهان ڏانهن موڪليندس آپي ۽ پاپي سڀ طيءِ ڪري وٺندا.“

سنڌيا ڪوبه جواب ڏيڻ بنا ڪافي پيئڻ ۾ مشغول هئي.

حنان اتان اٿي پنهنجي ڪئبن ۾ اچي آصف کي فون ڪري تفصيل سان ٻڌائي ٿو ۽ شام جو اوڏانهن وڃڻ لاءِ ڇوي ٿو آصف حامي ڀري ٿو.

احمد ۽ رابعه ڀيءِ کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا هو ڀهرين ته صاف جواب ڏئي ٿو ته هڪ سگهڙي شخص سان سنڌيا ڪيئن رهي سگهندي هن ته زندگي ۾ پنهنجي ڪابه شيءِ ڪنهن سان ڪڏهن به شيئر نه ڪئي هئي ته پنهنجي زندگي ڪيئن شيئر ڪري سگهندي ڪاٿي پاڻ کي ايڊجسٽ ڪندي پاڻ کي زخمي نه ڪري وجهي ڪاٿي هڪ دفعو وري پورا پورا نه ٿي وڃي. هو رابعه کي ڇوي ٿو ته هن کي پنهنجي منهن زندگي جي هر حقيقت کان چڱي ريت آگاهه ڪري، ڇو ته هوءَ عمر جي ان حصي ۾ آهي جنهن کان پوءِ هن وٽ نه وڃائڻ لاءِ وقت هوندو ۽ نه ٻيهر سيٽل ٿيڻ لاءِ.

شام جو سنڌيا جيئن گهر اچي ٿي ته فريش ٿي پنهنجي بيڊ تي ليٽي پوي ٿي ان وقت رابعه اچي سندس پرسان ويهي ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي مقصد تي اچي ٿي،

”سنڌيا توکي تہ خبر هوندي تہ آصف ۽ جميل ڪجھ دير کان پوءِ اچڻ وارا آهن هنن کي ڪو جواب ڏيڻ کان پهرين مان توکي زندگي جي انهن حقيقتن کان آگاهہ ڪرڻ ضروري سمجهان ٿي.“

سنڌيا پريشان ٿي پيڻ ڏانهن نهاري ٿي.

”منهنجي ڳالهہ ٻڌ سنڌيا منهنجي ننڍڙي پيڻ. رابعہ کيس پاڻ سان سيني سان لائيندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکي ٿي, اڄ, صبحاڻي تون زندگي جي جنهن راهہ تي پهريون قدم رکندينءَ. هي ڏاڍي عجيب و غريب راهہ اٿئي, ڏسڻ ۾ ڏاڍي خوبصورت, ڏاڍي خوش نما, زمين تي گل ئي گل نظر ايندا آڪاس ستارن سان پريل لڳندو, ليڪن جڏهن اتان گذرڻ لڳبو تڏهن خبر پوندي آهي تہ انهن گلن سان گڏ ڪيترا ڪنڊا بہ آهن جيڪي پيرن کي رتو رت ڪري ڇڏين ٿا, ۽ انهن تارن ۾ ڪڏهن بہ روشني ناهي هوندي, انهن رستن تي هلندي وڏا سراب ۽ رُڃ ملندي, ڏاڍيون مايوسيون هونديون, ڇو تہ ٿيندو ائين آهي تہ اسان گهڙيءَ ۾ پنهنجي تصورات جا جيڪي محل تعمير ڪري وٺندا آهيون, انهن محلن کي چنڊ تارن سان سينگاري سجائي وٺندا آهيون پر پوءِ ائين ٿيندو آهي تہ ٻئي لمحي ۾ اهي محل سڙي رک ٿي ويندا آهن ۽ سموري خاڪ اسان جي اکين ۾ پرجي ويندي ۽ ڪافي دير تائين اسان کي ڪجھ بہ نظر ناهي ايندو ۽ نہ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي سواءِ اونداهي جي. ڪجھ ساهي پٽيندي, مان توکي ڊيڄاريان نہ ٿي, توکي رشتن ۽ انسانن تي اعتبار ڪرڻو پوندو, ڇو تہ اعتبار جي بغير زندگي گذاري نہ ٿي سگهجي, پهرين کان خوفزده ٿيڻ بيوقوفي آهي ڇو تہ جي ڊڄبو تہ مقابلو نہ ڪري سگهبو, اهو بہ ياد رکجانءِ تہ ڪوبہ ڏک سهپ کان وڏيڪ ناهي هوندو. هر ڏک جو انت ٿيڻو هوندو آهي ۽ شايد تنهنجي زندگي ۾ خوشين جي شروعات ٿئي پئي, بس زندگي جي انهن تلخ حقيقتن کي ڪڏهن بہ نہ وسارجانءِ. جيڪو بہ تنهنجو فيصلو هوندو اسان ان تي توسان هميشہ ساڻ هونداسين.“

پيڻ جون ڳالهيون ٻڌي سنڌيا پريشان ٿي وڃي ٿي پر ٻئي لمحي ۾ هوءَ مطمئن ٿي وڃي ٿي تہ کيس حنان تي ويساهہ ڪرڻو پوندو. هن

جي ڳالهين ۾ سچائي آهي. هو رحمان کان بلڪل الڳ آهي، هر ڳالهه هن جي آڏو رکي صرف هن جي فيصلي تي يقين رکڻ وارو ۽ هاڻي هوءَ بہ هن جي بنا زندگي گذارڻ کي ڏکيو پئي سمجهي. ان دوران هوءَ بہ هن کي تمام قريب محسوس ڪرڻ لڳي آهي، هو غير محسوس انداز ۾ هن جي اندر دور ڪٿي سمائجي ويو آهي. شايد ان لاءِ تہ طويل محرومين کان پوءِ زندگي هن ڏانهن سفر شروع ڪيو آهي.

اهو سڀ سوچي هوءَ پيڻ جي آڏو پنهنجو راضپو ظاهر ڪري ٿي تہ رابعہ بہ مطمئن ٿي وڃي ٿي.

هوءَ اتان اٿي پيءَ کي سنڌيا جي راضپي کان آگاهہ ڪري ٿي تہ هو بہ انديشن ۾ گهيريل هجڻ باوجود سڀ ڪجهہ الله تي ڇڏي ڏئي ٿو.

رابعہ جي وڃڻ کانپوءِ سنڌيا پنهنجي رضا ظاهر ڪرڻ جي باوجود ڪجهہ زياده خوش نہ هئي ڪئي انديشہ ۽ انومان هن گهڙيءَ بہ کيس بي سڪون ڪري رهيا هئا، کيس موقعو نہ مليو هو تہ هوءَ حنان سان پنهنجو اندر کولي رکي، بس سڀ ڪجهہ جلدي ۾ ٿي رهيو هو.

سنڌيا محبت ۾ اڳ ۾ ئي چوٽ کاڌل هئي، ان ڪري هوءَ ڪوبہ قدم کڻڻ کان لهرائي رهي هئي. حنان ڪافي عرصي کان هن ۾ دلچسپي ڏيکاري رهيو هو پر هوءَ هن جي جذبي ۾ هڪ حرف بہ يقين سان نہ ٿي چئي سگهي، نہ هن جي لاءِ نہ پنهنجي لاءِ. هن جي محبت جو جذبو ڪيترو پائدار ڪيترو نا پائدار هئو هڪ دفعو وري امتحان. هن ڪنهن امتحان ۾ نہ ٿي پوڻ چاهيو. ليڪن رفتہ رفتہ هو هن جي زندگي جو هڪ حصو بنجندو ويو. پنهنجن ڪمزورين جي ڪري يا سهاري لاءِ، ان کي جيڪو بہ نالو ڏجي، هوءَ ان جي ايترو قريب اچي وئي هئي جو هن کي الڳ ڪرڻ مشڪل هو. ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ هو سندس رت جو حصو هو جيڪو سندس رڳن ۾ گردش ڪري رهيو هو. جيئن ڪا نازڪ ول ڪنهن مضبوط وڻ جي ٿڙ جي سهاري چوٽي تائين هلي وڃي ۽ شاخن ۾ اهڙي طرح وچڙي وڃي جو اگر جدا ڪرڻو پوي تہ صرف پيچي ئي الڳ ڪري سگهجي. هوءَ هاڻي سمجهڻ لڳي هئي تہ جيڪڏهن کين جدا ٿيڻو پيو تہ هوءَ پچي پورا پورا ٿي ويندي، پر

اهي سڀ جذبا، سڀ جي موتي جيان هن پنهنجي اندر جي گهراين ۾ سانڍي رکيا هئا. جڏهن تہ کيس ايترو ضرور معلوم هو تہ محبت سچ جي روشني وانگيان لڪائي نہ ٿي سگهجي، بادلن جا لشڪر ۽ رات جي اونداهين جا قافلا بہ ان روشنيءَ کي چمڪڻ کان روڪي نہ ٿي سگهيا.

هوءَ ڪيتري دير تائين انهن بي سروپا سوچن ۾ گم رهي تہ ڪومل هن کي هوش جي دنيا ۾ وني آئي،

”سنڌيا خوش ٿي وڃ، بابا سائين تنهنجي ۽ حنان جي هڪ ٿيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، هڪ هفتي کان پوءِ جڏهن طارق پاڻو ايندو تہ خير سان اسان جي هيءَ لاڏلي ڀيڻ اسان کان رخصت ٿي ڪنهن حنان صاحب جي ذميداري بنجي ويندي.“

اهو ٻڌي سنڌيا جي اکين ۾ لڙڪ اچي وجن ٿا، هن ڪيترو طويل عرصو اهڙي لمحي جو انتظار ڪيوهو، شايد قدرت کي رحم اچي ئي ويو ۽ هن طويل سزا ۾ تخفيف ڪئي وئي.

هڪ هفتي کان پوءِ طارق جي ايندي ئي هن کي چند فيمليز جي موجودگي ۾ هڪ ننڍڙي تقريب ۾ حنان جي ڪنوار بنائي رخصت ڪيو ويو. ائين سنڌيا جي زندگي ۾ هڪ نئون موڙ اچي ويو.

سنڌيا رخصت ٿي حنان جي ڪمري ۾ هڪ صوفي تي ويٺي هئي. هن جي چهري تي خوشي ۽ ڏک جا مليل جليل تاثرات هئا حنان هن جي ڀرسان ڪرسيءَ تي اچي ويهي ٿو، سنڌيا بغير شرمائڻ جي نهايت بردباري سان کيس چوي ٿي،

”حنان هي سڀ ايترو جلدي ۽ اچانڪ ٿي ويو جو مونکي توهان سان کُلي ڳالهائڻ جو موقعو ئي نہ ملي سگهيو. مونکي تہ اڃان سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ مون هي فيصلو سهي ڪيو بہ آهي يا نہ. نئين زندگي جي شروعات ڪرڻ کان پهرين مان هر اها ڳالهہ توهان سان شيئر ڪرڻ چاهيان ٿي، جيڪا مون گهر وارن سان اڄ ڏينهن تائين بلڪ ڪنهن سان بہ شيئر ناهي ڪئي.... پر چاڪاڻ تہ توهان هينئر غلط يا سهي منهنجي زندگي ۾ شامل ٿي ويا آهيو ان ڪري توهان سان اها بي

ايماني ٿيندي اگر مان هر اهو پل جيڪو مون عذاب ۾ گذاريو آهي، ان متعلق توهان کي سڀ ڪجهه ٻڌايان.“

حنان هن جي ڳالهه ڪٽيندي،

”هنن خوشي جي لمحات ۾ عذاب جون ڳالهيون ڪري ڇو ٿا هنن گهڙين کي کوٺو ڪيو... هونئن مان توهان کي ٻڌايان ته توهان جي ڪهاڻي جي ڪافي حصي جي مونکي خبر آهي، ان ڪري اگر ان کان علاوه به ڪا خبر آهي ته مان همه تن و گوش آهيان.“

اهو ٻڌي سنڌيا حيرت مان سندس منهن تڪيندي،

”پر توهان کي...! ان جي خبر ته سواءِ منهنجي دوست سنيتا ۽ منهنجي...“

”معاف ڪجو هڪ ڳالهه وساريو پيا ميم.... هڪ ٽيون شخص به هيو... رحمان..... جيڪو ان ڪهاڻي جو مک ڪردار هو. ان توهان جي ڪراچي مان وڃڻ کان پوءِ پائو مظفر کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هو سواءِ هڪ ڳالهه جي ته هو توهان کي بليڪ ميل ڪندو رهيو هو ۽ پوءِ پائو ان ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ پهنجا ذريعا استعمال ڪيا ۽ جڏهن هن کي سڄي حقيقت معلوم ٿي ته هن پنهنجي زندگي متعلق جلد بازي ۾ ڪيل فيصلي تي گهڻو پڇتايو ۽ ان ڪري ئي هو لنڊن هليو ويو.“

سنڌيا جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويڻ ٿا جن کي حنان سندس پلڪن تي ئي روڪي وٺي ٿو،

”نه بلڪل نه.... اڄ کان پوءِ توهان جي پلڪن تي آنسو نه اچڻ گهرجن ۽ اڄ اسان انهن فضول ۽ ماضي بنجي ويل ڳالهين کي بلڪل به ياد نه ڪنداسين..... مونکي توهانجي ماضي سان ڪوبه سروڪار ڪونهي... هر ماڻهو جو هڪ گذري ويل وقت هوندو آهي جنهن کي ماضي چئبو آهي ۽ جيڪو چڱو يا برو گذري وڃي، ان کي ياد ڪري حال کي کوٺو ڪرڻ نه گهرجي.....“

اهو ٻڌي سنڌيا جي چپن تي هڪ اداس مرڪ اچي وڃي ٿي،

”مونکي اهڙي ئي ساٿي ۽ دوست جي ضرورت هئي..... هاڻي مان بلڪل مطمئن آهيان.“

رات تہ سڄي ڳالهين ۾ گذري وئي هاڻي آرام ڪرڻ گهرجي.

صبح جي وقت جميل ۽ آصف نئين جوڙي لاءِ ناشتو بہ تيار ڪري رهيا هئا ۽ هن شادي تي ٽيڪا ٽپڻي بہ پئي هلي،

”يار آصف هي اسان وارو دوست اڃان ناشتي لاءِ ناهي آيو.“

”اڃي ويندا اڄ آچر جو ڏينهن آ توکي جلدي هئي ناشتو تيار ڪرڻ جي.“

”مونکي تہ حنان تي حيرت بہ ٿئي ٿي ۽ رحم بہ اچي ٿو.“

آصف حيران ٿي پڇيس ٿو.

”حيرت ڇو ۽ رحم ڇا لاءِ.“

”يار توکي تہ خبر آ تہ حنان جهڙو جذباتي ۽ ڊڄڻو شخص زندگي جو ايڏو وڏو فيصلو ڪيئن ڪري وينو ۽ اهو بہ اڪيلي سر.....“

آصف اهو ٻڌي کلڻ لڳي ٿو.

”اڪيلي سر وري ڪٿي..... تو جهڙو تجربي ڪار دوست جو گڏ هوس.“

”منهنجو معاملو ٻيو آهي، حنان انتهائي ڊڄڻو آ..... ۽ ان ڪري رحم ٿو اچي تہ جيڪڏهن ثمينہ ڀاڀيءَ کي ان ڳالهہ جي خبر پئجي وئي تہ هُن ويچاري مسڪين هيرو جو جيڪو حشر ٿيندو..... بس رب پناهہ ۾ رکي....“

”پوءِ پنهنجي تجربي مان ڪجهہ گُر هن کي بہ ڏي نہ.“

ان وقت حنان ۽ سنڌيا تيار ٿي ٻاهر اچن ٿا، ڪل پوڳ ۾ ناشتو ڪن ٿا ۽ هنن کان موڪلائي سنڌيا ۽ حنان پنهنجي گهر هليا وڃن ٿا. تہ جميل کين ويندو ڏسي آصف کي چئي ٿو.

”ڏٺئي آصف خان..... اسان کي هلڻ جي ڪوڙي صلاح بہ نہ ڪين، مونکي نہ سهي توکي تہ چون ها.“

ٻئي کلڻ لڳن ٿا.

حنان ۽ سنڌيا جڏھن گھر پھتا تہ سڀ ھنن جي انتظار ۾ ھئا سڀئي سنڌيا سان ائين ملي رھيا ھئا ڄڻ ورھين جي وڇوڙي کان پوءِ ملندا ھجن، ھر ڪنھن کي ھن جو اونو ھو. احمد کان رھيو نہ ٿيو تہ پڇي ورتائين،

”اسان جي لاڏلي ڀيڻ خوش تہ آھي نہ.“

”احمد صاحب توھان جي سامھون آھي ڀلي پڇي وٺوس.“

”يار ھاڻي اسان مائٽ ٿي ويا آھيون... اھو صاحب وغيره ڇوڙ سونھي نہ ٿو.“

”توھان وڏا آھيو ۽ ادب کي ملحوظ رکڻ منھنجو فرض آھي.“

”يار وڏو ڇئي مونکي ھرو ڀرو بزرگ نہ بڻاءِ، مان ۽ سنڌيا ٽافين ۽ پڪوڙن تي وڙھي پوندا ھئاسين اھا اڃان ڪالھوڪي ڳالھہ آھي.“

رابعہ ھن جي ڳالھہ ڪٽيندي،

”اڄڻ سان واھہ جي تاريخ ڇڏائي اٺئيس، حنان ويھو ھو آصف اينڊ ڪمپنيءَ کي نہ وٺي آيئو... اڄ تہ لنچ اسان سان ڪن. ھونئن بہ سنڌيا جيِ اِن لاز ۾ في الحال تہ اھيئي آھن.“

احمد فون ڪڻندي،

”مان فون ڪيان ٿو، آپيءَ جو پنھنجي لاڏلي آصف جي بغير تہ گرھہ ڪون لھندو.“

فون ڪري رکي ٿو،

”آپي بہ ڇڱو سڄاتو ھون، ھو بہ ھيڏانھن اچڻ لاءِ آتا ويٺا ھئا، سنڌيا تون ٻڌاءِ..... ھاڻي تہ تون اڪيلي نہ رھينءَ، حنان جي شڪل ۾ تنھنجو خيال رکڻ وارو جيون ساٿي آھي.... ان ڪري اسان کي بہ ھاڻي بي الڪو ٿي واپس وڃڻ گھرجي، منھنجي موڪل بہ پوري ٿي وئي آھي ٻار بہ پريشان پيا ٿين. ھاڻي اسان کي اجازت ڏيو.“

”نہ ڀائو ڪجھہ ڏينھن تہ ترسو سنڌيا ميم جيستائين نئين زندگي ۾ ايڊجسٽ ٿئي.“

”بس حنان، طارق بہ ھفتي جي موڪل وٺي آيو ھو ھاڻي گھڻا ڏينھن رھيا سين. تون اسان جي لاڏلي ڀيڻ جو خيال رکجانءِ.“

اهو ٻڌي سنڌيا اداس ٿي چوي ٿي،

”جيئن توهان جي مرضي..... بابا کي ته ڇڏي ويندا نه.....“

”اهو بابا جي مرضي تي منحصر آهي.“

سيئي چانهه پيئن ٿا.

سنڌيا وارن جي وڃڻ کان پوءِ طارق ۽ رابعه ڪمري ۾ ويٺا آهن، طارق رابعه کان پڇي ٿو ته هڪ شادي شده شخص سان سنڌيا جو رشتو ڪيئن جوڙيو. توهان کي خبر آهي ته هوءَ انتهائي حساس ڇوڪري آهي. جيڪڏهن پهرين شاديءَ کي وٺي ڪري ڪا ڳالهه هيٺ مٿي ٿي ته سنڌيا ان جو ڏاڍو اثر وٺندي..... جي آصف کي سنڌيا سان ايڏي ئي همدردي هئي ته پاڻ اڪيلو هو. اها قرباني پاڻ ڪٽي ڏئي ها.

رابعه کيس سمجهائي ٿي ته حنان پاڻ سنڌيا ۾ انٽريسٽيڊ هو. هن ئي آصف کي اهو رشتو جوڙڻ لاءِ چيو. سنڌيا کي به ان تي ڪو اعتراض نه ٿيو.

”خير هاڻي ته جيڪو ٿيڻو هو ٿي ويو. بس هاڻي دعا ڪيوس ته نيجي اچي، ڪو ڏک هن جي قريب نه اچي.“

ٻئي وڃڻ لاءِ پيڪنگ ڪن ٿا.

ٻن ڏينهن کانپوءِ هو وڃڻ لاءِ تيار آهن ته سنڌيا اچي ٿي شوڪت کي گهڻو روڪڻ جي ڪري ٿي پر هو کيس چوي ٿو ته،

”پُٽ هاڻي وڌيڪ رهڻ درست ناهي سڀ وڃن ٿا ته مان به ويندس، توهان پلي جڏهن واندڪائي ملي هليا اچجو. بلڪ مان ته چوان ٿو هاڻي گهڻو عرصو هتي رهي آهين ان ڪري واپس ڪراچي هلي اچ.“

اهو ٻڌي حنان چوي ٿو ته،

”بابا مونکي به پراڻي جاب تي پروموشن ڏئي گهرائن پيا..... هتي جي لائيف ڏاڍي تف آهي، انڪري سنڌيا ميم کي چوان پيو ته واپس هلجي.“

”توهان جي جاب ته ڪانٽريڪٽ تي آهي منهنجو ته جيستائين ٽرانسفر نه ٿيندو مان ڪيئن ويندس. اتي ريجنل آفيس کلي آهي، مٿين پوسٽن تي هڪ ٻه پوسٽنگ ٿي به ويون آهن.“

طارق چوي ٿو ته هوءَ هينئر ئي اپلاءِ ڪري ڇڏي ائين نه ٿئي ته سڀ اوڏانهن ڀڄڻ جي ڪن ۽ تون رهجي وڃين.

”ٺيڪ آ صبحاڻي ئي اپلاءِ ڪري ٿي ڇڏيان.“

ٻئي طرف جڏهن ڪان رابعه سان طارق پنهنجا ويچار ونڊيا_انديشا ظاهر ڪيا، رابعه وسوسن ۾ گهيرجي وئي، جلد بازي ۾ هن رشته جي گهراين متعلق گهڻو غور ئي نه ڪيو جي خدا نخواسته اها شادي نه نڀجي سگهي ته، نه صرف سنڌيا پورا پورا ٿي ويندي پر بابا سائين جنهن کي هن ئي راضي ڪيو هو ورنه هو اهڙي شادي جو قائل ئي نه هو. انهن جي آڏو به مياري ٿي پوندي، هوءَ انهن ئي پريشانين ۾ ويٺي هئي ته ڪومل ڪمري ۾ اچي ڪانئس پڇيو ته هوءَ ايڏي منڊل منڊل ڇو پئي لڳي، رابعه کيس ٻڌايو ته طارق کيس وسوسي ۾ وجهي ڇڏيو آهي، هو چوي ٿو ته نه صرف حنان ۽ سنڌيا جي عمرين ۾ فرق آهي بلڪ هن جي هڪ فيملي به آهي، هوءَ سڄي ڳالهه کيس ٻڌائي ٿي.

”آپي هرويرو وهمن ۾ نه پئو اهي فيصلا ته مٿي ٿيل هوندا آهن، صرف وقت ۾ گروي پيل هوندا آهن، توهان پاڻ سمجهو ته قدرت طرفان اهو رشتو طيءِ هو، تڏهن ته اهڙا حالات پيدا ٿيا، سنڌيا ڪيترن سالن کان هتي هئي ساڳي آفيس ۾ نوڪري ڪندي هئي، حنان کي آئي ته ڪجه مهينا ئي ٿيا آهن ۽ واپس وڃڻ جو به سوچيائين پئي، ڇڻ ته قدرت کي انهن کي ملائڻو هو تڏهن ته حنان جي ٿوري عرصي لاءِ هتي پوسٽنگ ٿي، نه ته آصف به ملي پئي سگهيس..... بس توهان وڌيڪ ڳڻتي نه ڪيو اُن تي سڀ ڇڏي ڏيو.“

ڪومل سان ڳالهائڻ ڪان پوءِ هن جي دل جو بار جهڪو ٿيو ته پاڻ به اٿي سامان سهيڙڻ لڳي.

حنان شوڪت علي کي ٻڌايو ته اڄ جي ڊنر سندس اپارٽمينٽ تي رکي وئي آهي، جميل ۽ آصف کي در اصل پنهنجي هاسٽل واري

ڪاريگري ڏيڪارڻ جو شوق ٿيو آ. ٻيو ته جميل بضد آهي رڳو اسان توهان جا مهمان رهيا آهيون. توهان جي وڃڻ کان اڳ ۾ اسان کي به موقعو ملڻ کپي.

”پُٽ هرويرو پيا تڪلف ڪيو.“

اهو ٻڌي طارق چوي ٿو.

”ٺيڪ آ يار ان بهاني توهان جو اپارٽمينٽ به ڏسي وٺبو ڏسون ته اسان جو سنڌو صاحب ڪيترو سگهڙ آهي. اسان واري بيگم صاحبه ته سڄو ڪم اسان کان ڪرائيندي آ. ورڪنگ ليڊيز جا اهي ته مزا آهن. باقي سالي صاحب جا مزا آهن هائوس وائيف ملي وئي اٿس سڄو ڏينهن پيٽ جي رستي دل ۾ جاءِ ناهڻ جي ڪوشش ۾ هر وقت رڌل هوندي آهي.“

”بس ڀائو بس. توهان ته هرويرو ڀاڄ کي مظلوم پيا چئو. آپي اهڙي به ناهي. هاڻي هلي رات جي ڊنر تي هلڻ جي تياري ڪيو.“

جميل ۽ آصف رات جي تياري ۾ مصروف آهن ۽ ڪچهري به ڪري رهيا آهن. سنڌيا سندن مدد لاءِ بورچي کي به موڪلي ڇڏيو آهي.

جميل ڳالهيون ڪندي آصف کي چوي ٿو.

”يار مون هڪڙي ڳالهه محسوس ڪئي آ. تو وارو ڀائو طارق هن شاديءَ مان خوش نه ٿو لڳي.“

”در اصل ڀائو مظفر. ڀائو طارق کي ڏاڍو پيارو آ. ۽ سنڌيا ميم ڀائو کي تمام گهڻي پسند هئي. پر هن جي انڪار ڪان پوءِ ڀائو اسان جي هڪ پري جي ڪزن سان شادي ته ڪئي پر اڃان تائين هنن ۾ اها انڊر اسٽينڊنگ نه ٿي سگهي. ٻيو ته طارق ڀائو کي اها به خبر ناهي ته هي شادي ڪهڙن حالات ۾ ٿي آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهي ڳالهيون ڀائو کي پريشان ڪنديون هجن.“

”خير الله چڱي ڪندو. ڊپ ته مونکي به آهي. حنان ڏاڍو ڪمزور طبيعت جو آهي. شل نيائي وڃي.“

انهي دوران سڀ اچن ٿا. ڪل خوشيءَ ۾ ڊنر جو دور هلي ٿو.

طارق حنان جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته سنڌو صاحب جي خوش ذوقي جو داد ڏيڻ گهرجي، ننڍڙي گهر کي خوب سنواريو ۽ سينگاريو اٿس. سندس تعريف ٻڌي سنڌيا زيرِ لب مسڪرائي ٿي.

ٻئي ڏينهن شام جو هنن جي بڪنگ هئي، سڀئي تيار ٿي راولپنڊي لاءِ نڪرڻ لڳا ته آصف به تيار ٿي هنن سان وڃڻ لڳو. حنان پڇيس ته وراڻيائين ته هن جو هتي ڪم ته ڪافي پهرين ختم ٿي ويو هو صرف هن شادي جي ڪري رهيل هو ۽ هاڻي وڃڻ ضروري آهي.

شوڪت علي وڃڻ کان پهرين سنڌيا کي اڪيلائي ۾ تاڪيد ڪري چوي ٿو ته هوءَ ڪوشش ڪري ته حنان جي اڳين فيملي لائيف ۾ ڪو عمل دخل نه رکي بلڪ ڪوشش ڪري ته ان سلسلي ۾ اصل نه ڳالهائي.

”بابا سائين توهان فڪر نه ڪيو، مان ڪوشش ڪنديس ته حنان کي گهٽ ۾ گهٽ منهنجي طرفان ڪو به پرابلم ڪا پريشآني نه ٿئي، وڏيڪ هن کي پاڻ مينيج ڪرڻو آهي.“

”منهنجي ڌيءَ سمجهدار آهي، مان نه ٿو چاهيان ته هاڻي ڪڏهن به تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ڏک نه اچي.“

سڀئي موڪلائن ٿا حنان، جميل ۽ سنڌيا کين ٻاهر تائين رخصت ڪرڻ اچن ٿا.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ جميل کين مشورو ڏئي ٿو ته هو ڪجهه ڏينهن موڪل وٺي ڪٿي گهمي ڦري اچن. ائين هو ڪجهه ڏينهن عام رواجي لائيف کان هٽي ڪري زندگي کي انجواءِ ڪري سگهندا. پر سنڌيا انڪار ڪري چوي ٿي ته هوءَ گهڻو خوش ٿيڻ نه ٿي چاهي ڪاٿي هن جي خوشين کي وري نه ڪنهن جي نظر لڳي وڃي، بس هوءَ هتي ئي خوش آهي هو فيصلو ڪن ٿا ته سنڌيا جو اپارٽمينٽ وڏو آهي ان ڪري هو حنان وارو فليٽ ڇڏي سڀئي اتي رهندا. ان ڪري هو پنهنجو سامان ڪٽي سنڌيا جي اپارٽمينٽ ۾ شفٽ ڪري اچن ٿا.

هڪ ڏينهن حنان ڪنهن سان فون تي ڳالهيئي رهيو هو ته سنڌيا کيس عجيب نگاهن سان ڏسندي سوچي ٿي،

”حنان سان شادي ڪري هن حنان سان زيادتي تہ ناهي ڪئي، حنان هن کان ڪوڙ سارو ننڍو آهي، هن تہ سورهن سترهن ورهين جي عمر ۾ پاڻ کان ذري گهٽ ٻيڻي عمر جي شخص سان محبت ڪئي هئي ۽ ان کي دل جي تمام تر گهراين سان چاهيو هو. ليڪن هن سندس محبت جو مذاق بنائي ڇڏيو... تہ پوءِ ان جي بدلي ۾ هن حنان جي زندگي ڇو خراب ڪئي. هن ڇو نہ هن کي سمجهائي ڪري ان خواهش کان هٽائي ڇڏيو. حنان تہ همدردي ۾ ايڏو وڏو قدم کڻي ورتو.... پر ڪيس تہ سمجهہ هئي.“

هو اهو سوچي اداس ٿي وئي. حنان ڪيس ائين سوچيندو ڏسي،

”ايترو ڳوڙهو ڪهڙي ويچارن ۾ پئجي ويا آهيو پڪ ڪا فضول سوچ پريشان ڪري رهي اٿو.“

”حنان توهان هن فيصلي تي مطمئن تہ آهيو نہ، ڪو پڇتاءُ تہ نہ اٿوَ....“

”اڙي سنڌيا ميم...! پوءِ ڇا ٿيندو... ڇا ٿيڻو آهي.... انهن ڳالهين کي سوچي مان پنهنجو اڄ ڇو خراب ڪيان.... صبحاڻي ڇا ٿيندو، اهو صبحاڻي تي ڇڏيو..... اٿو ٻاهر ٿوري دير واڪ ڪري ٿا اچون.“

”نہ بس مان آرام ڪنديس، توهان جميل صاحب سان ڪچهري ڪيو.“

اهو چئي هوءَ ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي تہ جميل ٻاهر اچي ٿو ۽ حنان کان پڇي ٿو تہ ڇا ٿيو آ ميم ڪجهہ ٿڪل پئي لڳي. هو ٻڌائيس ٿو تہ شايد گهر وارن کي مس پئي ڪري.

ائين وقت گذرڻ لڳي ٿو. ٻئي چوٿين ڏينهن ڪڏهن رابعہ تہ ڪڏهن ڪومل ۽ شوڪت علي فون تي سندس حال احوال وٺندا رهن ٿا. ڪجهہ مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن سڀ ڇانهہ ڀي رهيا هئي تہ چوڪيدار ٻڌائي ٿو تہ ٻاهر ڪو ماڻهو جميل لاءِ آيو آهي، اهو ٻڌي ٻئي ڄڻا ٻاهر نڪري وڃن ٿا. ان وقت پرسان ٽيبل تي رکيل موبائيل جي گهنٽِي وڄي ٿي ۽ بند ٿي وڃي ٿي.

”الائي ڪنهن جي فون اٿس، پر هي ٻئي ويا ڪيڏانهن. وري فون وڄي ٿي ته هوءَ اٿي ڪين ڏسڻ ٻاهر اچي ٿي. ان وقت حنان اندر اچي ٿو.

”سوري ميم هو جميل جي آفيس مان ڪو ماڻهو جميل لاءِ فيڪس ڪٺي آيو هو جميل جو واپس ڪراچي ٽرانسفر ٿي ويو آهي.“

”ان جو مطلب ته جميل صاحب جي ڪمپني به ڇٽي...... ها.... توهان جو سيل فون سوبل ڪان وڄي پيو.“

”پوءِ ڪٺي ڏسو ها نه....“

”نه، اهو ايٽيڪيٽس جي خلاف آهي، مان توهان جو فون توهان جي اجازت جي بغير ڪيئن ڪٺي سگهان ٿي.“

حنان کلندي چوي ٿو ته هو ته اهڙي اجازت ڪونه وٺندو زال جي هر ڳالهه تي هن جو حق آهي. سنڌيا به کلي چپ ٿي وڃي ٿي. ان وقت وري فون وڄي ٿي حنان جلدي فون ڪٺي نمبر ڏسي ٿو ته سندس چهري جو رنگ اڏامي وڃي ٿو. سنڌيا حيراني سان ڪيس ڏسي ٿي جنهن جي چهري تي هلڪي خوف جا آثار آهن. موبائيل ڪٺي ڪمري کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

سنڌيا سوچي ٿي ته فون ڏسي حنان جي چهري تي بلڪل اهڙائي خوف جا تاثرات ڏسڻ ۾ آيا جهڙا ڪڏهن رحمان جو فون يا رحمان کي ڏسي هوءَ خوفزده ٿي ويندي هئي، ڇا حنان سان به ڪو اهڙو ئي مسئلو آهي.....؟ پر هو ته ڪيس فون اٽيند ڪرڻ لاءِ ڇئي پيو پوءِ ٻاهر ڇو نڪري ويو.... خير هوندو ڪو مسئلو ٻڌائڻو هوندس ته پاڻهي ٻڌائيندو.

رابعه ۽ شوڪت علي جي هدايت ياد اچيس ٿي ته هن جي پوئين لائيف ۾ دخل ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ. ان ۾ ئي توهان جي رشتي جي عزت ۽ بقا آهي. ڪجهه دير کان پوءِ هو واپس اچي ٿو ته سنڌيا ڪجهه نه ٿي پڇيس حنان جي چهري تي عجيب بيوسي جا آثار آهن، اڇڻ شرط ليٽي پوي ٿو. سنڌيا سندس بيچينيءَ کي محسوس ته ڪري ٿي پر ڪجهه نه ٿي چوي. ٿوري دير کان پوءِ اٿي ويهي ٿو ته سنڌيا کان رهيو نه ٿو ٿئي.

”حنان ڪومل ياپي جو فون آيو هو. چيائين پئي تہ بابا ياد پيو ڪري، پوءِ چو نہ صبحاڻي هڪ هفتي جي موڪل ڪري ڪراچي چڪر هڻي اچان ۽ توهان بہ ڳوٺان ٿي اچو. جيئن آيا آهيو ڳوٺ ناهيو ويا.“

”نہ.... في الحال توهان موڪل نہ ڪيو. مان هفتو موڪل ڪري ڳوٺ ٿو وڃان اتي ڪا امرجنسي آهي، مان واپس اچان تہ پوءِ توهان پلي موڪل ڪجو.

اهو ٻڌي سنڌيا جو منهن لهي ويجي ٿو پر پاڻ تي ضبط ڪندي چوي ٿي تہ جيئن هو بهتر سمجهي.

”جميل بہ صبحاڻي رليو ٿيندو پوءِ اسان وڃون ٿا.... ڪجهہ توقف ڪان پوءِ توهان کي ڪو پرابلم تہ ڪونہ ٿيندو.“

هن جو لهجو ڏڪارو ٿي ويجي ٿو.

”مونکي پلا ڪهڙو پرابلم ٿيندو. مان تہ سالن ڪان هتي اڪيلي ئي رهان پئي توهان پلي وڃو.... هاڻي آرام ڪيو. مان توهان جي پيڪنگ ٿي ڪيان.“

”نہ نہ مان صبح جو اٿي پاڻ ئي پيڪنگ ڪري وٺندس. توهان آفيس ۾ منهنجي موڪل لاءِ اپلاءِ ڪري ڇڏجو. مان صبحاڻي آفيس نہ هلندس.“

سنڌيا سوچ ۾ پئجي ويجي ٿي تہ ويٺو تہ شام جو اٿس پوءِ صبح جو ڇتي..... خير هوندس ڪو مسئلو.

●

ٻئي ڏينهن صبح جو سنڌيا جلدي تيار ٿي آفيس لاءِ نڪري وڃي ٿي، تہ جميل ڪمري مان تيار ٿي ٻاهر نڪري ٿو ڪيس اڄ رليو ٿيڻو آهي. ٻاهر اچي بورچي ڪان پڇي ٿو تہ حنان وارا اڃان ناشتي لاءِ ناهن آيا ڇا.....؟ هو ٻڌائي ٿو تہ سنڌيا ميم آفيس هلي وئي، صاحب اڃان ٻاهر ناهي آيو. جميل ناشتو ڪري ٿو. ٻئي طرف ڪمري ۾ حنان

جيئن پنهنجو سوٽ ڪيس پيڪ ڪري زپ لڳائي ٿو ته اچانڪ ان جي زپ ٽُٽي پوي ٿي. هو پريشان ٿي وڃي ٿو ته هاڻي ڪير وڃي زپ ٺهرائيندو يا ٻيو بيگ وٺي ايندو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو ته ڪيس الماري جي مٿان هڪ بيگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جلدي ۾ لاهي کولي ڏسي ٿو ته هن جي تري ۾ صرف اخبار وڇايل آهي، خالي ڏسي ان ۾ ڪپڙا ۽ گهر وارن لاءِ وٺي رکيل سامان پيڪ ڪري ٻاهر نڪري اچي ٿو.

جميل ڪيس ڏسي چوي ٿو.

”واهه يار يڪو سمهي پيو آهين. اڄ ته مان وڃان پيو دل پري ڪچهري ڪيون ها. هن جي ڇهري ڪي غور سان ڏسندي، ڇا ڳالهه آ رات سهي ننڊ نه ڪئي اٿئي ڇا.... ها يار نئين شادي آ ڪٿي ٿي ننڊ اچي.“

”اها ڳالهه ناهي......“

”ڇا ڳالهه آ سنڌيا ميم اڪيلي آفيس هلي وئي.....“

”اڄ مان آفيس ڪونه ٿو وڃان، توسان گڏ هلان پيو ڪراچي.....“

”ڪراچي.... پر اچانڪ پروگرام ڪيئن ٺهي ويو.... شادي کي اڃان عرصو ئي ڪيترو ٿيو آهي.... اهو مناسب ته نه ٿو لڳي.... تمام ضروري آ ته سنڌيا ميم کي به وٺي هل.“

”نه يار رات تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ثمينه جي فون آئي هئي، توکي ته سندس نيچر جي خبر آهي ته هوءَ ڪيڏي نه شڪي مزاج آهي، بس وڙهي پئي ته ايترا ڏينهن لڳائي ڇڏيا اٿئي، فورًا اڄ نه ته ٻار وٺي مان ٿي ايڏانهن اچان.“

”اهو ته ٺيڪ آهي پر جي سنڌيا هلندي ته هوءَ ته مائٽن ڏي هلي ويندي تون ڳوٺ هليو وڃجانءِ.“

”نه ان سان گڏ مون کي اخلاقن هڪ اڌ ڏينهن اتي رهڻو پوندو. ان دوران ثمينه سڌو پهچي ويندي اسلام آباد. ان ڪري مان سڌو ڳوٺ وڃڻ ٿو چاهيان.“

”يار تون به عجيب آهين. ٻي شادي ڪرڻ همٿ وارن مردن جو ڪم آهي. تنهنجو ته هينئر ئي ساهه ٿو وڃي، اڳتي الائي ڇا ڪندين.“

حنان ٻڏو اڻ ٻڏو ڪندي.

”بس يار جلدي وڃي رليو ٿي اچ تہ نڪرون.“

جميل هن جي اٻهرائپ ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس ياد ڪرائي ٿو تہ گاڏي تہ شام جو ملندي هينئر ڪان اتي وڃي ڇا ڪرڻو آ. هو ڪيس سمجهائي ٿو تہ اهو مناسب ناهي، هو آفيس وڃي، ڪجهہ دير ڪان پوءِ مان بہ رليو ٿي اوڏانهن ميم کي خدا حافظ چوڻ ويندس اتي لنچ ڪري پوءِ نڪري هلنداسين. اهو ٻڌي هو ڪجهہ رليڪس ٿي وڃي ٿو ناشتو ڪري ٻئي ٻاهر نڪرن ٿا.

ڪجهہ دير ڪان پوءِ حنان سنڌيا جي ڪيبن جو در ناڪ ڪري اندر اچي ٿو تہ سنڌيا ڪيس ڏسي حيران ٿي وڃي ٿي، هن جي چهري جي تاثرات کي سمجهندي سندس ڪجهہ چوڻ ڪان پهرين ئي حنان چوي ٿو

”مان موڪل تي آهيان، توهان سويل ئي آفيس لاءِ نڪري آيوَ ان ڪري سوچيم تہ وڃڻ ڪان پهرين توهان سان ملندو وڃان، توهان بہ تہ نہ پڇيو تہ اچانڪ ڇو پيو وڃان.“

”حنان....! مونکي خبر آهي تہ ضرور ڪا اهڙي ڳالهہ هوندي تڏهن توهان اچانڪ تيار ٿي ويا..... هونئن بہ اسان ٻنهي لاءِ بلڪ توهان لاءِ اهوئي بهتر رهندو جو هتي هجو تہ هتي جا ٿي رهو ۽ اتان جي ڪا ڳالهہ نہ ٿئي ۽ اتي هتان جي ڪا ڳالهہ نہ ٿئي، ائين توهان بہ خوش رهندا ۽ ٻئي گهر بہ ٽينس نہ ٿيندا.“

”پوءِ تہ مونکي ٻٽي شخصيت جيئڻي پوندي... خيرجيئن توهان جي مرضي.“

”حنان....! مان پنهنجي محبتن کي شيئر ڪرڻ جي سگهہ پاڻ ۾ نہ ٿي پائيان ان ڪري مان ان خوشفهمي ۾ رهڻ چاهيان ٿي تہ مان ئي اڪيلي توهان جي جيون ۾ آهيان.“

ان وقت جميل بہ اندر اچي ٿو حنان کي ڏسندي.

”هي توهان جو حنان صاحب پهچي ويو نہ... هي تہ اتان ئي وڃڻ جو ارادو ڪيو ويٺو هو وس نہ پڳس تہ صبح ساڻ وڃي اسٽيشن تي ويهي ها.“

”اڇا تہ توهان مجبور ڪيو اٿس، مان پاڻ هن کي ڏسي حيران ٿي وئي هئس. چڱو ڇڏيو انهن ڳالهين کي لنچ ٽائيم ٿي ويو آهي، هتي ڪندا يا ٻاهر هلون.

”هتي ئي گهرايون ٿا.“

ٻئي لنچ ڪري موڪلائي هليا وڃن ٿا. تہ سنڌيا کين ويندو ڏسي اداسي مان سوچي ٿي تہ اهي اٺ ڏهہ مهينہ تہ ائين پر لڳائي گذري ويا جو خبر ئي نہ پئي.

•

شام جو سنڌيا جڏهن گهر موٽي تہ گهر جا در ديوارون ڇڻ تہ کيس کائڻ ٿي آيا، هوءَ تہ سالن کان هنن اڪيلاين ۽ تنهاين جي هريل هئي تہ پوءِ اڄ کيس ڇو ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ ڪا خاص شيءِ هن کان جدا ٿي وئي آهي، اندر جو خالي پڻو هن کي پريشان ڪري رهيو هو. هوءَ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪري رهي هئي تہ حنان واقعي رت بنجي هن جي نسن ۾ ڊوڙي رهيو هو؟ ڇا هو هن جي وجود ۾ سمائجي ان جو حصو بنجي ويو هو. ڇا هوءَ هڪ دفعو وري محبت ۾ مبتلا ٿي وئي هئي. اهو احساس هن جي موجودگي ۾ ڪڏهن بہ هن کي نہ ٿيو هو هوءَ تہ بس حادثاتي طور هن جي جيون ۾ شامل ٿي وئي هئي، تہ پوءِ ڪڏهن کان هو هن جي لاءِ ايترو اهم ٿي ويو هو جو هوءَ هن جو هتي نہ هجڻ شدت سان محسوس ڪري رهي هئي. سست قدمن سان هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي ۽ پاڻ کي بيڊ تي ڇڏي ڏنائين. وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ڏور خلائن ۾ گهوريندي رهي،

زندگي بہ ڪهڙي بہ واٽي تي آڻي کيس بيهاريو آهي، هڪ دفعو پهرين سورهن سترهن ورهين جي عمر ۾ هڪ غلط فيصلي ڪرڻ

ڪري جيون جا پنجويهه سال ساندهه پيڙائن جي نذر ٿي ويا. هر روز هڪ نئون درد هنجو پيڇو ڪندو رهيو. مس مس هتي اچي زندگي ڪجهه سيٽ ٿي هئي. خوف ۽ اذيت مان جان آجي ڪرڻ جو موقعو مليو هو. گذري رهي هئي جهڙي تهڙي. هن کي ڪهڙي ڪُتيءَ ڪنيو جو هي شادي جو جهنجهٽ ڪٽي ڳچي ۾ وڌائين. اهو به هڪ اهڙي شخص سان جنهن جي پهرين ئي گهر گرهستي هئي. ۽ پاڻ سان گڏ هن کي به مشڪلاتن ۾ ڦاسايائين.“

شاديءَ کان پوءِ ڪيتري نه خوبصورت زندگي گذاري هئي هنن. يقين نه پئي آيو ته زندگي ۾ ايتريون خوشيون به ڪنهن کي ملي سگهن ٿيون. ڪجهه عرصي کان پوءِ محبت جا رنگ به جهڪا ٿيڻ لڳا. هوءَ ٿاريندي رهي ليڪن اها ڪا آسان ڳالهه نه هئي ان لاءِ درياءَ جهڙي دل کپي. ليڪن سمنڊ جا طوفان جڏهن به ايندا آهن قيامت خيز هوندا آهن. گهڙي پل ۾ سڀ ڪجهه تباهه ويرباد ڪري ڇڏيندا آهن.

●

هوڏانهن حنان جي حويلي نما گهر ۾ رات جي وقت سڀ حنان جي اوسيئڙي ۾ ويٺا هئا. حنان جو وڏو پُٽ مصطفيٰ پنهنجي ڏاڏيءَ جي پرسان ويهي ڏاڏيءَ کان پڇي ٿو ته بابا ڪي هتان اسلام آباد وئي ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن. ڏاڏس حيران ٿي پڇي ٿي اهو ڇو پيو پڇين. ٿيو هوندو سال ڏيڊ. پُٽ هن جو ٻن سالن جو مدو آهي اچي ويندو. ڇو ياد پيو اچئي ڇا.

”دادي ياد ته ڏاڍو ٿو اچي پر ابو روزانو امي کي موبائيل تي فون ڪندو آهي ۽ اسان سان به هفتي ۾ ڳالهائيندو آهي. دادي منهنجي هڪ دوست جو پيءُ سعودي ۾ رهندو آهي. هو ٻڌائيندو آهي ته هو مهينو مهينو فون ناهي ڪندو ۽ ٻن سالن کان پوءِ صرف پندرهن ڏينهن لاءِ ايندو آهي.“

ڏاڏس حيران ٿي پڇيس ٿي تہ هو اهو سڀ ڇو پيو چوي. ان تي هو کيس ٻڌائي ٿو تہ امي ڪالهہ بابا سان فون تي سختي سان پئي ڳالهائيو بلڪ جهيڙو پئي ڪري تہ سندس طبيعت سخت خراب آهي. صبحاڻي تائين نہ پهتو تہ هوءَ ٻارن سوڌي اوڏانهن هلي ايندي.

ڏاڏس مٿي تي هٿ هڻندي، "ابا تنهنجي ماءُ سان پلا ڪو پڄي سگهي ٿو. هاڻي ڇا ٿيو اٿس جو مڙس کي اسلام آباد مان ڊوڙايو اٿائين، بس ابا مائي اسان کان زور آهي."

"بابا اڄ شام جو اتان نڪتو آهي."

"ڇڱو ٿيو گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، نئون سنئون ٿي ويندو. نازي شازي بہ ياد ڪنديون اٿس."

"دادي ياد تہ مونکي بہ ڏاڍو ايندو آهي پر انجو اهو مطلب تہ ناهي تہ طبيعت ڏاڍي خراب هجڻ جو بهانو ڪري پرديس ۾ هن کي پريشان ڪجي."

اهو ٻڌي ڏاڏس کلندي چويس ٿي تہ هو اڃان ننڍڙو آهي، شادي ڪندو تہ خبر پوندس تہ زالون ڪيئن مڙسن سان نخرا ٿيون ڪن. هو شرمائي چپ ٿي وڃي ٿو.

ٻئي ڏينهن زرينہ بيگم (حنان جي ماءُ) صبح جو نيرن ڪرڻ لاءِ ٻاهر اچي ٿي تہ ٻار اسڪول لاءِ تيار ٿي نيرن پيا ڪن. سيما بہ ڪمري مان تيار ٿي ٻاهر آئي آهي، ثمينہ ٻارن کي نيرن ڪرائي رهي آهي تہ زرينہ بيگم پڇيس ٿي،

"ثمينہ توکي ڇا ٿيو آهي، رات مصطفيٰ پئي ٻڌايو تہ تنهنجي طبيعت ٺيڪ ڪونهي."

"اوهيو پيءُ جو همدرد.....! اڃي رپورٽ ڏنائين..... ماسي تون ئي انصاف ڪر، هيترو وقت گذري ويو اٿس، آهيس ڪا پوئتي جي ڳڻتي، گهر ڪيئن پيو هلي، بس مهيني سر پئسہ بينڪ ۾ موڪلي ٿو ڇڏي، پوئتي مئاسين، جيئرا آهيون. ان جو ڪو اونو ڪونهيس."

"پر ٻچا..... اهڙو اُبهرو ٿوروئي ٿي ڇٽبو آهي تہ اچين ٿو نہ تہ مان ٿي اچان، الائي موڪل اٿس الائي نہ."

”بس ماسي تون بہ رڳو پنهنجي دادلي جو طرف کنيو بيٺي آهين.“

”تنهنجي مرضي امڙ..... اسان کير ٿيندا آهيون توکي سمجهائڻ وارا، تون ڄاڻ تنهنجو مڙس ڄاڻي.“

رات جا نو پيا ٿين، حنان اڃان ڳوٺ نہ پهتو تہ ثمينہ جو پارو چڙهي ويجي ٿو ۽ هرويرو ٻارن کي دڙڪا ڏيڻ لڳي ٿي انهي وقت ٻاهر گاڏي جو آواز اچي ٿو تہ هوءَ سڀ ڪم اتي ڇڏي اندر هلي وڃي ٿي. حنان بيگ کڻي اندر اچي ٿو. سيئي ٻار ڀاڪر پائي ملنس ٿا سندس ڀيڻ سيما بہ اتي مليس ٿي. ثمينہ انهي دوران مٿو ٻڌي اچي کٽ تي منهن سُڄائي ويهي رهي ٿي.

حنان هن جي عادت کان واقف آ، سيڌي سان ملي سندس ويجهو اچي مسڪرائي پڇي ٿو

”ثمينہ بيگم...! لڳي ٿو تہ مٿي ۾ ڏاڍو سور آ... ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچين ها نہ.“

”توکي ڇا... ڪو مري ڪو جيئي، توکي تہ اسلام آباد ۾ عياشيون ڪرڻيون آهن نہ....“

”الائي ڇا پئي چوين....؟ ڪهڙيون عياشيون.... اتي مان نوڪري ڪرڻ ويو آهيان، چڱو هاڻي ڇڏ ڪاوڙ کي اٿي ڪا دوا کاءُ صبحاڻي هلون ٿا ڊاڪٽر ڏي.“

ننڍڙي ڏيءُ نازي کلندي چوي ٿي،

”بابا، امي هينئر تہ بلڪل ٺيڪ هئي الائي ڪيئن جهٽ ۾ مٿي ۾ سور پئجي ويس.“

ٻي ڏيءُ شازي ڀيڻ کي سُر وٺرائيندي،

”چري..... هو هرويرو پاڻوءَ کي دڙڪا ڏنائين نہ تڏهن......“

حنان ٻارن کي ڇينڀيندي،

”ڇڏيو... امي لاءِ ائين ناهي چئبو. سيما، امان ڪٿي آ.“

”ادا پنهنجي ڪمري ۾ آهي.“

”ٺيڪ آ مان امان سان ملي اچان ٿو.“

حنان هڪ طرف وڏي وڃي ٿو ته مصطفيٰ سندس بيگ کڻي پنهنجي ڪمري ۾ رکڻ وڃي ٿو.

حنان ماءُ سان ملي ٿو ھوءَ سندس نرڙ چمي ڪلي چويس ٿي.

”پُٽ خوش ته آهين نه، ثمينه ته مٿو ٻڏيو ويٺي هوندي.“

”امان توهان به نازي شازي واري ڳالھ پيا ڪيو.“

ان وقت ٽئي ٻار اچي چون ٿا ته بابا امي سڏي پئي، هو ماءُ کي صبح جو ملڻ جو چئي موڪلائي ٻاهر وڃي ٿو.

ڪمري ۾ ثمينه جو موڊ هاڻي ڪجھ بهتر آهي، ڏوراپو ڏئيس ٿي.

”ايڏا ڏينهن وڃي لاٿئي، پوئتي جو به ڪو فڪر هيئي.

”روز ته فون ڪندو هيس، حال احوال ونڻ لاءِ..... ڪالھ سائينءَ جو حڪم ٿيو ته هليو آيس وڏيڪ ڇا ڪيان، ڪيئن فڪر ڪيان.....“

”مصطفيٰ امي کي مٿي جي سور جي ٽيبليٽ ڏنئي پُٽ......“

”بابا ڏني مانس پوءِ ڪاڏائين الائي نه.....“

”ڏس سمجهاءِ پنهنجي لاڏلي کي جيئن وڏو ٿيندو پيو وڃي، دماغ خراب ٿي ويو اٿس، ننڍ وڏائي جو نه ادب ٿس نه لحاظ.“

”مصطفيٰ يار.... امي کي تنگ نه ڪندا ڪيو... ڏسو هاڻي توهان وڏا پيا ٿيو. بس هاڻي خوش... ماني واني به ڪا ملندي يا اڄ روزو رکرائيندينءَ.“

ثمينه اٿي ٿي هن جو موڊ نيڪ ٿي وڃي ٿو، هوءَ حنان کي هٿ منهن ڌوئڻ جو چئي پاڻ بورچي خاني ۾ ماني ڪڍڻ لاءِ اٿي ٿي.

صبح جو جڏهن ٻار تيار ٿي اسڪول وڃن ٿا ته حنان اٿي ماءُ ڏي هليو وڃي ٿو ۽ ثمينه اندر وڃي بيگ کولي حنان جا ڪپڙا ڪڍي الماري ۾ رکي ٿي ۽ ٻيو سامان ٻارن لاءِ آندل شيون جدا ڪندي رکندي وڃي ٿي ته اچانڪ تري مان اخبار هٽي وڃي ٿي ۽ ڪنڊ ۾ پيل هڪ گولڊ جو ڪنگڻ ظاهر ٿئي ٿو، پهرين ته ڏسي حيرت ۾ پئجي وڃي ٿي پر پوءِ ڪاوڙ ۾ منهن ڳاڙهو ٿي وڃيس ٿو. ڪنگڻ هٿ ۾ کڻي غور سان ڏسي ٿي سندس دماغ ۾ شڪ جا ڪيڙا چُرڻ لڳن ٿا، ان وقت حنان به

ڪمري ۾ اچي ٿو. زال جو منهن ڏسي حيران ٿئي ٿو ته منهن تان ٿيندي سندس نگاهه ڪنگڻ تي ۽ پوءِ وڪريل بيگ تي پوي ٿي ۽ ڪجهه ياد ڪري پريشان ٿي وڃي ٿو ته هي بيگ ته سنڌيا جي آهي، اهو ڇا ٿي ويو ڳالهه کي سلجهائڻ جي ڪري ٿو. پهرين ته پاڻ کي نارمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ائين محسوس ڪرائي ٿو ڄڻ هن ڪجهه ناهي ڏٺو.

”وري تنهنجي موڊ کي ڇا ٿيو. جو اهڙي شڪل ناهيو ويٺي آهين، ڪنگڻ کي ڏسندي، ڏيکار ته نئون ڪنگڻ نهرايو اٿئي ڇا. منهنجي پرپُٺ ڏاڍي شاپنگ ڪئي ٿئي، حق تي بار ٿا ڇون ته امي اسان کي ڪجهه نه وٺي ڏيندي آ سيِ پئسا بچائي سون پئي نهرائين.“

ثمينه ڪاوڙمان،

”هي وٺ ڏس.... هي منهنجو ڪنگڻ ناهي.“

حيران ٿيندي، ”تنهنجو ناهي......! ته پوءِ ڪنهن جو آهي.“

”اهو ته مان توکان ٿي پڇان ته تنهنجي بيگ ۾ هي ليڊيز ڪنگڻ ڪنهن جو آهي.“

حنان سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو:

”منهنجي بيگ ۾، بئگ کي ڏسندي، اوهه ياد آيو هي بيگ ئي منهنجي ناهي اچانڪ حڪم ٿيو ته جلدي اچان. تڪڙ ۾ پيڪنگ پئي ڪيم ته بيگ جي زپ ٽُٽي پئي ان ڪري جميل چيو ته منهنجي بيگ کڻي وڃ، مون به چيڪ نه ڪيو. ٿي سگهي ٿو ان جو ڪڙو هجي.“

اهو ٻڌي هوءَ غور سان بيگ کي ڏسي اطمينان جو ساهه کڻي چوي ٿي،

”مان به چوان بيگ ته تنهنجي ناهي، سوچيم متان نئين ورتي هجئي.

”مان هينئر ئي جميل کي فون ٿو ڪيان متان هو ڪنگڻ نه ڏسي پريشان ٿئي. هو فون ڪرڻ لڳي ٿو ته ثمينه جو شڪ وقتي طور دور ٿي وڃي ٿو ۽ حنان به اطمينان جو ساهه کڻي ٿو.

حنان مجهند ڊاري تيار ٿي ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو تہ جيئن سنڌيا کي فون ڪري حال احوال وٺي پر ثمينہ ٽوڪيس ٿي تہ هينئر تائين منجهد جو ڪاڏي پهريو سهريو پيو وڃي، ان وقت سيما ۽ ٻار اسڪول مان اچن ٿا ۽ پنهنجي شين لاءِ پڇن ٿا. حنان کين ٻڌائي ٿو تہ سيني جون شيون توهان جي امي وٽ آهن، ۽ پاڻ ماءُ جي ڪمري ڏانهن وڌي وڃي ٿو. زرينہ بيگم کيس ايندو ڏسي پري سرڪي کيس ڪٽ تي جاءِ ڏئي ٿي، حال احوال ڪندي کيس ٻڌائي ٿو تہ هو واپس ڪراچي موٽڻ لاءِ پيو سوچي، سندس پراڻي ڪاتي وارا کيس پروموشن پيا ڏين. سرڪاري نوڪري آهي گهر جي ويجهو آهي، سوچيان پيو تہ باقي ڪجهہ مهينا ڪم ڪيان پوءِ ساڳي نوڪري جوائن ڪيان گهر ۾ ثمينہ بہ پريشان ٿي ٿئي.

”ابا هوءَ بہ توکان سواءِ ويڳاڻي ٿي ٿي پوي.“

حنان سوچي ٿو تہ سنڌيا جي متعلق ماءُ کي ٻڌائي يا نہ، هوءَ ناراض تہ نہ ٿيندي. پر جي ٻاهران ڪٿان خبر پئي تہ ثمينہ تہ آسمان ڪٽي مٿي تي ڪٽندي، اها ڳالهہ گهڻو وقت لڪائي بہ نہ ٿي سگهجي، اڄ بہ ذري گهٽ پڪڙجي پيو هوس، امان کي اعتماد ۾ وٺبو تہ هوءَ ڪجهہ نہ ڪجهہ سنڀالي وٺندي، پر جي امان کي اها ڳالهہ ڏُکي لڳي تہ.... پوءِ بہ ماءُ آهن کان ڪجهہ لڪائڻ مناسب ناهي....

”ڪهڙي سوچ ۾ پئجي ويو آهين. واپسي ڪڏهن جي اٿئي.“

”هفتي جي موڪل وٺي آيو آهيان، دل جهلي... امان توهان سان هڪ ڳالهہ ڪرڻي آهي، ڊپ ٿو لڳيم تہ ناراض نہ ٿي وڃو.“

”اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آ جو مان ناراض ٿينديس.“

”امان ڳالهہ تہ ناراض ٿيڻ کان بہ وڏي آ. پر توهان کي ٻڌائڻ کان سواءِ رهي بہ نہ ٿو سگهان.“

اهو ٻڌي زرينہ بيگم پريشان ٿي وڃي ٿي ۽ سوچي ٿي تہ پڪ هن ڪا اهڙي ڳالهہ ڪئي آ جيڪا تمام وڏي آهي. ان وقت ئي سيما ۽ مصطفيٰ اندر اچن ٿا تہ حنان ٻڌائيندي ٻڌائيندي خاموش ٿي وڃي ٿو.

سيما چوبس ٿي تہ ٻاڃائي چوي پئي تہ ماني اچي کائو. حنان اٿي پُٽ سان گڏ ٻاهر نڪري وڃي ٿو تہ زرينہ بيگم سوچ ۾ پئجي وڃي ٿي.

●

رات جو هو ٻارن سان ڳالهيون ڪري رهيو هو تہ سندس موبائيل جي رنگ ٿئي ٿي. حنان ڇرڪجي وڃي ٿو تہ پڪ سنڌيا جي فون هوندي، ڪٽي نمبر ڏسي ٿو ۽ پيٽ ۾ ساهہ پوبس ٿو فون ڪٽي ٿورو پرڀرو وڃي فون اٽينڊ ڪري ٿو

”آصف ڪهڙو حال آ، وئين تہ وري فون بہ نہ ڪيئي.“

”بس يار، ڏي خبر جميل ٻڌايو تہ ايمرجنسيءَ ۾ ڳوٺ آيو آهين.... اهو تہ تو ٺيڪ نہ ڪيو پوئتي جو تہ خيال ڪرين ها.“

”بس دوست... هتي ثمينہ جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي ان ڪري اچڻو پيو.“

”ٺيڪ آ پوئتي جي پارٽ هجئي، اسان وچ ۾ آهيون اسان جي عزت جو مڙئي خيال ڪجانءِ ۽ سنڌيا ميم کي پنهنجي خيريت سان پهچڻ جو فون ڪري ٻڌائي ڇڏجانءِ، مان بہ هينئر ڪيس فون ڪيان ٿو.“ خدا حافظ چئي فون بند ڪري ٿو. ثمينہ يڪو سندس چهري جي بدلجندڙ رنگن کي غور سان ڏسي ٿي ۽ جڏهن هو واپس اچي ٿو تہ،

”ڪنهن جي فون هئي يڪو پئي ڳالهايئي.“

” آصف جي.....“

”آصف.....! تنهنجي يونيورسٽي وارو دوست.“

”ها هو بہ ڪم سان اسلام آباد آيو هو ڪجهہ ڏينهن اسان سان رهيو ۽ پوءِ واپس ڪراچي هليو ويو.“

”ٺيڪ آ، هن دفعي جڏهن وڃين تہ اسان کي بہ ساڻ وٺي هلجانءِ پوءِ جڏهن تو موٽندين تہ اسان بہ گهمي ڦري توسان گڏ موٽي ايندا سين.“

”چري تہ نہ ٿي آهين، مونکي اجان ڪوڙ سارو ٽائيم پيو آهي جڏهن پروموشن ٿئي، هن نوڪريءَ جو ڪانٽريڪٽ پورو ٿئي، ايسٽائين ٻارن جي پڙهائي خراب ڪبي ڇا. ۽ مون وٽ اڪيلو فليٽ ٿوروئي آهي. ان ۾ ٻيا پارٽنر بہ رهندا آهن.“

ثمينہ چپ ٿي وڃي ٿي، حنان سندس موڊ ڏسي دل رکڻ خاطر چوي ٿو.

”دل نہ لاهہ. جڏهن آخر ۾ پيرڊ پورو ٿيڻ وارو هوندو تہ پوءِ هفتي ڏهن ڏينهن لاءِ توهان کي گهرائي وٺندس.“

”ٺيڪ آ ڪونہ ٿا هلون، ڀلا صبحاڻي حيدرآباد تہ وٺي هلندين نہ شاپنگ ڪرڻي آهي.“

”ها ها هلنداسين، هاڻي هلي آرام ڪيو.“

ٻئي ڏينهن ناشتو ڪري سڀئي حيدرآباد لاءِ تيار ٿين ٿا ۽ حنان گاڏي ڪڍي ٿو. سيما ٻار ۽ ثمينہ وڃي رهيا آهن تہ رستي ۾ موبائيل جي رنگ ٿئي ٿي. حنان نمبر ڏسي فون ڪٽي ڇڏي ٿو. ڪجهہ دير کان پوءِ ٻيهر گهنٽي وڃي ٿي تہ وري لائين ڪٽي ٿو.

”ڪنهن جي فون آ ڪٽي ڇو ڪونہ ٿو.“

”آفيس مان فون آ ڪٽندس تہ ڪونہ ڪو ڪم چوندا.“

”پر تون تہ موڪل تي آهين نہ.“

حنان ٿورو چڙ مان،

”مان اتي آفيسر آهيان، صرف درخواست ڇڏڻ سان موڪل ناهي ملي ويندي. هي ڪو ڳوٺ جو اسڪول ناهي جو درخواست موڪلي تہ منظور ٿي وئي، ڀرين موڪل منظور ڪرائبي آهي.“

ماءُ کي بحث ڪندو ڏسي مصطفيٰ کيس چوي ٿو.

”امي توهان ڊرائيونگ ۾ بابا کي ڊسٽرب پيا ڪيو ۽ ابو ايترو سامان اسلام آباد مان وٺي آيو آ. اهڙي ڪهڙي ضروري شاپنگ ڪرڻي هئي توهان کي اهو بہ حيدرآباد مان، ڪراچي ويجهو آهي يا حيدرآباد.“

”تون وچ ۾ نہ ڳالهائيندو ڪر.... توکي خبر آ نہ تہ ڪراچي ۾ رش هوندي آ، ۽ مونکي ٽُپ اتي خريداري ڪندي مزو ناهي ايندو. حيدرآباد ۾ ماڻهو سڪون سان شاپنگ ڪري گهمي ڦري.“

حنان سوچي ٿو تہ سنڌيا ڇا سوچيندي هوندي، ٽيون ڏينهن آ تہ ڪيس فون ناهيان ڪري سگهيو. گهران نڪرڻ جو بہ ٽائيم نہ ٿو ملي جو ڪيس فون ڪيان. هو بار بار هن جو فون ڪٽڻ تي ندامت محسوس ڪري ٿو.

شام جو سج اچي لاهو پاهو ٿئي ٿو پر حنان وارا اجان واپس ناهن ٿيا. زرينہ بيگم کي اچي ڳڻتي ورائي ٿي. ملازمہ پڇيس ٿي تہ هوءَ چانهہ رکي، پر زرينہ بيگم منع ڪري ٿي تہ بس اچڻ وارا هوندا. ان وقت ٻار شاپر هٿن ۾ کنيو اندر اچن ٿا. انهن جي پويان سيما ۽ ثمينہ بہ ڪجهہ شاپر کڻي اندر اچن ٿيون ۽ سيما سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي.

ماڻس پڇيس ٿي تہ ڏاڍي دير ٿي ويئي. ان تي سيما مسڪرائيندي چوي ٿي تہ ”پاجائي کي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻو هو ان ڪري دير ٿي وئي، امان توهان کي تہ پاپي جي خبر آهي تہ حيدرآباد هلندي آ تہ ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ ڪانسواءِ ناهي موٽندي، ڊاڪٽر بہ چيس پئي تہ ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي طاقت جون گوريون لکي ڏنائين. مڙئي ادا کي پريشان ڪرڻو ٿيو.“

ماڻس ان تي ڪوبہ تبصرو نہ ڪيو ۽ مائي کي چانهہ ٺاهڻ جو چئي پاڻ ليٽي پئي.

●

سنڌيا ڪئي دفعا حنان کي فون ڪئي پر هر دفعي فون بند مليو پريشان ٿي آصف کي فون ڪئي تہ هو ڪانٽيڪٽ ڪري ڏسي، ٿوري دير ڪانپوءِ آصف کيس ٻڌايو تہ هو صبح جو توهان سان ڳالهائيندو. جو هن کي موقعو نہ پيو ملي، ان تي سنڌيا کي ٿورو افسوس ٿئي ٿو ۽ کيس

چوي ٿي تہ اهو تہ ڪو جواب ناهي موبائيل فون آ. جيڪڏهن ڪو چاهي تہ ڪٿي ٻاهر نڪري ڳالهائي سگهي ٿو. ائين ٿوروئي ٿيندو آ تہ اڳيون ماڻهو پريشان پيو ٿئي. ”اٽ از ناٽ فيئر.“

اهو چئي اداس ٿي فون رکي ڇڏي ٿي. ڪيس پنهنجي ڪمتر هجڻ جو شدت سان احساس ٿئي ٿو.

●

صبح جو حنان تيار ٿي ٻاهرنڪري ٿو ثمينہ پڇي ٿي تہ وري ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي اٿس. هو ڪيس ٻڌائي ٿو تہ ڪراچي جي پراڻي آفيس مان فون آئي آهي اوڏانهن وڃڻو آهي. ان تي هوءَ ڪاوڙ جي پئي ٿي تہ هڪڙي هفتي لاءِ آيو آهي، اهو بہ هنن سان گڏ نہ ٿو گذاري سگهي. هو ڪيس تسلي ڏئي ٿو تہ ٽن چئن ڪلاڪن ۾ موٽي ٿو اچي پوءِ اچي سندس ڪاوڙ جو ازالو ڪندو ائين. چئي ڪلندو هليو وڃي ٿو.

گاڏي ڊرائيو ڪندي حنان کي سنڌيا کي فون ڪرڻ جو خيال اچي ٿو تہ نمبر ڊائل ڪري ٿو. ٻئي طرف سنڌيا فون ڪٽي ٿي تہ ڀريون سوال ڪري ٿي تہ هو ڪٿي آهي. گاڏي تہ ڊرائيو ڪونہ پيو ڪري. جي ائين آهي تہ ڀرين گاڏي سائيڊ ڪري پوءِ ڳالهائي. هو فورًا گاڏي سائيڊ ڪري ٿو. ڪيس ٻڌائي ٿو تہ هو مجبوري ۾ فون نہ ڪري سگهيو تہ هوءَ بہ شڪايت ڪندي چوي ٿي تہ اگر اها ڳالهہ هئي تہ هڪ ايس ايم ايس ئي ڪري ڇڏي ها گهٽ ۾ گهٽ پريشاني تہ نہ ٿئي ها. هرويرو آصف کي وچ ۾ آڻڻ ڪو سنو ٿوروئي ٿو لڳي.

هو سوري چئي ٿو تہ آئينده ائين نہ ڪندو. هو ڪيس ٻڌائي ٿو تہ ڪراچي آفيس وارن وري فون ڪئي هئي تہ پروموشن کان پوءِ مونکي جوائن ڪرڻو آهي يا نہ. ان ڪري هينئر اوڏانهن پيو وڃان. سنڌيا بہ ڪيس ٻڌائي ٿي تہ سندس ٽرانسفر جي سمري بہ منسٽري مان اوڪي ٿي آئي آهي، جيئن ئي ڪراچي برانچ ۾ ويڪنسي ڪليئر ٿيندي تہ

هن جو ٽرانسفر ٿي ويندو. اهو ٻڌي حنان خوش ٿي ويجي ٿو ۽ چوي ٿو ته هو صبحاڻي جي بڪنگ ڪرائي ايندو. سنڌيا ڪيس تاڪيد ڪندي چوي ٿي ته خيال سان گاڏي ڊرائيو ڪري. هو ڪلندي سندس دل رکڻ لاءِ چوي ٿو ته ڪو ته سندس خيال ڪرڻ وارو ٿيو ۽ فون بند ڪري ڇڏي ٿو.

شام جو حنان گهر موٽي اچي ٿو ته ٻار راند ڪري رهيا آهن. ثمينه شڪايت ڪندي چوي ٿي ته هن جا ٻار ڏاڍا ڏنگا ٿي ويا آهن. هن جو چوڻ نه ٿا ڪن.

حنان کي ثمينه جي ٽيچر جي خبر آهي ٿوري ٿوري ڳالهه تي پريشان ٿي ويندي آهي، ان ڪري کلندي چويس ٿو.

”ثمينه بيگم مصطفيٰ خير سان نائين ڪلاس ۾ پيو پڙهي. هو ماشاالله وڏو پيو ٿئي. هڪ جيڏن سان ٻاهر نڪرندو. تنهنجا ٻار پڙهائي ۾ سٺا آهن ايتري سختي نه ڪندي ڪرين.“

”تو ته دماغ خراب ڪيو اٿن، ڇوڪرو آ ته منهنجي ٽڪي جي نه ٿو ٻڌي.

ڪلندي،

”تڏي ٿي، اچي ته چوانس ٿو ته ماءُ جي پيرن هيٺان جنت اٿس، اسان وٽان پلا ڇا هڙ حاصل ٿيندس.“

”توکي ته هر ڳالهه پوڳ لڳندي آ. ڪڏهن ته سنجيدو به ٿيندو ڪر.“

”بس هاڻي ڪوبه مذاق نه. هاڻي هتي منهنجي پرسان اچي ويهه. مان صبحاڻي اسلام آباد وڃان پيو سيٽ بڪ ٿي وئي آهي.“

اهو ٻڌي وري سندس منهن سُجي ويجي ٿو.

”ايڏو جلدي.....“

”ڏس ناراض نه ٿي مان جلد ٽرانسفر ٿي موٽي ايندس، ائين پريشان نه ٿيندي ڪر، نوڪري به ته ڪرڻي آهي نه..“

ٿوري دير آرام ڪري ماءُ جي ڪمري ڏانهن وڃي ٿو ماءُ کي سلام ڪري ٿو ماڻس سلام جو جواب ڏئي پڇيس ٿي ڏاڍي دير ڪيئي.

”بس امان ڪراچي آفيس پهتس تہ آرڊر نڪتو پيو هو چين تہ جوائن ڪري وڃ.“

”ءِ اسلام آباد واري نوڪري....؟“

”في الحال تہ پندرهن ڏينهن جي موڪل ڏئي آيو آهيان.... نئين پوسٽنگ تي ايترو جوائننگ ٽائيم ملندو آهي..... تيستائين سنڌيا......“

ايترو چئي چپ ٿي ويجي ٿو:

ماٺس پڇي ٿي تہ ڪالهہ هن ڪا ڳالهہ پئي ڪئي پوءِ خاموش ٿي ويو هو هو ٻي ڪٽ تي ويٺل سيما کي بهاني سان ٻاهر موڪلي ٿو تہ زرينہ بيگم حيران ٿي چوبس ٿي تہ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو هو سيما جي اڳيان نہ پيو ڪري.

”امان وعدو ڪر ناراض نہ ٿيندين، بلڪ منهنجي مدد ڪندينءَ. مون هڪ غلطي ڪئي آهي پر هاڻي ان کي نڀائڻو آهي اهو منهنجو ڪنهن سان واعدو آهي.“

”ڪهڙي غلطي.... ڇا ڪيو اٿئي....؟

”امان... مون اُتي پنهنجي آفيسر عورت سان شادي ڪري ڇڏي آهي.“

”اهو ڇا پيو چوين...... دماغ تہ خراب نہ ٿيو اٿئي.“

حنان ڪيس الف کان ي تائين هڪ هڪ ڳالهہ ٻڌائي ٿو.

زرينہ بيگم جو منهن ٽامڙي هڻي ويجي ٿو

”حنان تو اهو ڇا ڪيو، تڏهن تہ هيءَ ڇوري حق تي هئي، مان چوندي هئس تہ هرويرو ٿي منهنجي ٻچي تي شڪ ڪري. اهو تہ ٻڌاءِ، تو تہ ثمينہ سان بہ پنهنجي پسند سان شادي ڪئي هئي ٻار بہ ذري گهٽ اڇي جوانڙا ٿيا آهن، پوءِ توکي ڪهڙي گهرج پئي جو وڃي پاڻ کان وڏي عمر جي عورت سان نيهن جو ناتو اٽڪايئي، ايترو ئي نہ جهٽ وڃي ان سان شادي بہ ڪري ويٺين، نہ محبت ڪرڻ واري زال جو سوچيئي نہ ٻارن جو. انهن کي خبر پوندي تہ گهر ۾ الائي ڪهڙو طوفان ايندو.“

”امان توهان تہ پرسڪون ٿيو مون توهان کي ٻڌايو نہ تہ سنڌيا ميم سان صرف همدردي ۾ شادي ڪئي آهي، هوءَ نہ منهنجي زال جي، نہ ٻارن جي ڪنهن حق تي ڏاڙو هڻڻ آئي آهي، هوءَ تہ پاڻ دردن جي ماريل هڪ مظلوم عورت آهي، هوءَ پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار عورت آهي ۽ ڪڏهن بہ منهنجي گهريلو زندگي ۾ دخل نہ ڏيندي، هڪ ڳالهہ ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ جيڪو ڪجهہ ٿي ويو آهي اهو واپس ٿي نہ ٿو سگهي، بس صرف توهان منهنجو ساٿ ڏيو ۽ وقت پوڻ تي هر ڳالهہ کي سنڀالڻ ۾ منهنجي مدد ڪجو. باقي جيڪا رب جي رضا.“

”ابا ڳالهہ تہ ڏاڍي ڳري آ. تو واري جوءَ کي جي خبر پئي ۽ ضرور پوندي..... منهنجو تہ هينئر کان ئي ساهہ ٿو نڪري. الائي کهڙن دوستن جي چوڻ تي تو اهو ثواب ڪمايو... ويچاري هُن پرائي ڄائي جي حياتي بہ ڪيئي نرڳ حوالي، مونکي پنهنجي ننهن جي چڱي طرح خبر آ.“

حنان وڏيڪ ڪجهہ چئي بنا اٿي ٿو ۽ ماءُ جا پير ڇهي،

”امان مونکان جيڪو ڪجهہ ٿيو آ، ان لاءِ معافي طلبگار آهيان پر وعدو ٿو ڪريان تہ مان ڪنهن بہ رشتي سان بي انصافي ٿيڻ نہ ڏيندس. بس هاڻي دعائن سان گڏ اجازت ڏي صبحاڻي مان اسلام آباد لاءِ نڪري ويندس.“

●

ٻئي ڏينهن حنان گهر وارن کان موڪلائي اسلام آباد روانو ٿي وڃي ٿو تہ زرينہ بيگم ننهن جي ڪمري ۾ اچي ٿي، کيس ڏسي رات واريون ڳالهيون ياد ڪري ڏکاري ٿي وڃي ٿي، مڙئي ڳالهہ چورينديءَ چويس ٿي تہ مردن کي ايڏو تنگ ناهي ڪبو اڳي تہ هو ڪراچي نوڪري ڪندو هو تہ هوءَ کيس هيلي بهاني سڏي وٺندي هئي، ايڏو پري کان ائين بهانو ڪري ٻڪائڻ ڪا چڱي ڳالهہ آهي، مرد ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن ائين ئي دلين ۾ تفرقو پيدا ٿي ويندو آهي.

سس جون ڳالهيون ٻڌي کلي چويس ٿي،

”امان تون ٿيئن پراڻي زماني جي صابر عورت، جيڪو مليو جي بسم الله مرد ٻاهر جيڪو وٺين وتن ڪندا، هي توهان وارو زمانو ناهي، مردن کي ڇڪي رکجي، جيئن هيڏي هوڏي نهارڻ جو موقعو ئي نه ملين. وڏن شهرن ۾ عورتن سان نوڪريون ٿا ڪن، ڪهڙي خبر ڪيڏي مهل ڪٿي وڃي پاڻ اٽڪائن.“

ڀاڄائي جي دليل بازي ٻڌي سيما جيڪا ڪاپيون پئي چيڪ ڪري، کلندي،

”ڀاڄائي ڪير ڪٿي ڪيترو به ڪري، مرد جي ڪرڻ جو نه وقت هوندو آهي نه عمر.... ڪيڏي مهل ڪين ڇا ٿو پسند اچي وڃي تنهن جي خبر به ڪونه پوندي.“

”تڏهن ته زال جو ڪم آهي ته مڙس کي هر وقت ڪِلي سان ٻڌي رکي. امان ته الائي ڪهڙي جهان ۾ ٿي رهي.“

زرينه اهو ٻڌي سوچ ۾ ٻڏي وڃي ٿي،

”گهٽئي ڪِلي سان ٻڌڻ جي ڪيئي ڏيءَ پر جيڪي ڇنائڻ چاهيندا آهن نه انهن کي ڪِلا ڪهڙا به مضبوط هجن روڪي ناهن سگهندا، منهنجي بيخبر نياڻي تنهنجو اهو ڀرم ٽُٽو ته الائي تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو، الله توکي پنهنجي امان ۾ رکي.“

سيما ماءُ کي گهري سوچ ۾ ڏسي چوي ٿي ته هوءَ پريشان ڇو ٿي وئي آهي.

”سوچيان پئي ته ويچارو انسان وڏا وس ڪري پر جيڪي وڃڻ وارا هوندا آهن اهي نه ڪِلن جي نه زنجيرن جي پرواهه ڪندا آهن.“

”امان سچ ٿا چئو ادا جميل سعيده ڀاڀي سان پسند جي شادي ڪري آيو هو، پوءِ وڃي شائسته سان نينهن لاٿائين ته سڀ ڪجهه وسري ويس.“

”امان هڪڙي ڳالهه ٻڌائڻ وسري ويس ان ڏينهن بيگ مان حنان جو سامان پئي ڪڍيم ته اخبار جي هيٺان سونو ڪنگڻ پيو هو ڏسي منهنجو ته ساهه ئي سُڪي ويو. ڇڄيو مانس ته ڀهرين ته ياد ئي نه پئي

آيس پوءِ ٻڌايائين تہ جميل جي بيگ ڪٽي آيو آهي، تي سگهي ٿو تہ ان جو هجي، پوءِ منهنجي سامهون ڪيس فون ڪيائين تڏهن وڃي منهنجي پيٽ ۾ ساهہ پيو.“

سيما حالتن کان بيخبر مذاق ڪندي،

”ياجائي خيال ڪجانءِ مردن تي ڪو اعتبار ڪونهي.“

”اڳيان بہ ثمينہ اٿس جميل جي سعيده ڪونهي جو چپ ڪري اڌ ورهائي گهر ۾ جاءِ ڏنئينس، مرڻ مارڻ کان سواءِ ٻي ڪا جٺ نہ ڪيانس.“

اهو ٻڌي زرينہ کي تہ چڻ اندر ۾ وڍ پوڻ لڳا. ايندڙ وقت جو سوچي هينئر کان ئي هن جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. ڪجهہ وڏيڪ چوڻ کان سواءِ اٿي ٻاهر نڪري وئي تہ ثمينہ سندس حالت ڏسي دل ۾ چوڻ لڳي تہ هن کي الائي ڇا ٿيو جو ائين اٿي هلي وئي.

سنڌيا حنان جي اچڻ جو ٻڌي صبح کان ڏاڍي خوش هئي. هن کي خبر نہ هئي تہ هو هن جي زندگي ۾ ايترو جلد اهڙي اهميت اختيار ڪري ويندو جو هن جي بنا هڪ پل گهارڻ بہ هن لاءِ مشڪل بنجي ويندو اهو هفتو هڪ هڪ گهڙي ڳڻيندي هن گذاريو هو ۽ اڄ جڏهن هن فون ڪئي تہ شام تائين پهچي ويندو تہ وقت ڪاٽيو نہ ٿي ڪٽيو. آفيس مان اچڻ کان پوءِ فريش ٿي اچي ڊريسنگ ٽيبل تي ويٺي هئي اڄ ورهين کان پوءِ هن جي دل پاڻ کي سنوارڻ سينگارڻ چاهيو هو ۽ هوءَ ڏاڍي اهتمام سان حنان جي پسند جي رنگ جو وڳو اوڍي هلڪو ميڪ اپ ڪري رهي هئي. حنان ان گهڙي سندس خيالن ۾ هن سان مذاق ڪري رهيو هو. هوءَ پنهنجي منهن پٽڪندي،

”مان بہ هرويرو پئي ايڏي ايڪسائيٽيڊ ٿيان. حنان کي اچڻ ۾ تہ ڪافي وقت پيو آهي، اڃان تہ هينئر راولپنڊي مان نڪتو هوندو.“ هن جي سوچڻ کان پهرين حنان ڪافي دير کان هن جي پويان اچي بيٺو ۽ هن کي ائين مدهوش حالت ۾ ڏسي هو زيرِ لب مسڪرائي رهيو هو.

سنڌيا تي ان وقت عجيب بيخودي طاري هئي. هوءَ سمجهي رهي هئي تہ اهو سندس خيال آهي،

”لڳي ٿو تہ مان حنان جي محبت ۾ پاگل ٿي وئي آهيان جو هو هر وقت منهنجي تصور ۾ منهنجي حالت تي مسڪرائي رهيو آهي، هوءَ وري پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي، ”ها... ڪلو... ڪلو... مان چري آهيان نہ، سڄو هفتو انتظار ڪرايو اٿوَ ۽ هي گهڙيون تہ گذرڻ جو نالو ئي نہ ٿيون وٺن ۽ توهان آهيو جو.“

حنان هن جي اهڙي ڪيفيت ڏسي ڪافي پاڻ کي روڪيو پر کل هن کان رڪجي نہ سگهي.

سنڌيا ڇرڪ ڀري پوئيان نهاريو ۽ حنان کي غير متوقع ايترو جلدي پنهنجي ڀرسان ڏسي خوشي ۾ اٿي هن سان زور زور سان هٿ ملائڻ لڳي.

”او نو... توهان ايترو جلدي اچي ويا، ”هائو سئيٽ ڊريم“ مون سمجهو مان خواب پئي ڏسان جاڳندي جو خواب. اوهو ويهو نہ بينا ڇو آهيو.“

”اڙي سائين دل ڀري ڏسڻ تہ ڏيو سچ پچ مون سڄو هفتو توهان کي ڏاڍو مِس ڪيو آهي. توهان ايترو جلدي منهنجي دل جي ايترو قريب ٿي ويندا ان جو اندازو توهان کان ڀري رهڻ کان پوءِ ٿيو.“

”توهان اهو سڀ منهنجي دل رکڻ لاءِ پيا چئو نہ. ڇڱو اٿي فريش ٿي وٺو تہ مان چانهہ تي لڳرايان پوءِ دل ڀري ڳالهيون ڪنداسين.“

●

رات جو ڊنر تي سنڌيا خاص اهتمام ڪيو هو ۽ سڀ ڊشز حنان جي پسند جون تيار ڪرايون هيون. حنان جيئن ڊائننگ ميز تي آيو تہ هن جي دل خوش ڪرڻ خاطر، خوشدلي جو مظاهرو ڪندي چوڻ لڳو.

”اڄ تہ زبردست خوشبوئون پيون اچن، ڪو خاص مهمان اچڻ وارو آهي ڇا.“

سنڌيا اهو ٻڌي مسڪرائي ٿي.

”منهنجي لاءِ ته هينئر خاص به توهان آهيو ته عام به توهان، توهان جي وچڻ ڪانپوءِ ڪجهه ڪائڻ جو موڊ ئي نه ٿيندو هو.“

”سنڌيا ميڊم ايترو به مٿي تي نه چاڙهيو هن مسڪين کي جو پوءِ هيٺ لهڻ ئي مشڪل ٿي پوي... ها سوبل توهان کنهن سرپرائيز ڏيڻ جو پئي چيو.“ سنڌيا خوش ٿيندي.

”منهنجو ڪراچي ٽرانسفر ٿي ويو آهي....“

حنان جي چهري تي ڪجهه دير پهرين جيڪا خوشيءَ جي مرڪ هئي، ان جي جاءِ تي هن جو منهن لهي وڃي ٿو پر سنڌيا جي دل رکڻ لاءِ.

”واقعي...! ڏاڍو سُنو ٿيو پر اهو ڪجهه جلدي نه ٿي ويو. هتي هئاسين ته بي خوف بي الڪا ٿي ڪجهه ته لائيف انجواءِ ڪجي ها، اتي وري فيملي لائيف، اتي وچڻ سان ڪوڙ ساترا مسئلا ڪر ڪنيو بينا هوندا، مون توهان کي هڪ ڀرپور زندگي ڏيڻ چاهي ٿي، جنهن ۾ توهان جي سيني محرومين جو نه سهي ڪجهه نه ڪجهه ازالو ٿي سگهي.“

”جيئن توهان جي خوشي چئو ته آرڊر ڪينسل ڪرايان.“

”نه نه منهنجو اهو مطلب هرگز نه هو. مان ته پاڻ پنهنجي پراڻي جاب تي جوائن ڪري آيو آهيان. بس منهنجو مقصد هو ته اسان ڪجهه ڏينهن زندگي کي اهڙي انداز ۾ گذاريون جو اهي ڏينهن اسان جي زندگيءَ جا خوشگوار ۽ يادگار ڏينهن بنجي وڃن.“

اهو ٻڌي سنڌيا جي خوشي جي انتها ئي نه ٿي رهي، هن به هميشه چاهيو هو ته هن جو جيون ساٿي هن سان ايتري محبت ڪري جو هو ٻئي دنيا مافيها کان بي خبر صرف ۽ صرف پنهنجي زندگي ۾ جيئن. هن جي ور کي هن سان بي لوث محبت هجي جيڪا کنهن به زماني ۾ قيد نه هجي ۽ حنان جا چند خوبصورت لفظ هن جي زندگي جي رمز بدلائڻ لاءِ ڪافي هئا. هوءَ هنن لمحن کي يادگار بنائڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئي. هن جي ورهين جا خواب جو تعبير پائڻ وارا هئا،

هوءَ خوش خوش هن ڪي سندس پسند جون ٻَشز آڏو ڪندي وئي اڄ هنن ٻنهي خوب انجواءِ ڪيو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري ويا.

رات جو جڏهن هو بيڊ روم ۾ آيا ته حنان ڪيس ڳوٺ جي متعلق ٻڌائڻ لڳو هن ڳالهين ڳالهين ۾ ڪيس ٻڌايو ته هن پنهنجي امان کي اعتماد ۾ وٺي اسان جي شاديءَ جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي.

سنڌيا بيتابيءَ وچان پڇڻ لڳي،

”ته پوءِ امان جن جو ڪهڙو ردِ عمل هو.“

حنان ڏکاري لهجي ۾ ٻڌايو ته امان اهو ٻڌي پهرين ته خاموش ٿي وئي، ليڪن پوءِ هن اهو انديشو ظاهر ڪيو ته جي توهان جي زندگيءَ ۾ ڪنهن ٻار جي آمد ٿي ته پوءِ ڇا ٿيندو. ثمينه اهو سڀ ڪڏهن به برداشت نه ڪري سگهندي ته ڪو هن جي ٻارن سان محبتن ۾ حصيداري ڪري.“

اهو ٻڌي سنڌيا جي اندر ۾ ڄڻ ته ڪجهه ٽٽي ڀُري پيو. هن جا ممتا جا خواب چورو چورو ٿي ويا، پر هن پنهنجي احساسات کي اندر ئي اندر دٻائيندي آهسته آواز ۾ صرف ايترو چيو.

”حنان توهان ته ڇاهيو پئي ته اسان جي جيون ۾ به هڪ ننڍڙو وجود هجي جيڪو اسان جي محبتن جو ضامن هجي.“

اهو ٻڌي حنان ڪوبه جواب ڏيڻ کان سواءِ پاسو ورائي سمهي پيو ۽ سنڌيا جنهن کي حنان سان ان عرصي ۾ شديد محبت ٿي وئي هئي ان پنهنجي ممتا جو گلو گهُٽي هڪ فيصلو ڪيو ۽ پوءِ سڪون جي ننڊ سمهي رهي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن حنان آفيس جي ڪنهن ڪم سانگي ڪجهه ڏينهن لاءِ لاهور ويل هو ان موقعي کي مناسب سمجهندي، اسپتال وڃي هڪ ننڍڙو آپريشن ڪرائي حنان ۽ سندس گهر وارن جي اُن انديشي جي بنياد کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. هن ڪڏهن به نه ٿي چاهيو ته حنان، همدرديءَ ۾ ئي سهي هن کي سهارو ڏنو هو ۽ هن جو جيون خوشين سان ڀري ڇڏيو هو. ان سان جُڙيل ڪنهن به فرد جي

هِن جي ڪري ڪا حق تلفي ٿئي. جيتوڻيڪ اڳتي هلي هن کي اهو احساس ٿي ويو ته هن جو اهو فيصلو ڪيترو نه جذباتي ۽ حقيقتن جي منافي هو. ڇو ته شادي شده زندگي کي ڳنڍي رکڻ لاءِ اولاد هڪ زنجير هوندو آهي ۽ اهو احساس اڳتي هلي حنان جي هر رويي ۾ ورتاءُ مان هن کي ٿيو هو پر پنهنجي ڪئي جو نه ڪو ويج نه طبيب. ڪڏهن خوشيون ملنديون به آهن ته ڪوڙ ساتري درد ۽ پيڙا کان پوءِ. ان جي باوجود هوءَ خوش هئي ته حنان سان هوءَ ته بي تهاشا محبت ڪري ٿي ۽ محبت ته قربانيءَ جو نالو آهي، محبتن ۾ واپسيءَ جي اميد ڪرڻ ناداني آهي. حنان هن سان نه ڪڏهن ان جذبي سان محبت ڪئي نه پنهنجي قريب محسوس ڪيو. هن صرف وقتي همدردانه جذبي کي محبت جو نالو ڏنو هو ۽ جهٽ ڪيس ان جو احساس به ٿي ويو هو. پر پوءِ به هو فطرتًا هڪ صاف ۽ سچو انسان هو جنهن پنهنجي وس آهر پنهنجي ناتي کي نڀائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي هئي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سنڌيا کي ٻڌايو ويو ته سندس آرڊر صاحب جي صحيح ۾ آهن ۽ ان سان گڏ حنان جا به، هو پنهنجو باقي پيرڊ ڪراچي آفيس ۾ سرو ڪري، اهو ٻڌي پهرين ته هوءَ پريشان ٿي وئي پر پوءِ ڪجهه سوچي انٽرڪام تي حنان کي پنهنجي ڪيبن ۾ اچڻ لاءِ چيائين، حنان جي اچڻ کان پوءِ ڪيس سڄي صورت حال ٻڌايائين ۽ مشورو ڏنائينس ته اهي ڏينهن هو گهر ٻڌائي بغير ڪراچي ۾ هن سان گذاري گهر وارا سمجهندا ته اسان اڃان اسلام آباد ۾ آهيون، ايڏي وڏي شهر ۾ پلا ڪنهن کي خبر پوندي ته اسان ڪٿي آهيون اهو ٻڌي حنان عجيب ٻڌ تر ۾ پئجي ويو. هو ڪو به فيصلو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه هو. سوچڻ جو چئي واپس ڪيبن ۾ هليو ويو.

شام جي وقت ٻئي آفيس کان واپس اچن ٿا ته سنڌيا پاڻ کي ڪجهه ٿڪل محسوس ڪري ٿي، مٿي ۾ هلڪو سور پيو ٿئيس، چينج ڪري بيڊ تي ليٽي پوي ٿي، سور وڌندو پيو وڃي، گهڙي گهڙي مٿي تي هٿ رکي ٿي ان وقت حنان واش روم مان ٻاهر اچي ٿو هن جي اها ڪيفيت ڏسي پڇي ٿو

”چو طبيعت نيڪ ناهي چا.“

”اوهه، نه.... بس ائين ئي مٿي ۾ ٿورو سور پيو محسوس ٿئي، ٿورو ريسٽ ڪري چانهه پيئنديس ته سهي ٿي ويندو. اڇو توهان ويهو.“

حنان سوچي ٿو ته ڪيڏو نه فرق آهي سنڌيا ۽ ثمينه ۾، هن مٿي جي سور ڪري مونکي اسلام آباد ما ڊوڙائي پريشان ڪيو ۽ هي هتي هجڻ جي باوجود مونکي پريشان ڪرڻ نه ٿي چاهي،

”ٿورو هٽ مٿي ڪيو مان زور ٿو ڏيان.“

”نه نه چيم نه ته پاڻ هي نيڪ ٿي ويندو.“

ان وقت بورچي ٽرالي ۾ چانهه کڻي اچي ٿو ۽ هڪ ڪپ ناهي صاحب ۽ ٻيو سنڌيا کي ڏئي ٿو. چانهه پئندي هو ڪراچي وڃڻ جي باري ۾ سوچن ٿا سنڌيا ٻڌائي ٿي ته هن آصف کي ڪنهن مناسب علائقي ۾ هڪ ننڍڙو گهر ڪرائي تي وٺڻ لاءِ چئي ڇڏيو آ ۽ ڪا ملازمه به ارينج ڪرڻ لاءِ چيو اٿم.

”پر ڪنهن ٻئي علائقي ۾ ڇو بابا وارن يا آپيءَ وارن جي پرسان ڇونه، توهان کي آساني ٿئي ها.“

”بس حنان اهو سڀ مون سوچي سمجهي فيصلو ڪيو آهي. اڳتي هلي اسان کي الائي ڪهڙن حالات مان گذرڻو پوي. مان پنهنجي گهر وارن کي پنهنجي مسئلن کان دور رکڻ چاهيندس، بابا سائين منهنجي معاملي ۾ ڏاڍا حساس آهن ۽ مان به هنن کي پنهنجي لاءِ بي فڪر ڏسڻ چاهيان ٿي، اهو سڀ سوچي ئي مون آصف کي ائين ڪرڻ لاءِ چيو آهي، اسان جي اتي پهچڻ کان پهرين انتظام ٿي ويندو ڇو ته هو به هفتي کان پوءِ لنڊن پيو وڃي. اهي ڳالهيون ٻڌي حنان گهري سوچ ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ۽ سنڌيا کيس ڏسندي رهي ٿي.

ٿوري دير کان پوءِ آصف جي فون اچي ٿي، حال احوال کان پوءِ هو کيس ٻڌائي ٿو ته گهر جو انتظام ٿي ويو آهي، سنڌيا فون حنان کي ڏئي ٿي آصف هن کان حال احوال وٺي ٿو ۽ خدا حافظ چئي فون بند ڪري ٿو ته حنان فون رکي سنڌيا کان پڇي ٿو، هوءَ ٻڌائيس ٿي ته گلبرگ ۾ هڪ وڏي بنگلي جو اڌ پورشن ڪرائي تي ورتو آهي، جيڪو بلڪل

سيپريٽ بہ آهي تہ ضرورت پوڻ تي توهان مالڪ مڪان سان رابطي ۾ بہ رهي سگهو ٿا. گاڏي پارڪ ڪرڻ جي جاءِ ڪان علاوه ملازم لاءِ الڳ ڪمرو بہ آهي ۽ اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ هڪ ايماندار ملازمہ جو بہ انتظام ٿي ويو آهي جيڪا چوويھہ ڪلاڪ اسان سان گڏ رهندي، وڌيڪ ڳالهہ تہ بلڪل آساني سان اتان توهان ڳوٺ بہ وڃي سگهو ٿا. اهو ٻڌي حنان جيڪو ڪجهہ دير پهرين پريشان پئي لڳو سک جو ساهہ کڻي ٿو تہ سنڌيا کي اتي سندس بغير ڪا پريشاني نہ ٿيندي.

هفتو کن کين سامان سهيڙڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. انهي دوران هو روزانہ گهمڻ ڦرڻ ۽ شاپنگ وغيره ڪرڻ ۾ پنهنجو باقي وقت صرف ڪن ٿا.

•

ڪومل ۽ ماسي رات جي ماني ميز تي لڳائن پيون تہ ماسي ڪومل کي چوي ٿي،

”ڪنوار شام جو ڪانو اسان جي گهٽي واري دري ۾ ڏاڍو پيو لنوين، ۽ وري هينئر ماني پئي پچايم تہ ماني جو ڪنو ٻاهر وڌي آيو. لڳي ٿو تہ ڪو مهمان پيو اچي.“

ڪومل کلندي،

”ماسي تو اجان پراڻين ڳالهين تي اعتبار پئي ڪرين. ڪير ٿو اسان ڏي لڙي اچي، آپا بہ اجان ڪالهہ تي وئي آ.“

ان وقت دروازي جي بيل وڃي ٿي تہ احمد لائونج مان اٿي در ڏي وڃي ٿو در کوليندي سندس اکين ۾ تعجب گاڏڙ خوشي جا تاثرات اچي وڃن ٿا. اتان ئي رڙ ڪندي چوي ٿو.

”بابا، ڪومل ڏسو تہ ڪير آيا آهن.“

شوڪت جيڪو لائونج ۾ ويٺو هو. اتان ئي پڇي ٿو تہ ڪير آيو آهي جو خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپين.

انهي وقت سنڌيا چپن تي آڱر رکي کيس ماٺ ڪرڻ لاءِ چوي ٿي ۽ پاڻ ۽ حنان تکي وک کڻندي سڌو وڃي شوڪت علي جي آڏو بيهن ٿا. هن جي نگاهه جڏهن هنن تي پوي ٿي ته خوشيءَ ۾ اٿي ڪڙو ٿئي ٿو سنڌيا ڀاڪر پائي مليس ٿي سندس اکين ۾ لڙڪ لڙي اچن ٿا ته شوڪت علي جو اکيون به ڀرجي اچن ٿيون اهو منظر احمد ۽ حنان کي اداس ڪري ڇڏي ٿو.

”ورهين ڪان پوءِ منهنجي ننيڙي نياڻي آخر پنهنجي ڪکن ۾ اچي ئي وئي، پرديس آخر ڪيستائين رهبو نيٺ پنهنجي ماڳ موٽڻوئي پوندو، پر اچڻ جو ٻڌايو ئي ڪونه.“

حنان پيءَ سان ملندي.

”بابا ڇيو مانس ته فون ڪري ڇڏيو پر منع ڪيائين ته اوچتو هلڻ ۾ جيڪو مزو ايندو ٻڌائڻ ۾ نه. ڪومل به ڊوڙي اچي ڀاڪر پائيس ٿي ته ماسي عالمه ملندي ٻڌائيس ٿي ته هينئر پئي چيم ته ڪانو پيو لنوين ته پڪ ڪي اهڙا مهمان ايندا جن جي خبر ئي ڪونهي، خبر نه هئي ته ورهين ڪانپوءِ منهنجي ننيڙي آپا ٿي اچي جنهن کي ڏسڻ لاءِ اکيون ترسي ويون هيون. سيني سان ملي اتيئي ويهن ٿا ته سنڌيا چوي ٿي ته ماني پوءِ لڳائجو پهرين اسان سڀني چانهه پئنداسين. اجهو ٿي ڪٽي اچان چئي بورچي خاني ڏي وڏي وڃي ٿي. ٿوري دير ۾ چانهه کڻي اچي ٿي، هو اجان چانهه پين ئي پيا ته در کڙڪي ٿو ۽ خاله زهره ٽري ۾ ڪجهه کنيو پئي اچي سنڌيا خاله کي ڏسي ڊوڙي وڃي ساڻس ملي ٿي ته خاله ڀاڪر ۾ ڀري چميون ڏيندي چويس ٿي،

”منهنجي ٻچڙي توکي پنهنجي هيءَ ماءُ ڪڏهن ياد ڪونه آئي..... نه فون نه خط، چين ته ٻاهرين ملڪ وئي آهي، هي ڪير آهي تعارف ته ڪونه ڪرايئي.“

احمد حنان جو تعارف ڪرائيندي،

”خاله توهان جي هيءَ ڌيءَ اڪيلي ڪونه آئي آ، توهان لاءِ هڪ عدد نياڻو به وٺي آئي آهي. حنان هي اسان جي خاله زهره آهي، امان جي گذرڻ ڪان پوءِ پاڙيسري هئڻ جي ناتي هنن ئي اسان جي پرورش ڪئي

خاص طور سنڌيا جي جيڪا ٻن سالن جي مس هئي.“ حنان اٿي ادب سان ساڻس مليو ٿو.

خاله ٻڌائي ٿي ته هوءَ گيلريءَ ۾ بيٺي هئي ته ٽيڪسي مان سنڌيا کي لهندي ڏٺائين ته دل ڇڪ کاڌي ته آهي نه آهي سنڌيا راڻي آهي. تڏهن جلدي ۾ ڪباب تري ڪٽي آيس ته ورهين کان پوءِ چانهه سان گڏ پنهنجي ماءُ جي هٿن جو سواد چکي.“

حنان هنن جي محبت جو انداز ڏسي خوشي سان گڏ وائڙو ٿي وڃي ٿو.

”شهرن ۾ به اهڙا محبتي ماڻهو اڃان موجود آهن. نه ته اهڙي نفسا نفسي جي دور ۾ ڪير ٿو ڪنهن جي ائين سار لهي.“

سنڌيا ڪباب کائيندي،

”زبردست ڪباب آهن. خاله جي هٿ جي ذائقي لاءِ ته سڪي وئي هئس، حنان هي ڪباب وٺو اسان جي خاله ڪباب ايڪسپرٽ اٿو.“

”واقعي لاجواب ٽيسٽ آهي.“

سيئي چانهه پئندي هڪ ٻئي سان حال اورين ٿا.

ٻئي ڏينهن سنڌيا حنان ۽ احمد تيار ٿي ناشتي جي ميز تي اچن ٿا ته سنڌيا پيءَ کي ٻڌائي ٿي ته هو ان ڪري جلدي اچي ويا ڇو ته هن پوسٽ لاءِ ڪو پيو به ٽراءِ ڪري پيو ۽ اسانجي ايم ڊي ڪنسيڊر ڪندي جلدي منهنجو آرڊر ڪيڊرايو نه صرف ايترو پر حنان کي به اهو چئي رليو ڪيائون ته هو باقي پيپرڊ اتي وڃي پورو ڪري هاڻي اسان سوچيو آ ته..... سڄي ڳالهه ڪين ٻڌائي ٿي.

حنان چوي ٿو ته هاڻي رڳو هن کي اهو ڊپ آ ته ڪٿي ڳوٺ جو ڪو ماڻهو هن کي هتي ڏسي نه وٺي.

احمد کيس تسلي ڏئي ٿو.

”يار الله تي رک ۽ آهسته آهسته گهر وارن کي اعتماد ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪجانءِ، پر جي ان کان اڳ ڪا اهڙي ڳالهه ٿئي ته ڳوٺ هليو وڃجانءِ.

سنڌيا حنان ۽ احمد کي چوي ٿي ته شام آفيس مان موٽندي اسٽيٽ ايجنٽ کان گهر جي چابي وٺيو اچن ته جيئن گهر ڏسي اندازو لڳائجي ته ڪا ڪمي پيشي هجي ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ سهي ڪري اوڏانهن شفٽ ٿيون. ناشتو ڪري سڀ آفيس لاءِ نڪرن ٿا.

سنڌيا جي آفيس جوائن ڪرڻ سان ڪيس ڪميشن طرفان گاڏي ۽ ڊرائيور ملن ٿا. شام جو هو گهر به ڏسي اچن ٿا ۽ ٻئي ڏينهن ان کي ضرورت موجب سيٽ ڪري سامان کڻي اوڏانهن شفٽ ٿيڻ لاءِ سوچين ٿا ته ان وقت سنڌيا جي ڪن تي ٻاهران آواز پوي ٿو.

”پاپي ڪهڙا حال ڪهڙا چال...... ڪهڙا سال.“

ڪومل ڪلندي حال به نيڪ ته چال به نيڪ... ۽ هاڻي ته سال به نيڪ...“

”اهو وري ڪيئن ته سال به نيڪ.... اڄ ته ڏاڍي خوش پئي لڳين....“

”توکي خبر پوندي ته تون به خوش ٿي ويندينءَ.“

”چو منهنجي لاءِ ڪو رشتو ڳولهيو اٿئي ڇا.“

آواز تي سنڌيا ٻاهر نڪري اچي ٿي. ڪيس ڏسي سنيتا حيران ٿي،

”هيءَ سنڌيا آهي.“

ٽپ ڏئي اٿي ٿي ۽ ڪيس ڀاڪر پائي ملي ٿي ۽ روئي ڏئي ٿي،

”هي تنهنجي سهيلي سنيتا ته ائين وسري ويئي جڻ ته....“

”بلڪل نه... مان توکي روز ياد ڪندي هئس ۽ سلام به موڪليندي هئس.“

سنيتا ڳرا اٽڙي پائيندي،

”ڪهڙي نه سني ٿي وئي آهين اهڙي ته ڦوهه جواني ۾ به نه هئينءَ. اسلام آباد ۾ ته ماڻهو ديوانا ٿي پوندا هوندا.“

ڪومل ڪلندي:

”۽ انهن ديوانن مان هڪ ته پاڻ سان گڏ وٺي به آئي آهي.“

اهو ٻڌي سنڌيا شرمائجي وڃي ٿي ته سنيتا بيتابي مان پڇي ٿي،

”ڪير ڪنهن جي پيا ڳالهه ڪيو.“

”اسان اسلام آباد هئاسين ته اتي سنڌيا جي شادي ڪري آياسين.“

”سچ...! ٻڌايوَ ته ڪونه.“

”۽ تون به ڪنهن کي نه ٻڌائجانءِ... وري نه دشمنن کي ڪا خبر پوي.“

اهو ٻڌي سنڌيا ڏاڍي پراعتماد لهجي ۾ چوي ٿي،

”نه پاپي مونکي هاڻي ڪنهن جي به پرواهه ڪونهي، منهنجو ور مونسان هر ڳالهه ۾ ساٿ ڏيڻ وارو آهي مان هاڻي ڪنهن کان ڪونه ڊڄندس گهڻو ڊڄي ڊڄي زندگي گذاريم.“

سنيتا اهو ٻڌي خوش ٿي چوي ٿي،

”ڪاش ان وقت به ٿوري همٿ ڪرين ها ته ائين پرديس ڪاٽڻو نه پوئي ها، سچ پڇين ته مان تمام گهڻي خوش آهيان پوءِ ملاءِ نه.“

سنڌيا هٿ مان پڪڙي ڪمري ۾ وٺي وڃيس ٿي. هوءَ حنان سان ملي تمام گهڻو خوش ٿئي ٿي. ڪجهه دير ڪانپوءِ موڪلائي ٿي،

”چڱو مان هلان.“

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌيا حنان کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ٿي.

●

سنيتا ڪومل وٽان ٿي سڌو شمسه وارن ڏي وڃي ٿي، جتي نجمه ۽ جاويد وينا آهن شمسه پنهنجي ڪمري ۾ آرام پئي ڪيو سنيتا کي ايندو ڏسي نجمه خوش ٿي وڃي ٿي،

”گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ پئي اچين.“

”ڏي خبر آپا ڪونهي...“

”ڪمري ۾ آرام پئي ڪري، رات دير تائين ناني امان جون ڳالهيون پئي ڪيائين... هوڏانهن ماما جي حالت آهي ته سڌرڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن بگڙندي پئي وڃي، جڏهن کان ٻڌو اٿس ته نينا کي وقاص

جي مائٽن گهر اچڻ نہ ڏنو ۽ هاڻي وتن ٽا هِن هُن در جون نوڪرون ڪائيندا تڏهن ڪان گهر جو ماحول وڏيڪ ڏڪارو ٿي ويو آهي. اسان جي خاندان جي خوشين کي الائي ڪنهن جي نظر لڳي وئي.“

انهن ڳالهين جي وچ ۾ جاويد اٽي اندر هليو وجي ٿو تہ سنيتا نجمہ کي ٻڌائي ٿي تہ هوءَ ڪومل وارن ڏي وئي هئي اتي خبر پئي تہ سنڌيا ٽرانسفر ڪرائي ڪراچي آئي آهي.

اهو ٻڌي نجمہ جي منهن تي خوشيءَ سان گڏ پريشاني جا تاثرات ظاهر ٿين ٿا.

”سچ سنڌيا موٽي آئي آهي.“

”ها مان هينئر ان سان ملي هيڏانهن پئي اچان تہ آپا کي ٻڌائي پوءِ گهر وڃان.“

”پوءِ اٿ تہ اندر اميءَ ڏي ٿا هلون. اها ٻڌي ڏاڍي خوش ٿيندي. ٻئي اندر وڃن ٿيون نجمہ ماءُ کي سنڌيا جي باري ۾ ٻڌائي ٿي،“

”امي توهان جي اداسي دور ڪرڻ لاءِ اسان وٽ هڪ سني خبر آهي.“

سندس ڳالهہ ڪٽيندي سنيتا چوڻ لڳي،

”آپا هڪ نہ ٻہ ٻہ خبرون.“

شمسہ اٽي ويهي ٿي، ”چئو سني خبر ٻڌڻ لاءِ ڪن سِڪي مئا آهن.“

”سنڌيا ٽرانسفر ڪرائي ڪراچي واپس اچي وئي آهي.“

”آپا نہ صرف ايترو پر ان جي اتي شادي بہ ٿي وئي آهي.“

اها خبر شمسہ سان گڏ نجمہ لاءِ تعجب خيز هئي،

”واقعي...! اهو تہ تمام سنو ٿيو سنڌيا آخر ماما جي چڪر مان جان تہ ڇڏائي.“

شمسہ چپن تي آڱر رکي..

”آهستي ڳالهاءِ پتين کي بہ ڪن ٿيندا آهن ڪاٿي مامنهن ٻڌو تہ اٽي نہ ڪڙو ٿئي ڪيس پريشان ڪرڻ لاءِ.“

”آپا سنڌيا چوي ٿي تہ ھاڻي ڪيس ڪنھن جي بہ پرواھہ ناھي ھن پنھنجي گھر واري کي ھر ڳالھہ ٻڌائي ڇڏي آھي ۽ پوءِ ئي شادي ڪئي آھي.“

”واقعي سنيتا اڄ تو گھڻن ڏينھن کان پوءِ سٺي خبر ٻڌائي آھي، ھاڻي تہ وڏي آفيسر ٿي وئي ھوندي.“

”ھا تمام وڏي گاڏي ۽ ڊرائيور مليو اٿس. چيائين پئي تہ ھوءَ ٿوري سيٽ ٿي وڃي تہ پوءِ توھان سان ملڻ ايندي.“

اھو چئي ھوءَ اٿي ٿي.

●

سنڌيا کي پنھنجي نئين گھر ۾ آئي ڪئي روز گذري ويا ھئا، شادي کانپوءِ ھن ڪيتري نہ خوبصورت زندگي گذاري ھئي، حنان ھن کي انھن ٿورن ڏينھن ۾ ايتريون خوشيون ڏنيون ھيون جيڪي ھن کان سھيڙي نہ ٿي سھيڙيون، ھن کي ڪڏھن تہ يقين نہ ايندو ھيو تہ ڪيس جيون ۾ ايتريون خوشيون ايتري پنھنجائپ بہ ملي سگھي ٿي. ھڪ ڏينھن ھوءَ پنھنجي گھر ۾ شام جي وقت آرام ڪري اٿي تہ ملازمہ کي سڏي پڇيائين تہ صاحب نظر نہ ٿو اچي ڪيڏانھن ويو آھي ڇا. ملازمہ ٻڌايس تہ صاحب کي ٻاھر وئي ڪافي دير ٿي وئي آھي. ھوءَ اٿي فريش ٿئي ٿي ۽ پوءِ لائونج ۾ اچي ٿي تہ ان وقت گاڏي جو ھارن وڄي ٿو. مائي مختيار ٻاھر وڃي ٿي تہ حنان اندر داخل ٿئي ٿو ھن جي پويان شوڪت علي، احمد، طارق، رابعہ، ڪومل ۽ ٻار اندر اچن ٿا. سنڌيا سڀني کي ڏسي حيران ٿي وڃي ٿي خوشي مان اٿي ڪين ملي ٿي. حنان ٻئي طرف ھليو وڃي ٿو. سنڌيا سڀني کي وٺي ڊرائينگ روم ۾ اچي ٿي سڀ ويھن ٿا تہ احمد چوي ٿو.

”ھي تو وارو حنان صاحب بہ وڏو لاھہ ماڻھو آ. صبح ساڻ سڀني کي فون ڪري چيائين تہ اڄ سنڌيا ميم کي ھڪڙو سرپرائيز ڏيڻو آھي.“

هاڻي سنڌيا جي حيران ٿيڻ جو وارو هو.
”سرپرائيز کهڙو سرپرائيز“
ان وقت حنان ٽرالي ۾ موم بتين سان هڪ وڏو ڪيڪ سجايو ڪٽي اندر اچي ٿو سڀ ڏسي گڏجي،
”هيپي برٿ ڊي“ سُر ۾ آلاپن ٿا. تہ سنڌيا تمام گهڻي خوش ٿي وڃي ٿي.
”اڇا تہ اڄ اوڻويهين نومبر آهي.... مونکي تہ سال ٿي ويا اهو سڀ ڪجهہ وسري ويو پر حنان کي ڪنهن ٻڌايو.“
حنان اهو ٻڌي وڏي فخر واري انداز ۾ چوي ٿو.
”ميڊم مان بدولت توهان جو نصف بهتر يعني بيٽر هاف آهيان. توهان جي هر سيڪريٽ تي نظر رکڻ منهنجو حق آهي.“
طارق جيڪو هميشہ حنان سان سنڌوءَ وارو رويو رکيو پئي آيو اهو ٻڌي کلندي چوڻ لڳو.
”خيال ڪجانءِ يار...! ڪجهہ گهڻي نظر بہ يا ماريندي آهي يا کاريندي آ..“
سندس ڳالهہ ٻڌي سڀ کلن ٿا. انهي کل ٻوڳ ۾ سنڌيا ڪيڪ ڪٽي ٿي، اڄ عرصي کان پوءِ سنڌيا کي احساس ٿئي ٿو تہ انهن ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين جي انسان جي جيون ۾ ڪيڏي نہ اهميت آهي تہ ڪو شخص اهڙو بہ آهي جنهن جي دل ۾ سندس لاءِ ايتري جاءِ آهي جو هو هن جي لبن جي ٿورڙي مرڪ لاءِ ڪٿان نہ ڪٿان بهانا تلاش ڪري وٺي. رات جو ڪافي دير تائين سڀ کل خوشي ۾ سڄو وقت گذارن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي گهرن ڏي روانا ٿي وڃن ٿا. جڏهن سنڌيا ۽ حنان ڪمري ۾ اڪيلا رهجي وڃڻ ٿا تہ سنڌيا حنان جا هٿ جهلي پنهنجي اکين سان لائي ٿي تہ سندس اکين ۾ خوشي مان ڳوڙها نڪري اچن ٿا. هوءَ ڪيس احساس ڏيارڻ چاهي ٿي تہ حنان جي ايتري اهميت ڏيڻ هن لاءِ ڇڻ تہ دنيا جهان جي خزاني ملڻ جي برابر آهي، هوءَ ڪيس چوي ٿي تہ.
”حنان تون منهنجي نس نس ۾ خون بنجي ڊوڙي رهيو آهين، ڪڏهن ڪڏهن خوشيون ملنديون آهن تہ کوڙ ساري درد ۽ پيڙا کان

پوءِ ۽ اڄ توهان منهنجي جنم ڏينهن کي ياد ڪري مونکي منهنجي هجڻ جو ڀرپور احساس ڏياريو آ. حنان مون زندگي جا اهي ڏينهن جڏهن هر شخص جي خواهش هوندي آ ته هو انهن جي هر لمحي هر گهڙي مان ڀرپور لطف اندوز ٿئي اڪيلائي جي صحرائن ۾ هلندي گذاري ڇڏيا, جو هلندي هلندي منهنجا پير پٿون ٿي پيا, ۽ اچانڪ توهان منهنجي زندگي ۾ شامل ٿي مونکي جيئڻ جو احساس ڏنو ۽ هاڻي ائين ناهي ته مان تنهنجي بغير جي نه ٿي سگهان, پر مان تنهنجي بنا جيئڻ ئي نه ٿي چاهيان, ان ڪري حنان تون ڪڏهن به منهنجي انهن جذبن کي ٺيس پهچڻ نه ڏجانءِ.“

حنان هن جو ڳالهيون ٻڌندو رهي ٿو پر جواب ۾ هو هڪ لفظ به نه ٿو ڳالهائي فقط هن جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي ان کي ڏسندو رهي ٿو.

•

وقت پنهنجي پوري رفتار سان گذرندو رهي ٿو. چوندا آهن نه ته خوشيءَ جي لمحن کي قيد ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي ۽ جن جي نصيبن ۾ ڏک ڏولاوا لکيل هوندا آهن, انهن کي اڇڻ کان ڪير به روڪي ناهي سگهندو. ٻه مهينه ڪن معمول جي زندگي گذاريندي ائين گذري ويا جو سنڌيا کي احساس ئي نه ٿيو هڪ ڏينهن ٻئي آفيس لاءِ تيار ٿي ٻاهر نڪتا ته ڊرائيور گاڏي تيار ڪيو ٻاهر بيٺو هو هنن جي ٻاهر اچڻ تي هن سيٽ تان اٿي پوبان در کوليا ٻئي گاڏي ۾ ويٺا ته مختيار هنن جا لنچ باڪس ٻاهر کڻي آئي. ان وقت هڪ رڪشه هنن جي ڀرسان اچي گذري رڪشه ۾ ويٺل نوجوان جي هنن تي نظر پئي ته هو حيران ٿي ويو. ٿورو ڀرپرو وڃي رڪشه روڪرائي لهي ڪرايو ڏئي هڪ پاسي اوڊر ۾ ٿي بيٺو. حنان ۽ سنڌيا هن ڳالهه کان بيخبر ان شخص جي ڀرسان گاڏي گذاري هليا وڃن ٿا, پوري طرح تصديق ٿيڻ

ڪان پوءِ جڏهن گاڏي هلي وئي تہ هو نوجوان سخت ڪاوڙ ۾ ڪروڌ ۾ ڏند ڪُرٽڻ لڳو.

”هون.... تہ اها ڳالهہ آ. هي نواب صاحب هتي الائي ڪهڙين عورتن سان وتي ٿو گلڇڙا اُڏائيندو ۽ هوڏانهن گهر وارن کي چئي آيو آهي تہ اسلام آباد ۾ نوڪري ٿو ڪري. پڪ هو ٻن سالن کان لاڳيتو هتي رهيل هوندو ۽ بهانو ڪيائين تہ اسلام آباد ۾ وڏي نوڪري ملي آهي. هاڻي گهڻو عياشيون ڪيائين مان هن کي هتي ائين نہ ڇڏيندس منهنجي ڀيڻ سان ايڏو دوکو. مان هينئر ٿو واپس ڳوٺ وڃي اديءَ کي ٻڌايان.“

ٻي رڪشہ روڪي اتان واپسي جي رستي تي مڙي وڃي ٿو.

شام جو آفيس کان موٽڻ کان پوءِ رستي ۾ حنان سنڌيا کي چيو تہ اسان کي هتي آئي ٻہ مهينا گذري ويا آهن. ان کان پهرين جو ڪنهن کي اسان جي هتي موجودگي جي ڄاڻ پئجي وڃي. مان گهر وڃڻ چاهيان ٿو. ٻار بہ پريشان ٿيندا هوندا.

اهو ٻڌي سنڌيا پريشان ٿي وڃي ٿي.

”پر توهان تہ ٽن مهينن تائين هتي رهڻ جو فيصلو ڪيو هو. هتان ويا تہ گهر وارن کي خبر پئجي ويندي. پوءِ تہ توهان هتي رهي بہ نہ سگهندا.“

”سنڌيا ميم منهنجي مجبوري کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو.“

هوءَ انتهائي نراسائي جي حالت ۾ چوي ٿي تہ جيڪا سندس مرضي.

”تہ پوءِ مان توهان کي گهر ڇڏي بيگ کڻي بس تي ڳوٺ لاءِ نڪري ويندس.“

”ڊرائيور توهان سان هلندو نہ. پوءِ صبح جو آفيس لاءِ تہ اچڻو ئي اٿوَ. گاڏي ۾ هليا اچجو.“

حنان جي چهين حس کيس الائي ڪهڙن انديشن کان اگاهہ ڪرڻ جي ڪوشس ڪري رهي هئي، انڪري هن انڪار ڪندي چيو تہ.

”نہ، مان صبح جو پنهنجي گاڏي ۾ ايندس.“

ڳالهائيندي گهر پهچي ويجن ٿا، حنان سامان ڪڍي ٻاهر اچي ٿو تہ سنڌيا گڏجي اچيس ٿي، حنان گاڏي ۾ ويهي ٿو تہ حنان تاڪيد ڪندي چويس ٿو تہ هوءَ پنهنجو خيال رکي. ڊرائيورگاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو تہ سنڌيا کين ويندو ڏسي اداس ٿي وڃي ٿي. ڪئي انديشا هن جي من ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏن ٿا. شايد هن جي خوشين جو سفر ايترو ئي هئو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر اڪيلايون بلائن جيان هن جي زندگي ۾ واسو ڪرڻ واريون هيون.

ٻئي ڏينهن صبح جو سنڌيا آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي، حنان جي اچڻ جو انتظار ڪندي رهي. ڇو تہ هو گڏجي هلڻ لاءِ چئي ويو هئو. ڪافي دير ٿي وئي تہ هن ان انديشي تحت فون ڪئي تہ متان رستي ۾ گاڏي نہ خراب ٿي پئي هجي، فون جي رنگ وڃڻ کان پهرين ئي ڪمپيوٽر تي آواز آيو تہ فون بند آ، ڪجهہ دير کان پوءِ ڪيو. اهو ٻڌي سنڌيا جي منهن تي ڪيترن انديشن ۽ وسوسن جا پاڇا پنهنجا پر پکيڙي ڇڏين ٿا، پهرين ڏينهن ئي هن پنهنجي واعدي جو پاس نہ ڪيو گهڙي ڏسي آفيس لاءِ نڪري وڃي ٿي،

شام جو اڪيلي آفيس مان واپس اچي ٿي تہ مختيار جيڪا هاڻي هن جي هر ڏک سک ۾ شامل ٿي وئي آهي هن کي ڏڪارو ڏسي پڇيس ٿي،

”آپا سائين ڪونہ آيو ڇا.“

”نہ مختيار، مونکي پاڻ ڳڻتي ٿي پئي آهي فون بہ نہ ٿي لڳيس، بس تون وڃي ڪم ڪار ڪر مان آرام ڪنديس.“

ڪمري ۾ وڃي وري فون ملائي ٿي تہ:

جواب نهين موصول هورها جو رينگٽ ٽئي ٿو ڪاوڙ ۾ فون ڪڍي بيڊ تي سٽي ٿي.

”چيو هيومانس تہ نہ اچڻو هجئي تہ هڪ ايس ايم ايس ئي ڪري ڇڏيندو ڪر. هتان وڃي ٿو تہ ڪنهن ڳالهہ جي يادگيري ئي نہ ٿي هجيس تہ ڪو پوئتي بہ اوسيئڙي ۾ ڇڏي آيو آهي. سوچيندي وقت جو احساس ئي نہ ٿو رهي تہ ڪمري ۾ ڪيڏي مهل اوندهہ ٿي وئي خبر اوڏي مهل پويس ٿي جڏهن مختيار ڪمري جي بتي ٻاري ٿي، ڪنڌ کڻي نهاريس ٿي،

”آپا اٿو چانهہ کڻي آئي آهيان.“

●

وقت گذرندو پئي ويو ۽ سنڌيا جون پريشانيون بہ هر ڏينهن گذرڻ ڪان پوءِ سوايون ٿينديون پئي ويون. حنان جي طرفان ڪنهن بہ قسم جو ڪو سوال جواب ڪونہ هو، بس هڪ پراسرار خاموشي هئي، انداشا هئا ۽ بس، ائين سڄو مهينو گذري ويو. اکين ۾ اوسيئڙو واهيرو ڪندو ويو، هوءَ ڄاڻي واڻي دل کي دلداريون ڏيندي رهي، ٿاريندي رهي، ليڪن اها ڪا آسان ڳالهہ ڪونہ هئي، ان لاءِ سمنڊ جهڙي دل کپي، ليڪن سمنڊ جا طوفان جڏهن بہ ايندا آهن قيامت خيز هوندا آهن ۽ گهڙي پل ۾ سڀ ڪجهہ تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندا آهن.

هڪ ڏينهن ائين ئي سوچن ۾ ٻڏل پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پئي هئي تہ ٻاهر ڪوڙسارن قدمن جو پڙلاءِ ڪنن تي پيس، پوءِ بہ هوءَ بي خبر بڻي پئي رهي. ان وقت ڪمري جي بتي ٻري تہ سامهون شوڪت علي، رابعہ، ڪومل ۽ احمد بيٺا هئا، سنڌيا مئل قدمن ۽ مصنوعي مرڪ سان اٿي ساڻن ملي ٿي. پڻس ڪيس ائين ويران حالت ۾ ڏسي اندر ۾ ڌلجي وڃي ٿو پر مٺاڇري دل سان پڇيس ٿو

”پُٽ ڇا ڳالهہ آهي ائين ويڳاڻي لڳي وڃي آهين، ڪيترا ڏينهن ٿي وڃن ٿا، نہ گهر ڏي اچين ٿي ۽ نہ فون ٿي ڪرين، هڪ تہ ايڏو پري وڃي گهر ورتئي جو تڪڙو اچڻ بہ نہ ٿو ٿئي.“

ڪومل شڪايت ڪندي،

”اسان ٽا فون ڪيون ته به هون هان ۾ جواب ڏئي فون بند ڪري ٿي ڇڏين.“

رابعه هيڏانهن هوڏانهن نهاري.

”حنان نظر نه ٿو اچي.“

”آپا هواج ئي ڳوٺ ويو آهي.“

”پر چيائين پئي ته هو ڪجهه مهينا هتي رهندو توسان گڏ....“

احمد جيڪو هميشه غير سنجيده رهندو هيو ان جي ذهن ۾ به انديشن ڪر ڪنيو.

”پائو هن جو ڳوٺ وڃڻ ضروري هو. تڏهن ويو هيو پر توهان آرام سان ويهو نه. ائين سوالن جي پرمار ڇو شروع ڪري ڏني اٿو.“

اڻ ڄاڻائيءَ ۾ هن جو لهجو الائي ڪيئن تلخ ٿي ويو شوڪت علي هن جي چهري جا بدلجندڙ رنگ ڏسي اندر ۾ دعا گهري رهيو هيو ته هن جي نياڻيءَ کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي. سدا سکي هجي پنهنجي ور ۽ گهر سان.

سڀ هن جي دل کي بهلائڻ لاءِ موضوع مٽائي ڇڏين ٿا ڪجهه دير کان پوءِ مختيار کين ٻڌائي ٿي ته هن ماني لڳائي ڇڏي آهي.

●

ائين ٻيا به ڪئي روز گذري وڃن ٿا. سنڌيا هاڻي ته حنان جو انتظار ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو هو هوءَ سمجهي وئي هئي ته حنان سان هن جي زندگي جو سفر بس ايتروئي هئو. تڏهن چپ چاپ هو هن جي زندگيءَ مان واپس مڙي پنهنجي اصل ماڳ ڏانهن هليو ويو.

هڪ ڏينهن هوءَ حسبِ معمول بيدلي سان آفيس وڃڻ لاءِ نڪرڻ لڳي ۽ اجان ڊرائيور سندس لاءِ گاڏيءَ جو درمس کوليو هو ته هڪ ڪاري رنگ جي گاڏي اچي گيٽ وٽ بيٺي سنڌيا بي دلي سان ان تي هڪ نظر وڌي ته ان مان لهندڙ شخص کي ڏسي حيران ٿي وئي. ان ماڻهوءَ هٿ ڏئي کيس گاڏي ۾ ويهڻ کان روڪيو. اهو ڪو ٻيو شخص نه

پر حنان هو جيڪو مرجهايل چهري ۽ سست قدمن سان هن ڏانهن وڌي رهيو هو شيو وڏيل ڪپڙن تي گهنج پيل اکين ۾ شرمساري ۽ ندامت، هو هن جي پرسان اچي ڏيمي آواز ۾ چوڻ لڳو

”ڪجهہ دير لاءِ اندر هلندئو پليز...!“

سنڌيا خاموشي سان مڙي گيٽ ۾ داخل ٿئي تي تہ حنان بہ سندس پويان هليو وڃي ٿو. ڪمري ۾ وڃي صوفي تي پاڻ ڇڏي ڏئي ٿو. سنڌيا جڳ مان پاڻي گلاس ۾ اوتي کيس ڏئي تي ٻنهي جي لبن تي خاموشي ڇانيل آهي، جڻ لفظن جو خزانو کُٽي ويو هجي. حنان جي اکين ۾ عجيب ويچارگي آهي ۽ سنڌيا جي نظرن ۾ درد پيڙا ۽ شڪايت آهي، آخر حنان ان ڳنڀير خاموشيءَ کي ٽوڙيندي دک ڀريئي لهجي ۾ چوي ٿو

”آءِ ايم سوري سنڌيا ميم... ! مون کان ڪئي ڪوتاهيون ٿيون آهن جن جو ازالو ممڪن ڪونهي.... پر مان مجبور هئس، توهان ئي منهنجي پوزيشن سمجهي سگهو ٿا، اهو سڄو عرصو مون ڪهڙي اذيت ۾ گذاريو آهي ٻڌائي نہ ٿو سگهان. مون تہ انساني بنيادن تي توهان سان ناتو جوڙيو هو اهو اسان ٻنهي کي ڪيترو مهانگو پوندو مون سوچيو بہ نہ هو.“

•

ايتري عرصي ۾ پهريون ڀيرو هن کي پنهنجي تحقيرءِ ڪمتريءَ جو شدت سان احساس ٿيو هوءَ جنهن ناتي کي حنان جي محبتن جي شدت سمجهيو ويٺي هئي. اهو ناتو حنان صرف انساني بنيادن تي جوڙيو هو جنهن کي هوا جو هڪ جهوٽو الائي ڪيڏانهن اڏائي ڪٽي ويو. هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو اهو بہ نہ چيو تہ الله اسان تي رحم ڪري، هن جي خيال موجب تہ محبت جو نزول آسمانن تان ٿئي ٿو ان ڪري انسان ڳاٽ اوچو ڪري ان اعزاز کي قبول ڪري ٿو. ليڪن جيڪا محبت زمين تي ڪري پوي، اها ان لائق ناهي هوندي تہ ان کي ڪنڌ

جهڪائي گوڏن پر جهُڪي مٿي ۾ دز مان ڳولهي ڪنيو وجي ۽ اها ڳالهہ ڪيس اڄ محسوس ٿي. هوءَ سمجهي نہ سگهي تہ ان حالت ۾ حنان سان همدردي جو اظهار ڪري يا پنهنجي انهن ڪيفيتن جي باري ۾ ٻڌائي جيڪي هن جي وڃڻ ڪان پوءِ هن ڪي سهڻيون پيون. انهن محرومين جو هوءَ ڪهڙو اظهار ڪري، ڪيئن ٻڌائي تہ هن پاڻ ڪي ائين نظر انداز ٿيڻ جو ڪيئن پوڳيو آهي، ڪجهہ بہ تہ نہ چئي سگهي بس ايترو چيائين،

”فون تہ ڪري سگهيا پئي، هڪ ايس ايم ايس ئي موڪلي ڇڏيو ها. طرح طرح جا وسوسہ، عجيب خيال، الائي ڇا ٿيو هوندو، مان الائي ڀيهر توهان ڪي ڏسي سگهنديس الائي نہ.“

شڪايتي انداز ۾.

”حنان توهان ڪي تہ خبر آهي نہ، تہ مون زندگي ۾ ڪيڏو درد سٺو آ. ڪيڏي پيڙا پوڳي آهي، مان انهي ٿوري عرصي ۾ توسان شدت سان محبت ڪرڻ لڳي هئس بي لوث محبت جنهن ۾ صرف ۽ صرف ڏيڻ ئي ڏيڻ هوندو آهي، ڪنهن موٽ جي تمنا ڪئي بغير. مونکي توکان ڪجهہ بہ نہ ٿي گهربو هو سواءِ ٿورڙي توجہ جي.“

”صورتحال ڪجهہ اهڙي ٿي وئي هئي، ثمينہ ڪاوڙ ۾ فون سيٽ پيڇي ڇڏيو سم ڪيڏي باهہ ۾ اڇلائي ڇڏي. بہ ڏينهن اڳ ۾ بہ ڪراچي آيو هوس ڇو تہ آفيس وارن نوٽيس اماڻيو هو تہ ڊيوٽي رزيوم ڪيو يا اسان انڪار سمجهون، اهو ليٽر ڏسڻ ڪان پوءِ پاءُ ڪي ساڻ ڪري موڪليائين جيڪو صبح جو مونسان اڇي ٿو ۽ شام جو گڏ موٽي وڃي ٿو بس اڄ مائٽن ۾ ڪا شادي هئي اوڏانهن هليا ويا.“

”مان پلا آفيس فون ڪيان تہ مان اڄ نہ ايندس مان سڄو ڏينهن توهان سان گذارڻ چاهيان ٿي.“

”اهو نہ ٿي سگهندو، مونکي آفيس ضرور وڃڻو آهي تازو جوائننگ ٿي آ.“

سنڌيا جو منهن لهي وڃي ٿو ٿورو چڙ مان،

”تہ پوءِ وينا ڇو آهيو، مونکي بہ دير پئي ٿئي.“

ٻئي ٻاهر نڪري وڃن ٿا.

ائين ڪيترو عرصو گذري ويجي ٿو هڪ ڏينهن شام جو سنڌيا ٻاهر اچي ويٺي هئي تہ مختيار سندس پرسان اچي ويٺي.

”ڪوڪم اٿئي ڇا ائين اچي ويٺي آهين.“

”آپا ڪاوڙ نہ ڪيو تہ هڪڙي ڳالهہ پڇان.“

”ها ها، ڳوٺ جي لاءِ موڪل ڪپئي ڇا.“

”نہ آپا ڳوٺ ۾ منهنجو ڇا هي، ڳالهہ پئي ڪيم تہ مونکي بہ توهان سان رهندي سال کن ٿي ويو آهي، توهان آفيس کان گهر، گهر کان آفيس، ان کان سواءِ نہ ڪاڏي اچڻ نہ وڃڻ سائين رهندو هو تہ ڪڏهن گهمڻ ڦرڻ نڪري ويندا هيو. وڏي آپا ۽ پاپي آپا هر دفعي توهان کي منٿون ڪري ٿيون وڃن. پوءِ بہ توهان اوڏانهن نہ ٿا وڃو بابا ويچارو نيڪ نہ ٿو رهي ان لاءِ ئي ويندا ڪيو.“

اهو ٻڌي شرمساري وچان هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويجي ٿو اکين ۾ بيوسيءَ وچان لڙڪ لڙي اچنس ٿا. وڏي مشڪل سان پنهنجي جذبات کي قابو ڪندي،

”مختيار، تون منهنجي زندگي جي اڪيلاين جي ساٿياڻي آهين. تون ئي ٻڌاءِ حنان کي مهينو مهينو گذري ٿو وڃي، لڪي ڇپي گهڙي ساعت اچي ٿو. بابا وارا مونکان پڇن ٿا، ڪنهن ڪنهن کي سندس صفائي پيش ڪيان جڏهن تہ مان پاڻ ڏوهاري بنجي وڃان ٿي، ڪنهن کي ڇا ٻڌايان تہ هن جي زال پاڻ کي چوڪيدار بنائي ساڻ اماڻي ٿي، پائو طارق تہ شروع کان ئي هن رشتي تي خار کايو ويٺو آهي.“

”بس آپا ماڻهوءَ جي نصيب ۾ جيڪو ڪجهہ هوندو آهي ان کان پڇي بہ تہ نہ ٿو سگهجي. اهو بہ هاڻي سائين مهيني ماسي اچڻ لڳو آهي نہ تہ لاڳيتو ٽي مهينا ڪونہ آيو هو.“

طنزيہ انداز ۾ چوي ٿي:

”ها ڪنهن مهل سالو صاحب ڪيڏانهن ويندو آهي تہ مڙئي خانہ پُري ڪرڻ لاءِ اچي چڪر هڻي ويندو آهي.“

”بس آپا دل نہ لاهيو رب سائين وٽ دير ضرور آهي پر ڪڏهن تہ توهان سان بہ انصاف ڪندو. هاڻي توهان هلي ڪمري ۾ ويهو مان توهان لاءِ گرم گرم ڪافي ٺي ڪٽي اچان.“

سنڌيا ڪمري ۾ اچي بيڊ تي وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ويهي ٺي ۽ سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿي، ڪهڙو فائدو ٿيو حنان سان شادي ڪرڻ جو. مون تہ ڪيترا سال شادي نہ ڪئي جو رحمان جي بي وفائي کان پوءِ منهنجو ڪنهن بہ مرد تي اعتبار ئي نہ رهيو هيو. مون هميشہ خواهش ڪئي تہ اهڙو شخص منهنجو جيون ساٿي بنجي جيڪو صرف ۽ صرف مونسان محبت ڪري، ايتري محبت جو ان ۾ هو پنهنجو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏي ۽ مان ان جي وجود ۾ ائين گم ٿي وڃان جو پنهنجو وجود باقي نہ رهي. پر هي ڇا ٿي ويو حنان سان شادي ڪري مون تہ ان جي زندگيءَ کي بہ وڪيري ڇڏيو آهي. هو تہ هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ منهنجو بنجي نہ سگهيو هو. مون ڪڏهن بہ هن جي ڪنهن بہ احساس ۾ پاڻ کي محسوس ناهي ڪيو. هو تہ اجنبين وانگي ڪلاڪ اڌ لاءِ ايندو آهي ۽ اکين ۾ هزارين اوسيئڙا هزارين ارمان ڏئي واپس پنهنجي آشياني ڏانهن اڏري ويندو آهي. هن جو وجود تہ ان پل هِتي هوندو آهي پر مون هڪ پل لاءِ بہ هن کي پنهنجي قريب ناهي محسوس ڪيو. هن سان ملڻ کان پوءِ هر دفعي پنهنجو وجود وڏيڪ خالي لڳڻ لڳندو آهي، ڪاش !.... ڪاش....!“

مختيار ڪافي ڪٽي اچي ٿي،

”آپا توهان وري پاڻ کي پريشان پيا ڪيو.“

سڌي ٿي ويهي ٿي،

”نہ نہ ڪا ڳالهہ ناهي.“

اک جي پنبڻين تي آيل ڳوڙهو اگهندي ڪافي جو ڪپ وٺي ٿي.

”آپا ڪئي ڏينهن کان هڪ ڳالهہ من ۾ آهي الائي چوڻ ڪپي الائي نہ.“

”ها، ها چئو ڪجهہ ڪپئي.“

”نہ آپا، مون اهو پئي چيو تہ مرد ۾ جي همٿ نہ هجي تہ ڪنهن پرائي ڄائي کي ائين راهہ ۾ نہ رولي، هر رشتي سان حق ۽ توازن قائم نہ رکي سگهي تہ پوءِ اهڙو قدم بہ نہ کڻجي.“

سنڌيا کي سندس ڳالهہ دل سان تہ لڳي ٿي پر هوءَ ڪيس ڪو بہ جواب نہ ٿي ڏئي.

ائين زندگي پنهنجي ڊگر تي وڌي رهي هئي، ڪيترو عرصو گذري ويو ٿو تہ هڪ ڏينهن حنان کيس ٻڌائي ٿو تہ هاڻي هو هر ڇنڇر تي آفيس کان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ ايندو رهندو ۽ ماني کائي پوءِ ڳوٺ روانو ٿي ويندو، سنڌيا ان کي بہ غنيمت سمجهي ٿي. من لوڪ کي ڏيکارڻ لاءِ ڪيس ڪنهن حد تائين شرمندگي کان ٿي بچڻو پوندو هاڻي هن کي صرف اها ڳڻتي هوندي آهي تہ ٻڌڻ وارا ڇا چوندا تہ ايتري عمر ۾ شادي ڪيائين اها بہ نہ نڀجي سگهي، ان ڪري جڏي ڪوڙي ڪوڙي رشتي کي گهليندي رهي، حنان هر هفتي ايندو رهيو ڪجهہ دير رهي واپس هليو ويندو هو، هڪ ڏينهن هن ڏاڍي اهتمام سان حنان لاءِ سندس پسند جي ڊش پاڻ وچي تيار ڪئي جڏهن تہ هن جي طبيعت ڪافي ڏينهن کان گهڻي خراب هئي، مختيار منع بہ ڪيس تہ هوءَ ٺاهي وٺندي پر هن تہ اڄ پاڻ پنهنجي هٿن سان حنان لاءِ ڪجهہ ٺاهڻ چاهيو ٿي. ماني تيار ڪري سنڌيا ڪافي ٿڪجي پئي ۽ اچي ڪمري ۾ ويهي ٿي تہ حنان بہ ٿڪل ٿڪل اندر اچي ٿو.

”ڇو اڄ دير ڪيوَ.“

حنان بيزاري مان،

”بس دير ٿي وئي هر ڳالهہ جي وضاحت ضروري آ؟“

”بک لڳي هوندوَ ماني ڪڍرايان.“

”نہ، مان ڳوٺان کائي آيو آهيان دير جو ٿي هئي.“

سنڌيا مايوسيءَ ۽ ڏک وچان ڳاڙهي ٿي وڃي ٿي،

”صرف ۽ صرف تنهنجي ڪري مون تنهنجي پسند جو ڪجهہ ٺاهيو هو ۽ فون تي بہ چيو هوم تہ توهان جي پسند جي ڊش پئي

ناهيان، هفتي ۾ هڪ ويلو تہ مونسان ماني کائڻ لڳا هئا، اڄ ان کان بہ مونکي اڪيلو ڪري ڇڏيوَ.“

”ڇڏ ان فضول بحث کي تون ماني کٽي کائي وٺ.“

”جي اڪيلي ئي کائڻي آهي تہ پوءِ ڪنهن وقت بہ کائي وٺنديس، اهي چند گهڙيون جيڪي خيرات طور احسان ڪندي مونکي ڏيو ٿا نہ، انهن کي تہ محسوس ڪري وٺان.“

سنڌيا جي اهڙي ڳالهہ ٻڌي چڙي ويجي ٿو ۽ چوبس ٿو تہ هوءَ الائي کهڙو فلسفو پئي ڳالهائي ائين چئي صوفي تي اهلجي اکين تي هٿ رکي خاموش ٿي ليٽي پئي ٿو.

سنڌيا پاڻ کي ائين نظر انداز ۽ بي توقير ٿيندو ڏسي هنجون هاري ويهي ٿي،

ڪجھ ئي دير کان پوءِ حنان خراب موڊ سان اٿي ٿو ۽ بي دلي سان خدا حافظ چئي هليو وڃي ٿو. هوءَ سندس پويان گيٽ تائين وڃي ٿي پر هو هن جي موجودگي جو لحاظ ڪئي بغير هليو وڃي ٿو. سنڌيا مئل قدمن سان واپس اچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پوي ٿي، اڄ هوءَ همٿ هاري ويٺي آهي. پنهنجي منهن ۾ٽڪندي چوي ٿي،

”حنان اڄ مون تنهنجي لاءِ دل جا در بند ڪري ڇڏيا آهن، هاڻي مان وڌيڪ ڪوڙا رشتہ نڀائڻ جي بلڪل قائل ناهيان، رشتن جي ڏور ڪمزور ٿيڻ لڳي تہ ڳنڍيون ڏيڻ سان مضبوط ناهي ٿيندي، ان کي ڇني ڇڏڻ ئي بهتر هوندو آهي، پر مان تہ ائين بہ ڪري نہ ٿي سگهان، ڪاش مان هڪ عام گهريلو عورت هجان ها، اهي پنهنجي پسند ۽ ناپسند جي اظهار ۾ ڪيتريون نہ آزاد هونديون آهن، پر حنان هاڻي مونکي تنهنجي انهن لمحن ۽ گهڙين جي خيرات جي ضرورت بلڪل ناهي. هر طرف کان مليل مايوسين ۽ ناڪامين منهنجي اندر ۾ ايڏو تہ واسو ڪيو آهي جو محسوس ڪرڻ ۽ دکي ٿيڻ مونکي ياد ئي ناهي رهيو... تنهنجي انهن چند گهڙين جي چاهت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي هر خوشي، ماءُ مرتبو سڀ ڪجھ داءُ تي لڳائي توسان تنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪيم..... خوش هئس تہ ڏکن جا ڏينهن ختم ٿيا، خبر نہ

هئي تہ آزمائش تہ هاڻي شروع ٿي آهي، مانُ مريادا، عزتِ نفس تہ هاڻي دائو تي لڳل آهن، ان شادي جي قيمت تي بار بار پنهنجي عزتِ نفس کي زخمي ڪندي، ٻين جي مقابلي ۾ حقير هجڻ جو احساس ڪندي روز جيئڻو ۽ مرڻو پوندو..... حنان تو ڪڏهن بہ منهنجي احساسن کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، تو مونکي پٿر جي هڪ بيجان مورتي سمجهيو صرف ان لاءِ نہ تہ مان توکان عمر ۾ وڏي آهيان، ۽ عمر وڌڻ سان شايد جذبہ مري ويندا آهن. احساس فنا ٿي ويندا آهن، باقي صرف مٽيءَ جي پتلي رهجي ويندي آهي جنهن کي نہ درد ٿيندو آهي ۽ نہ ئي اکيون لڙڪ لاڙي سگهنديون آهن. اچ ڪنهن الهڙ دوشيزه سان ناتو جوڙيو ها تہ ان لاءِ هزارين ذميداريون هزارين رشتا ان مٿان قربان ڪري ڇڏيو ها. صرف منهنجي ان مجبوريءَ کي توهان پنهنجي ناپسنديدگي جو سبب سمجهيو آ، مان سڀ ڪجهہ سمجهان ٿي. منهنجو ساٿ توهان لاءِ شرمندگي جو باعث بنجندو آهي.تڏهن تہ ان ڏينهن مون توکي پاڻ سان گڏ شاپنگ تي هلڻ لاءِ چيو تہ تو بهانو ڪري هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪاش! ڪاش! اها سمجهہ مونکي ان وقت اچي ها تہ اڄ مان ائين بي توقير نہ هجان ها.“ سوچيندي سوچيندي الائي ڪيڏي مهل ننڊ ڪجي وچيس ٿي ۽ هنن عذاب ناڪ سوچن مان جند آزاد ٿئي ٿي.

●

هاڻي تہ حنان فون ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. ڪئي ڪئي ڏينهن گذري ويندا هئا هن جي ڪا خبر، نہ چار بس ڇنڇر تي چند گهڙين لاءِ ايندو هو ڪڏهن تہ اهو بہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني نہ ٿو اچي، يا جي آيو تہ ڪڏهن جلدي هليو ويو ائين ئي وقت گذري رهيو هو. هڪ ڏينهن اچانڪ آصف اچي نڪري ٿو تہ هوءَ کيس ڏسي وقتي طور تي سڀ پريشانيون وساري نهايت خوش دليءَ سان ساڻس ملي ٿي ۽ شڪايتي انداز ۾ چويس ٿي تہ هو لاڳيتو وچي لنڊن ويهي رهيو.

”سنڌيا ميم بس ڪجهه اهڙيون مصروفيتون هيون جو رهڻو پئجي ويو. توهان ٻڌايو صفا مرجهائجي ويا آهيو طبيعت ته ٺيڪ آهي نه.“

ڦڪي مرڪ مرڪندي،

”مان ته شايد ٺيڪ آهيان بس توهان وارو دوست ٺيڪ ناهي.“

”ميم مونکي سڀ خبر آهي حنان مونکي حيدرآباد کان ايندي رستي تي مليو هو. هوسخت پريشان ۽ شرمسار هو. ان ئي مونکي توهان سان ملڻ لاءِ تاڪيد ڪيو هو.“

”جيڪو ماڻهو پنهنجو ذميداريون نڀائڻ لائق نه رهي اهو ٻين جي ذمي ته پنهنجا معاملا نه سونپي..... اهو ته ڪو انصاف نه ٿيو.“

”اهڙي ڳالهه ناهي، مون هن کان توهان سان ملڻ جي اجازت گهري ته سندس غير موجودگي ۾ ملي سگهان ٿو ۽ بس.....“

”توهان به ان جي ئي وڪالت پيا ڪيو.“

آصف سمجهي ويجي ٿو ته سنڌيا تمام گهڻي ڏکاري ٿي وئي آهي، هي هنن ٽا ڪيو. هنن ئي ٻنهي کي ويجهو آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. جڏهن ته هنن کي خبر هئي ته حنان زندگي جي معاملن ۾ ڪڏهن به بردبار نه رهيو هو نه انهن کي ڪڏهن سنجيده ورتو هيو هو ته زندگي جي صرف هڪ رخ کي ئي بمشڪل نڀائي سگهيو ٿي. اها اسان ٻنهي دوستن کي ڄاڻ هئي. جي هو هڪ دفعو به همٿ ڪري معاملي کي حقيقت پرئي انداز سان سلجهائڻ جي ڪوشش ڪري ها ته اڄ ٻنهي پاسن کان اهڙي بي يقيني واري حالت نه هجي ها. ڪجهه وقت لاءِ ضرور پريشاني ٿئي ها پر وقت وڏو مرهم آهي سيني جا زخم ڀرجي وڃن ها ۽ هو ائين پهاڙين جي دامن ۾ لِڪي سُڪون تلاش ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو وتي ها. هن هڪ طرف کي پُرسُڪون رکڻ لاءِ ٻئي کي بي سڪون ڪري ڇڏيو آهي. نه صرف ايترو پر پنهنجو پاڻ کي ٻٽي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو اٿس.

هو انهن ئي خيالن ۾ گم هو ته مختيار ڪولڊ ڊرنڪس کڻي اچي ٿي، ٿڌو پئندي آصف کي ڪجهه ياد اچي ٿو.

”آپا جي توهان پنهنجو سمجهو ته ڪجهه دير لاءِ مونسان مال تائين هلو توهان جي آئوٽنگ به ٿي ويندي ۽ مان ڪجهه شاپنگ به ڪري وٺندس.“

سنڌيا جون اکيون حسرت ۽ ياس سان پرجي اچن ٿيون،

”لڳي ٿو ته توهان جي دوست صاحب مونکي شاپنگ ڪرائڻ جي ذميداري به توهان کي سونپي ڇڏي.“

”او... نو... نه نه سنڌيا ميم اهڙي ڪا ڳالهه ناهي توهان هروڀرو حنان تي ناراض پيا ٿيو. ڇڏيو موڊ ناهي ته ڪچهري ٿا ڪيون.“

”نه نه هلو مان ٿورو فريش ٿي وٺان،“ هوءَ مختيار کي سڏي تياري ڪرڻ لاءِ چوي ٿي.

●

حنان جي ان ڏينهن واري رويي جي ڪري سنڌيا تمام گهڻي نا اميد ٿي وئي هئي. هن جي طبيعت به خراب رهڻ لڳي هئي گهڻوئي ڪوشش ڪندي هئي ته هوءَ پاڻ کي مصروف رکي ۽ اهڙن خيالن کان پاسو ڪري جيڪي سواءِ ڏک ۽ بيوسي جي هن کي ڪجهه به ڏئي نه ٿي سگهيا. پر ڏينهون ڏينهن هن جي پيڙائن ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو. هن کي پنهنجو ائين ٻين جي مقابلي ۾ نظر انداز ٿيڻ جهوري رهيو هو. هوءَ نه هجڻ جي باوجود شديد احساس ڪمتري ۽ احساس محرومي جي ور چڙهندي پئي وئي. ان ڏينهن به هوءَ اهڙن ئي احساسن جي زيرِ اثر ويٺي دور خلائن ۾ ڪجهه تلاش ڪري رهي هئي ته رابعه ڪمري ۾ گهڙِي آئي ۽ سندس پويان آصف به ڪجهه توقف کان پوءِ اندر هليو آيو. پر سنڌيا اهڙي ته گم هئي جو هن کي سندن اچڻ جي ڪل ئي نه پئي، ڪجهه گهڙيون رابعه کيس اهڙي حالت ۾ ڏسندي رهي، آخر هن کان رهيو نه ٿيو.

”ڇو ائين گم سم ۽ ويڳاڻي لڳي ويٺي آهين.“

پيڻ جو آواز ٻڌي هوءَ خيالن جي دنيا مان ٻاهر اچي وئي ۽ ڦڪي مرڪ مرڪندي چوڻ لڳي، ”آپا اهڙي ڳالهه ناهي مان بلڪل خوش آهيان، بس الائي ڇو توهان جي اچڻ جي خبر ئي نہ پئي.“

آصف کي ڏسندي، ”آصف بہ آيو آهي ڇا.“ هوءَ کين ويهڻ لاءِ چوي ٿي.

آصف هن جي اهڙي بردباري ۽ هڪدم پاڻ سنڀالڻ جو انداز ڏسي سوچي ٿو تہ ڪيڏي نہ سمجهدار عورت آهي، ان جي جاءِ تي ڪا ٻي هجي ها تہ پيڻ جي اهڙي همدردانہ انداز تي  پنهنجو دکڙو روئڻ شروع ڪري ها.

رابعہ کيس جلدي تيار ٿيڻ لاءِ چوي ٿي تہ بابا نيڪ ناهي اوڏانهن وڃڻو آهي، هوءَ نتائڻ جي ڪري ٿي پر رابعہ هڪ بہ نہ ٿي ٻڌيس، مجبورن هوءَ چينج ڪرڻ لاءِ اٿي وڃي ٿي.

گهر پهچن ٿيون تہ شوڪت علي جي طبيعت واقعي نيڪ نہ هئي. هو ڪافي ڪمزور لڳي رهيو هو. جهيڻي آواز ۾ هنن کان پڇي ٿو، ”احمد کي ڇيم تہ سنڌيا کي فون ڪري.“

رابعہ شڪايتي انداز ۾ چوي ٿي،

”ڇو بابا اسان جي سڪ نہ لڳيو باقي سنڌيا تہ توهان جي لاڏلي آهي نہ، پر احمد تہ مونکي فون ڪئي تہ توهان جي لاڏلي بيگم فون نہ ٿي کڻي، وڃي کيس ڏسي اچان.“

شوڪت رابعہ جي شڪايت ٻڌي کلي ڏئي ٿو.

”پُٽ تون تہ منهنجي وڏوهر ڌيءَ آهين. تو ۽ مون تہ گڏجي هنن جي ماءُ جي ڪمي پوري ڪئي آهي، بس سنڌيا گهڻو ٻاهر رهي آهي نہ، ۽ هاڻي بہ گهر ۾ اڪيلي رهي ٿي، ان ڪري هر وقت ان جي ڳڻتي رهي ٿي.“

اجان شوڪت ايترو ئي چئي سگهيو هو تہ سنڌيا ڊوڙي وڃي پيءَ کي ڀاڪر پائي ٿي، سندس اکين مان اندر جا سڀ درد ڳوڙها بنجي ٻاهر نڪري اچن ٿا. هوءَ پيءَ جي جهوليءَ ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري روئي ٿي. آصف هن جي اها ڪيفيت ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ الائي ڇو

هن جي درد جو ذميدار هو پاڻ کي پائيئين ٿو هو اتي ويهي نہ ٿو سگهي، ٻاهر نڪري وڃي ٿو. شوڪت حيران پريشان ڏيءَ جي سڏڪڻ جي آواز ۾ هن جي درد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

سنڌيا جي طبيعت ڏينهون ڏينهن خراب رهڻ لڳي آهي، ان ڪري هن آفيس مان بہ موڪل ڪري ڇڏي آهي، هڪ شام جو هوءَ ڪنهن ميگزين جي ورق گرداني ڪري رهي هئي تہ خلاف معمول حنان ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو هوءَ ائين اوچتو ڪيس ڪمري ۾ ڏسي ان کي پنهنجي اکين جو دوکو سمجهي ٿي ۽ حيرت مان سندس لبن مان "توهان....!" جو لفظ نڪري ٿو تہ حنان بہ توقع جي خلاف پيار ڀرئي لهجي ۾ چويس ٿو.

"ڇو مونکي پنهنجي زال جي گهر اچڻ جي اجازت وٺڻي پوندي ڇا....؟"

هن جي لهجي جي ميناج سنڌيا کان سڀ گلا شڪوه وساري ڇڏيا،

"مون ائين تہ نہ چيو توهان اڄ خلاف توقع شام جو آيا تڏهن..... خير، توهان جو اڄ جنم ڏينهن آ نہ، سوچيو هوم تہ صبحاڻي توهانجي آفيس وڃي اتي ڪيڪ ڪٽرائيندس."

حنان اهو ٻڌي مسڪرائي پيار ڀرين نگاهن سان ڪيس ڏسي ٿو.

"ڇئبو تہ منهنجو برٿ ڊي توهان کي ياد هو.. اسان ڳوٺن جا ماڻهو ڪٿي ٿا اهڙا ڏينهن ملهايون، ڇاواسين اهوئي ڪافي آهي، هر سال ان جي خوشي جو اظهار ڪرڻ، ان جو پاڻ وٽ رواج ئي ڪونهي."

"پر منهنجي رواج ۾ تہ آهي نہ، اهو چئي بيڊ تان اٿي ٿي ٿوري دير پهرين جي مٺي جي تڪليف بہ وسري وڃيس ٿي خوشي مان ٻئي ڪمري ۾ وڃي ڪيڪ ۽ حنان لاءِ آندل گفٽ ڪڍي اچي ٿي، مختيار پڪوڙا، سنيڪس ۽ ڪولڊ ڊرنڪس ڪڍي اچي ٿي، ڪيڪ حنان آڏو رکي ٿي حنان هنجي دل رکڻ لاءِ خوشيءَ سان ڪيڪ ڪٽي هڪ پيس ڪيس کارائي ٿو.

گفٽ ڪڍي، "هي ڇا آهي...."

”توهان لاءِ موبائيل ۾ نئين سم آهي، هن ۾ صرف منهنجو ۽ توهان جو نمبر آهي، گاڏيءَ ۾ رکي ڇڏجو هي صرف منهنجي لاءِ آهي.“

”اوڪي ميم..... مان هاڻي هلندس، پنهنجو خيال رکجو ۽ مختيار کي وٺي وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچجو.“

سنڌيا ضد ڪندي چوِيس ٿي،

”نہ صبحاڻي ڇنڇر آهي نہ، توهان ايندا تہ پوءِ هلنداسين.“

”سنڌيا توهان ٺيڪ ناهيو ان ۾ ضد جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. چيم نہ تہ وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچجو.“

”چيم نہ تہ مان اڪيلي ڊاڪٽر ڏي نہ ويندس، مونکي پنهنجي بيماري ڪنهن کي ٻڌائيندي عجيب لڳندو آهي، جڻ مان پنهنجي وجود جي ڪنهن حصي جي پاڻ پئي گلا ڪيان.“

”توهانجو بہ عجب فلسفو آ زندگي گذارڻ جو. جيئن توهان جي مرضي، مان هلان ٿو.“

ائين چئي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

ان ڇنڇر تي معمول موجب حنان کي ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ اچڻو هو ليڪن سنڌيا انتظار ڪندي رهي پر هو نہ اچڻو هو نہ آيو مختيار اچي ڪيس چيو تہ ڊرائيور کي سائين تاڪيد ڪري ويو هو تہ توهان کي اسپتال وٺي وڃي، اهو پڇي ٿو تہ هلندا تہ گاڏي تيار ڪري، پر سنڌيا صاف انڪار ڪري ڇڏيو تہ ڪيس ڪيڏانهن بہ ناهي وڃڻو ۽ تہ هوءَ ايڏي بيمار ناهي جو هڪ ڏينهن نہ وئي تہ ڪا قيامت اچي ويندي، هوءَ شڪايتي لهجي ۾ مختيار کي چوي ٿي، ”ڌڻئي پنهنجي سائين کي ڪالهہ معمول کان علاوه آيو تہ ان جي حساب ۾ اڄ ناغو ڪري ويو. جڻ تہ منهنجي لاءِ صرف اهي چند ڪلاڪ ئي مخصوص آهن، هونئن تہ بهانو گهر وارن جو ڪندو آهي تہ انهن جي ڪري نہ ٿو اچي سگهي، باقي سنگت ساٿ سان الائي ڪٿي ڪٿي گهمندو وتندو آهي. جي انهن جو بهانو ڪري هڪ بہ راتيون هتي رهي پوي تہ ڪير پويان لڳو

ٿو وتيس. بس اھي سڀ مونکان پري رھڻ جا بھانا آھن، ورنہ ھيترو عرصو گذري ويو آھي گھر جي ماحول کي سيٽ ڪري نہ ٿو سگھي.

”آپا مرد تہ بہ چا ٿي ٿي زالون پرٽبا آھن، سيني کي ھڪڙي ڏاڍي سان ٻڌي ھلائيندا آھن. مجال آھي جو فرق اچڻ ڏين، ھونئن بہ جي مرد ٻنھي پاسي حق نہ ڪري سگھي، تہ ڪنھن جي حياتي ائين برباد تہ نہ ڪري، قيامت ۾ حساب تہ پاڻ کي ڏيڻو پوندن نہ. اتي زالون ڪون اچي ڇڏرائينديون.“

”بس ڇڏ انھن ڳالھين کي مون حنان سان اڻ موٽ محبت ڪئي آھي. مونکي کيس محبت ڪرڻ کان دنيا جي ڪابہ طاقت روڪي نہ ٿي سگھي، اھا تہ مونکان ڪير کسي نہ ٿو سگھي نہ، خود حنان بہ نہ.“

ائين انتظار ڪندي ڪئي ڏينھن گذري وجن ٿا تہ ھڪ ڏينھن حنان فون ڪري چوي ٿو تہ ھو رستي ۾ آھي، بس پھچڻ وارو آھي، اج ڪجھ چٽپٽو کائڻ تي دل پئي چاھي پليز ڪجھ نھرائي ونجو. فون بند ٿي وڃي ٿي، سنڌيا حنان جي اچڻ جو ٻڌي پنھنجي بيماري تڪليف سڀ ڪجھ وسري وڃي ٿي. خوش ٿي اٿي ٿي ۽ مختيار کي مصالحو ڪٽڻ لاءِ چوي ٿي، مختيار کيس گھڻو ئي سمجھائي ٿي سائين ناراض ٿيندو مان ناھي ٿي وٺان پر ھوءَ ڪا ڳالھ ٻڌڻ لاءِ تيار ناھي،

”چري منھنجو مڙس ايترن ڏينھن کان پوءِ فرمائش ڪري ۽ مان بيماري جو بھانو ڪري سمھي پوان، بس تون جلدي سڀ شيون ڪٽي ڪچن ۾ ھل، مان پاڻ تيار ڪندس، ھوءَ جلدي ۾ پڪوڙا ۽ ھڪ بہ ٻيون شيون تيار ڪري وٺي ٿي، ان وقت گاڏي جو ھارن وڃي ٿو تہ ھوءَ مختيار کي ڪجھ سمجھاڻي پاڻ گيٽ کولڻ وڃي ٿي، حنان جو موڊ ڪافي خوشگوار آھي، فروٽ سان ڀريل ڪجھ شاپر کيس ڏئي ٿو ۽ پاڻ جھونگاريندو لان چيئر تي اچي ويھي ٿو

”توھان ھٿ منھن ڌوئي فريش ٿي ونو تہ مان چانھ لڳرايان ٿي.“

”سنڌيا توھان جي طبيعت ٺيڪ ناھي توھان ويھو، آصف ٻڌايو پئي تہ ڊاڪٽر آيو ھو ان توھان کي گھڻو ھلڻ کان منع ڪئي آھي.“

”ڇڏيو ڊاڪٽرن جي ڳالهين کي، ان ڏينهن آصف هرويرو ڊاڪٽر کي وٺي آيو پلا ڏسو نہ تڪليف مونکي مٿي ۾ آهي، هلڻ سان چاٿيندو، توهان جلدي فريش ٿي اچو نہ تہ پڪوڙا ٿڌا ٿي ويندا.“

حنان جلدئي فريش ٿي ٻاهر اچي ٿو تہ سنڌيا مختيار کي چانهہ ناهڻ جو چئي پاڻ ٽري ۾ شيون کڻي اچي ٿي تہ ان ئي وقت فون جي گهنٽي وڃي ٿي. حنان فون کڻي ڳالهائي ٿو تہ هوءَ ڪچن وٽ ئي بيهي رهي ٿي، حنان پهرين آهستي ۽ پوءِ تيز تيز ڳالهائي ٿو ۽ فون بند ڪري ڇڏي ٿو. سندس چهري تي پريشاني نمايان آهي ۽ موڊ سخت خراب ٿي وييس ٿو، سنڌيا ڪجهہ نہ سمجهندي آهستہ قدمن سان اچي ٽري ميز تي رکي ٿي، کيس ڏسي حنان تيز لهجي ۾ چوي ٿو.

”هي ڇا اوٽ پٽانگ شيون کڻي اچي رکيون اٿوَ مون وٽ توهان جا اهي نخرا برداشت ڪرڻ جو وقت ناهي، چانهہ هجي تہ ڏيو مونکي دير ٿي ٿئي ڳوٺ لاءِ ڪجهہ سامان وٺڻو آهي.“

سنڌيا حيران ٿي حنان جي بدلجندڙ موڊ کي ڏسي ٿي اکيون پرجي اچنس ٿيون.

”بس هاڻي ڊرامو ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي، چانهہ آهي يا مان وڃان.“

مختيار جلدي چانهہ جو ڪوپ سندس آڏو رکي ٿي تہ هو ساسر ۾ لاهي پيئڻ لڳي ٿو، اڄ سنڌيا جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي وڃي ٿو هن هميشہ سنو آهي پر اهڙو توهين آميز رويو هن جي برداشت کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو. پوءِ بہ ڪمال ضبط جو مظاهرو ڪندي تلخ لهجي ۾ چوي ٿي.

”آرام سان چانهہ پيو توهان تہ ساسر ۾ ڪڏهن ناهيو پئندا، کهڙي تڪڙ آهي، فون ڇا آئي سڀ ڪجهہ وسري ويو.“

حنان هڪ لفظ بہ ڳالهائي بغير اڌ پيتو اڌ هاريو جي مثل ڪوپ رکي بنا ڪجهہ چوڻ، موڪلائڻ جي بغير تڪڙو ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ سنڌيا صدمي جي حالت ۾ چپ چاپ ڪڏهن ناهيل شين کي ۽ ڪڏهن کليل گيٽ کي واٽڙن وانگر ڏسندي رهجي وڃي ٿي. سندس مٿو سور ۾ ڦاٽڻ لڳي ٿو. ڪرسي کي پڪڙي ويهي رهي ٿي، مختيار

سندس اهڙي حالت ڏسي ٻوڙي اندر وجي ٿي ۽ سندس دوائون کڻي اچي ٿي ۽ منع ڪرڻ جي باوجود زوري کيس کارائي ٿي ۽ ٻانهه کان وٺي اٿاري ڪمري ڏانهن وٺي وڃيس ٿي.

●

”سڄڻ توکي خبر ڪهڙي ته منهنجي اها رات ڪيئن گذري،“

هر لمحي پنهنجي بي وسي ۽ ڪم مائگي جو احساس هن جو جيءَ جهوري رهيو هو. هن دل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ پيڊ ۽ قلم کڻي لکڻ شروع ڪيو ۽ ان خط ۾ پنهنجي درد جي هر احساس کي اوتي ڇڏيو. ڪاغذ تي قلم هلندو رهيو ۽ هن جي پيڙا ۾ ٽڏاڻ ايندي وئي، خط لکي لفافو بيڊ جي خاني مان ڪڍي ان ۾ رکيو ۽ مختيار کي سڏي چيو ته ڊرائيور کي چوي ته هي آصف صاحب کي پهچائي اچي. هوءَ هاڻي آصف کي ئي پنهنجو هڏ ڏوکي سمجهڻ لڳي هئي. ان سان پنهنجي اندر جو حال اورڻ ۾ کيس ڪا هٻڪ نه ٿيندي هئي ۽ اهو به هن جي حالت کي سڀني پائرن ۽ سٺي دوست جيان سمجهي سگهندو هو. کيس خط موڪلي هوءَ ڪجهه قدر پاڻ کي پُر سڪون محسوس ڪرڻ لڳي، مختيار هن کي ائين ڏسي دل ئي دل ۾ هن کي آفرين ڏيڻ لڳي ته هيءَ عورت ڪيئن سڀ ڪجهه پاڻ تي سهي ٻين جي لاءِ ڪنهن به پريشاني جو باعث نه ٿي بنجي.

”آپا ڪجهه کائيندئو ته کڻي اچان.“

انڪار ڪرڻ تي ڪافي ناهي کڻي اچي ٿي ۽ زوري کيس پياري ٿي. مختيار جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ وري بي ٽُڪين سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿي،

”حنان اگر توکي گهران ڪا امرجنسي فون آئي ته پلا ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور. تون ته هونئن به منهنجي زندگيءَ ۾ هاڻي نالي ماتر ئي موجود آهين. شادي کي ڪيترا سال ٿي ويا آهن. ليڪن تو انهن سالن ۾ مونسان ڪجهه ڏينهن به سچا ناهن گذاريا. پوءِ به مان

تنهنجي گهر وارن جي نڙيءِ ۾ ڪنڊو بنجي ڇو ڦاسي پئي آهيان.... مون ڪڏهن توکان زال هجڻ جو ڪو حق ناهي گهريو. ڪنهن ٻئي جي حق تلفي ناهي ڪئي پوءِ ڇو.... آخر منهنجو به ڪو عزتِ نفس آهي، تون ائين نوڪرن جي آڏو مونکي بي توقير ڪري هليو وئين، ڇو ڇو.... مان به بلڪل ٻين وانگر احساس رکان ٿي، مونکي به ڏک ٿئي ٿو ڇا عمر وڏي ٿي وڃڻ سان درد جو احساس مري ويندو آهي، عزتِ نفس مجروح ناهي ٿيندو. پوءِ تون مونسان هميشه اهڙو رويو ڇو رکندو آهين جڻ آءُ پٿر جي مورتي هجان، احساسن ۽ جذبن کان عاري.“ هوءَ روئندي رهي ٿي ۽ سوچيندي رهي ٿي.

ائين ئي هڪ ڏينهن حنان گهڻن ڏينهن کان پوءِ آيو هو ته سندس موڊ ڪجهه ٺيڪ نه پئي لڳو. سنڌيا کيس رليڪس ڪرڻ جي خاطر هڪ ننڍڙو مذاق ڪيو ته هو مڇرجي ويو هو ۽ زندگي ۾ پهريون ڀيرو هُن اهڙا لفظ استعمال ڪيا، جنهن کي ٻڌي سنڌيا جو دماغ سُن ٿي ويو. هوءَ ائين خاموش ٿي وئي هئي، جڻ هن کان ڪا عظيم غلطي سرزد ٿي وئي هجي، سندس سيني ۾ جڻ ڪنهن تيز نشتر ٽنبي وڌو هجي، مغز ۾ ڄڻ هٿوڙا لڳي رهيا هجن. هوءَ شرمسار ٿي رهي هئي ان ڳالهه تي ته اهي لفظ حنان جي زبان مان نڪتا هئا. جيڪو هميشه محبت کان وڌيڪ سنڌيا جي عزت ڪندو هو. سنڌيا ڪجهه چوڻ کان سواءِ چُپ چاپ اتان اُٿي ڪچن ڏانهن هلي وئي هئي.

●

ڪيترن ڏينهن کان پوءِ شام جي وقت ٻاهر گاڏيءَ جو هارن وڳي ٿو ته مختيار جي واتان نڪري وڃي ٿو ته شايد سائين آيو آهي. سنڌيا اداسي مان چوي ٿي:

”سائين هاڻي هيڏانهن ڪٿي ٿو اچي. مون ته آسرو ئي لاهي ڇڏيو آهي، اچي نه اچي سندس مرضي آهي، مان نه ته هاڻي کيس فون ڪنديس نه اچڻ لاءِ چونديس.“

حنان اندر ڪمري ۾ گهڙي اچي ٿو سنڌيا کي ائين بيمار بيڊ تي ليٽيل ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ مختيار کان پڇي ٿو ڇا ٿيو آ ميڊم کي؟

مختيار ڪو جواب ڏئي بغير ڪمري مان کسڪي وڃي ٿي ته سنڌيا ڪوشش ڪري اٿي ويهي ٿي.

”توهان کي خبر آهي ته توهان گهٽ ڏينهن کان پوءِ آيا آهيو؟ ۽ اهو به پڪ ڪلاڪ اڌ لاءِ.... ڇو ٿا هر روز آس ڏياري نراسائي ۾ وجهو.... آخر اهو ڪيستائين هلندوَ...؟ ۽ مان توهان جو ائين انتظار ڪندي رهنديس. توهان جي زندگي ۾ هاڻي مون لاءِ ڪا به جڳهه ناهي ته پوءِ هن بي معنيٰ رشتي کي ڇو پيا گهليو؟“

”سنڌيا مان توهان کي ڪيئن سمجهايان..... ڏسو نه، توهان جي طبيعت به خراب رهڻ لڳي آهي، توهان ڊاڪٽر کي ڇو نه ٿا ڏيکاريو.... هلو مان ٿو ڏيکاري اچان، اهوئي ضد اٿوَ نه.“

سنڌيا بيڊ تان اٿي پر ۾ پيل ڪرسي تي ويهندي حسرت سان سندس هٿ جهلي روئڻهارڪي انداز ۾ چوي ٿي.

”حنان مونکي صرف توهان جي ضرورت آهي مان ڪنهن به ڊاڪٽر کي نه ڏيکاريندس.... مان توهان سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿي. توهان سان ڊگهي ڊرائيو تي وڃڻ چاهيان ٿي، مونکي صرف توهان جو وقت کپي، مان دل جو هر حال توهان سان اورڻ چاهيان ٿي. منهنجي ڳالهه سمجهو ڇو ڪونه ٿا، جي مون پنهنجي انهن حسرتن، آرزوئن، تمنائن کي وڏيڪ پنهنجي من اندر سانڍي رکيو ته منهنجي اندر ۾ قيامت خيز طوفان اٿندا جيڪي منهنجي وجود کي تهس نهس ڪري ڇڏيندا، ذهن جا پردا ڦاٽي پوندا.“

حنان نرمي سان هن جو هٿ پري ڪندي،

”سنڌيا توهان الائي ڇو نه ٿا سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو مان في الحال هن کان وڌيڪ وقت توهان کي نه ٿو ڏئي سگهان. هلنداسين ڪڏهن لانگ ڊرائيو تي... مان ڪوشش ڪيان پيو ته توهان لاءِ وقت ڪڍي سگهان.“

سنڌيا مايوس ٿي وڃي ٿي. ۽ ان کان پوءِ ڪجهه به نه ٿي چوي.
مختيار چانهه کڻي اچي ٿي، چانهه پي اٿندي چوي ٿو
”توهان ڊاڪٽر کي ضرور ڏيکاري اچجو. مان آصف کي به چوندس..... مائي مختيار تون ڊرائيور کي وٺي، ميڊم کي ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچجانءِ. هي اسپتال جي ائڊريس ڏئي ٿو ۽ وڃان ٿو هي فون نمبر وٺ. مئڊم ته فون ڪندي ڪون، ضرورت پوي ته مونکي فون ڪري ونجانءِ.“
اهو چئي هو ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ سنڌيا دور ٿيندي ڪيس حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندي رهي ٿي.

●

وقت جو ڦيٿو ڦري ٿو حنان ان ڏينهن کان پوءِ ڪئي ڏينهن جي ناغي کان پوءِ وري ايڪڙ ٻيڪڙ اچڻ شروع ڪيو آهي پر هاڻي سنڌيا جو رويو حنان سان هڪ مهمان کان وڌيڪ نه رهيو آهي. هن هر شڪايت اندر ۾ سانڍي خاموشي سان وقت گذارڻ جو اصولي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ وڌيڪ بي توقير ٿيڻ جي پاڻ ۾ همٿ نه ٿي پائيئين.
اڄ هنن جي ان نالي ماتر رهجي ويل شادي کي اٺ سال پورا ٿي ويا آهن. خبر ناهي ڇو هن جي دل ۾ اها ڳالهه اچي ويئي آهي ته اڄ حنان سڀ ويڇا وساري هميشه جيان ضرور ايندو. پاڻ سان گڏ ڪوڙ ساريون شيون، ڪيڪ وٺي ايندو ۽ چوندو ته،
”سنڌيا ميم توهان کان وسري ويو ڇا، اڄ اسان جي شادي ٿي هئي.“
اهو سوچي پئي ته مختيار اندر اچي ڪيس ڪيلينڊر ڏي نهاريندي ڏسي چوي ٿي.
”آپا وري پيا ڪيلينڊر ڏي نهاريو.“

”ها اج اسان جي شادي جي ائين سالگرهہ آهي، مونکي فون ڏي تہ سائينءَ کي ٻڌايان.“

مختيار فون کڻي ڏئيس ٿي.

نمبر ملائي،

”هيلو حنان پوءِ اج اچو ٿا نہ.“

”اج...! ڇو خير تہ آهي نہ.....“

هجت ڀرئي نموني،

”سائين منهنجا ياد ڪيو.... اج ڪهڙو ڏينهن آهي.“

”مونکي تہ ياد ناهي.... ڇا ٿيو آ اڄوکي ڏينهن کي......“

سنڌيا سخت مايوس ٿي وڃي ٿي،

”ٺيڪ آ ٺيڪ آ، توهان کي ياد اچي تہ اچي وڃجو.“

حنان بيرخي مان،

”سنڌيا ميڊم مان آفيس ۾ ڪم پيو ڪيان، جلدي ٻڌايو مونکي ڪجھہ ياد نہ پيو اچي.“

”حنان تون ڪيڏو نہ بدلجي ويو آهين.... تو تہ مونکي مايوسين مان ڪڍڻ لاءِ مونکي سهارو ڏنو هو، ليڪن توئي مونکي بي رخين جي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آ... توکي اج اهو ڏينهن بہ ياد ناهي. اج اسان جي شاديءَ جي سالگرهہ آهي، اسلام اباد ۾ ڪيڏو نہ چاهہ سان وٺي هليو هئين ان ڏينهن کي سيليبريٽ ڪرڻ لاءِ.“

”اوهہ سنڌيا آءِ ايم سوري... مونکي بلڪل ياد ناهي رهيو، هونئن بہ اسان ڳوناٽا اهڙين ڳالهين کي ڪٿي اهميت ڏيندا آهيون... چڱو هاڻي توهان آرام ڪيو، مان ايندس ڪنهن ڏينهن پوءِ اطمينان سان ڳالهيون ڪنداسين.“

چئي فون بند ڪري ڇڏي ٿو تہ سنڌيا حيرت سان فون کي ڏسي ٿي. ڪنهن شاعر جو هي شعر سندس لبن مان نڪري ٿو:

ملڻ واري موسم، وڇوڙا اکين ۾،<br>
اوهان ئي رهو ٿا، اڪيلا اکين

۾،

سموري حياتي نہ مرڪي
سگھياسين،
اوهان ڏانهن ڏسندي بہ ڳوڙها
اکين ۾

اڇانڪ سندس مٿي جي تڪليف وڌي وئي ٿي. دماغ مائوف ٿيندو پيو وڃي، ڪيس لڳي ٿو تہ هوءَ سمنڊ جي اٿاهہ گهراين ۾ گم ٿيندي پئي وڃي، ڪناري تي بيٺل ماڻهو شايد ڪيس سڏي رهيا هئا. پر هوءَ جواب نہ پئي ڏئي سگهي، نہ واپس وري پئي سگهي، ڪنارو شايد پري رهجي ويو هو. سندس اکيون بند هيون، پر ڪيس خبر هئي تہ هوءَ اونهي سمنڊ جي گهرائي ڏانهن وڌندي پئي وڃي، سندس وجود لهرن جي رحم وڪرم تي وهي رهيو هو پر هوءَ بي وس ٿي وئي هئي، نہ ڪو بچاءُ لاءِ سهارو هو نہ ئي ڪو ڪنارو. شايد هي آخري پَل آهي، زندگي ۽ موت جي وچ ۾ هڪ پُل، هن جي دماغ، گهراين ۾ ويندي سوچيو اهو پل پاڻيءَ جي ان بوٽيي وانگر آهي، جنهن ۾ سموري جيون جا رنگ قيد آهن، جي هوءَ اکيون کولي ٿي تہ هڪ هڪ واقعي کي ڏسي سگهي ٿي. پر هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون، پوئتي مُڙي نهارڻ مان ڪهڙو فائدو، هوءَ هن وقت جنهن مقام تي پهتي آهي. اتي نہ تہ ڪو ماضي آهي نہ ڪو مستقبل، هوءَ زندگي کان آزاد ٿيڻ لاءِ وڃي رهي آهي، هي سندس وجود جي آزاديءَ جو واحد لمحو آهي، جيڪو الائي ڪيترو مختصر يا طويل ٿي سگهي ٿو هن بي تعلقيءَ سان سوچيو. حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ هوءَ انهن سڀني احساسات کان بي نياز ٿي چڪي هئي، خوشيون، ڏک زندگيءَ جي روشني ۽ موت جي اونداهي سڀ بي معنيٰ هئا. اگر ڪو احساس باقي هو تہ اهو هو هنن سڀني کان بي پناهہ نجات جو احساس، تڏهن ئي هوءَ بي ڊپي ٿي انهن بي پناهہ اونهاين ۾ گم ٿيندي پئي وئي.

مختيار ڪمري ۾ آئي تہ هن کي ائين بي خبر ڏسي هن جا تہ هٿ پير ٺري ويا. جلدي ڊرائيور کي سڏيائين ۽ ٻنهي وڏي مشڪل سان وٺي کيس اسپتال پهچايو ۽ اتي پهچڻ کان پوءِ هنن حنان کي فون

ڪئي ۽ آصف جو نمبر ملائي سڄي صورتحال ٻڌائي. چيو ته هو سندس گهر وارن کي ٻڌائي ۽ جلدي اسپتال اچي، ڪجهه ئي دير ۾ سڀ پهچي ويا. سنڌيا ان وقت آءِ سي يو ۾ هئي شوڪت علي جي حالت سخت خراب هئي، طارق ۽ احمد کيس دلداري ڏئي رهيا هئا ته هن جي پياري ڌيءَ کي ڪجهه نه ٿيندو هوءَ جلدي هوش ۾ اچي ويندي، هو ٻئي سمجهائي ڪري کيس گهر وٺي وڃن ٿا. ڪومل ٻه کيس سنڀالڻ لاءِ گهر هلي وڃي ٿي، رابعه متي کي هٿ ڏئي سوچي ٿي ته هي هنن کان ڇا ٿي ويو.

ڪجهه ئي دير ڪانپوءِ حنان ٿڙندو ٿاٻڙندو اسپتال پهچي ٿو دور پري هڪ بينچ تي مختيار ڏڪاري ويٺي آهي. حنان هن کان پڇي ٿو

”ڇا ٿيو آ ميڊم کي...“

هن کي ڏسي مختيار جو صبر موڪلائي وڃي ٿو هوءَ ڪو لحاظ ڪئي بغير ڏک ۽ ڪاوڙ ۾.

”بس سائين، آپا ٻه آخر انسان آهي، ڪيستائين سهي ها.... توهان ته اسلام آباد مان اچڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن ٻه کيس نه ڏنو ويچاريءَ نوڪرن جي آسري پئي زندگي ڪاٽي، اڄ صبح کان تياري پئي ڪيائين ته اڄ اسان جي شادي جي سالگرهه آهي، سائين ۽ مان ويندا سين.... ڊگهي ڊرائيونگ تي، مان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪرڻ ٿي چاهيان. اندر جون سڀ ڳالهيون جيڪي سالن کان سانديو پئي وتان، صبح کان ڪيڏو نه خوش هئي، پاڻ اٿي پنهنجا ڪپڙا ڪڍيائين، توهان لاءِ آندل جوڙو ٻاهر ڪڍي رکيائين ۽ پوءِ توهان کي فون ڪيائين.“

الائي ڪيڏي مهل احمد ۽ طارق موٽي آيا ۽ رابعه سان گڏ اچي اتي پهتا، مختيار جون ڳالهيون ٻڌي رابعه ته روئي ڏنو طارق ۽ احمد کي ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳي پر موقعي جو لحاظ ڪندي خاموش ٿي ويا، ان وقت ڊاڪٽر ٻاهر آيو ته حنان ڊوڙي وڃي ڊاڪٽر کان پڇيو

”ڊاڪٽر صاحب ڇا ٿيو آ سنڌيا کي...“

”نروس بريڪ ڊائون.... مريضہ هوش ۾ تہ آهي، ليڪن مسلسل ذهني دٻاءَ جي ڪري هوءَ سوچڻ سمجهڻ جي قوت وڃائي ويٺي آهي، بلڪہ مان اهو چوندس تہ هوءَ وڌيڪ سوچڻ سمجهڻ چاهي ئي نہ ٿي.“

حنان جو چهرو اڃي هرک جهڙو ٿي ويجي ٿو طارق ڪاوڙ ڀرين نظرن سان ڪيس ڏسي ٿو. ۽ احمد کي ساڻ ڪري ڊاڪٽر جي پويان سندس ڪيبن ۾ هليا وڃن ٿا ۽ ان ڪان سنڌيا جي حالت جي متعلق تفصيل سان پڇن ٿا.

”منهنجي خيال ۾ سنڌيا صاحبہ جي نروس بريڪ ڊائون ٿيڻ جو سبب نفسياتي آهي، زندگيءَ ڪان فرار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش آهي، ذهني دٻاءُ جڏهن هن لاءِ ناقابلِ برداشت ٿيڻ لڳو تہ هن اهڙي طرح درد ۽ زندگي ٻنهي ڪان پيڇو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، هن ڪجهہ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ڪان قطعي انڪار ڪري ڇڏيو آهي.“

ٻئي طرف آصف حنان کي تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هو روئڻهارڪو ٿي چوي ٿو.

”آصف تون سچ ٿو چوين مان ڏوهي آهيان سنڌيا جي آرزوئن جو، تمنائن جو، پر ڪجهہ شيون پنهنجي وس ۾ ناهن هونديون، بعض حالات ۾ انسان خود پنهنجو تماشائي بنجي ويندو آهي، مان بہ پنهنجي حالات جي تبديلين جو تماشائي بنيو رهيس، هي عورت سنڌيا پنهنجي سموري معصوميت ۽ سچاين سميت منهنجي قريب ايندي وئي. تو هميشہ مونکان پڇيو تہ مان سچ چو نہ ٿو ڳالهايان، پنهنجي محبتن جو اقرار ڇو نہ ٿو ڪيان، اڄ جڏهن گهڻي دير ٿي چڪي آهي، شايد منهنجي اقرارڪرڻ يا نہ ڪرڻ سان ڪوبہ فرق نہ پوندو پر مان چوڻ چاهيان ٿو تہ تو بلڪل ٺيڪ چيو هو تہ جيڪي ماڻهو محبت جو اعتراف نہ ٿا ڪن، اهي شايد محبت ئي نہ ٿا ڪن، يا وري کين محبت جي پائداريءَ جو يقين ناهي هوندو. اڄ مونکي ان ڳالهہ جو يقين اچي ويو آهي تہ مونکي سنڌيا ميم سان همدردي نہ پر محبت آهي، شديد محبت، اهڙي محبت جيڪا اڄ تائين مون ڪنهن بہ رشتي سان ناهي ڪئي.“

ٻئي ڏينهن سنڌيا کي آءِ سي يو مان اسپيشل وارڊ جي روم ۾ شفٽ ڪيو ويو. ان وقت حنان ۽ آصف کان سواءِ اسپتال ۾ ڪير به ڪونه هئو. آصف سيڻي کي ڪجهه دير آرام ڪرڻ لاءِ گهر موڪليو هئو سنڌيا جون اکيون کليل هيون پر هر قسم جي احساس کان عاري بس خلا ۾ معلق هيون.

حنان سندس پرسان هڪ ڪرسي تي ويٺو هو ته آصف ٻاهران چانهه وٺي اندر ڪمري ۾ آيو ۽ هڪ ڪپ کيس ڏيندي، پينٽ جي کيسي مان هڪ خط ڪڍي هن ڏي وڌايو جيڪو سنڌيا ڪجهه ڏينهن پهرين آصف کي موڪليو هو هو حيرت سان خط ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ لفافي مان ڪڍي پڙهڻ لڳو.

•

” آصف ڀاءُ.“

مون ڪيتري عرصي کان حنان سان ڳالهائڻ پئي چاهيو. توهان کي ته خبر آهي ته ڪهڙين حالتن ۾ اسان جو هي رشتو جڙيو هو جڏهن مان انتهائي مايوسين کان پوءِ پاڻ کي سنڀالي ورتو هيو. حنان اڪثر چوندو هيو ته.

”مون سڄي عمر ڪيترن ماڻهن، ڪيترن رشتن سان محبت ڪئي آهي، انڪري مون محبت کي پنهنجي تمام ويجهو کان ڏٺو آهي.“

”پر مان توهان کي چوڻ ٿي چاهيان ته هو جڏهن به توهان کي ملي ته کيس ٻڌائجو ته مون زندگي کي به شدت سان پيار ڪيو آهي، هر واسطي کان هر رشتي کان وڌيڪ. تڏهن ئي ته مان اڃان تائين زنده آهيان، تنهنجي خاطر حنان، صرف تنهنجي خاطر ئي ته زهر جو اهو پيالو جيڪو زندگي مونکي عطا ڪيو آ. ايترو آهسته آهسته پئندي رهي آهيان، ليڪن هاڻي مون ۾ اهو دم اها سگهه ناهي رهي، نه محبت جون خوشيون برداشت ڪرڻ جي، نه نفرت جي باهه ۾ پڃرڻ جي، هاڻي

مان ٽڪجي پئي آهيان. اهو نہ سمجهجانءِ تہ مان زماني کان ڊڄي وئي آهيان يا پنهنجو پاڻ کان ڊپ ٿو لڳي. نہ اهڙي ڳالهہ ناهي. ڀلا ٻڏڻ وارو لهرن جي ڏکن کان ڪٿي ٿو ڊڄي. مونکي هاڻي دنيا کان بہ ڊپ نہ ٿو لڳي ڇو تہ هينئر مون وٽ پورا پورا ٿيڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي. زماني اڳ ۾ ئي پنهنجا سمورا تيرمنهنجي سيني ۾ ٽنبي ڇڏيا آهن. مون کي انسانن سان نفرت ناهي. صرف ڪنهن تي اعتبار ناهي رهيو ۽ اهو اعتبار مون ناهي ٽوڙيو نہ ان اعتبار کي ٻيهر قائم ڪرڻ منهنجي وس ۾ آهي. ان ڪري مون پنهنجي هار تسليم ڪري ورتي آهي. شڪست کي مڃڻ بہ وڏي حوصلي جي ڳالهہ آهي ۽ اهو حوصلو مونکي مجبوراً ڏارڻو پيو آهي.“

حنان خط جي هڪ هڪ سٽ پڙهندو پئي ويو ۽ سندس چهري جو رنگ زرد ٿيندو پئي ويو. اکين مان ڳوڙها لارون ڪري وهي رهيا هئس. هو پنهنجي منهن ڀڻڪي رهيو هو.

”سنڌيا توکي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو. مونکي ايڏو وڏو دک ڏيڻ نہ کپندو هو. هن اهو سڀ چوڻ چاهيو پئي ليڪن سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ڪنهن کي چوي ليڪن چوڻ بہ ضروري هو نہ تہ اهو آواز ذهن جي پردن ۾ سوراخ ڪري وجهندو. هنن جملن جو تڪرار ايڏو تہ وڏي ويو هو جو ٻيو ڪو آواز ڪيس ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيو. ان آواز جو پڙاڏو سندس مغز ۾ متر ڪن جيان لڳي رهيو هو. هن جي دل چاهيو تہ هو ان آواز جي شدت سان رڙيون ڪرڻ لڳي. سنڌيا تون مونکي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪجانءِ..... مان تنهنجو ڏوهاري آهيان. تون تہ جڏو ڪوڙو جي ئي رهي هئينءَ...... مون توکي نئين آس ڏئي نراساين جي اونداهي کاهي ۾ ڌڪو ڏئي ڇڏيو. تون تہ اڪيلي جي رهي هئينءَ. مون ئي توکي ساٿ ڏيڻ جو عهد ڪيو. تنهنجي اڪيلاين کي دور ڪرڻ جو احساس ڏنو ليڪن مون تہ توکي ان کان بہ وڌيڪ تنها ڪري ڇڏيو. تنهنجي اندر جي احساسن کان بي خبر.... ڪڏهن بہ تنهنجي جيءُ ۾ جهاتي پائي توکي محسوس نہ ڪيو. هميشہ توسان نا انصافي ڪئي....

خدايا....! مونکي همٿ ڏي، مان هاڻي پنهنجي نا انصافين جي تلافي ڪندس، سندس سيني ۾ جيئڻ جي امنگ ۽ اميد پيدا ڪندس..... سنڌيا ميم جي تيمارداري ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيندس.

هو سڏڪندي چوي ٿو. ”ڏس نہ سنڌيا تنهنجو هي حنان ڪالهہ کان وٺي ڪيڏانهن ناهي ويو. توسان گڏ وينو آهي، پليز هاڻي تون جلدي ٺيڪ ٿي وڃ.“

ان وقت آصف جيڪو هن کي سنڌيا سان حال اوريندي ڏسي دل جهلي نہ سگهيو هو ۽ ٻاهر هليو ويو هو. اندر اچي سندس ڪُلهي تي هٿ رکي ٿو تہ هو ڇرڪ ڀري اوپرين اکين سان کيس ڏسي ٿو.

●

ڪافي ڏينهن تائين هوش ۽ بي هوشي جي حالت ۾ فتح ۽ شڪست جي فيصلي جي انتظار ۾ معلق رهي. ڊاڪٽرن جو خيال هو ته هوءَ جسماني طور ته بلڪل ٺيڪ هئي. هن جي مسلسل بيهوشي جو سبب نفسياتي هو. يا ته هوءَ حقيقت کان فرار جي لاءِ هوش ۾ اچڻ ئي نه پئي چاهي. يا دنيا ڇڏڻ جي خواهش ايتري حاوي هئي جو ان جسم تي غلبو حاصل ڪري ورتو هو. ليڪن پوءِ به ڊاڪٽرن کي يقين هو ته جلد يا دير سان کيس هوش اچي ويندو. محبت ۽ زندگي انسان کي موت جي منهن مان ڇڪي واپس وٺي ايندي آهي.

ٻن مهينن ۾ سنڌيا صرف هڪ دفعو اکيون کوليون هيون ۽ پوءِ بند ڪري ڇڏيون هيون. هوش ۽ بيهوشي جي حالت ۾ هڪ احساس مستقل ٿيندو هو ته ڄڻ ڪو پاڇي وانگر سندس وجود جي آس پاس آهي. درد جي شدت ۾ سندس پيشانيءَ تي احساس جي صورت ۾ هٿ محسوس ٿيندو هو. بنا ڪنهن لفظ جي بنا ڪنهن آواز جي هوريان هوريان کيس دلداري ڏيندو هجي. جيئڻ جي آس ڏيندو هجي. هن ڄاڻڻ چاهيو ٿي ته ڪير آهي؟ حنان؟ ليڪن کيس ڊپ هو ته اکيون کوليندي ئي هو خواب جي شڪل ۾ غائب نه ٿي وڃي. ڪيڏانهن گم نه ٿي وڃي ۽ هنن ڏکارين گهڙين ۾ جنهن هن جو ايترو ساٿ ڏنو آهي. هن پيهر کيس وڃائڻ نه ٿي چاهيو.

هڪ ڏينهن اچانڪ کيس ائين لڳو ڄڻ هن جو ساهه گهٽجڻ لڳو آهي. سيني تي ڪنهن وزني پٿر رکي دٻائڻ جي ڪوشش پيو ڪري. سيني ڏانهن هٿ وڌائي ٻارن وانگر رڙيون ڪرڻ لڳي ۽ ڄڻ ته هن جا سڀ خواب پور پور ٿي ويا. حنان ڄڻ کيس ڪجهه چئي رهيو هجي جيڪو هن جي سمجهه ۾ نه ٿي آيو پر حنان جون سڄيل اکيون ۽ وکريل وار کيس ڏاڍا عجيب لڳا. هي حنان کي ڇا ٿي ويو آهي. هي ته تمام نفيس آهي. بي ترتيبي کيس ڪڏهن به ناهي وڻندي ۽ اڄ ائين وکريل وکريل بيٺو آهي.

حنان هن جي پير ۾ اچي ويهي ٿو.

”سنڌيا تون ڳالهائين ڇو نہ ٿي، مونڊي ڏس مان حنان آهيان، مونسان ڳالهاءِ پليز..!“

حنان جي آواز ۾ عجيب نموني جو خوف هو.

ان وقت ڊاڪٽر اچي ٿو. هن جون اکيون هٿن سان کولي ڏسي ٿو جن ۾ زندگيءَ ڏانهن موٽ جي رمق نظر اچيس ٿي،

”ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيو مس سنڌيا، مٿي ۾ سور ٿو ٿئي.“ ڊاڪٽر جو آواز ٻڌڻ ۾ اچيس ٿو.

”مٿو...!“ مٿي ڏي هٿ ڊگهيڙي، ”مٿو آهي ڪٿي...؟“ هن حيرت سان سوچيو. ”هي مٿي جي جاءِ تي برف جي وزني سِر ڪنهن رکي ڇڏي آ؟“ هن ڊڄندي ڊڄندي مٿي کي هيڏانهن هوڏانهن چوريو.

حنان هنجي چُرپُر محسوس ڪري،

”ڪجھ ڳالهاءِ نہ، ڳالهائين ڇو نہ ٿي اسٽوپڊ.“

حنان هسٽيريائي انداز ۾ چئي رهيو هو. ڪيس دڙڪا ڏئي رهيو هو.

هوءَ سوچڻ لڳي،

”هن شخص مان اهائي اميد هئي تہ ڪاوڙ ۾ بہ دڙڪو ڏيندو آهي تہ پيار ۾ بہ، جيڪڏهن هوءَ آخري پساهن ۾ هوندي تڏهن بہ دڙڪا ڏيندو.“

ڊاڪٽر ٻيهر معائنو ڪندي چيو:

”توهان کي مبارڪ هجي. هوءَ موٽي رهي آهي، اهڙا ڪئي موقعا ايندا پر هن جو وڌ ۾ وڌ خيال رکڻو آهي. هن ۾ ٻيهر زندگي ڏانهن ورڻ جي امنگ جاڳائڻي آهي، پر هن سان نارمل رويو اختيار ڪرڻو آهي، گهڻو خيال ڪرڻ سان هن جي اندر خود رحمي جو جذبو جاڳائيندو، جيڪو هن کي دُکي ڪري وجهندو.“

ٻن ڏينهن کان پوءِ هوءَ ٿوري دير لاءِ وري هوش ۾ اچي ٿي ۽ وري ڪن عميق گهراين ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

اهڙي طرح آهستي آهستي هوش ۽ بيهوشي واري وقفي ۾ گهٽتائي اچي ٿي. هوءَ تيزي سان زندگي جي طرف موٽي ٿي، اڄ هن جي

طبيعت گهڻي بهتر هئي. ڊاڪٽر هن کي ڪمري ۾ واڪ ڪرڻ لاءِ چيو هو. مختيار ڪيس واڪ ڪرائي ڪمري ۾ رکيل ڪرسي تي آڻي ويهاريو هو. ان وقت حنان ڪمري ۾ داخل ٿيو ته مختيار ٻاهر نڪري وئي. حنان سندس پرسان زمين تي ويهي رهيو ۽ سندس ٻئي هٿ جهلي ورتا. هن هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس ۾ همٿ نه هئي.

”سنڌيا تون ڪيستائين ائين مونکي نظر انداز ڪندي رهندينءَ. مان توکي صرف اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته مان پهرين گهڙيءَ ۾ جڏهن مون توکي ڏٺو هو. تڏهن ئي ڄاڻي ورتو هو ته منهنجي ذات جو ٻيو حصو تنهنجي ذات ۽ وجود ۾ شامل آهي. اسان ٻئي هڪ ئي وجود جا نا مڪمل ٽڪرا آهيون ۽ ان پهرين گهڙي ۾ مون اهو به ڄاڻي ورتو هو ته تون پنهنجو پاڻ کان هن دنيا کان ۽ محبتن کان ڪيتري خوفزده آهين. تڏهن مون چيو هو ته هڪ نه هڪ ڏينهن مان توکي ضرور ٻڌائيندس ته محبت ڇا هوندي آهي. اها نه. جنهن کي حاصل ڪري انسان خوفزده ٿي وڃي. دکي ٿي وڃي. روئندو وتي. اها محبت ناهي هوندي. محبت جي روئاريندي آهي ته کلائيندي به آهي. سنڌيا ميم. اها خوشيءَ جو نالو آ. روشنيءَ جو نالو آ. خدا جو نالو آ. ان کي ماڻڻ سڃاڻڻ کان نه ڀڄ.“

سنڌيا بي يقيني سان حنان ڏي نهاريو ۽ چوڻ چاهيو ته.

”مونکي ڪنهن جي به سڃاڻپ يا ساڃاهه ناهي. نه جذبن جي نه انسانن جي.“

ليڪن حنان. پنهنجي خوبصورت اکين جي مقناطيسي ڪشش جي پوري طاقت سان ڪيس ڏسي رهيو هو ۽ سندس نظرون هوريان هوريان زيرِ لب ڪجهه چئي رهيون هيون. ٻڌائي رهيون هيون سڏي رهيون هيون ۽ سنڌيا جنهن ان جي نفي ڪرڻ چاهي ٿي. ڪيس دور ڪرڻ چاهيو ٿي. بلڪل اچانڪ بغير ڪنهن ارادي جي سندس ٻانهن ۾ منهن وجهي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. حنان ڪيس ڪلهن کان جهلي ڪجهه چئي رهيو هو پر هوءَ صرف اهو سوچي رهي هئي ته حنان تو

جنهن پاڻ کي هڪ خول ۾ بند ڪري رکيو هو. اڄ حنان تو همٿ ڪري انهن ديوارن کي ڪيرائي ڦٽو ڪري ڇڏيو.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

